

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاڦُر ڪندو هلُ

ليکڪ

انجنيئر عبدالعزيز پرڙو

ڇپائيندڙ: پي بي ايف (PBF) پبلڪيشن ڪراچي سنڌ
سال 2006ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(حق ۽ واسطا محفوظ)

ڪتاب جو نالو	:	**هاھُر ڪندو ھَلُ**
ليکڪ	:	انجنيئر عبدالعزيز برڙو
ڪمپوزنگ	:	امجد علي ٿهيم
ٽائيٽل ڊيزائين	:	منور ابڙو
ڇپائيندڙ	:	پي بي ايف (P.B.F) پبليڪيشن ڪراچي
ڇپيندڙ	:	سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي فون: 2737290
سال	:	2007ع
ڳاڻيٽو	:	هڪ هزار
ملهه	:	300/_ روپيا

Haahurr Kando Hal

Written by: **Engr. Abdul Aziz Burero**

Composed by: **Amjad Ali Thaheem**

Title Designer: **Munwar Abro**

Printers: **Sindhica Academy Karachi**
Ph: 021-2737290

A Product of : **PB Publications**
17/H, Block-6, PECHS
Near Faran Hotel Karachi.
Phone: 021-4558686, Mobile: 0300-8282877

Price: 300/- Rupees

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راتِ سونهائِينَ، ڀُون سئين، ڀائي گُهر جي ڀَلُ
آهُرَ ۾ ايلاچيون، چندن چري چلُ
مون توهين سين ڳالهڙي، ٻي ڪنهين مَ سل
هاهُرَ ڪندو هَلُ، تہ ڪِجايون ڪَرَن ڪي.

(شاهہ عبداللطيف ڀٽائي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ارپنا

هي ڪتاب

بابي سائين پير بخش ٻرڙي

۽

امڙ آمنه بيگم

جي نالي ارپيان ٿو،

جن غريبي حالت ۾

پورهيو ڪري تعليم

ڏياري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ستاءُ

سيريل نمبر | مضمون | صفحو نمبر

سيريل نمبر	مضمون	صفحو نمبر
•	ليکڪ لاءِ چار ساٿي جا ويچار.	11
•	ڪجھ لائق ليکڪ جي باري ۾ (پروفيسر محمد خان ھرڙو)	19
•	عقل ۽ عشق ٻئي پرپڪيءَ جا (سيد غلام شاھ)	27
•	پيش لفظ.	33
1.	ڪائنات ۽ زندگيءَ جي اصليت ۽ ماهيت	37
2.	ڪائنات ۽ زندگي جي اصليت ۽ ماهيت متعلق مختلف مذهبن جا رايا ۽ تجزيہ	59
3.	انسان جي ترقي ۽ منجهايل سنڌي قوم	88
4.	ملڪ ۽ عوام خلاف مفادپرست طبقي جي سازش	101
5.	عوام جي معاشي بدحاليءَ جا بنيادي سبب	132
6.	ظالماڻي ۽ ناانصافيءَ تي ٻڌل نظام کي بدلائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي	182
7.	عالمي دهشتگرديءَ جا ڪارڻ ۽ سلجھاءَ لاءِ ڪجھ صلاحون	193
8.	سٺي حڪومتي نظام جون ضرورتون ۽ خوبيون	207
9.	نظام جي تبديليءَ جون گهٽ ۾ گهٽ ضرورتون	217
10.	ڇا نام نهاد جمهوري طريقو عوام جا مسئلا حل ڪري سگهي ٿو؟	225
11.	عوام جمهوريت ۽ سياسي پارٽيون	240
12.	ڇا انسان اخلاقي طرح سڌري سگهي ٿو ۽ اهليت بهتر ڪري سگهي ٿو؟	255

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صفحو

نمبر

13. پوليس، عدالتي نظام ۽ ٻين سڌارن جي ضرورت 267
14. موجوده بگڙيل حڪومتي نظام مان عوام جو پلو ڪونه ٿيندو 272
15. انساني ترقي لاءِ نوان نظريه ڏيڻا پوندا 279
16. سنڌي قوم کي ويڇا وساري جدوجهد ڪرڻ گهرجي 284
17. سنڌي عوام کي لڳل وڏيون ڇڪورون 291
18. سياسي ۽ معاشي ڏهڻ ۾ قاتل پاڪستان 298
19. سنڌي ماڻهن جي ننڍٽڪائپ ۽ ويڳاڻپ ڪٿي بيهندي؟ 304
20. پاڪستاني عوام کي اسلام ۽ سوشلزم جي نعري سان ڌوڪو
ڏنو ويو 311
21. ڏپ ڪيل نام نهاد جمهوري نظام جو ترت علاج ٿيڻ کپي 321
22. ملڪ ۽ عوام جي ڀلي لاءِ اهم ۽ ضروري سڌارا 327
23. سنڌي معاشري کي ڪيئن سڌارجي؟ 337
24. سنڌي عوام جي ڏتڙيل حالت جو آخر ڇا ٿيندو؟ 360
25. تعليم پرائڻ ۽ پڙهڻ جون رڪاوٽون 381
26. ملڪ ۾ تباهيءَ جا بنيادي ڪارڻ!! 400
27. هيڏا هاڃا ٿين، ٻُري هن ڀنڀور ۾ 415
28. پونم سيني ننڍين صوبن جي ضرورت آهي 429
29. ڪالاباغ ڊئم رٿا سنڌ سان ٻه اڪيائي جي انتها 436
30. پاٽان چاڙهي پُور وڪ وڏائين وتري 443
31. حڪومت لاءِ ڪجھ غور طلب ڳالهيون ۽ عوامي مطالبا 450

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ليکڪ لاءِ ڄام ساقيءَ جا ويچار

اسان جي سڄي سنڌ ۾ ٿورا ماڻهو آهن جن پڙهيو به آهي ته ڪڙهيو به آهي ۽ سائين انجنيئر عبدالعزيز ٻرڙو صاحب انهن مان هڪ آهي سائين محمد ابراهيم جويو صاحب، ڪامريڊ ڊاڪٽر سوڀو گيانچنداڻي، نور الدين سرڪي، ايم ايچ پنهور ۽ ڪامريڊ روچي رام کان سواءِ شايد ئي ڪو اهڙو ماڻهو هجي جنهن سائين ٻرڙي صاحب جيترا ڪتاب پڙهيا هجن.

انگريزيءَ ۾ هڪ چوٽي آهي ته يا هزارين ڪتاب پڙهجن يا اهڙن ماڻهن سان ڪچهريون ڪجن جن سوين هزارين ڪتاب پڙهيا هجن. اهڙي ماڻهو کي لکڻ تي آماده ڪري سگهجي ته وڃي ٿيا ست خير. منهنجو وس پڄي ته هر سنڌي گهر لاءِ ٻرڙي صاحب جو هي ڪتاب وٺڻ ۽ پڙهڻ لازمي قرارڏيان.

هي جو اسان جي ٻارن جي ڪتابن ۾ آهي ته ڌرتي گول آهي ۽ اها سج جي چوڌاري ٿي ڦري اهو جملو اسان تائين پهچائڻ لاءِ ڪنهن "جيور دانو" برونو ٻاهه ۾ سڙي جان ڏني هئي. هن کي ان وقت جي جاهل پادرين ۽ ملن چيو ته هن ڳالهه تان هٽ ڪڻ جو بائيبل ۾ ائين لکيل نه آهي پر هن جوان جواب ڏنو ۽ سچ خاطر شهادت جو جام پيتائين هن ڪتاب ۾ ڪي مضمون اهڙا به آهن جيڪي اڳ شايع ٿيل آهن پر ان سان انهن جي اهميت گهٽجي نٿي اٿلندو وڌي ٿي ته ايترو اڳ به ائين چيو ويو هو.

آمريڪا جو هڪ جديد فلسفي ايل ران هبرڊ فلاسافر آهي ۽ هن اڄ ڪلهه جي صورتحال تي ڏيڍ سو کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن.

ان سائنسدان ۽ فلاسافر جي سائنٽالاجي واري فلسفي کان ٻرڙو صاحب متاثر آهي ۽ سنڌ کي ان سان روشناس ڪرائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ڪتاب ۾ ڪائنات بابت جديد ڄاڻ فلسفي بابت نئون مواد ۽ سياست جي باري ۾ سنجيده ۽ عامفهم ٻوليءَ ۾ مواد آهي ان ڪري اهو ضروري آهي ته اهو ڪتاب نه رڳو پاڻ پڙهو پر گهر جي هر فرد کي پڙهائي ان جي ذهني اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪريو.

آئون ايئن محسوس ڪندو آهيان ته اسان جي نبي پاڪ جو ظهور اڄ ٿئي ها ته پاڻ سڄي دنيا جي انقلابين جا اِمام هجن ها ۽ ابو جهل هيئنر پيدا ٿئي ها ته سڄي دنيا جي پنڊتن، پادرين ۽ ملن جو امام هجي ها. هوئن هر پيغمبر ۽ هر صوفي پنهنجي زمين ۽ پنهنجي زماني جي انقلاب جو امام هوندو آهي.

سائين عبدالعزيز ٻرڙو صاحب به لکن ٿا ته هر مذهب چڱائي جي تحريڪ هو پر پوءِ پوين ملن ۽ پنڊتن ذاتي فائدن خاطر ظالمن جو پاسو وٺي مذهبن کي بدنام ڪيو.

هوئن ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته فلسفي کي مادي سان هم آهنگ ڪجي، سياست کي زندگي (نباتيات سميت) سان هم آهنگ ڪجي (هن ۾ ماحول به اچي ويندو) ۽ تنظيم کي انسان ذات سان هم آهنگ ڪجي جيئن ڪوبه انسان ان جو ميمبر ٿي سگهي اها ڳالهه جڏهن پهريون ڀيرو 1991 ۾ ماسڪو ۾ ڪئي هئم ته فلسفي جي استاد مس تاتيانا ڊوڙ پائي ڪلاس ۾ ئي اچي چميون ڏنيون هيون. محترمه جو پيءُ روسي جي ماءُ چپسي هئي ان مان ئي توهين اندازو لڳائي سگهو ٿا ته هوءَ ڪيتري نه خوبصورت هوندي. سهڻي ۽ ميهار جي داستان ۽ هير رانجهي جي داستان مان خبر پوي ٿي ته عشق ڪيترو طاقتور ٿيندو آهي. يعني هڪ ماڻهو جي عشق ۾ جان ڏيئي ٿي سگهجي تڏهن سياست ته مادروطن ۽ ان جي ڪروڙين ماڻهن سان عشق جو نالو آهي. اتي جان تمام ننڍڙي شيءِ آهي ماڻهو کي آچيندي لڄ ٿي اچي ۽ هو اهو ٿو سوچي ڪاش ايڏي وڏي عشق جي لائق ڪجهه هجي ها جيڪو قربان ڪيان ها. پر ماڻهو ايڏي مسڪين شيءِ آهي جو هن وٽ زندگيءَ کان چڱي ڪا شيءِ ئي ڪانهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سائين ہرڙي صاحب پنھنجي ھن اھم ڪتاب ۾ تعليم جي وڌائڻ کي جيڪو زور ڏنو آھي جو ڳالھ چڏي ڏيو اسان جي ملڪ جي پسماندگيءَ جو ھڪ اھم ڪارڻ تعليم جي ڪمي کي قرار ڏنو آھي

اسانجي ملڪ جي پوئتي ھجڻ جو ھڪ وڏو ڪارڻ جاگيرداري ۽ وڏيرا شاھي نظام بہ آھي جپان جي ترقيءَ جا ٻہ وڏا سبب آھن ھڪ زرعي سڌارا ٻيو فوجي خرچ نہ ھجڻ آھي. ٻي جنگ عظيم کان پوءِ دنيا بلڪ اقوام متحده جي پاران جپان تي فوجي خرچ تي پابندي وڌي ويئي. اھا ڳالھ جپان تي رحمت ثابت ٿي. ھڪ ڳالھ ٻي بہ اھم آھي اھا ھي تہ جپان ۾ غير حاضر زميندار صفا ختم ڪئي ويئي ايتري قدر جو چار ايڪڙ بہ منع ھئي ۽ آھي انھن ٻنھي تنھي ڳالھين جپان کي ترقيءَ ۾ الاھي اڳيرو ڪري ڇڏيو.

اسان جي ملڪ جي غير ترقي يافتہ ۽ آمريتون ھجڻ جو ھڪ اھم ڪارڻ اھو آھي جو اسيمبلين جا تڪ وڏا رکيا ويا. دنيا ۾ ڏھ ھزار ماڻھن جي آبادي تي ھڪ سيٽ بہ آھي جتي ٿوري خرچ سان محب وطن بہ چونڊجي سگھن ٿا. اسان وٽ ڏھ ۽ پندرھن لکن تي بہ سيٽون آھن جتي خرچ ۾ ڪروڙيتي ۽ ارب پتي ئي چونڊجي سگھجن ٿا. سيٽون وڌايون وڃن تہ تڪ ننڍا ٿيندا. ۽ وچولي طبقي وارا بہ چونڊجي سگھجندا جيڪي عوام دوست ھوندا.

گڏيل قومن (UN) جي تعليمي ۽ سائنسي اداري (UNESCO) اسرندڙ ملڪن کي تاڪيد ڪئي آھي تہ تعليم تي ھو گھٽ ۾ گھٽ GNP جو ڇھ سيڪڙو ساليانو خرچ ڪن. پر پاڪستان بدقسمتيءَ سان ھڪ يا ڏيڍ سيڪڙو خرچ ڪندو آھي مسلم ليگ جي حڪومت ۾ ھڪ سيڪڙو ۽ پيپلز پارٽيءَ جي عوامي حڪومت ۾ ڏيڍ سيڪڙو اسان جي پوئتي پوڻ جو ھڪ وڏو ڪارڻ اھو بہ آھي، فوجي خرچ تمام وڌيڪ آھي جنھن ڪري عوام جي تعليم ۽ صحت لاءِ ڪجھ بچندو ئي ناھي

سائين ہرڙي صاحب قرآن شريف ۽ حديث جي حوالن سان اھو ثابت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو آهي ته چڱو اهو آهي جيڪو خدا جي خلق جي خدمت ٿو ڪري جيئن آئون محسوس ڪندو آهيان ته هر پيغمبر ۽ هر صوفي پنهنجي زمين ۽ پنهنجي زماني جو انقلابي اڳواڻ هو پوءِ پوين گادين ڪي ڪمائي جو ذريعو بنائي انقلابي روح کي مذم ڪري ڇڏيو آهي. ذري گهٽ ساڳئي ڳالهه پرڙو صاحب به بار بار ورجائي ٿو ۽ سنڌ ۾ مروج سماجي براين تي به آپريشن جي آڱر ڪٽي ٿو.

هندوستان ۾ مرڪزي حڪومت ڪڏهن ڪامريڊن جي نه آئي آهي پر صوبائي حڪومتون ڪيرالا ۽ اولهه بنگال ۾ ٺهڻ ڪري پنهي صوبن ۾ سو سيڪڙو ماڻهو پڙهيل آهن. مون ڪڏهن اهو لکيو هو ته پنهنجو پيٽ ته ڪتو به پالي ٿو. پنهنجي خاندان جو خيال بگهڙ به رکي ٿو انسان اشرف المخلوقات ان ڪري آهي جو هو ٻين جو خيال ٿو رکي. ايئن ٻين لاءِ سوچڻ ۽ لوچڻ وارن کي به ٽي هزار سال اڳ پيغمبر چيو ويندو هو. ٽي سو سال اڳي ولي چيو ويندو هو ۽ اڄ ڪلهه اهڙن ماڻهن کي انقلابي ٿو سڏيو وڃي. اسان جو سائين ۽ ساٿي عبدالعزيز پرڙو به ان ئي قبيلي مان آهي.

پاڻ سڄي دنيا جا آئين ۽ قانون پڙهي اهو نئون نڪتو ڳولي ڪڍيو اٿس ته اسان جي نمائندگي پوري ڪانهي، ان ڪري اسان جا آئين ۽ قانون ماڻهن جي ڀلي جي معاملي ۾ ڪسارا آهن. اهو هينئن جو جمهوريت ۽ پارليامينٽ جي ماءُ انگلينڊ جي پارليامينٽ ۾ به پنجاه هزار جي آبادي تي هڪ ميمبر چونڊيو ويندو آهي ساڳيو حال اتلي ۽ ٻين ڪافي ملڪن جو آهي، ايتري قدر جو البانيه ۾ ته ڏهن هزارن جي آبادي تي هڪ قومي اسيمبلي جو ميمبر ٿو چونڊجي ائين تڪ ننڍا هوندا ته وچولي طبقي جا دانشور، وڪيل يا رٽائرڊ سرڪاري ملازم به چونڊ وڙهي سگهندا اسان جي ملڪ ۾ تڪ ڏهاڪو لک جي آباديءَ جو آهي ايڏن وڏن تڪن ۾ حلال جي ڪمائي وارا ٻيهڻ جو سوچي به نه سگهندا. ڪجهه عرصو اڳ عوامي نيشنل پارٽي جي رهبر مرحوم عبدالولي خان چيو هو ته موجوده صورتحال برقرار رهي ته اسان جي قومي اسيمبليءَ ۾ رڳو هيروئين جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واپاري، سمگلر ۽ رٽائرڊ جنرل ئي چونڊجي سگهندا. يعني صورتحال اهڙي آهي جو ان جو نوٽيس وٺڻ جي ضرورت آهي. اثين اسان جي قومي اسيمبليءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار ميمبر چونڊجڻ گهرجن جو اسان جي آبادي پندرهن ڪروڙ آهي.

اسان جي ملڪ ۾ گهڻين مصيبتن جا مک ذميوار چار آهن. جن مان هڪ فوجي ٽولو ٻيو وڏا ڪامورا (سول نوڪر شاهي) ٽيون. وڏا وڏيرا ۽ چوٿون وڏا سرمائيدار آهن. انهن چئني ملڪ ۽ عوام جو رت چوسي تباهي آندي آهي. جاگيرون هتي قومي غداريءَ جي سمي ۾ انگريزن جون ڏنل آهن ان کان اڳي هتي وڏيرا شاهي اصل ڪانه هئي. وڏن سرمائيدارن کي نوڪر شاهي هڪ هتي قائم ڪري ڏني، ڪسو مال ٻه مهانگو وڪڻي رت چوسي مال گڏ ڪيائون.

اسان جي ننڍي کنڊ ۾ آبادي گهڻي هئي ۽ پري کان آيل انگريز ٿورا ان ڪري ماڻهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ خاص پوليس سرشتو ٺاهيائون جنهن موجب پوليس جو پگهار تمام گهٽ هو ۽ اختيار تمام وڏا هئا. ان ڪري انهن کي ڏر مار ڪري پورت ڪرڻي هئي. ان ڦرمار ڪري عوام پوليس سان نفرت ڪندو هو ۽ انگريزن لاءِ اٿندڙ نفرت پڻ پوليس ڏانهن منتقل ٿيندي هئي اهوئي سبب هو جو شاگردن يا مزدورن جي جلوس تي ڪلارڪن، ماسترن يا ٻئي ڪنهن کي لاٺي چارج جو چٽبو ته اهي نه ڪندا پر پوليس ٿورڙي اشاري تي ڪڙڪي پوندي هئي. انهي معاملي کي سڌارڻ جي ضرورت آهي. اهو هينئر جو پگهار وڌايو وڃي ۽ اختيار گهٽايا وڃن. انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ به حاڪمن کي ڦرمار ڪرڻي هئي ۽ پوليس کي عوام خلاف استعمال ڪرڻو هو ڪم از ڪم هاڻي اهو عوام دشمن دستور بدلائڻ جي "اشد ضرورت آهي.

جيستائين پگهارن جو معاملو آهي منهنجي خيال ۾ گهٽ ۾ گهٽ پگهار سون جي هڪ تولي برابر هئڻ گهرجي اهو سپاهي، چوڪيدار، پٽيوالي وغيره جو گهٽ ۾ گهٽ هجي، ماسترن ۽ سينئر ملازمن لاءِ هڪ هڪ گرام وڌائيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڃجي. سون جو معاملو اهڙو آهي جو مهانگائي وڌندي ته سون به اوترو مهانگو ٿيندو روز مره جي شين اٽي، لٽي وغيره جا اگهه ڪرندا ته سون به سستو ٿيندو منهنجي خيال ۾ اسان جي اسرندڙ ملڪن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ پگهار سون جو هڪ تولو ضروري آهي ايئن رشوت جو به خاتمو اچي ويندو.

اسان جي ملڪ جي خانگي ۽ سول (نوڪر شاهي) جاگيردارن ۽ وڏن سرمائيدارن يعني ڇئن چنڊن جيڪا تباهي آندي آهي ان جو ذڪر هن ڪتاب ۾ تفصيل سان آيل آهي. ايران جي انقلاب مان سڄي دنيا جي ظالمن ۽ حاڪمن سبق سکيو پر اسان وارن حاڪمن ڪو سبق نه سکيو سنڌن پرڪار ساڳيا آهن. هاڻي چونڊن ذريعي ڏکڻ آمريڪا ۾ وينزويلا جهڙي سوشلسٽ حڪومت آئي آهي ته اسان جي حاڪمن کي اکيون کولڻ گهرجن. واضح رهي ته روسي انقلاب کان به سوسال اڳ سنڌ ۾ شاه عنايت شهيد ڪميون (Commune) قائم ڪيا ۽ ڪيڏي سنو ڪائي جو فلسفو ڏنو سنڌ. صوفين جي ڪري سيڪيولر به آهي ۽ سوشلسٽ به سا ملڪ جي روشن خيال قوتن جي رهنمائي ڪندي اجوڪي بنياد پرستي واري سامراجي دور ۾ سنڌ جو سيڪيولر ۽ سوشلسٽ هجڻ اسان سڀني لاءِ فخر جهڙي ڳالهه آهي.

اڄ اسان جي ملڪ ۾ کليو کلايو سنسر شپ نه آهي انجو سبب اهو نه آهي ته ڪو حڪمران شريف ٿي ويا آهن بلڪ اصل سبب اهو آهي جو ٽيليويزن جا چينل کليل آهن جو ڪا به خبر لڪي نٿي سگهي. هڪ چينل نه ڏيندو ته ٻيو چينل اها خبر ڏيئي ڇڏيندو مطلب خبر لڪي نه سگهندي. ان ماحول ۾ ڪو سنسرشپ لاڳو ڪندو ته سڄي دنيا ان تان کلندي ته هن ڳڌه کي ڏسو هينئر به سنسر شپ ٿو لاڳو ڪري

ان جو هڪ ٻيو ڪارڻ به آهي اخبارن جي مالڪن ۽ سرڪار جو ڳٺ جوڙ صحافين لاءِ ستون ويج بورڊ ايوارڊ اعلان ٿيل آهي. اهو قومي اسيمبلي مان به منظور ٿيو آهي پر پوءِ به ان تي عمل نٿو ٿئي. مالڪن هاڻي سرڪار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خواري واريون خاص خبرون لڪائي ڇڏين ٿا، ان جي عيوض سرڪار ستون ويج بورڊ ايوارڊ لاڳو ڪرڻ لاءِ زور نہ ٿي ڀري. ملڪ جي سيڻي جمهوري قوتن کي ستين ويج بورڊ ايوارڊ کي عمل ۾ آڻڻ جو مطالبو ڪرڻ کپي. تڏهن ئي آزاد پريس وجود ۾ ايندي

سائين پرڙي صاحب اهو ڪتاب لکي اسان سنڌين تي ٿورو ڪيو آهي. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ اهو ڪتاب اردو ۽ انگريزيءَ ۾ بہ ترجمو ٿئي جيئن ان مان خدا جي گهڻي خلق فائدو حاصل ڪري سگهي.

ڪائنات جي باري ۾ سائنسي معلومات ايتري ٻئي ڪنهن بہ سنڌي ڪتاب ۾ نہ آهي.

جام ساقي

28 اپريل 2006ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجھ لائق ليکڪ جي باري ۾

شوق ذوق، محنت، جفاڪشي، جاکوڙ، تدبر، ذهانت ۽ لاڳيتي علمي، عملي جستجو سان پنهنجي مقصد جي نشان تائين پهچي سگهجي ٿو.

ان حاصلات جي وسيلي انسان پنهنجي پاڻ کي وڏائي ويجهائي، سڌاري ۽ بهتر ڪان بهتر ڪري سگهي ٿو. جهنگلي دور کان هن جديد دور تائين فرد، ڪٽنب، معاشرا ۽ ملڪ انهن معيارن ۽ آدرشن کي سامهون رکندي، هن ترقيءَ واري دور جي معراج تائين پهتا آهن. ان ساري ترقيءَ واري حاصلات جو بنيادي ڪارڻ علم، مشاهدو ۽ جستجوئي رهي آهي ۽ رهندي ايندي.

مياں پير بخش ٻرڙو: (1967–1890ع) ڀهراڙيءَ سان واسطو رکندڙ سڌو سادو جفاڪش، غريب پورهيت انسان هو هن کي دماغ ۾ اها ڳالهه کپي وئي ته آءٌ پنهنجي اولاد کي ڪوشش ڪري سٺي تعليم ڏياري ۽ ترقي ڏيارينديس. هن اهو پڪو پهه ڪيو ۽ ان باري ۾ وڏا جتن پڻ ڪيا. اولاد جي پڙهائي جي خرچ جي سلسلي ۾ پنهنجي گهر جي ڇت جا گارڊر ۽ تيئر وڪڻي پورا ٿو ڪيائين ۽ پاڻ ڪکائين جهوپڙين ۾ رهڻ لڳو.

سندس اولاد به صالح ۽ سپوت نڪتو پنهنجي لائق پيءُ جي لاڙي رجحان، خواهش ۽ آدرش کي سامهون رکندي، اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کي جنبي ويو. ان جو ٿورو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ وري پنهنجي موضوع طرف ايندا سون. ڪيس چارپٽ ۽ ڇهه نياٽيو ٽيون.

مياں محمد سومر خان ٻرڙو: (1980_1918ع) پاڻ نهايت قابل ۽ ذهين شخص هو اينيمل هسبينڊري اينڊ ويٽرنري سائنس (A.H&V.S) ۾ گريجوئيشن ڪرڻ بعد ڊاڪٽر ٿيو سنڌ جو اهو واحد پهريون شخص هو جنهن ان فيلڊ ۾ پي– ايڇ– ڊي (P.H.D) جي ڊگري حاصل ڪئي. ۽ ان ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊپارٽمينٽ ۾ ملازم ٿيو مختلف عهدن تي رهندي آخر ۾ حيدرآباد ريجن جو ڊائريڪٽر جنرل ٿيو جتان رٽائرڊ ٿيو.

ميان فيض محمد ٻرڙو: (جنم 1923ع) ننڍپڻ کان ئي نهايت ذهين ۽ هوشيار هو بي-آءِ-ايل- ايل بي جا امتحان پاس ڪري وڪالت جي پيشي سان وابسته رهيو وڏي محنت ڪيائين. پنهنجي قابليت ۽ هوشياريءَ سبب دادو ضلعي ۾ پنهنجي دور جي ڪامياب ۽ مشهور وڪيلن ۾ سندس شمار ٿيڻ لڳو ڪجهه وقت سياست ۾ حصو پڻ ورتائين. قومي اسيمبليءَ جي اليڪشن ۾ پنهنجي ميهڙ واري تڪ تان فارم ڀرايائين. ورڪ ڪرڻ ۾ ڪيس رڪاوٽون ۽ تڪليفون ڏنيون ويون. مشهور آهي ته ڪيس سندس حريف اغوا ڪري، اٺ تي چاڙهي گهٽو ٻري جبلن ۾ ڇڏي آيا. جتان پنڌ ڪندو ميهڙ پهتو سندس نالي تي ميهڙ شهر مان ويڪلي "فيض" اخبار مشهور صحافي عبدالغفار صابري ڪيڻ لڳو جا اجاتائين نڪرندي رهي تي، پاڻ هاڻي گهٽو پيرسن تي چڪو آهي، ميهڙ شهر ۾ رهي ٿو وڏو پرهيزگار عابد ۽ مومن شخص آهي.

ميان لعل بخش ٻرڙو: (1925-1995) پاڻ گهٽو ڪونه پڙهيو.

پنهنجي پيءُ سان خانگي ڌنڌي ۾ هٿ ونڊايائين. ان ۾ ڪاميابي حاصل ڪيائين آخر ۾ ميهڙ شهر پر سان زمين خريد ڪري ان کي آباد ڪرايائين.

سندس هڪ پٽ نالي عبدالغفور ٻرڙو روڊس کاتي سنڌ ۾ انجنيئر آهي.

عبدالعزيز ٻرڙو: اديب، محقق، اسڪالر، تاريخ، سماجيات، مذهب جو ڄاڻو سائنسي علمن تي دسترس ۽ انجنيئرنگ شعبي سان وابستو رکندڙ انسان. ڳوٺ ٻلهڙا تعلقو ميهڙ ضلعو دادوءَ ۾ ٻهرين مارچ 1937ع ۾ پيدا ٿيو پنجن سالن جي ڄمار تائين انهيءَ ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو پوءِ اتان لڏي ڳوٺ ٻرڙا لڳ ڳوزو ۾ ڪجهه سال رهيو وري اتان لڏي ڳوزي شهر ۾ رهڻ لڳو پرائمري تعليم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذڪر ڪيل ڳوٺ مان ورتائين، پهرئين درجي انگريزي ڪان ٽن درجن تائين ميهڙ شهر ۾ پڙهيو ان بعد گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو مان 1954ع ۾ مئٽرڪ، سنڌ يونيورسٽي مان سيڪنڊ پوزيشن حاصل ڪيائين، انٽر سائنس، گورنمنٽ سائنس ڪاليج حيدرآباد مان ۽ بي-اي (B.E) سول انجنيئرنگ اين-اي-ڊي (N.E.D) ڪاليج ڪراچي مان 1960ع ۾ پاس ڪيائين. ٻه سال گورنمنٽ آف سنڌ جي بلڊنگس ۽ اريگيشن کاتن ۾ نوڪري ڪيائين. آڪٽوبر 1962ع ڌاري فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ريلوي کاتي ۾ بحيثيت اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر مقرر ٿيو مختلف عهدن تي ۽ مختلف هنڌن تي ڪم ڪندو رهيو پروموشن ذريعي 1989ع ڌاري ڊويزنل سپرنٽينڊنٽ (D.S) ريلوي ٿيو اهو عرصو ڪراچيءَ ۾ رهيو نوڪريءَ واري عرصي ۾ نه رڳو عوام جي ڀرپور خدمت ڪيائين پر بيروزگاري جي مسئلي جي حل لاءِ خاص توجهه ڏنائين.

اٽان پنج سال اڳوات 15 اپريل 1992ع ڌاري نوڪريءَ جو مدو پورو ٿيڻ کان اڳ ٿي قاعدي قانون موجب موڪل تي لهي نوڪري ڇڏيائين نوڪري واري ايامڪاريءَ ۾ پاڻ نه رڳو سنا منتظم رهيا پر عوامي ڀلائي ۽ سڌاري لاءِ مهراڻ ريلوي ايمپلائز ويلفيئر ايسوسي ايشن (مراوا) تنظيم جوڙيائين. جنهن جو سرپرست اعليٰ پاڻ رهيو.

پاڻ 1954ع ۾ شادي ڪيائون ڪيس چارپٽ

1- طارق عزيز 2- فاروق عزيز 3- خالد عزيز 4- ڪاشف عزيز.

۽ ڇهه نياڻيون ٿيون.

پنهنجو ۽ پنهنجي ڀائرن جي اولاد جو وڏو کهول رکي ٿو ۽ سيني جو سندن پڙهائي ۽ تربيت تي وڏو خيال رکيوائين. مجموعي طور سڀ تعليم يافته آهن، پنهنجي ڪٽنب ۽ عزيزن کان سواءِ تعليم جي باري ۾ هين جي ٻه دل کولي مدد ڪندو رهندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

21 آگسٽ 1993ع ڳوٺ مبارڪ ٻرڙي تعلقي موري ۾ هڪ وڏو تاريخي ڪنوينشن ڪوٺرايائين، جنهن ۾ ليڊرآف اپوزيشن محترمه بينظير ڀٽو صاحبه مهمان خاص جي حيثيت سان شريڪ ٿي، اهو پنهنجي دور جو وڏو تاريخي جلسو هو اهڙي طرح پاڻ پيپلز پارٽيءَ سان سهڪاري طور ڪم ڪيائين. جڏهن 1994ع ۾ پي پي جي حڪومت جڙي ۽ سنڌ جو وزيراعليٰ عبدالله شاهه مقرر ٿيو ان جي وزارت ۾ 1994ع کان 1996ع تائين ڪيس معاون خاص مقرر ڪيو ويو جتي رهي عوامي بهتري، ڀلائي ۽ ترقي لاءِ گهڻو پاڻ پتوڙيائين.

پنهنجي آزاد ۽ روشن خيال طبيعت سبب سياسي پيچيدگين ۽ بحرانن کي سامهون رکندي سياست کان هٽي ذاتي ڪاروبار ڏانهن لاڙو ڪيائين. فني ۽ ٽيڪنيڪل بنياد تي هڪ تجارتي ادارو COSMOS COMUNICATIONS (P.V.T) L.T.D. قائم ڪيائين. ان ڪمپني جي ڀرپور ڪاوش "FINE TEL" جي نالي سان 2003ع شروعات ڪيائين. ان جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر پاڻ آهي. عوام کي سجاڳ، متحرڪ ۽ تعليم خصوصن سائنسي تعليم طرف لاڙو ۽ پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف سوشل فورمن تان ڪم ڪندو پئي رهيو آهي، جنهن جو ٿورو ذڪر به واجبي ۽ مهلائتو ٿيندو.

1: 21 آگسٽ 1987ع تي پنهنجي هم خيال دوستن ۽ ساٿين سان گڏجي آل ٻرڙا ويلفيئر ايسوسيئيشن (اَبوا) جو بنياد رکيائين. جنهن جو هاڻي موجوده وقت ۾ پاڻ چيئرمين آهي.

2: ڀرين مارچ 1992ع پنهنجي ذات وارن کان هٽي، معاشرتي، سماجي بنيادن تي خدمت ڪرڻ جي خيال کان "مهراڻ سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن (مسوا) جو بنياد رکيائين. پاڻ سان هڪ وڏي ٽيم ساٿ طور ڪٽيائين. ڏکڻ پنجاب (سرائڪي بيلٽ) بلوچستان ۽ سنڌ ۾ تعلقا يونٽ قائم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري پروگرام جو چار ڦهلايو ويو سچ تہ هي ڀٽائي سوشل فورم عوام جي خدمت، ڀهتري، غريب ۽ اٻوجهہ ماڻهن سان سڌو سنئون سلسلي ۽ رابطي سان ڪڙيءَ طور ڳنڍيا ويا. تقريري تحريري طور سمجهائڻ، سلجهائڻ ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي تربيت ۽ ترڪيب سمجهائي وئي. گڏيل ميٽنگون، ڪارنر گڏجاڻيون، ڪنوينشن ۽ وڏا تاريخي جلسا ڪرايا ويا. جن جي ذريعي عام ماڻهن ۾ نہ رڳو سياسي سماجي سجاڳي ۽ بيداري پيدا ٿي پر اخلاقي جرئت، همت ۽ ڳالهائڻ جي وڏي قوت پيدا ٿي. اهي ڀٽائي سوشل فورم عوامي ڳانڍاپي جا وڏا ذريعا ثابت ٿيا. ڀهراڙي جي ڪن خاص وڏن ڳوٺن ۾ لائبريريون کولرايون ويون. ماڻهن ان ذريعي بہ وڏو سماجي لاڀ حاصل ڪيو. ان سموري پروگرام جو روح روان يا محور پاڻ ئي رهيو سچ تہ اهي سنڌن ورتل ساريون ڪوششون عوامي شعوري سگهہ جو باعث بڻيون.

منڍ کان ئي ڪيس علم، ادب ۽ مطالعي جو گهڻو شوق رهيو آهي ان سان گڏوگڏ ڪتاب خريد ڪرڻ ۽ انهن کي سانڍڻ جو خفت بہ رهيو اٿس. سنڌس ذاتي ڪتب خاني ۾ سائنس، فن، فلسفي، علم الانسان، ڪائناتي فلڪي نظام، تاريخ، ادب، سياست، سماجيات، اقتصاديات، دنيا ۾ ڇپيل انسائيڪلو پيڊيا ۽ مذهبن متعلق گهڻو مواد جمع ٿيل آهي. سنڌ ۾ اهڙا شوقين ٿورا ماڻهو هوندا جن وٽ ايترو ڪتابي سرمايو هجي ۽ ساڻئي وقت صاحب مطالع بہ هجن.

پڙهندڙن جي هٿن ۾ هيءَ سنڌس پهريون ڪتاب " هاهر ڪندو هلُ" آهي. دراصل هن مجموعي ۾ ڏنل /آيل مضمون / مقالا، لائق ليکڪ طرفان وقت بوقت يا مختلف سالن ۾ حالتن / سياسي بحراني دورن / سماجي توڙي معاشي بدحالين کي ڏسندي/ محسوس ڪندي لکيا ويا هئا. اهي جيئن جو تيئن سهيڙي شامل ڪيا ويا آهن. ان ڪري ڪي جملا، ڳالهيون يا اصطلاحن جي ورڻ ڪتاب ۾ نظر ايندي، وري وري ايندڙ ورڻ کي "سڌن متي سڌ" يا سڌن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڑلاءِ چئي سگهجي ٿو اهي سڌ/ هونگارون، نئين جهان جوڙڻ ڌانهن نيڻ جو نياپو ڏين ٿا، ڪتاب جو عنوان پنهنجي پر ۾ وڏي معنيٰ رکي ٿو جو شاهه صاحب جي بيت جي هڪ سٽ مان کنيو ويو آهي. ساڳئي وقت ڏنل مقالا جن جو تعداد "31" ايڪٽيهه آهي، انهن جي پڙهڻ سان ئي ليکڪ جي همٿ، جرئت ۽ محنت کي داد ڏيڻو پوندو ڪتاب تي تبصرو/ اپياس هي ڪجهه صفحا/ سٽون ناڪافي ٿيندا، ان تي هڪ چڱي خاص تبصري لکڻ جي گنجائش موجود آهي، پر مصنف ايترو صاف، چٽو ۽ سليس سنڌيءَ ۾ مواد ڏنو آهي، جو قارئين کي سمجهڻ، پروڙڻ ۽ سوچڻ ۾ ڪا به دقت محسوس نه ٿيندي ڪتاب ۾ ڪي نوان اصطلاح/ نعرا يا هونگارا ڏنا اٿس، سنڌس چوڻ موجب "سڌ ازم" ئي معاشي سماجي ۽ سياسي مسئلن جو حل آهي، ان شعوري سگهه جي جدوجهد جي وسيلي ئي اسان زندگي جي هر شعبي ۾ آزاد رهي سگهون ٿا، سندس سلوگن/ هونگارو ته "سڌ وڌايو سنڌ بچايو سنسار سينگاريو" ان طرف ڌانهن ترجماني ڪري ٿو. اسلامي مساوات وارن جو ڏنل نعرو "روٽي، ڪپڙا، مڪان" کي لائق ليکڪ ناڪافي سمجهندي ان ۾ واڌارو ڪرڻ مناسب سمجهي ٿو. ائين درست ۽ بهتر به لڳي ٿو جو هيئنئن آهي:

روزگار، روٽي، ڪپڙا، مڪان

تعليم، صحت، انصاف، امن امان

انسان جانورن وانگيان رڳو کپي ۽ اجهي لاءِ هتي ڪونه رهيو پيو آهي، هڪ بهتر سماجي جوڙجڪ ۽ بهتر معاشرتي جياپي لاءِ رياست/ سماج لاءِ عدل انصاف جو قائم رکڻ، امن آمان سڪون واري زندگي جو هجڻ ۽ صحت قائم رکڻ به بيحد ضروري آهي، شهيد عبدالرحيم گرهوڙي شاهه عبداللطيف کي چوائي موڪليو ته:

مڙئيان موچارو، سو آهي ڪُچاڙو

"زندگي ۾ موچاريون شيون ڪهڙيون آهن"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهہ صاحب چوائي موڪليس تہ:

"هڪ صحت سرير جي ٻيو پريان سندو پاڙو"

شاهہ شهيد عنايت جهوڪ واري جو هونگارو بہ وري وري ورجايو ويو آهي جنهن پنهنجي دور (وفات 1125 هجري) ۾ چيو هو تہ:

"جو ڪيڙي سو ڪائي"

سنڌ جي ڪنهن سگهڙ بہ ڪهڙو نہ سنو چيو تہ:

"پوک جي پوکي ۽ ڪنئين"

يعني تہ "مناسب مهل تي پوکجي ۽ موقعي سان ڪٽجي.

ٻئي ڪنهن سگهڙ وري هيئن چيو:-

وَهُو ڏاندَ ويهي رهيا، ڪا جا ڳالهہ چتائي

ڪَڙِ ٻڙِ ڏرتي کَهڙِي، چوني چت نہ لائي

آهڙو ڪو سالڪ آهي، جو ويٺل ڏاندَ وهائي.

سنڌ ۾ اهڙن سالڪن جي کوٽ پئي رهي آهي، جي ماڻهو مايوس ۽ نا اميد ٿي ويهي رهيا آهن، تن کي وري جدوجهد لاءِ سجاڳ ڪن. اسان انونجاهہ سال اڳ اهڙي پوکي ڪئي جو وري ڪٽي (هلي) نتا سگهون. سنڌ ۾ هڪ وڏو زهريلو جيت "ڪَڻُ" نالي هوندو آهي، جنهن جي زهر چڙهڻ کان پوءِ ڪو ساهوارو بچي نٿو سگهي، سنڌ جي لوڪ ساڃهہ وندن اهڙي اثر کي ڏسندي چيو تہ "هڻ ڪڻ" معنيٰ حريف کي اهڙو ڏڪ هڻ جو اوڏيءَ مهل ئي ڦٽڪي مري پوي

سنڌ جا مسئلا. سنڌي قوم جا مسئلا يا دنيا جي مظلوم قومن جا مسئلا هوائي ڳالهين جي ڪرڻ سان حل ڪونہ ٿيندا. سماجي تبديلي جو فيصلہ ڪن طريقو ۽ مورچو سياسي جدوجهد آهي، مانائتو ليکڪ رڳو مسئلن جي نشاندهي ڪري ٿو ڪري، ليڪن انهن کان ڇوٽڪاري جون واٽون بہ متعين ڪري ٿو سندس هيءُ سارو ڪاپو ۽ پورهيو اتساهيندڙ ۽ جدوجهد ڏانهن سڏيندڙ آهي. نظرياتي ۽ سياسي حوالي سان واضع نظرياتي بنياد ۽ سياسي حڪمت عملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعين ڪري ٿو.

هڻڻ هڪلڻ ڀيلي سارڻ مانجهين اِيءَ مَرَڪ

وجهن تان نه فرق، رڪ وڙهندي راند ۾.

مهل ۽ موقعي جي مناسبت سان سنڌس اينڊڙ ڪتابن جو ذڪر ڪرڻ به ضروري ٿو سمجهان. مختلف سوشل فورمن تان ڪيل سنڌس تقريرون آهن. جي هٿي ڪتاب ۾ سهيڙي ڏئي رهيا آهن. جي پاڻ گڏجاڻين، ميٽنگن ۽ جلسن ۾ ڪيون اٿن. جي سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن، انهن جي حل يا ترقي، سڌاري ۽ بهتري بابت پنهنجا نظريا پيش ڪيا اٿن. ٽيون ڪتاب سنڌن مختلف وقتن تي ڏنل انٽرويو شامل ڪيا ويا آهن. جي مختلف موقعن تي ڪانئس ڪيا ويا آهن.

مون کي خوشي به آهي ۽ ان ڳالهه تي فخر به ته مون 1987ع کان سائس سوشل فورم تي گڏجي ڪم ڪيو سائس ويجهڙائي ميسر ٿي. مون کي گڏجي ڪم ڪرڻ تي وڏو لاڀ حاصل ٿيو هن پيچيده زندگيءَ کي سمجهڻ ۽ سلجهائڻ جو ڏس پتو پيو ڪنهن سالڪ فقير جو قول آهي ته "علم جو مڃ هجي ته عقل جو ان لاءِ ڏيڍ مڻ هٿڻ لازمي آهي" نه ته انسان علم جي ڦونڊ ۾ ڀٽڪي ويندو مون کي ان موقعي تي سنڌس "سڌازم" وارو نظريو سمجهه ۾ آيو هو ذاتي اوصافن ۾ جيڪڏهن هيئن چوان ته وڏاءُ ڪو نه ٽيندو وڏي چاڻ رکندڙ ذهين، ڏاهو صبر ۽ تحمل رکندڙ نيڪ نيت، هٺ جو چوٽ، وڏي انگ ۽ رنگ وارو، مهل موقعي تي ڪم ايندڙ وطن دوست، غريبن مسڪينن سان همدردي رکندڙ وعدي جو سچو ۽ پڪو روشن خيال، مهذب انسان سچ ته هڪ ڪردار. دعا آهي ته سنڌس ڪردار عشق جي جذبي سان قائم ۽ دائم رهي ۽ سنڌس لکيل هي پورهيو قوم وٽ قبول پوي.

پروفيسر محمد خان ٻرڙو

ڳوٺ ڪرڙ ٻرڙو-وايا ٽنڊو آدم

15 مئي 2006

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عقل ۽ عشق، هٿي پر پڪيءَ جا

(سامي)

جڏهن قومون آزاد هونديون آهن ته اهي سياسي، ثقافتي، سماجي ۽ معاشي طور مضبوط ٿينديون آهن. خاص طرح پنهنجي سولائيزيشن (Civilization)، ڪلچر ۽ ادب ذريعي نه فقط پنهنجي ملڪ اندر بلڪ دنيا کي خوبصورت بڻائڻ ۾ ڀرپور حصو وٺنديون آهن ۽ اهي قومون وري جڏهن غلام ٿينديون آهن ته انهن کي جڻ ريورس گيئر (Reverse Gear) لڳي ويندو آهي. انهن جي سولائيزيشن (Civilization) ڊسٽراءِ (Destroy) ٿيندي آهي ۽ ان قوم جا خوبصورت گڻ ۽ خوبصورت فضيلتون گهٽجي وينديون آهن. چاڪاڻ ته غلامي ۾ آقا قوم، غلام قوم کي سياسي، ثقافتي، سماجي ۽ معاشي طور تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. اهڙي وقت ۾ غلام قوم مان کي اهڙا سڃاڻ، ساڃاهه وند ماڻهو پيدا ٿيندا آهن. جيڪي قوم ۾ پيدا ٿيل خرابيون جهڙوڪ: مفاد پرستي، ڪوڙ دوکي بازي، ڪرائم، دلالي، بداخلاقي، جهالت،اڻ سهپ ۽ بيشمار برائين کي ختم ڪري قوم کي متحد ڪري بهتري بقاء ۽ آزادي جي طرف وٺي ويندا آهن.

سنڌي قوم به هن وقت جنهن غلامي جي دور مان گذري رهي آهي اهڙي وقت ۾ محترم انجنيئر عبدالعزيز صاحب جهڙن ماڻهن جي شدت سان سنڌي قوم کي ضرورت آهي جن جو ڏرتي ۽ ڏرتي ڌڻين سان ازل جو انگ اڙيل آهي جيڪي پنهنجي قوم سان ڪجھ ڪري گذرڻ ۽ رڳو پنهنجي لاءِ نه پر ٻين جي لاءِ جيئڻ جو سبق ڏين ٿا جن هن سائنسي دور ۾ پنهنجي مفادن ۽ هن دور جي لذتن کي ٺُٺو ڪري سنڌي سماج کي بهتر بڻائڻ لاءِ جدوجهد جو رستو اختيار ڪيو آهي. هي ڪتاب مختلف وقتن تي لکيل منفرد مضمونن جو مجموعو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي جيڪي هن وقت سنڌي قوم جي چاڻ، ڪردار ۽ عمل لاءِ تمام ضروري آهي عزيز صاحب جي مختلف موضوعن تي بهترين اسٽڊي آهي. مان سمجهان ٿو هن وقت سنڌ ۾ جيڪي ذاتي چند ماڻهن جون وڏيون لائبريريون آهن عزيز صاحب جي لائبريري انهن مان هڪ آهي ۽ جڏهن سندس لائبريري ۾ وڃي هزارن جي تعداد ۾ ڪتاب ڏٺا، تڏهن تاثر اڀريو ته شايد عزيز صاحب کي ڪتاب ڪليڪٽ (Collect) ڪرڻ جو شوق آهي، پر جڏهن مختلف عنوان جنهن ۾ سياست، سائنس، تاريخ دنيا جي مختلف مذاهب جو تقابلي جائزو سماجيات، معاشيات ۽ فلسفي جا ڪتاب کنيا ته انهن مان هڪ به اهڙو نه مليو جنهن تي عزيز صاحب جا نوٽ لکيل يا مارڪ ٿيل نه هئا ان مان لڳو ته نه فقط اهي ڪتاب صرف محفوظ هئا بلڪ پڙهيا به ويا آهن عزيز صاحب کي مختلف مضمونن جي نه فقط ڄاڻ آهي بلڪ عملي زندگي ۾ پنهنجي علم ۽ تجربي کي سنڌي سماج کي بهتر بنائڻ ۾ لاڳو ڪيو آهي. عزيز صاحب جي سوچن تي پٽائي صاحب ۽ ايل ران هبرڊ (L Ron Hubbard) آمريڪن فلاسافر جو اثر رهيو آهي، جنهن ڊائناٽڪس ۽ سائنٽالاجي يعني روح ۽ جسم جي ميلاپ مان ٺهيل جان جي تحقيق ۽ ان جي سڌاري لاءِ علم ۽ طريقا ٻڌايا آهن. عزيز صاحب هن ڪتاب ۾ مختلف موضوعن تي مشتمل ڄاڻ ڏني آهي، جنهن ۾ سندس پهرين (1) مضمون جنهن جو عنوان "ڪائنات ۽ زندگيءَ جي اصليت ۽ ماهيت" ۾ مذهب روحانيت ۽ سائنس تي روشني وڌي ويئي آهي، ڪائنات ۽ سائنس جا راز وٽندڙ سمجهاڻين سان بيان ڪيا ويا آهن ۽ انهن علمن متعلق سنڌي قوم جو ڪهڙو رويو آهي ۽ ڪهڙو هئڻ گهرجي اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي. اهڙي طرح عزيز صاحب جي (2) مضمون ۾ ڪمپريٽو ريليجيس اسٽڊي مذهبن جي مختلف تاريخ انهن ۾ هڪ جهڙائي ۽ بنيادي مقصد ٻڌايا آهن ۽ انهن جي سڌاري لاءِ علم ۽ طريقا پڻ واضع بيان ڪيا ويا آهن. مضمون نمبر (3) ۾ سنڌ جي صورتحال، سماجي ۽ سياسي جائزو سياست جا معيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کهڙا هجڻ گهرجن سياستدانن ۽ عوام کي ڇا سوچڻ ۽ ڪرڻ گهرجي ان لاءِ رهنما اصول پڻ بيان ڪيل آهن ۽ سنڌ جي سپوت سائين جي ايم سيد جي جدوجهد جو خوبصورت تجزيئي سان ذڪر ٿيل آهي. مضمون نمبر (4) تمام پراڻو مضمون لکيل آهي. اپ ڊيٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪافي ڳالهيون ڪنٽراڊيڪٽو آهن پر ليکڪ جو پنهنجو ويو پوائنٽ آهي بهرحال پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جي صورتحال جي تاريخي ڄاڻ ملي ٿي سماجي حوالي سان ڪيئن تباهه ڪيو ٿو وڃي ۽ ان کان بچڻ ۽ اڳتي وڌڻ ۽ عوامي سجاڳي ۽ اتحاد پيدا ڪري پرامن احتجاج ذريعي عوام کي حق وٺڻ سيڪاريو ويو آهي. نمبر (5) مضمون ۾ انساني ارتقاءَ جي تاريخ. انسان جا بنيادي حقن لاءِ 14 نقطا تمام اهم آهن ۽ دنيا جي سڀني ملڪن لاءِ لازمي آهن. معاشي تباهي جا سبب ۽ ان جو ازالو عوامي نمائندگي جي اهميت ۽ ٻين ملڪن جو تقابلي جائزو ۽ سياست. سماجي ۽ معاشي تباهي جا ڪارڻ ٻڌايا ويا آهن. مضمون (6) ۾ نظام بدلايو ملڪ بچايو آئين ۽ ملڪ جي ٻين خرابين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ۽ تبديلي لاءِ رستو ۽ نعرو ڏنو ويو آهي. مضمون (7) ۾ سنڌين جي حالت سڌارڻ لاءِ تجويزون ۽ معاشري تي قابضي ڌرين جو طريقه واردات. قومي غلامي پڙهيل لکيل ماڻهن جي ذميداري ۽ تبديلي جا طريقه ڪار واضع آهن.

مضمون (8) ۾ دنيا ۾ دهشتگردي جا ڪارڻ ۽ انهن جو اهڙو حل جيڪو ممڪن آهي ۽ عالمي سياست جو تقابلي جائزو بيان ٿيل آهي.

مضمون (9) ۾ حڪومت ڪيئن هجڻ گهرجي. پروگرام ڪهڙو هجڻ گهرجي. عوام جي ڪهڙي ذميداري آهي ان تي تفصيلي روشني وڌي ويئي آهي

مضمون (10) ۾ آئين ۾ تبديلي اچڻ گهرجي. قومي ۽ طبقاتي مسئلو حل ٿيڻ گهرجي. قانوني سڌارا هئڻ گهرجن نام نهاد جمهوريت تي تنقيد انهن سڀني مسئلن تي بحث ڪري ۽ ان جو حل ڏنل آهي. پاڪستان جي مختصر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سياسي تاريخ ڪمپيئر ڪرڻ لاءِ مختلف ملڪن جا مثال انگ اکر ڏنل آهن.
مضمون (11) ۾ سياسي پارٽين ڪي ڪهڙو پروگرام ۽ طريقہ ڪار
ڏاهڻ گهرجي عوام جي ڪيئن ۽ ڪهڙي ڪنٽريبيوشن هئڻ گهرجي.
(12) ۾ ايوليشن ـ انسان جي ارتقائي تاريخ سائنسي انداز سان پيش
ڪئي ويئي آهي سولائيزيشن جا مرحلا ۽ هن وقت جو انسان ڪٿي بيٺل آهي
۽ ان کي ڪٿي هجڻ گهرجي ٻڌايو ويو آهي. (Sudhism) جو نئون نعرو (چاڙ
وڌايو). هي اهڙو نعرو آهي جيڪو اسپريچيوليسٽ ۽ مٽيزيليسٽ جي خيالن ۾
تضاد جي بجاءِ هم آهنگي ڪري ٿو. جيئن عام طرح چيو ويندو آهي تہ جتي
عقل ختم ٿيندو آهي اتان عشق شروع ٿيندو آهي. يا عشق شراع ڪيا لڳي.
ليڪن عزيز صاحب ڪمٽمينٽ سان چاڙ کي اهميت ڏيندي عمل کي نتيجہ
خيز ڏيکاريو آهي جيئن سامي چيو تہ عقل ۽ عشق ٻئي پر پکي جا.
(13) عدالتي ۽ انتظامي ادارن ۾ ڪهڙيون خاميون آهن انهن کي
ڪيئن درست ڪجي، ٻڌايو ويو آهي.
(14) پونم جي حوالي سان هن مضمون ۾ پاڪستان جي ٺهڻ کان وٺي
هن وقت تائين سياسي تاريخ ۽ حالتن جو تقابلي جائزو ڏنل آهي جنهن ۾
خصوصن پاڪستان ٺهڻ جي ريزيوليشن جنهن تي پاڪستان جو بنياد
منحصر ڪري ٿو جنهن تحت پاڪستان پنجن قومن تي مشتمل هوندو
جيڪي برابري جي بنياد تي هلنديون ۽ پاڪستان يونائيٽيڊ اسٽيٽس هوندو
جنهن ۾ هراسٽيٽ ساورن ۽ اٽانامس (بااختيار ۽ خودمختيار) هوندي پر
بدقسمتي سان پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ان تي عمل نہ ٿيو ۽ هڪڙي قوم جي
غلبي سبب پاڪستان جو اڌ کان وڌو حصو يعني مشرقي پاڪستان بنگلاديش
ٿي ويو ۽ باقي قومن تي يعني سنڌي، بلوچ، پٺاڻ ۽ سرائيڪي قومن تي پنجاب
جو قبضو آهي، جنهن ڪري پاڪستان جي اندر قومن جو وڏو ٽڪراءُ آهي ۽ ان
جو حل 1940 جي قرارداد ۾ طئہ ٿيل اصولن تي منحصر آهي ان ڪري قومن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي برابري جي بنياد تي نئين آئين ساز اسيمبلي تشڪيل ڏني وڃي جيڪا اهڙو آئين جوڙي جنهن ۾ محدود اختيار مرڪز کي باقي سڀ صوبن کي ڏنا وڃن ۽ ان لاءِ پونم جو وجود ٿيو ۽ ان پروگرام تي عمل ڪيو وڃي.

(15) ڪالاباغ ڊيم مضمون ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي پاڻي جي تقرار جي تاريخ ڏنل آهي ۽ تاريخي طرح سان وضاحت ڪيل آهي. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پنجاب سنڌ جي پاڻي تي ڪيتري وقت کان راتاها هڻندو پيو اچي پاڻيءَ متعلق ٿيل ٺاهن جون پنجاب ڪيئن ڌجيون ڪيون آهن ۽ خود ڪالاباغ ڊيم پنجاب پاران سنڌ جي پاڻي تي قبضي جي ڪوشش آهي. ان سان سياسي اقتصادي ۽ فني طرح سان ڪهڙا نقصان ٿيندا ان متعلق ٻڌايل آهي.

موجوده بگڙيل نظام کي ڪيئن سڌارجي ان کي تفصيلن بيان ڪيو ويو آهي. مطلب ته هر مضمون ۾ چاڻ ۽ اصلاح لاءِ علم آهي. ان کان علاوه هن ڪتاب ۾ ٽوٽل 31 مضمون جيڪي تمام ناياب آهن جن ۾ عوام کي سڀئين سمجهاڻين سان سولي سنڌي ۾ چاڻ مهيا ڪئي ويئي آهي جيڪي پڙهي ۽ انهن تي عمل ڪري دنيا تبديل ڪري سگهجي ٿي.

عزيز صاحب ۾ اميد تي رکجي ته اهو ڏينهن پري ناهي جو سنڌس رهنمائي ۾ هي سنڌي سماج دوکي، دولاب، ڌاڙي، ناانصافين ۽ نفرتن کان پري محبت ۾ سمائجي وڃي ۽ هڪ اهڙو سماجي انقلاب اچي جنهن ۾ سنڌي ماڻهو سک ۽ سلامتي جو ساهه کڻن.

سيد غلام شاهه (ايڊووڪيٽ)

سيڪريٽري جنرل سنڌ ٿنڪرس فورم

اڳوڻو چيئرمين جيئي سنڌ محاذ ۽

مرڪزي ڪنوينر ايس اين اي (SNA)

10 جون 2006 ڪراچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيش لفظ

هي چند ڪاغذ جيڪي توهان جي هٿن تائين پهتا آهن اِهي حقيقت ۾ 1990ع جي ڏهاڪي دوران مضمونن جي حيثيت ۾ لکيا ويا هئا.

ان وقت جي اها شديد تقاضا هئي ۽ آءٌ به ان خيال جو هئس ته جيڪڏهن عام پڙهيل ڳالهه چڱي طرح سان سمجهن ته پوءِ نئديا مضمون وڌيڪ ڪارائتا رهندا.

هي مضمون عام طور تي مهراڻ شوسل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي پليٽ فارم تان ڇپرائي پڌارا ڪيا ويا. مقصد صرف اهو هو ته عام پڙهيل جائزو وٺي ۽ جيڪڏهن ڪجهه صلاحون اچن ته انهن تي غور ڪيو وڃي. صلاحون يا تجويزون ته بلڪل گهٽ آيون پر اصل مواد کي تجويزن ۽ صلاحن جي روشني ۾ جتي ضرورت محسوس ڪئي وئي اتي ترميم ڪئي وئي.

هي مضمون 1990ع جي ڏهاڪي جا آهن تنهن ڪري فيڪٽس ۽ فگرس(Facts Figures)انگ اکر به ان وقت جا آهن جيڪي اپڊيٽ نه ٿي سگهيا آهن تنهن ڪري ساڳيائي ڏنا ويا آهن.

هي مضمون جدا جدا وقت تي لکيل آهن تنهن ڪري گهٽين ڳالهين ۽ بيتن جو ورجاءُ آهي پر اهو شاهه صاحب وانگي سڏن متي سڏڙا سمجهيو وڃي يا وري پاڪ ڪلام ۾ نماز جو ورجاءُ سمجهيو وڃي جيڪو (ڇهه سون ڪان متي چيو وڃي ٿو) ڪڏهن ڪڏهن وري وري ڳالهه ڪرڻ سان ڳالهه چڱي طرح سان سمجهه ۾ اچي وېندي آهي. ڪيئي ڪتاب اهڙا سنا يا اهم هوندا آهن, جو وري وري به پڙهيا ويندا آهن, ان ڪري ورجاءُ لفظن جو هجي بيتن جو هجي هر وپرو ايڏو غلط نه آهي, جيترو اڄڪلهه ڪجهه اديب حضرات چون ٿا ۽ ان تي چڙن ٿا. مضمونن جو بنيادي مقصد سنڌي عوام کي ڊيٽا فراهم ڪرڻي هئي, جيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏي جاکوڙ سان مختلف ڪتابن ۽ رسالن مان هٿ ڪئي ويئي، اها راقم جي ڪئي ڏهاين جي عرق ريزي جو نتيجو هئي، شاگرد يا سنڌي ماڻهو عام طور تي ايتري معلومات تائين رسائي حاصل ڪري ڪونہ پيا سگهن.

انهي جا ڪارڻ گهڻائي آهن، جيئن لائبريرين جي اڻاٺ، ڪتابن جو سنڌي ۾ گهٽ هجڻ ۽ انگريزي سمجهڻ ۽ پڙهڻ ۾ سنڌي عوام کي گهڻيون ئي تڪليفون هجڻ. سنڌي انگريزي ۽ انگريزي سنڌي ۾ سٺين ڊڪشنرين جو ناپيد هجڻ، ڪجهه مفاد پرستن وري انگريزي جي اهميت گهڻائي چڙي تہ جيئن سنڌي شاگرد ان کي جلد نہ سمجهي سگهي ۽ ان ۾ جڏو رهجي وڃي تہ جيئن علم جي وڏي حصي کان پري رهجي وڃي ڇا ڪاڻ تہ علم جي واڌ ويجهہ سنڌي ۾ ڪانہ ٿي ٿئي پر انگريزي ۾ قائم ۽ دائم آهي، نئين علم جي کوجنا بہ گهڻو ڪري ڪجهه ٻاهرين زبانن ۾ ٿئي ٿي ۽ انگريزي يقينن انهن مان هڪ اهم ترين زبان آهي، جيڪا ڪجهه ملڪن ۾ تہ لکي، ڳالهائي ۽ پڙهائي وڃي ٿي. جيئن يوڪي (UK)، يو ايس اي (USA)، آسٽريليا ۽ يورپ جي ملڪن ۾ تہ گهڻو استعمال ۾ بہ آهي، ۽ وري اتي وسيلا وڌيڪ هئڻ ڪري ترجما گهڻا ٿي رهيا آهن، جيڪڏهن صرف ڊڪشنرين جو تعداد ڏسندو تہ بہ انگلش جو معيار ۽ تعداد تمام گهڻو آهي ۽ سڀ ڊڪشنريون انهن وٽ باقاعده موجود آهن ۽ مروج آهن، اسان وٽ هڪ لغت ڇپي آهي جيڪا پڻ گهٽ ٿي ملي، شاگردن ۽ استادن ۾ ڊڪشنرين جي استعمال جو رواج گهٽ ٿو ملي، ان ڪري سنڌي ماڻهو عام طرح سنڌي ۾ جڏو ٿو نظر اچي، جنهن کي سڌارڻ تمام ضروري ٿو نظر اچي، جيڪو وڏي محنت ۽ اتساهہ سان حاصل ڪري سگهبو. دنيا ۾ نيون کوجنائون انگريزي ۽ ڪجهه ٻين ٻولين ۾ ٿين ٿيون، پر اسان کي انگريزي وري بہ سولي آهي، تنهن ڪري ان کي وڌيڪ اهميت ڏيون تہ جيئن اسان جا شاگرد انگريزي ۾ هوشيار ٿين، منهنجي خيال ۾ ٻهرين انگريزي کي ترجيح ڏجي پوءِ سنڌي پوءِ ٻيون زبانون جيڪڏهن ائين وڏي پشماني تي ڪنداسين تہ يڪدم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب ماڻيندا سين. چاڪاڻ تہ مقابلي جا امتحان سڀ انگريزي ۾ ٿا ٿين ۽ ڪورٽن ۽ سرڪاري آفيس ۾ پڻ انگريزي ئي استعمال ٿئي، تنهن ڪري ان کي اوتري اهميت ڏيڻ گهرجي. ٻين ڪجهہ ملڪن ان قسم جا قدم کڻي ترقي ماڻي آهي، جيئن بنگلاديش، سيلون وغيره ۾. گهڻا ترجمان پڙهيا وڃن ۽ اوريجنل ڪتاب بہ پڙهيا ۽ پڙهايا وڃن.

آءُ محترم جام ساقي، سيد غلام شاهہ ۽ پروفيسر محمد خان ٻرڙي جن جو نهايت ٿورائتو آهيان، جو انهن تڪليف وٺي ڪتاب جو مهاڳ لکيو ۽ منهنجي لاءِ سٺا تعريفي لفظ لکيا آهن. شل پڙهندڙ لاءِ آءُ ان لائق ثابت ٿيان. آءُ محترم خالد حسين شيخ جو ٿورائتو آهيان، جنهن پروف ڏسڻ ۾ گهڻي محنت ڪئي، ساڳي وقت منور ابڙي جو بہ، جنهن ٽائيٽل ڊزائن ۽ امجد علي ٿهيم جو جنهن ڪمپوزنگ ڪئي.

آءُ وري بہ سيني سڄڻن جو ٿورائتو آهيان جن ڪتاب جي باري ۾ دلچسپي سان ڪم ڪيو يا بهتر مشورا ڏنا.

انجنيئر عبدالعزيز ٻرڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪائنات ۽ زندگيءَ جي اصليت ۽ ماهيت

انسان جي جدوجهد ۽ جستجو لکها ۽ اربها سالن کان جاري آهي.جڏهن هن هيڏي وڏي آفت ۽ پيچيده ڪائنات ۽ بي سرو ساماني جي باوجود هي ويچارو انسان جيترا به قدرتي راز ظاهر ڪري سگهيو آهي، انهن جو ڪاٿو ٿو ڪجي ته سندس محنت ۽ ڪاميابي کا گهڻ ڪانهي پَر حيران ڪندڙ ۽ ڪيس جَس لائق بنائي ٿي. سندس بناوت ته سيني جي سامهون آهي.هي نسبتن وچولو ساهوارو آهي، سندس بدني نظام ائين ٿو لڳي جيئن ٻين جانورن جو آهي. ساڳيو ئي رت جو سرشتو، ساهه کڻڻ وارو طريقو، کاڌي کائڻ ۽ هضم ڪرڻ وارو طريقو به ساڳئي ئي نموني جو اٿس. اهڙي طرح سان ٻين گهڻين ڳالهين ۾ به جانورن جهڙو لڳي ٿو. البته هي ٻن ٽنگن تي اپو بيهي هلي سگهي ٿو، ٻه ٻانهون سندس وڏو سهارو رهيون آهن ۽ سندس دماغ جي ميچالي جي هيثيت بذليل آهي. ٻين ڪيترين ڳالهين ۾ جانورن کان بلڪل مختلف به آهي.سوچ جو اندازو ۽ ان کي عملي جامو پارائي سڌرڻ ۽ بهتر ٿيڻ جي جستجو هن ۾ ئي آهي، زنده رهڻ جي خواهش ته سيني ساهوارن ۾ چاهي اهي نباتاتي قسم جا هجن يا حيواني قسم جا هجن، عام طرح سان آهي ئي آهي ڇاڪاڻ ته زندگي جي پهرين جستجو آهي ئي زنده رهڻ. زندگي کي انگريزي ۾ (life) چئبو يعني زنده رهڻ جي جستجو کي (Survival) چونداسين يعني زندگي جي صفت آهي زنده رهڻ. انهي کان وڏيڪ ڪو به ٻيو وڏو راز اڃا سوڌو هٿ ڪونه اچي سگهيو آهي. انهي جستجو جي دوران اڃا تائين سائنسدانن کي اهو به پتو ڪونه پئجي سگهيو آهي ته اها زندگي ڪٿان شروع ٿي ۽ ڪيئن شروع ٿي ڇاڪاڻ ته هن ڌرتي جي گولي تي شروع ٿيڻ کان اڳ هي شمسي نظام جيڪو تمام وڏي مادي وارو نظام آهي ۽ بيحساب مادي جي حجم (Volume) ۽ وزن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(Weight)تي مشتمل آهي. ڪيئن پيدا ٿيو ۽ ڪٿان آيو جو سوال آهي . انهيءَ ايڏي وڏي مادي وارين شين کي پاڻ ۾ متحد رکڻ لاءِ وري زور (Forces) يعني ڪشش ثقل ۽ رفتار(Motion) ڪم اچي رهيا آهن. ڪائنات جي وسعت جو ڪجهه اندازو ڪرڻ لاءِ ٿورو تفصيل پيش ڪجي ٿو. اسانجو سج اسان کان اندازن نو ڪروڙ ٽيهه لک ميل پري آهي ۽ سندس روشني کي اسان تائين پهچڻ ۾ تقريبن اٺ منٽ لڳن ٿا. روشني هڪ سيڪنڊ ۾ 186300 ميل فاصلو طئي ڪري ٿو. انهي کي روشني جي رفتار چئبو آهي. انهي رفتار سان روشني جيڪو فاصلو هڪ سال ۾ طئي ڪري ٿي ان کي هڪ نوري سال جو فاصلو چئبو آهي. هڪ نوري سال جو فاصلو اندازن سٺ کرب ميل آهي. ڪائنات جا فاصلا ايڏا تہ وڏا آهن جو اهي عام طرح جي ماپ ۾ بنهہ ڪونہ ٿا اچي سگهن، تنهن ڪري انهن کي نوري سال ۾ ماپيو ويندو آهي ۽ جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي تہ هڪ نوري سال سٺ کرب ميلن جو ٿيندو آهي. نوري سال جي فاصلي کي چڱي طرح خيال ۾ رکبو تہ اڳتي سمجهڻ ۾ مدد ملندي.

اسان جو شمسي نظام جيڪو لکها نظامن منجهان هڪ نظام آهي ان ۾ سج جي چوڌاري نو وڏا گرهہ گردش ڪري رهيا آهن . اسان جو سج جيڪو اسان کان اندازن نو ڪروڙ ٽيهہ لک ميل پري آهي ۽ سندس قطر اٺ لک پنجهٺ هزار ميل آهي. اسان جي ڌرتي جي گولي جو قطر صرف ست هزار نو سو ميل آهي اهڙي طرح سان ٻيا گرهہ بہ ڌرتي وانگر سج جي چوڌاري گردش ڪري رهيا آهن. سيني گرهن جا نالا هي آهن.

1- مرڪيوري 2- وينس 3- ڌرتي 4- مارس 5- جيپيٽر 6- سيٽرن 7-يورينس 8- نيپچون 9- پليوٽو.

سيني کان پري پليوٽو آهي ، جيڪو اندازن ساڍا ٽي ارب ميل پري آهي، سائيز ۾ سيني کان وڏو جيپيٽر آهي ، جيڪو اسانجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڌرتي کان تقريبا ٽي سو ارڙهن دفعا وڏو آهي ۽ سندس فاصلو اندازن انيتاليھ ڪروڙ ميل آهي. اسان جو سج هڪ ستارو آهي. يعني پاٺي پرنڊڙ گولو پر ٻيا ستارا هن کان تمام وڏا ۽ تمام پري به آهن.

وڏن ستارن مان هڪ ستاري بيٽلگيس (Betelgeus) جو قطر اندازن اناويھ ڪروڙ چاليھ ميل آهي. يعني اسانجو سج هن جي مقابلي ۾ ڄڻ تہ هڪ "ٽڪو" آهي. ستارن کي اسان کان سندن فاصلي پري هٺڻ ڪري ۽ ڏسڻ ۾ ننڍي هٺڻ ڪري اهو تصور ڪيو ويندو آهي تہ هي ننڍا آهن. پر حقيقت ۾ ستارا بہ سڀ سج آهن يعني روشن پاٺي پرنڊڙ گولا. اهڙا سج يعني ستارا وري اربها آهن. انهن جا فاصلا بہ چند نوري سالن کان وٺي وري هزارها ۽ لکها نوري سالن تائين آهن ۽ اهڙي طرح سان انهن ستارن ۽ سجن جا پاڻ ۾ بہ فاصلا هزارها نوري سالن کان وٺي لکها نوري سالن تائين آهن.

ڪائنات جي وسعت جي اندازي لڳائڻ جي لاءِ ڪجھ فاصلا بيان ڪجن ٿا.

اسان جي سج جي چوڌاري جيڪي نو گرھ (Planets) آهن انهن ۾ زمين جو فاصلو مٿي ڏنئي آيا آهيون ۽ سندس آخري گرھ جو فاصلو اندازن ساڍا ٽي ارب ميل آهي. ان کانپوءِ ٻيا جيڪي بہ فاصلا ستارن جا آهن اهي عام سالن ۾ بيان ڪرڻ ٿا ڪري سگھجن تنهن ڪري انهن لاءِ نوري سال وارا فاصلا استعمال ڪيا. اسانجي ڌرتي کي ٻيون نمبر يعني پنهنجي سج کانپوءِ ويجھو ستارو پر گزيما سينٽاري (Proximacentauri) يا الفاسينٽاري آهي. جيڪو ساڍن چئن نوري سالن جي فاصلي تي آهي. سيني کان وڏيڪ ڏسڻ ۾ چمڪندڙ ستارو سيرسيس(Sirius) اٺ نوري سال پري آهي ۽ ويگا(Vega) ستارو ساڍا چويھ نوري سال پري آهي. اهڙي طرح رائگل (Rigle)ستارو نو سو نوري سال پري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي ته اچا ڪجهه ستارن جو بيان ڪيو اٿئون پر هن اسان جي ملڪي وي (Milky way) يعني ستارن جي جهڳٽ ۾ پيا به لکها ستارا آهن. جيڪي سڀ گڏجي جهڳٽ ۽ مڇن جا مڇا ٿي هڪ گئلڪسي (Galaxy) ناهين ٿا. اسان جي گئلڪسي تقريبن ويهه هزار نوري سال ويڪري ۽ هڪ لک نوري سال ڊگهي آهي. اهڙيون ڪائنات ۾ بي حساب گئلڪسيون آهن. انهن جي فاصلن جي اڳيان اسان واري گئلڪسي جا فاصلا ڪجهه به ڃڻ ته نه آهن. ڪجهه گئلڪسيون اسان کان ڏيڍ لک نوري سال پري آهن. تمام جديد طاقتور دوربين جي ذريعي جيڪا گئلڪسي نظر اچي سگهي ٿي اها اسان کان 350 ڪروڙ نوري سال پري آهي. ڪي گئلڪسيون چاليهه لک نوري سال ڊگهيون ۽ ويهه لک نوري سال ويڪريون ۽ ڇهه لک نوري سال اونهيون آهن. انهن جا پاڻ ۾ فاصلا به لکين نوري سال آهن. انهي ڪانپوءِ به اهو نٿو چئي سگهجي ته ڪو پرو پاند هن ڪائنات جو لڌو ويو آهي جيڪڏهن اچا به وڌيڪ طاقتور ريڊيو ٽيليسڪوپس (Radio Telescopes) ناهيون ويون ته پيون وڌيڪ گئليڪسيون اچا به پري وارن فاصلن تي نظر اچي سگهڻ جا امڪان آهن.

اسان ته پنهنجي شمسي نظام ۽ پنهنجي ملڪي وي ۽ گئلڪسي کي چڱي طرح ڪونه سمجهي ۽ ڪٿي سگهيا آهيون ۽ شايد انهي ۾ به اڃا تمام گهڻو وقت لڳي ته پوءِ هن تمام وڏي مشڪل منجهيل ڪائنات جي ڪهڙي ڪٿا ڪري سگهنداسين.

پر انسان جي جاکوڙ کي به جس آهي جنهن جي ڪري تمام گهڻي معلومات نون ۽ جديد کان جديد تر اوزارن جي ذريعي ڪئي ڪندو رهي ٿو. طبيعاتي سائنس ۽ علم رياضي ۽ حسابيات جي ذريعي به تمام گهڻي معلومات حاصل ڪئي وڃي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪڏهن انسان اينتري جدوجهد نہ ڪري ها تہ هن ڪائنات ڪي جيترو هن وقت اسان سمجهيو آهي پاڻ انهي ڪان بہ قاصر هجون ها ۽ پراڻن ڏڪن واري اڻ پوري ۽ غلط معلومات ڪي ئي صحيح سمجهيا ويٺا هجون ها! انسان ڪڏهن تہ ائين تہ سمجهي تہ سڀ ڪجهہ هڪ سج آهي ۽ پوءِ چند ۽ ستارا جيڪي ننڍا مشعل سمجهيا ويا ۽ گهڻن مذهبن بہ انهن جي اها ئي تشريح ڪئي پر هاڻي جديد ريڊيائي دوربين شعائن جي ڪوجنا . علم ۽ رنگين فوٽوگرافي ڪانپوءِ ڪائنات بابت وسيع معلومات ملي آهي، جنهن پراڻا " ڏڪا" سڀ غلط ثابت ڪري ڇڏيا آهن.

اسان جي ڌرتي لاءِ بہ عجيب ڏُڪا هنيا ويا ۽ ڪن مذهبن جي نالي ۾ بہ ڏُڪا هنيا . ائين بہ چيو ويو تہ زمين ڪچئي جي پٺي تي بيٺي آهي يا وري ڪئي چيو ويو تہ ڍڳي ڏاند جي سنگ تي بيٺي آهي. سج ، چنڊ ، ستارن ۽ گرهن جي عظيم الشان جهڳٽن ۾ مچڻ جي لاءِ بہ عجيب و غريب ڏند ڪٿائون مشهور ٿي ويون. ڪيتري وقت لاءِ تہ انهن سيني ڪي پوڄاريو ويو. پوڄرائڻ وارو عمل تہ مفاد پرستن ۽ حرفتي ماڻهن عام ماڻهوءَ ڪان انهيءَ لاءِ ڪرايو تہ جيئن سندس استحصال ڪري سگهن. حرفتي ماڻهو جيڪي پاڻ ڪم ڪرڻ ڪان عاري يا ٽوٽي هٺا تن هميشہ ٻين ماڻهن جي پورهئي تي گذرسفر ڪرڻ چاهيو ان ڪري ڪنهن بہ نموني سان عام ماڻهوءَ ڪي گمراهہ ڪري سندس پورهئي جو ڪجهہ حصو ڦٻائڻ جي واسطي مختلف چالون هلندا رهيا ، ان قسم جون چالون پهريان ئي سج ڪي ديوتا چئي پاڻ وري ان جا نائب ٿي ڪاميابي سان ڪيائون ، جڏهن ديوتا ۽ ديوتائن جو قصو پورو ٿيندو نظر آين تہ پوءِ وري هڪ هٿراڌو عمل ناهين تہ ستارن جي ڪري اڳ ڪٿيون ۽ ٻيا ڪجهہ اثر انهن سان منسوب ڪري اجا تائين ماڻهن ڪي گمراهہ ڪندا اچن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آسماني جسمن يعني سج، چنڊ ۽ ستارن جو پنهنجو نظام آهي. جنهن تحت اهي ڏينهن رات گردش ڪري رهيا آهن. انهن جي تبديلين جي ڪري ڪنهن زمين جي خطي يا ڪنهن گرهه جون ڪي طبعي تابڪاري، ڪيميائي حالتون متاثر ٿي سگهن ٿيون پر انفرادي طرح سان هڪ هڪ انسان تي ڪنهن به طرح سان ڪڏهن به اثرانداز ٿيڻ جو ڪو خاص ثبوت ڪونه مليو آهي. باقي ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ لاءِ گهڻائي حيلا هلايا ويا آهن ۽ مرندڙ حيلن منجهان هي به حيلوبه اچا وڏن مفاد پرستن ۽ ڪجهه نڪمن نام نهاد ماهرن جي ٿيڪ ڏيڻ جي ڪري هلندو ٿو هلي. حالانڪ هڪ حديث ۾ صاف چيو ويو ته

" ان شمس ولقمر آيتان من آيات الله ولايكسوف لموت احده ولا لحياته"

سج ۽ چنڊ خدا جي نشانين مان به نشانيون آهن. انهن کي گرهه لڳڻ ڪنهن جي حياتي ۽ موت سان واسطو ڪونه ٿي رکي.

هي " تکساد" ٽورا ٽڪا ته هر هنڌ هلن ٿا پر اسان جي ملڪ ۽ ڪجهه غريب ملڪن ۾ اڃا چگيرڙي حد تائين قائم ۽ دائم آهن. سنڌ ۾ اهائي صورتحال آهي. بهرحال هاڻي مواصلاتي نظام ۽ اديب حضرات جي خدمتن جي ڪري عوام انهن مکروهه مرضن مان آجو ٿيندو وڃي ٿو.

انهن جي ڪوجنا صرف انهيءَ لاءِ رهي آهي ته قدرتي راز ۽ قاعدا قانون ڳولهي لهجن. جديد اوزارن ۽ دوربينن جي ڪري جڏهن پنهنجن گرهن، سج ۽ چنڊ جي معلومات حاصل ڪبي ته ٻين ستارن جي لاءِ به ڪجهه چئي سگهبو. هاڻي ته تابڪاري شعائن ۽ فوٽوگرافي جي ڪري تمام گهڻي معلومات حاصل ڪئي وئي آهي نه ته جيڪر سج جو حال معلوم ڪرڻ تمام مشڪل نه پر نا ممڪن هيو. چاڪاڻ ته سندس مٿاڇري جي گرميءَ جو درجو 6000 ڊگريون سينٽيگريڊ آهي ۽ جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اندر لکيا ڊگرين تائين پهچي وڃي ٿو. سواءِ رنگين فوٽوگرافي ۽ شعائن ۽ تابڪاري ذريعي انهيءَ پرندڙ گولي جي معلومات نہ ملي سگهي ها . ٻيا سج وري اسان جي سج کان لکيا دفعا وڌيڪ روشن. وڏا ۽ وڌيڪ گرم آهن. تنهن ڪري انهن جي معلومات بہ انهن ئي جديد سائنسي ذريعن جي ڪري ممڪن ٿي آهي.

سج جي اندر ايڏي وڏي گرمائش ۽ روشني ائٽمي عمل ۽ ردعمل جي ڪري آهي. سج جي اندر فيوزن (Fusion) يعني ائٽمن جو گڏجڻ ۽(Fission) يعني ائٽمن جو ٽٽڻ ۽ ننڍن قسمن جا ائٽمي عمل جاري ۽ ساري آهن. انهيءَ طرح سان ٻيا ستارا بہ پرندڙ گولا ۽ اسان جي سج کان گهڻو وڏا ۽ وڌيڪ روشن ۽ گرم آهن. هي سڀئي کوجنا سائنس جي ڪتابن ۾ چڱي طرح سان ڏنل آهي ۽ انهيءَ کوجنا جا پيرائتا اصول بہ ڏنل آهن تہ ڪهڙي طرح سان سائنسدان ان نتيجي تي پهتا آهن. هي سڄو مادو جنهن جو ڪوبہ ڪاٿو ڪونہ ٿو ڪري سگهجي وري تمام ننڍن جزن جو ٺهيل آهي. پهريائين تہ کوجنائن جي ذريعي ائٽم ڳولهي لڌن پر پوءِ ثابت ڪيو ويو تہ ائٽم وري ٻين ننڍڙن ذرڙن جو ٺهيل آهي، يعني پروٽانس، نيوٽرانس ۽ پازيٽرانس جيڪي مرڪز ۾ موجود آهن. ۽ اليڪٽرانس جيڪي مرڪز جي چوڌاري گردش ڪن ٿا انهن کان علاوه ڪجهہ ٻيا جزا بہ ڳولهي لڌا ويا آهن جن کي بہ وڌيڪ تقسيم نٿو ڪري سگهجي. انهن سڀني کي گڏي بنيادي ذرڙا يعني(Fundamental Particles) چيو ويو آهي. جيڪي صرف شڪتي جي چارج يعني(Energy) آهن. ٻئي طرف وري ذرڙن کي پاڻ ۾ قاعدن ۽ قانون پٺاندڙ جوڙيندڙ " زور "(Forces) آهن جن کي(Fundamental Forces) چيو ويو آهي. سڄي ڪائنات جي سائنس جي ذريعي کوجنا اچي اتي پهتي آهي تہ بنيادي طرح سان هن بيڪران ڪائنات جي سڄي جوڙجڪ بنيادي ذرڙن کي بنيادي زورن ڳنڍي قائم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٺي آهي ۽ اهي سڀئي جوڙجڪ اهم قاعدن ۽ قانونن جي پابند آهي.

بنيادي ذرڙن کي ٽوڙي وري (Elementary Particles) ابتدائي ذرڙا لڌا ويا آهن جن جو نالو آهي ڪارڪس (Quarks) ۽ ليپٽانس (Leptons) آهي، جيڪي ائڪسيليريٽرس (Accelerators) ۾ ٺي ڪامپيوٽرس ذريعي ڏسي سگهجن ٿا.هي ذرڙا تمام وڏي گرمي جي درجي يا پد تي ظاهر ٿي سگهن ٿا. هن وقت تائين ائڪسيليريٽرس ۾ هڪ هزار ڪرب ڊگريز جي گرمي پد يا درجي کي مس پهتا آهن يعني (10^{15} ڊگريز) حسابيات ۽ رياضي جي ذريعي اهو ظاهر ٿيو آهي ته مادي کي وڌيڪ ٽوڙڻ لاءِ ۽ بنيادي زورن کي (Forces) کان آزاد ٿيڻ لاءِ ته (10^{32} ڊگريز) جي گرمي جو درجو کپي انهيءَ گرمي جي پد يا درجي کي حاصل ڪرڻ لاءِ اجا ڪوبه ائڪسيليريٽر نه ناهيو ويو آهي. وڌيڪ گرمي جي درجي تي ٿي سگهي ٿو ته ڪارڪس ۽ ليپٽانس به ٽٽي وري ڪي بيا اجا به انتهائي ننڍڙا ذرڙا ملي وڃن بهرحال هي کوجنا جاري آهي. بنيادي زور تمام وڏي گرمي جي درجي تي ختم ٿي وڃن ٿا ۽ سڄو مادو صرف وڏي گرمي جي درجي تي ختم ٿي وڃي ٿو ۽ سڄو مادو صرف هڪ ئي قسم جي تمام ننڍڙن ذرڙن جو ملغوبو يا شوررو نهي ٿو وڃي جنهن ۾ صرف ڪارڪس آهن. پر هي سڀ ڪجهه حسابيات ۽ رياضيءَ جي مساواتن ذريعي سمجهيو ويو آهي. اجا تجرباتي تحقيق رهيل آهي ڇاڪاڻ ته اهڙو ڪوبه ائڪسيليريٽر تيار نه ٿي سگهيو آهي جنهن ۾ ايترو وڏو گرمي جو درجو حاصل ٿي سگهي. هنن کوجنائن جي ذريعي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي ته جيئن ڪائنات جي شروعات کي سمجهي سگهجي.اسٽيفن هاڪنگ ۽ ٻيا سائنسدان ڏينهن رات مصروف آهن ته ڪا هڪ ٿيوري(Theory) يا نظريو پيش ڪري ڪائنات کي سمجهائي سگهن. انهيءَ نظريي کي شاندار متحد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظريہ(Grand unified Theory) ڪري سگهن ٿا. پر هن نظريہ جا تفصيل اڃا طئي ڪري ڪونہ سگهيا آهن.

هڪ طرف سائنس في الحال اتي اچي بيٺي آهي تہ ايڏي وڏي مادي جي جوڙجڪ ۾ انهن ٻن حقيقتن يعني بنيادي ذرڙن ۽ بنيادي زرون جو حصو آهي پر اهو ڪيئن ٿيو ۽ ڇو ٿيو جو سوال اڃا سوال ئي آهي. پر سائنسدان انهيء سوال کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ کوجنائن ۾ لڳا پيا آهن. ڪن جي چوڻ مطابق تہ هاڻي انهيء ڳالهہ کي سمجهڻ ۾ گهٽي دير ڪانہ لڳندي ۽ ڪن جو خيال آهي تہ شايد بنهہ نہ سمجهي سگهون يا تجربن جي ذريعي ثابتين ڏيڻ ۾ اڃا ڪجهہ وقت لڳي ويجي.

ٻئي طرف زندگي جي کوجنا ڪندي اهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ اسان جي نون گرهن مان زندگي هن ڌرتي ڪانسواء ٻئي ڪنهن بہ گرهہ تي ڪانہ آهي. ڪجهہ آثار پاڻي ۽ ساوڪ يعني(Algie) جا مريخ تي مليا آهن پر اڃا ان جي بہ پڪي خاطري نہ ٿي سگهي آهي. هن شمسي نظام ڪانسواء ٻيا بہ ڪروڙين شمسي نظام آهن انهن ڪي بہ گرهہ هجن پر ڪجهہ بہ چئي نٿو سگهجي ۽ نہ وري في الحال اسان کي پتو پئجي سگهي ٿو.انهن تائين پهچڻ تہ تمام محال آهي. جيڪڏهن ڪنهن بہ ٻئي نظام ۾ ڪابہ ساهواري شئي موجود آهي تہ انهيء جي شڪل شبيهہ يا نمونو ڪهڙو هوندو اهو انهن حالتن تي منحصر آهي جيڪي اتي هونديون. جيئن هتي اسان آڪسيجن سان ساهہ کڻون ٿا ۽ ڪاربان ڊاء آڪسائيڊ ٻاهر ڪيون ٿا هڪ خاص گرمي جو درجو آهي پر ٻين نظامن ۽ گرهن تي خبر ناهي ڪهڙيون حالتون هجن بهرحال ٻئي هنڌ هن زندگي جهڙا آثار ڪٿي بہ ڪونہ ٿا ملن ۽ نہ وري هن زندگي جهڙيون گهرجون ۽ حالتون ڪٿي مليون آهن. تنهن ڪري اهو قطعي چئي سگهجي ٿو تہ اسان جهڙو انساني معاشرو ٻئي هنڌ ڪٿي بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موجود نہ آهي. باقي ٻئي ڪنھن نموني جون ڪي ٻيون شيون يا ڪو ٻيو نظام ڪٿي هجي تہ اهو ڇٺي نٿو سگهجي.

سائنس مطابق زندگي هن ذرتي تي هڪ سيل (Cell) جيوتري جي شڪل ۾ نمودار ٿي ترقي ڪندي ڪندي زندگي اچي انساني شڪل ورتي ۽ اجا تائين قدرتي رازن کي فاش ڪرڻ ۾ ۽ قدرتي قانون ڳولهي لهڻ ۾ جاکوڙين وانگر ٻئي جاکوڙ ڪري. پر سيل (Cell) جيوتڙو ڪيئن پيدا ٿيو ۽ انهي ۾ ساڃهہ(Consciouness) ڪٿان ۽ ڪيئن آئي اها ڳجهارت اجا سوڌو سائنسدانن کانہ ڀڳي آهي. اها جدوجهد ۽ جستجو جاري آهي پر اجا ان ڳالھہ تي ٻينا آهن تہ هڪ خاص گرمي جي درجي تي ڪن خاص حالتن ۾ ڪجھہ ڪيميائي عمل ۽ ردعمل شروع ٿي سگهن ٿا ۽ انهن جي بناوت سيل جي ماليڪيول(Malecule) جهڙي ٿي سگهي ٿي. انهيءَ کان وڌيڪ اجا ڪجھہ نہ سمجهي سگهيا آهن. قارعين جي ڄاڻ لاءِ تمام مختصر خاڪو پيش ڪجي ٿو.

علم ڪيميا(Chemistry) ، بايولاجي(Biology) علم حياتيات ۽ علم حياتياتي ڪيمسٽري(Bio Chemistry) ۽ ماليڪيولر بايولاجي (Moleculor Biology) هي چار علم انهيءَ معلومات جي لاءِ ڏسٽا پوندا تہ زندگي هن ذرتي تي ڪيئن شروع ٿي. جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ هڪ کان وڌيڪ ائٽم گڏجي ماليڪيول ناهين ٿا ماليڪيولس گڏجي وري ايليمينٽس ناهين ٿا .

هي ايليمينٽس يعني عنصر(Elements) هن ذرتي تي ٺوس مادي، گئس ۽ پاڻيان جي شڪلن ۾ موجود آهن ، جيڪي بہ شيون دنيا ۾ موجود آهن اهي يا تہ منفرد يعني ڪنھن بہ هڪ عنصر جون ٺهيل آهن يا مرڪب يعني هڪ کان وڌيڪ عنصرن جون ٺهيل آهن ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان ۾ ڪيترن ئي عنصرن جا مرڪب آهن پر اصل ڳالهه اها ڏسڻي آهي تہ بنيادي جيوتڙو(Cell) ڪيئن پيدا ٿيو.

جڏهن جيوتڙي جي بناوت کي جاچيو ويو ۽ ان جو مطالعو ڪيو ويو تہ اهو ڏٺو ويو تہ هي نهايت پيچيده ڪيميائي مرڪبن جو نهيل آهي. خاص طور پروٽينس ڪجهہ پيچيده ماليڪيول(R.N.A) رائبونيو ڪليڪ ائسڊ ۽ ڊي آڪسيرائبو نيو ڪيلڪ ائسڊ(D.N.A) هن جا اهم جزا آهن انهن ۾ بہ بنيادي حيثيت(D.N.A) ۽(R.N.A) کي آهي جيڪي ٻئي انهيءَ جيوتڙي جا خاص جزا آهن. هاڻ ڏسڻو آهي تہ اهو ڪيئن پيدا ٿيو ۽ ان جيوتڙي يعني ننڍڙي ساهواري جون خاصيتون ڪيئن پيدا ٿيون.

سائنسدانن هن وقت تائين جيڪا کوجنا ڪئي آهي انهيءَ مطابق تہ ڌرتي جي ٿڌي ٿيڻ واري عمل دوران ڪن ڪن جاين تي ڪيميائي عملن ۽ ردعملن جي ڪري مختلف مرحلن مان گذري جن ۾ امينوائسڊس يعني اينزائيمس ۽(R.N.A) ۽ ٻيا ڪجهہ پيچيده ڪيميائي مرڪب شامل هئا. اوچتو(D.N.A) ٺهي پيو ۽ ان مان بہ وري اوچتو سيل(Cell) ۾ جان اچي ويئي ۽ پاڻ جهڙا ٻيا سيل پيدا ڪرڻ لڳو.اهو سڄو عمل ڌرتي جي ٿڌي ٿيڻ دوران ٿي ہي سگهيو ٿي چاڪاڻ تہ ان وقت آبهوا نمبر-1(Atmosphere-1) يعني اها هوا جنهن ۾ هئڊروجن گئس تمام گهڻي موجود هئي ان کان پوءِ وري ٻئي مرحلي ۾ اها هوا ئي ڪانہ رهي ۽ متجي آبهوا نمبر-2(Atmophere-2) ٿي وئي يعني جنهن ۾ هئڊروجن گهٽجي وئي ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ نائيٽروجن وڌيل هيون اهڙي ٻئي نمبر واري آبهوا ۾ اهڙا ڪيميائي عمل ۽ ردعمل ڪونہ ٿيا ٿي سگهن جهڙا پهرين نمبر واري هوا ۾ ٿي ٿي سگهيا.هن وقت اسان جي آبهوا ٽين نمبر مرحلي ۾ آهي جنهن ۾ اسين ۽ ٻيا سڀئي ساهوارا رهون ٿا هن ۾ آڪسيجن ججهي انداز ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي يعني هي آهي آبهوا نمبر-3(Atmophere-3) . هاڻي اهو عمل پوئتي موٽائي نٿو سگهجي.

سائنسدانن جي کوجنا مطابق ته آبهوا نمبر 1 واري مرحلي ۾ آهي ڪيميائي تبديليون جن مان(D.N.A) يعني زنده سيل وارو مرڪب ٺهيو ۽ پوءِ ان مان اوچتو زنده سيل نهي پيو ۽ ان مان وڌيڪ سيل خود به خود پيداواري عمل جي ذريعي (Reproduction and Replication) ذريعي نهندا ويا.

اڄ ڪلهه سائنسدان انهيءَ ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن ته اهڙيون حالتون پيدا ڪري(D.N.A) ۽ زنده سيل ناهين پر اڃا تائين ڪامياب ڪونه ٿي سگهيا آهن. آمريڪي سائنسدان سڊني والٽرفاڪس ڪنهن حد تائين(D.N.A) واري مرڪب ٺاهڻ ۾ ته ڪامياب ويو آهي پر ان ۾ سيل جون باقي خاصيتون پيدا ڪونه ٿيون ٿين. سائنسدانن جي ڪوشش ۾ ڪيتري قدر ڪاميابي ٿي ٿئي اهو ته آئيندو ئي ٻڌائي سگهندو. جهڙي طرح سان مادي ڪائنات جي ڪٿا ۽ سٽا ۽ ان جي پيدائش لاءِ جيڪي نظريا ڏنا ويا آهن اهي انساني مونجهارن کي حل ڪونه ڪري سگهيا آهن, اهڙي طرح حياتي لاءِ به سائنس ڪجهه نه چئي سگهي آهي.

ڪائنات جي شروعات لاءِ به نظريا ڏنا ويا آهن, هڪ وڏي ڌماڪي وارو نظريو(Big Bang theory) ۽ ٻيو هڪجهڙائي واري ڪائنات(Steady state theory) وارو نظريو.

پر اهي ٻئي نظريا ڪائنات جي تخليق جي باري ۾ صحيح ۽ گهڻن سوالن جا جواب ڪونه ڏئي سگهن. هيڏو وڏو مادو ڪٿان ۽ ڪيئن پيدا ٿيو. حل طلب سوال آهي. اهڙي طرح سان مٿي ٻڌايو ويو آهي ته زندگي بابت به سائنسدان ڪنهن به مڪمل نتيجي تي اڃا تائين ڪونه پهتا آهن ۽ اڳتي هلي ممڪن آهي ته ٻيا نظريا اچن جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان جي سوالن جا جواب ڏئي سگهن. بهرحال جيڪڏهن سائنسدان تمام وڏي گهٽي ۽ مشڪل جاکوڙ جي باوجود صحيح ڳالهه کي نه پهچي سگهيا آهن ته پوئين صدين جا انسان جن کي نه ته اهڙا اوزار هئا ۽ نه ڪي اهڙا وسيلا نه وري سائنس ۽ رياضي يا حسابيات کا ايڏي ترقي يافته هئي تنهن ڪري اهي انهيءَ معمي کي ڪيئن ٿي حل ڪري سگهيا؟ صرف سوچ ۽ ويچار بنا اوزارن ۽ سائنسي فارمولن ۽ حسابيات کانسواءِ ان مشڪل ڳنڍي کي سلجهائڻ لاءِ ڪافي نظر ڪونه ٿا اچن. تنهن ڪري پراڻا سڀ نظريا يا ته ڪل جهڙا آهن جن جو نه ڪو آهي سر نه پير ۽ نه وري اهي ڪي سڌي طرح سان سمجهه ۾ اچڻ جهڙا آهن. ڪن چيو ته زندگي اوچتو پيدا ٿي پئي آهي ۽ ڪن چيو ته اسان جهڙي هڪ مرد ۽ عورت مان پيدا ٿي آهي پر اهي مرد ۽ عورت ڪٿان آيا ان جو ڪو معقول جواب ۽ جواز ڪونه ٿا ڏيئي سگهن. ڪن چيو ته ٻين گرهن تان حياتي وارا سيل ڪنهن طرح سان ڌرتي تي پهتا پر ان جو به ڪو سائنسي دليل ڪونهي بلڪ سائنسي طرح سان ته اهو ممڪن نه آهي ڇاڪاڻ ته مٿي خلا ۾ الٽراوايوليٽ الٽراريڊ ۽ ٻيا تابڪاري شعاع انهن کي تباهه ڪري ڇڏيندا. ڪن وري ڪائنات ۽ زندگي کي گهڻن ديوتائن ۽ ديوين جي پيدائش سمجهيو پر هاڻي ته اها بلڪل ڪل جهڙي ڳالهه ٿي لڳي ته ڪهڙا ديوتا ۽ ديوتائون هيون ۽ انهن جا اهڙي مشڪل مسئلي کي سمجهڻ لاءِ ڪهڙا طريقا ۽ اوزار هئا. جيڪڏهن هڪ الله کانسواءِ ٻيا الله هجن ها ته هي ڪارخانو هلي ڪونه سگهي ها.

لوکان الاهين الا الله الفسدتا.

انسان کي هن وقت تائين عام طرح سان هروڀرو وڏين ڳالهين ۽ فلسفن ۾ وجهي گمراهه ڪيو ويو آهي.حرفتي ماڻهن سوچيو ته عام ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ ۾ سندن فائدو آهي ۽ اهي ڪين اهڙن ٻين ڪيترن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بهانن سان ڦريندا رهيا آهن. فلسفين به فلسفن کي ڏکيو ڪري پيش ڪيو

حالانڪ زندگي جو فلسفو هڪ ته آسان هئڻ کپي جيئن سڀ ماڻهو ان

کي سمجهي سگهن ٻيو ته فلسفو اهڙو هجي جنهن تي عمل ڪري

سگهجي تيون ته فلسفي تي جيڪڏهن عمل ڪجي ته نتيجو حاصل ٿيڻ

کپي. جنهن فلسفي ۾ اهي ٽي وصفون هونديون ته اهو ئي فلسفو انسان

لاءِ سٺو ٿي سگهي ٿو ورنه قاضي قاضن جي شعر وانگر:

ڪنز قدوري قافيا پڙهي پروڙين سڀ،

ته جڻ انڌي ماڪوڙي کوهه ۾ ڪجهي پيئي اب.

انسان کي گمراهي کان بچڻ لاءِ ڇهن سوالن کي پنهنجو هٿيار

ڪرڻ کپي انسان جڏهن اهي ڇهه سوال پڇندو رهندو ته هو گهٽ ڪري

حرفتن جو شڪار ڪونه ٿي سگهندو. پهريون ڪنهن ڪيو يا ڪير

ڪري ٿو سگهي؟ ٻيو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ ٽيون ڇو؟ چوٿون ڇا لاءِ

يا ڇاجي ڪري؟ پنجون ڪٿي؟ ڇهون ڪڏهن؟ انهن ڇهن سوالن جي

پڇڻ سان گهڻا جواب سامهون ايندا ، جيڪڏهن اهڙي قسم جا سوال

نه پڇندو ته پوءِ رستو ڀلجي فريب جو شڪار ٿي سگهي ٿو. ڪنهن به

ڳالهه کي صحيح طرح سان سمجهڻ لاءِ پهريون ته ان جون يا ان متعلق

سڀ حقائق سامهون اچن ٻيو ته انهن جي سلسليوار ترتيب به سامهون

رکجي ، واقعو ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت ٿيو ، چوٿون ته ان واقعي متعلق

ڪهڙيون ڳالهيون غلط ٿي سگهن ٿيون ، پنجون ڪهڙيون ڳالهيون اهم

۽ ڪهڙيون غير اهم آهن . جڏهن ان قسم جي تفتيش ڪبي تڏهن ئي

صحيح ڳالهيون سامهون اينديون. صحيح طرح سان واقعن ۽ ڳالهين

جي جيڪڏهن جاچ نه ڪبي ته تمام وڏا نقصان به ٿي سگهن ٿا ۽ ڪن

حالتن ۾ به حڪومتون قومون ۽ تهذيبون به تباهه ٿي سگهن ٿيون. هن

وقت سنڌ جي سيني ماڻهن جي ڪجهه اهڙي حالت آهي جيڪڏهن

سوچ ويچار ڪرڻ ۽ سڌرڻ جي ڪوشش نه ڪئي وئي ته تمام وڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تباهي تي ويندي.هن وقت سائنس جو دور ۽ سائنس جي تعليم جي تمام گهڻي اهميت آهي پر اسان جي ملڪ ۾ ۽ خاص طور تي سنڌ ۾ سائنس جي تعليم ڏانهن توجهه بلڪل گهٽ آهي.اسان جي ڪاليجن جا شاگرد به ڳالهيون چڱي طرح سان ڪونه ٿا سمجهي سگهن ڇاڪاڻ ته تعليم جو معيار تباهه ڪيو ويو آهي.سائنس انگريزي ۾آهي ۽ اسان وٽ انگريزي جو معيار وري باقي تعليم جي مقابلي ۾ تمام گهٽ آهي.جيڪڏهن سنڌي هاڻي انگريزي تي توجهه نه ڏيندا ته تمام گهڻو نقصان ٿي ويندو . اسان کي هاڻي انگريزي ۾ تمام هوشيار ۽ ماهر ٿيڻو پوندو ته جيئن نوان نوان علم ۽ نظريه جيڪي مغرب ۾ اچن ٿا انهن کي سمجهي سگهون. انسان جي نفسيات تي جيڪو ڪم هن وقت مغرب ۾ ٿي رهيو آهي اوترو ڪٿي به ڪونه ٿو ٿئي. اسان جو نوجوان انهيءَ علم مان صرف ان ڪري فائدو حاصل نٿو ڪري سگهي ڇاڪاڻ ته انگريزي ۾ بلڪل ڪمزور آهي. ان ڪري هاڻي مطالعي تي خاص طرح سان توجهه ڏيڻ گهرجي ۽ سوچي سمجهي نون لاڙن کي پروڙڻ گهرجي. ڪوبه علم يا فلسفو ڏکيو ڪونه ٿيندو آهي. پر ڏکيا لفظ ٿيندا آهن اهي سنئين . ڊڪشنرين ذريعي چڱي طرح سان سمجهڻ جي عادت پيدا ڪبي ته ڪو علم ۽ نه وري ڪو فلسفو ڏکيو لڳندو. اهڙي طرح سان پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي ڪري اسان جا نوجوان هوشيار ٿيندا ۽ پوءِ اهي ئي اڳتي هلي هن ڪائنات جون ڏکيون ڳُٿيون سمجهي سمجهائي ۽ سلجهائي سگهندا. اهڙي طرح سان اسان سنڌ جي خدمت ڪري سگهون ٿا ۽ سنڌ جو نالو دنيا جي ملڪن ۾ روشن ڪري سگهون ٿا. تنهنڪري "سنڌ وڏايو سنڌ بچايو" اسان جو نعرو آهي.

هاڻي اسان وري پنهنجي موضوع تي اچون ٿا ته هن ڪائنات جي جوڙ جڪ ۽ زندگي کي انسان ڪيتري قدر سمجهي سگهي ٿو. مٿي بيان ڪيل حقيقتن مان اسان اهو ڏسي آيا آهيون ته سائنس نه ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگيءَ جي پيدائش لاءِ ۽ نہ وري وجود لاءِ ڪجهہ چئي سگهي آهي.
جيڪڏهن اسان اهو في الحال مڃون تہ انسان ۽ ٻيون ساهہ واريون
شيون اتفاقن سبل مان ارتقا ڪري پيدا ٿيون آهن تہ پوءِ بہ ان ڪان
اڳ هيڏي وڏي ڪائنات متعلق وري بہ سوچڻو پوندو. ڄاڻايو تہ هن
ڌرتي جي گولي تي زندگي جي شروعات ٿي اندازن ٽي ارب سال ٿيا آهن
۽ ڌرتي کي سج کان جدا ٿئي اندازن پنج ارب سال ٿيا آهن. اسان جي
شمسي نظام جي عمر جو ڪاٿو اندازن اٺ ارب سال لڳايو ويو آهي
۽ جيڪو سج جي موجوده رفتار سان روشني ڏيندي اچا ٻيا گهٽ ۾
گهٽ پنج ارب سال هلي سگهندو. هن سڄي ماندڻ کي وري زبردست
ڌماڪي واري نظرئي (Big Bang Theory) مطابق اندازن ويهہ ارب سال
ٿيا آهن. پر اهو ڌماڪي جو هڪ گوڙهي مادي جي خلائي گولي
(Cosmic egg) مان ٿيو ۽ بس! پر ڪاسمڪ ايگ واري مادي وارو
نظريو ڪنهن، ڪيئن، ڇو، ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڇا لاءِ وارن سوالن جا
جواب ڏيڻ کان اڃا قاصر آهي.

تخليق آهي راز جنهنجو ڪونہ ٿيو آ ڪٿ،
انسان ڪئي وڏي ڪوشش پر ڳٿيون سلجهيون ڪينڪي

انهيءَ سڄي بحث سائنسدانن کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو
آهي، هڪڙا اهي جيڪي چون ٿا تہ اهو مادو ازلي آهي ۽ ابدي
رهندو. انهن کي مادہ پرست يعني(Materialist) چيو ويو آهي انهيءَ
گروهہ جنهن اهو سمجهيو تہ مادي کي ڪنهن طاقت ضرور وجود ڏنو
هوندو ۽ هن سڄي ڪائنات جي جوڙ جڪ بہ انهيءَ طاقت جو ڪرشمو
آهي. انهيءَ گروهہ جي سائنسدانن کي (Idealist) يعني "خيالي"
ڪري چيو ويو يعني جن چيو تہ مادي کان اڳ ۾ "سوچ" هئي. هاڻي
جي اعتراض مادي جي لاءِ ڪيا ٿي ويا تہ اهي ساڳيا اعتراض هن
"سوچ" واري طاقت لاءِ بہ ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪري هي مسئلو تہ اڃا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساڳي جاءِ تي بيٺو تہ " انڊو اول آهي يا چوزو اول آهي" اها ڳجھارت سائنس اڃا نہ ڀڃي آهي ۽ شايد نہ ڀڃي سگھي. جاڪان تہ حياتي جو زمين تي پيدا ٿيڻ تہ شايد سمجھہ ۾ اچي وڃي. جاڪان تہ سائنس ۾ ٻيا بہ ڪيترائي اتفاق آهن جن جي ڪا توضيح اڃا تائين ممڪن نہ ٿي سگھي آهي. مثلن ڪيترائي اليڪٽران گردش ڪندي اوچتو ئي پنهنجو دائرو مٽائيندا آهن پر ڇو ۽ ڇا لاءِ جو ڪوبہ سبب اڃا سوڌو ڪونہ لڌو ويو آهي. بهرحال هن سڄي منظر ڪائنات کي صرف اتفاق چئجي اها ڳالهہ بہ ذرا سمجھہ ۾ ڪانہ ٿي اچي. آئنسٽائين واري نسبتي نظريي (Theory of relativity) بہ ڪائناتي رازن کي سمجھڻ ۾ پوري طرح سان ڪامياب نہ ٿي سگھيو آهي جيتوڻيڪ هن نظريي مادي (Matter)، شڪتي (Energy) ۽ وقت (Time) ۽ خلا (Space) لاءِ ڪجھہ لاڳاپي وارا مساوات (Related equations) ڏنا آهن پر ڪائنات متعلق معلومات اڃا اڻپوري آهي. اهم مساوات جيڪا هن نظريي ڏني اها آهي.

E=M V 2

شڪتي: = E= energy

مادو: M = Matter

روشني جي رفتار: V = velocety of light

هن مساوات ذريعي مادو طاقت ۾ ۽ طاقت مادي ۾ تبديل ٿي سگھي ٿي ايٽم بم ڏٺڻ جوهي ٿي بنياد آهي.

آخر ۾ اسين اچي اتي پهتاسين تہ هن ڪائنات ۽ زندگي لاءِ مختلف نظريا آهن جن ۾ مذهبي نظريا ۽ سائنسي نظريا في الوقت ٻنهي ۾ صحيح ۽ گھڻن سوالن جا جواب ڪونهن. پوين زمانن جي ماڻهن گھڻائي اهڙا منجهائيندڙ سوال اٿاريا جيئن تہ ڇا خدا اهڙو وڏو پٿر ٺاهي سگھي ٿو جنهن کي پاڻ نہ کڻي سگھي؟ ڇا خدا پاڻ جھڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيو خدا ٿاهي سگهي ٿو؟ اهي اهڙا سوال آهن جيڪي ها يا نه جي جواب جي صورت ۾ منجهائيندڙ آهن پر اصل حقيقت اها آهي ته سائنس ۾ جڏهن ڪن نظرين کي مڃيو ويندو آهي ته پوءِ انهن جون ڪجهه بنيادي حقيقتون، مفروضي يا مڃيل حقيقتن يا صاف "ظاهر سچن" (Axioms) جي طور تي مڃيون پونديون آهن. اها ڳالهه سڀني نظرين سان لاڳو آهي يعني هر هڪ نظريي جون ڪجهه پيشگي حقيقتون ۽ شرط مڃڻا پوندا آهن. تنهن ڪري فلسفي جي بحثن ۾ اهڙن سوالن جي گنجائش ئي نه هوندي آهي. اهي سوال صرف نظرين جي اصليت کي نه سمجهڻ جي صورت ۾ ڪيا ويندا آهن. بهرحال آخر ۾ اچي اهو چئي سگهجي ٿو ته هن وقت تائين ۽ اڳتي لاءِ به پڪي طرح سان چئي سگهجي ٿو ته سواءِ هڪ طاقت جي ٻيو ڪوبه نظريو سڀني سوالن جا جواب نه ڏئي سگهندو پر انهيءَ هڪ طاقت کي تمام گهٽيون غلط وصفون ڏئي اهڙي طرح سان پيش ڪيو ويو آهي جڻ ته اهو صرف وڏن ماڻهن جي بچاءَ جو ذريعو آهي ۽ هي سڄي ڪائنات جڻ ته مفاد پرستن، بدمعاشن ۽ ڏوهي انسانن جي ڪارڻ يا گهٽ ۾ گهٽ هي ڌرتي ۽ زندگي انهن لاءِ پيدا ڪئي ويئي آهي. اهو ضروري آهي ته انهن نظرين کي عام انسانن جي ڀلي خاطر صاف ڪيو وڃي ۽ هاڻي اهي پنهنجي اصلي صورت ۾ جنهن ۾ خدا سڀني انسانن جو هڪ جهڙو نظر اچي پيش ڪيو وڃي. سڀني مذهبن جنهن خدا لاءِ چيو اهو اهڙو ئي خدا ٿي سگهي ٿو جنهن تي سڀني انسانن جو هڪ جهڙو حق هجي ۽ پوءِ زندگي ۽ موت کي به انهيءَ نظريي سان ڀڄايو ۽ سمجهايو ويندو. مذهبن جي باني ڪانپوءِ مذهبن کي ڪيترن ئي سببن جي ڪري مفاد پرست ماڻهن پنهنجي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪيو ۽ جيڪو انسان ذات جي ڀلائيءَ وارو پروگرام هئو انهيءَ کي مفاد پرست انسان هڪ ٻئي جي خلاف استعمال ڪري ڪيترائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ڪيس" ڪرايا ۽ انسان کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏيو. تنهن ڪري انهن نظرين کي ان جي بانين جي اصل شفاف ۽ صاف صورت ۾ مڃڻ ۽ سمجهڻ لاءِ جيتري به ڪوشش ڪجي ته اها گهٽ آهي. ان هڪ طاقت کي جنهن کي ڪنهن به مذهب ۽ بولي وارا ڪهڙو به نالو ڏئي سگهن ٿا صرف ان جو جوهر ۽ مفهوم هن ڪائنات جي جوڙ جڪ ڪرڻ ۽ ان کي پنهنجي حڪمت سان ۽ قدرت سان قاعدن ۽ قانون مطابق هلائڻ واري هستي سمجهيو وڃي. ان جي سمجهڻ ۾ عام انسان کي ڪابه تڪليف يا مونجهارو ڪونه ٿيندو جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي:

" جيڏانهن ڪريان نگاهه ، تيڏانهن سڄڻ سامهون ".

مولانا رومي حضرت موسيٰ ۽ هڪ ماڻهوءَ وارو قصو سٺي نموني سان بيان ڪيو آهي ته هڪ ماڻهو ويچارو يا ڪريم يا ڪريم ڪري الله تعاليٰ کي پڪاري رهيو هو پر حضرت موسيٰ جهڻڪيس ته تون غلط ٿو چوين يا ڪريم چئو. هن ويچاري کي احساس ٿيو ته مان ڪا وڏي غلطي ڪئي آهي ۽ چپ رهيو. پر حضرت موسيٰ کي ءِ الله جل شانهٗ چيو ته "اي موسيٰ تون اسان جي بندن کي اسان کان جدا ڪرڻ لاءِ نه موڪليو ويو آهين. ڇاڪاڻ ته اهو شخص مونکي ياد ته ڪري پيو." بهرحال ان هستيءَ کي سڀني انسان لاءِ سمجهيو وڃي. ان وٽ عزت جي لائق جيڪڏهن ڪو ٿي سگهي ٿو ته اهو جيڪو چڱا ڪم ڪري.

(ان اڪرمڪم عندالله اتقاڪم)

الله تعاليٰ رب العالمين آهي سڀني انسان ۽ جاندارن کي سنياليندڙ آهي تنهن ڪري انهيءَ کان اها توقع نٿي ڪري سگهجي ته ڪن کي گهٽ ٿو ڏئي ۽ ڪن کي وڌيڪ يا ڪن جو نصيب سٺو ٿو ڪري ۽ ڪن جو خراب يا ڪن جي قسمت سٺي ٿو ڪري ۽ ڪن جي خراب پر هن وسيلا ۽ ذريعا ڏئي ڇڏيا آهن ۽ هاڻي ماڻهن جي مرضي ۽ طريقي تي ڇڏيل آهي. ڪجهه حرفتي ماڻهن وسيلن ۽ ذريعن تي قبضا ڪيا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن قبضن کي مستقل ڪرڻ لاءِ حرفتون ۽ مڪاريون ۽ مذهبن جون تشريحون ڪري ماڻهن کي منجهائي غريب رهڻ تي صبر سيکاريو ويو آهي. هن ڳالهه کي ڪجهه ماڻهن چڱي طرح سان سمجهيو ۽ هڪ سنو لطيفو ٺاهيو تي هڪ دفعي هڪ غريب ماڻهو جنهن جو نالو سجايو فقير هو پنهنجي ڳوٺ جي امير ماڻهوءَ وٽ ويو ۽ عرض ڪيائين تہ سائين آءُ تو وٽ ڪڏهن بہ ڪونہ آيو آهيان پر اڄ هڪ سوال ڪندس پر مهرباني ڪري مڃجائين. امير ورندي ڏنس تہ فقير تون تمام گهڻ سوال ڪندو آهين تنهن ڪري تنهنجو هن دفعي سوال مڃبو. فقير سوال ڪيس تہ سائين اڄ تہ الاهن تي سودا ڪيون يعني تون پنهنجو الله مون کي ڏي ۽ منهنجو الله تون وٺ ڇاڪاڻ تہ تنهنجي الله توکي سڀ ڪجهه ڏنو آهي ۽ منهنجي الله جو چاڙهو ڪونهي مون کي ڪجهه ڪونہ ٿو ڏئي. امير ورندي ڏنس تہ ڪفر ٿو بڪين الله تعاليٰ تہ هڪ آهي سڀني کي اهو ئي رزق ٿو ڏئي. فقير چيس تہ سائين پوءِ هي وچ ۾ بدمعاشي ڪنهن جي آهي جو سڀ ڪجهه توڏانهن هليو ٿو اچي ۽ مون وٽ رڳي سڄ آهي. سو وچ ۾ بدمعاشي ٻين جي آهي . غلط نظام جي آهي ۽ ان نظام کي هلائڻ وارن جي آهي جيڪڏهن نظام سنو ٿئي جيئن گهڻن يورپ جي ملڪن جو آهي يا جپان، آمريڪا ۽ آسٽريليا جو آهي، يا جيئن چين نظام کي درست ڪري رهيو آهي، تہ پوءِ سڀ ماڻهو خوشحال ٿيندا ۽ ڪنهن بہ انسان کي بنيادي حقن ۽ سهولتن کان محرومي ڪانہ ٿيندي.

اسان جي ملڪ جي بالادست طبقي جن جي هٿ حڪومتون رهيون آهن جيڪو ميرن، پيرن، شاهن، مخدومن، وڏيرن، زميندارن، چوڌرين، ملڪن، سردارن ۽ خانن تي مشتمل آهي انهيءَ جي همدردي عوام سان ڪونہ آهي بلڪ پنهنجي عيشن عياشين ۽ عيش پرستين سان آهي. پنهنجي ستن پيڙهين لاءِ ملڪيت جمع ڪرڻ سندن وڏو مقصد آهي تنهن ڪري هو هر قسم جا حربا ڪتب آڻين ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هنن جا وڏا حربا ڪوڙ، رشوت ۽ سفارش آهن ۽ سندن ڪجهه ڪڏا ڪرتوت زنا، نشي بازي، شڪار ۽ جوا آهي. هي پنهنجي عيش پرستين کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهن تنهن ڪري عوام کي هر طرح سان جاهل ۽ بي اختيار ڪري پنهنجا مزا ماڻيندا رهن ٿا. انهن سببن جي ڪري نظام کي سڌارڻ نٿا چاهين نه ته جيڪڏهن هتان جي عوام کي سائنسي، فني، هنري ۽ اخلاقي تعليم ڏجي ها ته هي ملڪ به جپان وانگر ترقي ڪري ها. عوام کي جاهل صرف انهيءَ ڪري ڇاڻي ٻجهي رکيو اٿن ته جيڪڏهن عوام سجاڳ ۽ سجاڻ ٿيندو ته سندن حرڪتن، چالاڪين ۽ مڪارين کي سمجهي ويندو ۽ سندن عيش پرستين تي اگر ڪٽندو. هاڻي عوام کي ڪجهه ميڊيا سجاڳ ڪيو آهي باقي ڪم عوام دوستن ۽ عوام جي گهٽگهرن کي ڪرڻو آهي. اديب، دانشور، شاعر ۽ سيني پڙهيل سجاڳ ماڻهن جو ڪم آهي ته ڀهراڙين ۽ شهرن ۾ بلڪ هر محلي وستي ۽ واهڻ ۾ وڃي عوام کي صحيح ڳالهيون سمجهائين ته توهان جي بدحالي جو ڪارڻ قسمت ۽ نصيب ڪونه آهن پر بالادست مفادپرست طبقي جون بدمعاشيون آهن جنهن جي ڪري هو نظام کي نه سڌارين ٿا ۽ نه وري سڌرڻ ڏين ٿا.

هاڻي سڄي دنيا جي سطح تي ۽ سيني انسانن کي سامهون رکندي جيڪڏهن اهڙيون ڪوششون ڪيون وڃن ته جيڪي مونجهارا ۽ تفرقا مصنوعي طريقن سان وڌا ويا آهن اهي ختم ڪيا وڃن ۽ انسانن جي وچان جنگ، جدل ۽ جهيڙو فساد جيترو به ٿي سگهي گهٽايو وڃي، تعليم عام ڪئي وڃي ۽ فني، هنري، سائنسي، اخلاقي تعليم ته گهڻو توجهه ڏنو وڃي، اعليٰ تعليم جا موقعا سيني اتساهه رکندڙن کي مهيا ڪري ڏنا وڃن ته جيئن ملڪ جلد ترقي ڪري سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انفرادي، قومي ۽ بين الاقوامي جهڳڙن کي صرف ۽ صرف ڳالهين جي بنياد تي حل ڪرڻ لاءِ نوس لائحہ عمل تيار ڪيو وڃي. ڪٿي ۽ ڪنهن بہ بهاني انسان جو رت وهائڻ نهايت غلط سمجهيو وڃي. شخصي احترام ۽ سماجي انصاف سڀني جو حق سمجهيو وڃي. ڪنهن بہ طرح سان ڪنهن بہ انسان تي ڪنهن بہ قسم جي تشدد کي ناجائز سمجهيو وڃي. سڀني انسانن کي تعليم ۽ ترقي جا هڪ جهڙا موقعا فراهم ڪري ڏنا وڃن ۽ انهن سڀني ۽ بين بنيادي انساني حقن تي ڌاڙن هڻڻ لاءِ ان هڪ طاقت يا هستيءَ کي استعمال نہ ڪيو وڃي. سڄي دنيا جا دانشور ۽ ڏاها جيڪڏهن سوچ ويچار ڪري اهڙي قسم جون ڪوششون ڪندا تہ شايد پوءِ ئي انسان هن ڌرتي تي سک جو ساهہ کڻي سگهندو. آخر ۾ هي شعر سوچڻ لاءِ:-

هت هزارين حاذق دعوي ڪئي ڪيڏي اچي،
پوءِ بہ ڏس انسان ويچارو برباد ويران آ اچا.

_ ابن حيات پنهور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪائنات ۽ زندگيءَ جي اصليت ۽ ماهيت متعلق مختلف مذهبن جا رايا ۽ تجزيه

ڪائنات ۽ زندگي بابت سائنسي پس منظر ۽ انهيءَ ٿي موضوع تي مختلف مذهبن جا رايا ۽ عوام جي معلومات جي لاءِ پيش ڪيا ٿا وڃن. انهن راين مان هڪ ته هر هڪ مذهب جي راءِ سامهون ايندي ۽ ٻيو ته اهو به ڏسي سگهبو ته مختلف راين ۾ فرق ڪهڙو آهي ۽ اهڙي طرح سان صحيح ۽ غلط جو اندازو به ڪري سگهبو. وري انهن سڀني راين جي ڀيٽ سائنسي نظرين سان به ڪري ڏسبي ته اهي سائنسي حقيقتن ڪان ڪيترو پري ۽ ويجهو آهن. جڏهن سائنس ۽ مذهبن جا رايا آمهون سامهون ايندا ته پوءِ ئي چٽي سگهبو ته مذهب ۽ سائنس ۾ ڪيتري مطابقت آهي يا مذهب وارن رڳو ڏڪا هٽي هن وقت تائين عوام جي تمام وڏي حصي کي گمراهه ڪري رکيو آهي. عوام کي گمراهه ڪري رکڻ مان هڪ وڏو فائدو جيڪو سڀني مذهبن جي " چڱن مڙسن" يعني پادرين، پوپن، پوپن، پاون ، ساڌن، سنتن ، ملن، مولوين ، مخدومن ، شاهن ۽ پيرن ورتو آهي، عوام جو معاشي ، سماجي، سياسي ۽ اخلاقي استحصال ڪيو. جاڪان ته ڪائنات ۽ زندگي عوام کي چڱي طرح سمجهه ۾ نه ٿي آئي تنهن ڪري انهيءَ جي ذريعي عوام جو گهڻو استحصال ڪيو ويو. انهن کي چيو ويو ته هي تمام ڳجها ۽ مخفي راز آهن جيڪي صرف سندن طبقو ڄاڻي ٿو تنهن ڪري گهڻن معاملن ۾ انهيءَ طبقي ڏانهن رجوع ڪيو وڃي، اهڙي طرح سان عام انسانن کي پاڻ ڏانهن راغب ڪري پوءِ ويچارن جو صدين بلڪ هزارها سالن کان استحصال ڪندا پيا اچن ۽ گهڻن معاشرن ۾ اهو استحصال اڃا به جاري آهي. انهيءَ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راقم پهريان ئي ڪائنات ۽ زندگي جي حقيقت متعلق هن وقت تائين تيل سائنسي کوجنائن جي مطابق روشني وجهندو ۽ مختصر پس منظر قارئين جي سامهون پيش ڪيو ويندو. ان سان گڏ ڪائنات ۽ زندگي متعلق سيني مذهبن جا رايا پيش ڪيا فيصلو ڪرڻ قارئين جو پنهنجو حق هوندو. قارئين جي سهولت خاطر ڪائنات ۽ زندگي متعلق سائنسي نظرين جو تمام مختصر خاڪو هيٺ پيش ڪيو ٿو وڃي.

هن ڌرتي تي رهندي انسان کي لکين سال ۽ زندگيءَ کي اربين سال گذري چڪا آهن.اهو سڄو عرصو انسان جي هن موجوده صورت ۽ شڪل جي تاريخ ۾ چئي سگهجي ٿو.هن شڪل ۽ صورت ۾ انسان ڪيئن پهتو انهيءَ تي علم حياتيات ۾ ڪافي تحقيق ٿي چڪي آهي ۽ علمي ۽ سائنسي راءِ اها آهي ته انسان هن موجوده شڪل ۾ پهچڻ کان اڳ ۾ گهٽيون ئي ارتقائي منزلون طئي ڪيون آهن. زندگي جي ڪارگذاري هن زمين تي هڪ جيوتڙي(Cell) جي شڪل ۾ 310 ڪروڙ سال کن اڳ ۾ ظاهر ٿي. هي جيوتڙو باريڪ ذرو آهي جنهن ۾ جان(Cosciosness) آهي. هن ذري ۾ جان ڪيئن ۽ ڪٿان آئي انهيءَ لاءِ سائنسدان يقيني طرح سان ڪجهه به چئي نه سگهيا آهن. هي جان يا ساهه ئي آهي جنهن کي روح يا اسپرٽ(Spirit) يا ضروري طاقت(Elan vital) يا(Life force) حياتياتي طاقت جي مختلف نالن ذريعي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.ڪن سائنسدانن جو چوڻ آهي ته هن ڌرتي تي سنڌس سج کان جدا ٿيڻ بعد ٿڌي ٿيڻ دوران ڪجهه ڪيميائي عملن ۽ ردعملن جي ڪري اوچتو مادي جي هڪ ذري ۾ "چرپر" پيدا ٿي. هن ڌرتي جي وجود ۾ اچڻ کي تقريبن 450 ڪروڙ سال ٿيا آهن ۽ هن جي مٿان حياتي جي پڌرائي کي اندازن 310 ڪروڙ سال گذري چڪا آهن.هاڻي اهو معلوم ڪرڻ ته ايترو عرصو اڳ حياتي ڪيئن پڌرائي ۾ آئي تمام مشڪل مسئلو آهي. پر بهرحال راز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي سمجهڻ ڪانسواءِ اسان جي ہين ڪيترن مسئلن جو حل ڪرڻ تمام مشڪل آهي تنهن ڪري سائنسدانن انهيءَ تحقيق لاءِ تمام گهڻا تجربا ڪيا آهن. انهن تجربن جي بنياد تي صرف ايترو ئي چئي سگهيا آهن ته ڪجهه ڪيميائي مادن جن ۾ امينو تيزاب(Ameno Acid) يا ڪجهه ہيا پيچيده ڪيميائي مادا جيئن (Neuclic Acid) نيوڪلڪ ائسڊ ۽ رائوبونيو ڪلڪ ائسڊ (Riboneucclic Acid) ۽ ڪجهه نيو ڪليٽائيڊس(Neucletiedes) ۽ پولي نيوڪليٽائيڊس(Poly - Neucletiedes) جي عملن ۽ ردعملن جي ڪري جيڪي هڪ خاص عرصي دوران ممڪن هئا تي سگهي ٿو ته حياتي وجود ۾ آئي هجي. پر پڪ سان چئي نٿا سگهن چاڪاڻ ته اهڙن ڪيميائي عملن جو امڪان تمام گهٽ هوندو آهي. تيهه لک واقعن مان ڪنهن ہه هڪ ذريعي اهو امڪان ٿي سگهي ٿو.هن وقت تائين حياتي جا هتي هن زمين تي موجود آهي سا ہئي ڪنهن ہه هنڌ ثبوت سان ڪانه ملي سگهي آهي تنهن ڪري اهو چئي نٿو سگهجي ته ہئي ڪنهن هنڌ حياتي آهي يا نه ۽ جيڪڏهن آهي ته ڪهڙين خاصيتن ۽ خصوصيتن سان موجود آهي. في الوقت جيڪو مطالعو ڪري سگهجي ٿو سو صرف حياتي جو هن زمين تي پڌرائي ۽ ارتقا جي نسبت سان ڪري سگهجي ٿو. اهو اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون ته حياتي ڪجهه ڪيميائي عملن ۽ ردعملن جي ڪري شايد اوچتو وجود ۾ آئي هجي. سائنسدانن صرف اها ئي هڪ امڪاني صورت مڃي آهي. انهيءَ ڪانسواءِ ہيو ڪوبه اهڃاڻ زندگي جي ظاهر ٿيڻ بابت سائنسدانن کي نه ملي سگهيو آهي. حياتيءَ جي پڌرائي هن زمين تي هڪ جيو گهرڙو سان شروع ٿي پوءِ مختلف ارتقائي منزلن مان ڪيترين جوڙ جڪن جي ڍهڻ نهڻ ۽ خصوصيتن جي بدلجڻ ۽ تبديلين جي ڪري ترقي ڪندي ڪندي اچي موجوده انساني صورت کي پهتي. حياتي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڄي جاکوڙ مان ظاهر آهي ته اها زندهه رهڻ چاهي ٿي ۽ هن زمين تي ڪيترين ئي ڏکين حالتن، مصيبتن، ڏاڪڙن، ڏولائن، زلزلن، بارشن، طوفانن، ڏڪارن، جهيڙن ۽ جنگين جي مرحلن مان گذرندي ۽ ترقي ڪندي هن انسان جي صورت ۾ پهتي آهي.

بهرحال اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته حياتي(Life) يا حياتياتي طاقت(Life force) ايلان وائيٽل يا روح(Spirit) جو اهو اصول سندس زندهه رهڻ يعني(Survival) آهي. حياتي زندهه رهڻ چاهي ٿي ۽ اها ئي سندس نشاني آهي. حياتي جي سڄي جاکوڙ، جدوجهد يا ڪشمڪش زندهه رهڻ لاءِ هئي ۽ آهي. انهيءَ سڄي تجربي مان حياتي چڱي طرح سان زندهه رهڻ جا اصول واضع ڪيا آهن ۽ انهن ئي اصولن جي بنياد تي مادي ڪي ترقي وٺرائيندي هن انسان واري تمام پيچيده آٽوميٽڪ مشين(Complex Automatic Machine) جي شڪل ڪي پهتي آهي.

هن مشين جي ذريعي هاڻي وري زندگي وڌيڪ تجربا ڪري مادي ڪي پنهنجي گرفت ۾ آڻي نيون ڪاميابيون حاصل ڪندي رهي ٿي ۽ ڪندي رهندي. سائنسدانن جي تحقيق ۽ کوجنا جاري آهي اڳتي هلي ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ مسئلي تي وڌيڪ روشني وجهي سگهن.

هي مٿي ته صرف هن ڌرتي تي حياتي جي ظاهر ٿيڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي پر هي اسان جي ڌرتي اسان جي نظام شمسي جو هڪ ننڍڙو سيارو آهي. هن نظام شمسي ۾ ٻيا به سيارا موجود آهن. هي نظام شمسي وري هڪ ڪهڪشان جو تمام ننڍو حصو آهي. هڪ ڪهڪشان ۾ ڪروڙين شمسي نظام موجود آهن. اسان جو سج جنهن جو قطر اٽڪل اٺ لک چوڻ هزار ميل آهي سو به ستارن ۾ هڪ ننڍو ۽ عام رواجي ستارو آهي.اهڙيون ڪروڙين ڪهڪشائون آهن جن ۾ اربين ستارا آهن. هي ستارا ڏسڻ ۾ ننڍا ٿا اچن پر تمام وڏا مادي جا گولا آهن.انهن مان ڪجهه گرهه(Planets) ۽ ڪجهه سج وانگر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻرندڙ گئس جا گولا آهن. سڄن جي گرميءَ جو درجو هزارها ڊگريون سينٽيگريڊ آهي. ستارا ايترو تہ پري آهن جو انهن جو فاصلو نوري سالن ۾ ماپيو ويندو آهي. هڪ نوري سال جو فاصلو بہ تمام وڏو فاصلو آهي. روشني يا نور(Light) هڪ سيڪنڊ ۾ 186300 ميل فاصلو طئي ڪري ٿي تہ هڪ سال ۾ تقريبن ستٽ ڪرب ميل فاصلو طئي ڪندي جنهن فاصلي کي هڪ نوري سال جو فاصلو چيو ويو آهي. گهڻا پري وارا ستارا ايترو تہ پري آهن جو انهن مان ڪن جو فاصلو تہ لکين نہ بلڪي ڪروڙين نوري سال آهي. سائنسدانن مطابق هن ڪائنات جي وسعت جو اجا سوڌو ڪوبہ تعين نہ ٿي سگهيو آهي ۽ نہ وري هن بيڪران ڪائنات جو ڪو اندازو ڪري سگهجي ٿو.اهڙي طرح اهو بہ ڇوڻ مشڪل آهي تہ انهيءَ سڄي ڪائنات جي ڪروڙين ڪهڪشائن ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ حياتي آهي يا نہ آهي. انساني ذريعا ۽ وسائل بلڪل محدود آهن ۽ اهي سڄي ڪائنات ۾ حياتي جي متعلق هن وقت ڪوبہ اندازو ڪرڻ تا ڏئي سگهن ۽ شايد اجا گهڻي وقت تائين اهي "راز" ائين ئي "راز" رهجي وڃن.

هاڻي هن ڪائنات ۽ حياتي متعلق مختلف مذهبن جا "رايا" پيش ڪيا ويندا ڇاڪاڻ تہ سائنسي راين کان علاوه جيڪڏهن ڪي وزن دار رايا ٿي سگهن ٿا تہ اهي آهن مذهبي رايا جيڪي مختلف مذهبن يا سندن باني ۽ پوئلڳن پيش ڪيا آهن.

سائنسي نظرين جي برعڪس حياتي ۽ ڪائنات جون جيڪي تشريحون مذهبن ڏنيون آهن انهن کي بہ ويچارڻ ۽ سمجهڻ ضروري آهي تہ جيئن قارئين کي صحيح ڳالهيون سمجهڻ ۾ سولائي ٿي سگهي. مذهبن جي بانين تہ انسان ذات جي ڀلائي ٿي چاهي پر وقت گذرڻ ڪانپوءِ هر مذهب کي عام ماڻهن جي استحصال لاءِ مفادپرست استعمال ڪيو ۽ اهڙي طرح سان اهو استحصال دنيا جي مختلف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪن ۾ اجا تائين بہ ٿي رهيو آهي. سڄي دنيا جي انسانن مان جنگ ۽ جهيڙي کي ڪڍڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ هر طرح جي مفادپرستن کي واڪو ڪيو وڃي چاهي اهي مذهبي رنگ ۾ انسان کي پاڻ ۾ ويڙهائين ٿا يا پنهنجن معاشي ۽ اقتصادي مفادن جي ڪري انسان ذات کي جنگين جي باهہ ۾ جهونڪين ٿا. بهرحال جهيڙن، جهڳڙن ۽ جنگين جو بنياد وجهندڙ ۽ ان جي لاءِ اندران اندران سازشن جي ذريعي ڪم ڪندڙ هڪ انسان دشمن مفادپرست ٽولو آهي جيستائين اهو ٽولو واڪو نہ ٿيندو تہ دنيا مان ڏچا بہ ختم ڪونہ ٿيندا. سڄي دنيا ۾ قحط الرجال آهي. چڱي ڪم کي سوچڻ سمجهڻ انسانن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو ٿورا آهن. جيڪڏهن چڱيون ڳالهيون چوڻ وارا سڄي دنيا ۾ نہ وڌندا تہ پوءِ انسانيت اندر اهي جهڳڙا ۽ فساد جاري رهندا. تنهن ڪري هر هڪ ساڃهہ ۽ سوچ واري ڏاهي ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ چڱين ڳالهين کي رائج ڪرڻ لاءِ ڀين سيني چڱا ڪم ڪرڻ وارن سان سهڪار ڪري تہ هي ڪم آسان ٿي پوندو.

هاڻي مختلف مذهبن جا رايا هيٺ پيش ڪجن ٿا.

1- يهوديت 2- عيسائيت:

يهودي مذهب حضرت موسيٰ جي تعليمات تي ۽ عيسائيت حضرت عيسيٰ جي تعليمات تي ٻڌل آهي.

هنن ٻنهي مذهبن مطابق هن سڄي ڪائنات يعني زمين، سج، چنڊ ۽ ستارا هڪ الله پيدا ڪيا آهن. پهريان زمين ۽ آسمان جوڙيائين ۽ پوءِ روشني، پاڻي، سج، چنڊ ۽ ستارا پيدا ڪيائين. انهيءَ کانپوءِ نباتات ۽ حيوانات ۽ آخر ۾ انسان. انهيءَ سڄي ڪم پوري ڪرڻ ۾ ڪيس ڇهہ ڏينهن لڳا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ مٽيءَ جو بوتو ناهي انهيءَ ۾ الله تعاليٰ روح ڦوڪيو ته هڪ انسان يعني آدم پيدا ٿي پيو ۽ انهيءَ مان سندس لاءِ هڪ زال پيدا ڪيائين ۽ پوءِ گهڻا مرد ۽ عورتون پيدا ڪيائين هنن مذهبن ۾ هيڏي وڏي ڪائنات جو تصور به ڪونه هئو ستارن کي ننڍو ڏسي آسمان جا ڏيئا چيو ويو ۽ انهيءَ جي به وڌيڪ ڄاڻ ڪانه هئين. ڪيترو وقت ته ڌرتي ڪائنات جو مرڪز آهي يا سج مرڪز آهي جي موضوع تي جهڳڙا فساد رهيا. ڪن چيو ته ڌرتي پليٽ وانگر آهي ۽ ويچاري گئليلو جڏهن چيو ته ڌرتي گول آهي ته سزا ڀوڳيائين ۽ تڪليفون سٺائين. انهن سڀني ڳالهين مان ظاهر آهي ته هنن مذهبن کي ڪائنات متعلق صحيح ڄاڻ ڪانه هئي ۽ نه وري حياتيءَ لاءِ به ڪو صحيح نظريو ڏئي سگهيا.

3- اسلام:

انهن ٻن وڏن نظرين ڪانپوءِ ٽيون وڏو مذهب اسلام آهي جنهن به چيو ته ڪائنات جو خلقيندڙ هڪ الله آهي پر آسمان ۽ زمين جا چوڏهن طبقا چيا ويا ۽ جيڪي ڪجهه ڳالهه ڪئي وئي سا گهڻو ڪري هن ڌرتي، سج، چنڊ ۽ ستارن جي ڪئي ويئي. ڪائنات جي وسعت متعلق به اڻپوري معلومات ڏنل آهي جنهن منجهان ڪوبه ڪرتيل ڪونه ٿو نڪري، پر ڪجهه صحيح حقيقتن جا اشارا ملن ٿا. حياتيءَ جي پيدائش به لڳ ڀڳ يهوديت ۽ عيسائيت واري آهي پر ڪجهه تشريحون وڌيڪ آهن جيڪي سائنسي نظرين سان ٺهڪي اچن ٿيون پر انهن جي تشريح ڪرڻ ۾ تمام گهڻا اختلاف آهن جنهن ڪري ڪابه هڪ صحيح راءِ قائم ٿي نه سگهي آهي.جيڪڏهن تفصيل سان سوال ڪيا ويندا ته هن مذهب وارن وٽ به گهٽين ڳالهين جو ڪو مناسب جواب ڪونهي. هي مذهب به حياتي ۽ ڪائنات جي حقيقت، خلقت ۽ عمليت کي ڪنهن به طرح جي عملي انداز سان بيان نه ڪري سگهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهن ۽ نہ وري علمي انداز سان ھين کي قائل ڪرڻ جي ڪا گنجائش
اٿن.گھڻين ڳالھين کي ڳجھہ ,راز يا عقيدا چئي عام ماڻھن کي
منجھايو ٿو وڃي. تنھن ڪري اڄ ڪلھہ جي سائنسي ذھن کي قائل
ڪرڻ ھنن ٿنهي مذھبن وارن لاءِ مشڪل ٿي پيو آھي. ھي ٽئي مذھب
آخرت بهشت ,دوزخ ۽ جزا سزا جا قائل آھن.

4- **ٻڌ ڌرم:** مٿين ٽن مذھبن کانپوءِ چوٿون وڏو مذھب ٻڌ ڌرم آھي
ھن مذھب جو باني گوتم ٻڌ اٽڪل 560سال قبل مسيح پيدا ٿيو. ھي
ھڪ راجا سڌوڏانا جو فرزند ھو. جڏھن سندس عمر اٽڪل 29 سال
ھئي تہ پنھنجي بادشاھي ۽ گھر ٻار ڇڏي حق ۽ سچ جي ڳولا ۾
نڪتو. اٽڪل ڇھن سالن جي جانفشاني واري سير سفر ۽ ڪشالن
ڪاٽڻ کانپوءِ واپس اچي اھا پرچار ڪرڻ شروع ڪيائين تہ ھن حق ۽
سچ ڳولھي لڌو آھي.اھڙي طرح سان 80 سالن جي عمر تائين پنھنجي
متن جي پرچار ڪندو رھيو. پنھنجي متي جو بنياد چار حقيقتون
ٻڌايائين.

1- ڏک جي موجودگي 2- انھيءَ ڏک جو سبب جنھن کي ھن خواهش
يا ھوس سڏيو 3- ھن ڏک کي ختم ڪري سگھجي ٿو 4- انھيءَ ڏک
کي ختم ڪرڻ جو طريقو بہ آھي.

ھي طريقو جنھن ذريعي ڏک کي ختم ڪري سگھجي ٿو سو وري
اٺن نڪتن تي مبني آھي. اھي نڪتا ھي آھن.

1- صحيح خيال 2- صحيح فيصلو 3- صحيح گفتگو 4- صحيح اخلاق
5- صحيح رھائش ۽ کاڌ خوراڪ 6- صحيح ڪوشش 7- صحيح سوچ
8- صحيح غور. ھنن اٺن اصولن تي عمل ڪرڻ سان انسان کي
ڇوٽڪارو(Nirvana) ملندو.

ڪن روايتن ۾ آھي تہ ھنن اٺن اصولن تي عمل ڪرڻ سان پھرين
مرحلي ۾ حق ۽ سچ کي سمجھڻ لاءِ خوب استدلال ڪندو ھئي مرحلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ استدلال ذريعي چڱي طرح سان سمجهڻ ڪانپوءِ اطمينان ۾ ايندو ٽئين مرحلي ۾ سک ۽ آرام محسوس ڪندو ۽ چوٿين مرحلي ۾ مڪمل ڏاهپ ۽ ڇوٽڪارو يعني نرواڻ اچي ويندس.

گوتم ٻڌ خدا ۽ آخرت يا ٻين مابعد الطبيعات تي بحث ڪرڻ ضروري نه ڄاتو تنهن ڪري هن مذهب ۾ انهن ڳالهين تي گهٽ بحث ڪونه ڪيو آهي. هي ڄاڻائڻ ته هندو ڌرم واري سماج ۾ آيو ۽ انهن وٽ پرچار ڪيائين تنهن ڪري ڪجهه انهن جون ڳالهيون پاڻ به مڃيائين، جيئن روح جو ٻيهر جنم ۾ وري اچڻ، باقي ڪائنات جي تخليق يا ڪنهن مافوق لفطرت هستيءَ متعلق بلڪل خاموش آهي.

ڪجهه روايتون ڌرتي متعلق اچن ٿيون ته پاڻي ۽ هوا تي بيٺل آهي، پر گهٽي تفصيلي معلومات ڪانه ڏنل آهي.

5- هندومت:

پنجون وڏو مذهب هندومت آهي، هي مذهب هڪ وڏي خدا يعني "برهما" سان گڏ گهڻن ننڍن خدائن جو قائل پڻ آهي. ڪائنات جو خالق برهما کي ٿا مڃين ۽ هن ڪانپوءِ ٻيا به ٽي خدا آهن جن کي به مڃين ٿا اهي آهن:

1-شيوا 2- وشنو 3- شڪتي. کي هندو وري هنن ٽن منجهان ئي ڪنهن نه ڪنهن هڪ کي وڏو تصور ڪري مڃيندا آهن. هنن وڏن خدائن کان علاوه جدا جدا موقعن ۽ وقتن جي حساب سان ڪجهه ٻين ننڍن خدائن کي به مڃيندا آهن جن مان ڪجهه هي آهن.

1-لڪشمي 2-گهنشام 3-سڪندا ۽ ڪريٽا 4-سروس وتي 5-هنومان 6-مناسا 7-سيتالا 8-ڪرشنا 9-اندرا 10-آگيني 11-راما.

هندستان جي جدا جدا علائقن ۾ انهن منجهان ڪنهن نه ڪنهن خدا جي پوڄا پاٺ ڪئي ويجي ٿي. منو شاستر موجب سماج ۾ چئن ذاتين يعني گروهن جو رواج وڌن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1- برهمڻ 2- کتري 3- وئش 4- شودر.

هن ڪائنات جي خلقت به هن مذهب ۾ عجيب طريقي سان ٻڌائي ويئي آهي. هي ڪائنات برهما هڪ "ڪلپا" لاءِ پيدا ڪئي. هڪ "ڪلپا" برهما جو هڪ ڏينهن آهي جيڪو اندازن 432 ڪروڙ سال جي برابر آهي. هڪ ڪلپا جي پوري ٿيڻ ڪانپوءِ هي ڪائنات ختم ٿيندي ۽ برهما سمهي پوندو. اهو عرصو به هڪ ڪلپا جي برابر آهي ۽ ڪائنات وشنو ۾ گم ٿي ويندي. وري جڏهن برهما جاڳندو ته ٻيو ڪلپا شروع ٿيندو ۽ اهڙي طرح سان اهو سلسلو هلندو رهندو.

هندو ڌرم جا مذهبي ڪتاب هي آهن:

1- ويد 2- اپنشد 3- ڀڳوت گيتا 4- مهاڀارت 5- رامائڻ.

پوڄا ڪرڻ، قرباني ڪرڻ به هندو ڌرم جو مقصد آهي ته جيئن جمڻ ۽ مرڻ جي دور کان نجات حاصل ڪجي. هنن وٽ ٻئي جنم جو عقيدو آهي ۽ روح ڪنهن ٻي مخلوق جي شڪل ۾ وڃي سگهي ٿو جنهن کي جوڻ يا سمسارا ٿا چون ۽ ناپسنديده آهي تنهن ڪري پوڄا پاٺ ۽ قرباني جي ذريعي انهيءَ مان جند ڇڏائڻ ٿا چاهين ۽ انهيءَ آزادي کي "ڪرما" ٿا چون.

هن مذهب ۾ به ڪائنات ۽ حياتي جي خلقت متعلق ڪا صحيح ڄاڻ ڪانه ڏني ويئي آهي نه وري ڪائنات جي وسعت متعلق ۽ سج، چنڊ، تارن ۽ ڪهڪشائن لاءِ ڪجهه چيو اٿس. تنهن ڪري ڪائنات ۽ حياتي لاءِ هي مذهب به اڄ ڪلهه جي سائنسي ذهن کي مطمئن ڪونه ٿو ڪري سگهي ڇاڪاڻ ته سندن معلومات به اڻپوري آهي.

6- جين مت (Jainism)

جين مت به هندستان جو مذهب آهي ۽ هندو سماج ۾ آيو. هن مذهب ۾ به خدا جو ڪو تصور ڪونهي ۽ صحيح انسان کي ئي سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه سمجهن ٿا. هي به پراڻو مذهب آهي ۽ پڪي طرح سان چئي نٿو سگهجي تہ ڪڏهن شروع ٿيو. هن مذهب جي پرچارڪن کي "تيرٿنڪارا" چوندا آهن. پهرئين تيرٿنڪارا جو نالو رسابها هو. اهڙا ڪل 24 تيرٿنڪارا آيا آهن. آخري تيرٿنڪارا جو نالو "مهاوير" هو جيڪو ڪجهه وقت لاءِ گوتم ٻڌ جو همعصر پڻ رهيو ۽ 527 قبل مسيح ۾ وفات ڪيائين. هن جين مت جي تيهه سال پرچار ڪئي هنن جو مکيہ اصول نہ ڏکوئڻ(Non hurting) يعني اهنسا آهي. هنن جا ٽي مکيہ اصول آهن جن کي هي ٽي هيرا چوندا آهن. 1- صحيح متو 2- صحيح ڄاڻ 3- صحيح چال چلت. هنن وٽ ڪائنات ٻن حصن ۾ ورهايل آهي هڪ زندهہ(Jivas) ۽ بي بي جان(Ajivas) ڪرما هڪ خاص قسم جو لطيف مادو آهي جيڪو جيواز ۾ اٽڪي پيو آهي ۽ گهٽي محنت ڪانپوءِ "مڪشا" يعني آزادي حاصل ڪري سگهندو.

هن مذهبہ بہ خدا يا ڪائنات تي ڪو بحث ٿيل ڪونہ آهي. ڪائنات ۽ حياتي جي خلقت تي ڪا بہ راءِ زني ٿيل ڪانهي.

7- ڪنفيوشنزم (Cofucianism)

هن مذهب جو باني ڪنفيوشس 551 قبل مسيح چين ۾ پيدا ٿيو.هن پرچار ذريعي پنهنجو مذهب پکيڙيو پنهنجن شاگردن کي شاعري،تاريخ ساز سنگيت ۽ انساني لاڳاپن کي سمجهڻ جي تعليم ڏني. هن تاڪيد ڪيو تہ سيني شعبن کان وڌيڪ اهميت حڪومت جي ڪم ڪار ۽ انتظام هلائڻ کي ڏني وڃي.

هن مذهب ۾ بہ خدا يا ڪائنات ۽ حياتي جي خلقت تي ڪو بہ بحث ٿيل ڪونہ آهي. انسان ذات سان محبت هن مذهب جو اهم اصول آهي. هن اخلاقيات تي وڌيڪ زور ڏنو ۽ سٺي اخلاق جي سڃاڻپ جون ٽي خاصيتون بيان ڪيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1- سٺي اخلاق جو مظاهرو 2- انسان سان محبت 3- سٺي ۽ صاف نموني سان رهڻ.

هنن خصوصيت کي حاصل ڪرڻ لاءِ ست رهنما اصول آهن.

1- شين جي تحقيق 2- ڄاڻ يا علم وڌائڻ 3- پرخلوص ٿيڻ 4- ذهن کي نيڪ رکڻ 5- شخصي زندگي صحيح ڪرڻ 6- ڪٽنبي يا آکهه کي صحيح هلائڻ 7- سڄي دنيا ۾ امن آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ.

ڪنفيوشزم جي چڪتاڻ پڻ ڌرم وارن سان ۽ تائوئزم وارن سان هلي پنهي ڪان ڪجهه متاثر به ٿي پر انهن جي ئي جوڻ واري فلسفي کي بيوقوفي سمجهيو ويو. دوزخ ۽ بهشت وارن نظرين کي به اجايو سمجهيو ويو.

هن پنجن نج ۽ پڪين سٺائين وارا اصول ڏنا.

1- انسانيت 2- سچائي 3- شائستگي 4- سياٿپ 5- وفاداري.

هن جي متي مطابق ڪٽنبي ۽ خاندان لاءِ ڏاڍي عزت ۽ ماءُ پيءُ لاءِ تمام وڏو ادب ۽ احترام آهي. هن فلسفي مطابق انسان سان محبت ۽ سٺي اخلاقي طرح سان هلڻ ۽ سٺو هئڻ نه صرف ضروري آهي پر اها ئي ڀلائي ۽ چڱائي آهي.انسان کي سمجهڻ سياٿپ ۽ ڏاهپ آهي. ڪنفيوشن سڀني انسانن کي هڪ وڏو ڪٽنب سمجهندو هو ۽ سڀني انسانن کي ڀاءُ ڄاڻائين. هن جو تعليم تي تمام گهڻو زور آهي ڇاڪاڻ ته ان ذريعي ئي انسان کي سڌاري سگهجي ٿو ۽ سندس اهليت وڌائي سگهجي ٿي.

هن جي متي جي هڪ تشريح سندس پڙپوٽي زوشو(Tzu- suo) ڪئي ۽ ان تشريح ڪانپوءِ ان متي جو نالو "وچٿرومتو"(Doctrine of mean) رکيائين هن متي مطابق مکيه هم آهنگي(Central havmony) جذبات کي نيڪ رکڻ سان ايندي ۽ بنيادي اصول وري اخلاص (Sincerity) کي چيائين جيڪا حقيقت آهي ۽ قائم ۽ دائم آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انساني فطرت کي اهي ئي ماڻهو ترقي ڏئي سگهندا جيڪي پرخلوص آهن ۽ اهي ئي ماڻهو فنون لطيفه. آسماني ۽ زميني طاقتن کي ترقي ڏئي ڪم آڻي سگهندا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ اٽڪل ٻارهين صدي عيسوي ۾ ڪنفيوشنزم جي تجديد ڪري ٻڌ ڌرم واري خلا کي پريو ويو. هن تجديد مطابق(Li) "لي" يعني اصول(Principle) کي ڪائنات جو اصول يا روح چيو ويو. هي اصول"لي" وري مادي طاقت "چي" (Chi) جي ذريعي هر شيءِ کي جوڙجڪ ڏئي ٿو. انسان هن جو وڏي ۾ وڏو مجسمو آهي. انسان جي سٺي ۾ سٺي فطرت"لي" جي برابر ٿيندي.

هن مذهب جي ٻئي هڪ فلسفي(Chu-Hsi) چيوسي وري ذهن (Mind) لاءِ چيو تہ اهو "لي" جو عمل آهي پر وري ٻئي فلسفي ليو چائوييان چيو تہ نہ "ذهن" "لي" آهي. بهرحال هن تشريح ۾ هن طاقت يا هستيءَ ڏانهن اشارو آهي پر ان جي وڌيڪ تشريح ڪانهي.

ڪائنات ۽ حياتيءَ جي خلقت متعلق هن مذهب ۾ بہ ڪو بحث ٿيل نہ آهي. خدا جي هستيءَ جي باري ۾ ڪو خاص ذڪر ڪونہ آهي ۽ نہ وري موت ڪانپوءِ ڪنهن حياتيءَ جو تذڪرو ٿيل آهي.

8- تائوازم (Taoism)

هي مذهب بہ چين جي سرزمين تي تقريبن ٽي هزار سال تمام سٺو اثرانداز رهيو. هن مذهب جو باني لائوزي(Lao-tse) جيڪو 604 قبل مسيح پيدا ٿيو. هن هڪ ڪتاب ڏنو جنهن جو نالو آهي تائوتيهہ ڪنگ(Tao-teh-kng) هن ڪتاب جا 81 باب آهن جن مان ڪجهه تائو ۽ ڪجهه تيهہ جي متعلق آهن. هي مذهب ڪنفيوشنزم سان گڏوگڏ ۽ ان جي مقابلي ۾ رهيو. جتي ڪنفيوشنزم معاشري جي سڌاري تي زور ڏنو اتي تائوازم وري فرد جي بهتريءَ کي وڌيڪ اهميت ڏني. ڪن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چوڻ مطابق تہ هي تحريڪ تمام گهڻو پراڻي هئي ۽ ان جو اصلي باني پيلو شهنشاهه(Yellow emperor) جنهن جو نالو هئانگ تي(Hwang-ti) جيڪو 2697 سال قبل مسيح ۾ پيدا ٿيو.پر تائوازم جي فلسفي کي وڏيڪ مشهور لائوزي(Lao-tzzu) ڪيو جيڪو تقريبن 100 سال قبل مسيح پيدا ٿيو. هن تائوازم کي مشهور ڪرڻ لاء ايترو تہ ڪم ڪيو جو هن کي ئي ان جو باني تصور ڪيو ويندو آهي. هي زندگي جو عمل و فلسفو آهي. تائو(TAO) معنيٰ آهي"رستو" لائوزي هن کي مابعد الطبيعاتي معنيٰ پهرائي ۽ چيائين تہ زمين آسمان کان اڳ ۾ هئي ۽ سيني شين کان اول هئي ۽ سيني شين جو جوهر آهي. سڀ شيون زندگيءَ لاء هن جون محتاج آهن ۽ هو هميشہ کان آهي ۽ هميشہ رهندو. هو لطيف آهي ۽ ڏسي نہ سگهبو. اهڙي طرح ائين پيو محسوس ٿئي تہ هي بہ هڪ ئي طاقتور هستي جا قائل هئا پر سندس ڪو خاص نالو نہ رکيں. تائو پنهنجي عمل سان ٻئي ڪنهن جي عمل ۾ مداخلت نہ ڪندو آهي. هر هڪ شيءِ پنهنجي فطرت مطابق ڪم ڪري ٿي. لائوزو خاص طرح سان انسان ذات سان محبت تي زور ڏنوآهي. هن خاص طرح سان پنجن شين سان محبت تي زور ڏنو جيڪي هي آهن. **1- پنهنجي زمين سان محبت 2- وفاداري سان محبت 3- نظم ۽ ضبط سان محبت 4- اهليت ۽ قابليت سان محبت 5- هر وقت محنت سان محبت.** هن مذهب جا ڪافي پرچارڪ آيا جن مان ٽي خاص طرح سان مشهور آهن.

1- يانگ چو 2- چنگ زو 3- هائي نانزو.

هنن مان چنگ زو تائوازم لاء تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ وڏيڪ مابعد الطبيعاتي معنيٰ تائوازم کي پهراياڻين. هن جي چوڻ مطابق تغير ئي هن دنيا جي زندهہ هجڻ جي نشاني آهي ۽ ان کي ثبات آهي. هڪ حالت ہي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حالت ۾ تبديل ٿيندي رهندي ۽ هي دنيا جو چرخو ائين ئي هلندو رهندو. تائو "خلا" مان پيدا ٿيو ۽ پوءِ باقي سڄي ڪائنات تائو خلقي. تائو سڀني شين جي شروعات آهي.

هن مذهب ۾ ڪائنات ۽ زندگي جي خلقت ۽ وسعت متعلق ڪجهه ڪونه چيو آهي. جيڪي ڪجهه چيل آهي ان مان صرف هڪ طاقت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو جنهن هن جهان کي پيدا ڪيو هن جهان جي فنا جو ڪوبه ذڪر ڪونهي. بلڪي ڪائنات جي سدائين هلڻ جو ذڪر ٿيل آهي. هن وڏن ماڻهن جي عياشي خلاف ۽ غريب ماڻهن جي تڪليف ده حالت خلاف پر امن احتجاجن جو ڏس ڏنو. هن جا تعلقات حڪومتن سان ڪڏهن نيڪ رهيا ته ڪڏهن مخالفت ۾ رهيا. بهرحال ٻڌ ڌرم جي اثر وڌي وڃڻ ڪانپوءِ هنن جو اثر گهٽجڻ لڳو ۽ چوٿين صدي عيسويءَ ڪانپوءِ گهٽو گهٽجي ويو.

9- شنٽوازم: (Shintoism)

هي جپان جو پراڻو مذهب آهي جنهن جو ڪو باني نه آهي. شنٽو لفظ جي معنيٰ آهي رستو يا سکيا. ۾ هي رستو يا سکيا وري ڪامي ديوتا کان سمجهندا هئا. ڪامي وري ڪو هڪ خدا يا ديوتا نه هئو پر گهڻن ئي خدائن ۽ ديوين ۽ ديوتائن تي ٻڌل لفظ هو. هر هڪ فطرتي طاقت، خوفناڪ شي يا ڪا فائديمند چيز کي ديوتا يا ڪامي چيو ويندو هو. سڀني کي وڏيڪ سچ کي ديوتا کان مڃيندا هئا. ڪامي لفظ جون ٻه مختلف وقتن تي مختلف تشريحون ڪيون ويون جيئن

1- خدا 2- ديوتا 3- عزت وارو 4- مٿانهون 5- اعليٰ 6- پاڪ وغيره.

هن مذهب جو شروع ۾ ڪو ڪتاب ڪونه هو ۽ جپان 500 عيسوي کان اڳ ۾ لکڻ جي فن کان ناواقف هو. پهريون ڪتاب هن مذهب متعلق 712ع ۾ لکيو هو.جنهن جو نالو ڪوجيڪي (Kojiki) ۽ ٻيو ڪتاب وري 720ع ۾ لکيو ويو جنهن جو نالو هو نهونجهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(Nihonji). هنن ۾ ديوين ۽ ديوتائن جي پوڄاپات ۽ قصن ڪهاڻين کان وڌيڪ ڪجهه به نه هئو. بنيادي طرح تمام گهڻن خدائن جا قائل ۽ پوڄيندڙ هوندا هئا.

جپاني روح ڪي ۽ مادي ڪي اعليٰ تصور ڪونه ٿا ڪن بلڪ ٻنهي جو گڏجي هجڻ ۽ رهڻ لازم ۽ ملظوم آهي اهڙي طرح ڪامي لاءِ شنٽائي کان جدا رهڻ نا ممڪن هئو ۽ شنٽائي کي مجسم ديوتا چيو ويو.

جڏهن ياماتو قبيلي جپان تي قبضو ڪيو ته انهن پنهنجي بادشاھ کي وڏو مذهبي ديوتا ڪري مڃيو. وقت گذرڻ سان هنن تي ٻڌ ڌرم ۽ ڪنفيوشنزم جا اثر پيا. خاص ڪري ڪائنات جي پيدا ٿيڻ متعلق هنن وٽ ڪو تصور ڪونه هئو پر اهو نيو ڪنفيوشنزم کان ورتن جن جو هڪ وڏي خدا ۾ ويساھ هيو ۽ اهو ڪائنات جي انتها هئو يا وري هن کي ڪائنات جوخدا (CosmicGod) چوندا هئا. يا مازاڪي انسائي جيڪو هن مذهب جو وڏو پرچارڪ هيو تنهن ڪري ٻين ٻن ديوتائن 1- **ڪنيٽو ڪوٽاشي** 2- **امينومناڪانوشي** کي گڏجي هڪ وڏي طاقت سمجهيو جيڪا هن ڪائنات جو جوهر ۽ اخلاقيات جو سرچشمو آهي. يا مازاڪي انسائي به مذهبي عبادت جي سچائي ۽ بادشاھ جي عزت تي زور ڏنو. بهرحال هن مذهب ۾ به يا ته گهڻن خدائن جو مڃڻ آهي يا وري گهڻ خدائن. ديوين ۽ ديوتائن کي گڏجي هڪ طاقت سمجهيو ويو آهي.

ڪائنات ۽ حياتي جي پيدا ٿيڻ ۽ هجڻ يا ڪائنات جي وسعت متعلق ڪا معلومات ڪانه ڏني اٿن بادشاھ جي تمام گهڻي عزت اٿن بلڪ ان جي پوڄا ڪندا آهن ۽ ان لاءِ دعائون ڪندا آهن. بادشاھ کي زنده ڪامي يعني ديوتا سمجهندا آهن. هن مذهب ۾ خلوص خود ايثاري، روح ۽ بدن جي صفائي تي گهڻو زور ڏنل آهي. هن مذهب جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏو مندر جپان جي شهر (ISE) آئس ۾ آهي. انسان جي مري وڃڻ کانپوءِ بي زندگي جو تصور به هن مذهب ۾ ڪونه آهي.لڳي ٿو ته هي مذهب وڏن ماڻهن يعني سردارن ۽ بادشاهن ناهيو ۽ سندن مقصد عام ماڻهن جو استحصال ڪرڻ پنهنجو اقتدار بحال ۽ قائم رکڻ هو. هوشيار ماڻهن عام انسانن کي بيوقوف بڻايو. جيئن گهڻو ڪري سڄي دنيا ۾ ٿيندو آيو آهي.

10- زرتشت: (Zorastrianism)

هن مذهب جو باني زرتشت (Zoroster) ايران جو هئو. هن جي تاريخ پيدائش تقريبن 230 سال قبل مسيح چئي وڃي ٿي. هي اتر ايران ۾ پيدا ٿيو. ان وقت ائين ٿو محسوس ٿئي ته ايران تي به هندستاني مذهبن جو گهڻو اثر هو. ماڻهو ويدن وارين ڳالهين ۾ ويساهه رکندا هئا. زرتشت جي تعليم انهن جي تعليم جي تصحيح به ڪئي ۽ ڪجهه پنهنجا اصول به ڏنا. هن جي مذهب ۾ باهه کي هڪ علامت سمجهيو وڃي ٿو. ان ڪري باهه کي پنهنجي عبادتگاهه ۾ ٻريل رکندا آهن. هنن وٽ پهريائين هڪ خدا جو تصور هئو پر پوءِ نيڪي جو خدا ۽ بدي جو خدا الڳ الڳ ڪيا ويا.

آرمزد (Armazd) نيڪي جو خدا ۽ اهرمن (Ahriman) بدي جو خدا سمجهيا ويا. انهن ٻنهي جي فيصلي کانپوءِ ارمزد ڪائنات خلقي. ڪائنات جي پيدائش جا چار دور آهن. هر هڪ دور ٽن هزار سالن جو چيو ويو.ايران جي جاءِ وقوع جي وچ تي آهي هڪ پاسي يهودي ۽ عيسائي مذهبن جو اثر ته ٻئي پاسي هندستان جي مذهبن جو اثر. انهن ٻنهي اثرن هيٺ هي نئون مذهب پيدا ٿيو ۽ چاڪاڻ ته هي به خاصو پراڻو مذهب آهي، تنهن ڪري پوءِ ايندڙ مذهبن تي هن مذهب جو اثر پڻ پيو. هن مذهب ۾ مري وڃڻ کانپوءِ حساب ڪتاب ۽ وري بهشت ۽ دوزخ ۽ پل صراط جو تصور آهي.زرتشت به پاڻ کي آخري نبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيو. ھي مذھب سڄي ايران تي اثر ڪري ويو ۽ ڪافي وقت ايران جو سرڪاري مذھب بہ رھيو ڇاڪاڻ تہ ڪجھہ بادشاھ بہ ھن مذھب جا مڃيندڙ ھئا. خاص ڪري ساساني بادشاھ جن جي ڏينھن ۾ گاٿاس واري ھڪ خدا جي تصور ڪي تبديل ڪيو ويو. گاٿاس يعني زرتشت جا شعر ۽ قول جن کي قلمبند ڪيو ويو. ڪل 21 جلدن مان ٻيا ضايع ٿي ويا باقي ھڪ جلد رھيو.

ھن مذھب ۾ بہ ڪائنات ۽ زندگي جي پيدائش ۽ ھٿڻ بابت ڪو تفصيل ڪونہ ڏنو ويو آھي.

11- مئنيڪئيزم (Manichaeism)

ھن مذھب جو باني مئني بابل ۾ سن 215 عيسوي ۾ پيدا ٿيو. ھن جي مذھب ۾ بہ نيڪي ۽ بدي جا جدا جدا خدا آھن. بدي جي خدا سان مقابلي لاءِ نيڪي جي خدا پاڻ منجھان گھڻا خدا پيدا ڪيا تہ جيئن اھي ھن جي مدد ڪن. ھي پاڻ کا اڳين نبين کي مڃيندو ھو پر چوندو ھو تہ انھن جي تعليم کي ماڻھن خراب ڪري ڇڏيو آھي پر ھن ان کي نئون ڪري پيش ڪيو آھي. ھن جي بہ دعوي ھئي تہ ھن کانپوءِ ٻيو ڪوبہ نبي نہ ايندو. ھن وٽ بہ مرڻ کانپوءِ ٻي زندگي ۾ بھشت ۽ دوزخ جو تصور آھي. ڇوٽڪارو سٺي علم ۽ عمل ذريعي ٿيندو. ھن بہ چيو تہ انسان کي پاڻ ۾ پنج سٺيون خاصيتون پيدا ڪرڻ کپن.

1-محبت 2- وفا 3- صحيح ۽ پورو عمل ڪرڻ 4- صبر 5- ڏاھپ.

انھن خاصيتن جي ذريعي انسان بدي کي روڪي سگھندو ۽ ڇوٽڪارو ٿيندس.

دنيا جي خاتمي کان اڳ ۾ لڙايون ٿينديون ۽ حضرت عيسيٰ ورِي ايندو ۽ پوءِ بھشت ڏي ويندو. ھن دنيا کي زبردست باھ جي ذريعي ختم ڪيو ويندو جيڪي بھشت ۾ ويندا دنيا وري انھن سان ھلندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بهرحال ڪائنات جي پيدائش لاءِ ڪجھ بہ نہ چيائين ۽ نہ وري ان جي وسعت متعلق ڪجھ چيائين. ڪائنات باهہ ذريعي ختم ٿيندي پر ڪيئن ڪو تفصيل نہ ڏنائين تہ آخر هيڏو مادو ڪيئن ختم ٿيندو ۽ ڪيڏانهن ويندو.حق کي روشني چوي ٿو ۽ ان جا پنج جزا بيان ڪري ٿو.

1- ايٿر 2- هوا 3- روشني 4- باهہ 5- پاڻي.

شيطان جي پيدائش جو ڪو معقول سبب ۽ تفصيل يا طريقا ڪونہ ٿو ڏئي صرف چيائين تہ اوچتو شيطان (Devil) پيدا ٿي پيو ۽ نيڪي جي خدا سان مقابلا شروع ڪيائين.

مطلب تہ حياتي ۽ ڪائنات جي خلقت ۽ وسعت بابت ڪوبہ خاص نظريہ ڪونہ ٿو ڏئي ۽ نہ وري ڪائنات ختم ٿيڻ جو ڪو معقول سبب ۽ طريقہ ٿي ڏئي سگهيو آهي.

12- ويدڪ مذهب (Vedic Religions)

هي مذهب هندستان ۾ اٽڪل 1500 قبل مسيح ۾ رائج هئو. اندازو آهي تہ ان وقت ايران ۾بہ هن مذهب جو ڪافي اثر هئو جنهن کي بعد ۾ زرتشت اچي تبديل ڪيو. ويدڪ مذهب جا مشهور ڪتاب چارويد هئا

1- رگ ويد 2- يجر ويد 3- سام ويد 4- اٿر ويد.

هن مذهب ۾ بہ ڪائنات ۽ حياتي جي پيدائش متعلق ڪجھ چيل ڪونہ آهي. هن مذهب ۾ بہ گهڻ خدائن جو تصور آهي. اڳتي هلي هن مذهب مان هندو ڌرم جنم ورتو. هن مذهب ۾ فرد جي سڌاري تي زور ڏنل آهي ۽ ٻي جنم وارو تصور بہ هن مذهب ۾ ڪونہ هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن مذهب مطابق هن وڏي ديو (Cosmicgiant) قرباني ۾ پاڻ کي ٽڪرا ڪيو ۽ هي ڪائنات ۽ حياتي جي پيدائش متعلق ڪو عملي نظريو يا بحث ٽيل ڪونه آهي.

13- شروعاتي انسان جا مذهب
(Primitive peoples religions)

متي بيان ڪيل وڏن ۽ اهم مذهبن کان علاوه قديم انسان ۾ ڪي مذهب ۽ روايتون رائج هيون پر انهن ۾ گهڻو ڪري ڪنهن پنهنجي وڏي يا ڪنهن جانور يا ڪنهن طاقتور شيءِ جي پوڄا ڪندا هئا. ڪن قبيلن ۾ انسان کي قربان ڪري خدائن کي راضي ڪيو ويندو هئو. ڪي وري ٽوڻن ڦيٽڻ وارن کي ديوتا سمجهندا هئا. جادو ۽ اهڙن ٻين ڪرتبن ڪرڻ وارن کي به ديوتا سمجهيو ويندو هو. ٽوڻن ڦيٽڻ جي ڪري علاج به ڪرائيندا هئا ۽ ڪجهه نفسياتي بيمارين مان فائدو ٿيندو هين تنهن ڪري اهڙن ماڻهن کي ديوتا سمجهندا هئا. ڦڙتڻ، چالاڪ ۽ سياڻا ماڻهو اهڙي ئي طرح سان ابوجهه ماڻهن کي منجهائي پيا سندن استحصال ڪندا هئا. اهڙي طرح سان استحصالي سلسلي ۽ طريقن جي شروعات ٿي ۽ هاڻي اچي استحصالي نظامن تائين پهتي آهي.

سيني قديم تهذيبن ۽ تقريبن هڪجهڙي سان ملندڙ جلندڙ ٽوڻن ڦيٽڻ جا رجحان، بيمارين کان نيڪ ٿيڻ جا طريقا ۽ گهڻ خدائن، ديون ديوين ديوتائن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. خوف ۽ اميد جي بنياد تي به گهڻين شين کي پوڄيو ويندو هو. شئمنزم گهڻو ڪري بالٽڪ قومن ۾ مشهور هئو. ڊروئيڊن، آرين، مصرين ۾ گهڻو ڪري گهڻن مختلف خدائن کي پوڄڻ جو رواج هئو. هيلينڪ ثقافت يعني پراڻي يوناني ثقافت ۾ هومرجابيت ته گهڻن خدائن واري عقيدي سان ڀريل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پراڻي بابلي مذهب ۾ وري پيدائش لاءِ چيل آهي تہ سچي دنيا پاڻيءَ مان ٿي ۽ پاڻي تي بادشاهي "تيامت" نالي ديوي جي هئي جنهن کي مردوڪ نالي خدا قتل ڪري وري ڪائنات خلقي "تيامت" ديوي کي وري (Chaos) يعني منجهائيندڙ حالت چيو ويو. پراڻا مصري وري سمجهندا هئا تہ ڪائنات هڪ انڊي (Cosmic egg) مان پيدا ڪئي ويئي آهي جيڪو نيل ندي جي گپ مان ناهيو ويو. ڪي پراڻا مصري وري سمجهندا هئا تہ شروعاتي مادو ۽ شروعاتي روح هڪٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن ۽ اهي ازل کان هلندا پيا اچن ۽ ابد تائين هلندا رهندا. اهڙي طرح سان مختلف ملڪن ۽ تهذيبن ۾ مختلف قسمن جون ڏند ڪٿائون ۽ نظريہ هلندا پئي آيا آهن پر انهن جو ڪو سائنسي بنياد ڪونہ هئو. انهن سيني ڏندڪٿائن ۽ نظريـن مان ۽ مختلف مذهبي خيالن مان ڪجهہ اڌوگابريون حقيقتون تہ اسان تائين پهتيون آهن پر انهن مان جن کي سائنسي بنياد ڪونهي اهي اڄ ڪلهہ جي ذهنن کي متاثر ڪري نٿيون سگهن. هوڏانهن سائنسي تحقيق بہ جاري آهي ۽ ڪافي ڪوجنائون ٿي چڪيون آهن پر تنهن هوندي بہ اڃا گهڻيون حقيقتون اهڙيون آهن جن لاءِ پڪي طرح سان ڪجهہ بہ چئي نٿو سگهجي. تنهن ڪري گهڻين حقيقتن کي سمجهڻ لاءِ اڃا ڪجهہ وقت انتظار ڪرڻو پوندو. انسان جو سفر مجيل تصورن (Realities) کان حقيقتن (Actualties) ڏانهن روان دوان آهي ۽ اهو گهڻي وقت تائين جاري رهندو. جيئن سج، چنڊ ۽ ڌرتي لاءِ اڳ ۾ ڪيترائي مجيل تصور هوندا هئا پر هاڻي انهن بابت حقيقتون ظاهر ۽ ثابت ٿي چڪيون آهن جن کي سڀ مڃين ٿا.

پراڻن مذهبن کان علاوه ڪجهہ نوان مذهب بہ وجود ۾ آيا آهن جن مان سک مذهب چڱي شهرت حاصل ڪئي آهي. هي مذهب هندو مذهب ۽ اسلام جي ميل جول هڪٻئي تي اثر انداز ٿيڻ جي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وجود ۾ آيو. هن مذهب جو باني گرونانڪ هڪ هندو سرڪاري ملازم جي گهر پيدا ٿيو. سندس جاءِ پيدائش گوبن تلونڊي آهي جيڪي پاڪستان ۾ آهي. گرونانڪ 1469 ۾ ڄائو ۽ 1539 ۾ وفات ڪيائين. مسلمان وانگر هڪ الله کي مڃين ۽ بتن جي پوڄا کان نفرت ڪن. اهڙي طرح هندو مذهب واري ذاتين جي رواج کي ڪونه مڃين ۽ بتن، ديون، ديوين ۽ ديوتائن کي اصلي ڪين مڃين ته ٻئي طرف مسلمانن وانگر قبرن کي به ڪونه مڃين. گرنت هنن جو مذهبي ڪتاب آهي ۽ ان ۾ الله جي نالي جو گهڻو ورد ڪندا آهن.اسلام جي صوفين ۽ هندن جي ڀڳتن کان ڪجهه وڌيڪ متاثر ٿيو. بهرحال هن مذهب ۾ به ڪائنات ۽ حياتي جي پيدائش لاءِ گهڻو ڪجهه چيل ڪين آهي.

14- زين ازم (Zenism)

زين مذهب چين ۾ ٻڌ ازم ۽ تائو ازم جي ميل جول ڪانپوءِ پيدا ٿيو لفظ "زين" (Zen) جو مطلب آهي. گوڙهو غور (Meditation) هنن جي چوڻ مطابق گوڙهي غور ڪرڻ سان ماڻهوءَ کي روشني ملندي تنهن ڪري گهڻو وقت خاص انداز ۾ ويهي غور ڪندا آهن. هنن جي عبادت گاهه ۾ به هڪ خال آهي جنهن ۾ ڪيترائي همراهه انهي "غور" يعني (Meditation) ۾ رڌل هوندا آهن. هن مذهب وارن به ڪائنات ۽ زندگي جي پيدائش متعلق ڪجهه ڪين چيو آهي.

مٿي بيان ڪيل مذهبن کان علاوه يونان ۾ فلاسافر پيدا ٿيا. جن ڪنهن به مذهب جو بنياد ڪونه وڌو پر فلسفي تي وڏا وڏا بحث ڪيں ۽ ڪتاب لکين جن ۾ پليٽو جا ڪتاب مشهور آهن. سقراط ۽ ارسطو سيني کان وڌيڪ مشهور هئا. هن فلسفين مان ڪي هڪ خدا جي هستي کي مڃيندا هئا ته ڪي وري ڪنهن هستي کي ڪين مڃيندا هئا. بهرحال ڪائنات ۽ زندگي جي پيدائش لاءِ به هنن ڪو صحيح خيال ڪونه ڏنو نه وري ڪنهن هڪ راءِ تي متفق ٿيا. هن سياست.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معاشيات ۽ قانونداني تي ڪافي رائزني ڪئي آهي. هنن جي فلسفن ڪي دنيا ڪافي متاثر ٿي.

جيڪي ڪجهه متي سيني مذهبن جي مختصر خاڪي ۾ بيان ڪيو ويو آهي انهن منجهان صاف ظاهر آهي تہ هن وسيع، عريض ۽ بيڪران ڪائنات جو صحيح اندازو ڪنهن بہ هڪ مذهب يا سيني مذهبن جي گڏيل معلومات ۾ بہ ڏنل ڪونہ آهي. هر هڪ مذهب وارن انهي معاملي ۾ اڌوري سوچ ۽ سمجهہ جو پورو پورو مظاهرو ڪيو آهي. جيڪو اڄ ڪلهہ سائنسي معلومات مطابق يا تہ بلڪل غلط ثابت ٿي چڪو آهي يا وري اڌورو ۽ اڌورو تہ آهي ئي آهي. ڪائنات جي جيڪا ڄاڻ هن سائنسي دور ۾ وڌي آهي اوتري ڄاڻ اڳ ۾ بلڪل ڪانہ هئي. سيني مذهبن جي اجمالي خاڪي بيان ڪندي سندن ڪائنات متعلق ۽ روين ۽ اندازن تي بہ روشني وڌي ويئي آهي. انهي سڄي تبصري مان صاف ظاهر آهي تہ سيني مذهب وارن ڪي گهٽ ڪري ڪائنات جي پيدائش، وسعت ۽ جوڙجڪ بابت ڪنهن بہ قسم جو ڪو يقيني عمل ڪونہ هئو ۽ نہ وري ايڏي ۽ اهڙي بيڪران ڪائنات ڪا سندن ذهن ۽ سوچ ۾ هئي. اهو ڇئي سگهجي ٿو تہ هي علم سندن دائره عمل کان ٻاهر هئو.

اهڙي طرح سان حياتي بابت بہ مختلف مذهبن وٽ مختلف نظريہ هئا. ڪنهن وٽ بہ ڪو اهڙو نظريو ڪونہ آهي جيڪو هن دور جي سائنسي ذهن کي مطمئن ڪري سگهي. انهي مان صاف ظاهر آهي تہ ارتقائي منزلن ۽ دورن ۾ جدا جدا نظريہ پيش پئي ڪيا ويا آهن پر اهي سڀ علمي بنيادن جي گهٽتائي ۽ ڪوڙ سبب بہ يقيني جي ڪيفيت سان پرپور آهن.

سائنس بہ اڃا کوجنا کي لڳي پئي آهي ۽ يقيني ڳالهہ ڪائنات ۽ زندگي لاءِ ڇئي ڪانہ سگهي آهي. پر اهو چوڻ تہ مذهب وارن انهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معاملي کي حل ڪيو آهي حقيقت کان اوترو ئي دور آهي. اجا منزل پراهين آهي ۽ انهي منزل کي رسڻ لاءِ انسان جون ڪوششون ۽ ڪاوشون جاري ۽ ساري رهنديون.

ڪي مذهب گهڻ خدائن جا قائل ته ڪي وري هڪ هڪ خدا جا قائل ته ڪي وري ڪنهن به مافوق الفطرت هستي ۾ يقين ئي ڪونه رکندا هئا. وقت گذرڻ سان گهڻن خدائن مڃڻ وارا به ڪنهن نه ڪنهن طرح سان هڪ هستي جي مڃڻ وارا ٿي ويا. جيڪي نظريه مذهبن ڏنا آهن انهن مان صرف هڪ نظريه تي هن ڪائنات ۽ حياتي کي هڪ خلقيندڙ طاقت پيدا ڪيو آهي. موزون لڳي ٿو پر ان طاقت سان ڪجھ انساني وصفون به لاڳو ڪيون ويون آهن جيڪي اهڙي هستي کي جڳائن ڪونه ٿيون ۽ انهن انساني وصفن جي ڪري مسئلو ڪجھ وڌيڪ منجهي پيو آهي. ان خلقيندڙ کي جيڪڏهن هڪ خاص طاقت (Special energy چئجي ته ڪجھ سمجھ جهڙي صورت واضع ٿي سگهي ٿي. ڪجھ فلسفين ۽ اسلامي صوفين وري ان طاقت جي بئي نموني تشريح ڪئي آهي، جيڪا وحدت الوجود واري فلسفي ۾ ڏنل آهي. هي تشريح ڪافي حد تائين مطمئن ڪندڙ آهي پر جيڪڏهن ان کي اجا پوري طرح سان سمجھڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته بهتر ۽ يقيني عمل ملي سگهندو. انهي طاقت جون وصفون به آهن پر اهي انساني وصفن کان مختلف آهن. جيڪڏهن انهي طاقت ۽ هستي سان انساني وصفون لاڳو ڪيون ته پوءِ تمام گهڻو تضاد جنم وٺندو ۽ انهي تضاد کي ختم نه ڪري سگهبو. تنهن ڪري خدا جي نظريه تي اجا وڌيڪ تحقيق ٿيڻ گهرجي جنهن تي دنيا جا ماهر فلسفي به گهڻيون ڪوششون ڪري رهيا آهن ۽ اهڙي طرح سان صوفي طريقي وحدت الوجود کي به جيڪڏهن چڱي طرح سان سمجهي ۽ ان جي تشريح کي سائنس جي ڪوجنائن سان هم آهنگ ڪجي ته بهتر يقيني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارو علم حاصل ڪري سگهجي ٿو. هتي اهو عرض ڪرڻ ضروري آهي ته فلسفو نه ڪو ڏکيو آهي ۽ نه وري ڪا اهڙي ڳوڙهي منجهائيندڙ راز جي ڳالهه آهي جيڪا نه سمجهي سگهبي ۽ نه وري انهي کي خاص ماڻهن لاءِ مخصوص ڪري سگهجي ٿو. فلسفه زندگي ۽ ان جي مسئلن کي سمجهڻ جي وات يا رستو آهي. انهي کي ڏکيو ڪري صرف انهي ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي ته جيئن مفاد پرست ماڻهن کي منجهائيندا رهن. فلسفه ۾ ٽي خاصيتون ضروري آهن جي نه ته اهو بيڪار آهي ۽ اهڙن فلسفن جي ضرورت نه آهي. پهرين خاصيت اها آهي ته فلسفه عام فهم هجي ۽ ٻي خاصيت آهي ته فلسفه قابل عمل هجي ۽ ٽئين فلسفه جي خاصيت آهي ته نتيجا خيز هجي جيڪڏهن هنن ٽن وصفن تي پورو نٿو لهي ته فلسفه گهٽ ۾ گهٽ انسان جي ته ڪم جو نه آهي.

زندگي ڇا آهي ۽ سڀ ساهه وارا خصوص انسان ڪيئن پيدا ٿيو ان لاءِ مذهبن ۾ جيڪي تشريحون آهن اهي گهڻو ڪري منجهائيندڙ آهن. ڪن ديوتائن جي عضون مان انسان ۽ جانور پيدا سمجها ته ڪن وري انسان جدا ۽ جانور جدا سمجهيا. ڪن وري هڪ انسان مان سندس جوڙ ۽ پوءِ انهن منجهيان ٻيا انسان اهڙي طرح سان الڳ الڳ مذهبن انهي پيدائشي طريقي جي ڪا موزون تشريح ڪانه ڏني آهي.

اهڙي طرح سان هن ڪائنات جي هجڻ ۽ ختم ٿيڻ لاءِ جيڪي ڪجهه ڪن مذهبن ۾ آهي اهو صرف هڪ سج، زمين، چنڊ ۽ ستارن ۽ سيارن لاءِ چيل آهي. انهي کان وڌيڪ ڪروڙين ڪهڪشائن واري ڪائنات هنن جي ذهنن ۾ ڪانه هئي ۽ نه ان متعلق ڪا معلومات ئي هين ۽ نه ڪين ڪائنات جي پيدائش، جوڙجڪ، گردش، ڪشش، ثقل ۽ ان جا اصول ۽ انهن جي هڪٻئي سان نسبت بابت ڪا معلومات ئي هئي. هاڻي سوچي ٿا ڏسون ته جنهن شيءِ يعني ڪائنات ۽ زندگي لاءِ اڳين مذهبن وارن جي معلومات اڻپوري هئي ۽ ان جي جوڙجڪ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ پوري طرح سان ڄاڻ ڪونہ هين تہ پوءِ ان جي فنا ٿيڻ لاءِ هوڪيئن ٿا چئي سگهن؟ جيڪڏهن هي ڪائنات فنا ٿيندي تہ پوءِ انهن کي سمجهائڻو پوندو تہ ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح سان ختم ٿيندي ۽ هيڏي وڏي مادي جو ڇا ٿيندو؟ اهو ايڏو مادو ڪيڏانهن ويندو؟

مذهبن جي باني انسان ذات جي ڀلائي سوچي ۽ انهي لاءِ وڏا جتن ڪين تہ جيئن انسان سڌرن. اهو چئي سگهجي ٿو تہ انسان کي سڌارڻ لاءِ ۽ امن ۽ سلامتي سان رهڻ لاءِ مختلف طريقا استعمال ڪيا ويا. ڪن لڳاتار پيغمبري جي دعويٰ ڪئي ۽ هڪ خدا جيڪو ڪائنات جو خلقيندڙ آهي ان جو تصور ڏنو. آخر ۾ جزا ۽ سزا ٻڌائي ۽ ماڻهن کي صحيح هلڻ لاءِ چيو ويو. ڪن مذهبن وري ٻيا طريقا استعمال ڪيا. بهرحال پنهنجي پنهنجي وقت ۽ دور ۾ سڀني مذهبن انسانن جي زندگي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن ۾ ڪجهہ مذهب ڪنهن حد تائين ڪامياب بہ ٿيا پر جلد ئي سندن تعليم کي بدلائي مفاد پرستن پنهنجي حق ۾ استعمال ڪيو ۽ مذهبي تعليمن ۾ تحريفون ڪري ماڻهن جي استحصال کي جاري رکيو ويو. تنهن ڪري حالت اجا تائين اها آهي تہ:

هت هزارين حاذقن دعويٰ ڪئي ڪيڏي اچي،
پوءِ بہ ڏس انسان ويچارو برباد ويران آ اجا.

ڪي مذهب تہ وقت گذرڻ سان ختم ٿي ويا يا سندن تمام ٿورا پوئلڳ رهجي ويا ۽ اهي مذهب جيڪي عام ماڻهن ۾ مقبول ٿيا ۽ پنهنجا رسم ۽ رواج وڌن اهي انهن رسمن ۽ رواجن جي ڪري وڌندا رهيا ۽ سندن پوئلڳ بہ وڌندا رهيا. وقت گذرڻ سان تمام گهڻي آبادي مختلف مذهبن کي مڃڻ واري پيدا ٿي ويئي. اهڙا پوئلڳ مذهبي رسمن رواجن کي تہ مڃين ٿا ۽ پورو بہ ڪن ٿا مذهبي عقيدت بہ ڏاڍي ۽ انڌي اٿن، پر هو خود ان مذهب جي صحيح اصولن جي ڄاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪري عوام کي ٻڌائڻ ڪونہ ٿا چاهين ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان انهن
جي پنهنجي مفادن کي ۽ انهن وڏن مفادپرستن جي مفادن کي ڌڪ
لڳندو جن جي ٽڪرن تي تمام گهڻا ملان، مولوي، پير، پادري،
سنت ۽ باوا وغيره پلجن ٿا. سڀني مذهبن جي دعويدارن صرف انسان
ذات کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جو ٺيڪو کنيو آهي ۽ هو سڄي دنيا ۾ پيا
پورو ڪن. حالانڪ ڪنهن بہ مذهب ۾ زور زبردستي ڪانهي هر هڪ
انسان کي حق آهي تہ هو پنهنجن مذهبي عقيدتن تي آزادي سان عمل
ڪري سگهي، قرآن ۾

"لکم دينکم ولي دين" ۽ "لا ڪراه في الدين"

صاف چيو ويو آهي. گهڻو ڪري سڀ مذهب تمام گهڻن فرقن ۾
ورهائجي چڪا آهن تنهن ڪري انهن جا پاڻ ۾ جهيڙا ۽ ٻين مذهبن
وارن سان جهڳڙا عام جام آهن ۽ ڪٿي تہ تمام وڏي پيماني تي
مذهبي جهڳڙا ڪرايا ٿا وڃن ڇاڪاڻ تہ سڄي دنيا ۾ هڪ تمام ٿورو
اٽڪل هڪ سيڪڙو مفادپرست بالادست انسان دشمن طبقو آهي
جنهن سڄي دنيا ۾ جهيڙن، جهڳڙن، فسادن ۽ جنگين کي مچائي
جهنم بنائي ڇڏيو آهي. تنهن ڪري مذهبي بنيادن تي انسان ذات جي
سڌاري جي گنجائش تمام گهٽ آهي، هاڻي هڪ نقطي يعني انسان
ذات جي ڀلائي تي گڏجي ڪم ڪري سگهجي ٿو جنهن ۾ ڪنهن کي
اختلاف ڪونہ آهي، تنهن ڪري انسان ذات جي ڀلائي لاء عوامي،
فلاحي ۽ جمهوري حڪومت جو هئڻ لازمي آهي جيڪي عوام پاڻ
منجهان پنهنجي مرضي سان چونڊي ناهين ۾ نام نهاد جمهوري نظام
جنهن تي وڏن پئسن وارن جو قبضو هجي اهي عوام جي فلاح بهبود
لاء ڪڏهن بہ ڪم ڪونہ ڪري سگهندا يا ڪونہ ڪندا.

سڀني مذهبن پنهنجي پنهنجي وقت ۾ انسانن جي ڀلائي جي
ڪوشش ڪئي پر پوري طرح سان ڪامياب ڪونہ ٿي سگهيا ڇاڪاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ ڪوبہ مذهب چڱي طرح سان سمجهائي ڪونہ سگهيو تہ انسان غلطي ڇو ٿو ڪري يا اڻنگي روش ڇو ٿو اختيار ڪري ۽انهي جو ڪارڻ ڪهڙو آهي. جيڪي مختلف سبب ڏنل آهي انساني ذهن کي ٿوري عرصي لاءِ ڪجهہ مطمئن ڪري سگهيا پر پوءِ وري اهي ئي شڪ شبها ۽ اها ئي روش. ڪن مذهبن نيڪي ۽ بدي جدا جدا خدائن ڏانهن منسوب ڪئي تہ ڪن وري نيڪي جا خدا جدا تہ بدي جا خدا جدا ٻڌايا. ڪن وري بدي لاءِ شيطان جو تصور ڏنو پر نہ شيطان کي نہ وري ان جي ڪارگذارين ۽ طريقہ واردات کي سمجهائي سگهيا. تنهن ڪري اهڙي قسم جون ڳالهيون جن ماڻهن مڃيون اهي عقيدي جي طور تي ئي مڃيندا ۽ چوندا هيا پر سندن ذهن صاف ٿي نہ سگهيا ۽ منجهيل ئي رهيا. تنهن ڪري جيستائين انسان جي ٻي ڏنگي چال چلت جو صحيح سبب نٿو ملي سگهي تيستائين ان جي سڌارڻ ۽ سڌرڻ جون ڪوششون پوري طرح سان ڪامياب ڪونہ ٿينديون. علم نفسيات جا ماهر بہ ڪوششون ڪري رهيا آهن ۽ گهڻا ئي سبب ڏنا اٿن پر انهن کي بہ اجا يقيني ڪاميابي ڪانہ ٿي آهي.

هڪ آمريڪي ماهر (L. Ron. Hubbard) ايل ران هبرڊ تمام گهڻي تحقيق ۽ تجربن ڪانپوءِ هڪ سائنس ٺاهي آهي جنهن ۾ هن انسان جي اڻنگي چال چلت جا سبب بہ ڳولهي ڪڍيا آهن ۽ انهي سائنس جي استعمال سان هن جي دعويٰ آهي تہ انسان کي سڌاري سگهجي ٿو. هن سائنس جو نالو آهي ڊائنيٽڪس (Dianetics) ۽ سائنٽالاجي (Scientology) . ڊائنيٽڪس جي معنيٰ آهي Dia = منجهان - -Neties ==Nous روح يعني روح ۽ جسم جي ميلاپ سان نهيل جان جي تحقيق ۽ ان جي سڌاري لاءِ علم ۽ طريقا. اهڙي طرح سان سائنٽالاجي معنيٰ آهي Scio= Sciant لئٽن جا لفظ آهن جن جي معنيٰ آهي ڄاڻڻ ۽ Logy=گريڪ لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي مطالع يعني ڄاڻڻ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مطالع. هن علم ۾ روح متعلق وسيع معلومات آهي. هن علم تي ڪافي ڪتاب لکيا ويا آهن جن جو اندازو 150 جي لڳ ڀڳ آهي.
مشهور ڪتاب آهن:

Dianetics the modern science of mental Health

۽ ٻيو مشهور ڪتاب اٿس

Fundamentals of thought

ايل ران هبرڊ صاحب دعويٰ به ڪئي آهي ۽ ثابت به ڪيو اٿس ته انسان جي اڏنگي (Irrational behavior) چال چلت کي سڌاري سگهجي ٿو ۽ هن ان جو اصل ڪارڻ به معلوم ڪري ورتو آهي تنهن ڪري هن ڪيترن انسانن تي تجربا ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته هائي انسان جي غلط روش ۽ غلط لاڙن يا اڏنگي چال چلت کي سڌاري سگهجي ٿو. هي هڪ جدا موضوع آهي انهن تي تفصيلي روشني ٻئي مضمون ۾ وڌي ويندي ۽ جيڪو قارئين جي معلومات ۽ مطالعي لاءِ پيش ڪيو.

ساڃهه وند ماڻهن ۽ ڏاهن دانشورن کي به گهرجي ته مطالعو ڪري عوامي ۽ انساني ڀلائي لاءِ عملي نظريه پيش ڪن ۽ صحيح تشريحون ڪري ٻڌائين ته جيئن عوام کي مشڪل معاملن کي سمجهڻ ۾ سهولت ٿئي ۽ مدد ملي. اصل مقصد انسان جي ڀلائي هئڻ گهرجي. جيئن حديث ۾ چيو ويو آهي.

افضل العبادت خذمتہ الناس.

اڄ ته انسان ذات جي ڀلائي لاءِ هر قسم جون علمي ۽ عملي ڪاوشون ڪيون جيڪڏهن گهڻا دوست گڏجي پوندا ته پوءِ انساني ڀلائي ٿي سگهندي. ڇاڪاڻ ته مفادپرست تمام تورا آهن ڪين وائڪو ڪري شڪست ڏيڻ ڏاهن ماڻهن لاءِ ڏکيو ڪم نه آهي جيڪو سوچيندو سو سمجهندو ۽ جيڪو لوچيندو سو لهندو جو اصول دنيا ۾ ڪارفرما آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان جي ترقي ۽ منجهايل سنڌي قوم

حياتي مختلف ارتقائي مرحلا طئي ڪندي هڪ جيوگهرڙي يا جيوتڙي کان شروع ٿي اڄ نباتات ۽ حيوانات جي ڪئين پيچيده قسمن ۾ ورهائجي پنهنجو سفر جاري رکيو آهي. حيوانات جي هڪ قسم ترقي ڪئي ۽ بجاء چئن ٽنگن تي هلڻ جي ٻن ٽنگن تي هلڻ لڳو ۽ اڳين ٻن ٽنگن آهستي آهستي ٻانهن جي شڪل ورتي ۽ هو سولائي سان اٿي ، ٻيهي، ويهي ، هيڏي هوڏي مڙي ۽ ڊوڙي ٿي سگهيو. اڳتي هلي پاڻ ۾ گڏجي رهڻ لڳا هڪٻئي سان اشارن جي ذريعي ۽ آواز جي ذريعي رابطا به پئدا ڪري ورتائون ۽ ان ڪانپوءِ رابطي لاءِ ٻوليون به پيدا ٿي ويون ۽ ائين هڪٻئي جي اندر جو مقصد ٻين تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ مرحلي تي هن کي "حيوانـ ناطق" سڏيو ويو هجي. جو ته هي اڳتي هلي وڌيڪ ترقي ڪندو رهيو ۽ هن ڌرتي جي گولي تي قدرتي آفتن ، يعني مينهن ڪُڙا ، ڪڙڪيدار گجگوڙ ۽ بجلي، ٻوڏون، طوفان، زلزلا ۽ جهنگلي جانورن جي هيبتناڪ ۽ خوفناڪ قسمن جهڙوڪ شينهن ، بگهڙ، هاٿي، ٻئنڊن ، ڊينوسارس ٽانگن ۽ بلائن سان منهن ڏيندو وڌيڪ ترقي ڪندو رهيو ۽ آخر ۾ اڃا ثابت ڪيائين ته هي سڀني ساهوارن کان وڌيڪ سمجهدار آهي ۽ ٻين سڀني کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻيندو ويو آهي. پنهنجي گذرسفر جي طريقن کي به سڌاريندو رهيو ۽ شڪار کان شروع ڪري اڄ زراعت کي پهتو. قدرت جي ڪارخاني ۾ هر طرح سان سبق موجود هئس اتان مختلف هنر ۽ طريقا تجربن جي ذريعي سکندو ۽ سمجهندو رهيو . گڏجي جٿا ڪري رهڻ لڳو ۽ زراعت جي ڪري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ رهيو پئي، پاڻي گاهه واري زمين ۽ زراعت لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زمين، شڪارگاهن جي حساب سان ۽ انهن تي وڙهڻ، ڳرڻ، جهيڙن ۽ لڙائين، جنگين جي ڪري به سندس لڏپلاڻ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ٿيندي رهي ۽ اهڙي طرح هن ڌرتي جي گولي تي پکڙجندا رهيا ان وقت خون جو رشتو وڏيڪ اهميت وارو ٿي ويو ان ڪري خاندان ۽ قبيلا نهيا ۽ اهڙي طرح اهي گڏجي رهڻ لڳا، جهيڙن جهڳڙن جي ڪري انهن جا سردار نهيا ۽ سندن فيصلا ڪرڻ لڳا.

اهڙي طرح سان خاندان مان وڏيڪ قبيلا ۽ قوميتون نهيون ۽ مختلف قوميتن جي سردارن جهيڙن ۽ جنگين ڪانپوءِ ڪنٽرول ۽ قبضي لاءِ بادشاهه، شهنشاهه ۽ قومون نهيون. انسانن جي باهمي رابطن ۽ روين، خلفشارن ۽ سازشن کي سلجهائڻ لاءِ ڪجهه چڱن ماڻهن ڪوششون ورتيون ۽ انهن مختلف طريقا به استعمال ڪيا پر انسانن جا انسانن سان معاملا ملڪيتي معاملا ۽ اخلاقيات وارا معاملا مڪمل طرح حل نه ٿي سگهيا. انهن سيني مسئلن جي ڳٽين کي سلجهائڻ لاءِ گهڻن چڱن ماڻهن گهڻين جاين تي ڪوشش ڪئي ۽ ڪجهه نظريه به پيش ڪيا جن مان ڪجهه نظرين مذهب جي شڪل ورتي پر انسانن جا معاملا ۽ مسئلا ڪجهه وقت لاءِ گهٽي سڌاري ڪانپوءِ وري به منجهي پيا.

" هت هزارين حاذقن دعويٰ ڪئي ڪيڏي اچي
پوءِ به ڏس انسان ويچارو برباد، ويران آ اجان."

اهڙي طرح مختلف مرحلا طئي ڪندو انسان هن ڌرتي جي گولي تي آباد ٿيندو رهيو ۽ مختلف قومن ۾ ورهائجي ويو. مختلف ملڪ ناهي ۽ رهڻ لڳو مضبوط گروهن جي ساڳئي ٻولي ۽ رهڻ سهڻ جي ساڳئي انداز جي ڪري قومون ۽ ملڪ نهي پيا ۽ سڄي ڌرتي جي گولي کي ائين مصنوعي طريقي سان ورهائي قبضا ڪيا ويا ۽ اهي قبضا جاري رکيا ويا جيڪي اجا تائين هلن پيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسانن جو استحصال ڪرڻ ۽ ڪيس غلام بڻائي رکڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ مذهبن کي به استعمال ڪيو ويو. حالانڪ مذهبن شروعات ۾ ماڻهن جي آزادي ۽ چوڪاري جي ڳالهه تي ڪئي پر پوءِ ڪن حرفتي ۽ خودغرض ماڻهن مذهب مان به پئسا ڪمائڻ شروع ڪيا ۽ تعويذن. ڳنڍن، ٽوڻن ۽ ڦيڻن جي ذريعي نذرانا وصول ڪري عام ماڻهن جو معاشي ۽ اقتصادي استحصال ڪيو. ڪيترين قومن ۽ ملڪن ۾ پيرپرستيءَ جا غلط رواج وجهي مري ويل ماڻهن جا مقبرا ناهي انهن کي به عوام الناس جي استحصال لاءِ استعمال ڪيو ويو جيڪو اڄا تائين جاري آهي.

حڪومت ڪرڻ به ماڻهن جي استحصال لاءِ مضبوطيءَ سان استعمال ڪيو ويو. بادشاهه ۽ شهنشاهه پئي پيدا ٿيا پر اهي سڀ هڪٻئي سان جنگين يا عياشين ۾ پورا هئا. عوام جي ڀلائي جو ڪين تمام ٿورو خيال هو ۽ اهو به ڪن بادشاهن کي عام طور تي عوام کي جاهل رکي سندن هر طرح جو استحصال ڪرڻ هنن جو خاص مقصد هو يا عام ماڻهن کي صرف وڙهڻ. ويڙهائڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي مشين ڪري ٿي ڪم آندائون. وڏن وڏن محلاتن ناهڻ يا سندن مقبرن ناهڻ لاءِ عام ماڻهو پئي استعمال ٿيا. ڪجهه چڱن بادشاهن واهه ۽ کوهه کوٽايا. گهڻن حڪمرانن بالادست طبقن جي ماڻهن کي مشغول رکڻ لاءِ ته جيئن اهي حڪمران طبقي جي اوڻائين پوڻائين تي نظر نه رکن ۽ انهيءَ خلاف ڪم نه ڪن. ڪيترائي شغل ۽ رونشا به ايجاد ڪرائي عوام کي ان ۾ مشغول رکيو ويو ۽ بعد ۾ ان کي ثقافت جو نالو به ڏنو ويو پر شروعات ۾ انهيءَ قسم جون سڀ ڳالهيون عوام کي مشغول رکڻ لاءِ صرف حربا ئي هيون. هن وقت عوام کي مشغول رکڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ ساڳيا ئي سلسلا جاري آهن. رانديون خاص ڪري ڪرڪيٽ ۽ ٻيا رونشا عوام جي ڌيان، خيال ۽ سوچ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڦيرائڻ لاءِ آهن ۽ اجا تائين استعمال ڪيا پيا وڃن. ناچ، گانا ۽ مختلف راندين جهڙين سڀني ڳالهين کي حڪمران طبقي پنهنجي مفاد لاءِ پڻ استعمال ڪيو آهي ۽ اجا سوڙو ڪندا اچن. سوچ وارن ۽ ساڃهه وند ماڻهن جي ڪاوشن جي ڪري علم به ترقي پڻ ڪئي ۽ سائنسي علم به اڳتي وڌندو رهيو ۽ سڀني خرافات سان انهيءَ علم پڻ ٽڪر کاڌو.

سورنهن سو عيسوي ڌاري يورپ جي ملڪن ۾ ڪجهه وڌيڪ سائنسي ترقي ٿي ۽ انهن ڪجهه مشينون ايجاد ڪيون ۽ پوءِ صنعتي انقلاب جو منهن ڪلي پيو. عام ماڻهن زمينن بجاءِ ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اتي گڏجي ڪم ڪرڻ ڪري پورهيت طبقي ۾ تنظيم ۽ ٻڌي پيدا ٿي ۽ انهن پنهنجا حق گهرڻ شروع ڪيا. پريس جي ايجاد جي ڪري خيالن جي ڏي وٺ سولي ٿي وئي ۽ عام ماڻهن ۽ پورهيتن جي مسئلي کي هڪٻئي چڱي طرح سان جلدي پئي آگاهه ڪيو. تمام وڏيون تحريڪون هليون ۽ انساني حقن جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. بادشاهه ۽ شهنشاهه جيڪي پاڻ کي خدا جو نمائندو سمجهندا هئا انهن کي للڪاريو ويو ۽ پوءِ جلد ئي انهن کان زوري حق ورتا ويا.

انهيءَ مغرب جي سجاڳي سڄي دنيا ۾ سجاڳي جي لهر پيدا ڪئي ۽ جتي جتي مغرب جي ملڪن يا ٻين ملڪن ڪالونيون ناهيون اتي آزادي ۽ حقن لاءِ جدوجهد شروع ٿي ۽ آخر ويهين صدي ۾ گهڻو ڪري سڀ ڪالونيون آزاد ٿي ويون گڏيل قومن جو ادارو به ٺهي ويو ۽ انساني حقن جا پڌرناما به منظور ڪيا ويا. بادشاهي نظام ختم ٿي ويا يا نالي ماتر رهجي ويا پر ساڳئي بالادست طبقي ڪوشش ڪري حرفتن ۽ مڪارين جي ذريعي جمهوري نظام کي به پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بهرحال سڄي دنيا جي انسانن ۾ سجاڳي اچي چڪي آهي. ڇاڪاڻ ته ميڊيا جي ترقي جي ڪري خاص ڪري اليڪٽرانڪ ميڊيا يعني ريڊيو، ٽي وي، ڊش انٽينا، ڊائريڪٽ فون، فيڪس، ڪمپيوٽر ۽ اليڪٽرانڪ ميل جي ڪري سڀ ملڪ ڳنڍجي پيا آهن ۽ هڪٻئي جي حال احوال کان فورا واقف ٿي ٿا وڃن. تنهن ڪري جن ماڻهن کي تعليم کان وانجهيل رکيو ويو هو انهن ماڻهن کي به اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ذريعي سڄي دنيا جون خبرون پهچايون ٿيون وڃن ۽ هاڻي ماڻهن کي جاهل رکڻ نا ممڪن آهي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي سوچن ۾ هڪ زبردست انقلاب برپا ٿي ويو آهي ته آخر هي ڏاڍ، ڌڪاءُ، ظلم ۽ استحصال ڪيترو وقت هلندو ۽ ڪجهه بالادست طبقي جا ماڻهو دولت ۽ اقتداري قبضو ڪري صرف عياشيون ڪندا ٿا وتن سو ڇو؟ ۽ آخر ڪيستائين هاڻي ماڻهو سمجهي چڪا آهن ته هي بالادست طبقي جا ماڻهو گهڻو ڪري بدمعاش ۽ بي شرم آهن. اهي عوام کي ڪڏهن به شرافت سان حق ڪونه ڏيندا. تنهن ڪري حقن ۽ سهولتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ کين جدوجهد ڪرڻي پوندي ۽ انهن کي پنهنجا حق ۽ پنهنجي ايندڙ نسل جا حق وٺڻ لاءِ وڏي ويڙهه ڪرڻي پوندي. سڄي دنيا ۾ جدوجهد جاري آهي پر يورپ جي گهڻو ڪري سيني ملڪن ۽ ٻين ڪجهه سائنسي علم ۽ سٺي تعليم جي ڪري تمام سٺي ترقي ڪئي آهي ۽ پنهنجي ماڻهن کي سڌاري انهن جو معيار زندگي بهتر بڻايو اٿن ساڳي طريقي سان جيڪڏهن انساني وسيلن کي تعليم ۽ تربيت ذريعي ترقي وٺرائبي ته سڀ انسان ۽ ملڪ ترقي ڪري سگهن ٿا ڪجهه ملڪن جي بالادست طبقي جي ماڻهن خاص ڪري آفريڪا ۽ ڪجهه ايشيا جي ملڪن ۾ عوام کي ڪيترين ئي حرفتن ۽ مڪارين جي ذريعي صحيح تعليم کان پري رکيو ويو آهي ۽ غلط ويساهن ۾ عام ماڻهن کي منجهائي ڦاسايو ويو آهي. ان جو نتيجو اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڪتو تہ انهن ملڪن جو وجود خطري ۾ پئجي ويو آهي ۽ انهي مان عوام اهو بہ سمجهيو آهي تہ سندن سڃائي، پينگيائي، بري ۽ بدتر حالتن جو سبب بہ اهو ئي بالادست طبقو آهي جنهن خلاف زبردست نفرت پيدا ٿي آهي. هاڻي عوام کي سڄاڳ ٿي اقتدار تي قبضو ڪري پنهنجا حق وٺڻا پوندا ۽ پوءِ ئي ترقي ٿي سگهي ٿي، مٿي بيان ڪيل پس منظر جي اڀياس ڪرڻ ڪانپوءِ وري ڏسجي ٿو تہ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو بہ اهڙين حالتن مان گذري رهيا آهن. سنڌي قوم تمام پراڻي قوم هئي ۽ سندن ملڪ سنڌ هر هنڌ مشهور هو بلڪ هند ۽ سنڌ بہ مشهور ولايتون سڏبيون هيون. سنڌو ندي جي ڪري هن علائقي ۾ آبادي، چراگاهون ۽ مال چارڻ جا گهڻا موقعا ۽ مٺي پاڻي ۽ سٺي زمين جا گهڻا فائدا هئا جنهن ڪري هتان جا ماڻهو خوشحال هئا. جيڪا ڳالهہ سندن تهذيب اٽڪل پنج هزار سال پراڻي موهن جي دڙي مان صاف ظاهر آهي. سنڌي ماڻهن تي ٻاهران سيني طرفان حملا ٿيندا رهيا پر انهن ڪڏهن بہ ٻئي ملڪ يا قوم تي حملو ڪونہ ڪيو. موهن جي دڙي مان ڪو خاص هٿيارن جو زخيرو وغيره ڪونہ مليو آهي تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي قوم بلڪل امن پسند قوم هئي. شايد سندن امن پسندي جي ڪري اها سزا ملين جو هر طرف کان حملا آور ايندا رهيا ۽ سنڌي قوم کي لٽي ڦري هليا ويندا رهيا ۽ سندن ڪجهہ ماڻهو هتي رهي پوندا هيا جيڪي اڄ بہ هتي آباد آهن ۽ اهڙي طرح سان ڄاتا، سڃاتا وڃن ٿا تہ اصل ڪٿان کان آيا يا ڪٿان جا هيا انهي سڄي عرصي ۾ سنڌي قوم دفاعي جنگيون ڪيون پر حملو ڪنهن تي بہ نہ ڪيائون. انهيءَ دفاعي مزاحمتي جنگين جي ڪري پنهنجو وجود برقرار رکندا آيا. سنڌ جون حدون جيڪي شروع ۾ وسيع هيون سي گهٽبيون گهٽبيون اڄ موجوده حدن تي پهتيون آهن. انهيءَ ۾ آخري وار وري انگريزن ڪيو جن ڪجهہ حصو پنجاب کي ۽ ڪجهہ علائقا بلوچستان سان ڳنڍائي ڇڏيا اها ڪجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سزا سنڌين کي مياڻي واري جنگ جي سزا طور ڏني وئي ۽ انهي سان گڏ انگريزن سنڌ سان زيادتيون ڪيون. جيئن بمبئي سان گڏي صوبائي حيثيت ختم ڪرڻ، فوج ۽ نوڪرين ۾ حصو نه ڏيڻ ۽ صحيح تعليم کي گهربل ضرورتن آهر نه وڌائڻ. بهرحال انگريز فاتح حڪمران هيا تنهن ڪري انهن کي خاص معياري نتو چئي سگهجي باقي سنڌ ۽ سنڌين جي تباهي ۾ انگريزن جو وڏو حصو آهي. انگريزن وري هتي پاڻ سان گڏ هڪڙو طبقو پيدا ڪيو جيڪو گهڻو ڪري جاگيردارن، نوابن، سردارن، زميندارن، پيرن، ميرن ۽ شاهن تي مشتمل آهي ته جيئن اهي سنڌن ساٿاري ٿي رهن. انگريزن جي خلاف جدوجهدون هليون ۽ انگريز وڃڻ وارا هئا پر هندستان کي اينڌڙ گهٽي وقت لاءِ مسئلن جي منهن ۾ ڏئي ويا، هندستان کي غلط نموني سان تقسيم ڪيائون ۽ انهيءَ تقسيم ۾ ڪوشش ڪيائون ته هندن کي وڌيڪ فائدو ٿئي. ڇاڪاڻ ته منڍ کان وٺي هو مسلمانن مان خوش نه هئا ۽ اسلام جيئن ته وڏي طاقت وارو مذهب آهي تنهن ڪري ان کي ڪمزور ڪرڻ پٺي چاهيائون. سنڌ جيڪا هنن ٽالپرن کان فتح ڪئي هئي ان جي حيثيت هڪ ملڪ جي هئي پر وڏي حرفت ۽ مڪاري سان سنڌي مسلمانن کي پاڪستان جي هڪ صوبي تي راضي ڪري ڇڏيائون پوءِ ته مسلمانن ڏنو ته هي هڪ وڏو دوکو ٿي ويو آهي ۽ پوءِ جي ايم سيد مسلم ليگ جي مخالفت شروع ڪئي ۽ آخر تائين سنڌين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو پر اڄا تائين ڪوبه نتيجو نه نڪري سگهيو آهي. صوبائي خودمختياري ۽ ٻيا حق سنڌين کي نٿا ڏنا وڃن. لطيف سائين چيو:

" دلبو منجهه درياهه پکي پسي آيا
ويچارن ويساهه آٽي ات اڙائيو."

(شاهه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويساهه ڪري ڦاسي وياسون ۽ اڃا تائين پيا ڦٿڪون،
محروميون ۽ مايوسيون وڪوڙي ويون آهن پر روشني جو ترورو به نظر ڪونه ٿو اچي سواءِ ان آسري جي ته من سنڌي قوم ڳالهين کي سمجهي ۽ اٿي پوي ۽ پوري جوش ۽ جذبي سان ڀرپور اتحاد ڪري پنهنجا حق ۽ آئيني خودمختياري وٺي. عوامي سجاڳي جي ڪا وڏي ڪوشش اڳ ۾ ڪانه ٿي آهي البته صوفي شهيد شاهه عنايت ڪوشش ڪئي پر سندس ڪوشش کي مغلن ۽ ڪلهوڙن حاڪمن جي گڏيل سازشين شڪست ڏني ۽ شاهه عنايت کي وڏي دوکي سان فقيرن سميت شهيد ڪيو ويو.

هن وقت سنڌي قوم ۾ ڪجهه سجاڳي ته آئي آهي پر اڃا ڪيترائي روڳ، مرض ۽ مختلف بيماريون آهن جهڙوڪ جسماني، روحاني، ذهني، نفسياتي ۽ اخلاقي جن ۾ سنڌ جو عوام ڦاٿل آهي. جن مان ڪين جان ڇڏائڻي پوندي. جهالت مفادپرستي، انائون، ٿوري ٿوري ڳالهه تي اٽڪي پوڻ، سستي، ڪاهلي، ڪم ڏار طبيعت، ناسهپ ۽ درگذر ڪرڻ جي فقدان جي ڪري گڏجي نٿا هلن ۽ گڏجي جدوجهد نه ڪرڻ وغيره انهيءَ کان علاوه استحصال ڪرڻ لاءِ هتان جي پيرن، ميرن، وڏيرن، شاهن، غلط ملن، مولوين ۽ منجهيل صوفين ۽ فقيرن ۽ عام ماڻهن کي جاهل رکڻ جون پوريون ڪوششون ڪيون آهن ته اهي سجاڳ نه ٿين پنهنجا حق گهري نه سگهن. ته جيئن هو سندن مٿان حڪم هلائين ۽ سندن استحصال ڪن.

انهيءَ ڏس ۾ غلط قسم جي ملن، مولوين، منجهيل صوفين ۽ جاهل فقيرن به مڪروهه ڪردار ادا ڪيو ۽ ماڻهن کي صحيح ڄاڻ نه ڏني ۽ عام ماڻهن کي جاهل رکيو ۽ غلط ويساهن واريون ڳالهيون ٻڌايون انهن ۾ ڦريندڙ ٽولي ميرن، پيرن، شاهن ۽ فقيرن سان ملي استحصال ڪرڻ ۾ پنهنجو به حصو چڪائي ورتو. ڪجهه مفادپرستن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وري ماڻهن کي سماجي برائين ۾ ڦاسائڻ لاءِ منشيات جي ڏنڌي کي وڏيڪ مضبوط ڪيو ۽ گهڻن ماڻهن کي نشي جو مڪمل عادي بڻائي ڇڏيو جنهن سان اسان جا اڄ به اوتارا، مڪان ۽ گهٽيون درگاهون پريون پيون آهن اهڙي طرح سان جيڪي ماڻهو ناڪاره ٿي ويا آهن انهن جو تعداد ڏينهن ڏينهن وڌندو ٿو رهي. انسان جي مفادپرست ۽ بالادست طبقي جو اهو وڏو ڪارنامو آهي ته عام انسانن کي جاهل، بيڪار، بي حال ۽ پريشان حال رکجي ته جيئن سندن استحصال سولائي سان ڪري سگهجي.

" سونهان چائين سڌ نه پئين سسئي پيچ ۾ سي

متان ٿئي توکي - منجهائين مارڳ ۾".

(شاهه)

هاڻي سواءِ عوام کي سجاڳ ڪرڻ جي ٻيو ڪوبه طريقيڪار ڪونهي جنهن سان عوام کي حق ملي سگهن تنهن ڪري هاڻي گهٽي کان گهٽي ذميواري پڙهيل ۽ ساڃهه وارن ماڻهن جي ۽ اڳ کان سجاڳ ٿيل دوستن جي آهي ته جيئن هو اهو ڪم پنهنجي سر تي کڻن ۽ عام ماڻهوءَ ۾ سجاڳي ڦهلائڻ لاءِ سنڌ جي وستي، واهڻ ۾ نڪري وڃن ۽ ماڻهن کي چڱي طرح زباني سمجهائن ته وڏن ماڻهن جو مفادپرست طبقو سندن دشمن آهي ۽ ڪنهن سندن دولت لٽي آهي ۽ ڪهڙا ماڻهو ڦورو ۽ لٽيرا آهن جن هميشه هر طريقي سان استحصال ڪيو آهي. سنڌي ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ جيترو به ڪم ڪجي گهٽ آهي. انهيءَ ۾ ٻهراڙين ۾ ننڍا وڏا جلسا ڪري ماڻهن کي صاف ڳالهيون سمجهائڻ، سيمينار ڪرائڻ، پرنٽ ميڊيا کي وس آهر استعمال ڪرڻ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ ڪيسٽن کان به ڪم وٺن. سنڌ جي سياست گهڻو ڪري جاگيردارن ۽ وڏيرن، زميندارن جي هٿن ۾ آهي انهن ماڻهن کي صرف ڏتا ۽ دوڪا ڏنا آهن انهن جي عام ماڻهن سان سنڌ ۽ سنڌين سان ڪنهن به قسم جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

همدردي ڪانہ هئي. هو تہ رڳو پنهنجي عياشين جي دلداده هئا ۽ اهي چڱي طرح سان عيش ڪن باقي عوام کي ڪوڙن نلهن ڏٽن تي ٽڙڪائيندا رهيا. ڀٽي صاحب ڪجهہ ڪم ڪيو پر اهو بہ اڌورو هئو. ممڪن آ تہ هن کي ڪم ڪرڻ نہ ڏنو ويو هجي پر سندس نعرو روٽي ڪپڙا مڪان بہ اڻپورو ۽ اڌورو هئو جنهن کي مڪمل عوامي ڇوٽڪاري جو نعرو نٿو چئي سگهجي. صحيح عوام جي ڇوٽڪاري جو صحيح نعرو ڪجهہ هيئن هجڻ گهرجي.

"روزگـــــار، روٽــــي، ڪپـــــڙا، مڪـــــان
تعليـــم، صحـــت، انصـــاف، امـــن امـــان."

پر سنڌ جي وڏيرن، زميندارن، پيرن، ميرن ۽ شاهن کي صرف اقتداري سياست ڪري پنهنجا عيش ڪرڻا هئا ۽ اهي ڪيائون ۽ هي عوام سان ڪڏهن بہ سچا نہ هئا ۽ نہ آهن هي بالادست طبقي جا ماڻهو آخر عوام سان همدرد هڏڏوکي ۽ سچا ڇو ٿين؟ هنن کي تہ نہ انسان جو احساس آهي ۽ نہ وري ڪو حياءُ شرم اٿن نہ وري ڪا رحمدلي، قياس ۽ ڪهڪاءُ اٿن ان ڪري هو عوام جي جهالت، خراب صحت، پريشانين، بک، بيروزگاري، امن امان ۽ انصاف لاءِ ڪڏهن بہ نہ سوچيندا. هنن تہ پنهنجي لاءِ بهترين قسم جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. هنن جون بستيون ۽ بنگلا بهترين ۽ عمده آهن. هنن جا تہ اسڪول بہ الڳ آهن ۽ گهڻو ڪري هنن جا ٻار بہ ملڪ کان ٻاهر اعليٰ قسم جي تعليم حاصل ڪن ٿا. سندن علاج لاءِ سرڪاري خرچ تي ٻاهرين ملڪ ۾ بندوبست ٿيل آهي ۽ جيڪڏهن ملڪ ۾ علاج ڪرائين ٿا تہ هنن لاءِ وي آءِ پي اسپتالون ۽ وي آءِ پي وارڊ جدا ٺهيل آهن. هنن وڏن ماڻهن جا تہ جيل بہ جدا ٺهيل آهن جن ۾ ايئرڪنڊيشنون لڳل آهن. هوائي جهازن ۾ بہ جايون جدا اٿن. پنهنجي لاءِ بهترين قسم جون گاڏيون ۽ پجيرو درآمد ڪرائين ٿا ۽ انهن تان هر قسم جا ٽيڪس يا تہ معاف ٿا ڪرائين يا وري گهٽ ڪرائين ٿا. انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيني ڳالهين مان ثابت ٿئي ٿو تہ هن بالادست طبقي پنهنجي لاءِ هر قسم جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان ڪري هو پنهنجو قبضو اقتدار ۽ دولت تي هميشہ لاءِ قائم رکيو اچن ٿا. جيڪڏهن پڙهيل قسم جا ماڻهو هر طرح سان نڪري پوندا ۽ سنڌ ۾ ڪم ڪندا تہ پوءِ ڪنهن جي بہ مجال نہ آهي جو ڪالاباغ ڊيم ٺاهي سگهي ۽ سنڌ ۾ سنڌين کي اقليت ۾ آڻي سگهي ۽ پنهنجا غلط فيصلا مڃائي سگهي. جيڪڏهن سڀ سنڌي خاص طرح سان استاد ۽ ٻين نوڪرين وارا ۽ ٻيا ڪجھ دوست جيئن دانشور، شاعر، سگهڙ، سياسي ڪارڪن پنهنجو وقت ڪڍي عوام ۾ ڪم ڪندا تہ يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ ٿوري وقت ۾ عوام سجاڳ ٿي ڀرپور بڌي ۽ مظاهري جو اهڙو تہ ڇتو اعلان ڪندو جو ڪوبہ صوبو يا ليڊر سنڌ ڏي ميري اک ڪري نہ ڏسي سگهندو. بلڪي اهي سڀ مجبور ٿي سنڌ ۽ سنڌي قوم کي پنهنجو جائز حق ڏيندا. آزادي جي قيمت مسلسل سجاڳي، جدوجهد، اتحاد ۽ احتجاج ڪرڻ ۾ آهي. عام ۽ خاص يعني سيني سنڌين کي هاڻي مستقل سجاڳ رهڻو پوندو ۽ ٻڌي ڪري پنهنجي حقن لاءِ زبردست احتجاج ڪرڻا پوندا. سڄي ملڪ لاءِ سنڌ سڌارن جي گهر ڪرڻي پوندي تہ جيئن ملڪ جو ڀلو ٿئي ۽ انهن کي سنڌن بنيادي حق ۽ سهولتون ملي سگهن. عوام کي هاڻي اهو بہ ڏسڻو ۽ جاچڻو پوندو تہ تحريڪن هلائڻ وارا مخلص ۽ بي لوث خدمت ڪرڻ وارا آهن يا نہ عوام جا هڏڏوکي، همدرد آهن يا نہ ان سان گڏ سمجهہ ڏاهپ، ڏانو سان ڪم ڪرڻ وارا آهن يا نہ. اڄ ڪلهہ جي معيار مطابق سٺي سياست، اقتصادي ڄاڻ اٿن ۽ اخلاقي طرح سان بہ قابل قبول معيار تي پورا لهن ٿا يا نہ. سٺن قابل ماڻهن جي گهٽائي هجي ۽ انهن سان گڏ تحريڪ ۾ هيٺيون چند خوبيون ضرور هجن ۽ سنڌن رهبر ٽولي ۾ تہ اهي گڻ ضرور هجڻ گهرجن نہ تہ تحريڪ ڪڏهن بہ ڪامياب ٿي نہ سگهندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1- ڏوهي قسم جا ذهن نہ هجن ، ڏوهن ڏي رجحان نہ هجڻ گهرجي. ڪرائيم ۽ ڪرمنلٽي (Crimnality) کان پري هجڻ گهرجن.
2- بداخلاقي کان پري هجڻ گهرجي يعني هر قسم جي (Immorality) کان پري هجڻ گهرجي.
3- بد راهي وارين ڳالهين کان پري هجڻ گهرجي يعني (Irrationality) کان پري هجڻ گهرجي.
4- هرو ڀرو غير قانوني ڪم نہ ڪندا هجن يعني (Illegalities) کان وس آهر بچندا هجن.
5- وسيع علم ۽ سٺي اخلاق وارا وڏي تعداد ۾ هجن.
6- صحيح وسائل جو ڪاٿو لڳائڻ ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ انهن وسائلن جو معقول بندوبست هجي.
7- تنظيم جي اصولن جا سڀ پابند هجن يعني (Discipline) هجڻ ڪپي.
8- جوش ۽ جذبي سان ڪم ڪي ڪاميابي تائين پهچائڻ لاءِ ۽ ان ڪانپوءِ سٺي نظام کي قائم ڪرڻ لاءِ هوشيار ۽ سجاڳ هجن ۽ هر دم ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هجن.
9- سٺن جمهوري اصولن سان ڪم کي وڌائي سگهبو ۽ عوام کي بہ فائدو ڏئي سگهبو نہ تہ صحيح ڪم ڪونہ ٿي سگهندو.
10- انهن جي علمي صلاحيت کي وڌائڻ ۽ اخلاقي تربيت جو بندوبست هجي.

هاڻي سنڌي ماڻهن کي کپي تہ سڀني سياسي پارٽين ۽ تحريڪن جو چڱي طرح سان جائزو وٺن ۽ ڏسن تہ ڪهڙي پارٽي يا تحريڪ آهي جيڪا بهتر آهي ۽ اها عوام ، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي حق جي ڳالهہ ڪري ٿي تہ پوءِ ان کي مدد ڪن. هر سنڌي ماڻهو کي سياست سمجهڻي پوندي ۽ سياست ڪرڻي پوندي تہ جيئن وس وارن کان پنهنجا حق ۽ سهولتون وٺي سگهجن. واڳ ڏڻين ۽ وس وارن لاءِ ضروري آهي تہ عوام جي مطالبن تي غور ڪن ۽ انهن کي پوري ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ ڪوششون وٺن. بالادست طبقي جي حرفتن هن ملڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي انهن جي پنيرائي ڪرڻ خطري کان خالي نه آهي. هاڻي جيڪڏهن جلد کان جلد ضروري ، آئيني، قانوني، معاشي، معاشرتي، سياسي، اقتصادي ،زرعي ۽ صنعتي سڌارا عوام ۽ ملڪ جي ڀلائي لاءِ ان جي بدتر حالتن کي سڌارڻ لاءِ نه آندا ويا ته پوءِ هن ملڪ جو قائم رهڻ تمام مشڪل ٿي پوندو. اهو هاڻي هن ملڪ جي واڳ ڌڻين جي مرضي تي ڇڏيل آهي ته اهي ڇا ٿا چاهين. اسان جو ڪم لطيف سائين جي شعر وانگر آهي:

"واڪو هڏ م لاهه ڪر سڏن متي سڏڙا

مَن تنهنجي ڪاءِ سگهر م سار ٿئي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ ۽ عوام خلاف مفاد پرست طبقي جي سازش

جڏهن پاڪستان لاءِ جدوجهد هلي رهي هئي تہ مسلم عوام ۽ انهن صوبن جي عوام سان جيڪي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻا هئا ڪيئي واعدا ڪيا ويا هئا. جهالت ۽ غربت کي ختم ڪيو ويندو ۽ عام ماڻهوءَ کي سماجي انصاف مهيا ڪيو ويندو. عوام کي بهترين قسم جون بنيادي سهولتون پيدا ڪري ڏنيون وينديون جهڙوڪ مفت ۽ سٺي صحت ۽ تعليم جو نظام ۽ ٻيون بنيادي سهولتون جهڙوڪ بجلي، گئس، روڊ رستا ۽ سڀ کان وڌيڪ اها ڳالهہ هئي تہ ملڪي نظام اسلامي اصولن مطابق هلايو ويندو. پاڪستان قائم ٿيو ۽ اسان سيني ڏٺو تہ تقريبا اڌ صدي گذرڻ جي باوجود هتان جو عوام ڏينهن بہ ڏينهن بد کان بدتر حالتن جو شڪار ٿيندو ٿو وڃي. غريب ڏينهون ڏينهن غريب ۽ شاهوڪار روز بہ روز شاهوڪار ٿيندو ٿو وڃي. هتي پهرين ڏينهن کان نوابن، جاگيردارن، زميندارن، وڏيرن، ملڪن، خانن، سردارن، سرمائيدارن، پيرن ۽ مخدومن جو قبضو ٿي ويو ۽ قبضو اڄا تائين جاري آهي. هن وقت تائين اسلامي نظام تہ قائم ڪونہ ٿي سگهيو ۾ ڪو سٺو سياسي نظام بہ قائم ڪونہ ٿي سگهيو آهي. مفاد پرست طبقي جي سازش جي ذريعي جيو وڃي ٿو تہ قائداعظم کي زهر ڏئي مارايو ويو ۽ ان ڪانپوءِ نوابزاده لياقت علي خان کي قتل ڪرايو ويو. بعد ۾ اقتدار ۽ وسائل تي چوڌرين ۽ فوج جو قبضو مڪمل ڪيو ويو. انهن سان پنهنجي صوبن جا خوشامندڙيا جاگيردار، سردار، وڏيرا، زميندار، ملڪ، خان، مخدوم، پير ۽ مير بہ گهٽي پاڳي شامل ٿي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هِن سيني مفادپرستن پاڻ ۾ گڏجي 1956ع جو آئين ناهيو پر وري پاڻ کي پسند نہ آين ۽ وري انهيءَ کي ختم ڪري ڇڏين. ان ڪانپوءِ 1962ع وارو آئين بنائي پيش ڪيو ويو ۽ ملٽري آمر جي طاقت جي ذريعي نافذ ڪيو ويو پر تڏهن بہ نہ هلي سگهيو ۽ انهيءَ کي بہ ختم ڪيو ويو. اهي ٻئي آئين انهن ئي وڏن ماڻهن جي مفاد پرست ٽولي ناهيا هئا .پر پاڻ ئي سمجهن تہ انهن ذريعي عوام کي ڪونہ مڃائي ۽ راضي ڪري سگهندا تنهن ڪري پاڻ ئي انهن ٻنهي آئينن کي ختم ڪين. مفاد پرست طبقي وارن جا بہ ٻہ ٽي گروهہ نهي ٿا وڃن جيڪي ڪنهن حد تائين هڪٻئي جي مخالفت تہ ڪن ٿا پر انهن جا مفاد ساڳيا آهن ۽ ضرورت مهل پاڻ ۾ نهي بہ ويندا آهن.

جنرل ايوب صاحب تمام وڏيون دعوائون ڪيون هيون پر عمل ان جي برعڪس تنهن ڪري ان جي خلاف عوام ۾ نفرت پيدا ٿي جنهن جو فائدو وٺي جناب ذوالفقار علي ڀٽي وزارت خارجہ تان استعفيٰ ڏئي جنرل ايوب صاحب جي حڪومت خلاف مهم هلائي. ايوب صاحب ڪوشش جي باوجود ان مهم کي دٻائي نہ سگهيو ۽ پاڻ هٿيار ڦٽي ڪري حڪومت ٻئي جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪري وڃي ڪمايل دولت تي گهر ويهي عيش سان وقت گذارڻ لڳو.

جنرل يحيٰ خان وڏو مڪار جنرل هئو. اليڪشن تہ ڪرايائين پر ان جي نتيجن کي نہ مڃيائين ۽ اقتدار منتقل ڪرڻ ۾ ٽال مٽول ڪندو رهيو.آخر انهيءَ ڇڪ ڇڪاڻ ۾ بنگال جدا ٿي ويو ۽ باقي هي پاڪستان بچيو جنهن جي حڪومت جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي حوالي ڪئي ويئي. جناب ڀٽي صاحب تمام سٺي شروعات ڪئي ۽ عوام لاءِ مناسب قدم کنيائين پر ڪجهہ مفاد پرست ان کي بہ ڦري ويا ۽ وڌيڪ ڪم ڪرڻ ڪونہ ڏنائونس. جناب ڀٽو صاحب جيڪڏهن يڪدم سنڌ سڌارڻ لاءِ قدم کڻي ها تہ شايد حالتون ٻيون هجن ها. نتيجو اهو نڪتو تہ آخر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيس اقتدار تان لاهي غريب عوام جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ ۽ ڪين سجاڳ ڪرڻ جي ڪري ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي قانوني طرح سان ڊونگ رچائي شهيد ڪيو ويو.

ان ڪانپوءِ جنرل ضياءُ صاحب جو دور شروع ٿيو جيڪو پاڪستان جي هن وقت تائين عمر جو ڪارو دور چئي سگهجي ٿو. پاڪستان پيپلز پارٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ جنرل صاحب هر قسم جو ظلم عوام جي مٿان ٽوڙي وڌو. ڪوڙا، ڦٽڪا، جيلن ۾ شديد قسم جون جسماني، ذهني ۽ جنسي اذيتون ويچارن ڪارڪنن کي ڏنيون ويون پر پارٽي جون ٻئي ليڊر عورتون مانواري نصرت ڀٽو صاحبه ۽ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه هماليه پهاڙ جيان ڏٽجي بيهي رهيون ۽ ان منافق ۽ ظالم جنرل جي آڻ نه مڃي نه مڃيائون. جنرل صاحب کي به جن آندو انهن ئي سندس خاتمو ڪرايو جاڪاڻ ته هنن پنهنجا مقصد پورا ڪيا ۽ هاڻي جنرل صاحب به ڪجهه اکيون ڏيکارڻ شروع ڪيون تنهن ڪري ڪيس وڌيڪ برداشت نه ڪيو ويو.

جنرل صاحب پنهنجي نگراني ۾ جوڻيجو حڪومت جي ڪمان ۾ وڏن جنرلن ۽ سرمائيدارن جي حڪومت قائم ڪئي جنهن حڪومت پنهنجي مفادن لاءِ صحيح طرح سان ڪم ڪيو. مفاد پرست ٽولي جا وڏا وڏا ۽ پراڻا قرض معاف ڪري وري ڪين نوان قرض ڏنا ويا جوڻيجو صاحب ۽ ضياءُ صاحب به پاڻ ۾ نهي ڪونه سگهيا ۽ جوڻيجي صاحب جي حڪومت جو خاتمو آندو ويو ۽ پوءِ ٿورن ڏينهن گذرڻ بعد ضياءُ حڪومت به جهاز جي حادثي ڪري ختم ٿي وئي.

جناب غلام اسحاق خان صدارت تي ويٺو ۽ ان چونڊون ڪرائي اقتدار ڪجهه شرطن تي محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي حوالي ڪيو ويهن مهينن بعد ان چونڊيل حڪومت کي ختم ڪري وري پنهنجي مرضيءَ سان جناب جتوئي واري نگران حڪومت مقرر ڪري چونڊون ڪرائي ان ۾ زبردست سازش جي ذريعي ڌانڌلي ڪرائي اقتدار جناب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نگراني لاء هڪ سفاڪ
نواز شريف جي حوالي ڪيو ويو. سنڌ ۾ وري
ظالم کي مقرر ڪري ۽ ڪيس چونڊن جي گهربل نتيجن آڻڻ جي عيوض
سنڌ جو وڏو وزير مقرر ڪيو ويو. هي سنڌ جو بيو ڪارو دور هئو
جيڪو ضياء واري دور کان ڪنهن به طرح گهٽ نه هئو بلڪي ڪن
ڳالهين ۾ ته ان کان به گوءِ ڪٽي ويو. رياستي تشدد ڪوڙن ڪيسن ۽
بيهودگين ۾ هي دور شايد تاريخ جي بدترين دور کان به وڌيڪ خراب ۽
بدترين دور هئو. ساڳئي ئي چالاڪ ۽ مڪار اسحاق خان نوازشريف
جي حڪومت ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۾ هن دفعي ڪنمبل ڳورو
نڪتو ۽ ڪيس به لوڙهي ويو. آڪٽوبر 1993ع ۾ وري معين قريشي جي
نگراني ۾ چونڊون ٿيون ۽ انهن جي نتيجي ۾ پاڪستان ڊيموڪريٽڪ
فرنٽ جي ڳڏيل حڪومت قائم ٿي ۽ هلي رهي آهي جنهن جي سرواڻي
محترمه بينظير ڀٽو ڪري رهي آهي. هن چونڊيل حڪومت جي خلاف
پهرين ڏينهن کان سازشون جاري آهن ۽ ڏسجي ته اڳتي ڇا ٿو ٿئي.
حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ جون پوريون ڪوششون ڪري رهيا آهن ته
جيئن اها غريب عوام جي مفاد ۾ ڪي به چڱا ڪم نه ڪري سگهي ۽
نه ئي وري پنهنجو پروگرام جيڪو نئين سماجي معاهدي جي شڪل ۾
ڏنل آهي ان تي ڪوبه عمل ڪري سگهي.

انهي پس منظر ۾ ڏسجي ٿو ته ستونجاهه سال گذري چڪا آهن
پر ملڪ ۽ عوام جي حالت ڪانه سڌري. ها! ڪجهه زميندارن، وڏيرن،
چوڌرين، ملڪن، خانن، سردارن، ميرن، پيرن، مخدومن ۽ شاهن جي
حالت ضرور سڌري آهي باقي ملڪ کي جيتري ترقي ڪرڻ گهربي هئي
اها ڪانه ٿي سگهي ۽ غريب عوام ويچاري جي حالت ته بد کان بدتر ٿي
وئي آهي. عوام کي جهالت ۾ رکيو ويو آهي سنڌس صحت جو ڪوبه
معقول بندوبست ڪونهي. بنيادي حق ۽ بنيادي سهولتون نالي ماتر به
ڪونهن. پوليس اسٽيٽ رهي آهي ۽ عوام جي جان، مال ۽ عزت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محفوظ ڪاڻ رهي آهي. ان ڪري عوام هن ملڪ ۽ معاشري کان مايوس ۽ تنگ ٿي چڪو آهي. انهيءَ عرصي ۾ بين ملڪن تمام سٺي ترقي ڪئي آهي. جهڙوڪ چائنا ، جپان، ڪوريا ، ٿائيلينڊ ، ملائيشيا ۽ انڊونيشيا وغيره. اسان جي ملڪ ۾ به انساني ۽ قدرتي وسائل ايترا آهن جو انهن ملڪن جي مقابلي ۾ وڏيڪ ترقي ٿي سگهي ها! پر هتان جي مفادپرست طبقي سازش جي ذريعي هتان جي عوام کي جاهل ۽ تنگ دست ڪري پاڻ صرف عيش ڪيا ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ ڪڏهن به ڪونه سوچيو.

انهيءَ مفاد پرست طبقي هميشه جيان مذهب جي آڙ وٺي ماڻهن کي اهو پڌائڻ شروع ڪيو ته توهان کي الله تعاليٰ غريب ڪيو آهي تنهن ڪري بس شڪر ۽ صبر ڪريو ۽ پنهنجي لاءِ وري فرمايو ته اسان کي دولت ۽ حڪومت به الله تعاليٰ تو ڏني تنهن ڪري توهان کي بلڪل اعتراض ڪرڻ نه گهرجي. هي تمام وڏو ڊونگ ۽ فريب آهي جيڪو دنيا جي غريب عوام کي صدين کان ڏنو ٿو وڃي ۽ عوام ويچارو اڻ پڙهيل ۽ اڻوجهه هجڻ جي ڪري هنن جي فريبي پرچار ۽ جار ۾ ڦاسي ٿو پوي.

الله تعاليٰ ته ڪائنات جو مالڪ ۽ خالق آهي جيڪي چاهي ڪري سگهي ٿو پر ڪي دنياجا ڪم ۽ ڳالهيون هن دنيا جي نظام ۽ سماج جي حوالي سان ماڻهن جي حوالي ڪيون آهن انهن ۾ هرويرو الله جو دخل مڃڻ زيادتي آهي. جيئن وتائي فقير چيو ته رزق بيشڪ الله جو پيدا ڪيل آهي پر اسان جي به مرضي آهي ته ماني پچائي يا چانور پچائي. اهڙي طرح هن ڪائنات جو نظام به ڪجهه انهيءَ قسم جو آهي ته ڪجهه ڪم انسانن جي حوالي آهن جيڪڏهن اهي سمجهي سوچي انهن کي ڪندا ته بهتر نتيجا نڪرندا جيڪڏهن اهي سوچي سمجهي نه ڪندا ۽ طبعي ۽ ٻيا قانون نظرانداز ڪندا ته سٺا نتيجا حاصل ڪونه ڪري سگهندا. دنيا جي هر شيءِ جا الله تعاليٰ قاعدا قانون خلقيا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جن مطابق ڪم هلندو. جيڪڏهن ڪير انهن قاعدن قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندو ته صحيح نتيجو حاصل نه ڪري سگهندو. دنيا ۾ غربت، جهالت، تنگ دستي، بدحالي، بيماري ۽ لاچاري گهڻو ڪري سماجي قاعدن ۽ قانونن جي ڀڃڪڙين جي ڪري پيدا ٿينديون آهن. جيڪڏهن سماجي نظام نيڪ ٿيندو ته انهيءَ قسم جا عذاب ۽ تڪليفون عوام تي گهٽ اينديون پر جيڪڏهن غلط نظام هوندو ته پوءِ ملڪ ۽ عوام انهيءَ قسم جي تڪليفن ۽ غلاميءَ ۾ به مبتلا ٿي ويندو. هاڻي اهو ماڻهن جي مٿان ڇڏيل آهي ته اهي ڪهڙي قسم جو نظام پنهنجي لاءِ پسند ڪن ٿا ۽ ڪهڙي نظام کي قائم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪن ٿا. انساني معاشرو قبائلي سردارن کان ارتقائي منزلون طئي ڪري بادشاهتون ۽ شهنشاهتون لتاڙي اچي جمهوري نظام کي پهتو آهي. جمهوري نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ وري عوامي جمهوري ۽ فلاحي نظام جي تصور اچي نئين نظامي تصور کي جنم ڏنو آهي. تنهن ڪري هن وقت صرف جمهوريت به قابل قبول نه آهي پر اها جمهوريت قابل قبول آهي جيڪا عوامي هجي ۽ فلاحي هجي. هاڻي عوام جي بنيادي حقن جي لتاڙ ۽ عوام جي بنيادي سهولتن کان محرومي گهڻو وقت ڪونه هلي سگهندي. مفاد پرست طبقي جيڪي "جاوا" ڪيا سي ڪيا هاڻي انهيءَ طبقي کي عوام جو خيال رکڻو پوندو. صرف عيش ۽ عياشي ڪونه هلي سگهندا. هاڻي عوام سمجهي چڪو آهي ته غربت ۽ حڪومت الله تعالىٰ جي طرف کان ڪونه آهن پر اهي نظام جو نتيجو آهن ۽ جيڪڏهن سٺو ۽ صحيح نظام رائج ڪبو ته عوام جي فلاح ۽ ترقيءَ واري منزل ماڻي سگهبي.

ڪائنات ۾ تمام گهڻيون ڳالهيون ۽ عمل آهن جن تي انسان جو ڪوبه ڪنٽرول يا قبضو ڪونهي جيئن سيارن جي گردش، وڏن وڏن سجن جي گردش ۽ انهن جي اندر ائٽمي عمل ۽ ردعمل ۽ انهن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خارج ٿيندڙ مختلف تابڪاري شعاع جيڪي فضا ۽ خلا ۾ لهرن ۽ ذرڙن جي شڪل ۾ موجود رهن ٿا. اهڙي طرح سان بنيادي زور (Fundamental Forces) ۽ بنيادي ذرڙا نه انسان پيدا ڪري سگهيا آهن ۽ نه وري سندن کو هٿ انهن جي بنيادي جوڙ جڪ جي قاعدن ۽ قانون ۾ آهي جن جي مطابق مادي مختلف شڪليون ورتيون آهن. اهڙي طرح سان مادي ۾ سوچ، ذهن، چرپر ۽ گرمائش نه انسان ڪاڻ پيدا ڪئي آهي پر انهيءَ ڪان اڳ ۾ تمام وڏن وڏن سجن، سيارن، ستارن ۽ انهن جي جهڳٽن جي شڪل ۾ هي جسيم جسم هن ڪائنات ۾ گردش ڪندا رهيا آهن انهن سيني عملن ۾ انسان جو ڪو به عمل دخل ڪونه هيو. شاهه لطيف سائين فرمايو آهي ته:

نڪا "ڪُن فيڪون" هئي نڪا هنگ نه هون،
سڄڻ انهيءَ ساعت ۾ پيٺي ڏنو سون،
مون تن ڏڌاڪون ملي ملاقات ڪي.

اهڙي طرح سان بادل، برسات، ڳڙا، گجگوڙ، ڪنوڻ، پيچڙ تارا انهن جو هڪٻئي سان ۽ ٻين گرهن سان ٽڪرجڻ يا سيارن تي ڪرڻ اهي سڀ عمل اهڙا آهن جيڪي انسان جي حياتيءَ تي اثرانداز ته ٿين ٿا پر انهيءَ جي وس ڪان يا عمل دخل ڪان يا پهچ ڪان پري آهن. هي ته تمام وڏي ڪائنات يعني(Macro- cosm) ۾ تمام وڏي پيماني تي عمل آهن پر وري جي تمام ننڍي ڪائنات جي شين ۽ عملن تي نظر وجهندا سين يعني (Macro - cosm) ته انهن ۾ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي انسان پيدا ڪونه ڪيون آهن پر سندن حياتيءَ تي اثر انداز ٿين ٿيون مثلن بئڪٽيريا، وائرس وغيره.

پر وري جيڪڏهن هن ذرتي تي مناسب فضا ۽ گرمائش ۽ پاڻي جنهن ڪيميائي بناوت سان آهن جيڪڏهن اهي انهيءَ بناوت ۽ اندازن سان نه هجن ها ته انسان جو هن ذرتي تي پيدا ٿيڻ ۽ هن شڪل ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زنده رهڻ به مشڪل ٿي ها! ڪائنات ۾ هر شيءِ جيڪا مادي جي شڪل ۾ نظر اچي ٿي تمام ننڍڙن ذرڙن يعني ائٽمن (اٽن) ۾ ڀاڱيل آهي. ائٽم وري پڻ ننڍڙن جزن جو مجموعو آهن. اهي جزا به هڪ خاص جوڙجڪ جي ذريعي گڏجي ماليڪيولس يعني پرماڻن جي شڪل ۾ نهيل آهي. انهيءَ نموني جي مختلف عنصر ۽ شيون ناهين ٿا. اهڙي جوڙجڪ ۽ انهيءَ جوڙ جي مختلف جوڙ جڪن ۾ گهڻ ۾ گهڻ انسان جو شروع ۾ ڪوبه عمل دخل ڪونه هئو. ۾ هاڻي سائنسي علم جي واڌاري ڪانپوءِ انسان انهيءَ جوڙ جڪ کي سمجهي ڪجهه عمل ۾ آڻڻ شروع ڪيو آهي ۽ ائٽمي توانائي ۽ ائٽمي هٿيار ناهڻ شروع ڪيا آهن. انهيءَ جوڙ جڪ جا قاعدا عجيب آهن جيڪي ڏسي انسان حيرت ۾ دنگ رهجي وڃي ٿو. ائٽم جا ٻيا جزا يعني اليڪٽرانس، پازيٽرانس ۽ نيوٽرانس آهن جيڪي مخصوص جوڙ جڪن جي ڪري جدا جدا عنصرن جا ائٽم ناهين ٿا اهي ذرڙا وري ائٽمي زور (Atomic Force) جي ذريعي هڪٻئي سان مخصوص انداز ۾ جڙيل آهن ۽ انهن ذرڙن جون عجيب خاصيتون ۽ ڪيفيات آهن. اهي ذرڙا ڪيئن آيا، ڪٿان آيا، ڪيئن جڙيا، سندن گڏجڻ جا قاعدا قانون جيڪي اڪيچار ۽ پيچيده آهن ڪيئن ٿيا ۽ ڪٿان آيا! هي سڀ ڳالهيون في الحال انسان جي سمجهه ۾ ڪونه ٿيون اچن تنهن ڪري ڪائنات جي خالق کي مڃڻو ٿو پوي.

اهڙي طرح سان وري جيڪڏهن انسان جي اندر ۾ ٿي جهاتي پائجي ته هڪڙي ٻي ڪائنات يعني (Micro-cosm) ڇٽي سگهجي ٿو. انسان جي پيدا ٿيڻ ان کان علاوه سندس مهاندا، شڪل شبيهه نر، ماد هجڻ، مختلف عادتون، مختلف عضون جي چرپر ۽ اندر جي عضون، دل، دماغ، جگر ۽ ٻين عضون جا عمل، ننڍا وڏا غدود ۽ انهن جا عمل اهي سڀ گهڻي حد تائين انسان جي پنهنجي عمل دخل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان آزاد آهن ۽ انهن جي اهڙي نموني سان هجڻ يا پيدا ٿيڻ ۾ انهن کو حصو پتي ڪونہ آهي.

انسان جا نسل، رنگ ۽ زبان وغيره بہ ڪنهن هڪ انسان جي اختيار ڪان ٻاهر آهن. ڪٿي پيدا ٿيندو ۽ ڪٿي ڪيئن مرندو بہ سندس اختيار ۽ عمل ڪان ٻاهر آهي.

انسان ڪان علاوه ٻيون جاندار شيون انهن جا قسمين قسمين رنگ ۽ بناوٽون، عادتون، خاصيتون اهڙيون آهن جن تي انسان جو ڪو خاص ڪنٽرول ڪونہ آهي. شڪل شبيهہ تہ ڇڏيو پر هڪ ننڍڙي آڱوٺي جون لڪيرون بہ ڪروڙها انسانن ۾ مختلف آهن.

هي عجيب و غريب پيچيده ۽ وسيع و عريض گوناگون قسمن جي نباتات، حيوانات ۽ جمادات تي مشتمل ڪائنات اهڙي تہ عقل کي منجهائيندڙ آهي جو سواءِ ان جي حڪيم و عليم خالق کي مڃڻ ۽ ان جي سارا هہ ڪرڻ ڪانسواءِ انسان رهي نٿو سگهي. هن ۾ ڪيترائي اهڙا عمل ٿيندا ٿا رهن جن جي توجيهہ ڪرڻ انسان جي عقل، فهم فراست ڪان في الحال ٻاهر يا تمام مٿي آهن. صرف واقعات جو هڪٻئي سان ٺهڪي اچڻ يا نہ اچڻ يعني (Synchronization of events) هڪ ئي وقت تي ٿيڻ يا ٿوري يا گهٽي وقفي ڪانپوءِ ٿيڻ ڪنهن وقت ٿيڻ يا ڪنهن وقت نہ ٿيڻ بہ اهڙا عمل آهن جن جي توجيهہ تمام مشڪل ڪم آهي. ڪائنات ۾ اهڙا ٻيا ڪيترائي عمل آهن جن جي وضاحت ڪرڻ يا انهن کي سمجهڻ انسان جي وس ڪان ٻاهر آهي. اهڙي طرح سان انسان جي پيدا ٿيڻ ۽ ڪجهہ عرصي گذارڻ ڪانپوءِ ختم ٿي وڃڻ بہ مڪمل طرح سان سندس وس ۾ نہ آهي. حضرت علي عليہ السلام جو قول آهي تہ " عرفت ربي بفسخ العظائم" پنهنجي رب کي سڃاتم ارادن جي ٽٽڻ مان . پر هن ڌرتي کي سنوارڻ ۾ ۽ هتي سٺي نموني سان زندگي گهارڻ ۾ انساني عمل ۽ ترقي بہ تمام وڏا شاهڪار سهڪاري عمل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿي ڪجهه وضاحت ان ڪري ڪئي ويئي تہ جيئن اسان اها ڳالهہ سمجهي سگهون تہ ڪجهہ ڳالهيون تہ واقعي الله تعاليٰ جي قدرت ۾ آهن ۽ اهي اهڙي طرح سان ٿينديون جيئن انهن جي فطرت آهي پر ڪجهہ ٻيون ڳالهيون جيڪي انساني عمل آهن انهن کي الله تعاليٰ ڏي منسوب ڪري ڪجهہ مفاد پرستن عوام الناس کي منجهايو ۽ سندن استحصال ڪيو ۽ کين لٽيو ۽ ڦريو آهي.اهڙين ٺي ڳالهين مان دولت ۽ اقتدار آهن جن تي صدين کان وٺي هڪ حريف ، مڪار ۽ مفادپرست طبقي قبضو ڪيو ۽ پنهنجي قبضي کي جاري رکڻ واسطي ماڻهن کي چيو ويو تہ بابا! توهان ڏسو اهي تہ اسان کي الله تعاليٰ ڏنيون آهن تنهن ڪري توهان صبر ڪريو. اهڙين مفادپرست طبقن پاڻ ئي اهڙا طريقا ايجاد ڪيا ۽ اهڙو نظام رائج ڪيو تہ سندن اهو قبضو جاري رهي. پر انساني سوچ ۽ عوام الناس جي بدحالي ۽ تڪليفن ماڻهن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو ۽ سمجهدار ماڻهو اها ڳالهہ سمجهي ويا ۽ چٽي ڪري ڏنائون تہ اهي ٻئي ڳالهيون يعني دولت ۽ اقتدار انساني سماج جو عمل آهن ۽ انسان پاڻ ئي انهن جا طريقا بڻايا آهن. جيڪڏهن ماڻهو چاهين تہ دولت جي ورهاست اهڙي نموني سان ڪن جو سڀ انسان سکيا ۽ خوشحال ٿين ۽ اهڙو سماجي ۽ سياسي نظام ناهين جيڪو سندن سڀ مسئلا حل ڪري ۽ سڀ انسان سٺي ، سهڻي زندگي گهاري سگهن. جيئن مغرب جي ملڪن ۾ ڪنهن حد تائين ٿي رهيو آهي. هي ڳالهہ هن وقت سڀني ترقي يافتہ ملڪن ثابت ڪري ڇڏي آهي ۽ هاڻي انهيءَ کي سمجهڻ ۾ ڪا خاص ذڪيائي ڪونہ ٿي ٿئي ، تنهن ڪري اهي هاڻي صرف بخت ۽ قسمت جي حوالي ڪونہ آهن ، پر انساني ڪوشش ، ڪاوش ، جدوجهد ، ڏاهپ ،سمجهہ ، سوچ ، علم ۽ مناسب عمل ، دولت جي ورهاست ۽ اقتدار کي سڀني ماڻهن جي گڏيل مرضي ۽ ڪوشش جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. ان باري ۾ هڪ سٺو لطيفو بہ آهي جنهن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ثابت ٿئي ٿو تہ اها ڳالهہ بہ عام ماڻهن گهڻو اڳ ۾ سمجهي ۽ محسوس ڪئي آهي. هڪ بادشاهہ وٽ هڪ فقير آيو ۽ اچي خيرات گهريائين. بادشاهہ سلامت چيس تہ فقير آءِ پنهنجي ڏاڙهي مبارڪ تي هٿ ڦيرائيندس پوءِ جيترا وار مبارڪ هٿ ۾ ايندا تہ اوترا روپيا تنهنجي نصيب. بخت يا قسمت جا ٿيندا. اهي توکي ڏيندس. اهڙي طرح جڏهن بادشاهہ پنهنجي ڏاڙهي مبارڪ تي هٿ ڦيرايو تہ فقط هڪ وار هٿ ۾ آيس ۽ فقير کي چيائين تہ بابا تنهنجو بخت. قسمت يا نصيب ايترو ئي هئو هڪ روپيو وٺ ۽ روانو ٿي. فقير سوچي بادشاهہ سلامت کي هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيو تہ بادشاهہ سلام هاڻي منهنجو بہ عرض مهرباني ڪري مڃ. بادشاهہ چيس تہ فقير چئو. فقير چيس تہ سائين " ڏاڙهي تنهنجي هٿ منهنجو" پوءِ ڏس منهنجو بخت يا منهنجي قسمت. باقي هٿ بہ تنهنجو ۽ ڏاڙهي بہ تنهنجي تہ پوءِ تہ پنهنجا بخت تہ تو چوائي ئي آهن. سو هتي هڪ مفادپرست طبقي دولت ۽ اقتدار تي قبضو پنهنجي مختلف حيلن. حرفتن ۽ حربن سان جاري رکيو آهي ۽ عوام کي دوکو ڏئي چئي رهيا آهن تہ اهو سڀ ڪجهہ الله جي طرفان آهي.دولت جي وسيلن تي تاريخي قبضي جي ڪري ۽ پنهنجي هٿ سان پنهنجي جوڙيل نظام جي ذريعي وڏيڪ دولت ڪمائين ٿا ۽ وڌيڪ دولت ڪمائڻ جي وسيلن تي قبضو ڪن ٿا. دولت ۽ اقتدار هنن وٽ لازم ۽ ملظوم ٿي پيا آهن. پر اهي ئي مفاد پرست طبقا عوام کي هميشہ پٽي پڙهائيندا آهن تہ اقتدار تمام بيڇڙي بلا آهي انهيءَ کان پري ڀڄو. مخالفن تي نعرا ڪسيندا آهن تہ اهي اقتدار جا بکيا آهن. انهن کي اقتدار جي حوس آهي حالانکي پاڻ ۽ سندن خاندان بہ انهيءَ عمل جو حصو هوندا آهن. گهڻن ئي دانشورن. سياڻن. سيبتن ۽ عوام کي گهٽگهرن کي انهيءَ ئي پروپيگنڊا جي ذريعي اقتدار کي حاصل ڪرڻ واري سياسي عمل کان پري رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن. مفاد پرست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طبقي جي پروپيگنڊا ۽ سنڌن پر تشدد عملن کي ڏسي ڪري ڪيترن ڏاهن اهو چوڻ شروع ڪيو تہ سياست خراب ۽ ٻيڙي شيءِ آهي. حقيقت ۾ مفاد پرست طبقي جاتي ٻجهي اها مهم هلائي تہ جيئن سنڌن مقابلي ۾ گهڻ ۾ گهڻ ماڻهو اچن ۽ ڪم از ڪم سنا ۽ ساڃاهہ وند عوام جا گهڻگهرا تہ سياسي عمل کان پري رهن. جيئن شاهہ صاحب اسان کي آگاهہ ڪيو تہ:

اڃو پاڻي لڙ ٿيو ڪالارڻو ڪنگڻ،
ايندي لڄ مرن تنهن سر مٿي هنجهڙا.

ملڪ جو نظام ۽ حڪومتي نظام سياسي عمل جي ذريعي ڪجهہ ماڻهو سنڀالين ٿا سو جيڪڏهن سنا، ڏاها، عوام جا همدرد ۽ گهڻگهرا انهيءَ عمل ۾ حصو نہ وٺندا تہ ميدان مفادپرستن لاءِ خالي رهندو. تنهن ڪري دانشورن ۽ ڏاهن ماڻهن کي کپي تہ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ملڪي نظام کي بدلائڻ ۽ سنوارڻ لاءِ سياسي عمل ۾ ڀرپور حصو وٺن. اقتدار تمام سٺو ذريعو آهي عوام جي خدمت ڪرڻ جو تنهن ڪري جيڪڏهن هن نعري سان اڳتي اچن تہ اقتدار ڀلائي لاءِ يعني (Power of welfare) تہ پوءِ اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ تمام سٺي ۽ سٺوعمل يعني عبادت وانگر آهي.

اهڙي طرح سان انهن ئي مفادپرستن جو ٻيو حملو دولت تي هوندو آهي تہ دولت خراب، مخالفن لاءِ چوندا دولت جو حرس اٿن وغيره وغيره، پر پاڻ پنهنجي ۽ پنهنجي اهل اولاد لاءِ بلڪي ستن پيڙهين لاءِ دولت ۽ وسيلا جمع ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. انهن جي مقابلي ۾ ماڻهو سٺي ۽ جائز طريقي سان دولت ڪمائي تہ ڪوبہ حرج ڪونهي، دولت بہ تمام سٺي شئي آهي، دولت چڱائيءَ لاءِ يعني (Wealth for virtue) جو نعرو ڏئي هر ماڻهوءَ کي کپي تہ محنت ڪري، ڏنڊا ڪري پنهنجي لاءِ دولت ڪمائي ۽ جمع ڪري ۽ انهيءَ دولت جي ذريعي چڱا ڪم ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسلام ۾ بہ اسان کي دعا جي ذريعي سمجهايو ويو تہ الله تعاليٰ کان دنيا جي سنائي، چڱائي ۽ نعمتون گهرو ۽ پوءِ آخرت اهي سڀ ڳالهيون بہ انسان کي سمجهائڻ لاءِ هيون. اهڙي طرح سان اسلام ۾ چيو ويو تہ دولت چند هٿن ۾ جمع ٿيڻ نہ گهرجي.

" لايکون دولت البين الاغنيائکم "

يعني دولت جي صحيح ورڇ ڪرڻ تمام ضروري آهي. اهڙي ئي طرح سان چيو ويو تہ توهان جو نظام هڪٻئي جي صلاح مشوري سان طئي ٿيڻ کپي. "وامرهم شوريٰ بينهم" هي تڏهن ئي ٿي سگهندو جڏهن وسيع بنيادن تي جمهوري نظام قائم ڪيو وڃي. جيڪڏهن وسيع بنيادن تي جمهوري نظام قائم نہ ڪيو ويندو ۽ دولت جي ورڇ صحيح نموني سان نہ ڪئي ويندي تہ عوام جو ڀلو ڪونہ ٿي سگهندو.

وري چيو ويو تہ

" کلو والنشربوو لاتصرفو "

کائو پيئو پر زيان نہ ڪيو. هاڻي جيڪڏهن اسان شيون پيدا نہ ڪنداسين تہ کائينداسين ڪٿان؟ شين جي پيدا ڪرڻ لاءِ سائنس جي تعليم کپي، ڪارخانا کپن ۽ ڪارخانن کي هلائڻ لاءِ منتظمين کپن. اهي سڀ عمل سائنسي، فني ۽ هنري علم جي ذريعي ئي ٿي سگهندا. اهي تڏهن ٿي سگهندا جڏهن اسان انساني ذهن کي ۽ انساني هٿن کي سکيا ڏينداسين يعني قيمتي انساني وسائل کي ترقي ڏياريندا سين تہ جيئن پيداوار وڌائي سڌاري سنواري سگهون.ملڪ وري تڏهن ترقي ڪندو جڏهن پيداوار وڌندي تنهن ڪري هاڻي هر هڪ ملڪ جي شهرين لاءِ سائنسي، فني ۽ هنري علم تمام ضروري ٿي پيو آهي.

اسان جي ملڪ ۾ جاگيرداري ،زمينداري،وڏيراشاهي، چوڌراهپ جيڪا هتان جي سردارن، ميرن پيرن،مخدومن، ملڪن ۽ خانن هن ملڪ ۾ جائز رکي آهي، انهيءَ جو بہ اسلام ۾ ڪو جواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زمين جو وکرو ڪونهي. سيني فقيهن وٽ بٽئي جو نظام حرام آهي ۽ زمين جو وڪرو به حرام آهي. زمين " جيڪو کيڙي سو کائي" جي اصولن مطابق صرف آباد ڪرڻ لاءِ ڏيڻي آهي، پر مسلمان بادشاهن پنهنجي حڪومت کي هلائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ ٽولي کي زمين جي ملڪيت ڏيڻ جو غلط رواج وڌو جيڪو صدين کان هلندو پيو اچي پر ڪنهن به اميرالمومنين چوائيندڙ انهيءَ کي ختم نه ڪيو. پاڪستان اسلام جي نالي تي اسلامي نظام قائم ڪرڻ لاءِ ناهيو ويو پر سٺيتاليهن سالن کان هن ملڪ ۾ به زمينداري کي ختم نه ڪيو ويو آهي. جڏهن ته انڊيا، بنگلاديش، مصر ۽ عراق وغيره ۾ اهو نظام ختم ڪيو ويو آهي. پاڪستان ۾ شروع کان ئي مفاد پرست مٿانهين طبقي جو قبضو ٿي ويو ۽ مختلف حربن، حيلن ذريعي سندن حڪومتون رهيون. مارشل لا ۽ مسلم ليگي دور به اهڙن ئي ماڻهن جي اقتدار جا دور هئا. چند سال پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا رهيا جن ۾ ڪجهه عوام جا ڪم ٿيا پر ان ۾ به ڪجهه وڏيرا ۽ چوڌري، خان ۽ ملڪ اچي ويا جن جا ڪارناما به اهڙا ئي هئا جهڙا مسلم ليگين جا. جناب ذوالفقار علي ڀٽي شهيد جي ڏينهن ۾ وري به چڱا ڪم ٿيا ۽ محترمه به شروعات سٺي ڪئي پر مفادپرست ماڻهن هن کي به چڱيءَ طرح ڪم ڪرڻ نه ڏنو ۽ نه ڏيندا. تنهن ڪري اهڙي مفاد پرست ۽ عيش پرست دولت جي پوڄارين کي پارٽي مان ڪڍڻو پوندو. انهيءَ مفاد پرست طبقي جي اقتداري دورن ۾ عوام جي ڀلائي، چڱائي ۽ بهتريءَ لاءِ ته ڪم ڪونه ٿيو پر عوام جي پگهر ۽ رت جي پورهيي سان پيدا ڪيل پئسن ۽ دولت، جيڪا ٽئڪس جي صورت ۾ سرڪار وٽ جمع ٿئي ٿي، کي لٽي ڦري کائيندا رهيا. هڪ وزير خزانه ته اعلان ڪندي چيو ته ستر ارب روپيا رشوت ذريعي ڪاڇي وڃن ٿا پر ان جو ڪوبه تدارڪ ڪونه ڪيو. اهڙي طرح سان بينڪن ۾ جمع ٿيل عوام جي پئسي کي باقائدي ڌاڙا هڻي پاڻ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ورهائي ڪائي ويا. مهراڻ بينڪ ۽ حبيب بينڪ ان جا واضع مثال آهن. وڏا وڏا قرض ۽ وياج وري ڪجھ ڪجھ عرصي بعد انهن ئي مفادپرستن کي معاف ڪيا ٿا وڃن. عوام جي پئسن کي ڦٻائڻ جا ٻيا سڀ ذريعا به انهن ئي استعمال ڪيا آهن. جيئن اسٽاڪ ايڪسچينج ۽ ڪوآپريٽوز جي ذريعي به عوام جي پونجي اهي وڏا مفادپرست هڙپ ڪري ٿا وڃن. ان کان علاوه مختلف ناٽي سنيالڻ وارا ادارا قائم ڪري انهن جي ذريعي به پئسا ڪمائين ۽ ڪائين ٿا.انهن سڀني ادارن مان غريب مسڪين ماڻهن جو ڀلو نه ٿيو آهي نه ٿيندو. جيستائين ماڻهو ايماندار نه ٿيندا ۽ ايمانداريءَ سان محنت ۽ ڪم نه ڪندا ته ملڪ ۽ عوام جي حالت ڪانه سڌرندي. بي ايماني جي ذريعي عوام جو پئسو ڪائي ٿا وڃن تنهن ڪري عوام جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪرڻ نه ٿا ٿي سگهن. ملڪ جي رشوتي نظام ۾ عوام ويچارو تنگ ۽ تباهه ٿئي ٿو. شريف ماڻهوءَ جو زندهه رهڻ ۽ جياپو مشڪل ڪيو وڃي ٿو. مقصد ته بدعنواني ۽ بدمعاشي کي وڌايو ۽ ويجهايو وڃي ٿو ۽ شرافت ۽ ايمانداري کي ذليل ۽ خوار ڪيو وڃي ٿو.-وقت ۽ حالات اهڙا ٿي پيا . جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

اگهئو ڪائو ڪچ مائڪن موت ٿي،
پلئه پايو سچ آچيندي لچ مران.

۽

جه سي لوڙائو ٿيا جني پر رهن،
مارو منجهه ٿرن رهي رهندا ڪيترو.

اقتدار ۽ دولت تي قبضي ڪرڻ ڪانپوءِ ۽ انهيءَ قبضي کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ انهيءَ مفاد پرست طبقي کي عوام کي تباهه برباد ۽ ناڪاري بڻائڻ لاءِ هڪ سازش سٽي ۽ انهيءَ کي عملي جامو پهرايو. جڏهن عوام جاهل ۽ بيڪار ٿيندو ته ملڪ به ترقي ڪونه ڪري سگهندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهن ڪري جيئن سگهجي ٿو ته هن طبقي ملڪ ۽ عوام جي خلاف هڪ وڏي سازش ڪئي ۽ هن وقت تائين ان ۾ ڪامياب ويا. عوام کي بيڪار . جاهل بڻائڻ لاءِ کين تنگ . تباهه ۽ برباد ڪرڻ لاءِ هيٺ ڏنل حربا استعمال ڪيا ويا. ۾ ماڻهن کي حق ۽ سچ نه سيکاريو ويو ۽ نه وري حق ۽ سچ جي ڳالهه ڪئي ويئي. ڪنهن به ملڪ جي ترقي ۽ فلاح حق ۽ سچ ڪانسواءِ سٺي ڪونه ٿي سگهندي.معاشرو خوشحال ۽ خوش و خورم نه ٿي سگهندو جيستائين ڪوڙ کي نه ڪڍبو. شاهه صاحب فرمايو آهي:

مــن پڇنــي ســپرين چــت ۾ چيتــاريج ،
ڪــيج ڪــائي ڪــچ کــي ڪــوڙ م ڪمــائيج ،
وڪــر وهــائيج ســوداگر ســـچ جــو.

بهرحال انسانن کي تباهه برباد ڪرڻ لاءِ مفادپرست طبقي جي تخريبي ذهن هيٺيان حربا استعمال ڪيا آهن.

1- تعليم جي تباهي: تعليم عام ، سٺي ۽ مفت نه ڪئي ويئي ڇاڪاڻ ته جي عوام کي سٺي ۾ مفت تعليم ميسر ٿيندي ته عوام سڌري ويندو ، سجاڳ ٿيندو ۽ پنهنجا حق گهرندو ، دولت ۽ اقتدار تي قبضي ڪرڻ جون حرفتون ، مڪاريون ۽ چالاڪيون سمجهندو ۽ تنهن ڪري مفادپرست طبقي جي مٺي جو سور بڻجي پوندو ۽ سندس ڦرلٽ ۽ عيش جا رستا روڪيندو تنهن ڪري انهيءَ مفادپرست طبقي جيڪو گهڻو ڪري انسان دشمن ۽ عوام دشمن آهي انهيءَ طبقي تعليم کي تباهه و برباد ڪيو. ستونجاهه سالن کان وٺي تعليم جي واڌاري تي ڪو توجهه ڪونه ڏنو ۽ تعليم جي لاءِ قومي آمدنيءَ جو صرف هڪ ڏيڍ سيڪڙو رکيو جنهن سان تعليم نه سڌرڻي هئي ۽ نه سڌرندي. هين ملڪن پنهنجي عوام جي ڀلي لاءِ قومي آمدنيءَ جو پندرنهن کان وٺي ويهه سيڪڙو تعليم تي خرچ ڪري انهن کي فني ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هنري ۽ سائنسي تعليم ڏيئي معاشري ۽ ملڪ لاءِ ڪارآمد بڻايو پر هتي ماڻهن کي پنهنجو محتاج رکڻ لاءِ جاهل رکيو ويو. ڪيترن ئي وڏيرن، اميرن ۽ وڏن ماڻهن کي چوندي ٻڌو ويو تہ انهن کي تعليم ڏيارين تہ اسان سان ڪرسي يا کٽ تي ويهن يا پيرين ڪونہ پوندا. اهو ذهن هو اسان جي ڀاڙين پوتارن جو يا ميرن ،پيرن، ملڪن، خانن ۽ اميرن جو، تنهن ڪري عوام کي تعليم ڏيڻ نٿا چاهين. نتيجو اهو ٿيو جو شرح خواندگي گهٽ رهي ،فني، هنري ۽ سائنسي تعليم ۾ پوئتي رهجي وياسين ۽ اسان جو پيارو ملڪ پاڪستان ترقيءَ جي راهہ ۾ پوئتي رهجي ويو. ٻئي پاسي علم جي گهٽتائي جي ڪري معاشري ۾ ڪيترين ئي سماجي برايون پروان چڙهيون، آدم شماري وڌندي رهي ۽اهڙي طرح سان هاڻي ملڪ ۽ عوام جو وڏو حصو تباهہ ٿي رهيو آهي.

هاڻي هرطرف خرابي آهي پر ان بيڙائي ۽ بربادي جي طوفان کي منهن ڏيڻ لاءِ وري تعليم کي عام ڪرڻو پوندو ۽ تعليم جي نظام کي سڌارڻو پوندو. مسلمانن کي تہ تعليم تي وڌو خيال ڏيڻو ڪپندو هو ڇاڪاڻ تہ مرد ۽ عورت تي تعليم فرض ڪئي ويئي آهي پر عورتن جي تعليم تہ بلڪل ختم ڪري پوري اڌ آبادي کي بيڪار بڻائي ڇڏين، جنهن جا سڄي معاشري تي هاڃيڪار اثر پيا آهن. هن وقت وڏي زور شور سان يڪدم ترجيحي بنيادن تي تعليم جي شرح ۽ معيار کي جيڪڏهن نہ سڌاريو ويو تہ هي ملڪ ۽ ماڻهو تباهيءَ جي اونهي غار ۾ وڃي ڪرندا. ان لاءِ ضروري سڌارا ڪيا وڃن ۽ فورن ڏهہ سيڪڙو قومي آمدني کي تعليم جي لاءِ مخصوص ڪيو وڃي ۽ بعد ۾ وڌائي ويهہ سيڪڙو ڪيو وڃي.

2- صحت جي نظام جي خرابي: تعليم جي خرابيءَ ڪانپوءِ عوام الناس جي صحت جي سڌاري لاءِ ڪوبہ خيال نہ رکيو ويو. جيڪڏهن قوم جا فرد مرد توڙي عورت صحتمند نہ هوندا تہ قوم ترقي ڪونہ ڪري سگهندي، صحتمند ذهن ۽ جسم ئي قومي ترقيءَ جي منزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماٿيندا پر هتي نہ بيمارين کي روڪڻ لاءِ ڪو سٺو بندوبست ڪيو ويو نہ جوڳا اپاءَ ورتا ويا ۽ نہ وري علاج جو ئي ڪو خاطرخواهہ نظام جوڙيو ويو. صحت تي بہ بجيٽ تمام ٿوري ٿي رکي وڃي يعني قومي آمدنيءَ جو صرف هڪ اڌ سيڪڙو جڏهن تہ ٻيا ملڪ پنج ڪان ڏهہ سيڪڙو صحت لاءِ خرچ ڪن ٿا ۽ ڪجهہ ملڪن تہ جيئڻ جيان تہ صحت تي قومي آمدنيءَ جو ويهہ سيڪڙو خرچ ڪري ٿو. هنن ملڪن لاءِ هڪ هڪ شهري قيمتي آهي ۽ ان جي پوري سنڀال ڪن ٿا تہ جيئن هي تمام قيمتي مشين فٽ رهي ۽ هن ۾ ڪنهن بہ قسم جي خرابي نہ ٿئي. پر اسان جي ملڪ ۾ بالادست طبقي جنهن جي هٿ ۾ حڪومتون ۽ بجيٽ رهي آهي ۽ عوام جي صحت تي گهٽ پئسا رکي ان کي نظرانداز ڪيو آهي. سندن مقصد صرف هڪ آهي تہ عام ماڻهو مصيبتن ۾ گرفتار رهي. اسان جو محتاج رهي ۽ پنهنجا بنيادي حق ۽ بنيادي سهولتون نہ گهري تنهن ڪري انهن کي علاج جي مسئلي ۾ بہ ڦاسائي رکجي.

3- منشيات جي واڌاري ۽ واهپي واري لعنت: هن بي رحم بي قياس ۽ بالادست طبقي عوام کي بيڪار ۽ ناڪاري بڻائڻ جو ٽيون حربو استعمال ڪيو يعني سڄي عوام کي نشي وارين شين ۽ منشيات تي هيرائي وڌو. هيروئن، چرس ، آفيم سڄي ملڪ ۾ ڦهلائي ڇڏين. تمام وڏا ماڻهو انهيءَ ڏنڌي جي پٺيان آهن ۽ انتظاميہ جي مدد سان ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ منشيات جي واپار کي وڌائي ڇڏيو اٿن. هي انسان دشمن ۽ عوام دشمن عمل آهي. اهڙي بي ڊپائي ۽ بي پرواهيءَ سان ڪن ٿا جو هنن کي پڇڻ وارو بہ ڄڻ تہ ڪو ڪونهي. هڪ اندازي مطابق هڪ ڪروڙ ماڻهو تقريبن منشيات جي واپرائڻ ۾ ملوث ٿي چڪا آهن. هي تحفو بہ اسان جي عوام کي مفادپرستن بالادست طبقي وارن ئي ڏنو آهي. محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ واحد ليڊر آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن هن ڪڏي ڪم جو سختيءَ سان نوٽيس ورتو آهي ۽ سخت حڪم جاري ڪيا آهن ته منشيات جي ڦهلاءَ ڪي سختيءَ سان روڪيو وڃي، پر مفادپرست، بالادست، ملڪ دشمن ۽ انسان دشمن ٽولو انهيءَ عمل ڪي ڪامياب ٿيڻ نٿو ڏئي.

4- رشوتي نظام: رشوت عام جام ڪري ڇڏي اٿن. ڪنهن به ماڻهوءَ جو ڪو به جائز ڪم رشوت ڏيڻ کانسواءِ نٿو ٿئي. رشوت ڪينسر جيان سڄي معاشري جي جان کي لڳي ويئي آهي. وڏي جدوجهد، محنت ۽ آپريشن ڪانپوءِ شايد جان انهيءَ مرض کان ڇٽي پوي. ملازم طبقي جون پگهارون ايتريون ته گهٽ آهن جو هو رشوت وٺڻ تي مجبور ٿيو پوي يا وري بدديانت سياستدان جي ٺوري گهٽي دڙڪي تي پاڙي تي گوڏا ٽيڪي ٿو ويهي ۽ عمومن گهڻا آفيسر ۽ ڪارندا ائين انهيءَ ڪاروبار جو حصو ٿي تا وڃن. آفيسرن کي گهٽ پگهارن جي ڪري سهولتن وارين پوسٽن کان پري رکڻ جي ڌمڪيءَ جي ڪري هيسائي پوءِ انهيءَ سان گڏ جوڙ ڪري عوامي مال لٽيو ۽ ورهايو ٿو وڃي. رشوتي نظام جي ڪري ملڪ جي ترقيءَ تي وڏو اثر ٿو پوي، جو ته ترقياتي ڪمن جو وڏو حصو رشوتن جي حوالي ٿي ٿو وڃي ۽ باقي ڪم ايترا ناقص ٿا ٿين جو پنهنجي مدي کان اڳ ختم يا خراب ۽ تباهه ٿيو وڃن. ملڪ جون جڙون رشوتي نظام کوکليون ڪري ڇڏيون آهن. گهڻا ئي ادارا عوام کي ڏيڪارڻ لاءِ ناهين پر مرض گهٽجڻ جي بجاءِ وڌندو رهيو آهي.

ڪنيس ڪويچن تن طبيب نه گڏيا،
ڏيئي ڏنب ڏڌن پاٺان ڏيل ڏڪوئيو.

هن رشوتي نظام جي ڪري وري سفارش ۽ اقرباپروري وڌي ويئي ۽ انهيءَ ڪري ناانصافي به شروع ٿي ويئي. جيڪڏهن وڏا ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خاص ڪري سياستدان ۽ حڪمران ايماندار ۽ سچا ٿين ته پوءِ اميد ٿي ڪري سگهجي ته آفيسر شاهي ۽ ٻيا ماڻهو به ٺيڪ ٿيندا جيئن عربي پهاڪو آهي ته " الناس علي دين ملوکهم" رشوتي نظام جي ڪري غريب ويچارو ۽ وچولي طبقي وارو شهري وڏيڪ تڪليفن ۽ تنگيءَ ۾ اچي ويو آهي.

انهيءَ رشوتي ۽ مفادپرست طبقي جي ساٿارين پنهنجو پاڻ کي لڪائڻ ۽ بچائڻ خاطر مشهور ڪري ڇڏيو آهي ته سڀ راشي ٿي ٻيا آهن ۽ ڪنهن جو به وس ڪونه ٿو هلي ڇا ڪجي؟ هي وڏي حرفت ۽ مڪاري آهي جنهن جي ذريعي ڏوهي ماڻهن پاڻ کي ڍڪڻ ۽ بچائڻ خاطر پاڻ کي بي ڏوهين سان گڏي ڇڏيو آهي. اصل ۾ ڪجهه مفادپرست ۽ انهن جا ساٿاري ئي ان ڪاروبار ۾ لڳي ويا آهن ۽ ان کي وڌائي ڇڏين. هن وقت ملڪ کي انهيءَ ذهن مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ضروري آهي ته رشوتي آفيسرن، سياستدانن ، انهن جي ڇاڙتن ۽ پاڙيتن کي صاف ظاهر ڪري وائکو ڪيو وڃي. جيڪڏهن ملڪي سياسي نظام رشوت کان پاڪ نه ٿيندو ته ملڪي حڪومتي ۽ انتظامي نظام به صاف نه ٿي سگهندو. رشوتي نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ اعليٰ اختياريءَ وارا احتسابي ادارا کپن، جيڪي سيني وڏن ماڻهن جو احتساب ڪري سگهن. احتسابي ادارن جو قائم نه ٿيڻ ۽ اهڙي رشوتي نظام کي جاري رکڻ واري سازش ظاهر آهي ڇو جو ڪنهن به حڪومت انهيءَ کي گهٽائڻ يا ختم ڪرڻ جون خاص ڪوششون ڪونه ڪيون آهن، ڪجهه آفيسرن کي ڪڍي ڇڏڻ انهيءَ جو علاج ڪونه هئو، تنهن ڪري ڇوڏنهن سو آفيسرن کي ڪڍي ڇڏڻ جو اثر اهو ٿيو ته رشوت جا اگهه وڌي ويا.

اصل ڳالهه اها آهي ته هتان جو سياسي نظام بگڙيل آهي، باقي ٻيا سڀ انتظامي ادارا سياسي نظام جي طابع هلندا آهن. سياسي نظام ۽ سياستدانن جي خراب ۽ راشي هجڻ جي ڪري سڄو نظام راشي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيو ٿو وڃي. سياسي نظام تڏهن سڌرندو جڏهن اسيمبليءَ جي ميمبر ٿيڻ لاءِ خرچ گهٽبو ۽ خرچ تڏهن گهٽبو جڏهن تڪ ننڍا ٿيندا ۽ ماڻهو سجاڳ ٿيندا ۽ پنهنجا حق وڪڻندا نه پر وٺندا. انهيءَ طريقي سان جڏهن ڏاها ، سٺا وچولي طبقي جا سچا ۽ ايماندار ماڻهو چونڊ لڙي سگهندا ۽ اسيمبلين ۾ پهچندا ته پوءِ ڪجهه سڌاري جي اميد ڪري سگهجي ٿي. پاڪستان جي مفادپرست طبقي نظام کي سڌارڻ جي ڪڏهن به ڪوشش ڪئي ئي ڪانہ آهي. بلڪي ملڪي نظام اهڙو خراب رکيو ۽ مرڪزيت کي ايڏو مضبوط ڪيو جو ننڍن صوبن کي حق نه ملي سگهيا. اوير پاڪستان ان جي ڪري جدا ٿي ويو ۽ باقي صوبا به مايوسيءَ ۾ منجهيل آهن ، جيستائين اجا به هن نظام کي چڱيءَ طرح نه سڌاريو ويو ته پوءِ هن ملڪ جو وڌيڪ هلڻ محال آهي. هتي هاڻي سيني سڌارن جي هڪدم ضرورت آهي. آئيني ، قانوني ، سياسي ، سماجي ، معاشرتي ، تعليمي ، صنعتي ، اقتصادي ، زرعي ۽ انتظامي سڌارا آڻڻ گهرجن. جيستائين انهيءَ طرح سان سڌارا نه ايندا ته پوءِ هن مريض ملڪ لاءِ " ان الله وانا اليہ راجعون " پڙهڻي پوندي. هن وقت تائين مفادپرست طبقي سڌارا صرف انهيءَ ڪري نه آندا آهن جو رشوتي نظام جو سڄو فائدو کين مليو آهي ۽ ملندو رهي ٿو ، انهيءَ ڪري مفادپرست طبقو ته هتي مضبوط ٿيندو رهيو آهي پر ملڪ ڪمزور ٿيندو رهيو آهي ۽ عوام تباهه و برباد ٿيندو رهي ٿو. هاڻي انهن سازشن کي ختم ڪرڻو پوندو نه ته ملڪ جو بچاءُ مشڪل ٿي پوندو.

5- امن امان جي خراب حالت: امن امان جي حالت به مفادپرست طبقو ۽ ان جا ساٿاري ۽ پاٽاريدار هٿ سان انهيءَ ڪري خراب ڪرائيندا آهن ته جيئن عوام کي هيسائي رکن. جنگيون ۽ جهيڙا جهڳڙا به ڪرائڻ ۽ انهن کي جاري رکڻ انهيءَ مفادپرست طبقي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ مفادپرست رکڻ ۾ ويڙهائي ملڪن کي

ڪم آهي. عام ماڻهن ۽ ملڪن کي امن امان ڪڏهن به صحيح ٿيڻ نه

طبقي جو فائدو آهي، تنهن ڪري اهي ماڻهو انهن کي سياڻا ماڻهو انهن کي

ڏيندا، جيستائين سڄي دنيا ۾ هر هنڌ سجاڳ ۽ مفادپرست ماڻهن جو

۽ سندن جي ڪڌن ڪرتوتن کي واڪو نه ڪن. اهو ۽ چالاڪ آهن تنهن

طبقو آهي ته تمام ٿورو، پر وڏا هوشيار، حريف جي ملڪ

ڪري انهن جي خلاف سختيءَ سان جنگ لڙڻي پوندي. اسان ڪري ملڪ کي

۾ به انهيءَ طبقي شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ امن امان تباهه ٿيندو ٿو وڃي ۽

تباهه و برباد ڪيو آهي پر اهو طبقو خود شاهوڪار رکندو رهي ٿو. هي

پنهنجو سرمايو ٻاهرين ملڪن ڏانهن منتقل ڪري ڪيا سمجهڻي پوندي.

وڏي مڪاريءَ واري راند آهي، جيڪا ان ڪري ڪندو آهي ته

اهي سڀ عمل هي مفادپرست طبقو ته جيئن هو پنهنجا ٻيا بنيادي

جيئڻ عوام کي منجهائي، هيسائي رکي ڪري ڪندا آهن جو انهن

حق ۽ سهولتون گهري نه سگهن. اهو به انهيءَ ڪري همدردي آهي: اهي انساني

جي عوام سان نه ته ڪا محبت آهي نه همدردي آهي پنهنجي عيش عشرت ۽

همدرديءَ کان بلڪل عاري آهن. انهن کي صرف لاءِ اقتدار ضرور کپين،

دولت سان پيار آهي ۽ انهيءَ کي قائم رکڻ ويچاري کي جاهل،

تنهن ڪري مختلف حيلن ۽ ٻهانن سان عوام ويڙهائي هميشه

بيڪار، ناڪاره ۽ مدهوشيءَ ۾ رکي ۽ کين پاڻ ۾ دنيا ۾ هن وقت

ڪمزور ڪري ڇڏي رکيو اٿن. انهيءَ سازش جي ڪري ۽ سجاڻ ٿيو آهي

تائين مزو وٺي آيا آهن، پر هاڻي عوام هر هنڌ سجاڳ کي وڌيڪ گهٽي

۽ هي سڀ حرفتون سمجهي ٿو تنهن ڪري هاڻي عوام وڏي طبقي جو

وقت لاءِ دوکا ڏئي ۽ هيسائي ڪونه سگهبو. هي انهيءَ سان هو تباهه و

نفسياتي مرض آهي ته عوام جي جاڳڻ ۽ خوشحال ٿيڻ ماڻهو خوشحال ٿيندا

برباد ٿيندا پر حقيقت ائين آهي ته جڏهن اهي سڀ

ته هي به خوشحال ٿيندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جپان جو مثال سامهون آهي يا ٻين مغربي ملڪن جو مثال به آهي ته انهن عوام الناس کي تعليم ڏني، تربيت ڏني، ماڻهو علم ۽ هنر جي ذريعي خوشحال ٿيا پر هنن جو شاهوڪار طبقو وڏيڪ شاهوڪار ٿيو. تنهن ڪري هاڻي ملڪي ترقيءَ لاءِ، امن امان صحيح رکڻ لاءِ، ڪارخانا سنڀالڻ لاءِ ملڪ جي سيني ماڻهن کي سٺي فني هنري ۽ سائنسي تعليم ڏئي جڏهن پيداوار عمل ۾ شريڪ ڪبو ته پوءِ ئي ملڪ ترقي ڪري سگهندو. منفي روين ۽ غلط لاڙن جي ڪري ملڪ ترقي ڪونه ڪري سگهندو، بلڪي ڪمزور ٿيندو. تنهن ڪري مفادپرست طبقي کي پنهنجو سازشون هاڻي ختم ڪرڻيون پونديون ڇاڪاڻ ته انهن سيني سازشن جي ڪري ملڪ ڪمزور ٿي پيو آهي. ان ڪري هاڻي مثبت ۽ تعميري سوچ رکڻي پوندي يعني ماڻهن کي سڌارڻو ۽ سيکارڻو پوندو. مزدور، هاري، پورهيت عوام کي خوشحال بڻائڻ لاءِ قدم کڻڻا پوندا. ملڪ جي سياست ۽ انتظام کي اهڙي طرح هلائڻو پوندو ته جيئن سڄو عوام سکيو ٿئي. جنگ جيڪڏهن ڪبي ته جهالت سان ڪبي، بدعنوانين سان ڪبي، سماجي برائين خلاف جهاد ڪبو. عوام جي ترقيءَ لاءِ امن امان تمام ضروري آهي، تنهن ڪري هاڻي هر هڪ ماڻهوءَ جو اهو فرض ٿيندو ته امن امان قائم رکڻ لاءِ سوچون رکي. حڪومت کي صلاحون ڏئي ۽ شهري سڀ گڏجي به حڪومت ۽ انتظاميه تي زور رکن ۽ انهن جي مدد ڪن ته جيئن امن امان بحال رکجي. هاڻي ويڙهايو ۽ حڪومت ڪيو وارو غلط نظريو ختم ٿيڻ کپي ۽ انهيءَ جاءِ تي " نظام سڌاريو" ۽ " ماڻهو پڙهايو" جي نظريي کي اڳتي وڌائجي. امن امان خراب ڪرڻ وارن تي ڪڙي نظر رکڻي پوندي ڇاڪاڻ ته انهيءَ حالت ۾ عوام کي ۽ ملڪ کي تمام گهڻو نقصان پهتو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

6- انصاف جو نہ هئڻ : هي بہ عوام جي خلاف هڪ سازش آهي تہ ملڪ ۾ انصاف جو نظام غلط هجي. ماڻهن کي يا تہ انصاف نہ ملي، اڌورو ملي يا دير سان ملي يا مهانگو ملي. اهي سڀئي حالتون اهڙيون آهن جن جي ڪري عوام ۾ مايوسي ۽ بددلي پيدا ٿيندي، انصاف نہ ٿيڻ جي ڪري جهيڙا جهڳڙا وڌندا ۽ عوام جي حالت خراب ٿيندي. حڪومتون چاڪاڻ تہ مفادپرست طبقي جون رهيون آهن. تنهن ڪري انهن عوام کي ويڙهائي رکڻ واري پاليسي تحت انصاف جو نظام صحيح طرح سان نہ هلايو، نتيجو اهو نڪتو جو عوام پنهنجن جهيڙن ۾ پورو ٿي ويو آهي ۽ مفادپرست طبقو وري پنهنجن عيشن ۾ مشغول آهي. جيڪڏهن ڪنهن بہ ملڪ جو انصاف جو نظام صحيح نہ هوندو تہ امن امان جي حالت ٺيڪ ڪونہ ٿيندي ۽ شهري مايوسين جو شڪار ٿيندا ويندا تنهن ڪري عوام جي ڀلائيءَ جي خاطر ملڪ جي انصاف جي نظام کي بهتر ڪرڻو پوندو تہ جيئن سنئو، سولو، سستو ۽ ترت انصاف هر ڪنهن کي ملي سگهي.

7- عوام آزار آفيسر شاهي: هن ملڪ جي مفادپرست طبقي جي پوري ڪوشش اها رهي آهي تہ عوام جاهل، ڪاهل، بيڪار ۽ لاچار ٿي هن مٿانهين طبقي جو ڳيجهو ٿي رهي انهيءَ ڪري آفيسر شاهي جو نظام اهڙو ناهيو اٿن تہ جيئن ماڻهن کي پنهنجن مسئلن حل ڪرائڻ لاءِ خوار خراب ٿيڻو پوي. سياستدانن ۽ آفيسر شاهي جو ڳٺ جوڙ بہ انهيءَ ڪري رهيو آهي جو عوام جو استحصال جاري رکڻ لاءِ اهي ٻئي طبقا هڪٻئي سان گهٽو ڪري ملي ڀڳت ڪري ڪم ڪندا رهيا آهن. هاڻي عوام کي بہ اها ڳالهہ سمجهائڻي پوندي تہ هي سازشون ملڪ ۽ عوام کي ڪمزور ڪنديون تنهن ڪري انهن کي واڪو ڪبو تہ جيئن اڳتي عوام جو ڀلو ٿئي.عوام جي استحصال لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مفادپرست طبقي جي گروهه ۾ ملڪي سطح تي ٻڌي آهي. انهيءَ گروهه ۾ وڏا زميندار ۽ جاگيردار . وڏا سرمائيدار ۽ تاجر .وڏا سول ۽ فوجي آفيسر .بگڙيل ملان مولوي . عالم . لالچي شاهه .پير . مخدوم ۽ ظالم سردار . وڏيرا .چوڌري . مير .ملڪ ۽ خان شامل آهن. هنن سڀني گروهن جي گڏيل ڪوشش رهي آهي تہ عوام ڪنهن بہ طرح سان سجاڳ نہ ٿئي تہ اهي سڀئي عوام جو استحصال هر طرح سان ڪندا رهن. عوام الناس هنن جي ڏٿن ۽ آسرن تي هميشہ هنن جي پويان تہ لڳي پر هي انهن ڪي فريب ۽ دوکا ڏيندا ٿا رهن. جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي:

جـــ سـي لوڙائــو ٿيــا جنـــي ســـنڌن ڏيـــر .

مـــاروئڙا فقيـــر ڪنهـــن در ڏيـنـــدا دانهـــڙي.

اقتداري ڌر عوام کي هميشہ مختلف قسمن جا ڏتا ڏيئي پنهنجو اقتدار بحال رکڻ چاهي ٿي.عوام چاڪاڻ تہ اپوجهہ . مجبور ۽ چڙ وچڙ آهي . تنهن ڪري في الحال ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي. عوام جيستائين ٻڌي نہ ڪندو ۽ جدوجهد نہ ڪندو پنهنجا بنيادي حق ۽ سهولتون نہ وٺي سگهندو. عوام آزار آفيسر شاهي جو نظام عوام کي هيسائي رکڻ ۽ کين تنگ ڪرڻ لاءِ رکيو ويو آهي . جيستائين هي آفيسر شاهي نظام تبديل ڪري ضلعي سطح تي نئون نظام نہ جوڙبو تہ عوام جون تڪليفون جاري رهنديون ۽ کيس معمولي مسئلن لاءِ بہ رلڻو . ذليل ۽ خوار ٿيڻو پوندو. مرڪزي نظام عوام لاءِ هميشہ وڏي مصيبت ثابت ٿيندو آهي ۽ هن اسان جي پياري پاڪستان ۾ شروع کان وٺي مضبوط مرڪز جي ڳالهہ ٿيندي رهي آهي . جنهن ڪري سڀني ننڍن صوبن جي عوام کي تمام گهڻيون شڪايتون ۽ مشڪلاتون درپيش آهن. بلڪي سنڌي عوام تہ هاڻي سخت مايوسين ۽ مونجهارن جو شڪار ٿي رهيو آهي. تنهن ڪري ملڪ کي بچائڻ لاءِ جلدي سڌارا آڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرڪزي نظام کي ٽوڙي ضلعي سطح تي اهڙو نئون نظام جوڙجي جنهن ذريعي عوام کي مسئلن جي حل ڪرائڻ ۾ آساني ٿئي. محترمه بينظير ڀٽو صاحبه نئين سماجي معاهدي ۾ ضلعي نظام قائم ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي. جيڪو اميد ته پورو ڪري سگهو نظام عوام کي ڏنو ويندو. هائي عوامي مطالبو ۽ عوامي نعرو آهي ته "نظام سڌاريو ملڪ بچايو".

8- بنيادي سهولتن ۾ رڪاوٽون : عوام کي پنهنجو ڳيجهو ٻڌائي رکڻ لاءِ ڪيس بنيادي سهولتون تمام آهستي آهستي ۽ ٿوريون ٿوريون ڪري ڏنيون ٿيون وڃن ته جيئن اهي جلدي سجاڳ سجاڻ نه ٿين. ڪٿي رستو ڏيندن ته اسڪول ڪونه ملندن، جيڪڏهن ڇوڪرن جو اسڪول ملندن ته نياڻين جو اسڪول ڪونه ملندن. اسڪول ملندن ته ماستر ڪونه ملندن يا بجلي نه ملندن. اهڙي طرح سان عوام ويچاري کي اهي سهولتون به سڪائي سڪائي ٿا ڏين ۽ پاڻ عوام جي پئسي تي هر قسم جا سپر فائيو اسٽار عيش پيا ڪن. ڪو حياءُ شرم ۽ غيرت ڪانه ٿي اچين ته هن عوام جو به ڪو پلو ٿيڻ گهرجي. جنهن جي ووٽ ۽ جنهن جي پئسن تي عيش به ڪن ٿا ۽ انهن جي وسيلن کي ڌاڙا هڻي ۽ هٿائي دولت به جمع ڪن ٿا ۽ انهيءَ دولت جي آڌار تي وري اقتدار هٿ ڪن ٿا. دولت ۽ اقتدار لازم ۽ ملظلوم ڳالهيون ٿي پيون آهن. انهن جي مٿان پنهنجي هڪ هٽي بحال رکڻ لاءِ هر قسم جون حرفتون ۽ حيلا ڪن ٿا. عوام کي انهن جي حرفتن کان آگاهه ڪجي ۽ کين سجاڳ ڪجي ته پنهنجا بنيادي حق ۽ سهولتون وٺي سگهن ۽ سندن جي رت ۽ ست جي ڪمائي تي حرفتن، مڪارين ۽ رشوتن جي ذريعي عوامي نمائندا ۽ آفيسر ڌاڙا نه هڻن ۽ عيش پرستيون نه ڪن.

9- سودي نظام جو جاري رکڻ : گهڻن سرمائيدار ملڪن ۾ عام طرح سان عوام جو پئسو ۽ بچت بئنڪن ۾ جمع ٿئي ٿي. انهن بئنڪن ۽ مالياتي ادارن مان وري وڏي وياج تي پئسا صنعتڪارن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قرض طور ڏنا وڃن ٿا. جنهن مان هو صنعتون هلائين ٿا پر وڏو نفعو پاڻ کائي ٿا وڃن. گهٽو ڪري قرض به واپس ڪونه ٿا ڪن.

انهن ئي ادارن مان ڪنهن به غريب ماڻهوءَ کي قرض ڪونه ٿو ملي سگهي ڇاڪاڻ ته انهيءَ جا شرط ڏکيا رکيا ٿا وڃن. عوام ۽ وچولي طبقي جي بچت جيڪا بئنڪن جي ذريعي جمع ٿئي ٿي. انهيءَ مان ڪنهن به غريب وچولي طبقي لاءِ قرض وٺڻ ڏکيو ڪري ڇڏيو اٿن، پر امير ماڻهو صنعتڪار يا سرمائيدار قرض وٺي واپار ڪري يا ڪارخانا هڻي وڏيڪ شاهوڪار ٿي وڃڻ ٿا. انهيءَ سڄي بدمعاشيءَ جي نظام تي نظرثاني ڪرڻي پوندي ته جيئن عوام ۽ غريب کي به ڏنڌي ڪرڻ لاءِ قرض ملي سگهي ۽ رڳي وڏن ماڻهن جي اجاريداري نه رهي. هن سودي نظام کي تبديل ڪرڻ ڪانسواءِ غريب جي معاشي حالت نه سڌري سگهندي، مزدورن کي ڪارخانن جي منافعي مان 20 سيڪڙو حصو ملڻ کپي ۽ انهن جو ڊائريڪٽر به هئڻ کپي، ڪارخانيدار کي سندس سيڙپ (Equity) جيترو حصو ملي باقي مزدورن ۽ عوام کي ڏنو وڃي. ڪارپوريٽ لاءِ اٿارٽي قانون ۾ ترميم ڪري، حصن کي سيڙپ جي مناسبت سان مقرر ڪري ته جيئن عوام جي سيني سيڙپڪارن ۽ حصيدارن جا حق مضبوط رهن.

مٿي بيان ڪيل حربا مفادپرست طبقي هميشه پئي استعمال ڪيا آهن ته جيئن عوام ويچارو جاهل، ڪاهل بيمارين ۾ ڦاٿل تنگ دست ۽ ڪنگال هجي ته جيئن پنهنجا نه ته بنيادي حق گهري سگهي ۽ نه وري انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي جدوجهد ڪري سگهي.

انهن حربن کان علاوه سڀ کان وڏو حربو جيڪو عوام کي قابو ۾ ڪري رکڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو اهو آهي اقتدار تي قبضو. اقتدار تي مفادپرست طبقي جي مختلف گروهن پنهنجن جي هڪ هٽي قائم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ڇڏي آهي تنهن ڪري گهٽ ڪري ۽ سدائين انهن ئي خاندانن جي حڪمراني رهي آهي ۽ عوام جي ڀلائي خاطر يا سنڌ ترقيءَ خاطر ڪنهن به قسم جا سڌارا نه ڪيا ويا آهن. سياست جو نظام اهڙو ئي رکيو اتن ته جيئن سنڌ هڪ هٿي قائم رهي. چونڊن جو طريقيڪار اهڙو آهي جو امير ماڻهو ئي اليڪشن لڙي سگهن ٿا. ڪوبه وچولي طبقي جو ماڻهو چونڊ نٿو لڙي سگهي ڇاڪاڻ ته خرچ تمام گهڻو ٿو اچي، اها به ڳالهه آهي ته سيئي چونڊيل ميمبر ڪوڙا قسم ناما داخل ٿا ڪن ته سنڌ خرچ گهٽ ۽ مقرر حد جي اندر آهي ۽ اهڙي طرح آئين جي شق 62 ۽ شق 63 جي پوري پوري ڀڃڪڙي ٿا ڪن پر ڪائن ڇڻ وارو ڪير ڪونهي. اهو صرف انهيءَ ڪري آهي جو بين الاقوامي رجحان ڇڏي آدمشماريءَ جي تمام وڏي انگ تي هڪ ميمبر رکيو اٿن يعني اسان وٽ ڇهه لک آدمشماري ڪان ڏهه لک آدمشماريءَ تي هڪ ميمبر آهي. پر دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ پنجويهه هزار آدمشماريءَ ڪان وٺي گهٽ ڪري هڪ لک آدمشماري تي هڪ ميمبر آهي. مثال طور انگلينڊ 75 هزار آدمشماري تي هڪ ميمبر، اٽلي پنجاهه هزار آدمشماري تي هڪ ميمبر، يونان ٽيهه هزار، فيڊرل جرمني هڪ لک، اسپين سوا لک، مصر سوا لک، برما نوي هزار، ڪئناڊا هڪ لک آدمشماريءَ تي هڪ ميمبر وغيره وغيره. هي ته صرف ڪجهه مثال ڏنا ويا آهن پر سڀني ۾ تمام وڏي اڪثريت اهڙن ملڪن جي آهي جن هڪ لک کان گهٽ آدمشماري تي هڪ ميمبر آهي. تنهن ڪري اتي وچولي طبقي جا نمائندا چونڊجي اچن ٿا ۽ اهي پنهنجي ملڪ ۽ عوام جو ڀلو سوچين ٿا. هتان جو مفادپرست طبقو اهڙو آهي جيڪو نٿو چاهي ته وچولي طبقي جو دانشور چونڊ لڙي سگهي تنهن ڪري هتي وڏا وڏا تڪ رکيا اٿن ته جيئن امير ماڻهو ئي صرف اليڪشن ۾ حصو وٺي سگهن. انهي ڪري بلڪل چئي سگهجي ٿو ته هي عوامي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جمهوريت نہ آهي پر " اميروڪريسي" آهي ۽ جيستائين اهو نظام هوندو تہ غريب عوام جو ڀلو ڪونہ ٿي سگهندو. هي عوام جي حقن خلاف، عوام جي مفادن خلاف تمام وڏي گهري سازش آهي جنهن کي جدوجهد جي ذريعي ختم ڪرڻو پوندو.

10- عام برائين کي همٿائڻ ۽ روا رکڻ

: عام قسم جي سماجي برائين يعني منشيات استعمال ۽ جوا جي مختلف قسمن کي جاري رکڻ. برائين جي خلاف قانوني شقن تي صحيح طرح سان عمل نہ ڪرڻ، آفيسر شاهي کي ور ڏئي ڇڏڻ تہ عوام ڀلي مختلف جهيڙن جهڳڙن ۽ سماجي برائين ۾ مبتلا رهي تہ جيئن کي عياش حڪمران ۽ ڪجهہ سرڪاري آفيسر بہ پورئون عياشيون ڪري سگهن.

عوام سماجي ۽ اخلاقي بيمارين جي ڪري ڀلي تباهہ ٿئي، هاڻي عوام کي اهي سڀ ڳالهيون سمجهائبيون تہ اهي هوشيار ٿين ۽ سماجي برائين جي ڪري پنهنجو پاڻ کي تباهہ نہ ڪن ۽ مفادپرست طبقي جي حرفتن ۽ چالاڪين کي سمجهي سجاڳ ٿين ۽ پنهنجا حق وٺن، اهڙن سڌارن ڪانپوءِ جڏهن وچولي طبقي جا دانشور ۽ ڏاها اسيمبلين ۾ ايندا تہ اهي اچي آئيني، قانوني، سياسي، سماجي، معاشي، معاشرتي، اقتصادي، صنعتي، زرعي، انتظامي ۽ تعليمي سڌارا ڪندا تہ جيئن هن ملڪ جي عوام جو ڀلو ٿي سگهي.

اهڙي قسم جا دانشور ۽ ڏاها جن کي همدردي اندر ۾ هجي ۽ جيڪي حق ۽ سچ چوڻ وارا هوندا ۽ هنن کي هر قسم جي ڄاڻ هوندي يعني حڪومتي حرفتن چالاڪين جا سڀ گر بہ سمجهي سگهندا ۽ انهن کي عوام ۾ وائکو ڪري همت ۽ جرئت سان سمجهائي سگهندا. انهن کي عوام سان سڌو سنئون واسطو رکندڙ سڀني علم جي شعبن تي سٺي دسترس هوندي، جيئن علم سياسيات، علم معاشيات، علم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اقتصاديات، علم معاشرت، علم قانون، علم سوشل سائنسز، علم طبي سائنسز ۽ علم مابعد الطبيعات. اڄ ڪلهه انهن سڀني علمن جي سمجهه ڪانسواءِ عوام جا مسئلا ۽ عوام جا ذهني لاڙا، عوام جي نفسيات سمجهه ۾ نه ايندا تنهن ڪري هر سماجي ڪم ڪندڙ رهنما لاءِ نه ضروري آهن، پر عام خاص سماجي ۽ سياسي ڪارڪن لاءِ به جيترو ٿي سگهي انهن علمن جو حاصل ڪرڻ ضروري آهي. جيئن لطيف سائين فرمايو آهي:

سونهان سڏيون ڏين، هن ديواني درياهه جون،
ڪوڙ اوڏائي ڪين، ڪي رڳو سچ سودين،
عجز جو اڌ رات، ڪي وڪر وهائين،
سات نيايو نين، ثابت انهيءَ سير مان.

انهيءَ ڪري اهو ضروري ٿي پيو آهي ته ساڃهه وند، ڏاها ۽ دانشور دوست عوام ۾ وڃي حق ۽ سچ سمجهائين، ائين ڪرڻ سان ئي عوام سجاڳ ٿيندو ۽ اهڙن سونهن جي ضرورت آهي جن جي صلاح وٺڻ سان ڪاميابيون حاصل ٿينديون، جيئن هڪ ٻئي بيت ۾ شاهه صاحب فرمايو آهي:

تاري ونءُ تراز ڪي منجهان موج ملاح،
دانهون ڪن درياهه جون اونهي جا آگاهه،
سونهن جي صلاح وٺ ته وير لنگهي وڃين.

(شاهه)

تنهن ڪري ملڪ ۽ عوام جي گهڻ گهرن کي اپيل ٿي ڪجي ته ذرا سوچيو پنهنجي آئينده جي نسل لاءِ، ملڪ لاءِ، غريب عوام جي ڀلي لاءِ، جيڪو سواءِ سيني سڏارن آڳن جي ڪونه ٿي سگهندو. سڏارن آڳن لاءِ سجاڳي کپي ۽ انهيءَ لاءِ عوام ۾ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيستائين عوام متحد نه ٿيندو ۽ پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ احتجاج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ ڪندو تہ ڪين حق نہ ملي سگهندا. اچو تہ دوست گڏجي ڪوشش ڪيون تہ جيئن عوامي سجاڳي پيدا ڪري عوامي اتحاد ڪرايون ۽ پر امن عوامي احتجاج ڪرائي عوام کي حق وٺڻ سيکاريون. شاھ صاحب فرمايو آهي:

پيچن سي پسن جڏهن تڏهن پرين کي،
ڏوريندين ڏسن اگهڻ عجيبن جا.

(شاھ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عوام جي معاشي بدحاليءَ جا بنيادي سبب

پاڪستان ۾ عام ماڻهوءَ جي حالت شروع کان وٺي روز بروز خراب ٿيندي رهي آهي. مهانگائي تمام گهڻو وڌندي رهي ٿي ۽ آمدني انهي حساب سان ڪانه ٿي وڌي. ان ڇيله ڇپي ڪندڙ مهانگائيءَ غريب مسڪين مارو ڙن کي هٽي پٺي وڌو آهي. عام طرح سان مسڪين هاري، مزدور ۽ ننڍي ملازم طبقي جي حالت وڏيڪ تنگ ٿي چڪي آهي. غريب کي پيٽ پري ماني ڪانه نصيب ڪونه ٿي ٿئي، ٿوري ۽ اڻپوري غذا جي ڪري بيمارين به جلد حملو ٿيون ڪن ۽ مسڪين گهڻو ڪري موذي مرض ۾ وڇڙجي تا وڃن. انهن جي علاج جو ڪوبه جوڳو بندوبست ڪونه آهي، ۽ نجي طرح سان آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ علاج سندن وس کان ٻاهر آهي.

ڪيترن ويچارن غريبن جا ڪکاوان گهر آهن، جيڪي صحيح طرح سان گرمي ۽ سرديءَ جو بچاءُ ڪونه تا ڪري سگهن. جهولي ۽ جهڙي ڦڙي ۾ ته سندن حالت ئي خراب ٿيو وڃي. شهرن ۾ ته ڪيترائي ويچارا گند جا ڍير ڦولينداتا وتن، گهڻا ته اجا تائين ڪٿي ڪو گهر اڏي ويهي ڪونه سگهيا آهن. بازارن، گهٽين ۽ رستن تي پنندي ڏينهن تا گذارين ۽ راتيون فوٽ پاٿن تي بسر ڪري پيا وقت ڪاٽين. جا قوم جو اهو طبقو جيڪو شروع کان اقتدار ۾ رهيو آهي انهي کي اها حالت نظر ڪانه ٿي اچي؟ ڀلا جي ان کي اها حالت ڏسڻ ۾ آئي به آهي ته انهيءَ لاءِ ڪجهه سوچيو به اٿن يا ڪي قدم تجويز ڪيا اٿن ته هن غريب، بي پهچ انسانن جي حالت ڪيئن سڌارجي؟

بالادست مفادپرست طبقو ڪيئن مڃجي ته بي خبر آهي
ڇاڪاڻ ته اهي ۽ انهن جا ڪارندا ۽ ڇاڙتا هن ملڪ ۾ تا رهن. ڏينهن رات هن ئي ماڻهن سان سندن واسطو آهي، تنهن ڪري ملڪي حالتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان بي خبر تہ انھن کي ڇٺي ڪونہ ٿا سگھون. البتہ اھو ڇٺي سگھون ٿا تہ ھي طبقو گھڻي ڀاڱي مڪار ۽ حريف آھي. اندر ۾ تہ ظالم ۽ بي رحم بگھڙ جيان آھن. پر ٻاھران عوامي ڏيک رکيو ويٺا آھن. اھي غريب جي خوشحالي ۽ سک نہ چاھين ٿي ڪونہ ٿا نہ وري ملڪ ۽ ماڻھن سان محبت اٿن. انھن مفادپرستن کي جيڪڏھن فڪر آھي تہ پنھنجي دولت وڏائڻ جو ۽ پنھنجي عيش عشرت جو. ھنن جو راتيون دل فريبين ۾ ٿيون گذرن ۽ سندن ڏينھن گيرٽن ۽ جھوٽن ۾. اھڙن ماڻھن مان ڀلائيءَ جي ڪھڙي اميد رکي سگھجي ٿي. انھن ويچارن کي تہ عوام جي معاملن ۽ مسئلن تي سوچڻ جي لاءِ وقت ئي ڪونھي. ھي ويچارو اسان جو عوام گگدام آھي ۽ اجا تائين مجبور بہ آھي. جاڪاڻ تہ اھڙن ئي ماڻھن کي ھنن جو ليڊر بڻايو ويو آھي. سواءِ چند مثالن جي گھڻو ڪري سڀيئي سياسي پارٽيون اھڙن ماڻھن کي ئي ٽڪيٽون ڏين ٿيون. جاڪاڻ تہ موجوده سياسي نظام ۾ اھڙين وڏين آفتن جو ئي ڪم آھي اليڪشن لڙڻ. تنھن ڪري اھڙي قسم جي اميد وارن مان ڪونہ ڪو چونڊجي عوام جي ڪچھيءَ ۾ مڙھجي ٿو وڃي. ھن قسم جا ميمبر پوءِ عوام جو رخ ڪن ئي ڪونہ ٿا. وري جڏھن چونڊن جو وقت اچي ٿو تہ ميدان تي نڪري نروار ٿين ٿا ۽ پاڻ کي عوام جو سڄڻ ۽ گھڻ گھرو سڏائي يا ڪنھن مقبول پارٽيءَ جي ٽڪيٽ وٺي عوام سان وري ڪو نئون فريب ڪري ڪامياب ٿين ٿا ۽ وري دوڪا ڏين ٿا ۽ اھو سلسلو جاري آھي.

جيئن شاھ صاحب فرمايو آھي:

جـــ ســـي لوڙائـــو ٿيـــا جنـــي ســـندي ڏيـــر،
مـــاروڙا فقيـــر ڪنھـــن در ڏينـــدا داھـــڙي.

شاھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عوام جيڪڏهن سجاڳ ٿئي ۽ پنهنجا حق گهري ۽ پنهنجون سهولتون گهري نہ تہ ووٽ ڏيڻ کان انڪار ڪري تہ پوءِ ئي سندس ڪو پلو ٿي سگهندو. عام مطالبا پورا نہ ٿيڻ جي حالت ۾ سراپا احتجاج بڻجي وڃي.عوام جڏهن سجاڳ ۽ متحد ٿئي تہ پوءِ ئي هن مڪار طبقي جي سازشن جو ۽ مڪارين جو مقابلو ڪري سگهندو. عوام کي بہ مڃڻو ئي پوندو تہ هي بالادست مفادپرست طبقي جو گروهہ ئي آهي، جنهن عوام سان لڳاتار دوکيبازين جي ذريعي پٺي ويساهہ گهاتي ڪئي آهي. عوام ويچارو مجبورين جي ڪري، سادگين جي ڪري، اڻوڄهائي جي ڪري، تہ ڪڏهن خلوص جي ڪري هنن ئي بي رحم ۽ ڪم ظرف ماڻهن کي پنهنجو "بابو" چوندو رهيو آهي. ماڻهن ويچارن کي تہ هاڻي خبر پئي آهي تہ جن کي سڄي عمر "بابو" چيوسين اهي تہ ڪي سفيد پوش ڏاڙيل، لٽيرا ۽ ڦورو هئا. عوام ويچاري کي تہ هاڻي خبر پئي آهي تہ سندن اکين تي ڪا اڻوڄهائيءَ جي عينڪ چڙهيل هئي جو هنن ذليل قسم جي بدمعاشن، ظالمن، بيشرمن، عصمت لٽيندڙن، ڦورن، مڪارن ۽ حريفن جي استحصال ڪندڙ ٽولي کي سمجهي ۽ سڃاڻي نہ سگهيا. عوام هاڻي سمجهي چڪو آهي تہ مفادپرست بالادست طبقو صرف ۽ صرف پنهنجي عياشيءَ سان محبت رکي ٿو ۽ انهيءَ طبقي کي عوام جي ڀلائيءَ جو اونو آهي ئي ڪونہ. عوام کي اڦورو نعرو ڏنو ويو تہ روٽي، ڪپڙا اور مڪان، پر ملين ڪجهہ بہ ڪونہ. هاڻي عوام کي صحيح نعرو ڏجي ٿو جيڪو سمجهڻ ۽ جدوجهد ڪن تہ **"روزگار، روٽي، ڪپڙا اور مڪان، تعليم، صحت، انصاف اور امن امان"**. جيڪڏهن انهيءَ سچي نعري تي عمل ٿيندو تہ ماڻهو خوشحال ٿيندا ۽ سک جو ساهہ کڻندا.

عوام هاڻي سمجهي چڪو آهي تہ شروع کان ئي جيڪي بہ حڪومتون آيون انهن عوام لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو ۽ حڪمران طبقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صرف پنهنجا پيٽ پريا ۽ هن مسڪين ۽ غريب عوام جي پگهر جي پورهيي تي مفادپرستن پاڻ ڏاڍا عيش ڪيا ۽ مزا ماڻيا. غريب مسڪين مارُوئڙن تي مفادپرست طبقي هر قسم جا ظلم ٽوڙي وڌا. هڪڙي طرف مالي طرح سان هارين، نارين ۽ پورهيتن کي تنگ دست ڪيو ويو ته ٻئي طرف انهن ويچارن جي عصمتن جي مختلف مڪارين، فريبن، لالچن ۽ ڏاڍائين سان لٽالٽ ڪئي ويئي. اهو سلسلو هزارها سالن جي تاريخ کان هلندو پيو اچي ۽ موجوده دور ۾ انهيءَ قسم جي ڦهرن جا ڪيترائي داستان پڌرا ٿيا آهن، جن ۾ غريب عورتن جي لٽالٽ ۽ کين ننگو ڪري ناچ ڪرائڻ تي مجبور ڪرڻ ۽ سندن جلوس ڪڍڻ ۽ سندن گهر وارن ۽ عام ماڻهن جي سامهون لٽالٽ ڪرڻ وغيره شامل آهن. انسانيت سوز بي حيائيءَ جي عملن ڪندي انهن مفادپرست ذليل ۽ يزيدن کي ڪڏهن به شرم نه ڪونه آيو پر ڪيترين ئي جاين تي اهي ڳالهيون فخر ڪندي ٻين کي ٻڌائيندا رهندا آهن. سندن خانگي جيلن ۾ اهڙي قسم جون ذليل حرڪتون اجا تائين ورجائيبيون اچن ٿيون، ڇاڪاڻ ته انهن ئي ماڻهن جو يا سندن طبقي جو اقتدار تي قبضو آهي، تنهن ڪري اهڙن شرمناڪ قسم جي عملن جي هوندي به سندن ڪوبه وار ونگو نه ڪري سگهيو آهي. غريب، پورهيت مسڪين عوام سان هي زيادتيون ۽ جنيون آخر ڇو ۽ ڇاجي ڪري هلنديون آيون آهن ۽ اجا به هلن ٿيون. ڇاڪاڻ ته پيچيده ظلمن ۽ ناانصافيءَ تي ٻڌل سماجي نظام جون ماڻهن ۾ چڱيءَ طرح سان وضاحتون نه ٿيڻ ڏنيون ويون يا نه ڪيون ويون. ماڻهن کي صرف ملن، مولوين، پاون، سنتن ۽ پادرين کان اهو ٻڌايو ويو ته اهو خدائي نظام آهي، توهان غريب ۽ مسڪين آهيو. پيا امير ۽ انهن کان توهان جو حساب آخرت ۾ خدا وٺندو. عوام کي اهو چڱيءَ طرح سان نه ٻڌايو ويو ته مذهب وارن به انصاف تي ٻڌل معاشري تي زور ڏنو. اهڙي قسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو معاشرو جيڪو "حضرت عمر فاروق رضہ ۽ حضرت علي رضہ الله تعاليٰ عنہ" قائم ڪرڻ پئي چاهيو. اهو ڪڏهن بہ قائم ڪرڻ نہ ڏنو ويو ۽ مفادپرست بالادست طبقو مذهب وارن کي بہ استعمال ڪري پنهنجو هر قسم جو استحصال ۽ ظلم جاري رکندو آيو آهي. انسان جي هٿان انسان جو استحصال کان پاڪ معاشرو قائم نہ ٿي سگهيو. هاڻي اچو تہ ڏسون تہ هن سڄي ظلم جي ڪهاڻي ۽ داستان جا بنيادي سبب ڪهڙا هئا ۽ آهن. جيڪڏهن اهي عوام چڱيءَ طرح سان سمجهي وٺندو تہ پوءِ انهن ظلمن مان جند ڇڏائڻ لاءِ پاڻ ئي پرجوش نموني سان جدوجهد ڪندو. عوام جي سمجهہ ۾ جڏهن نصيب ۽ اهڙيون ٻيون فريب واريون ڳالهيون، مڪاريون ۽ چالاڪيون اچي وينديون تہ پوءِ گهٽي وقت لاءِ ڪيس معاشي غلام ڪري نہ سگهبو عوام کي سڃاڻ، سمجهدارن ۽ ڏاهن کان سکڻو پوندو ۽ انهن کي اهميت ڏيڻي پوندي.

جيئن شاهہ صاحب فرمايو آهي:

تاري وڃ ترار کي منجهان موج ملاح،
دانهون ڪن درياهہ جون اونهيءَ جا آگاهہ،
سونهن جي صلاح وٺ تہ وير لنگهي وڃين.
شاهہ

ڪجهہ اهم بنيادي سبب هيٺ ڏجن ٿا؟

1- تاريخي سبب:

تهذيبي ارتقاء جي دوران جڏهن مهذب انسان جو مرحلو آيو تہ انسان خانداني جٿن ۽ قبيلن کان هلندو بادشاهتن ۽ شهنشاهتن وارن دورن مان گذرندو اچي جمهوري دور ۾ داخل ٿيو آهي. انهن بادشاهن وري پنهنجا چاڙتا جاگيردارن، زميندارن، سرمائيدارن ۽ وڏن تاجرن جي شڪل ۾ پيدا ڪيا. انهن سيني اقتدار ۽ وسيلن تي پنهنجو قبضو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاري رکيو ۽ هڪبئي جي مدد ڪري هٿيارن ۽ لشڪرن جي زور تي عام ماڻهن کي هميشه هيسائي ٻوٽتي رکيو. اهو ئي طبقو آهي جيڪو اڃا تائين پنهنجو قبضو حڪومت ۽ فوج جي ذريعي جاري رکيو ٿو اچي. پر هاڻي ڪجهه اولهه جي ملڪن ۽ ڪجهه اوڀر جي ملڪن ۾ ظلم ۽ ڏاڍ جي ڪوڙن کي سائنسي علم جي ذريعي ڪيرايو ويو آهي.هن وقت مواصلاتي نظام جي ترقيءَ جي ڪري سڄي دنيا ڳنڍجي ويئي آهي، هر ملڪ جو عوام پنهنجو مقابلو ٻئي ملڪ جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ سان ڪري ٿو. تنهن ڪري هر هنڌ سٺي معيار واري زندگي گذارڻ جو جذبو پيدا ٿيو آهي، تنهن ڪري هاڻي عوام جدوجهد ڪري ٿو، ته جيئن ڪيس سيني ملڪن ۾ هڪ جهڙا بنيادي حق ۽ سهولتون مهيا ٿيڻ کپن ۽ ٿيندي بون. مفادپرست طبقو هاڻي انهن کي روڪي نه سگهندو. مفادپرست طبقي جي خلاف سڄي دنيا ۾ آواز اٿي چڪو آهي، جنهن کي هاڻي ڪير به دٻائي نه سگهندو.

عوامي جدوجهد پنهنجا معاشي حق وٺي رهندي ۽ اها جدوجهد پنهنجا بنيادي انساني حق به وٺي رهندي. خاص طرح سان هيٺيان بنيادي انساني حق هر هنڌ سيني انسانن کي ملڻ کپن. اهو حڪومت جو فرض آهي ته اهي مهيا ڪري نه ته عوام جدوجهد ڪري اهي حق حاصل ڪندو.

1- هر شخص کي زندگي ۾ آزادي ۽ حفاظت جو حق هئڻ گهرجي، سڀ انسان آزاد پيدا ٿيا آهن، انهن کي ڪنهن به غير قانوني ۽ غير ضروري پابنديءَ ۾ نه جڪڙجي.

2- هڪ جهڙا قانوني حق ۽ هڪ جهڙي قانوني بچاءُ جو حق هئڻ گهرجي، سڀ انسان برابر آهن، رنگ، نسل ۽ مذهب جي ڪري ڪو به فرق نه هئڻ گهرجي، هر فرد جو مان، عزت ۽ حق هڪ جهڙا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

3- رياست ۾ ڪٿي بہ رهائش جي آزادي جيڪا ٻين جا حق سلب نہ ڪري ۽ ٻاهر ٻين رياستن ۾ اچڻ ۽ وڃڻ جي لاءِ جائز سهولتون هئڻ گهرجن.

4- سوچ ۽ اظهار راءِ جي آزادي جيڪا ٻين جي دل آزاري نہ ڪري، ماڻهو صحيح ڄاڻ ڪٿي بہ مهيا ڪري سگهي ۽ اها ڪٿان بہ حاصل ڪري سگهي.

5- مذهب ۽ مذهبي عقيدن جي آزادي ۾ اهڙي طرح سان جو انهن تي عمل ڪندي ٻين مذهب وارن کي تڪليف نہ ٿئي. مذهبي عقيدن لاءِ زور ۽ زبردستي نہ هجي.

6- سياسي فڪر جي آزادي هجي. ڪنهن بہ قسم جو ڏاڍ استعمال ڪري وفادارين نہ بدلرائجن.

7- جائز طرح سان حاصل ڪيل ملڪيت جو حق هئڻ گهرجي.

8- ڪم ڪرڻ جي آزادي، ڪم ڪرڻ لاءِ مناسب سهولتون. بيروزگاريءَ کان بچاءُ. هڪ جهڙي ڪم لاءِ هڪ جهڙي ۽ مناسب اجرت جو حق هئڻ گهرجي.

9- مناسب رهائش جو حق جنهن ۾ صحت ۽ صفائي، سنائيءَ جو معقول بندوبست هجي، مناسب معاشرتي سهولتون هجن، جيئن رهائش، ڪاڌ، خوراڪ، پوشاڪ، تعليم ۽ صحت وغيره.

10- سائنسي ادبي ۽ جمالياتي تحقيق ۽ تخليق جي سلسلي ۾ معاشري جي غيرمناسب ردعمل کان بچاءُ جو حق هئڻ گهرجي.

11- حڪومتي نظام ۾ حصي وٺڻ لاءِ آزادي هجي ۽ سڀني شهرين کي هڪ جهڙو حق هجي.

12- جسماني، روحاني، ذهني ۽ جنسي تشدد کان آزادي هجي، ڪنهن بہ فرد سان ڪنهن بہ قسم جو انسانيت سوز ظلم ۽ انساني وقار خلاف عمل ۽ رويہ نہ هئڻ گهرجن ۽ ان خلاف سخت قانون پاس ٿيڻ گهرجن.

13- ڪنهن بہ فرد کي ڪنهن بہ طرح سان غلام نہ رکي سگهجي.

14- ڪنهن بہ فرد کي بنا مناسب عدالتي ڪارروائيءَ جي جيل ۾ نہ رکي سگهجي ۽ نہ وري ملڪ بدر ڪري سگهجي يا صوبا بدر ڪري سگهجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

15- ڪنهن ماڻهوءَ جي معاملن يا اڪيلائپ ۾ ٻئي ڪنهن کي دخل اندازي نه ٿيڻ گهرجي. انهيءَ قسم جي هر ڪنهن مداخلت جي خلاف قانوني تحفظ هئڻ گهرجي.

16- مرد ۽ عورت هڪ ٻئي جي رضامنديءَ سان شاديءَ جي رشتي ۾ ڳنڍجي سگهن ٿا ۽ ڪنهن به ڏاڍ جي ذريعي اهو حق ختم نٿو ڪري سگهجي. رضا سان جدا به ٿي سگهن ٿا يا قانوني ذريعا استعمال ڪري جدا ٿي سگهن ٿا.

17- سڀني ٻارن جا تعليم ، صحت ۽ تحفظ وارا حق محفوظ هئڻ گهرجن.

18- هر فرد جا سياسي ، اقتصادي ،سماجيءَ ثقافتي حق محفوظ هئڻ کپن ۽ هو آزاديءَ سان انهن عملن ۾ حصو وٺي پنهنجي واڌاري جي ڪوشش ڪري سگهي.

19- هر فرد آزاد آهي ته هو ڪا به سياسي سماجي تنظيم يا ٽريڊ يونين ناهي يا ان جو ميمبر ٿي سگهي ٿو.ڪنهن به طرح جي ڏاڍ يا زرو سان ان کي ائين ڪرڻ کان روڪي نٿو سگهجي.

20- حڪومت کي هر شخص جو ويمو ڪرائڻ کپي ، جيئن قدرتي آفتن ۽ ناگهاني حالتن ۾ هن يا هن جي مٿان دارومدار رکڻ وارن جو مناسب تحفظ ٿي سگهي.

21- هر فرد ملڪ ۽ ماڻهن جي آزار ۽ ظلم کان تنگ ٿي ڪنهن به ٻئي هنڌ يا ٻئي ملڪ ۾ پناهه وٺي سگهي ٿو . جيڪا عام طور تي ملڻ کپي بشرطيڪ ڏوهن ۾ ملوث نه هجي.

مٿيان سڀيئي بنيادي حق هر انسان کي هر ملڪ ۽ رياست ۾ ملڻ کپن ۽ سڀني انسانن جو ڪم آهي ته جتي اهي حق نه ملن ته اتي اهي متحد ٿي جدوجهد ڪري اهي حق حاصل ڪري وٺن .گهڻو ڪري سڀني ملڪن جي حڪومتن ،گڏيل قومن جي اداري وٽ مڃيو آهي ته اهي حق سڀني انسانن کي هئڻ کپن ۽ ملڻ کپن. تنهن ڪري عوام متحد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي احتجاج ڪري اهي سڀئي حق حاصل ڪرڻ جي جدوجهد جاري رکي سگهي ٿو، جيستائين ڪاميابي حاصل ٿي وڃي.

2- مذهبن جي غلط تشريح:

دنيا ۾ مختلف موقعن تي مختلف ملڪن ۾جدا جدا مذهب آيا ، انهن سڀني مذهبن انسان جو ڀلو پئي چاهيو پر سندن باني جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ مفادپرست طبقي ڪجهه گمراهه قسم جي پنڊتن ،پادرين ۽ ملن مولوين کي استعمال ڪري دولت ۽ اقتدار تي پنهنجو قبضو جاري رکيو. اسلام ۾ پنجن اهم فقيهن وٽ يعني امام ابو حنيفه ، امام مالڪ، امام شافعي ، امام احمد بن حمبل رحه ۽ امام جعفر صادق رحه موجب ٻنٽي حرام آهي، پوءِ به گهڻن مسلمان ملڪن ۾ اڄ تائين جاگيرداري ۽ زمينداري هلندي ٿي اچي. "زمين جيڪو کيڙي سو کائي" جي اسلامي اصول مطابق ورهائڻ کپي. اهڙي طرح سان قرآن شريف ۾ صاف چيو ويو آهي ته دولت چند هٿن ۾ جمع ٿيڻ نه کپي، پر ان جي لاءِ ڪڏهن صحيح طرح سان اپاءُ نه ورتا ويا. جيڪڏهن ٻاڙي وارو ٻکيو آهي ته پيٽ ڀري کائڻ وارن جي ماني ڪي حرام چيو ويو پر هتي ته " ٻاڙي ناهه پروڙ ته ڪا رات رنجائي گذري" وارو حال آهي يا شاعر مطابق:

> " خدا تنهنجا ٻندا سادا وڃن ڪاڏي؟
> درويشيت ۾ عياري سلطانيت ۾ عياري"

اهو صاف چيو ويو ته حڪومت ۽ اقتدار عوام جي مشوري سان طئي ڪيو وڃي پر مسلمان بادشاهت ڪي خليفن ڪانپوءِ زبردستي جائز ڪري ڇڏيو ۽ سڀ ملان، مولوي، پير، فقير ظالم بادشاهن ڪي مڃيندا رهيا ۽ ظالم بادشاهه ڪي حق چوڻ وارو افضل جهاد نه ڪيو ويو. ائلندو بادشاهن کي الله جو پاڇو سڏيو ويو ۽ خطبن ۾ اهڙي قسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جا جملا وڏا! ويا. مذهب جي غلط تشريح استعمال ڪرڻ وارن ان رسم کي وڌي هٿي ڏني ۽ انهيءَ جي آڙ ۾ هو پنهنجو ظلم ۽ استحصال جاري رکندا آيا. اڄ به گهڻن مذهب وارن جو رويو منافقانه آهي. ظالم ۽ جابر حاڪم کي حق ۽ سچ ڪونه ٿا چون. تنهن ڪري حاڪم عوام جو استحصال جاري رکيو وينا آهن ۽ عوام معاشي طرح بدحال ٿي پيو آهي. عوام کي گمراهه ڪن ڳالهين ۾ منجهايو ٿو وڃي ته توهان جا نصيب خراب آهن، ڇا نصيب رڳو مسلمانن جا يا صرف پاڪستانين جا خراب آهن ڇا؟

شاهه لطيف صحيح فرمايو آهي:

ڳهليون قسمت ڳالهڙيون هي سڀ تنهنجو ڏاڍ،
آءُ نه ڏسي اپ کي ڍرکي کيان ڍاڍ،
آهه منهن جي آڏ سکهه سنگهارن سومرا.

هاڻي هن قسم جا گمراهه ڪن نظريا، فريب نه هلي سگهندا ۽ عوام سجاڳ ٿي پنهنجا حق گهرندو.

3- تعليم جي گهٽتائي:

تعليم انسان لاءِ روشنائي آهي، جيڪا جهالت جي انڌيرن کي ڪڍي سگهي ٿي. سيني مذهبن علم جي اهميت کي مڃانهون رکيو پر اسلام ته خاص طرح سان تعليم تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. هي اسلام ئي آهي جنهن ۾ چيو ويو ته " علم حاصل ڪرڻ هر مرد ۽ عورت تي فرض آهي" جيڪڏهن چوڏنهن سو سالن کان انهيءَ حڪم تي عمل ڪيو وڃي ها ته هن وقت مسلمانن ۾ خاص طرح سان ڪوبه اڻ پڙهيل مورڳو ڪونه هجي ها. ۽ سڀ مسلمان مرد ۽ عورتون اعليٰ تعليم يافته هئڻ ڪپن ها. پر هٿ وٺي انهيءَ حڪم تي عمل نه ڪيو ويو ته جيئن عوام جاهل رهي ته انهن جو استحصال ڪري سگهجي. هاڻي به عوام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الناس کي مفادپرست طبقو چاڻي ٻجهي علم کان وانجهيل رکڻ ٿو چاهي. حالانڪ هر مسلمان کي انهيءَ حڪم جي به خبر آهي ته پينگهي کان قبر تائين علم حاصل ڪيو. اهڙي قسم جي سيني حڪمن جي باوجود توهان ڏسو ته مسلمان ملڪن ۾ ٿي گهٽو ڪري تعليم جي شرح تمام گهٽ آهي، اهو صرف انهيءَ ڪري جو مفادپرست طبقو ساڳئي وقت عوام دشمن به آهي ۽ انهن اهو ڪڏهن به نه چاهيو ته عوام کو هوشيار ۽ سجاڳ ٿئي، تنهن ڪري تعليمي نظام کي تباهه ڪري ڇڏين ته جيئن عوام اڻوجهه رهجي وڃي. انهيءَ مڪاريءَ واري حڪمت عمليءَ جي ڪري مسلمانن ۾ تعليم جي گهٽتائي رهجي وئي ۽ ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ پوئتي رهجي ويا ۽ انهيءَ ڪري سندن معاشي حالت به خراب رهي آهي.

جيڪڏهن ڪٿي ڪي مدرسا علم جي درس و تدريس ۾ مشغول رهيا آهن ته اهي صرف پراڻي، غيرمروج ۽ دقيانوسي تعليم تي زور ڏيئي رهيا آهن. اهڙا ڪتاب پڙهائي رهيا آهن جن ۾ گهٽي پاڳي رد ٿيل قصا ۽ ڪهاڻيون بڌايون ويون آهن، انهيءَ قسم جي پڙهائيءَ کي علم نٿو چئي سگهجي. علم لفظ جي معنيٰ آهي " ڄاڻ" تنهن ڪري هاڻي هر قسم جي "ڄاڻ" تي زور ڏيڻو پوندو، ته جيئن واسطو انسان سان هجي ۽ ان جي مفاد ۾ هجي. اها ڄاڻ جيڪا انسان جون جسماني، ذهني ۽ روحاني ضرورتون پوريون ڪري ۽ ان کي سکيو رکي سگهي.

هاڻي تعليم انهن شعبن بابت هجي جن کي انساني زندگيءَ جي عمل جا اهم شعبا چئي سگهجي. يعني 1- سياسي شعبو. 2- اقتصادي شعبو. 3- معاشي شعبو. 4- بنيادي ضرورتن ۽ سهولتن جو شعبو. 5- انسانيت جي ترقيءَ وارو شعبو. 6- قدرتي وسائل جي ترقيءَ وارو شعبو. جيڪڏهن ابتدائي تعليم کان وٺي انهن شعبن متعلق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعليم نہ ڏني ويندي تہ پوءِ انسان پڙهيل هجڻ جي باوجود جاهل رهجي ويندو. هن وقت اسان جي تعليمي نظام جي هر رخ جي حساب سان تباهي آهي. تنهن ڪري جيڪي شاگرد مدرسن ۽ اسڪولن مان پڙهي ٿا نڪرن اهي بہ تقريبا اهڙا ئي جاهل آهن، جهڙا اڻ پڙهيل. تنهن ڪري سندن استحصال جاري رهي ٿو. هاڻي سائنسي، هنري ۽ فني تعليم تي زور هڻڻ کپي ڇاڪاڻ تہ ملڪ ۽ ماڻهو انهيءَ قسم جي تعليم جي ذريعي ئي ترقي ڪندا.

تعليم علم جي هنن شاخن ۾ ڏيڻ گهرجي. 1- طبي سائنسز. 2- سماجي سائنسز. 3- مابعد طبيعاتي سائنسز. 4- طبيعاتي ۽ فلڪياتي سائنسز. انهن سيني سائنسز متعلق ڪافي حد تائين ڄاڻ ڏيڻي پوندي. هاڻي تعليم اعليٰ قدرن واري هجي، اعليٰ ٽيڪنيڪي هجي ۽ اعليٰ معيار واري هجي، تڏهن ملڪ ترقي ڪري سگهندو. مطلب تہ اعليٰ ڪان اعليٰ تعليم تائين عوام کي سهولتون پهچائجن. هاڻي هر شعبي، هر شاخ، هر هنر ۽ هن جا قاعدا ۽ قانون آهن جيڪي سمجهڻا ۽ سکڻا پوندا. ڇاڪاڻ تہ اهي ئي هاڻي علم تصور ڪيا ٿا وڃن. هي وقت ۽ دور ٽيڪنالاجيءَ جو آهي، هي دور ڪمپيوٽر جو دور آهي، جيڪي انهيءَ کي اپنائيندا اڳتي وڌندا. جيڪي انهيءَ کي نہ اپنائيندا اهي اڳتي ترقي ڪونہ ڪري سگهندا. هي دور قانون ۽ فارمولا جو دور آهي، تنهن ڪري علم جي سائنس جي هر شاخ جي قانون ۽ فارمولا سکڻا ۽ سيکارڻا پوندا. اهڙي ئي قسم جا نصاب مقرر ڪرڻا پوندا تڏهن ئي اسان پنهنجي عوام کي ترقي ڏئي سگهنداسين. نون سائنسي کوجنائن جي بنياد تي هر شعبي کي سڌارڻو پوندو ۽ ترقي ڏيارڻي پوندي تہ جيئن ماڻهو خوشحال ٿين. سچي سائنسي تحقيق دنيا جي اهم ٻولين ۾ ٿي رهي آهي، خاص ڪري انگريزيءَ ۾ پر اسان جي ملڪ جي مفادپرستن وري انگريزي سکڻ ۾ عوام کي پوئتي ڪري ڇڏيو.واضع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طبقاتي تعليمي نظام قائم ڪيو اٿن يعني بالادست، امير يا پئسن وارن جا ٻار اهڙن اسڪولن ۾ پڙهن ٿا جن ۾ پهرين درجي کان انگريزي سيکاري وڃي ٿي. هي عمل صرف عوام دشمنيءَ تي ٻڌل آهي تہ جيئن غريب عوام جو اولاد سائنسي، فني ۽ هنري تعليم ۽ مقابلي جي امتحانن ۾ پوئتي رهجي وڃي. تعليمي نظام کي درست ڪري سڄي ملڪ ۾ سيني شهرين جي لاءِ هڪ جهڙو ڪرڻو پوندو، تڏهن صحيح طرح سان ملڪ ۽ عوام ترقي ڪري سگهندو ۽ پوءِ ئي خوشحالي ماڻي سگهندا. صرف سائنسي، فني ۽ هنري تعليم ئي آهي جيڪا ملڪ ۾ خوشحالي آڻي سگهي ٿي ۽ ملڪ مان بيروزگاريءَ کي دور ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهي ٿي، تنهن ڪري تعليم لاءِ بجيٽ جو گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ سيڪڙو رکيو وڃي جيڪو بعد ۾ گهرجن آهر وڌايو وڃي.

4- بگڙيل يا غلط حڪومتي نظام:

جيڪڏهن اڄ ۾ انسان ذات جي ترقي نہ ٿي سگهي يا گهٽ ٿي تہ ان جو اهم سبب غلط ۽ بگڙيل حڪومتي نظام هئا. حڪومتي نظام هڪ پيچيده عمل آهي، جيڪو انهيءَ وقت ابتدائي ارتقائي مرحلن مان پئي گذريو. تنهن ڪري تفصيلي طئي شده حڪومتي نظام ڪونہ جڙي سگهيو هئو. صرف ڏنڊي ۽ افرادي قوت جي زرو تي ماڻهن کي آڻ مڃائي هيٺان ڪرڻ وارو اصول مروج ٿي ويو. يعني " جيڪو ڏاڍو سو گابو" ۽ اڃا تائين هلندو پيو اچي. پر هاڻي جمهوري نظام حڪومت چڱيءَ طرح سان واضع ٿي چڪو آهي ۽ انهيءَ جي ذريعي ئي سڄي دنيا ۾ حڪومتي نظام هلي رهيا آهن. ڪٿي ڪٿي بادشاهي نظام آهن، پر اتي بادشاهن جا اختيار نالي ماتر آهن ۽ حڪومتي نظام عوام جا چونڊيل نمائندا ئي هلائي رهيا آهن پر غير ترقي يافتہ ملڪن ۾ جمهوري نظام کي بہ غلط طريقن جي ذريعي صرف امير ماڻهن جو نظام بڻايو ويو آهي، صرف امير ماڻهو جمهوريت جي مٿان قابض ٿي ويا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهن ڪري ان نظام کي عوامي جمهوري نظام نٿو چئي سگهجي. وڏا امير ماڻهو صرف پنهنجن مفادن کي ئي ڏسن. جيڪڏهن حڪومت امير ماڻهن جي هوندي ته هو غريب ماڻهن ۽ ملڪ لاءِ ڪڏهن به ڪونه سوچيندا. سندن ذهن ۾ صرف پنهنجي عيش عشرت ۽ لالچ پوري ڪرڻ جي تمنا هوندي. جيڪڏهن عام ماڻهن جي ڀلائي سوچڻي آهي ۽ انهيءَ کي اهميت آهي ته پوءِ حڪومت جو نظام اهڙو ڪرڻ گهرجي. جنهن ۾ عوام جا صحيح هڏڏوکي نمائندا پهچي سگهن. جنهن ۾ دانشور، علم وارا ۽ ڏاها ماڻهو جيڪي عوام جا خيرخواهه آهن ۽ سندن ڀلو چاهيندڙ ۽ سندن ترقي چاهيندڙ هجن سي پهچي سگهن.اسان جي ملڪ ۾ هن وقت جيڪي حد بنديون يعني تڪ آهن. انهن مطابق صوبائي اسيمبليءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 50 لک ۽ قومي اسيمبليءَ لاءِ 100 لک خرچ ڪيو ٿو. ڪن حالتن ۾ گهٽ تڪن ۾ خرچ انهيءَ ڪان به وڌيڪ اچي سگهي ٿو ۽ اچي ٿو پر انهيءَ خرچ ڪان هر هڪ وس وارو اڪيوٽ ڪري ٿو. ڪڏهن پاڻ ئي قاعدا ناهين ٿا ته خرچ هڪ حد ڪان متي نه اچي پر انهيءَ جي پڇڪڙي به پاڻ ٿا ڪن ۽ سيني وس وارن کي خبر آهي پر ڪنهن به قسم جو قدم ڪونه ٿا کڻن. جڏهن قسم نامي تحت خرچ جو تفصيل ڏنو ٿو وڃي ته گهٽو ڪري سڀ اليڪشن لڙندڙ رهنما ڪوڙن قسم نامن سان خرچ جو تفصيل مقرر ڪيل حد اندر ڏيکارين ٿا. جيڪڏهن اهڙي مڪاري ۽ عياريءَ واري سياست هوندي ۽ سياستدان هوندا ته انهن مان ڪهڙي توقع ڪري سگهجي ٿي. اڄ سڏي طرح سان پاڻ مڃين ٿا ته تڪ ايترو ننڍو هجي جو خرچ گهٽ ٿيڻ ڪپي پر تڪ گهٽائي هن محدود جمهوريت کي عوامي وسيع بنيادن واري جمهوريت بڻائڻ لاءِ تيار نه آهن. ڇاڪاڻ ته انهيءَ ۾ سندن مفاد کي ڌڪ لڳندو. ڇاڪاڻ ته گهٽا وچولي طبقي جا دانشور ۽ ڏاها سندن مقابلي لاءِ تيار ٿي ويندا. جيڪي ماڻهو ايڏا خرچ ڪري اسيمبلين ۾ پهچندا. اهي سڀ کان پهريائين پنهنجي خرچ ڪڍڻ لاءِ ۽ اڳتي به اليڪشن وڙهڻ لاءِ خرچ ڪڍڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو بندوبست ڪندا ۽ پئسن ڪمائڻ جا طريقا سوچيندا. اهي آفيسر شاهي سان ڳٽ جوڙ ڪري انهن کي پاڻ سان ملائي يا انهن کي هيسائي، دٻائي تنگ ڪري پوءِ انهن جي ذريعي هر قسم جي غلط ڪم ۾ ملوث ٿيندا. انهيءَ ڪري ئي اڄ ڪلهه رشوت زورن تي آهي. هر هڪ نوڪريءَ جا اگهه مقرر ٿي چڪا آهن. هر هڪ ڪم جي لاءِ پئسا ڏيڻا ٿا پون. هر سطح تي گهوٽالن جي ڪري ملڪ تي قرض جو بار چڙهندو ٿو وڃي ۽ انهيءَ جي پورائي لاءِ وري عوام تي ٽيڪس مڙهي سندن جيئڻ جنجال ڪيو ٿو وڃي. جيڪڏهن ملڪ ۽ عوام کي سڌارڻو آهي ته پوءِ سڀ کان پهريائين سياسي نظام کي سڌارڻو پوندو ۽ هن موجوده نام نهاد جمهوريت يعني "اميروڪريسيءَ" کي عوامي فلاحي جمهوريت ۾ تبديل ڪرڻو پوندو. انهيءَ سان گڏوگڏ تعليم نظام کي به سڌارڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته جمهوريت لاءِ تعليمي معيار ۽ تعليمي شرح مٿانهين هجڻ لازمي ۽ ضروري آهي. ملڪ ۽ قوم جي ڀلائيءَ لاءِ، سڌاري لاءِ انهن ٻنهي سڌارن جي بنيادي ۽ تمام گهڻي اهميت آهي. پهريائين اهي سڌارا لاڳو ڪري پوءِ يڪدم ٻين سڀني سڌارن يعني سماجي، معاشي، معاشرتي، زرعي، صنعتي، انتظامي، قانوني ۽ آئيني سڌارن تي توجهه ڏيڻو پوندو. هن وقت تائين جن به حڪومتن ائين نه ڪيو آهي اهي عوام دشمن حڪومتون هيون ۽ انهن کي عوام ۽ ملڪ جي ڀلائيءَ سان ڪا به همدردي ڪانه هئي، تنهن ڪري ملڪ ۽ عوام جو ڀلو، سڌارو ۽ ترقي ڪونه ڪرائي سگهيا.

سڄي دنيا ۾ قانون ساز اسيمبلين لاءِ ڏهه هزار آدمشماريءَ کان وٺي گهٽ ڪري پنجاهه هزار آدمشماريءَ تي هڪ نمائندو آهي، پر اسان جي ملڪ ۾ ڇهه، ڏهه ۽ ڪن حالتن ۾ پندرنهن لک ماڻهن تي هڪ نمائندو آهي، هي عوام جي سياست تي ڌاڙو آهي. جنهن کي فورن ختم ٿيڻ گهرجي.امير ماڻهن پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تمام وڏي عرصي گذرڻ جي باوجود پاڪستاني عوام جي حالت ڏينهن بہ ڏينهن بد کان بدتر ٿيندي ٿي وڃي سو ڇو؟ آخر انهيءَ جا بہ ڪي بنيادي سبب هوندا . جڏهن تہ انهيءَ ساڳئي عرصي ۾ جپان ، ڪوريا ، چائنا ، ٿائيلينڊ ۽ ٻين ملڪن تمام سٺي ترقي ڪئي آهي ۽ هنن پنهنجي عوام کي تمام سٺي تعليم ۽ ڪين سٺو باعزت روزگار مهيا ڪري زندگيءَ جون سڀ بنيادي سهولتون ميسر ڪري ڏنيون آهن. اسان جي پٺتي جو سبب اهو آهي تہ هتي هڪ مفادپرست طبقو آهي جيڪو جاگيردارن ،زميندارن ، وڏيرن ، پيرن ، ميرن ، چوڌرين ، خانن ، ملڪن ، سردارن ، سرمائيدارن ۽ تاجرن تي مشتمل آهي ۽ اهو طبقو هميشہ کان دولت ۽ اقتدار تي قابض رهيو آهي. اسيمبلين ۾ ميمبرن جو تعداد ايترو تہ محدود رکيو اٿن جو سواءِ وڏن امير ماڻهن جي ٻيو ڪوبہ وچولي طبقي جو اديب ، دانشور ، وڪيل يا رٽائرڊ آفيسر اليڪشن نہ لڙي سگهي ۽ انهي ڪري هميشہ ساڳيا ماڻهو يا ساڳئي خاندان جا فرد اليڪشن لڙي ۽ کٽي اچن ٿا. جيڪڏهن هن عوام دشمن اميروڪريسيءَ جي طريقي کي تبديل نہ ڪيو ويندو تہ پاڪستاني عوام کي پنهنجا بنيادي حق ڪڏهن بہ ڪونہ ملي سگهندا. ڇاڪاڻ تہ هي مفادپرستن جو طبقو عوام دشمن آهي ۽ اهو عوام جي ڀلائي ڪڏهن بہ نہ چاهيندو ۽ هنن ڪي هن پياري پاڪستان جي عوام کي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ انهيءَ طبقي جي هڪ هٽي ختم ڪري عوامي جمهوريت بحال ڪئي وڃي. ٻين ملڪن جي ماڻهن کي گهٽ ڪري سڀ بنيادي حق حاصل آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ گهٽ ڪري وسيع بنيادن تي نمائندگي ڏنل آهي ، تنهن ڪري اهي ترقي ڪري پنهنجي عوام جي زندگيءَ جي معيار کي بهتر ڪري رهيا آهن. هيٺ ڏنل انگن اکرن مان توهان پاڻ اندازو لڳائيندا تہ اسان جي ڪيڏي نہ محدود نمائندگي آهي ۽ پاڪستاني عوام سان ڪيڏو تہ وڏو ظلم جاري رکيو ويو آهي . هيءَ بنيادي بدمعاشي آهي جنهن ڪري ملڪ ۾ ماڻهو ترقي ڪري نہ سگهيا آهن.

هيٺ ڏنل چارٽ پيش ڪجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ جو نالو	آدمشماري	ايوان ۾ نمائندگي
انگلينڊ	ساڍا پنج ڪروڙ	654 ميمبر
اٽلي	پنج ڪروڙ	1002 ميمبر
فرانس	ساڍا پنج ڪروڙ	579 ميمبر
ترڪي	پنج ڪروڙ	540 ميمبر
سئٽزرلئنڊ	ٽيهٺ لک	200 ميمبر
آسٽريا	پنجھتر لک	183 ميمبر
البانيه	ستاويھ لک	270 ميمبر
بيلجيم	هڪ ڪروڙ	212 ميمبر
ڊينمارڪ	اناسي لک	400 ميمبر
يونان	پنجاھ لک	180 ميمبر
فيڊرل جرمني	ساڍا ڇھ ڪروڙ	672 ميمبر
رومانيا	نوي لک	300 ميمبر
هنگاري	ٻہ ڪروڙ	400 ميمبر
فنلئنڊ	هڪ ڪروڙ	388 ميمبر
آئرلينڊ	ڇٽيھ لک	200 ميمبر
نيدرلينڊ(هالينڊ)	ڏيڍ ڪروڙ	166 ميمبر
ناروي	پائيتاليھ لک	150 ميمبر
ناروي	پائيتالھ لک	157 ميمبر
اسپين	چار ڪروڙ	350 ميمبر
سوئيڊن	ٽياسي لک	349 ميمبر
پولئنڊ	ٽي ڪروڙ پنجھتر لک	460 ميمبر
الجيريا	ٻہ ڪروڙ ٽيھ لک	295 ميمبر
مصر	پنج ڪروڙ	458 ميمبر
ايران	چار ڪروڙ سٺ لک	370 ميمبر
عراق	هڪ ڪروڙ سٺ لک	250 ميمبر
اسرائيل	پائيتاليھ لک	120 ميمبر
لبنان	ٽيھ لک	99 ميمبر
موراڪو	ٻہ ڪروڙ چاليھ لک	1112 ميمبر
شام	هڪ ڪروڙ	306 ميمبر
انگولا	ٻياسي لک	95 ميمبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ جو نالو	آدمشماري	ايوان ۾ نمائندگي
ڪئميرون	هڪ ڪروڙ	223 ميمبر
ڪانگو	ويهه لک	120 ميمبر
ايٿوپيا	چار ڪروڙ چاليهه لک	153 ميمبر
آوري ڪوسٽ	هڪ ڪروڙ	835 ميمبر
ڪينيا	ٻه ڪروڙ ڏهه لک	175 ميمبر
ميڊاگاسڪ	هڪ ڪروڙ	172 ميمبر
نائيجيريا	ساڍا ڏهه ڪروڙ	137 ميمبر
سوڊان	ٽي ڪروڙ	450 ميمبر
سوماليه	انهتر لک	264 ميمبر
اتر ڪوريا	ٻه ڪروڙ	177 ميمبر
ڏکڻ ڪوريا	چار ڪروڙ ٽيهه لک	655 ميمبر
برما	چا ڪروڙ	299 ميمبر
بنگلاديش	ٻارنهن ڪروڙ	489 ميمبر
ڪيمبوڊيا	ٽيهتر لک	300 ميمبر
چائنا	هڪ ارب ڏهه ڪروڙ	117 ميمبر
انڊيا	چوراسي ڪروڙ	2970 ميمبر
انڊونيشيا	ارڙنهن ڪروڙ	544 ميمبر
جپان	ٻارنهن ڪروڙ پندرنهن لک	1000 ميمبر
لائوس	چاليهه لک	512 ميمبر
مليشيا	چوڏنهن ڪروڙ سٺ لک	264 ميمبر
پاڪستان	ٻارنهن ڪروڙ	217 ميمبر
سنگاپور	چوويهه لک	207 ميمبر
سريلنڪا	هڪ ڪروڙ چوهٺ لک	81 ميمبر
ٿائيلينڊ	پنج ڪروڙ ويهه لک	225 ميمبر
ويتنام	ڇهه ڪروڙ	357 ميمبر
آسٽريليا	هڪ ڪروڙ سٺ لک	496 ميمبر
نيوزيلينڊ	ٽيٽيهه لک	148 ميمبر
ڪئناڊا	چوويهه ڪروڙ	97 ميمبر
يو ايس اي		295 ميمبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ جو نالو	آدمشماري	ايوان ۾ نمائندگي
ڪيوبا	هڪ ڪروڙ	435 ميمبر
ڊومينڪن ريپبلڪ	ڇاهٺ لک	510 ميمبر
گوئٽي مالا	ڇهاسي لک	120 ميمبر
ميڪسيڪو	اٺ ڪروڙ	100 ميمبر
ارجنٽينا	ٽي ڪروڙ	400 ميمبر
برازيل	چوڏنهن ڪروڙ ٽيهه لک	254 ميمبر
ڪولمبيا	ٽي ڪروڙ	497 ميمبر
پيرو	ٻه ڪروڙ	199 ميمبر
وينزويلا	هڪ ڪروڙ انهتر لک	180 ميمبر
رشين اسٽيٽ	پندرنهن ڪروڙ	196ميمبر
		1046 .

مٿي ڏنل انگ اکر صرف انهن ملڪن جي ايوان زيرين يعني نئشنل اسيمبلي وانگر ايوان جا آهن. سندن ايوان بالا يا اپر هائوس جا ميمبر جدا آهن ۽ انهن جو تعداد به اهڙي طرح وڌيل آهي. انهن انگ اکرن تي نظر وجهڻ ڪانپوءِ صاف ظاهر ٿي پوندو ته پاڪستاني عوام جي سياسي حقن تي مفادپرستن وڏو ڌاڙو هنيو آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته انهيءَ ظلم جو خاتمو ڪيو وڃي. هاڻي عوام جو مطالبو آهي ته اسان جي ملڪ ۾ پنجاهه هزار آدمشماريءَ تي هڪ نمائندو مقرر ڪيو وڃي ۽ سيني نمائندن جون چونڊون سڌو سنئون عوام ڪري . چونڊون ججن جي نگرانيءَ ۾ ڪرايون وڃن ۽ نگران حڪومت غيرسياسي، غير جانبدار معتبر ماڻهن تي مشتمل هجي. هن قسم جي شق آئين ۾ وجهڻ گهرجي جيئن بنگلاديش ڪيو آهي. جيڪي دوست عوام جي ۽ ملڪ جي ترقي چاهين ٿا انهن سيني کي گذارش ٿي ڪجي ته هن عظيم ظلم خلاف وڏي زور شور سان آواز اٿاريو وڃي ۽ تمام گهڻو ۽ هر هنڌ ڳالهايو وڃي ته جيئن جلدي عوام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي انصاف ملي. سيني وس وارن کي اپيل ٿي ڪجي تہ هن قسم جون آئيني ترميمون ڪري پوء چونڊون ڪرائين تہ جيئن ملڪ ۽ عوام جو ڀلو ٿي سگهي.

جيڪڏهن مٿئين ڏنل طريقن مطابق چونڊون ٿينديون تہ پوءِ اميد ڪري سگهجي ٿي تہ عوام جا حقيقي هڏڏوڪي چونڊجي ايندا ۽ اهي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ جاکوڙ ڪندا ۽ اهي صحيح طرح سان جدوجهد ڪري حڪومتي نظام کي اهڙي طرح سان درست ڪرائيندا تہ جيئن عوامي جمهوري فلاحي حڪومت قائم ٿي وڃي. انهيءَ ٿي طريقي سان هن وقت موجود نام نهاد جمهوريت يعني "اميروڪريسي" واري ظالم نظام کي بدلائي عوام جي ڀلائيءَ وارو نظام قائم ڪري سگهبو. جيستائين حڪومتي نظام صحيح نہ ٿيندو ۽ صحيح ماڻهن جي هٿن ۾ نہ ايندو عوام جو ڀلو ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهندو. سيني عوام جي گهڻ گهرن، هڏڏوڪين ، ڏاهن ۽ خود عوام کي کپي تہ پنهنجو سڄو زور ظالم نظام کي بدلائڻ تي صرف ڪن ڇاڪاڻ تہ اهو بنيادي مسئلو آهي ۽ هي بنيادي بدمعاشي آهي جيڪا هن ملڪ ۾ جاري رکي ويئي آهي.

5- سياسي ليڊر ۽ سندن پارٽين جون مفاد پرستيون ۽ دوکي بازيون.

بالادست طبقي جي مفاد پرستن گڏجي سياسي پارٽيون ٺهيون ناهيون آهن ڇاڪاڻ تہ انهن وٽ اهڙي قسم جا وسيلا موجود هئا ۽ انهن پارٽين جي ذريعي عوام کي دوکا ڏيندا آيا آهن. پنهنجن پارٽين ۾ اليڪشن ڪڏهن بہ ڪونہ ٿا ڪرائين ۽ پئسي جي زور تي سياسي ماڻهن ۽ عام ورڪرن جي مجبورين ۽ غريبيءَ جو ناجائز فائدو وٺي پنهنجو ڪم هلائيندا ٿا اچن. هر اليڪشن وقت مختلف قسمن جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڌانڌلين ڪري ۽ ڪرائي اليڪشن کٽي وڃي سرڪار جوڙين ٿا ۽
ڌانڌليون ڪري ۽ ڪرائي اليڪشن کٽي وڃي سرڪار جوڙين ٿا ۽ هڪ ڌر سرڪاري ڌر ٿئي ٿي ۽ ٻي مخالف ڌر. نوراڪشتيءَ واري هڪ ڌر سرڪاري ڌر ٿئي ٿي ۽ ٻي مخالف ڌر. نوراڪشتيءَ واري سياست ڪندا رهن ٿا. هڪٻئي سان انهيءَ قسم جا قلابازين واري سياست ڪندا رهن ٿا. هڪٻئي سان انهيءَ قسم جا قلابازين واري سياست ڪندا رهن ٿا. ڪوشش ڪن ٿي ڪونه ٿا ۽ باقي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪابه مخلصانه ڪوشش ڪن ٿي ڪونه ٿا ۽ باقي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوبه منشور اول ته ناهن ۽ ڏين ئي ڪونه ٿا. پر عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوبه منشور اول ته ناهن ۽ ڏين ئي ڪونه ٿا. پر جيڪڏهن ڪي پارٽيون انهيءَ قسم جو براءِ نام منشور ڏين ٿيون ته پوءِ ان تي عمل اصل ڪونه ٿيون ڪن ۽ مختلف حيلن، بهانن، مڪارين ۽ حربن جي ذريعي پنهنجو وقت ڪڍي وري نئين اليڪشن مهل نوان دوڪا ۽ نوان فراڊ عوام ڪي ڏيکاري پنهنجو ڪم ڪڍن ٿا نه ته ڀڄاڙي "هڻ ٺپو پر ڊٻو" وارو اصول اپنائي پاڻ ڪي ڪامياب ڪن ٿا. جيڪڏهن عوام سجاڳ نه ٿيندو ۽ سياسي ليڊرن ۽ پارٽين کان سندن منشور جي گهر نه ڪندو ۽ پنهنجا مطالبا پيش نه ڪندو ۽ نه مڃرائيندو ته پوءِ موجوده حالتن ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي يڪدم نه اچي سگهندي. اهو عوام جو ڪم آهي ته ليڊرن ۽ سياسي پارٽين کان پنهنجا مطالبا مڃرائي، عوام پرامن اتحادن ۽ احتجاجن جي ذريعي پنهنجا جائز مطالبا پيش ڪري ۽ مڃرائي. دانشورن، اديبن ۽ سڄاڻ علم وارن دوستن جون ڪم آهي ته عوام کي کولي کولي سمجهائين ته انهن جا ڪهڙا ڪهڙا بنيادي حق آهن ۽ ڪهڙيون بنيادي ۽ ضروري سهولتون آهن جيڪي عوام کي ملڻ کپن. جڏهن عوام اهي سڀ ڳالهيون سمجهندو ته پوءِ انهن کي مڃرائڻ جون ڪوششون به ضرور وٺندو. اسان وٽ ڳوٺاڻن ۾ تعليمي شرح ۽ سطح گهٽ آهن، تنهن ڪري عوام کي اهي سڀ ڳالهيون گڏجاڻين، جلسن ۽ ڪچهرين ۾ سمجهائڻيون پونديون. انهيءَ لاءِ سڄاڻ سجاڳ دوستن کي ۽ سماجي تنظيمن کي عوام کي سکيا ڏيڻ جو ڪم ڪرڻو پوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ ڪلهه هر طرح سان عوام جو استحصال جاري آهي. عوام کي صحيح نمائندگي نٿي ڏني وڃي. اهو سندن سياسي حق ته ڌاڙو آهي عوام جو اقتصادي استحصال مختلف طريقن سان جاري آهي. جاگيرداري ۽ زميندارئ نظام جيڪو اسلامي اصولن پر به جائز ناهي جاري رکيو ٿا اچن. غلط سرمائيداريءَ واري نظام ۾ پورهيت طبقي جو مزدور بلڪل گهٽ آهي، هاري، مزدور ۽ ننڍي ملازم طبقي جو ڪنهن به قسم جو خيال نٿو ڪيو وڃي. تعليم ۽ صحت جون سهولتون بلڪل مفقود آهن. سندن اتحاد جي ڪوشش کي پوليس، فوج ۽ رياستي تشدد جي ذريعي ڪچليو ٿو وڃي، غريب ۽ وچولي طبقي جي سياسي حقن گهرندڙن سياسي ورڪرن کي ذليل قسم جي جسماني، ذهني، روحاني ۽ جنسي تشدد جو نشانو بڻايو ٿو وڃي، ڪيئن ايتريون ته اذيتون ڏنيون ٿيون وڃن جو گهڻا ويچارا ته علي الاعلان سياست کان بيزاري ڊيڪاريون ڪنارا ڪشي ڪيو ٿا وڃن. جيئن شاهه صاحب به اشارو ڪيو آهي ته!

اڄـو پـاڻي لڙ ٿيـو ڪـالارئو ڪـنـگـن،
اينـدي لـڄ مـرن تنهـن سـر مٿـي هنجهـڙا.

پر مفاد پرستن کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته هر قسم جي فرعون لاءِ موسيٰ ۽ هر قسم جي نمرود لاءِ ابراهيم ۽ هر قسم جي يزيد لاءِ حسين پيدا ٿيندا آهي ۽ ٿيندو رهندو. تنهن ڪري مفاد پرستن لاءِ به اهو ئي بهتر آهي ته پنهنجي ذهني علاج ڪرائي عوامي استحصال کان ڪنارو ڪن. بلڪي عوام جي ڀلائي ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪن. انهيءَ ۾ سندن ۽ سيني جي ڀلائي آهي. دنيا ۽ دولت هتي ڇڏي هليا ويندا. شاهه صاحب مطابق:

نڪا هت نڪا هت ڪا ڳوري سندي ڳالهه،
ڪانهـ پهتـي مـال، حـال پهتـي هـوت کـي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حالتون تہ اهڙيون خراب ٿي ويون آهن جو ڪير بہ ڇڻ ڪنهن

جي پلائي ڪرڻ نٿو چاهي. هر انسان ٻئي انسان جي ماس ڪائڻ لاءِ تيار

بيٺو آهي. جيڪڏهن سوچ سمجهہ سان نتيجن تي غور ڪبو تہ پوءِ ٿي

ماڻهو پين جي پلائيءَ لاءِ سوچي سگهندو نہ تہ هن وقت حالت ڪجهہ

هن طرح جي آهي.

آدميـــن اخـــلاص مٺـــائي مـــاٺو ڪيـــو،

هـــاٿي ڪـــائي ســـپ ڪـــو مـــاڻهو ســـندو مـــاس،

دلبـــر هـــن دنيـــا ۾ وحـــي رهنـــدو واس،

پيو سپ لوڪ لباس، ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو.

هن حالت کي تڏهن مٽائي سگهبو، جڏهن دنيا جي شين جي

بي ثباتي ۽ فاني حيثيت تي غور ڪبو ۽ عملن جي نتيجن تي غور

ڪبو تہ پوءِ انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ رهندو تہ هتي جيڪڏهن ڪو

پائيدار عمل آهي تہ اهو آهي انسان ذات جي پلائي. هڪ بهترين

حديث آهي تہ " خيرالناس من ينفع الناس" انسانن ۾ پلو اهو آهي

جيڪو ماڻهوءَ کي نفعو ٿو پهچائي.

هڪ دل کي راضي ڪرڻ حج اڪبر چيو ويو آهي ۽ دل آزاري

کي ڪعبہ ڍاهڻ جهڙو ذليل ڪم چيو ويو آهي.

مصحـــف بســـوز و آتـــش انـــدر ڪعبـــہ زن

هرچـــہ خواهـــي ڪـــن ولـــي مـــردم آزاري مـ ڪـــن

(شيخ سعدي)

مقصد تہ بهترين عبادت ماڻهن جي خدمت کي چيو ويو آهي. تنهن

ڪري ڪيڏو نہ چڱو ٿئي جي سياسي پارٽيون ۽ سياسي ليڊر عوام

جي پلائيءَ لاءِ، عوام جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ مخلص ٿي سوچين،

پر جيڪڏهن سياسي پارٽيون ۽ سياسي ليڊر نہ ٿا سوچين تہ عوام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي پنهنجا حق پاڻ ڇني ٻه وٺنا پوندا. اهي پاڻ سجاڳ ٿين ۽ پاڻ ۾ متحد ٿي سياسي پارٽين ۽ سياسي ليڊرن کي مجبور ڪن ته اهي عوام کي ڪم از ڪم بنيادي حق ۽ بنيادي سهولتون ضرور مهيا ڪن ۽ انهيءَ قسم جا منشور جاري ڪري انهن تي عمل ڪن.

6- جاگيرداري، زمينداري، وڏيراشاهي ۽ سرمائيداريءَ وارو استحصالي نظام:

گهڻي وقت کان جاگيرداري، زمينداري، وڏيراشاهي ۽ سرمائيداريءَ وارو استحصالي نظام هلندو ٿو اچي. انهيءَ نظام جي ڪري ٻه عوام جي وڏي حصي يعني هاري ۽ مزدور طبقي جي حالت خراب رهي آهي، ڇاڪاڻ ته ظالماڻي نظام ڪي الله جي زمين تي ڪجهه ماڻهو جاري رکيو پاڻ زمين تي قابض ٿي وينا آهن. حالانڪي اها ڪا هنن پاڻ ته نه ناهي آ نه وري پيدا ڪئي آهي پر غلط قسم جي سماجي نظام جي ڪري سندن زمين جي مٿان قبضو ٿي ويو آهي ۽ هلندو اچي.

زمين هاڻي " جيڪو کيڙي سو کائي" جي اصول مطابق ورهائي وڃي ته جيئن هاري طبقو پنهنجي محنت جي پيداوار پاڻ کٽي ۽ کائي. هارين جي بدحالي، تباهي ۽ جهالت جو ذميوار هر جاگيردار، زميندار ۽ وڏيرو آهي. جيئن هندستان ۽ بنگلاديش ۾ زمينداري ختم ڪري زمين هارين ۾ ورهائي ويئي آهي. تيئن هتي به فورن زرعي سڌارا نافذ ڪري هن نظام جو خاتمو آندو وڃي ته جيئن هاري ويچارو پنهنجي محنت جو ڦل پاڻ کٽي ۽ ڪجهه سک جو ساهه پٽي. هتي ته غلط ۽ بي نامي ڪاتن جي ذريعي وڏا زميندار زمين رکيو وينا آهن، پر انهيءَ قسم جي جاچ به ڪونه ٿي ڪرائي وڃي ته ڪم از ڪم ڪوڙا ڪاتا ته جلد ختم ٿي وڃن. اهڙي طرح سان مزدورن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪارخاني جي نفعي ۾ شريڪ ڪيو وڃي ڪم از ڪم ويهه سيڪڙو منافعو مزدورن ۾ ورهايو وڃي ته جيئن سندن حالت بهتر ٿئي. ظالم سرمائيداري نظام کي به سڌاري صحيح ڪرڻو پوندو. اسلام جي پنجن ٿي اهم فقيهن وٽ بٽئي سسٽم ۽ زمين جو وڪرو حرام آهي، تنهن ڪري انهيءَ سسٽم کي ختم ڪيو وڃي ۽ زمين جو سڄو نظام " زمين جيڪو کيڙي سو کائي" جي اصول مطابق هلايو وڃي.

7- پير پرستي:

اسان جي ملڪ ۾ خاص طرح سان عوام کي ڦرڻ ۽ لٽڻ لاءِ هڪ مخصوص طبقي پير پرستيءَ جو رواج وجهي عوام جو استحصال ڪيو ۽ صدين کان وٺي اهو جاري رهندو آيو آهي. الله جا بزرگ ۽ دوست بندا ته اهي هئا جن هميشه پنهنجو وقت مسڪيني حال ۾ گذاريو پر انسانن کي صحيح ڪمن جي تلقين ڪندا رهيا آهن. هنن ڪڏهن دنيا سان غرض ڪانه رکي ۽ نه وري ڪو اجورو وٺڻ قبول ڪندا هئا. پر انهن جا نا خلف ۽ نا اهل پويان جانشين اهڙا پيدا ٿيا جن ماڻهن کي غلط عقيدن ۽ وهمن ۾ ڦاسائي منجهائي پوءِ انهن کي پئسن ڦرڻ جو طريقو ڏنن. نياز نذراني طور مروج ڪري ڇڏيو. اسلام ته غلط عقيدن ۽ وهمن کي مٽائڻ آيو هو پر هنن وري وڏي حرفت سان انهن کي زنده ۽ جاري ڪري ڇڏيو ۽ غريب عوام کي ڦري ڪنگال ڪري ڇڏيو اٿن. نياز ۽ نذراني جا اهڙا طريقا استعمال ڪين جو هنن جا زنده پير به پئسن ڪمائڻ جو سٺو ذريعو ٿي پيا پر مرده پير به تمام سٺي پيداواري صنعت ٿي پيا. اهڙي طرح سان زنده ۽ مرده پيرن ماڻهن کي سڄو ۽ پينگيو ڪري ڇڏيو. سڄي ملڪ ۾ ڏسبو ته انهيءَ نموني عوام جو تمام گهڻو استحصال ڪيو ويو ۽ ڪنهن حد تائين اڃا جاري آهي.

انهيءَ کان علاوه ماڻهن کي گهڻن غلط عقيدن ۾ ڦاسائي ڇڏين ۽ انهن کي صحيح تعليم ۽ ڄاڻ ڪانه ڏنن. تنهن ڪري مسلم معاشري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ جهالت وڌندي رهي ۽ عوام اڻ پڙهيل رهجي ويو. تمام گهڻيون وڏيون درگاهون ۽ پير غلط ڪارين جا اڏا بڻجي ويا آهن. جن کي ختم ڪرڻ ۾ هاڻي گهڻو وقت ۽ محنت ڪپندي. مذهب انسان ذات جي ڀلائي ۽ انسان جي زندگي سڌارڻ لاءِ آيا هئا ۽ خاص طور سان اسلام ته سيني زنده ۽ مرده بتن جي ختم ڪرڻ لاءِ آيو هو ۽ سيني هستين کي ختم ڪري هڪ هستي کي مڃڻو هئو ۽ آهي. ائين به چيو ويو ته الله کي سڌو سنئون سڌ ڪري سگهو ٿا ۽ ڪنهن کي به مجال نه آهي جو توهان کي ان جي ويجهو ڪري سگهي. قرآن شريف ۾ زندگيءَ جي قاعدن، قانونن جو احوال آهي يا آثار ۽ تاريخ جو احوال انهيءَ لاءِ ته توهان ڳالهيون سمجهي سگهو. شوڪارن، ڦوڪارن جي ڪابه ڳالهه ڪاٿي لکيل ڪانهي ۽ نه ئي وري سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪو قاعدو لکيل آهي يا ڪا حقيقت لکيل آهي ته اها انسانن کي سمجهائڻ لاءِ آهي، انهيءَ کي ورجائڻ سان يا شوڪارن سان انهيءَ جي معنيٰ جي مطابقت به ڪونه آهي. اهڙين حقيقتن جو ۽ ڳالهين جو مفهوم سمجهڻ کانسواءِ ۽ عمل کانسواءِ يعني انهيءَ قانون کي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪوبه مقصد ڪونه آهي. جيئن دوا جو نالو وري وري ورجائڻ سان مرض تي ڪوبه فرق نه پوندو آهي، اهڙي طرح سان آيتن، مذهبي حقيقتن ۽ قاعدن کي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ کانسواءِ صرف شوڪارن سان يا ڪنهن پني تي لکي ٻانهن يا ڳچي ۾ ٻڌڻ سان سواءِ امڪاني نفسياتي اثر جي ٻيو ڪوبه اثر ڪونه پوندو.

انهيءَ طرح جا عمل صرف عام ماڻهن کي دوکي ۽ فريب سان ڦرڻ جي لاءِ مفادپرستن ۽ غلط قسم جي مذهبي ماڻهن شروع ڪيا ۽ اڄ تائين به ڪندا اچن. پئسو ڪمائڻ سندن مذهب ۽ ڪاروبار ٿي ويو ۽ انهيءَ ڪاروبار مان خوب فائدو حاصل ڪيو اٿن. شاهه لطيف سائين اهڙن ئي ماڻهن لاءِ چيو ته : **"مروڻ سندي ماس تي ٿا ماڻڪ مٽائين"**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي نام نهاد پيرن، فقيرن، سيدن، مرشدن ۽ مخدومن جو اهڙو ٽولو پيدا ٿيو، جنهن مذهب جو نالو استعمال ڪري پنهنجو پيٽ پريو ۽ ماڻهن کي ڦريو. ماڻهو ويچارا انهيءَ قسم جي ڦرلٽ ۽ پين گهڻ ٺي قسمن جي استحصال جي ڪري غريب ۽ اپوجهه ٿيندا ويا. هي ماڻهو سڏائين وري انهيءَ رسول مقبول (ص) جا پيروڪار ٿا جنهن سڄي زندگي پنهنجي لاءِ هڪ پئسو نه رکيو. جنهن چيو ته "الفقر فخري" جنهن جي وڏي ۾ وڏي سنت ٿي آهي بغير پئسي جمع ڪرڻ جي زندگي گذارڻ. اهڙي رسول مقبول جا اولاد ۽ پيروڪار اهي ته ڪونه ٿا ٿي سگهن جن جو ڌنڌو صرف ماڻهن کي ڦرڻ هجي. اهڙن نام نهاد بزرگن، پيرن، فقيرن، مرشدن کي غريبن ڪان پئسو ڦرڻ تي ڪڏهن به شرم حياءُ ۽ کهڪاءُ ڪونه آيو. هاڻي عوام به سمجهي چڪو آهي ته هي صرف ڦورو ۽ لٽيرا آهن. هنن جو نه ته ڪو مذهب سان واسطو آهي ۽ نه وري انسان ذات لاءِ ڪا همدردي اٿن. هنن جو ڪم پئسو ڪمائڻ ۽ جمع ڪرڻ آهي. هاڻي عوام وٽ اهي ماڻهو جيڪي ڪنهن به مذهبي حيلي وسيلي بهاني سان يا ڪنهن به ٻئي بهاني سان عوام ڪان پئسن ڦرڻ ۽ ٺڳائڻ جي ڪوشش ڪندا وتن ڪنهن به قسم جي عزت، احترام يا ادب لائق ڪونه آهن ڇو ته هاڻي هنن جي پئسي لاءِ لالچ صاف ظاهر ٿي پئي آهي، تنهن ڪري اهڙن ماڻهن کي صرف پئسن جو پوڄاري ۽ لٽيرو سمجهيو ويندو. الله تعاليٰ قرآن حڪيم ۾ به فرمايو آهي ته: " ليس الانسان الله ماسعيٰ" . انسان لاءِ اهو آهي جيڪو محنت سان ڪمائي. مفت خوري ڪنهن به طرح سان جائز نه آهي.

8- سماجي برائين جي وبا کي نه روڪڻ بلڪ ڦهلائڻ:

عوام ويچاري جي بدحاليءَ جو هڪ وڏو سبب سماجي برائين جي عادتن ۾ ڦاسي وڃڻ آهي جهڙوڪ نشو، جوا، چوري، زنا وغيره اهڙي طرح سان ڪجهه غلط قسم جي وندر وارين ڳالهين به عوام کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نقصان پهچايو آهي. جيئن ڪڪڙن جي ويڙهه، سوئرن جو شڪار، ڪتن ۽ رڇن جي ويڙهه، ڏاندن، گهوڙن ۽ گڏهن جون ميلون. هي سماجي برايون عوام ۾ آهستي آهستي پيدا ڪيون ٿيون وڃن ۽ جڏهن ڪجهه ماڻهو عادي ٿي وڃن ته پوءِ ٻيا به انهيءَ مرض ۾ مبتلا ٿي ٿا وڃن. جيئن نشي وارين شين جو استعمال ۽ تاس راند خاص طور سان مڪانن تي ڪيڏي ٿي وڃي، جيڪي ماڻهو خاص طور سان نوجوان اتي پهچي وڃن ٿا اهي به نشي آور شين جا عادي ٿي وڃن ٿا. ڪن براين جو وجود سرڪاري اهلڪارن جي مدد ڪانسواءِ پڄي نٿو سگهي. جيئن آفيم، شراب، چرس، تماڪ، گٽڪا ۽ هيروئن وغيره قانوني طرح منع هجڻ جي باوجود اهي سڀ شيون عام جام واپاريون ۽ واپرايون وڃن ٿيون. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته پوليس ۽ انتظاميه انهيءَ ڪاروبار ۾ شريڪ آهي ۽ هٿ وٺي انهيءَ ڪاروبار کي ڦهلائين ٿا. اهڙي طرح سان پوليس جو ادارو انسانن کي تباهه ڪرڻ جو وڏو جوابدار آهي. ٻشني، جيب ڪترا ۽ گهٽي ٻاگي چور به پوليس جا پاليل آهن، پر سيني وس وارن کي خبر هوندي به انهن لاءِ ڪو به قدم کڻڻ ٿو ڪنيو وڃي.

عوام ويچارو اهڙين برين عادتن ۾ ڦاسي بيڪار ٿيو وڃي ۽ سدائين معاشي بدحاليءَ جو شڪار رهي ٿو. اهڙن ماڻهن کي سڌارڻ جون ڪوششون به ڪري سگهجن ٿيون پر پهريائين انهن جي پيدا ڪرڻ وارين فيڪٽرن تي ڪڙي نظر رکڻي پوندي. اهو ڪم حڪومت جو آهي ۽ انهيءَ کي ڪم ڪرڻ کپي، جي حڪومت نٿي ڪري ته پوءِ عوام جو ڪم آهي ته سڌارو پاڻ ڪن ۽ حڪومت جي عوام دشمن اهلڪارن کي به واڪو ڪن ته جيئن اهڙن انسان دشمن ڪمن کان شرم ڪن ۽ انسان ذات جي تباهيءَ جو ڪارڻ نه بڻجن. هر انسان کي ٻين جي ڀلائي ۽ چڱائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

9- ترقيءَ جي جذبات ۽ خواهشات کان وانجهيل عوام:

جيڪو فرد يا معاشرو ترقيءَ جو نہ سوچيندو تہ انهيءَ جي حالت خراب ٿيندي ويندي ڇو تہ انسان يا معاشري جو هڪ هنڌ بيهي رهڻ محال آهي، تنهن ڪري جيڪي ترقيءَ جو سوچيندا ۽ مناسب جدوجهد ڪندا اهي ئي هر قسم جي خوشحالي ماڻيندا. ترقيءَ جي جذبات کان وانجهيل صرف اهو معاشرو هوندو آهي، جنهن ۾ صحيح تعليم جي کوٽ هوندي آهي. تعليم جي گهٽتائيءَ جو وڏي ۾ وڏو سبب حڪومت جي ڪن لاتار آهي. حڪومتون گهڻو ڪري عوام دشمن بالادست طبقي جون آهن ۽ اهي عوام جي خير خواهي نہ ٿيون چاهين تنهن ڪري تعليم طرف گهٽ ڌيان ڌنو وڃي ٿو. ملڪ تڏهن ترقي ڪندو جڏهن عوام کي تعليم ڏئي ترقيءَ لاءِ تيار ڪبو.اهڙي طرح سان عوام کي سجاڳ ڪري فردن جي ۽ معاشري جي مالي بدحالي دور ڪري سگهجي ٿي، ڪجهہ غلط قسم جي ملن، مولوين، سنتن، ٻاون، پنڊتن، پادرين ۽ پيرن پنهنجي استحصال جي جاري رکڻ لاءِ ماڻهن کي صحيح مذهبي ڄاڻ تہ ڪانہ ڏني پر انهن کي بيڪار قسم جي عقيدن ۾ ڦاسائي ڇڏين جنهن ڪري گهڻ ماڻهن جي دنيا مان دل ڪٽائي ڇڏي اٿن. دنيا جي ترقي ۽ خوشحاليءَ کي فضول ڄڻي انهن مان پورهئي ۽ محنت جو جذبو ڪڍي ڇڏيو اٿن، حالانڪي مذهب تہ ڀرين سڀني دنيا يعني دنيا جي ڀلائي گهرڻ لاءِ چيو آهي. اهڙي قسم جا ماڻهو دنيا کان منهن موڙي مفلسي ۽ مفلوڪيءَ سان پيا زندگي گذارين." ربنا اتنا في الدنيا حسنۃ وفي الاخرت حسنۃ" مذهبن تہ مجاهد قسم جي ماڻهن جي وڏي تعريف ڪئي . جيڪي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف دنيا ۾ ڪم ڪن ۽ برائي کي روڪڻ لاءِ ۽ چڱائيءَ کي ڦهلائڻ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏين ۽ هميشہ تيار رهن. " افضل الجهاد ڪلمۃ الحق عندالسطان لجائر" الله تعاليٰ بہ قرآن ۾ فرمايو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنيون شيون کائو پيئو. جيڪڏهن سنيون شيون پيدا نہ ڪنداسين تہ کائينداسين ڪٿان؟ تنهن ڪري سنين شين جي پيداوار وڌائڻ لازمي ڪم آهي ۽ جڏهن پيداوار وڌندي تہ عوام خوشحال ٿي سگهندو نہ تہ معاشي بدحاليءَ جو شڪار رهندو. اهڙي طرح سان اصراف ڪرڻ يا زيان ڪرڻ کان بہ منع آهي " ڪلو وشربو ولا تصرفو". کائو ۽ پيو پر زيان نہ ڪيو.

10- چڱائي چوڻ ۽ چڱائي ڦهلائڻ وارن سماجي ادارن جو اٿاٽ:

هن وقت عوام کي چڱي ڪم جي تيار ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جو ڪو وڏي پيماني تي ڪم ڪونہ ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن عوام ۾ چڱائين ڦهلائڻ جي ڪم لاءِ ڪي بہ سماجي ادارا نہ هوندا تہ پوءِ يقينن برايون وڌنديون ۽ ويجهنديون رهنديون. هن اسان جي دور ۾ هر طرف برائين جي ڦهلجڻ جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ انهن کي ڪنهن للڪاريو ڪونهي، ڪٿي بہ سماجي برائين جي خلاف ڪا جنگ جوٽيل ڪانهي تنهن ڪري برايون وڌنديون ۽ ويجهنديون رهن ٿيون. چڱا ماڻهو جن ۾ نيڪي ۽ چڱي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۽ طاقت موجود آهي جيڪڏهن چڱائي نہ چوندا تہ پوءِ غلط ڪار ماڻهن کي برائين ڦهلائڻ جو موقعو ملي ويندو. جن ماڻهن ۾ چڱائيءَ جا لاڙا هوندا اهي چڱائي چوندا ۽ ٻين کي متاثر ڪري سگهندا ۽ جن ۾ غلط لاڙن جو رجحان وڌيڪ هوندو آهي اهي انهيءَ کي ئي ڦهلائيندا آهن. اهڙيءَ طرح سان چڱا ۽ برا هڪٻئي تي اثر انداز ٿيندا آهن. مولانا رومي صاحب فرمايو تہ:

صحبت صالح ترا صالح کنند،
صحبت طالح ترا طالح کنند.

" چڱا ڪم اهي آهن جيڪي فرد ۽ معاشري کي فائدو ڏين ۽ غلط ڪم اهي آهن جيڪي فرد ۽ معاشري کي نقصان ڏين" تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري چڱن ماڻهن جو چپ ڪري ويهڻ بہ برائي ڦهلجڻ جو هڪ وڏو سبب آهي. اسان وٽ ماڻهن سمجهيو آهي تہ پاڻ جيڪڏهن روزو، نماز ادا ڪنداسين تہ ڇوٽڪارو ٿيندو. هي تصور نہ اسلامي آهي نہ انساني. اسلام ۾ چيو ويو تہ خساري ڪان اهي بچندا جيڪي ايماندار هوندا ۽ چڱا ڪم ڪندا ۽ چڱن ڪمن جي تلقين ڪندا ۽ جيڪڏهن ائين ڪندي ڪا تڪليف اچين تہ صبر ڪندا، چڱا ڪم وري اهي آهن جيڪي انسان ذات کي فائدو ڏين. تنهن ڪري چڱائي ۽ برائي جي انهيءَ تصور کي قبول ڪيو ويندو. جيڪو انسان ذات جي مجموعي طور تي بهتريءَ لاءِ هوندو. انسان وٽ چڱائي ۽ برائيءَ جا غلط تصور بيان ڪري ماڻهن کي گمراهہ ۽ معاشي طرح سان بدحال ڪيو ويو. هڪبئي کي غلط ڪم کان روڪڻ ۽ چڱي ڪم ڪرڻ جي تلقين وارو اهم ڪم سڀني ماڻهن ڇڏي ڏنو تنهن ڪري برائي ۽ بريون ڳالهيون گهر گهر ڪاهي پيون آهن. اخلاقي قدر گهٽجي ويا ۽ گهڻا ماڻهو غلط ڳالهين ۾ ڦاسي معاشي بدحالي جو شڪار ٿي ويا آهن. اسلام تمام سنا بين الاقوامي اصول ڏنا پر انهن جي غلط تشريح جي ڪري عام ماڻهو انهن تي صحيح طرح سان عمل ڪونہ ڪري سگهيا. قرآن ۾ صاف چيو ويو تہ " تعاونو علي البروالتقوي ولا تعاونو علي الاثم ولعدوان" هڪبئي جي چڱن ڪمن ۾ مدد ڪيو ۽ غلط ڪارين ۽ غير قانوني ڳالهين ۾ مدد نہ ڪريو پر اسان وٽ انهيءَ ڪم جي لاءِ ڪو ادارو ڪي سماجي تنظيمون ڪونهن، جيترو غلط ريتن، رسمن ۽ براين جو زور آهي تہ هوند اسان وٽ اهڙي قسم جا تمام گهڻا سماجي ادارا هئڻ کپن جن جو ڪم چڱائي چوڻ ۽ براين ۽ غلط ڪم ڪارين کان روڪڻ هجي پر ائين ڪونہ آهي، ڪي ادارا وري دقيانوسي قسم جون ڳالهيون ڪٺي ان کي مذهب جي نالي سان صرف مشهور ڪندا وتن، سماجي براين کي ختم ڪرڻ جو ڪو تصور هنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وٺ ڪونہ آهي. اهي صحيح حديثون جن ۾ چيو ويو تہ " افضل الجهاد ڪلمتہ الحق عندالسلطان الجائر" بهترين جهاد ظالم حاڪم کي حق چوڻ آهي. سڀ وساري ويٺا آهن. ظالم نظام کي بدلائي انهيءَ جي جاءِ تي صحيح ۽ صالح نظام جنهن ۾ ماڻهن جي فلاح هجي. ان جي آڻڻ لاءِ تہ اهڙن گروهن وٽ ڪوبہ پروگرام آهي ئي ڪونہ. انهيءَ جي ڪري انهيءَ جي ذريعي معاشري جو ڀلو ڪونہ ٿو ٿي سگهي.

ظالم نظام کي بدلائڻ لاءِ انهيءَ نظام کي تيز تنقيد جا تير هڻڻا پوندا. انهيءَ نظام ۾ عوام کي ڦرڻ. لٽڻ ۽ بدحال بڻائڻ وارين سيتي چالن. مڪارين ۽ حرفتن. سازشن کي وائکو ڪرڻو پوندو. اهو ڪم سياسي پارٽين ۽ سماجي ادارن جو آهي ۽ انهن کي ڪرڻ کپي پر ڪونہ ٿا ڪن.انهيءَ ڪري هاڻي ضرورت انهيءَ ڳالهہ جي آهي تہ سيئي چڱا ماڻهو انهيءَ جوابداريءَ کي محسوس ڪن ۽ سڀ پارٽيون هر سطح ۽ هر موقعي تي عوام جي ڀلائي ۽ بهتريءَ وارن ڪمن تي زور ڀرين. جاڪاڻ تہ اهي ئي چڱا ڪم آهن ۽ سيني کي ڪرڻ کپن. " ماڻهن ۾ ڀلو اهو آهي. جيڪو ماڻهن کي نفعو پهچائي" واري حديث کي ياد ڪري انهيءَ تي عمل ڪن. هڪ اولهہ جي مفڪر جو قول آهي تہ وڏو ماڻهو اهو آهي جيڪو ٻين جي خدمت ڪري ۽ ٻئي هڪ آمريڪي فلسفي ايل ران هبرڊ جو چوڻ آهي تہ انسان اوترو ئي چڱو ۽ قيمتي آهي جيتري ٻين جي خدمت ٿو ڪري. جيڪڏهن ان آنا خدمت ڪري ٿو تہ ان آنا قيمتي آهن. پر جيڪڏهن عوام ۽ انسان ذات جي خدمت کان عاري آهي تہ مڪمل طرح سان بيڪار ۽ بيسود آهي. اهڙي طرح سان ڪم ڪرڻ وارن ماڻهن ۽ ادارن جي ڪوٺ جي ڪري اسان جو سياسي ۽ سماجي نظام خراب ٿي ويو ۽ عوام معاشي بدحاليءَ جو شڪار ٿي ويو. وڏا ماڻهو ۽ وس وارا ماڻهو پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عيش عشرت ۾ پورا آهن ۽ عوام ظلم جي گهاٽي ۾ پيڙجي رهيو آهي. هاڻي عوام جي فلاح، بهبود، ڀلائي ۽ بهتريءَ لاءِ سيني چڱن ماڻهن کي سوچ ويچار ڪري ڪم ڪرڻ کپي ته جيئن عام غريب ماڻهو به سک جو ساهه کڻي سگهي. سڀ چڱا، ڏاها ماڻهو گڏجي هن ذميواريءَ کي پورو ڪن، ڇاڪاڻ ته گهڻي ۾ گهڻي ذميواري آهي به پڙهيل ۽ سمجهدار ماڻهن جي جيڪڏهن نه ڪندا ته عوام وٽ ۽ تاريخ ۾ ذميوار نهرايا ويندا.

11- جهيڙن ۽ جهڳڙن جو عام ٿيڻ :

جهيڙن ۽ جهڳڙن جو عام ٿيڻ عوام جي معاشي بدحاليءَ جو وڏو سبب آهي، گهٽا جهيڙا جهڳڙا اهڙا به آهن جن جي ڪري ماڻهن جو وڏو خرچ اچي ٿو وڃي، اهڙي طرح هو پنهنجي آمدنيءَ جي وڏي حصي کان هٿ ڌوئي ٿا ويهن. جهيڙن جهڳڙن جا ڪيترائي ڪارڻ آهن جيئن ته غلط ريتون، رسمون ۽ انهن تحت ناهه جيئن سڱابنديءَ جي معاملن ۾ صغير ٻارن جا نڪاح يا انهن جي ناليءَ تي چوڪريون نالي ڪرڻ، مختلف قسم جون زباني ڳالهيون، قول، اقرار ۽ واعدا جيڪي بعد ۾ نه پاڙيا وڃن، سازشي ۽ مفاد پرستي وارن جون ڪارستانيون، جيڪي عوام کي هميشه ڏچن ۾ ڦاسائي ٿا ڇڏين ۽ انهن کي هڪٻئي ۾ ويڙهائي عوامي اتحاد جا رستا روڪي ٿا ڇڏين. عوام ۾ زر، زمين ۽ زن جي سلسلي واريون زيادتيون، وڏن جا رهيل پلاند، گهڻي وقت کان جهيڙن، جهڳڙن ۾ ملوث هجڻ جي ڪري طبيعت جهڳڙالو، چيڙاڪ، جهيڙاڪ ٿي وڃڻ جي ڪري فساد ٿين ٿا. اهڙي طرح ڪجهه جهڳڙا غلط زبان جي استعمال جي ڪري ٿين ٿا ۽ پوءِ انهن سان گڏ خرچن جو هڪ وڏو سلسلو شروع ٿي ٿو وڃي. جنهن ۾ غريب پيڙجي هميشه معاشي بدحاليءَ جو شڪار رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪڏهن جهيڙن جهڳڙن ڪي بنيادي طرح سان ڏسبو ته انهن جو واسطو هيٺين چئن قسمن مان ڪنهن نه ڪنهن به هڪ سان ضرور لڳندو.

1- بدنيتي، 2- بدڪلامي، 3- بداخلاقي، 4- بدمزاجي،

جيڪڏهن هنن چئن بنيادي ڳالهين جو خيال رکبو ته جهيڙن جهڳڙن کان قوم ڪي ۽ عوام ڪي بچائي سگهبو ۽ سندن خرچن جي وڏي سبب ڪي پنجو اچي ويندو. بدنيتيءَ ۾ زر، زمين ۽ زن وارا مسئلا ۽ سازشون اچي ٿيون وڃن. جيڪڏهن هر فرد عمل ڪرڻ کان اڳ ۾ ٿورو به سوچيندو ته غلط قسم جي قدم کڻڻ کان رڪجي ويندو. ٻئي نمبر تي بدڪلاميءَ ۾ گار، ڪوڙ، چغلي ۽ غيبت جهڙا ڪئا عمل اچي ٿا وڃن جن جو جيڪڏهن خيال ڪبو ته ماڻهو جهڳڙن کان بچي ويندو. انهن سڀني مان گار ۽ ڪوڙ جهيڙن جو اهم سبب آهي. جيڪڏهن عوامي ۽ قومي سطح تي گار ۽ ڪوڙ کي ننديو وڃي ۽ هر هڪ دوست ٻين کي کڻن ڪرتوتن جا تباهه ڪن نتيجا ٻڌائي ته پوءِ اهي ٻئي عمل يعني گار ۽ ڪوڙ گهٽجي سگهن ٿا ۽ اهڙي طرح انهن مان پيدا ٿيندڙ جهڳڙا به ختم ٿي ويندا ۽ عوام اجائي خرچن کان بچي ويندو. اخلاقي ڪمزورين ۾ وري چوري، زنا، جوا، شراب ۽ ناانصافيون اهم آهن، جن جي ڪري به عوام جهڳڙن ۾ اچي پنهنجو نقصان ڪري ٿو. اهڙي طرح بدمزاج يعني هٺيلو ۽ ضدي ماڻهو به جهڳڙن جو وڏو سبب ٿئي ٿو. جهيڙن ۽ جهڳڙن جي ڪري عوام ويچارو وري ڪيسن ۾ ڦاسي ٿو ۽ پوءِ ڪوڙا ڪيس، ڪوڙيون شاهديون ۽ ڪوڙا قسم ڪيس اهڙو وڪوڙي ٿا وڃن جو انهن مان جند ڇڏائڻ مشڪل ٿيو پوي. جهيڙن جهڳڙن ۽ ڪوڙن ڪيسن جي ڪري عوام جي ڪمائي جو وڏو حصو وڪيلن جي فيس، پوليس، ججن ۽ ٻين سرڪاري آفيسرن جي رشوت ۾ هليو ٿو وڃي تنهن ڪري خاص طور سان غريب عوام معاشي بدحاليءَ جو شڪار رهي ٿو. جيڪڏهن عوام پنهنجا ننڍا ننڍا معاملا يا جهيڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهڳڙا پنهنجي پنچائت يا عوامي امن ڪاميٽين جي ذريعي حل ڪرائي ته گهڻن غلط قسمن ۽ فضول خرچن کان بچي سگهي ٿو. پر اهو تڏهن ٿيندو جڏهن عوام جا ڳهڪڙا انهيءَ قسم جي ڪاميٽين جي ناهڻ ۽ هلائڻ جو ڪردار ادا ڪندا . ماڻهن کي چڱيءَ طرح سان سمجهائيندا ته سندن مسئلن جو حل فيصلن ڪرائڻ ۾ آهي. سنڌي پهاڪو مشهور آهي ته " فيصلي جي ڪس به ڪسر آهي" انهيءَ طريقي سان عوام کي ڪجهه فائدو ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن سڀ ماڻهو ۽ خاص ڪري بالادست طبقي جا ماڻهو سچ ڳالهائين ته ملڪ جلد سڌري سگهي ٿو.

سرڪار کي کپي ته ڪورٽن جو نظام درست ڪري جيئن عوام کي سٺو ۽ سستو ۽ ترت انصاف ملي سگهي. ڪوڙن ڪيسن کي ينجو ڏيڻ لاءِ اهڙو قانون بڻايو وڃي ته جيڪڏهن ڪورٽ ڪنهن به شخص کي باعزت طور تي آزاد ڪري ته ڪيس قيد جي عرصي جو معاضو ۽ ڪيس جو خرچ فريادي ڌر کان ڏياريو وڃي، جيڪڏهن سرڪار فريادي هجي ته اها به انهيءَ قانون مطابق معاوضو ڀري ڏئي ته جيئن ڪوڙن ڪيسن جو رواج ختم ٿئي. جيڪڏهن سرڪار ۽ عوام انهن ڳالهين تي عمل نه ڪندا ته سنڌن حالت سڌرڻ جو ٻيو ڪوبه ذريعو ڪونه آهي.

12- انسان ذات لاءِ محبت ۽ همدردي نه هجڻ :

عوام جي جهيڙن جهڳڙن کي نبيرڻ جو ڪم ۽ سندن ڀلائي بهتريءَ لاءِ سوچ ويچار به اهي دوست ڪري سگهندا جن کي عوام ۽ انسان ذات لاءِ همدردي هوندي. جن کي عوام لاءِ پيار ۽ محبت جا جذبا هوندا تڏهن هو عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوشش ونندا ۽ جيڪڏهن وقت، دولت ۽ محنت جي جي قرباني ڏيڻي پئي ته ڏيئي سگهندا. جيڪي ماڻهو انساني همدرديءَ کان عاري هوندا ته اهي ڪڏهن به عوام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو پلو ڪونہ سوچيندا ۽ نہ ئي وري ڪا قرباني ڏئي سگهندا. جيڪڏهن معاشري جو وڏو حصو انساني همدرديءَ کان عاري ٿي ويندو تہ پوءِ اهو معاشرو معاشي بربادي ۽ تباهيءَ جي ڄارن ۾ ڦاسي پوندو ۽ ان معاشري جو هر فرد تڪليف ۽ ذهني پريشانيءَ جي ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي ويندو. دنيا ۾ تمام گهڻيون تهذيبون تباهہ ۽ برباد ٿي ويون آهن.ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ چڱائي چوڻ وارا ۽ چڱي عمل وارا انسان گهٽجي ويا ۽ ڏوهي ذهن وارا ماڻهو وڌي ويا. اهو هڪ فطرتي قاعدو آهي جيڪڏهن ڪوبہ گروهہ چاهي ٿو تہ انهيءَ کي دائم. قائم ۽ زندهہ رهڻ کپي تہ پوءِ انهيءَ گروهہ کي چڱا ڪم ڪرڻا پوندا ۽ چڱن ڪمن جي تلقين ڪرڻي پوندي.چڱن ڪمن جي وصف ۽ تصور کي سمجهڻو پوندو تہ چڱا ڪم اهي آهن جيڪي مجموعي طرح سان فرد ۽ معاشري جي ڀلائيءَ لاءِ هجن. جن بہ ڪمن ۾ فرد ۽ معاشري جي ڀلائي ناهي اهي چڱا ڪم نہ آهن. سڀني ڪمن جو نسبتي اسڪيل يا ماپو آهي. "وڌيڪ چڱا ڪم" جيڪي وڌيڪ فائديمند ۽ غلط ڪم اهي آهن، جيڪي نقصانڪار آهن ۽ وڌيڪ نقصان وارا ڪم وڌيڪ غلط آهن. جيڪڏهن معاشري جي هر فرد کي يا وڏي حصي کي اهي ڳالهيون سمجهہ ۾ اچي وڃن تہ پوءِ اهي معاشري کي صحيح ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندا جنهن ۾ سڀني جو ڀلو آهي. هي ڪو ڪنهن هڪ فرد جو ٻئي فرد تي ٿورو يا احسان نہ آهي پر خود پنهنجو ۽ پنهنجي آئينده جي نسلن جو ڀلو آهي، تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان شهرين ۾ هڪٻئي لاءِ ۽ سڀني انسانن لاءِ همدردي ۽ محبت وارا جذبا پيدا ڪريون اهڙي طرح سان هڪٻئي جي مدد ڪري هڪٻئي کي معاشي بدحاليءَ کان بچائي سگهنداسين. انسان ذات لاءِ وڌيڪ اصلح ۽ وڌيڪ انفع واري قاعدي مطابق عملن کي سمجهي ڪم ڪرڻو پوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

13- اقتصادي حالت جي ڪري معاشي حالت خراب ٿيڻ :

اقتصادي حالتن خراب ٿيڻ ڪري به عوام جي معاشي حالت خراب ٿئي ٿي. جيڪڏهن ملڪ جو اقتصادي نظام صحيح طرح سان نه هلايو ويندو ته گهڻن ئي رخن سان عوام جي معاشي حالت تي اثر پوندا مهانگائيءَ جو وڌي وڃڻ، بيروزگاري عام جام ٿيڻ، ڌنڌن ۾ نقصان ٿي وڃڻ، وڏن ۽ ڳرن ٽيڪسن جي ڪري حالت جو وڌيڪ خراب ٿيڻ وارن خاص اثرن ڪانسواءِ عام حالتون به خراب ٿينديون. اسان جي ملڪ جو نظام چاڪاڻ ته بگڙيل آهي تنهن ڪري عوام کي تمام گهڻيون تڪليفون برداشت ڪرڻيون ٿيون پون ۽ عوام جو وڏو حصو ته هاڻي زندگي گذارڻ لاءِ سخت حيران ۽ پريشان آهي پر حالتون تڏهن سڌرنديون جڏهن عوام پاڻ سڀ ڳالهيون سمجهي جدوجهد ڪندو ۽ پاڻ منجهان پنهنجي همدرد قيادت پيدا ڪندو. عوام جا هڏڏوڪي دانشور ۽ سڄاڻ دوست عوام جي صحيح طرح سان رهنمائي ڪندا، صرف اخبارن، رسالن ۾ لکڻ ڪافي نه آهي پر عوام سان سڌو سنئون رابطو ڪري سيني مسئلن جي ڄاڻ انهن کي ڏيڻي پوندي. جلسن جي ذريعي ننڍين ڪنڊائتين گڏجاڻين جي ذريعي، اوطاقن ۽ ڪچهرين جي ذريعي ۽ بحث مباحثن جي ذريعي عوام کي سجاڳ ۽ سڄاڻ ڪري پنهنجي حالت بهتر ڪرڻ لاءِ کين تيار ڪري سگهجي ٿو. عوام جي حالت تيستائين نه بدلبي جيستائين پاڻ پنهنجي حالت نه بدلائين. جيئن قرآن پاڪ ۾ به چيل آهي ته الله تعاليٰ به ڪنهن قوم جي حالت نه بدلائيندو آهي. جيستائين هو پنهنجي حالت پاڻ نه بدلائين. ملڪ ۽ عوام جي حالت بدلائڻ لاءِ زبردست ڪوشش ڪرڻي پوندي، هر محاذ تي ۽ هر رخ ۾ ڪم ڪرڻو پوندو. اقتصادي نظام بهتر ڪرڻ لاءِ سياسي نظام بهتر ڪرڻو پوندو ۽ انسان سان گڏ تعليمي، زرعي، صنعتي، آئيني،قانوني، معاشي، معاشرتي، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انتظامي سڌارا ڪرڻا پوندا پوءِ ئي ملڪ ترقي ڪندو ۽ عوام خوشحال ٿيندو.

14- قدرتي آفتون :

ڪجهه هنڌن تي ۽ ڪن حالتن ۾ قدرتي آفتن جي ڪري انسانن کي معاشي بدحالي ڏسڻي پوي ٿي. مثال طور ٻوڏن جي ڪري، برسات جي ڪري، زلزلن جي ڪري، وبائن جي ڪري، ڪن هنڌن تي ڪيڙن، ماڪوڙن ۽ مڪڙن جي ڪري، ڪٿي وري ٻين نقصانڪار ساهه وارن جي ڪري انسانن کي نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو جيڪو عوام جي عام حالتن تي اثر انداز ٿئي ٿو ۽ ڪٿي حالت تمام گهڻي خراب ٿي وڃي ٿي.

انهن حالتن ۾ انسان هڪٻئي جي مدد ڪري تڪليف گهٽائي سگهي ٿو ۽ سرڪار اهڙين حالتن ۾ تمام سٺي مدد ڪري سگهي ٿي. جتي انهيءَ قسم جا خطرا هجن اتي سرڪار پيشگي حڪمت عملي جي ڪري سٺا اپاءَ وٺي عوام جي نقصان جو بچاءُ ڪري سگهي ٿو. سٺيون حڪومتون پنهنجي عوام جي هر طرح سان سار سنڀال لهن ٿيون ۽ انهي ڪري عوام معاشي بدحاليءَ کان بچي سگهي ٿو. پاڪستان ۾ پيشگي حڪمت عملي يعني صحيح پلاننگ ڪڏهن به نه ڪئي ويئي آهي، تنهن ڪري عوام کي لڳاتار نقصان برداشت ڪرڻا پوندا آهن ۽ ان ڪري سندن معاشي حالت به ڪونه سڌري سگهي آهي.

15- ترقي يافته ملڪن جي ڦرلٽ :

مختلف غير ترقي يافته ملڪن جو عوام معاشي بدحالي ۾ انهيءَ ڪري به مبتلا آهي ته ترقي يافته ملڪن هنن کي صرف اقتصادي مارڪيٽ جي طور استعمال ڪيو آهي. اهڙن ملڪن کي اهڙي حرفت ۽ شرطن سان قرض ڏنا ويا جن مان هنن جي پيداواري صلاحيت ڪانه ٿي وڌي رهندو وتن ٿا قرض جي بار هيٺ دٻبا. وڏن ملڪن جو مثال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏن جاگيردار ۽ سرمائيدارن وانگر آهي. جيڪي غريب عوام جي خوشحالي ڪڏهن به نٿا چاهين، بلڪي هميشه سندن استحصال ڪندا رهن ٿا. سني سوچ رکندڙ ماڻهن جو سڄي دنيا ۾ ڄڻ ته قحط آهي ۽ جيڪڏهن ڪي دوست ڳالهه ڪي سمجهن ٿا ته مختلف ذريعا استعمال ڪري ڏاڍا ظلم ۽ ناانصافي ڪي وائڪو ڪونه ٿا ڪن، ڏوهن جي خلاف ۽ ڏوهي ذهن رکندڙن جي خلاف وڏي پيماني تي جنگ جوتيل ڪانهي تنهن ڪري سڄي دنيا ۾ ڏوهن جي شرح وڌندڙ آهي. ڏوهن کي ڀنجو ڏيڻ ۽ ڏوهي ماڻهن کي سڌارڻ لاءِ هاڻي بندوبست ڪرڻا پوندا ۽ بين الاقوامي سطح تي سيني سڄاڳ ۽ سڄاڻ ماڻهن کي سوچڻو پوندو ته هن ڌرتي جي سڄي گولي تي ڏوهن کي ڪيئن گهٽائجي ۽ ماڻهن جي خوشحاليءَ وارو ماحول ڪيئن پيدا ڪجي ڇو ته هاڻي ڪوبه اڪيلو ملڪ خوشحال ۽ ڏوهن کان آزاد نه رهي سگهندو. بين پرياسي وارن ملڪن جي اثرن کان محفوظ نه رهي سگهندو. تنهن ڪري بهتر ائين ٿيندو ته سڄي دنيا جا سياڻا ماڻهو گڏجي سڄي دنيا جي انسان ذات جي ڀلائي ۽ خوشحاليءَ لاءِ سوچين. سڄي دنيا ۾ مفاد پرستن ۽ ڏوهي ذهن رکندڙ ماڻهن جو تعداد تمام گهڻ آهي، انهن کي جلد شڪست ڏئي وري سڌاري سگهجي ٿو پر انهيءَ لاءِ سيني سٺا ذهن رکندڙ ماڻهن کي زبردست جدوجهد ڪرڻي پوندي جيئن لطيف سائين فرمايو آهي:

سڀ ننگيون ٿي نڪرو لالچ ڇڏي لوڀ

سپيريان سين سونڀ ننڍن ڪندي نه ٿئي.

هاڻي صرف انهيءَ ڳالهه جي ضرورت آهي ته چڱا ماڻهو ۽ سني ذهن وارا ماڻهو خاموش ٿي نه ويهن ۽ وري برائي کان لاتعلق ٿين. اهڙي طرح سان سڄي دنيا جا بهترين ذهن رکڻ وارا خوشحال ماڻهو باقي سڄي عوام جي خوشحاليءَ لاءِ سوچين ڇاڪاڻ ته اهي به هنن جهڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي انسان آهن. جيڪڏهن ترقيءَ جي دور ۾ پوئتي رهجي ويا آهن ، يا ڪنهن تاريخي سببن جي ڪري ڪن ماڻهن جو اقتدار ۽ دولت تي قبضو ٿي ويو آهي ته انهيءَ جو اهو مقصد نه آهي ته مسڪين ۽ غريب عوام کي هميشه هميشه لاءِ بنيادي ۽ ضروري سهولتن کان محروم رکجي. سڀني انسانن جي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي ته سڀئي خوشحال ٿين ۽ سڀني کي صحيح خوشي حاصل ٿئي.

16- آباديءَ جي شرح ۾ تمام گهٽي واڌ :

ڪجهه ملڪ انهيءَ ڪري به معاشي بدحاليءَ جو شڪار ٿين ٿا ته سندن آبادي تمام وڏي شرح سان وڌي رهي آهي. پر سندن پيداواري صلاحيت انهيءَ حساب سان ڪانه ٿي وڌي. تنهن ڪري اهڙا ملڪ يا ته آباديءَ جي شرح تي ڪنٽرول ڪن يا وري تمام گهٽي محنت ۽ رٿابندي ڪري پنهنجي پيداواري صلاحيت وڌائين. ڏکڻ اوڀر ايشيا جا گهڻا ملڪ جهڙوڪ هندستان ، پاڪستان ۽ بنگلاديش انهيءَ مصيبت ۾ مبتلا آهن. هنن سڀني ملڪن کي رٿابندي ڪري آبادي به گهٽائڻي پوندي ۽ پيداواري صلاحيت به وڌائڻي پوندي. آباديءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ماڻهن ۾ تعليم ۽ سجاڳي وڌائڻي پوندي ، ماڻهن کي سمجهائڻو پوندو ته خوشحال زندگي گذارڻ لاءِ ڪين مختصر خاندان ڪرڻو پوندو يعني ٿورا ٻار پيدا ڪرڻ گهرجن. اهڙي طرح سان آبادي گهٽائڻ سان خاندان ، قومون ۽ ملڪ خوشحال زندگي ماڻي سگهندا.
آباديءَ جي وڏي شرح ملڪ جي ترقيءَ جي راهه ۾ به رڪاوٽ آهي ڇاڪاڻ ته قدرتي وسائل کي ترقي ڏيارڻ وارو به فرد ئي آهي ، جيڪڏهن معاشري جي افرادي قوت بيڪار ۽ مفلوج هوندي ته پوءِ اهو معاشرو ۽ ملڪ ڪڏهن به ترقي ڪري ڪونه سگهندا ۽ عوام گهٽي وقت لاءِ معاشي بدحاليءَ جو شڪار رهندو. تنهن ڪري عوام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عوام الناس ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ اهو بيحد ضروري آهي تہ رياست پين سيني خرچن کي گهٽائي پنهنجي.هر فرد يعني مرد توڙي عورت کي سندن پيداواري صلاحيت جي تخليق ۽ ترقيءَ لاءِ فني، هنري ۽ سائنسي تعليم ڏياري، اسان جي ملڪ جو فوجي خرچ تمام گهڻو آهي اهو گهٽائي يڪدم بجيٽ جو ڏهہ سيڪڙو تعليم لاءِ رکيو وڃي ۽ چند سالن ۾ انهيءَ کي وڌائي ويهہ سيڪڙو ڪيو وڃي. اهڙن ضروري ۽ فورن قدمن کڻڻ سان ئي اسان پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي حالت سڌاري سگهون ٿا. بہ اهم ضروري ڳالهہ آهي پيداواري صلاحيت وڌائڻ. جيستائين ڪو ملڪ پيداواري صلاحيت نہ وڌائيندو تہ سندس عوام خوشحال نہ ٿي سگهندو. ڪنهن بہ ملڪ جي پيداواري صلاحيت جو دارومدار وري اهم ٻن جزن تي آهي. 1- انساني وسائل ڪي ترقي ڏيارڻ، 2- قدرتي وسائل کي ترقي ڏيارڻ.

انساني وسائل کي ترقي ڏيارڻ جو مقصد آهي تہ رياست جو هر فرد يعني مرد ۽ عورت پيداوار جو حصو بڻجي وڃي انهيءَ لاءِ انهن کي سائنسي، فني ۽ هنري تعليم ڏيڻ لازمي آهي. هر فرد ۾ قوت، صلاحيت ۽ شڪتي موجود آهي صرف انهيءَ کي اجارڻ ۽ ترقي ڏيارڻ لاءِ تعليم، تربيت ۽ ماحول جي ضرورت آهي. جيڪڏهن معاشري ۾ اهي ڳالهيون مهيا ٿي.وڃن تہ ڪنهن بہ هڪ فرد ۽ ٻئي فرد ۾ ڪو بہ فرق ڪونهي. شوق ۽ محنت سان هر فرد ترقيءَ جي هر منزل حاصل ڪري سگهندو بشرطيڪ هن کي ڀرپور وسائل ۽ ماحول مهيا ڪيو وڃي. مفاد پرست طبقي هن وقت تائين عوام الناس کي تعليم کان وانجهيل رکي ڪين نہ صرف زبردست مالي بحران جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شڪار بڻائي ڇڏيو آهي پر انهيءَ ڪري ملڪ جي حالت بہ ڪانہ سڌري سگهي آهي.

17- جنگ جويانہ حالتون :

جيڪڏهن ڪوبہ ملڪ پاڙي وارن ملڪن سان جنگي حالتون قائم رکندو تہ سندس گهڻا وسائل جنگي سامان حاصل ڪرڻ جي نظر ٿي ويندا تنهن ڪري اهو ملڪ عوام جي بين بنيادي ضرورتن ۽ سهولتن ڏانهن توجهہ نہ ڏئي سگهندو. وڏن ملڪن ۽ مفاد پرستن جي هميشہ اها خواهش رهي آهي تہ فردن، قبيلن، قومن جا پاڻ ۾ جهيڙا جهڳڙا ۽ جنگيون ڪرائي هو پنهنجا مفاد حاصل ڪن. جنگي سامان جي ڪارخانن جو هلڻ صرف انهيءَ مفاد تي ٻڌل آهي تنهن ڪري گهڻا وڏا ملڪ ۽ مفاد پرست جن جو واسطو جنگي سامان جي ڪارخانن سان آهي چاهين ٿا تہ انسانن جي پاڻ ۾ لڙائي جاري رهي تہ جيئن سندن استحصال ڪري پنهنجو فائدو حاصل ڪري سگهن.

سڄي دنيا جي دانشورن، ڏاهن، اديبن ۽ سجاڳ شخصن جي اها ذميواري آهي تہ هو اهڙي قسم جي مفاد پرستن جي حرفتن کي وائکو ڪن ۽ انسانن جي وچ ۾ ويڙهہ جي مختلف سببن کي ختم ڪرائي، امن قائم ڪرائين. اهو ڪم سڄي دنيا جا دانشور ئي ڪري سگهن ٿا جي چاهن تہ هو جنگ جي خلاف زبردست آواز اٿارين ۽ دنيا مان جنگين جو خاتمو آڻائين. جيئن شاهہ صاحب فرمايو آهي :

چوندن ڪيم چوءِ وڻ ورائي سامهان،
ڪامت قيمت جهڙي روز ڏمر ڪي ڏيج،
وڻ م ورائيج تہ سڀ در سهاڳي ٿين.
شاهہ

بين الاقوامي ادارن جي ذريعي ڳالهہ ٻولهہ جي ذريعي مختلف ملڪن جا مسئلا حل ٿين ڪين. چاهي ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڪجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت لڳي پر مصلح جنگ. ڪنهن به صورت ۾ نه ٿين ڪپي. مذهب، زمين، مال ملڪيت ۽ قدرتي وسائل انسانن جي وچ ۾ جنگ جدل جو سبب به نه ٿين ڪپن اهي سڀ مسئلا افهام تفهيم جي ذريعي حل ڪيا وڃن. انهن سيني مفاد پرستن کي سچي دنيا ۾ واٽڪو ڪيو وڃي جيڪي دنيا ۾ جنگيون ڪرائين ٿا. جنگ گهٽي ڀاڳي انسان دشمن عمل آهي ۽ جيڪي ملڪ مذهب ۽ مذهبي عقيدن جي آڙ ۾ ۽ قدرتي وسائل جي ورڇ تائين انسانن کي پاڻ ۾ ويڙهائي پنهنجا مفاد حاصل ڪن ٿا انهن کي ننديو وڃي. جيڪڏهن ڪو فرد ڪنهن ٻئي فرد جا ۽ ملڪ ڪنهن ٻئي ملڪ جا حق ۽ وسائل ڦٻائڻ جي ڪوشش نه ڪري ته جلد امن امان قائم ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري سيني انسانن ۾ سهپ، رواداري ۽ بنيادي اخلاقي تعليم لاءِ ڪوششون ورتيون وڃن ته جيئن هڪٻئي جي حقن ۽ وسائل تي ڌاڙو نه هڻن ۽ حملو نه ڪن ته جيئن فرد ۽ ملڪ معاشي بدحاليءَ کان بچي سگهن.

18- رسم ۽ رواج :

ڪجهه رسم ۽ رواج ايترا وڏي ۽ عام ٿي وڃن ٿا جو انهن کي جيڪڏهن پورو نه ڪجي ته شرم ساري محسوس ٿي ٿئي. جيئن شادي بياهه جا رسم رواج ۽ موتي فوتي وارا رسم رواج، جيئن سوئم، چهلم، جمعاڻو، ٻارهو وغيره. انهن رسمن رواجن جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيترائي خاندان مقروض ٿي تباهه ٿي وڃن ٿا ته گهڻا غريب مسڪين انهن رسمن رواجن جي پوري نه ڪري سگهڻ جي ڪري پنهنجي گهٽتائي ٿا محسوس ڪن ۽ هرو ڀرو پريشان ٿا رهن.

جيڪڏهن چڱا ماڻهو ڪوشش ڪن ۽ پاڻ اهي ڏيکاءُ وارا رسم رواج ختم ڪن يا انهن کي گهٽ ۾ گهٽ خرچ ڪن ته پوءِ عوام ويچاري جو به بچاءُ ٿي پوندو. سمجهدار ماڻهو وري عوام کي سکيا ڏين ته انهن رسمن رواجن ۾ فضول خرچيءَ جو يا خوامخواهه گهٽي خرچ ڪرڻ جي رجحان جو خاتمو آندو وڃي. گهڻا ويچارا قرض کڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙي قسم جا خرچ ڪن ٿا پوءِ انهن قرض لاهڻ لاءِ پريشان رهن ٿا ۽ سخت پورهيو ۽ محنت ڪري قرض لاهڻ ۾ گهڻا وتن ٿا.

19- ماحوليات :

ملڪ جي يا ڪنهن خطي جي ماحولياتي حالت به ماڻهن جي معاشي حالت تي اثرانداز ٿئي ٿي. گهڻو ڪري بهتر آب وهوا وارن ملڪن سٺي طريقي ڪئي آهي. پر گرم آب وهوا وارا ماڻهو وڌيڪ ترقي نه ڪري سگهيا آهن. اهڙي طرح سان پاڻي ۽ مٽيءَ جي وصف تي به ڪافي دارومدار آهي ڇاڪاڻ ته انهن ٻنهي جزن جي ڪري زمين جي پيداواري صلاحيت متاثر ٿئي ٿي.ڪن ملڪن ۽ خطن ۾ وڏا وڏا ريگستان آهن ۽ پيداواري صلاحيت گهٽ هئڻ ڪري اهڙن ملڪن جو عوام ويچارو مفلوج الحال ٿي وڃي ٿو. جيستائين ڪا بہ معدنيات نٿي ملي. ڪيترائي ماڻهو اهڙن خطن ۾ رهن ٿا جو جتي سندن گذر سفر ڏکيو آهي پر تنهن هوندي به اهي ڪنهن ٻئي هنڌ لڏي وڃڻ لاءِ جلد تيار نٿا ٿين. ماحوليات کي وري ڪيترن هنڌن تي انسان پاڻ خراب ڪيو آهي ۽ انهيءَ جو خراب اثر به انسانن جي صحت ۽ معاشي حالت تي ٿئي ٿو. تنهن ڪري هاڻي ماحوليات کي نيڪ ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪم ٿي رهيو آهي ۽ ڪرڻو پوندو ته جيئن انسان جي معاشي حالت بهتر ٿي سگهي ۽ سٺي زندگي گذاري سگهجي.

20- امن امان جي حالت خراب ٿيڻ :

جيڪڏهن حڪومتي نظام خراب آهي ۽ امن امان جون حالتون برقرار نه ٿيون ٿين ته پوءِ به عوام جي معاشي حالت خراب ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته اهڙين حالتن ۾ صنعتون ڪم ڪونه ٿيون ڪري سگهن ۽ بيروزگاري پيدا ٿئي ٿي ۽ عوام پريشان حال ٿئي ٿو.

امن امان نيڪ رکڻ حڪومت جو ڪم آهي ۽ انهيءَ کي صحيح طرح سان امن امان رکڻ کپي پر جيڪڏهن قاعدا قانون صحيح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نه هوندا ، ڪورٽن جو نظام صحيح نه هوندو . ناانصافي عام هوندي
۽ رشوت جام هوندي ته پوءِ امن امان قائم ڪونه رهندو ۽ اهڙين
حالتن ۾ عوام ويچارو معاشي بدحاليءَ جو شڪار ٿيندو ڇاڪاڻ ته
روزگار جا ذريعا محدود ٿي ويندا ۽ ڦرلٽ گهڻي ٿيندي. تنهن ڪري
ماڻهن جي معاشي حالت ٺيڪ ڪرڻ لاءِ حڪومتن کي امن امان جي
حالت سڌارڻي پوندي. اڄ ڪلهه جي تقاضائن مطابق تمام گهڻا ڪم
اهڙا آهن جيڪي جمهوري حڪومت جي ذميواري آهن. ڇاڪاڻ ته
نمائنده حڪومتي نظام آهي تنهن ڪري عوام جي هر اجتماعي
تڪليف لاءِ حڪومت کي ئي ذميوار نهرائي سگهجي ٿو. امن امان
اجتماعي مسئلو آهي تنهن ڪري حڪومت جي ذميواري آهي ، اهڙي
طرح سان انصاف اجتماعي مسئلو آهي تنهن ڪري حڪومت جو ڪم
آهي ته جيئن اهڙو انتظام ڪري جيئن هر شهري کي سنو ، سستو ۽
ترت انصاف ملي. انهيءَ نموني سان اهو چئي سگهبو ته عوام جا
سڀ اجتماعي مسئلا يعني امن امان ، انصاف ، رشوت ستاني ،
انساني، بنيادي حقن جي لتاڙ کي روڪڻ ، تعليم ، صحت ۽
اجتماعي بنيادي سهولتون مهيا ڪري ڏيڻ ۾ حڪومت جو ڪم آهي.
تنهن ڪري سٺي حڪومت جو هئڻ ضروري آهي ۽ سٺي حڪومت
وري سٺي سياسي نظام کانسواءِ نه اچي سگهندي تنهن ڪري سٺن
ماڻهن جو اهو بنيادي فرض آهي ته سٺي نظام ۽ سٺي حڪومت قائم
ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪن. اسان وٽ گهڻا سٺا سيبتا ۽ ڏاها دانشور
وري سياست ۽ سياسي ڪم ڪرڻ کان نفرت ڪرڻ لڳا آهن ڇاڪاڻ ته
سياست ۾ بڇڙيون روايتون پئجي ويون آهن. انهن دوستن کان سوال
پڇي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن غلط روايتن ، رسمن ۽ حالتن کي
سڌارڻ جي ڪوشش نه ڪبي ته سڌارو ڪيئن ٿيندو. بدي جو مقابلو
ڪرڻو پوندو ۽ تڏهن ئي ان کي شڪست ڏئي سگهبي. تنهن ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن به هڪ اجتماعي تڪليف ڪي ونبو ته ذميواري حڪومت جي ٿيندي ۽ انهيءَ تڪليف کي رفع ڪرڻ يا انهيءَ حالت کي نيڪ ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن امن امان ۽ انهيءَ سان گڏ ٻيون حالتون جن جو ذڪر ڪري آيا آهيون نيڪ نه ٿينديون ته عوام جي معاشي حالت به ڪانه سڌري سگهندي. عوام جي معاشي حالت درست ڪرڻ لاءِ حڪومتي نظام درست ڪرڻو پوندو. حڪومت جا آهي ملڪي نظام کي صحيح طرح سان هلائڻ لاءِ عوام جي چونڊيل نمائندن جي جوڙ جڪ هاڻي انهيءَ جوڙ جڪ کي اهڙي طرح بڻائڻو آهي جيئن اها صحيح عوام جي نمائندن جي نهيل هجي. اها وڏن ماڻهن اميرن، ميرن، پيرن، سرمائيدارن، شاهوڪارن، تاجرن، نوابزادن، مخدومن تي مشتمل ۽ انهن جي نمائنده نه هجي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ گروهه جي سيني ماڻهن وقتابوقتا حڪومت ڪئي آهي ۽ عوام سان دوکو ڪيو آهي، تنهن ڪري هاڻي انهن مان عوام جي ڀلائيءَ جي توقع نٿي ڪري سگهجي. انهن مان گهڻا ته عوام دشمن ۽ عوام جا غدار آهن تنهن ڪري غلط نظام قائم ڪري عام ماڻهن جي ٽئڪس يعني عوام جي رت سڪائيندڙ پورهيي ۽ پگهر جي محنت سان ڪمايل پئسي کي صرف پنهنجي ۽ مڪار ۽ عيار ڪامورا شاهي جي عيش عشرت ۽ مراعات تي پٺي خرچ ڪيو آهي. هن ملڪ جي غريب ماڻهن کي پيٽ پري ماني ڪانڻ نصيب ڪانهي، سندن ٻچا تعليم کان وانجهيل رهي ٿا وڃن ۽ بيماريءَ جي حالت ۾ خاطرخواهه علاج ڪونه ٿو ٿئين پر هتان جي حڪومتي طبقي يعني وزيرن، ميمبرن ۽ آفيسرن پٺي عيش ڪيا آهن. ڪيترن ميمبرن جي زالن تي چار چار يا پنج پنج ڪروڙ خرچ ٿيس ٿا پر هڪ ميمبر صاحب جي جوءِ تي ته تيرنهن ڪروڙ به خرچ ڪيا ويا آهن، ڪن ميمبرن جي پنهنجي علاج تي ٻه ٻه يا ٽي ٽي ڪروڙ خرچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيا ويا آهن، ڪيترن آفيسرن جي علاج تي بہ لکين روپيا خرچ ڪيا ويا آهن.

جيڪڏهن انهيءَ قسم جي خرچ ۽ ٻين مراعات تي پابندي لڳائي عوامي سطح تي آندو وڃي تہ پوءِ ئي هن عوام کي سنئو سياسي نظام ۽ عوامي فلاحي جمهوريت ۽ حڪومت ملي سگهندي. حڪومت جو سڄو خرچ عوام جي پگهر جي پورهيي مان ٽئڪسن جي ذريعي حاصل ڪيو ٿو وڃي. انهيءَ جي پئسي کي اهڙي تہ بيدرديءَ سان حڪومت ۽ آفيسرن جي عيش پرستين تي خرچ ڪرڻ ظلم جي برابر آهي. تنهن ڪري اهو ظلم هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي. هنن حڪومتن جي بدنظمي بہ ظاهر تي پئي آهي هر سال خساري واري بجيٽ . بجيٽ جي خساري هاڻي وڃي هڪ سوين اربن کي ڏڪ هنيو آهي. بي حساب دفاعي ۽ حڪومتي خرچ ، ٽئڪسن جو غلط ۽ رشوتي نظام . حڪومتي خرچ پورا ڪرڻ لاءِ ملڪي غيرملڪي بينڪن ۽ ٻين ادارن کان قرض پنڻ ، هن وقت ملڪ تقريبن هڪ هزار کان بہ وڌيڪ اربن جي قرض هيٺ اچي چڪو آهي ، ٻئي طرف عوام جي تعليم تي صرف ڏيڍ سيڪڙو ۽ صحت تي بہ صرف هڪ سيڪڙو خرچ ڪيو ٿو وڃي جنهن ڪري اسان جو عوام نہ تہ تعليم يافتہ ٿي سگهي ٿو ۽ نہ وري صحتمند رهي سگهي ٿو. تعليم ۽ صحت تي گهٽ ۾ گهٽ بجيٽ جو ڏهہ ڏهہ سيڪڙو خرچ ٿيڻ کپي پر اسان جي مفادپرست بالادست طبقي جن جون حڪومتون رهيون آهن اهڙي طرح تہ عوام دشمني جو مظاهرو ڪيو آهي جو عوامي ضروريات تي گهٽ ۾ گهٽ پئسو خرچ ڪيو اٿن تہ جيئن نہ عوام جي تعليم سڌري ۽ نہ وري صحت سڌري. تنهن ڪري اهو هاڻي تمام ضروري ٿي پيو آهي. سيني سڌارن آڻڻ لاءِ ۽ امن امان قائم رکڻ لاءِ اسان کي عوامي فلاحي جمهوري حڪومت کپي. انهيءَ جي لاءِ سياسي نظام کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تبديل ڪرڻو پوندو ته جيئن عوام جا صحيح نمائندا اچي سگهن ۽ اهي اچي سٺي حڪومت قائم ڪن جيڪا انصاف قائم ڪري، جيڪا رشوتي نظام کي ختم ڪري، جيڪا امن امان قائم ڪري ۽ جيڪا عوام جي ڀلائي، بهتري، ترقيءَ لاءِ سياسي، معاشي، معاشرتي، آئيني، قانوني، تعليمي، صنعتي ۽ زرعي سڌارا نافذ ڪري. اهڙي حڪومت ئي امن امان قائم ڪرائي عوام جي معاشي بدحاليءَ کي ختم ڪرائي سگهندي.

21- سودي نظام جو جاري رکڻ :

گهڻن سرمائيدار ملڪن ۾ عام طرح سان عوام جو پئسو ۽ بچت بينڪن ۾ جمع ٿئي ٿي. انهن بينڪن ۽ مالياتي ادارن مان وري وڏي وياج تي پئسا صنعتڪارن کي قرض طور ڏنا وڃن ٿا. جنهن مان هو صنعتون هلائين ٿا پر وڏو نفعو پاڻ کائي ٿا وڃن، گهڻو ڪري قرض به واپس ڪون ٿا ڪن. انهن ئي ادارن مان ڪنهن به غريب ماڻهوءَ کي قرض ڪون ٿو ملي سگهي ڇاڪاڻ ته ان جا شرط ڏکيا رکيا ٿا وڃن. عوام ۽ وچولي طبقي جي بچت جيڪا بينڪن جي ذريعي جمع ٿئي ٿي انهيءَ سان ڪنهن به غريب ۽ وچولي طبقي وارن لاءِ قرض وٺڻ ڏکيو ڪري ڇڏيو اٿن، پر امير ماڻهو ۽ صنعتڪار يا سرمائيدار قرض وٺي واپار ڪري يا ڪارخانا هٿي وڏيڪ شاهوڪار ٿي وڃن ٿا. انهيءَ سڄي بدمعاشي جي نظام تي نظر ثاني ڪرڻي پوندي ته جيئن عوام ۽ غريب کي به ڏنڌي ڪرڻ لاءِ قرض ملي سگهي ۽ رڳي وڏن ماڻهن کي اجاريداري نه رهي. هن سودي نظام کي تبديل ڪرڻ کانسواءِ غريب جي معاشي حالت نه سڌري سگهندي. ڪارخانن ۾ حصو سيڙپ جي مطابق هجي، سرمائيدار کي سندس سيڙپ جيترو حصو هجي، باقي حصا عوام جي حوالي هئڻ گهرجن ۽ انتظام به ان طرح سان مقرر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊائريڪٽرن مان چونڊ ذريعي چيئرمين مقرر ڪري ان جي ذريعي هلائجي.

مٿي بيان ڪيل اهي بنيادي سبب آهن جنهن ڪري اسان جي ملڪ جو عوام معاشي طرح بدحال ٿي ٿو. جيڪڏهن سياسي ليڊر، وس وارا ۽ سجاڳ، سچاڻ ماڻهو چاهين ٿا تہ ملڪ ۽ عوام ترقي ڪري تہ پوءِ سيني کي گڏجي انهن سڀني کي دور ڪرڻو پوندو. عوام کي اخبارن، رسالن ۽ ٻين مختلف پرنٽ ميڊيا جي ذريعن کي استعمال ڪري انهن سيني سببن کان آگاهہ ڪرڻو پوندو تہ جيئن پنهنجي تڪليف جا سبب سمجهي سگهن. اهڙي طرح سان اڻ پڙهيل عوام کي وري اهي سڀ ڳالهيون پڙهيل دوست جلسن ۽ ڪچهرين جي ذريعي سمجهائي سگهن ٿا. جيڪڏهن انهيءَ طريقي سان ڪم ڪبو تہ ٿوري عرصي ۾ پنهنجي ملڪ جي مسڪين عوام کي سجاڳ ۽ سچاڻ ڪري ڪين پنهنجي معاشي حقن ۽ ٻين بنيادي حقن وٺڻ ۾ ڪامياب ڪري سگهبو ۽ اهڙي طرح ملڪ ترقي ڪندو ۽ عوام خوشحال زندگي گذاري سگهندو. مفاد پرست بالادست طبقو حياءَ، شرم ۽ رحم کان عاري آهي تنهن ڪري هو پاڻ اقتدار ۽ دولت تان قبضو نہ ڇڏيندو ۽ نہ وري عوام جي سک، خوشحالي، بهتري ۽ ڀلائيءَ لاءِ سوچيندو. تنهن ڪري اها ذميواري عوام جي ۽ عوام جي هڏڏوڪي گهٽگهرن جي آهي تہ اهي عوام جي بنيادي حقن ۽ سهولتن لاءِ پاڻ پتوڙين ۽ عوام کي سجاڳ ڪن تہ جيئن هو جلد خوشحالي ماڻي سگهن. هي ڪم عوام جا گهٽگهرا چاڃي لاءِ ڪن، جو ڪن، هي ڪم انهيءَ ڪري ڪرڻ کپي ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان معاشرو بهتر ٿيندو جنهن ۾ سيني جي ڀلائي آهي ۽ انسانن جي خدمت کي بهترين عبادت چيو ويو آهي. " افضل العبادتہ خدمتہ الناس" هڪ مفڪر جو قول آهي تہ انسان اوترو چڱو آهي جيترو ٻين جي خدمت ڪري ٿو. هڪ حديث ۾ آهي تہ ماڻهن ۾ بهتر اهو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪو ماڻهن جو نفعو چاهي ٿو تنهن ڪري سماج جي ڀلائي ۽ نظام جي سڌاري جو ڪم سيني جي نفعي لاءِ آهي ۽ هر هڪ جي ذميواري آهي ته عوامي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪيو وڃي. جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي:

ڏونگر ڏنا، لوڻ، مون پارڪو پڇيا،
جا هلندي هيڪلي سا تاڪن سندي تون.
هي اهڪي پوڻ سونهن ريءَ نه ستري.

جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جا سڄاڻ دوست انهيءَ ذميواريءَ کي محسوس ڪن ته جيڪر سڄو ملڪ جلد سڌري پوندو ۽ سڀ ماڻهو خوشحال ٿيندا. جيڪڏهن سڄي دنيا جا دانشور ۽ سڄاڳ دوست گڏجي ظلم، ڏاڍ، جهالت ۽ غربت خلاف ڪم ڪندا ته سڄي دنيا کي انهن لعنتن کان جلد نجات ملي سگهندي. اڄو ته سڀ دوست گڏجي هن قسم جي جدوجهد جاري رکون ته جيئن عام انسان جو ڀلو ٿئي ۽ مسڪين ماروئڙا به سک جو ساهه ڀٽين. سک ۽ آسائش سيني انسانن جو حق آهي ۽ سيني کي ملڻ کپي. اسان کي اهڙو معاشرو کپي جنهن ۾ جنگ جدل نه هجي پر امن امان ۽ صلح هجي جنهن ۾ ڇريائپ نه هجي پر ڏاهپ ۽ سمجهه هجي، جنهن ۾ ڏوهه ۽ ڏوهي ذهن نه هجن پر صحيح سوچ وارا صالح انسان هجن. اڄو ته گڏجي اهڙي معاشري لاءِ ڪوشش ڪريون. هي اهي دوست ڪري سگهندا جن ۾ قربانيءَ جو جذبو هوندو ۽ جيڪي عوام جا همدرد هوندا ۽ اهي ئي يڳانه ٿي ڪم ڪندا. جيئن شاهه صاحب چيو آهي:

ڪجي پنڌ، پڇان تو ڪيچين ڪارڻ ڪيئن،
بيخود هلج بر ۾ آءٌ تو چوان ايئن،
سڪڻ ساجن سيئن متان مٺي ڇڏيين.
شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ظالماڻي ۽ ناانصافيءَ تي ٻڌل نظام کي بدلائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

اڄ صدي کان وٺي ملڪ جو نظام اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ رهيو آهي جن جو واسطو صرف پنهنجي مخصوص مفادن ۽ عيش پرستين سان هئو. ملڪ ۽ قوم جو ڀلو هنن ڪڏهن به ڪونه سوچيو جو ته ملڪ ۽ قوم جو ڀلو سوچين ها ته اهڙي قسم جا قاعدا قانون جوڙين ها يا اهڙي قسم جون تبديليون ڪن ها جن جي ڪري عوام جي حالت بهتر ٿئي ها! ملڪ ۽ قوم جي سڌاري لاءِ اهو ضروري آهي ته سڄي قوم جي هر فرد کي اعليٰ قسم جي تعليم ڏيڻ گهرجي پر اسان جي مفاد پرستن ته مورڳو پوري قوم کي جاهل رکيو عام تعليم جي شرح به ڪانه وڌاين جنهن سان سندن قوم يا عوام دشمني ظاهر ٿي پيئي. قوم جي هر فرد کي ڪارآمد بڻائڻ لاءِ انهيءَ کي سائنسي، فني ۽ هنري ۽ اخلاقي تعليم ڏيڻي پوندي ڇاڪاڻ ته انهيءَ قسم جي تعليم ڪانه ڏني ويئي انهيءَ مان ظاهر آهي ته گذريل حڪمران ٽولا عوام جا دشمن هئا ۽ انهن عوام جو سڌارو نه پئي چاهيو. تنهن ڪري عوام نه سڌري سگهيو ۽ ملڪ به نه سڌري سگهيو. عوام کي دوکو ڏيڻ لاءِ هميشه فريب ۽ مڪاري ڪندا آيا ۽ صرف نعريبازي سان عوام کي ڏتن ۽ آسرن ۾ رکندا آيا. انهن وڏن مفاد پرستن اسان جي ملڪ ۾ نمائندگي جو طريقيڪار اهڙو رکيو ته جيئن وڏن اميرن ۽ مفاد پرستن جو ٽولو هميشه ڪامياب رهي ۽ اقتدار ۽ دولت تي سندن هڪ هٽي ڄميل رهي. محدود سيٽون رکيون ويون ته جيئن وڏا تڪ غريب ۽ وچولي طبقي جي وس کان ٻاهر ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وچن ۽ اهي پنهنجي مسڪين ماڻهن جي نمائندگيءَ لاءِ ڪڏهن سوچي ئي نہ سگهن. عوام جي سامهون ساڳئي قسم جا اميدوار هوندا آهن تنهن ڪري انهن جي مجبوري هوندي آهي تہ پنهنجي سمجهہ مطابق سيني مان گهٽ قسم جي "مصيبت" کي پاڻ ووٽ ڏيئي پنهنجي گچيءَ ۾ وجهن. اهڙي طرح سان انهن مفادپرستن مان ڪوبہ هڪ چونڊجي اقتدار جي ايوانن تائين پهچندو آهي. انهيءَ طرح سان اقتدار جي ايوانن ۾ گهڙو ڪري وڏن مفادپرستن جو ٽولو گڏ ٿي ويندو آهي بينڪن مان قرض کڻندڙن ۽ قرض معاف ڪرائيندڙن جي لسٽن مان اها ڳالهہ صاف ظاهر ٿي پيئي آهي. هاڻي اليڪشنن مان ڪنهن بہ خاص اميد جي نہ تہ ڪا توقع آهي نہ وري اهڙي توقع ڪرڻ جي ڪا گنجائش آهي، عوام ڪيئن توقع رکي جڏهن تہ هڪ شاعر مطابق :

ساڳيا هت ۽ ورهاستون ساڳيون،

ڪيئن چوانءِ ڪو ڏرو ملي ويندو. (گل پرڙو)

هتي وڏن ماڻهن جي هڪ هٽي يا "اميروڪريسي" قائم ۽ دائم آهي. جڏهن عوام جا گهڻگهرا سوچيندا تہ پوءِ هن ظالم نظام کي تبديل ڪري ۽ ڪرائي سگهندا. جيستائين نظام تبديل نہ ٿيندو عوام جو ڀلو نہ ٿي سگهندو. عوام جي جدوجهد ئي هن نظام کي تبديل ڪندي ۽ عوام پاڻ منجهان ئي پنهنجي جدوجهد جي سرواڻيءَ لاءِ قيادت پيدا ڪندو. جيستائين عوام جا وچولي طبقي جا نمائندا اليڪشنون نہ لڙي سگهندا تہ اهي حڪومتي جوڙ جڪ ۾ نہ پهچي سگهندا، تيستائين امير ماڻهن کي ڪابہ مجبوري ڪانہ ٿيندي تہ غريب، مسڪين ۽ وچولي طبقي جو ڀلو سوچين. وچولي ۽ غريب طبقي جا ماڻهو اليڪشن تڏهن لڙي سگهندا جڏهن تہ ننڍا ٿيندا ۽ اليڪشن جو خرچ سنڌن پهچ ۾ ٿيندو. هن وقت جي اسيمبلين ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صرف وڏا زميندار ،سمگلر ، سرمائيدار ۽ ڊرگ مافيا جا ماڻهو پهچندا ۽ اهي عوام جي ڀلائي ڪڏهن به نه چاهيندا ۽ نه ڪندا.

پاڪستان پيپلز پارٽي عوام جي پارٽي آهي ۽ سندس رهنما به عوام جي ڀلي لاءِ پاڻ پتوڙي ٿي تنهن ڪري ڪجهه سيٽون وچولي طبقي جي ماڻهن کي ۽ ورڪرن کي ڏيندي آهي پر ملڪ ۽ عوام جي ڀلي لاءِ اهي ناڪافي آهن انهن جي زور تي محترمه بينظير ڀٽو صاحبه کي به انقلابي تبديليون آڻي نه سگهندي. ٻئي طرف وڏا وڏا تڪ وچولي طبقي جي وس کان ٻاهر آهن تنهن ڪري اڳتي جي لاءِ تڪن ننڊين ڪرڻ جو نعرو ڏنو وڃي ته جيئن وچولي طبقي وارو به اسيمبلين جي چونڊ لڙي سگهي. ۽ اهڙي طرح سان عوامي جمهوري فلاحي نظام قائم ٿي سگهي. هن وقت پارٽيءَ جي به مجبوري آهي ته اها تڪيٽون اهڙن ماڻهن کي ڏئي جيڪي خرچ برداشت ڪري سگهن ۽ سيٽون کٽي اچن.

پاڪستان پيپلز پارٽي عوام جماعت آهي جيڪا سڄي ملڪ ۾ ڪافي مقبول آهي ۽ جيڪڏهن سيٽن وڌائڻ جو نعرو پيپلز پارٽي هڻندي ته اها عوام ۾ وڌيڪ مقبول ٿيندي ۽ اهڙي طرح سان هي هن وقت جيڪا وڏن ماڻهن جي هڪ هٽي قائم آهي اها ختم ٿي سگهندي پوءِ ئي عوامي ، جمهوري فلاحي اسلامي حڪومت جا خواب پورا ٿي سگهندا. " اميروڪريسي" جي نظام حڪومت ختم ڪرڻ لاءِ سيٽون وڌائيون پونديون يعني تڪ ننڍا ڪرڻا پوندا پوءِ ئي اميد ڪري سگهجي ٿي ته عوام جا گهڻگهرا ۽ هڏڏوکي اليڪشنون کٽي اسيمبلين تائين پهچي سگهندا نه ته عوام ساڳئي چاڪي واري ڏاند جيان پيو گهاٽي ۾ وهندو ۽ پيڙبو.هاڻي جيڪي تڪ آهن انهن جي حساب سان قومي اسيمبلي ۾ ڪوبه وچولي طبقي جو ماڻهو پهچي ڪونه سگهندو ڇاڪاڻ ته ايترو خرچ انهن جي برداشت کان ٻاهر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيون پارٽيون تہ آهن ئي وڏن مفاد پرستن اميرن. پيرن ۽ سرمائيدارن جون تنهن ڪري اهي ماڻهو خرچ ڪري پاڻ کي چونڊائي ايندا. گهڻو ڪري تہ ڪافي چهرا بہ ساڳيا هوندا. يعني "ساڳيا لانون ساڳيا چگهہ" هي اهي ئي ميمبر هوندا جيڪي اڳ ۾ رهندا آيا آهن يا سندن خاندان ساڳيو هوندو. اسان جي ملڪ جي سڄي سياست تي چند سو خاندانن جو قبضو آهي ۽ اهي هميشہ اقتدار ۾ رهيا آهن. دنيا جي ٻين ملڪن جا مثال تہ ڏسو اٽلي ۾ پنجاهہ هزار آدمشماري تي هڪ نمائندو ، سئزرلينڊ ۾ ٽيهن هزارن جي آدمشماري تي هڪ نمائندو آهي، انگلينڊ ۾ اسي هزار تي هڪ نمائندو. فرانس ۾ بہ اسي هزار آدمشماري تي هڪ نمائندو، ترڪي ۾ نوي هزار تي هڪ نمائندو. جرمني ۾ بہ لڳ ڀڳ اسي هزار آدمشماري تي هڪ نمائندو آهي. اهڙي طرح سان سڄي دنيا جي تمام گهڻن ملڪن ۾ ڏهہ هزار کان وٺي هڪ لک آدمشماري تي هڪ نمائندو آهي پر انوکو ڙ طريقيڪار آمريڪا ۾ آهي جتي پنجن لکن تي هڪ نمائندو ۽ پاڪستان ۾ ڇهن لکن تي هڪ نمائندو ۽ هندستان ۾ اٺن لکن کان بہ وڌيڪ آدمشماري تي هڪ نمائندو آهي. آمريڪا تہ هڪ سپر پاور آهي تمام گهڻو ترقي يافتہ ملڪ آهي ۽ تعليم جي شرح سو سيڪڙو اٿس تنهن ڪري اتي فرق گهٽ ٿو پوي پر هندستان ۽ پاڪستان کي انهيءَ قسم جي نمائندگي ڪنهن بہ طرح سان مناسب نہ آهي. آمريڪا جي اشاري تي هتان جي وڏن ماڻهن شروع ۾ ئي فيصلو ڪيو تہ عوام کي حق ڪونهن ڏيڻا. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ وقت ڪميونزم جي وڏي راڪاس جو ڊپ هئڻ پر هاڻي اهو ڊپ ڪجهہ وقت لاءِ ٽري ويو اٿن. هاڻي من هتان جي عوام جو بہ ڪو ڀلو سوچين.هتي عوامي جي بنيادي انساني حقن جي جيتري لتاڙ ٿي آهيءَ موجود آهي اها دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ ڪانهي. هتي جيڪا تعدي هڪ انسان سان ٿئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي اها دنيا جي ڪنهن بہ هنڌ ڪانهي. هتي هڪ غريب مسڪين مزدور کي جيترو ذليل ڪيو ٿو وڃي انهيءَ جا مثال ٻئي ڪنهن بہ هنڌ ڪونہ ملندا. جنهن ذليل، رذيل ۽ ڪميٽپائي واري طريقي سان هڪ شهري جي مٿان هتي رياستي ادارا تشدد ڪن ٿا اها حالت شايد دنيا جي ٻئي ڪنهن حصي ۾ نہ هجي. هتان جي عوام جو وڏو حصو تعليم کان محروم ڪيو ويو آهي. اهڙو طبقاتي تعليم جو نظام قائم ڪيو ويوآهي تہ جيئن غريب ڪڏهن بہ سٺي ۽ اعليٰ تعليم جو سوچي بہ نہ سگهي، تعليم کان وانجهيل عوام ويچارو پنهنجي بنيادي حقن جي سنڀال ڪنهن بہ طرح نٿو ڪري سگهي. معاشي طرح بہ عوام ويچارو بدحال آهي. عوام جو تمام وڏو حصو اتي، اجهي ۽ پوشاڪ لاءِ پريشان آهي.صحت جو نظام سٺو ڪونهي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ڪونهيس ۽ گهٽ هنڌن تي پين بنيادي سهولتن جهڙوڪ روڊ گئس وغيره کان بہ محروم آهي. عوام جي حالت تڏهن سڌرندي جڏهن عوام اتحاد ڪندو ۽ پر امن طريقي سان احتجاج ڪندوءِ جدوجهد جاري رکندو.

هي نظام خراب صرف انهيءَ ڪري رهيو آهي جو هتي وڏن مفاد پرستن ۽ ذليل ذهنيت رکندڙن جون حڪومتون رهيون جن سرڪاري ادارن کان پاڻ هميشہ تشدد جو ڪم پئي ورتو. رياست کي پنهنجي جاگير سمجهي، پوليس اسٽيٽ ڪري پئي هلايو اٿن. سياسي دشمنن کي ڪچلڻ ۽ ذليل ڪرڻ لاءِ ماڻهن مٿان هر قسم جا ڪوڙا ڪيس ڪيا ويا. وڏن وزيرن ۽ پوليس آفيسرن جي حڪم تي ڪيترن ئي سياستدانن ۽ سنڌن ورڪرن تي هيروئن ۽ ڪلاشنڪوف لڳائي ڪيس ڪيا ويا. جڏهن اسٽيٽ سطح تي اهڙي قسم جون ذليل ۽ رذيل حرڪتون ڪيون وينديون تہ پوءِ سمجهي سگهجي ٿو تہ انفرادي سطح تي جاگيردار يا وڏا زميندار ڪهڙيون نہ ڪريل حرڪتون ڪندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ نجي جيل خانا تہ مشهور ٿي ويا آهن جن ۾ عورتن ۽ مردن مٿان هر قسم جو ظلم ۽ عقوبتون ڪيون ٿيون وڃن. هن ملڪ ۾ قانون جون ڌجيون صرف وڏن ماڻهن اڏايون آهن جن لاءِ ڪنهن بہ قسم جي پڇا ڳاڇا ڪانہ هئي. پريس جيڪي پول پڌرا ڪيا آهن انهيءَ مان سمجهي سگهجي ٿو تہ ملڪ هن وقت تائين لٽيرن جي هٿ ۾ هئو ۽ انهن پنهنجي مرضيءَ سان پٽي لٽيو ۽ ڪاڙو. اهڙا وڏيڪ راز ظاهر ٿيندا ڇاڪاڻ تہ هيڏي وڏي پئماني تي ڊرگ مافيا ۽ سمگلرن جي ڪيپ جو تيار ٿي وڃڻ حڪومتي ادارن ۽ وڏن ماڻهن جي پشت پناهي کانسواءِ ڪنهن بہ صورت ۾ ممڪن ڪونہ هيو ۽ آهي.

جيڪي قاعدا قانون ناهين تا انهن تي وڏا ماڻهو ڪڏهن بہ پاڻ عمل ڪونہ ٿا ڪن يا ڪونہ ڪو ڳڙڪو رکي ٿا ڇڏين جنهن مان پاڻ نڪتا ٿا وڃن. مثال طور هي مسلمانن جو ملڪ آهي، شراب پيئڻ حرام آهي ۽ قانونن بہ جرم آهي پر غير مسلمن جو بهانو ڪري شراب جو واهپو عام جام ڪري ڇڏيو اٿن. اهو صرف وڏن ماڻهن پنهنجي سهولت لاءِ چوريءَ وارو سوراخ رکي ڇڏيو آهي. ڪنهن کي نہ خبر آهي تہ شراب جو گهڻي ۾ گهڻو واهپو صرف وڏا امير ماڻهو، وزير، آفيسر ۽ ميمبر صاحبان ٿا ڪن ۽ انهن کي ڪير بہ چوڻ وارو ڪونهي ۽ نہ ڪڏهن انهن مان ڪو چالان ٿي ٿيو آهي. اسيمبليءَ ۾ ميمبر ٿيڻ لاءِ آئين ۾ جيڪي شرط رکيا ويا آهن انهيءَ جي حساب سان نوي سيڪڙو ميمبر هميشہ نااهل هوندا آهن. پر ڪير آهي جو انهن جي نشاندهي ڪري، هڪ شرط اهو بہ رکيل هوندو آهي تہ ميمبر ڪبيرن گناهن کان پاسو ڪندڙ هجي ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ اسان جا وڏا امير آفيسر ۽ اسيمبلين جا ميمبر گهڻو ڪري شراب نوشي ۽ زنا جا شوقين آهن. ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ اهي آئين جي پاسداريءَ جو ڪوڙو قسم ٿا کڻن جيڪو پڻ هڪ ڪبير گناهہ آهي. عوام جي جاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ آئين جي شق نمبر 62 ۽ شق نمبر 63 جن ۾ ميمبرن جي وصفن جو بيان ٿيل آهي جي ڪجهه جزن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو.

شق نمبر 62: انهيءَ ماڻهوءَ کي ميمبر ڪٽي سگهجي ٿو يا چونڊجي سگهي ٿو جنهن ۾ هيٺيون وصفون هجن.

(الف) سٺي اخلاق وارو هجي ۽ عام طور تي اسلام جي حڪمن جي خلاف عمل ڪندڙ نہ هجي.

(ب) اسلاميات جي ڪافي ڄاڻ هجيس، فرائض جي بجا آوري ڪندڙ هجي ۽ ڪبيرن گناهن کان پاسو ڪندڙ هجي.

(ت) ڪنهن بہ اهڙي ڏوهہ جو سزا يافتہ نہ هجي جنهن ۾ اخلاقي بي حيائي شامل هجي ۽ يا ڪنهن ڪوڙي شاهديءَ ۾ ملوث هجي.

شق نمبر 63: انهيءَ شخص کي نااهل قرار ڏئي سگهجي ٿو يا ان جي ميمبر شپ ختم ڪري سگهجي ٿي جيڪڏهن ان تي هيٺ ڏنل نقطا لاڳو ٿين ٿا.

(الف) جنهن پنهنجا سرڪاري قرض نہ لاٿا هجن.

(ب) جيڪو پاڪستان جي شهريت ڇڏي ڪنهن ٻي رياست جي شهريت وٺي.

(ت) جيڪو پاڪستان جي نظريي، سلامتي ۽ اخلاقيات جي منافي عمل ڪري ۽ جيڪو عدالتن ۽ آرمي خلاف ڳالهائي، مذاق مسخري ڪري يا انهن کي بدنام ڪري.

(د) ملڪ جي ڪنهن بہ قانون ۾ ڏوهي ٺهرايل هجي ۽ جيستائين انهن کي پنجن سالن جو عرصو گذري نہ ويو هجي.

هاڻي توهان پاڻ ڏسي سگهو ٿا تہ شق نمبر 62 جي ڏنل جزن جا شرط پاڪستان جي صرف چند ميمبر شايد پورا ڪري سگهن ۾ ڪڏهن بہ انهن شقن تي عمل نہ ڪيو ويو آهي. حڪومت صرف قرض

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارن کي سوڙهو ڪيو آهي پر اجا هيون گهٽيون ڳالهيون رهيل آهن
جن لاءِ به اميد ٿي ڪجي ته حڪومت عملي قدم کڻندي. خاص طرح
سان پوليس جو نظام ۽ عدالتي نظام اهڙو ته تباهه ٿي ويو آهي جو
ڪنهن به شهريءَ جي عزت محفوظ ڪانهي ۽ نه وري ڪين ڪٿان
انصاف جو آسرو ۽ اميد آهي.

جيستائين سڄي نظام کي بدلائڻ جو ڪو بندوبست ٿئي
تيستائين حڪومت ڪجهه عملي قدم جيئن هين شعبن ۾ کنيا آهن
تيئن رشوت کي گهٽ ڪرڻ. رشوتي آفيسرن ۽ وزيرن خلاف قدم کڻڻ
، پوليس نظام کي سڌارڻ ۽ عدالتي نظام کي بهتر ڪرڻ لاءِ ضرور
قدم کڻي ته جيئن عوام کي ڪجهه سهولت ٿئي ۽ ڪين سک سان
ساهه کڻڻ جو موقعو ملي.

ٿيڻ ته ائين کپندو آهي ته حڪومت پهريائين سياسي، آئيني
۽ قانوني سڌارا نافذ ڪري ته جيئن وچولي طبقي جا ماڻهو به چونڊن
۾ حصو وٺي سگهن ۽ اهي به ايوانن تائين پهچي سگهن. اسيمبليون
رڳو وڏن ماڻهن، ڊرگ مافيا وارن، جاگيردارن، زميندارن، سردارن،
سرمائيدارن، پيرن، ميرن، مخدومن، ملڪن ۽ خانن جي هڪ هٽي
نه ٿي رهن. جيستائين عوامي ماڻهن لاءِ اسيمبلين جا رستا بند ڪيا
ته حالتون ڪونه سڌرنديون ۽ ملڪ ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندو ويندو.
هاڻي ته قرض جي بي اعتدالين ۽ اقتصادي ۽ ٻين بد اعمالين اهڙو
اچي ورايو اٿس جو جيڪڏهن هن مريض ملڪ جو علاج نه ڪيو ويو
ته سندس جان کي سخت خطرو آهي.

قومي حق ڪونه ٿا ملن، صوبائي خودمختياري ۽ صوبائي
حق ڪونه ٿا ملن، سماجي، معاشي، معاشرتي حقن جي پائمالي
جاري آهي. بنيادي انساني حقن جو ته هتي ڪو نالو نشان ڪونهي،
پوليس جي رياست آهي جهڙي به نموني انسان کي ذليل ڪري سگهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارن کي سوڙهو ڪيو آهي پر اجا بيون گهٽيون گهٽيون ڳالهيون رهيل آهن جن لاءِ به اميد ٿي ڪجي ته حڪومت عملي قدم کڻندي. خاص طرح سان پوليس جو نظام ۽ عدالتي نظام اهڙو ته تباهه ٿي ويو آهي جو ڪنهن به شهريءَ جي عزت محفوظ ڪانهي ۽ نه وري ڪين ڪٿان انصاف جو آسرو ۽ اميد آهي.

جيستائين سڄي نظام کي بدلائڻ جو ڪو بندوبست ٿئي تيستائين حڪومت ڪجهه عملي قدم جيئن هين شعبن ۾ کنيا آهن تيئن رشوت کي گهٽ ڪرڻ، رشوتي آفيسرن ۽ وزيرن خلاف قدم کڻڻ، پوليس نظام کي سڌارڻ ۽ عدالتي نظام کي بهتر ڪرڻ لاءِ ضرور قدم کڻي ته جيئن عوام کي ڪجهه سهولت ٿئي ۽ ڪين سک سان ساهه کڻڻ جو موقعو ملي.

ٺيڪ ته ائين ڪيندو آهي ته حڪومت پهريائين سياسي، آئيني ۽ قانوني سڌارا نافذ ڪري ته جيئن وچولي طبقي جا ماڻهو به چونڊن ۾ حصو وٺي سگهن ۽ اهي به ايوانن تائين پهچي سگهن. اسيمبليون رڳو وڏن ماڻهن، ڌرڳ مافيا وارن، جاگيردارن، زميندارن، سردارن، سرمائيدارن، پيرن، ميرن، مخدومن، ملڪن ۽ خانن جي هڪ هٽي نه ٿي رهن. جيستائين عوامي ماڻهن لاءِ اسيمبلين جا رستا بند ڪيا ته حالتون ڪونه سڌرنديون ۽ ملڪ ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندو ويندو. هاڻي ته قرضن جي بي اعتداليءَ ۽ اقتصادي ۽ بين بد اعماليءَ اهڙو اچي ورايو آهي جو جيڪڏهن هن مريض ملڪ جو علاج نه ڪيو ويو ته سنڌس جان کي سخت خطرو آهي.

قومي حق ڪونه ٿا ملن، صوبائي خودمختياري ۽ صوبائي حق ڪونه ٿا ملن، سماجي، معاشي، معاشرتي حقن جي پائمالي جاري آهي. بنيادي انساني حقن جو ته هتي ڪو نالو نشان ڪونهي، پوليس جي رياست آهي جهڙي به نموني انسان کي ذليل ڪري سگهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿا. سيني سرڪاري ادارن ۾ ايترا تہ ٽارچر ڪرڻ جا ذليل ۽ رذيل طريقا استعمال ڪن ٿا جن جو ٻڌي انسانيت جو ڪنڌ شرم کان جهڪي نہ پر جدا ٿي وڃڻ ڪپي. اڄ ڪلهہ نفسيات بہ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. ۽ نين کوجنائن مطابق انسان تي تشدد ڪرڻ ڪيس تباھ ۽ برباد ڪرڻ لاءِ تمام هاڃيڪار آهي پر هن اسان جي پياري ملڪ پاڪستان جي پوليس ۽ ٻيا گهڻا ادارا وري ذليل ۽ رذيل قسم جي جسماني، ذهني ۽ جنسي طرح سان ٽارچر ڪرڻ جا نت نوان طريقا استعمال ٿا ڪن. انهن طريقن سان ملڪ ۽ ملڪ جا ماڻهو نہ ڪڏهن سڌرندا ۽ نہ وري ترقي ڪري سگهندا. جيڪڏهن ملڪ کي سڌارڻو آهي تہ پوءِ سائنسي، فني ۽ هنري علم کي عام ڪرڻو پوندو ۽ جيلن ۽ ٽارچر سيلن کي تبديل ڪري انهن جي جاءِ تي سکيا جا مرڪز قائم ڪرڻا پوندا. انسان سيکارڻ سان سکندا هو مارڻ سان ڪڏهن بہ ڪونہ سکندا. ماڻهو سمجهائڻ سان سمجهندا تشدد سان ڪڏهن ڪونہ سمجهندا. عوام کي سيکارڻ ۽ سمجهائڻ جا بندوبست ڪيا وڃن.

هن وقت اسان جو ملڪ جنهن سياسي، اقتصادي، معاشي، معاشرتي ۽ تعليمي بحران ۾ ڦاٿل آهي انهيءَ جا جوابدار بہ اسان جا وڏا ماڻهو ۽ حڪمران آهن جن هن قوم کي تعليم ۽ ترقيءَ کان وانجهيل رکيو آهي. هن ملڪ جي حڪمران طبقي هن ملڪ جي عوام سان هميشہ ظاهري طرح سان مذاق ۽ مسخري پئي ڪئي آهي جو ساڳيا خاندان مختلف بهانن ۽ حيلن حرفتن سان گردن تي سوار رهيا آهن ۽ اندروني طرح سان هي مفادپرستن جو گروھ عوام دشمن ۽ انسان دشمن آهي جن هتان جي ماڻهن کي جاهل رکي پئي لٽيو ڦريو ۽ سندن استحصال ڪيو آهي. حڪومت جو سڄو ڪاروبار عوام جي پئسي يا ٽيڪس تي هلندو آهي پر هتان جي اقتداري طبقي انهيءَ عوام جي پئسي تي پئي عيش عشرت ۽ سخاوت ڪئي آهي. عوام جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پگهر جي پورهئي وارو ڪمايل پئسو پٽي پاڻ ۾ ورهائي ڪاڏو اٿن. هتان جي عوام جي مهانگائي ۽ بيروزگاري ۽ چيلهه ڇڄي ڪري وڌي آهي ويچارن کي سخت پورهئي ڪانپوءِ به ڪنهن به قسم جو سک ته نهيو پر ۾ ويلا ماني کائڻ ۽ پنهنجن ٻارن پڙهائڻ لاءِ پئسو ڪونهي، ڪيترائي ويچارا سچائي جي ڪري پنهنجو علاج ڪونه ٿا ڪرائي سگهن ۽ ڪين سر لڪائڻ لاءِ ڪو اجهو به ڪونهي پر هتان جو مفادپرست حڪومتي طبقو جيڪو وزيرن، ميمبرن ۽ آفيسرن تي مشتمل آهي پنهنجون مراعات يورپ وارن کان به وڌيڪ ٿو وٺي. پريس ۾ ڪجهه انگ اکر ظاهر ڪيا ويا جن مان ظاهر ٿئي ٿو ته گهڻن آفيسرن انهن جي ٻارن ۽ بيگمن تي ٻاهرين ملڪن ۾ لکين روپيا خرچ ڪيا ويا ۽ اسيمبلين جي ميمبر صاحبان ته ڪروڙن کي وڃي ڏک هنيو، ڪجهه ميمبرن تي علاج تي ٻن ڪروڙن کان وڌيڪ خرچ ٿيو پر هڪ ميمبر صاحب جي جوءِ تي ٽيرنهن ڪروڙ خرچ آيو. هي آهي انداز هن غريب ملڪ جي آفيسرن، ميمبرن ۽ وزير صاحبن جو جن کي هن ملڪ جي غريب عوام جي پئسي کي ائين بيدرديءَ سان لٽڻ تي ڪو ڪهڪاءُ يا حياءُ شرم ڪونه آيو. انهيءَ ڪري هاڻي تمام ضروري ٿي پيو آهي ته فورن قانون پاس ڪري انهن سيني جي مراعات کي عوامي سطح تي آندو وڃي. هتان جو عوام ويچارو پيو بک ڪاٽي هي صاحب انهيءَ عوام جي پئسي تي ائين پيا عيش ڪن ۽ رنگ رليون ملهائين. هتي عوام کي مفادپرستن مختلف طريقن سان ناڪاره ۽ بيڪار بڻائي ڇڏيو آهي. انيڪ طريقن سان ڪين معاشي استحصال جو شڪار بڻائي بدحال ڪيو ويو آهي. صحت جو نظام خراب ڪري عوام جي صحت تباهه ڪئي ويئي آهي. ته جيئن اهي بيمارين ۾ مبتلا رهن ۽ ڪمزور رهن. تعليم جو نظام تباهه ڪري ۽ تعليم جي شرح محدود رکي ۽ طبقاتي تعليمي نظام نافذ ڪري عوام جي تمام وڏي حصي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي جاهل رکيو ويو آهي، منشيات جي لعنت کي عام ڪري عوام جي چڱي خاصي حصي کي موالي، بيڪار، فقير ۽ گداگر بڻايو ويو آهي. هي سڀ ڪجھ ان ڪري ڪيو ويو آهي تہ جيئن عوام پنهنجا جائز ۽ بنيادي حق گهرڻ جي قابل نہ رهي ۽ مفادپرست طبقو سندن استحصال گهڻو وقت جاري رکي سگهي. جيڪڏهن عوام صحتمند، سجاڳ، سڄاڻ ۽ علم وارو ٿيندو تہ پوءِ سندن استحصال ڪونہ ٿي سگهندو.

تنهن ڪري سيني وس وارن کي کپي تہ ملڪ ۽ عوام جي ڀلائيءَ خاطر ضروري قدم جلد کان جلد کنيا وڃن. آئيني، قانوني ۽ انتخابي نظام کي بدلائي پوءِ چونڊون ڪرائين تہ جيئن عوامي جمهوري، فلاحي اسلامي رياست قائم ٿيڻ جا خواب پورا ٿين تہ جيئن عوام سک جو ساھ کڻي ۽ ملڪ بہ بچي پوي. هاڻي عوام جو نعرو آهي "نظام بدلايو ملڪ بچايو"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عالمي دهشتگرديءَ جا ڪارڻ ۽ سلجهاءَ لاءِ ڪجھ صلاحون

پاڪستان سميت سڄي دنيا اڄ ڪلھ دهشتگرديءَ جي منحوس ۽ منجهيل ڄار ۾ ڦاٿل آهي. آمريڪا سميت سڀ حڪومتون اعلان ڪن ٿيون تہ دهشتگرديءَ کي ضرور ختم ڪبو يا انهيءَ جي پاڙ پٽي ڇڏبي. پر سيني اعلانن جي باوجود دهشتگرديءَ جا واقعا ڏينهون ڏينهن وڌندا ٿا وڃن ۽ ڪنهن بہ طرح سان انهن واقعن ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ آئي آهي.

آفريڪا جي ٻن ملڪن ڪينيا ۽ تنزانيہ ۾ آمريڪا جي سفارتخاني کي بمن سان اڏايو ويو ۽ آئرلينڊ جي مارڪيٽ ۾ بم ڌماڪو ٿيو، بالي ۾ بہ وڏا ڌماڪا ٿيا.

ڪجھ وقت کان وٺي پاڪستان ۾ بہ انهيءَ قسم جا واقعا ٿيندا رهن ٿا. ڪٿي ڪن بم ڌماڪن بدران بيگناهہ ۽ معصوم ماڻهن کي گولين جو ڪاڄ بڻايو ويو ۽ سندن لاشن جي بيحرمتي ڪري ٻورين ۾ بند ڪري مختلف جاين تي ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ يا ڏهڪاءُ پيدا ڪرڻ لاءِ اڇلايو ٿو وڃي. ڪڏهن ان دهشتگرديءَ جو ڪاڄ بلڪل عام ۽ غريب فقير بہ ٿين ٿا، جن جا مٿا هٿوڙن سان چٿيا وڃن ٿا تہ ڪڏهن ان دهشتگرديءَ جو شڪار حڪمران طبقي جا اعليٰ کان اعليٰ فرد يا معاشري جي سماج سڌارڪ ۽ سڄڻ بہ ٿين ٿا. سڄي تاريخ ۾ اهو سلسلو هلندو آيو آهي ۽ شايد اڃا ڪافي وقت هلندو رهي، جاڪاڻ تہ انهيءَ سڄي معاملي ۾ تهہ تائين وڃي انهيءَ کي صحيح طرح سان سمجهي ۽ ان کي ختم يا گهٽ ڪرائڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جي نيڪ نيتيءَ سان صحيح ڪوشش دنيا ۾ ڪٿي بہ اڃا پوريءَطرح سان ڪانہ ٿي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آخر آمريڪا جهڙي وڏي طاقتور ملڪ جي سفارتڪارن يا سفارتخانن ۾ نوڪري ڪندڙ معصوم ماڻهن ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي يا پاڪستان جي فقير فقرائن جو ڪهڙو ڏوهه هئو جو انهن جا رات جو ننڊ ۾ مٿا چٿيا ٿي ويا يا نمازين جو ڪهڙو ڏوهه هئو جو مسجدن ۾ ۽ امام بارگاهن ۾ انهن کي گولين جو ڪاچ بڻايو ويو يا سماج سڌارڪن يا عالمن ڪهڙو ڏوهه ڪيو جو گولين جو ڪاچ بڻيا.

عالمي دهشتگرديءَ جا سبب ۽ ان کي ختم ڪرڻ جا طريقا:

آمريڪا جهڙي طاقتور ملڪ ۾ به دهشتگرديءَ ذريعي ورلڊ ٽريڊ سينٽر کي اڏايو ويو ۽ ان ۾ هزارين بيگناهه معصوم انسان ماريا ويا. جيستائين سڄي دنيا جا وڏا ماڻهو ۽ بين الاقوامي ادارا گڏجي انهيءَ منحوس دهشتگرديءَ جي جڙ کي نه سمجهندا، تيستائين اهي واقعا ٿيندا رهندا. جيستائين دنيا جا وڏا ماڻهو گڏجي بک، بدحالي، غربت ۽ بيروزگاريءَ جو خاتمو نه ڪندا، سڄي دنيا ۾ انصاف ۽ دولت جي ورڇ صحيح طرح نه ٿيندي تيستائين اهڙا واقعا ٿيندا رهندا.

سڄي دنيا جي وڏن ماڻهن ۽ حڪمرانن کي هاڻي سمجهڻ کپي ته، دنيا جا ماڻهو امن چاهين ٿا ته پوءِ جلد انصاف واري عمل ڏانهن قدم کڻن، نه ته اهڙي قسم جا واقعا سڄي دنيا ۾ ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهندا. ڪجهه ڏينهن کان وٺي آمريڪا افغانستان جي معصوم ۽ بيگناهه عوام جي مٿان بم ۽ ميزائل وسائي رهيو آهي، انهيءَ سان دهشتگردي گهٽ ڪا نه ٿيندي، اجا به دنيا ۾ نفرتون وڌنديون ٿيون وڃن.

دنيا جي مختلف ملڪن ۾ انهيءَ قسم جا ڪيترائي دهشتگرديءَ جا واقعا ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهن ٿا. بس عام انسان نه صرف حيران ۽ پريشان آهن ته هي ڇا ٿي رهيو آهي ۽ هي سڀ ڪجهه ڇو ٿو ڪيو وڃي؟ ڇا انسانن مان رحم ۽ قياس يا همدردي موڪلائي وئي آهي، جو انسان اهڙن درندگيءَ جي واقعن ۾ ملوث ٿين لاءِ تيار ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وچي ٿو. آخر انسان کي انسان مٿان رحم ڇو نٿو اچي، اهي ۽ انهيءَ قسم جا ڪيترائي سوال اٿن ٿا، جن جو صحيح طرح سان جواب نٿو ملي. تنهنڪري عام ۽ خاص گهڻو ڪري منجهي ٿا پون. انهن واقعن جي سببن کي سمجهڻ لاءِ ٻين گهڻن مسئلن ۽ معاملن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي انساني تاريخ تي به نظر وجهڻي پوندي.

انسان هن ڌرتيءَ جي گولي تي پيدا ٿي وڌندي ويجهندي خاندان، قبيلا ۽ قومون ناهي ٽڙندي پکڙجندي مختلف ملڪ ناهي نه رڳو رهندو آيو، پر ملڪن جي سرحدن تان ۽ نون ملڪن کي فتح ڪرڻ لاءِ نئين زمينن، منڊين ۽ مارڪيٽن کي هٿ ڪرڻ لاءِ هڪٻئي سان لڙايون به پئي ڪندو آيو آهي. انسانن جي وڌڻ ويجهڻ سان گڏوگڏ جهيڙا جهڳڙا به شروع ٿي وڌندا ٿي رهيا آهن.

ارتقائي طور تي اهو سمجهي سگهجي ٿو ته جهيڙا جهڳڙا شروع پر زن، زمين ۽ زر تان ٿيا هجن، ڇو ته سنڌ ۾ اجا تائين اهو پهاڪو مشهور آهي ته جهيڙن جهڳڙن جو اهم سبب زر، زمين ۽ زن آهي.

هاڻي به جيڪڏهن گهڻن بين الاقوامي، ملڪي، قومي، قبيلائي، خانداني ۽ انفرادي جهيڙن جهڳڙن جي تهه ۾ وڃبو ته معلومات ملندي ته جهڳڙو انهيءَ ٽنهي سببن مان ڪنهن به هڪ يا هڪ کان وڌيڪ سببن جي ڪري هوندو. ان ڪانسواءِ وقت گذرڻ سان مذهب ۽ مذهبي عقيدا به آيا ۽ اهي به جهيڙن جهڳڙن ۽ جنگين جو سبب رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته فطرتي، تاريخي طور تي مرد وڌيڪ طاقتور ۽ ڏاڍو رهيو آهي، تنهنڪري عورت کي به شروع ۾ ملڪيت وانگر تصور ڪيو ويو ۽ عورت کي هميشه مرد جي تصرف ۾ رهڻو پيو ۽ جتي ان کي عزت ۽ غيرت جي علامت سمجهيو ويو ۽ ان جي عزت ۽ احترام به ڪيو ويو، اتي ان کي هوس جو نشانو ۽ تماشي ۽ تفريح لاءِ به استعمال ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويو ۽ ڪيو وڃي ٿو. تنهنڪري ان جي ڪري جهيڙا جهڳڙا به ٿيا ۽ ٿيندا رهن ٿا.

مرد کي عورتن متعلق پنهنجي ڪردار کي گهٽو ڪجهه سڌارڻو ۽ سمجهڻو پوندو. مرد جي عورت سان ڏاڍائي ۽ هر قسم جي زيادتي گهڻو وقت هلي آهي، پر هاڻي ان کي ختم ٿيڻو پوندو ۽ عورت کي هڪ جهڙا حق ڏئي سهڪاري ساٿي بڻائڻو پوندو.

هن وقت تائين انسان مرد، عورت کي زوري تصرف ۾ رکندو آيو آهي. جاتل دنيا ۾ هئي ڪنهن به جاندار نر پنهنجي ماديءَ کي ايترو قبضي هيٺ ڪونه آندو آهي، جيترو انساني مرد عورت تي قبضو، تصرف ۽ ڏاڍ ڪيو. بهرحال اهي گذريل جهالت جون ڳالهيون آهن ۽ گهڻي ڀاڱي تبديل ٿي ويون آهن ۽ جيڪي ڪجهه بچيون آهن، اهي به ڪجهه وقت ۾ تبديل ٿي وينديون، ڇاڪاڻ ته هاڻي علم ۽ رابطي جا وسيلا وسيع ٿي ويا آهن ۽ عورت کي هر طرح جي ڄاڻ ۽ تعليم ملي رهي آهي ۽ هوءَ هاڻي پنهنجي حيثيت سڃاڻي ۽ سمجهي رهي آهي؛ سجاڳ ٿي رهي آهي ۽ پنهنجن پيرن تي بيهي پنهنجي برابريءَ وارو حق ۽ هڪ جهڙو سهڪاري ساٿي هجڻ ثابت ڪري رهي آهي. تاريخي طور تي ڪيترين ريتن، رسمن، رواجن، غلط ويساهن ۽ تصورن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهي آهي، پر هاڻي اهي سڀ غلاميءَ جون ڇوڙيون، ڪڙا، ڪننا، ڪنگڻ، نٿون ۽ هار ٽوڙي رهي آهي. جيئن ته جهيڙن جهڳڙن جو هڪ بنيادي سبب وسائل تي قبضو به هيو ۽ وسائل ۾ عورت به گهٽو ڪري گهڻن موقعن تي شامل رهي آهي، تنهنڪري واقعي زر، زمين ۽ زن تي جهيڙا جهڳڙا ۽ جنگيون ٿينديون رهيون آهن ۽ ٿين پيون.

هاڻي هن قدرت جي عجيب ڪارخاني ۾ مرد ۽ عورت کي هڪٻئي لاءِ ضروري ۽ سهڪاري ساٿي سمجهيو ٿو وڃي، تنهنڪري ٻئي گڏجي ترقي ڪري سگهن ٿا. انهن کان علاوه جهيڙن جهڳڙن ۽ جنگين جا ٻيا به وڏا سبب پيدا ٿيا ۽ هلندا آيا آهن، اهي آهن اقتدار ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مذهبي عقيدا. تنهنڪري هاڻي چئي سگهجي ٿو تہ جهيڙن جهڳڙن ۽ جنگين جا وڏي ۾ وڏا خارجي سبب زر، زمين ۽ زن ، اقتدار تي قبضو ۽ هڪٻئي جي مذهبي عقيدن خلاف جارحاڻا حملا ٿيندا رهيا آهن ۽ پيا اندروني اخلاقي ۽ مذهبي سبب آهن. جهڙوڪ بدنيتي، بدڪلامي، بداخلاقي ۽ بدمزاجي وغيره.

دنيا ۾ اڄ ڏينهن تائين اقتدار ۽ وسائل تي قبضو، جهيڙن، جهڳڙن ۽ جنگين جو اصلي بنيادي خارجي سبب رهيو آهي. ۽ انهيءَ سان گڏ مذهبي عقيدن کي بہ گهڻو ڪري انهيءَ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ڪيو پيو وڃي. تمام گهڻا فيلسوف آيا، نبي آيا، حڪيم ۽ ڏاها پيدا ٿيا، پر دنيا ۾ هيٺين اهم معاملن ۾ پوريءَ طرح سان سڌارو ڪونہ آيو ۽ اڃا بہ ڪوششون جاري آهن تہ انهن جو ڪو مستقل حل ڳولي لهجي تہ جيئن انسان سک جو ساهہ کڻي ۽ خوشحال ٿي آرام سان رهي سگهي.

1- انساني لاڳاپن وارا معاملا، چاهي قومن ۽ ملڪ جا يا مرد ۽ عورت جا لاڳاپا هجن.

2- زر يعني پئسي سان لاڳاپيل معاملاءِ خاص طور سان روزگار ڪمائڻ ۽ دولت جي ورڇ ۽ واپار جا معاملا هجن.

3- انساني اخلاقيات وارا معاملا ۽ وسيلا، خاص طرح سان چڱائي ڇا آهي ۽ انسان چڱو ڇو ۽ ڪيئن ٿئي وارا معاملا هجن.

4- اقتدار جو پرامن انتقال اڃا هر هنڌ صحيح نہ ٿيو آهي.

جڏهن مٿين شعبن جا حل انسان ڳولي لهندو تہ تمام گهڻو سڌارو بہ اچي ويندو ۽ انسانن جا باهمي جهيڙا بہ گهٽجي ويندا ۽ سٺي طرح سان آرام سان زندگي گذاري سگهندو.

دهشتگرديءَ جو بہ واسطو انهن سڀني شعبن سان آهي.

شروعات ۾ ڪجهہ حرفتي، مڪار ۽ چالاڪ ماڻهن پنهنجي قبيلي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهن جي مدد سان وسائل تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اهڙي طرح سان وڏي طاقت هٿ ڪري پنهنجي قبيلي جا سردار ٿيا. ڪجھ سردارن گڏجي حاڪم، بادشاهه ۽ شهنشاهه پيدا ڪيا. جن وري جڏهن پگهار تي فوج رکڻ شروع ڪئي ته خود سر ٿي ويا ۽ فوجي طاقت جي زور تي اقتدار ۽ وسائل تي قبضو جاري رکي ۽ پاڻ کي زمين تي خدا يا ان جو نائب سڏرايائون.

محروم عوام به وڙهندو رهيو ۽ بادشاهن مان جان ڇڏايائون ته وري جمهوري نظام ڳچيءَ ۾ پئجي وين، جنهن ۾ انهن ئي بالادست طبقي وارن پنهنجو قبضو جاري رکيو. بلڪي پنهنجي حفاظت ۽ پنهنجي مفادن جي تحفظ جي لاءِ فوج به جاري رکين ۽ انهن کي پگهار به عوام جي ڪمائيءَ مان ڏيارين. پنهنجي سڄي نظام کي هلائڻ لاءِ آفيسر شاهي رکين ۽ انهن کي به معاوضو عوام جي ڪمائيءَ مان ڏيڻ جو رستو ڪڍين. حرفتي ۽ چالاڪ طبقي جي اها وڏي ڪامياب چال هئي ته بادشاهي نظام ٽٽڻ جي ڪري هنن هڪ اهڙي نظام کي جنم ڏنو، جنهن ۾ خرچ عوام جو ۽ گهٽي ۾ گهٽ تحفظ ۽ پلو وري وڏن ماڻهن جو! جو ته هنن ئي وڏن ماڻهن وڏي چالاڪيءَ سان اقتدار تي پنهنجو قبضو جاري رکيو. نئين جمهوري نظام ۾ اقتدار ۾ اچڻ لاءِ طريقڪار اهڙو ته مخصوص ناهين، جنهن ۾ صرف مٿانهين طبقي جا ماڻهو اقتدار ۾ شريڪ ٿي سگهن ۽ جڏهن اهي قاعدا ۽ قانون ناهين ته اهي اهڙا ناهين جن مان گهٽو ڪري سندن طبقي جو پلو ٿئي ۽ عام عوام ويچارو اهي ئي ٽاپا ڪائيندو وتي، جيئن بادشاهن جي ڏينهن ۾ ڪائيندو هئو. تيئن اڄا به بکيو، ڏکيو ۽ محروم رهندو اچي. وسائل تي قبضي جي ڪري اقتدار تي قبضو ڪن ٿا ۽ اقتدار کي وري وسائل کي جمع ڪرڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا، نتيجو اهو ٿو نڪري ته عوام اهو ئي غريب، مسڪين، سڃو ۽ پينگيو رهندو ٿو اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهڻو ڪري گهڻن ملڪن ۾ اها حالت آهي ۽ ڪجهه ملڪن ترقي ڪئي آهي ته ، انهن وري ٻين ملڪن جي عوام کي اقتصادي طرح سان لٽي، ڦري پنهنجي ملڪ جي چند ماڻهن وٽ پئسو ۽ وسائل جمع ڪيا آهن. وسائل تي اهو قبضو آهي، يعني "Defacto" پوزيشن آهي، باقي قانون اهو جائز يعني "Dejure" نه آهي، جو ته تاريخي ڦرلٽ ذريعي وسيلا قبضي ۾ آندا ويا آهن. ان جو لازمي نتيجو اهو ٿيو ته انسانن جو هڪ طبقو محروم رهجي ويو. ان محروم طبقي جي ڪجهه فردن جيڪي وڌيڪ حساس هئا اهي سخت قسم جي مايوسي "Frustration" جو شڪار ٿي پيا. انهن مان هڪڙا مايوس حالات کان شڪست کائي خودڪشي ڪري پنهنجو انت آڻين ٿا ، ته ٻيا وري دهشتگرد ٿي پون ٿا. مايوسين کان متاثر ٿيڻ جو دارومدار معروضي حالتن ۽ نفسياتي برداشت جي سطح تي آهي، جيڪي هر فرد جا مختلف آهن.

اهڙيءَ طرح سان دهشتگرديءَ جو سڌو سنئون وسائل جي اڻ برابريءَ واري ورچ سان لاڳاپيل آهي، مايوسيءَ جو شڪار ٿيل يا ته پاڻ دهشتگردي ڪن ٿا يا وري ٻين جا ايجنٽ ٿي دهشتگردي ڪن ٿا. هن ذهنيت وارن جو انهيءَ ڳالهه سان ڪوبه واسطو ڪونهي ته ، انهيءَ دهشتگرديءَ جي عمل جو نشانو ڪير ٿو ٿئي يا انهيءَ ۾ ڪير ٿو مري، ٻار ٿا مرن يا عورتون ٿيون مرن، پوڙها ٿا مرن يا بيمار ٿا مرن. مطلب ته انهن جو ڪم دهشتگردي ڪرڻ، يعني معاشري کان پنهنجي محرومي ۽ مايوسيءَ جو انتقام وٺڻ آهي، جيڪو ڪيترن مختلف طريقن سان ٿي سگهي ٿو ۽ ڪڏهن ته ان جو معاوضو به تمام گهٽ يا خسيس هوندو آهي.

هن مرحلي ۾ مذهبي عقيدن کي به چالاڪ ۽ مفادپرست ماڻهو استعمال ڪري دهشتگردي ڪرائين ٿا ، مذهبن جي ڪري به ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منجهي پيا آهن ۽ مختلف فرقن ۾ ورهائجي ويا آهن. انهن ۾ وري فرقيوار فسادن کي هٿي ڏئي دهشتگردي ڪرائي ٿي وڃي. سڀني مذهبن ۾ به مفادپرستن تحريفون ڪري انهن کي غلط استعمال ڪيو آهي ۽ ڪندا ٿا رهن.

سڄي دنيا ۾ دهشتگرديءَ جون ڪاروائيون آمريڪا جي خلاف تمام گهڻيون ٿي رهيون آهن، جنهن جو واحد سبب اهو آهي ته آمريڪا سڀني سرمائيدار ملڪن ۾ ائين آهي، جيئن پراڻي زماني جو جاگيردار يا لٺ سردار سڄي دنيا جي ڦرلٽ جو واحد ذميوارملڪ آمريڪا آهي، جنهن ڪري سڀني ملڪن جي عوام جي نفرت به آمريڪا جي حڪمران ٽولي سان آهي، پر جيئن ته دهشتگرديءَ وارا دهشتگردي صرف ان ڪري ڪندا آهن ته پنهنجي نفرت ۽ انتقام جو اظهار ڪن. تنهنڪري هو آمريڪا سان لاڳاپيل هر فرد يا ڪنهن به منصوبي يا اداري کي صرف پنهنجي اندر جي باهه وسائڻ لاءِ نشانو ڪندا آهن. آمريڪا جي خلاف وسطي مغرب ۽ ائفرو ايشيا جي گهڻن ملڪن ۾ به تمام گهڻي نفرت آهي، ڇاڪاڻ ته آمريڪا بين الاقوامي سودي ادارن جهڙوڪ ورلڊ بينڪ ۽ آءِ ايم ايف وغيره جي ذريعي سڄي دنيا جي ملڪن کي قرضن ۾ ڦاسائي پنهنجي اقتصادي غلاميءَ ۾ جڪڙي رکيو آهي ۽ انهن ملڪن جو غريب عوام محنت ۽ مهانگائي جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيو آهي. جن مان ڪجهه مايوس فرد آمريڪا خلاف نفرت جو هر طرح سان اظهار ڪن ٿا.

علم وڏڻ جي ڪري ۽ ميڊيا جي ترقيءَ جي ڪري دنيا جو عوام هاڻي سمجهي ٿو ته سندن ذليل، غربت ۽ پسماندگيءَ جو سبب جتي سندن ملڪ جي بالادست طبقي جا ماڻهو آهن، اتي سامراجي ڪردار واري آمريڪا جا حڪمران به انهن جا ۽ انهن جا همنوا ۽ ساٿي، ساڻاري هجڻ جي ڪري برابر جا شريڪ آهن. دنيا جو غريب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عوام هاڻي سخت مايوس آهي ۽ هيڏي هوڏي واجهائي رهيو آهي تہ سنڌن ڀلي جي راهہ آخر ڪٿان نڪرندي؟ عوام ڪي ڀيري ۽ ايڪي ڪرڻ ڪانپوءِ پر امن احتجاج ڪرڻا پوندا . پر انهيءَ ۾ بہ وڏي رڪاوٽ سول ۽ مليٽري بيوروڪريسي آهي، جيڪا عوام جي جذبن کي دٻائي رکي ٿي.

سخت افسوسناڪ پهلو اهو آهي تہ فوج ۽ بيوروڪريسي نمڪ بہ عوام جو کائين ٿا ۽ پاسو هميشہ وڏن غاصبن جو وٺي عوام کي دٻائي رکن ٿا. نظام کي بدلجڻ تہ نٿا ڏين، پر ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻن وڏن فردن کي قرباني ۽ جو ٻڪرو بڻائي عوامي جذبا ٿڌا ڪري ڇڏين ٿا. تہ جيئن عوام جو انقلابي جذبو ٿڌو ۽ مانو پئجي وڃي ۽ پوءِ وري نيون چالاڪيون ۽ حرفتون استعمال ڪري ساڳيو ئي پنهنجو اقتدار ڪن ٻين ڪارندن جي ذريعي قائم رکن ٿا. جيئن پاڪستان، انڊيا، انڊونيشيا، فلپائن ۽ بنگلاديش ۾ ڪئين دفعا ڪري چڪا آهن. مذهبي فرقيواريت ۽ جنونيت کي بہ دهشتگرديءَ جي لاءِ استعمال ڪيو ٿو وڃي، جيئن عام طور تي سڄي دنيا ۾ ۽ خاص طور تي بوسنيا، آئرلينڊ، آفريڪا، مڊل ايسٽ، پاڪستان ۽ هندستان ۾ ڪيترائي دفعا انهيءَ جي سخت نفرت جوڳن نمونن جو مظاهرو ٿي چڪو آهي.

دنيا ۾ نيڪي ۽ بدي ٻئي پيون هلنديون. بدي کي ختم ڪرڻ تہ تمام ڏکيو آهي، شايد هن دنيا جي تخليقڪار هن دنيا جي عجيب ذائقي لاءِ ٻنهي جو هجڻ لازمي سمجهيو . تنهنڪري ڪڏهن بہ اهي ٻئي قوتون شايد هڪٻئي کي ختم نہ ڪري سگهنديون. البتہ انساني صحيح ڪوشش جي ذريعي بدي کي گهٽائي سگهبو. تنهنڪري دهشتگردي کي بہ گهٽائڻ لاءِ مٿي بيان ڪيل سيني شعبن وارن لاڳاپن کي سڌارڻ لاءِ نوان نظريا ڏيڻا پوندا تہ جيئن انسان جو انسان سان وهنوار نيڪ رهي، انسانن ۾ سهپ ۽ رواداري پيدا ٿئي ۽ انسان ٻئي انسان کي نہ ماري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يعني تہ سندس استحصال ڪنھن بہ صورت ۾ ڪنھن بہ طرح سان نہ ڪري.

هاڻي اهڙو نظريو ڪهڙو جنهن ۾ اڳين سيني نظرين جو سنايون تہ هجن پر انهن جي اوڻاين ۽ پوڻاين کان آجو هجي ۽ سڄي دنيا جا ماڻهو انهيءَ نظريي کي آسانيءَ سان قبول ڪري سگهن. لازمي طرح سان ان قسم جا نظريا هن وقت دنيا ۾ ايندا ۽ آمريڪا ۾ آيا بہ آهن ۽ زور شور سان ڪم ڪن پيا. پر انهن جو وڌڻ ويجهڻ سندن قبول پوڻ تي منحصر هوندو.

سنڌين لاءِ مان اڳ ۾ ئي " سڌ ازم" جو نظريو ڏئي چڪو آهيان. جنهن ڪانسواءِ سنڌي قوم جو ترقي ڪرڻ ۽ هن وقت دنيا ۾ اڳتي وڌڻ ڏکيو آهي." سڌ ازم" "Sudh ism" جو مقصد آهي ڪنهن ڳالھ کي يا فنا مينان "Phenamenon" کي سمجهڻ کانسواءِ قبول نہ ڪرڻ ۽ ڳالھ کي سمجهڻ لاءِ هر قسم جي معلومات يعني " سڌ" حاصل ڪرڻ. جيڪڏهن توهان اها ڳالھ بہ سمجهي، تہ ڪو خاص مسئلو حل نٿو ٿي سگهي يا في الحال انساني سمجھ کان ٻاهر آهي، تڏهن بہ سمجهو تہ توهان ڳالھ کي سمجهيو آهي. پر ڪنھن بہ طرح سان بنا سمجهڻ جي ڪنھن بہ ڳالھ کي نہ مڃڻ گهرجي.

ٻيو زبردست قسم جي سهپ ۽ رواداريءَ جو مظاهرو ڪرڻ کپي، پنهنجا خيال غيرجذباتي انداز ۾ پيش ڪيو ۽ ٻين جا خيال بہ صبر سان ٻڌو. علمي قسم جا بحث ڪريو ۽ ڪنھن بہ مهل جذبات ۽ غصي کي حد کان وڌڻ نہ ڏيو. اهي سڀ خاصيتون صحيح ۽ وسيع معلومات کانپوءِ اينديون آهن. تنهنڪري هر وقت علمي ڪوشش ۾ مصروف رهو ۽ علمي معيار کي وڌائيندا رهو. هن وقت خاص طرح سان سائنسي، فني، هنري ۽ اخلاقي علم جي سخت ضرورت آهي، ان کي حاصل ڪرڻ جي هر وقت جستجو ڪريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاڻي اسان کي صحيح اعليٰ تعليمي معيار وارو نظام ڪپي، جيڪو وري صحيح سياسي نظام کي جنم ڏئي، جنهن منجهان وري صحيح سٺو حڪومتي نظام پيدا ٿي سگهندو. جيڪو انسان جا بنيادي حق ۽ بنيادي سهولتون کين ڏئي سگهي ۽ سندن معاشي ۽ اقتصادي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي ضمانت ڏئي سگهي.

جيڪڏهن اسان جي پڙهيل دوستن ۽ دانشورن انهيءَ قسم جون ڪوششون نه ورتيون ته پوءِ دنيا ۾ اڳتي وڌڻ بجاءِ اجا به پوئتي هليا ويندا سين. هن وقت تائين اسان جي سياستدان عوام کي صرف ڏنا ۽ نلها آسرا ڏنا آهن ۽ پاڻ عوام جي وسائل جي ڦرلٽ ڪري رڳو عيش ڪيا اٿن. جيڪي هاڻي بند ٿيڻ کپن ۽ سيني ماڻهن جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي سوچ اڳتي وڌائڻ کپي ۽ عيشي ماڻهن کان نفرت ڪرڻ کپي، عوام کي آگاهه ڪرڻ کپي.

مٿي بيان ڪيل شعبن ۾ "سڌ ازم" جي نظريي ڪانپوءِ اهو ضروري آهي ته سڄي دنيا ۾ دولت ۽ وسائل جي ورچ صحيح ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا جي آئينن ۽ قانونن ۾ سڌارا آندا وڃن. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويندو ته پوءِ سڄي دنيا بحرانن ۽ دهشتگرديءَ جي خطرناڪ ڪنن مان ٻاهر نڪري نه سگهندي.

اسلام ته اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو ته دولت چند هٿن ۾ جمع ٿيڻ نه ڪپي. انهيءَ ڪري سرمائيداري ۽ زميداريءَ جي ڦرلٽ جي نظام کي يڪسر ختم ڪري انساني فلاحي نظام کي آڏٿو پوندو. دنيا جا ڏاها ماڻهو گڏ ٿي انهيءَ قسم جي نظام جا خد خال ڏئي سگهن ٿا. پر جي هن وقت جي مڪار، چالاڪ ۽ حرفتي بالادست طبقي تي ياڙي ويهو ته اهو طبقو جيڪو انسان جي همدرديءَ کان بلڪل عاري آهي. اهو انسان جي ڀلائيءَ لاءِ ڪڏهن به ڪونه سوچيندو. انهن بالادست طبقي وارن ته هر طريقو استعمال ڪري عوام کي جاهل رکي ڪمزور ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منجهائي ڇڏيو آهي. هاڻي عوام جي وچولي طبقي کي گڏجي جدوجهد
ڪري سڌارا ڪرائڻا پوندا ۽ پنهنجا حق ڇڏائڻا پوندا. پاڻهي يا
شرافت سان حق ڪونه ملندا. هتي عوام جي همدرد دانشورن، اديبن ۽
استادن کي رهنمائي وارو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. جنهن لاءِ اڳتي وڌي
اچن ۽ هر قسم جي قرباني لاءِ پاڻ تيار ڪن ۽ ٻين کي به تيار ڪن.
باقي خالي ٺلهين ڳالهين ڪرڻ ۽ اجائي ڪچهرين ڪرڻ مان ڪجهه به نه
ورندو.

"جي تون ڪالهه مٺين ۾ ته ڪالهه ئي گڏين ۾ پرين ۾ کي
ڪڏهن ڪانه سڻي ته ڪا سچي ڳالهه سگهٽين."

دهشتگرديءَ کي گهٽ يا ختم ڪرڻ لاءِ علمي، نظرياتي،
آئيني، قانوني سڌارن ۽ دولت ۽ زمين جي مناسب ورڇ ڪانپوءِ اهو تمام
ضروري آهي ته هر سطح تي انصاف ڪيو وڃي. انصاف ڪانسواءِ امن
نا ممڪن آهي ۽ ملڪي سطح کان وٺي بين الاقوامي سطح تائين
انصاف هجڻ کپي. هر ملڪ جي انصاف جي نظام کي سڌاري صحيح
ڪيو وڃي، جيئن سستو ۽ ترت انصاف هر فرد کي ملي سگهي. بين
الاقوامي انصاف لاءِ ضروري آهي ته پهريائين ته يو اين او (U N O)
جهڙي اداري کي بلڪل خودمختيار هجڻ گهرجي، اهو صرف وڏن
شاهوڪار ملڪن جي غلامي يا لونڊي وارو ڪردار ادا نه ڪري، پر
صحيح معنيٰ ۾ باوقار ادارو ٿي ڪم ڪري. انصاف جا ٻٽا معيار نه
هئڻ گهرجن ته بوسنيا ۽ ڪشمير وارن لاءِ هڪ ڪردار ۽ اسرائيل لاءِ
ٻيو ڪردار. آمريڪا لاءِ هڪ معيار ته آفريقا لاءِ ٻيو معيار، صحيح
معنيٰ ۾ بين الاقوامي ادارو ٿي ڪم ڪري ۽ ٻين قسمن جي ذيلي
ادارن جهڙوڪ سيڪيورٽي ڪائونسل، ورلڊ بينڪ، آءِ ايم ايف ۽
انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس وغيره تي به چڱي طرح سان نظر رکي ته
انهن کي به صحيح انصاف سان هلايو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاڻي انهن سڀني ادارن جا دستور ۽ منشور يا رولز آف بزنيس صحيح طرح سان بين الاقوامي ماهر تيار ڪن ۽ پوءِ انهن تي عمل ٿيڻ کپي. جيستائين وڏا ملڪ يا وڏا ماڻهو ناانصافيون ۽ دهشتگردي ختم نه ڪندا ته ننڍي سطح تي به اهي ڳالهيون ختم نه ٿي سگهنديون. مشهور عربي پهاڪو آهي ته " الناس علي دين ملوڪهم" ماڻهو پنهنجي وڏن يا بادشاهن جي روين جي پيروي ڪندا آهن. جيڪڏهن آمريڪا ليبيا تي ان جي ملڪ ۾ هوائي حملا ڪندو يا غنڊه گردي ڪري پاڪستان مان ماڻهو گرفتار ڪري کڻي ويندو يا پاڪستان ۽ سوڊان تي ميزائيل هڻندو ته پوءِ اهو ئي جواز ٻين لاءِ ساڳيو عمل دهرائڻ لاءِ پيدا ٿي پوندو.

جيڪڏهن مختلف بهانا بڻائي عراق کي تباهه ڪندو ۽ معصوم انسانن جو خون ڪندو ته دنيا ۾ نفرتون وڌنديون ۽ اهڙا ئي بهانا بڻائي ڪٽڙا انسان يا هڪڙا ملڪ ٻين تي حملو ڪندا. آمريڪا پهريائين حملي ڪرڻ لاءِ قانون پاس ڪيا آهن جيڪي انسان جي بلڪل خلاف آهن ۽ انهن جي نفي ڪن ٿا.

اهڙي طرح سان رياستي ادارا دهشتگردي ۽ انساني حقن جي لتاڙ پنهنجن فوجن يا جاسوس ادارن يا پوليس جي ذريعي جاري رکندا ته پوءِ عام ماڻهو به پنهنجي انتقام جي باهه کي ٺنڊو ڪرڻ لاءِ ڏوهن ۽ دهشتگرديءَ جهڙي گندي ۽ ڪڌي عمل تي لهي ايندا. جيڪڏهن دهشتگردي بند ڪرائڻي آهي يا گهٽائڻي آهي ته پوءِ وڏن ملڪن کي وڏن ماڻهن کي وڏن ادارن کي رياستي تشدد ۽ دهشتگردي ۽ انساني حقن جي لتاڙ کي هر طرح جا آئيني، قانوني ۽ دولت جي صحيح ورڇ وارا سڌارا آڻي انهن کي نيڪ ڪرڻو پوندو ۽ انصاف کي صحيح طرح جاري رکڻو پوندو. نه ته ٻي صورت ۾ دهشتگردي ۽ ڏوهن تي واويلا ڪرڻ اجائي آهي. سياڻن ماڻهن ۽ ماهرن جو ڪم آهي ته ڇنڊ ڇاڻ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صحيح صورتحال عوام آڏو پيش ڪن ته ڪين مسئلن جي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي.
انهيءَ سان گڏ ڏاهن، دانشورن، اديبن ۽ استادن کي کپي ته علمي ۽ قلمي جهاد سان گڏوگڏ زباني جهاد به جاري رکن.بين سيني ميڊيائن سان گڏ مائوٽ ميڊيا کي به استعمال ڪن. علم ۽ چڱائيءَ جي چرپر ڪرڻ لاءِ نڪري پون ۽ سڀ وسيلا ڪتب آڻين ته من ذهني انقلاب جون راهون کلي پون ۽ پوءِ اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته ڪجھ تبديلي ايندي. لطيف سائين جي ڏسيل راھ تي عمل ڪرڻ کپي:

" سونهان سڏيون ڏين هن ديواني درياھ جون،
ڪوڙ اوڏائي ڪين ڪي رڳو سچ سودين،
عجز جو اڏ رات ڪي وکر وهائين،
سات نيايو نين ثابت انهيءَ سير مان."

باقي سيني انسانن کي منجهايو ۽ مايوس به اهڙن رهنمائن ڪيو آهي، جيڪي عوام سان سچا نه آهن. جيئن شاھ صاحب چيو آهي:

سونهان چائين سڌ پئين سسئي پچ مَ سي،
متان ٿئي توکي منجهائين، مارڳ ۾.

دهشتگردي کي دهشتگردي سان ختم يا متائي نه سگهبو بلڪ انهيءَ لاءِ صحيح ڄاڻ يعني "سڌ" وٺڻي پوندي جنهن سان دهشتگردي کي ختم ڪري سگهبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سٺي حڪومتي نظام جون ضرورتون ۽ خوبيون

انسان ڪروڙها سالن کان وٺي ڪئي ارتقائي منزلون طئي ڪري اچي گڏجي رهڻ جي منزل کي پهتو. شايد انهيءَ منزل تي " انسان" جو نالو پيس، ڇاڪاڻ ته لفظ انسان ٺهي نندي لفظ مان نڪتو جيڪو آهي انس يعني پيار ڪرڻ، محبت ڪرڻ. انهيءَ خوبيءَ جي ڪري گڏجي رهڻ سکيو. گڏجي رهڻ ڪانپوءِ ڳوٺ ۽ شهر ٻڌائين ۽ اهڙي طرح سان هلندي هلندي قومون ۽ ملڪ ٺهيا. ملڪن جو بنياد هڪ قوم يا ڪجهه قومن ۽ قوميتن جي گڏجي رهڻ جي معاهدي جي ڪري ٻڌجي ويو.قوم سڏجڻ جي لاءِ زبان، زمين ۽ ثقافت لازمي جزا آهن. مختلف قبيلن جي باهمي لڙاين جي ڪري سردار، حاڪم ۽ بادشاهه ۽ شهنشاهه پيدا ٿيا ۽ زمين جي مختلف ٽڪرن، وڏن حصن تي پنهنجا قبضا ڄمائي ويٺا رهيا. طبقاتي ڪشمڪش به پئي جاري رهي ۽ ڪجهه تبديليون وقت گذرڻ سان گڏ اينديون رهيون.

انسان جي مٿان قابض رهڻ جي لاءِ قبيلائي طاقت ۽ پوءِ لشڪر يا فوجي طاقت ڪانسواءِ عام انسانن جي جهالت جو فائدو وٺي هوشيار ماڻهن ڪيترن حرفتون به پئي استعمال ڪيون، جن مان هڪ اها به هئي ته سرداري يا بادشاهت الله تعاليٰ جي طرفان ڪجهه ماڻهن کي مليل هئي. ماڻهن جي معاشي استحصال جا اهي ۽ ڪجهه ٻيا طريقا استعمال ٿيندا رهيا. آخر ماڻهن خدا جي طرفان بادشاهي واري خيال کي نه مڃيو ۽ پنهنجي طرفان سنڌن چونڊيل نمائندن جي ذريعي حڪومتي نظام وارو طريقو رائج ٿيو، جنهن کي پاڻ اڄ ڪلهه جي زبان ۾ جمهوريت ٿا چئون.

دنيا جي گهڻن ملڪن ۾ هن وقت جمهوري نظام رائج آهي پر سندس شڪليون ڪجهه مختلف آهن. مثال طور سڌي جمهوريت،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڻ سڌي جمهوريت، پارلياماني جمهوريت، وحداني جمهوريت. هر ملڪ پنهنجي ضرورتن آهر پنهنجن ماڻهن جي مرضيءَ مطابق طريقا منظور ڪري انهن طريقن سان ٿي سندن چونڊيل نمائندا ايندا ۽ حڪمرانيءَ جو فرض ادا ڪندا. انهيءَ ڪري جمهوري حڪومت کي ماڻهن جي حڪومت، ماڻهن منجهان ٿي حڪومت ۽ ماڻهن جي لاءِ ٿي حڪومت کي جمهوري حڪومت چئبو آهي.

ملڪ جي سيني ماڻهن جي مرضي يا معاهدي کي سماجي معاهدو "شوشل ڪنٽرئڪٽ" (Social Contract) يا آئين يا دستور (Constitution) ڪري سڏبو آهي. هي هر ملڪ جو بنيادي دستاويز هوندو آهيءَ ان مطابق ملڪ جو نظم ۽ نظام هلائبو آهي. شروع ۾ اقتدار سردارن، حاڪمن، بادشاهن يا سندن نوازيل ماڻهن يعني جاگيردارن، نوابن، زميندارن جي قبضي ۾ هئو، تنهن ڪري انهيءَ ئي بالادست طبقي جي ماڻهن ڪوشش ڪئي ته ڪنهن به طرح سان اقتدار تي سندن قبضو جاري رهي، انهيءَ لاءِ هن طبقي هميشه مختلف حربا، طريقا ۽ چالاڪيون استعمال ڪيون ته جيئن اقتدار تي سندن قبضو جاري رهي. اقتدار ۽ وسائل تي هن طبقي پنهنجو قبضو ان ڪري جاري رکيو ته دنيا ۾ هو پنهنجي عيش ۽ آرام کي قائم رکي سگهن. هن ئي بالادست ۽ چالاڪ ماڻهن هميشه ڪان وني پيين ماڻهن جي محنت ۽ پورهئي تي ئي پٺي عيش ڪيا آهن ۽ پورهئي ۽ محنت ڪرڻ وارن جي حالت گهڻو ڪري سڻي ڪانه رهي آهي. اجا تائين اها مظلوم ۽ ظالم واري جنگ جاري آهي.

پر هاڻي تعليم ۽ ذرائع نقل و حمل يعني مختلف ميڊيا جي ترقيءَ ڪانپوءِ انسان سجاڳ ۽ سڄاڻ ٿيا آهن ۽ سڄي دنيا ۾ پنهنجن حقن لاءِ گهر ڪن ٿا. اهڙن ماڻهن جي جدوجهد جي ڪري بنيادي انساني حقن جا پڌرناما به جاري ٿيا ۽ هر هنڌ انسانن جي جاڪوڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاري آهي تہ ڪين بنياد سهولتون بہ ملڻ گهرجن. انهيءَ ڪري سچي دنيا جي ڏاهن ۽ سيبتن ماڻهن اها گهر ڪئي آهي تہ سيني انسانن جون بنيادي ضرورتون يعني بنيادي حق ۽ سهولتون سيني حڪومتن جو فرض آهي تہ مهيا ڪري ڏين.

انهيءَ ڪري هر هنڌ اهو تصور اڀريو تہ سٺو حڪومتي نظام هئڻ لازمي آهي. يعني (Good Governance) هئڻ کپي. پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ سٺو حڪومتي نظام ڪيئن اچي ۽ ان جون گهٽ ۾ گهٽ ڪهڙيون خوبيون هئڻ کپن؟ سٺو حڪومتي نظام عام ماڻهن ۽ حڪومت جي هڪٻئي تي اثرانداز ٿيڻ سان ايندو ، عوام سجاڳ ٿيندو ، پنهنجن حقن لاءِ جدوجهد ڪندو ۽ پر امن طريقن سان يا انقلابي طريقن سان غلط حڪمرانن کي مجبور ڪندو تہ اهي اقتدار ڇڏين ۽ نت نوان نوان سڌارا نافذ ڪرائيندو رهندو ، جيستائين سٺو حڪومتي نظام قائم ٿئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪي فرد عوام جا وڏيڪ گهٽگهرا ۽ هڏ ڏوکي هوندا آهن ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪڏهن موقعو ملي ويندو آهي تہ اهي عوام جو ڀلو ڪندا آهن ۽ ڪن کي جيڪڏهن وڏيڪ موقعو ملي ويندو آهي تہ اهي ڪجهہ بنيادي تبديليون بہ آڻيندا آهن.

بهرحال پائيدار طريقا عوام جي پنهنجي سجاڳي ۽ جدوجهد آهي ، جنهن لاءِ سيني کي ڪوشش ڪرڻي پوندي. پڙهيل ۽ سمجهدار دوستن کي ذميواري وڏيڪ محسوس ڪرڻ گهرجي تہ اهي انهيءَ جدوجهد کي تيز ڪندا رهن. جيستائين پنهنجي منزل يعني "سٺو حڪومتي نظام" حاصل ڪن ۽ پوءِ لڳاتار محنت ، ڪوشش ۽ ڪڙي نگرانيءَ جي ذريعي اهڙي نظام کي قائم ۽ دائم رکن. اهڙي سٺي حڪومتي نظام جون گهٽ ۾ گهٽ خوبيون ۽ ضرورتون قارئين جي پيش خدمت ڪجن ٿيون:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1- سٺي حڪومتي نظام ڪي هلائڻ ۽ قائم رکڻ واري حڪومت ڪيئن اچي. انهيءَ لاءِ سياسي پارٽين جا اصول ۽ چونڊ نظام ڪي سڌارڻو پوندو. عوام جي حڪومت تڏهن سمجهبي جڏهن عام ماڻهو حڪومتي نظام جو حصو بڻجي سگهندو. انهيءَ لاءِ سڄي يورپ جي ملڪن جي رجحان ڪي خيال ۾ رکي چونڊ تڪ ۽ انتظامي تڪ ناهڻا پوندا ته جيئن عام پڙهيل، دانشور، وڪيل، عالم چونڊن ۾ حصو وٺي سگهن ۽ معمولي محنت ۽ خرچ ڪرڻ سان سندن جي لاءِ چونڊ لڙڻ آسان هجي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته پنجاهه هزار جي آدمشماريءَ تي هڪ تڪ ناهي پوءِ سڄي ملڪ ۾ نيون چونڊون ڪرائي هڪ عوامي اسيمبلي آڻجي جيڪا ملڪ جي عام ماڻهن جي مرضيءَ مطابق آئين ڏئي ۽ قاعدن، قانونن کي عام ماڻهن جي ڀلي لاءِ ناهي ۽ نافذ ڪري. هن وقت جا قانون، قاعدا ۽ آئين پئسي وارن وڏن ماڻهن پنهنجي لاءِ ناهيا ۽ انهن مان عوام جو ڀلو ڪڏهن به ڪونه ٿيندو!

2- عوامي چونڊيل نمائندن جي اچڻ ڪانپوءِ انهن جي حڪومت جي آئين، قاعدن، قانونن کي ٺيڪ ڪرڻ ڪانپوءِ وڏي ذميواري اها هوندي ته انسانن کي سڌارڻ تي وڌ کان وڌ توجهه ڏين، جيئن اڄ ڪلهه چيو وڃي ٿو ته، انساني وسيلن جي ترقي هيومن ريسورس ڊولپمينٽ) (Human Resource Development)جنهن لاءِ ضروري آهي ته هر فرد کي مفت ۽ سٺي تعليم ڏني وڃي، جنهن ۾ سائنسي، فني، هنري ۽ اخلاقي تعليم شامل هجي. جيڪڏهن انسانن کي سڌارڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي ته سمجهبو ته حڪومتي نظام ۽ حڪومتون سٺيون ڪونه آهن. اسان جي ملڪ ۾ ماڻهن کي سڌارڻ جي بجاءِ موالي، گداگر، جاهل، سست ۽ ڪاهل بڻايو ٿو وڃي، تنهن ڪري هي ظالماڻو نظام آهي، جنهن ۾ گهٽ تولن سان ٻلڪي وڏي حصي سان ظلم ڪيو ٿو وڃي، تنهن ڪري هي نظام جلد تبديل ٿيڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسلام اڳ ۾ چيو تہ "وامرھم شوريٰ بينهم". انهن جو سڄو حڪومتي نظام صلاح مشوري سان هلندو ۽ سڀاڪار وهنوار گهر کان وٺي حڪومت تائين مشورن سان هلندا.

اسان جي ملڪ ۾ تعليم لاءِ هڪ سيڪڙو بجيٽ رکي وڃي ٿي، جنهن مان سڌارو ڪونہ ٿي سگهندو. بين سڌريل ملڪن ۾ تعليم تي 20 سيڪڙو کان وڌيڪ بجيٽ جو حصو تعليم تي خرچ ڪيو ويندو آهي. جيستائين انساني وسائل کي هر طريقي سان نہ سڌاربو تہ ملڪ بہ ترقي نہ ڪري سگهندو.

3- عوامي سني حڪومتي نظام جي خوبي اها آهي تہ تعليم کانپوءِ وڏ ۾ وڏ زور صحت تي ڏنو ويندو، ڇاڪاڻ تہ جيستائين انسان جي صحت صحيح نہ هوندي تہ هنن جو جسم ۽ ذهن صحيح ڪم ڪري نہ سگهندا. اسان جي ملڪ جي عوام دشمن حڪومتن ڄاڻي ٻجهي صحت جي سڄي نظام کي نظرانداز ڪيو آهي، جنهن جو نتيجو هي آهي تہ هن وقت عام ماڻهو صحت جي ڪري سخت پريشان آهي. صحت تي حڪومت بجيٽ جو صرف اڌ سيڪڙو خرچ ڪري ٿي، جڏهن تہ سڀني سڌريل ملڪن ۾ صحت تي گهٽ ۾ گهٽ 5 ۽ گهٽا ملڪ تہ 20 سيڪڙو بہ خرچ ڪن ٿا، ان ڪانسواءِ غلط پاليسين جي ڪري دوائن ۽ علاج جو خرچ ايترو تہ مهانگو ڪيو ويو آهي جو عام ماڻهو تہ ڇڏيو پر وچولو طبقو بہ سخت پريشان ٿي پيو آهي. هڪ ڪيپسول جيڪو اسان وٽ 20 روپيا آهي پر ٻئي ملڪ ۾ هڪ روپئي ۾ ملي ٿو.

4- سني حڪومتي نظام جي چوٿين خوبي اها آهي تہ ملڪ ۾ عدل وارو نظام تمام بهتر هوندوآهي ۽ هر عام ماڻهوءَ کي سنو، سستو ۽ ترت انصاف پلئہ پوندو آهي. پر اسان جي ملڪ ۾ انصاف نالي جي ڪا شيءِ آهي ئي ڪانہ! جيڪو ڪجهہ آهي اهو بہ مهانگو ۽ سالن جا سال ماڻهو انصاف لاءِ ڪورٽن جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي خوار خراب ٿين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تا . پوءِ بہ ڪيترن ڪي پنهنجي حياتي ۾ فيصلي ٻڌڻ جي توقع ڪانہ هوندي آهي . ان ڪري سول معاملن لاءِ عوامي سنڌي ماڻهن جو مشاهدو هنن لفظن مان چڱيءَ طرح سان ظاهر آهي تہ ، ("سول آهي ڪول"ا) مطلب تہ سول ڪيس ڪورٽن ۾ ڍرا هلندا آهن.

اسان جي ملڪ جي بہ اعليٰ عدالتن جو ساڳيو ئي حال آهي.

انهن کي بالادست طبقي سياستدانن جي قبضي ۾ ڏئي ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري اهي سندن خواهش مطابق فيصلا ٻڌائيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪو چڱو جج يا آفيسر جيڪڏهن ڪو آزادانو فيصلو ڏيندو يا ڪو ڪم ڪندو آهي تہ جلد انهيءَ کي ڪدي لائين حاضر ڪيو ويندو آهي ، جنهن جو انتظام هن نظام ۾ اڳ ئي ٺيل هوندو آهي.

5- سني حڪومتي نظام جي پنجين خوبي اها هوندي آهي تہ هن ۾ اعليٰ حڪمرانيءَ کان وٺي ننڍين عملدارن تائين احتساب جو نظام تمام بهتر هوندو آهي ۽ گهٽو ڪري رشوت ختم ڪئي ويندي ۽ ٿي ويندي آهي. پر اسان وٽ هٿ وٺي رشوتي نظام کي قائم رکيو ويندو آهي. جيئن چيو ويندو آهي تہ " ڪانو کي لڏ ۾ مزو" ائين هتان جي حڪمران ۽ وڏن آفيسرن کي رشوتي نظام ۾ مزو ايندو آهي ۽ انهن رشوتي پئسن تي پنجاهہ سال مزا ماڻيا آهن ، جنهن ڪري ڪنهن جو صحيح احتساب نہ ڪيو ويو آهي. انتقامي ڪارروائيون ۽ يڪ طرفو احتساب تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪيو ٿو وڃي ، پر صحيح اصولي طرح سان انصاف تي ٻڌل احتساب هتي ڪڏهن بہ ڪنهن جو بہ ڪونہ ٿيو آهي ۽ نہ وري هتان جا حڪمران ٽولا ۽ آفيسر شاهي جا نمائندا چاهين ٿا تہ ڪو احتساب جو سٺو صحيح نظام قائم ٿئي. هنن حڪمرانن ۽ نام نهاد جمهوريت جي رکوالن مان اها توقع بہ ڪانہ آهي تہ ڪو احتساب جو نظام قائم ڪندا.

جڏهن تہ چونڊيل نمائندا ڪروڙين روپيا خرچ ڪري چونڊجي اچن ٿا تہ پوءِ انهن جي پهرين ترجيح ئي اها آهي تہ آفيسر شاهي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳڻ جوڙ ڪري پئسا ڪمائين. ان ڪري هن اميروڪريسي نظام مان اميد ڪرڻ تہ هي ڪو سٺو نظام قائم ڪندا اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي. وڏ پر وڏ ڊونگ طور ڊيڪارڻ لاءِ پنهنجن مخالفن کي ڪجهہ انتقام جو نشانو بڻائيندا آهن، پر حڪومتن جا نمائندا ۽ مخالف ڌر هڪ اڻ لکيل مفاهمت تحت هڪٻئي کي گهٽو نقصان ڪونہ ڏيندا آهن، صرف ڏيکاءُ ڪندا آهن.

6- سٺي حڪومتي نظام ۾ پيداواري طبقي يعني هاري ۽ مزدور جي حالت سڌارڻ لاءِ ضروري سڌارا ڪيا ويندا آهن. انهن ٻن طبقن کانسواءِ ڪنهن بہ ٻئي مفت خور طبقي کي پيداواري عمل ۾ شامل سمجهڻ ڏوکو آهي، انهن ٻن طبقن جي پيداوار تي باقي سڀ فرد پلجن ٿا پر انهن ٻن طبقن جي حالت زار تي ڪنهن کي بہ ڪو قياس يا ڪهڪاءُ ڪونہ ٿو اچي. هارين لاءِ زمين " جيڪو کيڙي سو کائي" جي بنياد تي ڏني وڃي ۽ مزدورن لاءِ سڌارا آڻي انهن کي ڪارخانن جي منافعي ۾ شريڪ بڻايو وڃي تہ جيئن انهن ٻنهي طبقن جي حالت سڌري سگهي، انهيءَ کانسواءِ ملڪ جي حالت ڪانہ سڌرندي. تنهن ڪري سٺي حڪومتي نظام جي اهم ذميواري ۽ اهم ڪم هاري ۽ مزدور جي حالت سڌارڻ آهي.

7- سٺي حڪومتي نظام جو مقصد ۽ ٻي اهم خوبي اها هوندي آهي تہ، ملڪ جي پيداوار وڌائڻ لاءِ هر طرح جي ڪوشش ونندي آهي. پيداوار وڌائڻ کانسواءِ ڪوبہ ملڪ ترقي نہ ڪري سگهندو ۽ پيداوار بہ اها جيڪا برآمد ڪري سگهجي ۽ ٻاهران ناڻو ڪمائي سگهجي. سڀ ملڪ جي پيداواري شين يعني زمين، پاڻي، انسان ۽ معدني وسيلا آهن. انهن سڀني کي سڌارڻو پوندو ۽ انهيءَ لاءِ وري سڀ تعليم جي نظام کي انهن بنيادن تي بدلائڻو پوندو تہ انهن پيداواري ذريعن کي ڪيئن ۽ ڪهڙن عملن جي وسيلي سڌارجي، انهيءَ لاءِ صحيح ۽ اعليٰ قسم جي رٿابندي ڪرڻي پوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان جي ملڪ ۾ اهڙي ڪا به ڪوشش ڪانه ٿي آهي. جنهن ڪري نه ته ملڪي نظام سڌريو آهي ۽ نه وري پيداوار ۾ ڪو خاطر خواهه اضافو ٿيو آهي. جنهن ڪري ملڪ پوئتي پوندو ٿو وڃي.

8- سٺي حڪومتي نظام ۾ امن امان قائم رکڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن امن امان نه هوندو ته ملڪ ۾ صنعتي ترقي نه ٿي سگهندي. سيڙپڪار هميشه اها ڳالهه خيال ۾ رکندو آهي ته ڪٿي سندس موڙي ٻڏي ته نه ويندي، تنهن ڪري ان جي نظر هميشه امن امان تي هوندي آهي. جيڪڏهن امن امان حالت نه سڌرندي ته ٻاهرين ملڪن جا سرمائيڪار به سيڙپڪاريءَ ۾ حصو نه وٺندا ۽ جيڪڏهن ماڻهن کي جان جو خطرو هوندو ته پوءِ ماڻهن انهيءَ علائقي ۾ رهڻ به پسند نه ڪندا. امن امان وري حڪومتي انتظامي نظام، عدل ۽ انصاف تي دارومدار رکي ٿو.

تنهن ڪري سڄي نظام کي تمام گهڻن سڌارن جي ضرورت آهي. هن وقت تائين جيڪي به حڪومتون آيون آهن يا جن ۾ ليڊرن وقتن به وقتن عوام سان مختلف واعدا ڪيا آهن، اهي گهڻو ڪري ڪوڙا هئا ۽ عوام کي صرف ڏٽن تي ٽرڪائڻ پيا چاهين. تنهن ڪري هر اليڪشن ۾ نيون حرفتون ۽ چالاڪيون ۽ نوان ڪوڙا واعدا ڪري ۽ ڏتا ڏئي پئي عوام کان ووٽ ورتا اٿن، پر عوام چونڊن کانپوءِ وسري ويندو اٿن. انهيءَ ڪري عوام ويچاري جي حالت نه سڌري سگهي آهي.

9- سٺو حڪومتي نظام مالياتي ادارن کي اهڙي طرح سان هلائيندو ته جيئن اهي وڏن ماڻهن جي ڦرلٽ جو ذريعو نه بڻجن. هن وقت سڀ مالياتي ادارا صرف عوام الناس ۽ وچولي درجي جي پگهر جي پورهئي ۽ رت ست جي ڪمائي ڦرڻ جا تمام سٺا، سهڻا ۽ خوبصورت ذريعا آهن. بينڪن مان ڪنهن به غريب کي ڪنهن مدد ملڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي توقع ڪانہ آهي. قرض وٺڻ لاءِ سخت شرط رکيا اٿن، جيڪي غريب عوام پورا نٿو ڪري سگهي. سودي نظام جنهن جي اسلام سخت منع ڪئي آهي، پر انهيءَ کي قائم رکيو ٿا اچن. جاڪاڻ تہ دنيا جا يهودي اهو سودي نظام هلائڻ ٿا چاهين. سودي نظام هميشہ غربت وڌائيندو، انهيءَ کي ختم ڪڏهن ڪرڻ نہ چاهيندو، تنهن ڪري تمام وڏي ضرورت آهي تہ سيني مالياتي ادارن ۾ تمام سٺا ۽ بهتر طريقي وارا سڌارا ڪيا وڃن، جيڪي اسلامي تعليمات جي عڪاسي ڪن ۽ دولت کي چند ماڻهن هٿن ۾ جمع ٿيڻ کان روڪين ۽ عوام جي خوشحال زندگيءَ جي ضمانت ڏئي سگهن ۽عوام جي سک ۽ خوشحالي حاصل ڪرڻ لاءِ هر طرح جي مدد ڪن.

چند لفظن ۾ جيڪڏهن سٺي حڪومتي نظام جي وصف بيان ڪجي تہ اهو نظام هيٺين سيني لفظن جو پاڻ پورائو ڪندو ۽ اهو خيال رکيو ويندو، اهي سڀ عوامي گهرجون آهن جيڪي هر حڪومت ۾ هر صورت ۾ عوام کي مهيا ڪري ڏنيون وڃن.

"روزگار، روٽي، ڪپڙا، مڪان،

تعليم، صحت، انصاف، امن امان."

عوام کي بہ پاڻ خيال رکڻ کپي تہ هو هر حڪومت کان، سياسي رهنمائن کان ۽ سياسي پارٽين کان اهو مطالبو ڪن تہ هي اسان جا سڀ مطالبا هاڻي پورا ٿيڻ گهرجن. ڏٺن، ٺلهن نعرن، فريب ۽ چالاڪين ۽ حرفتن جو وقت گذري ويو آهي، انهيءَ نموني جي عملي جدوجهد سان سٺي عوامي اسلامي حڪومت قائم ٿي سگهندي.

انهيءَ ڪري هاڻي ضروري ٿي پيو آهي تہ، سياڻا، ساڃاهہ وند ۽ سيبتا ماڻهو اها ڪوشش وٺن تہ سٺو حڪومتي نظام اچي ۽اهو ڪوشش وٺي ملڪ ۾ماڻهن جو سڌارو ڪري، پر انهيءَ لاءِ عام ماڻهن کي جاڳڻو پوندو ۽ جدوجهد ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن عام ماڻهو اجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ آسرن ۽ ڏتن تي اعتبار ڪندو ۽ هلندو ۽ وڏن ماڻهن جي پويان اکيون
پوري پروسو ڪندو تہ ملڪ جي سڌرڻ جو ڪوبہ رستو ۽ موقعو ڪونہ
آهي.

عوام ئي جدوجهد ڪندو ۽ پنهنجن حقن ۽ سهولتن وٺڻ لاءِ
زبردست قسم جا احتجاج ڪندو تہ پوءِ حڪومتي نظام جي تبديل
ٿيڻ جا امڪان آهن. نہ تہ " ساڳيا لاٿون ساڳيا چگهہ".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظام جي تبديليءَ جون گهڻ ۾ گهڻ ضرورتون

هن وقت اسان جو ملڪ شديد قسم جي بحرانن جي ور چڙهيل آهي. خاص طرح سان حڪمران طبقن جي عيش عشرتون ۽ عوام الناس جو استحصال جنهن جي ڪري هر سلجهيل انسان مختلف پريشانين جو شڪار ٿي پيو آهي ۽ انهن پريشانين کي ختم ڪرڻ لاءِ يا انهن مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ سوچي رهيو آهي. ڪجهه دانشور دوست ، سياسي ۽ سماجي شخصيتون مختلف قسمن جا بيان ڏئي رهيون آهن ، پر انهن سيني ۾ وڌ کان وڌ مطالبو ڪيو تو وڃي ته نظام تبديل ٿيڻ ڪپي. باقي صرف چهرن جي بدلي ڪرڻ سان ماڻهن جو ڀلو نه ٿيو آهي نه وري ٿي سگهندو.

اسان جي ملڪ تي شروع کان وٺي جاگيردار ۽ زميندار طبقي جو قبضو رهيو آهي ، انهن پنهنجي مخصوص طريقن سان ملڪ جي اقتدار تي پنهنجو قبضو ڪيو ۽ انهيءَ قبضي کي جاري رکندا پئي آيا آهن. صنعتي ترقيءَ لاءِ سرمائيدار طبقي کي پيدا ڪين پر انهن کي به اقتدار کان پري رکندا آيا ۽ ڪافي عرصي کانپوءِ انهن کي به اقتدار ۾ شريڪ ڪين. سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي اٽڪلن جي ڪري وقتن به وقتن فوج ۽ آفيسر شاهي کي اقتدار تي قبضو ڪرڻو ٿي پيوءِ اهڙي طرح سان فوج ۽ آفيسر شاهي به اقتداري ذرين ۾ شامل ٿي وئي ۽ هن ملڪ ۾ چئن جي مخصوص ٽولي جي گٺ جوڙ هتان جي عوام جو شرمناڪ استحصال ڪيو.

انهن سيني گڏجي خوب رشوتون ، ڪميشنون ، ڪڪ بئڪس (Kick- Backs) ڪاڏيون ۽ عوام جي پئسي تي بي ڏڙڪ عيش ڪندا رهيا آهن. لڳاتار اهڙي روش جي ڪري هن ملڪ جي اقتصادي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معاشي حالت خراب کان خراب تر ٿيندي رهي ۽ اجا بہ ڏينهون ڏينهن بدتر ٿيندي وڃي ٿي. هن چئن جي مخصوص " مقدس" گروهہ کڏهن بہ اهو شرم محسوس نہ ڪيو تہ هتان جي غريب هاري ۽ پورهيت مزدور جي کهڙي نہ ابتر حالت آهي، انهن کي زندگيءَ جي ڪابہ سهولت ميسر نہ آهي. انهن کي مناسب اجهو ڪونهي. انهن کي تعليم جي ڪابہ سهولت ڪانهي، جو تہ تعليمي نظام هٿ وٺي تباهہ ڪيو اٿن ۽ اهڙي طرح سان انهن جي صحت جو ڪوبہ معقول بندوبست ڪونهي. انهن جي عورتن، ٻڍڙن ۽ ٻچن جو ڇڻ تہ ڪوبہ اوهي واهي ڪونهي. خوفناڪ بيروزگاريءَ جي ڪري سخت پريشان آهن ۽ انهن مان ڪي پنڻ تي مجبور تہ ڪي وري نشي آور شين ۾ مخمور ۽ اقتدار ڌڻي وري شراب جي نشي ۾ چور، اهڙين حالتن ڪي ڏسي عوام جا هڏ ڏوکي دانشور، سماجي ۽ سياسي شعور رکندڙ دوست رڙين ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا آهن تہ هن ملڪ جي قسمت بدلائڻ لاءِ نظام تبديل ٿيڻ گهرجي تہ جيئن هن چئن جي گروهہ يعني وڏي زميندار، سرمائيدار، باوردي ۽ بي وردي آفيسر شاهي جي عياش ٽولن مان عوام کي نجات ملي ۽ هن ملي ڀڳت کي ختم ڪري ڪو نئون نظام جوڙجي، جنهن مان هتان جي عوام کي سک ملي سگهي. انهن ٽولن جي عياشي ۽ رشوت خوريءَ جا ڪافي ڏکيا داستان هاڻي اخبارن جي زينت بڻجي چڪا آهن، تنهن ڪري انهن تي وڌيڪ لکڻ جي ضرورت محسوس ڪونہ ٿي ٿئي.

نظام جي تبديليءَ لاءِ سيني ساڃاهہ وند ماڻهن کي وڏي جدوجهد ڪرڻي پوندي. انهيءَ ۾ قلمي ۽ عملي جدوجهد ٻئي شامل آهن، سيني دوستن کي گهرجي تہ انهيءَ لاءِ پنهنجن راين جو اظهار ڪن. آءٌ سمجهان ٿو تہ نظام جي تبديلي تڏهن اچي سگهي يا ايندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن گهٽ ۾ گهٽ هيٺين چند شعبن ۾ گهربل ۽ ضروري سڌارا آندا وڃن.

1- آئيني سڌارا:

. جيستائين ملڪ جو آئين نہ سڌرندو تہ حالتون بہ ڪونہ سڌرنديون. سڀ دانشور ۽ قانوندان پنهنجا پنهنجا رايا ڏين تہ آئين ڪي ڪيئن بهتر ڪان بهتر بڻائجي. ڪجھ ملڪن جي آئينن ڪي سامهون رکي سگهجي ٿو. مثال طور، انگلينڊ، آمريڪا، اٽلي، فرانس، جرمني، ترڪي، ايران، چائنا، انڊيا، رشيا، جپان ۽ ڪجھ ٻين يورپي ملڪن جا نالا وٺي سگهجن ٿا. جيستائين وسيع بنيادن تي عوامي جمهوريت قائم نہ ڪبي تيستائين عوام جو ڀلو ڪونہ ٿي سگهندو.

هن وقت اسان وٽ نام نهاد جمهوريت آهي، جنهن ڪي ڪنهن بہ طرح سان جمهوريت چئي ڪونہ ٿو سگهجي. اسان جي آئين ۾ اسيمبلي تڪن لاءِ ميمبرن لاءِ پبلڪ يا پاپوليشن جو ڪوبہ يونٽ قائم نہ ڪيو ويو آهي، جيئن يورپ جي ملڪن لاءِ آهي. مثال طور، انگلينڊ ۾ 75 هزار ماڻهن جي آباديءَ تي هڪ نمائندو آهي، اٽليءَ ۾ 50 هزار ماڻهن تي هڪ نمائندو آهي ۽ سئٽزرلينڊ ۾ 30 هزار ماڻهن تي هڪ نمائندو آهي، اهڙي طرح سان ٻين يورپي ملڪن ۾ بہ آهي، پر هتي اسان جي ملڪ لاءِ ڪابہ حد مقرر نہ ڪئي وئي آهي، نہ ئي وري انهيءَ طرح سان ۽ انهيءَ طرز تي انتظامي تڪ ناهيا ويا آهن. هتي وڏن ماڻهن پنهنجي مرضيءَ سان وڏا تڪ مقرر ڪرايا آهن تہ جيئن ڪوبہ وچولي طبقي جو ماڻهو هنن جي مقابلي ۾ بيهي ۽ چونڊ کٽي نہ سگهي.

تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هتي جمهوريت ڪونہ آهي، پر وڏن ماڻهن جو راڄ يا وڏ شاهي يا اليگارچي يا پليوٽو ڪريسي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سولي سنڌيءَ ۾ انهيءَ کي ڇڄبو اميروڪريسي يعني اميرن جي حڪومت! جڏهن گهٽ پئسن وارا ماڻهو اچي ڪاري جا مالڪ ٿيندا ته هو قانون به پنهنجي حق ۾ ناهيندا ۽ عوام لاءِ ڪجهه به ڪونه ڪندا.

اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين پاڪستان ۾ عوام جو پلوڪونه ٿي سگهيو آهي. عوام جا هڏ ڏوکي ڪنهن به طرح سان اقتداري دائري ۾ داخل ئي ڪونه ٿا ٿي سگهن. جيڪڏهن ڪو هڪ ٻه پيج لڳائو جاگيردارن ، سرمائيدارن جي مدد سان انهن جي ٽڪيٽ تي يا ڪو جاگيردار پنهنجي زور تي ڪنهن به سياسي پارٽيءَ جي مدد ڪانسواءِ چونڊ کٽي به اچي پر پوءِ به ڪنهن به تبديليءَ آڻڻ جي پوزيشن ۾ نه هوندو ، ڇاڪاڻ ته جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جون پارٽيون ئي هٿ ڪامياب ٿي سگهن ٿيون ۽ انهن جو ئي اقتدار تي قبضو رهندو.ان ڪري تمام ضروري آهي ته آئيني سڌارا آڻي عوامي جمهوريت آڻڻ جو بندوبست ڪجي ۽ پوءِ ئي هن ملڪ جي عوام جو ڪجهه ڀلو ٿي سگهندو.

ٻي صورت ۾ عوام جڏهن تنگ ٿيندو ته پوءِ ڪنهن انقلابي جدوجهد جي ذريعي هن غلط نظام کي ڊاهي پٽي پور ڪري ورِي به ساڳيو ئي عوامي جمهوري نظام نافذ ڪري عوام جي حقن ۽ سهولتن لاءِ سڌارا آڻيندو ، تنهن ڪري آئين ۾ هيٺيان سڌارا آڻڻ گهرجن:

(الف) اسيمبلين جا ٽڪ ننڍا ڪيا وڃن ، وڌ ۾ وڌ 50 هزار ڪان هڪ لک آدمشماريءَ تي هڪ نمائندو هجي. هڪ آزاد ۽ مڪمل خودمختيار اليڪشن ڪميشن اليڪشن ڪرائي.

(ب) مڪمل صوبائي خودمختياري هئڻ گهرجي.

(ت) اسيمبلي ميمبرن لاءِ گريجوئيٽ جو شرط لازمي هئڻ گهرجي.

(ث) عورتن کي 50 سيڪڙو نمائندگي ملڻ گهرجي ۽ سڌي چونڊ هئڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(ج) سينيٽ جون سيٽون وڌائي انهن لاءِ به سڌي چونڊ ڪرائجي.
(ح) ڪامياب ميمبرن کي 51 سيڪڙو ووٽ کڻڻ گهرجن، ٻي صورت ۾ وري اليڪشن ڪرائجي.
(خ) چونڊون غيرجانبدار، غير سياسي حڪومت ڪرائي، جيڪا نگران طور ٽن مهينن لاءِ وجود ۾ اچي ۽ اقتدار چونڊيل نمائندن حوالي ڪري ختم ٿي وڃي، جيئن بنگلاديش ۾ ڪيو ويو هو.
(د) بنيادي حقن ۽ بنيادي سهولتن جي ضمانت ڏنل هجي.
(ڏ) عدليه کي بلڪل آزاد ۽ خودمختيار هئڻ گهرجي.
(ر) عدليه ۽ انتظاميه کي بلڪل جدا ڪرڻ کپي.
سياسي سماجي ۽ قانوني ماهر انهيءَ ڪان به وڌيڪ بهتر تجويزون ڏئي سگهن ٿا.

2- قانوني سڌارا:

(الف) پوليس جي ظلمن کي ختم ڪرڻ لاءِ جلدي قانوني تبديليون آڻي سڌارا ڪيا وڃن.
(ب) انتظامي سڌارا آڻجن ته جيئن عوام کي مسئلن حل ڪرائڻ ۾ تڪليف نه ٿئي.
(ت) اهڙي طرح سان انڪم ٽيڪس ۽ ٻين قانونن ۾ تبديليون ڪري شهرين لاءِ سهولتون مهيا ڪن.

3- معاشي ۽ اقتصادي سڌارا:

(الف) زمينداري ختم ڪري جيڪو ڪيڙي سو ڪائي جي اصول مطابق حد مقرر ڪرڻ گهرجي.
(ب) مزدور طبقي جي پگهار کي مهانگائيءَ سان سلهاڙيو وڃي.
(ت) حڪمران طبقي ۽ آفيسر شاهي جا مراعات گهٽ ڪيا وڃن.

4- سماجي ۽ ثقافتي سڌارا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(الف) عوام جي تفريح ۽ سهولتن کي نظر ۾ رکندي سڌارا ڪيا وڃن.
(ب) غلط قسم جي رسمن رواجن کي ختم ڪيو وڃي.
(ت) سماجي برائين ۽ منشيات جي استعمال تي مڪمل بندش وڌي وڃي.
5- انتظامي سڌارا:
(الف) بهتر سستو ۽ ترت انصاف ملڻ کپي. جنهن لاءِ ضروري سڌارا ڪيا وڃن.
(ب) انتظامي مشينري عوام جي سک آرام ۽ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ هر طرح جا قدم کڻي.
(ت) نظام اهڙي طرح جو هجي. جنهن ۾ رشوت ختم ٿي وڃي.
(ث) عوام کي پنهنجي ڪم ڪار ۾ هر طرح جي سهولت هجي ۽ آسان طريقيڪار هجن.
6- مذهبي ۽ نظرياتي سڌارا:
(الف) مذهبي آزادي ڏئي سهپ پيدا ڪرڻ لاءِ سڌارا ڪيا وڃن ته جيئن فرقيواريت جنم نه وٺي سگهي.
(ب) غلط مذهبي رجحانن خلاف قانون سازي ڪئي وڃي.
(ت) صحيح مذهب سيني انساني حقن جي پاسداري ڪندو آهي.
7- سياسي پارٽين ۾ سڌارا:
سياسي پارٽين لاءِ به سڌارا ضروري آهي. ته جيئن اهي ڪنهن قاعدي قانون تحت هلن. هر پارٽيءَ کي پنهنجو آئين ۽ منشور هجيءَ ان عمل جي جاچ رکي وڃي ته اهي ان مطابق عمل ڪن. پارٽين کي پئسن جمع ڪرڻ لاءِ اجازت هجي پر انهن جا اڪائونٽ کليل هجن ۽ لکت ۾ هجيءَ هميشه چيڪ ٿي سگهن. آڊيٽر جنرل کي اختيار هجن ته هو هر سال پارٽي اڪائونٽس جي چڪاس ڪري.
8- اخبارن ۽ صحافت ۾ سڌارا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اخبارن ۽ صحافت لاءِ به قانون هجن ۽ انهن لاءِ ضابطہ اخلاق جو هجڻ بہ تمام ضروري آهي. هر ماڻهوءَ کي حق وٺڻ لاءِ ۽ انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ سهولتون هجن۽ گهٽ ۾ گهٽ خرچ ڪري هو پنهنجن حقن جي حاصلات لاءِ يا پنهنجي نقصان جي تلافي لاءِ ڪوشش ڪري انصاف وٺي سگهي.

9- بنيادي حقن ۽ بنيادي سهولتن کي آئين ۾بيان ڪري مڪمل محفوظ ڪيو وڃي ۽ انتظاميہ لاءِ ڪنهن بہ قسم جي ڪا گنجائش نہ هئڻ گهرجي تہ اها ڪهڙن بہ حربن سان انهن حقن جي پائمالي ڪري يا جاري رکي سگهي، جيئن اڄ ڪلهہ ٿي رهيو آهي. ڪورٽن ۾ (Law of Torts) کي رائج ڪجي تہ هر ماڻهو پنهنجن حقن لاءِ ڪيس ڪري سگهي ۽ ڪيس جو فيصلو ٽن مهينن اندر ٿيڻ کپي.ڪورٽ فيون ختم ڪيون وڃن ۽ خود وڪالت ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي.

10- سياسي نظام جيستائين نہ سڌرندو تہ پيا سڌارا صحيح نموني ڪونہ ٿي سگهندا ، تنهن ڪري مٿي بيان ڪيل سڀني سڌارن لاءِ آئين ۾ چڱي طرح سان وضاحتون بيان ڪجن ۽ خاص طرح سان چونڊ نظام جنهن ۾ گهٽي ڏانڌلي ٿيندي آهي، جنهن کي ختم ڪيو وڃي. انهيءَ لاءِ چونڊون هميشہ غيرسياسي حڪومت تحت ڪرايون وڃن ، اها صرف ٽن مهينن لاءِ وجود ۾ اچي ۽ چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن حوالي ڪري هلي وڃي. جيئن بنگلاديش ۾ ڪيو ويو آهي،جاڪاڻ تہ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ڪابہ حڪومت منصفاڻيون ،غيرجانبدار ۽ آزاداڻيون چونڊون ڪڏهن بہ ڪونہ ڪرائيندي آهي.

تنهن ڪري هتي اهڙيون تدبيرون ڪرڻيون پونديون تہ جيئن صحيح طرح سان قانونن مطابق انصاف سان عمل ٿي سگهي ۽ صحيح طرح سان عوامي جمهوريت لاءِ منصفاڻيون چونڊون ٿين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ جلد کان جلد مٿئين قسم جا سڌارا ٿيڻ کپن. نہ تہ اجا وڌيڪ مشڪل بحرانن ۾ ملڪ ڦاسي پوندو ۽ پوءِ انهيءَ ذهن مان نڪرڻ جو رستو نہ ليي سگهجي.

جيڪڏهن هي سڌارا ٿين تہ پوءِ چئي سگهبو تہ نظام جي تبديليءَ جي ڪوشش ٿي آهي.نہ تہ صرف اجائي بيان بازي ڪرڻ مان ڪو فائدو نہ آهي ۽ عوام جا مسئلا حل ڪونہ ٿا ٿين، ويتر حالتون خراب کان خراب تر ٿينديون ٿيون وڃن.

نظام جي تبديليءَ لاءِ عوامي حقن جي تحريڪ هلائڻي پوندي. انهيءَ لاءِ دانشور دوستن جا رايا اچڻ کپن تہ انهن جي روشنيءَ ۾ ڪو عملي جدوجهد جو رستو نڪري سگهي ٿو. بهرحال عوام کي پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي ۽ پرامن احتجاج ڪرڻا پوندا . جيستائين حق ملن يا سهولتون بحال ٿين. آفيسر شاهي کي ۽ حڪومتي نظام کي صرف عوامي هڏيءَ جي ذريعي کي جهڪائي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري عوام کي سجاڳ ٿي پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ هر قسم جون ويڙهيون وڙهڻيون پونديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇا نام نهاد جمهوري طريقو عوام جا مسئلا حل ڪري سگهي ٿو؟

پاڪستان کي قائم ٿئي وڏو عرصو گذري چڪو آهي. هي ملڪ ان لاءِ قائم ڪيو ويو هو ته هتي مسلمان کي پنهنجي مذهب مطابق زندگي گذارڻ جو موقعو ملندو. قائد اعظم به فرمايو ته مسلمان جي سوشل جسٽس مطابق رياستي نظام هلندو.

ملڪ قائم ٿيڻ کان سال کن پوءِ قائد اعظم رحلت ڪري ويو ڪن جي چوڻ مطابق ڪيس زهر ڏنو ويو. ان وقت کان وني سازشون شروع ٿيون، هڪ پاسي مضبوط مهاجر گروپ لياقت علي خان جي اڳواڻيءِ ۾ سرڪاري نوڪرين، ملڪيتن تي قابض ٿيو ته ٻئي پاسي وري پنجاب جي سربراهي مسٽر غلام محمد چوڌري محمد علي ۽ جنرل محمد ايوب خان شروع ڪئي. انهيءَ رساڪشي ۾ 1951ع ۾ لياقت علي خان کي به قتل ڪرايو ويو، جنهن جو اڃا سوڌو سوراخ نه ملي سگهيو.

لياقت علي خان کانپوءِ پنجاب مڪمل طرح سان مرڪزي اقتدار تي قابض ٿي ويو، جنهن ڪري مشرقي پاڪستان ۽ مغربي حصي جي ٻين ننڍين صوبن کي شڪايتون شروع ٿي ويون. مرڪزي استحصال جو خاص نشانو مشرقي پاڪستان ۽ سنڌ ٿي ويا ڇاڪاڻ ته هي ٻئي صوبا ان وقت پيداوار ۾ پنجاب کان وڌيڪ هئا.

مرڪز جي استحصال کي پڪي ڪرڻ لاءِ وري مغربي صوبن کي گڏي ون يونٽ ناهيو ويو ۽ پوءِ زبردستي مغربي پاڪستان کي هڪ جهڙائيءِ وارو اصول مڃائي پاڪستان ۾ صرف ٻه صوبا ناهيا ويا. اصولن ته مشرقي پاڪستان گهٽائي وارو صوبو ۽ ان کي آدمشماريءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي حساب سان حق گهٽا ملڻ گهرجن ها پر ائين نہ ڪيو ويو ۽ هڪ جهڙائي قائم ڪئي ويئي.

انهيءَ عرصي ۾ ڪوششون ٿينديون رهيون پر 1956ع تائين آئين نہ ٺهي سگهيو تنهن ڪري جمهوريت نہ اچي سگهي. سڪندر مرزا ان 1956ع واري آئين کي هلڻ نہ ڏنو. جڏهن ان وقت آئين تحت چونڊون ٿيڻ واريون هيون تہ جنرل ايوب خان ان آئين کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ جنرل ايوب ئي وري اسڪندر مرزا کي بہ هٽائي 1958ع ۾ مارشل لا لڳائي ڇڏيو. سياستدانن جي چال بازين کان ماڻهو تنگ ٿي چڪا هئا تن شروع ۾ تہ سمجهيو تہ شايد مارشل لا ذريعي ڪو سڌارو ٿيندو، پر يڪدم اهو محسوس ڪيو ويو تہ هي پنجاب جي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش هئي. چاڪاڻ تہ مشرقي پاڪستان پنهنجا حق گهرڻ لاءِ تمام گهڻو زور لڳائي رهيو هو، تنهن ڪري ان جي ڪوشش کي ختم يا ڍري ڪرڻ جي راهہ صرف مارشل لا ۾ نظر آئين.

بهرحال جلدي مشرقي پاڪستان وارن پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿاريو ۽ کين ٿڌي ڪرڻ لاءِ بنيادي جمهوريت وارو صدارتي نظام 1962ع جي آئين تحت آندو ويو. 1965ع جي لڙائيءَ کانپوءِ جڏهن ايوب خان تاشقند ۾ ڳالهين جي ٽيبل تي هار کائي آيو تہ سندس ان وقت جو پرڏيهي وزير جناب ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي وزارت تان استعفيٰ ڏئي وزارت کان جدا ٿي ويو ۽ 1967ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وجهي ايوب خان جي خلاف سرگرم ٿي ويو. مشرقي پاڪستان ۾ وري عوامي ليگ جي سربراهہ جناب مجيب الرحمان جي ڪم جي ڪري حڪومت جي مخالفت وڌندي وئي، انهن ٻنهي عوامي رهبرن جي ڪري عوام جو جوش وڌندو ويو ۽ آخر ايوب خان جهڙي آمر کي بہ حڪومت ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنرل ايوب خان وري اقتدار جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن مارشل لا لڳائي ڪوشش ڪئي تہ سياسي طور سان فائدو وٺي پر بري طرح ناڪام ويو ۽ آزاداڻي ۽ منصفاڻي اليڪشن جي نتيجي ۾ مغربي پاڪستان جي ٻن صوبن ۾ پيپلز پارٽي باقي ٻن صوبن ۾ جناب ولي خان جي نعپ گهٽائيءَ سان ڪامياب ٿي. پر مشرقي پاڪستان ۾ مجيب الرحمان جي عوامي ليگ 169 مان 167 سيٽون کٽي مڪمل اڪثريت حاصل ڪري ورتي. اصولن مشرقي پاڪستان جي عوامي ليگ کي اقتدار ملڻ کپندو هئو پر کين نہ ڏنو ويو. مختلف حيلن بهانن جي ذريعي خوامخواهہ ڳالهين کي ڊگهو ڪيو ويو. انهن ڳالهين جا اهم ڪردار فوج، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شيخ مجيب هئا. فوج جناب ذوالفقار علي ڀٽو کي صحيح طريقي سان هلڻ نہ ڏنو تنهن ڪري ڳالهيون ناڪام ٿيون ۽ عوامي ليگ کي ختم ڪرڻ لاءِ آرمي ايڪشن ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ آخرڪار هندستان ۽ پاڪستان جي لڙائي لڳي ۽ مشرقي پاڪستان جدا ٿي آزاد ملڪ بنگلاديش جي حيثيت ورتي، باقي ملڪ يعني مغربي پاڪستان ٽٽڻ جي خطري ڪان فوج اقتدار يڪدم شهيد ڀٽي جي حوالي ڪيو جنهن مغربي پاڪستان کي بچائي نئون پاڪستان ناهيو. سندس ڪارنامن ۾ نوي هزار فوج ۽ قبضي ڪيل علائقا واپس وٺڻ ۽ خاص طرح سان ملڪ جي سيني سياسي پارٽين جي صحيح طرح سان 1973ع جو متفق آئين ڏيڻ خاص اهميت وارا ڪم آهن. جيتوڻيڪ هي متفق آئين هيو پر هاڻي صوبن جي هڪ جهڙائيءَ وارو اصول ختم ڪيو ويو ۽ صوبن کي آباديءَ آهر نمائندگي ڏني ويئي، انهيءَ ۾ وري پنجاب جي پوزيشن مضبوط ٿي وئي.

ٻن صوبن ۾ حڪومت پيپلز پارٽيءَ جي يعني پنجاب ۽ سنڌ ۾ باقي ٻن صوبن سرحد ۽ بلوچستان ۾ نعپ جي حڪومت نهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاڪان تہ وڏن امير ماڻهن ۽ فوج جون پاڻ ۾ رساڪشيون هلنديون رهنديون آهن. تنهن ڪري پهرين بلوچستان ۾ هٽ ٺوڪيو جهڳڙو ڪرائي آرمي ائڪشن ڪرايو ويو، جنهن ۾ بہ شهيد ڀٽي جي نالي کي اڳيان رکي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ نعپ جون حڪومتون ختم ڪري گورنر راڄ شروع ڪيو ويو ۽ نعپ تي پابندي وجهي ڪيس سپريم ڪورٽ جي حوالي ڪيو ويو. ڀٽي صاحب کي جيئن مشرقي پاڪستان ۾ مجبور ڪيو ويو تيئن هتي بہ مجبور ڪري آرمي ائڪشن ڪرايو ويو ۽ جمهوري حڪومتون ختم ڪيون ويون. جيڪڏهن ڀٽو صاحب عوامي انقلاب کي ترجيح ڏئي ۽ مشرقي پاڪستان ۽ بلوچستان جي واقعن کان پاڻ کي آجو رکي ها تہ شايد ملڪ جو نقشو ۽ حالت اهڙي نہ هجي ها. ڀٽي صاحب عوام جي ڀلي لاءِ ڪافي قدم کنيا جنهن تان هتان جا سيٺيا چڙي پيا ۽ وڏن ماڻهن جي ملي ڀڳت سان پي اين اي ناهي ڀٽي صاحب خلاف تحريڪ هلائي وئي. ڀٽي صاحب جا بہ گهڻا ساٿي انهن وڏن ماڻهن سان اندران ئي اندران مليل هئا تنهن ڪري اليڪشن ۾ ڌانڌليون ڪرائي پي اين اي جي تحريڪ کي وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيائون ۽ وري ڳالهين ۾ اجائي ديگهہ ڪري فوج کي موقعو ڏنائون بلڪ گهڻن تہ فوج کي سڏ ڪيو ۽ دعوت ڏني. پر ڊونگ نظام مصطفيٰ جو هلايو. 5 جولاءِ 1977ع تي جنرل ضياءُ الحق مارشل لا لڳائي اقتدار تي قبضو ڪري ورتو، جن وڏين دعوائن واري پي اين اي جي پليٽ فارم تان نظام مصطفيٰ جا نعرا ٿي هنيا، اهي هڪدم ائين خاموش ٿي ويا ڄڻ تہ نانگ سونگهي وين. ٿيڻ ائين کپندو هو تہ فوج جي اقتدار جي خلاف بہ جدوجهد جاري رکي پاڻ اقتدار وٺي ۽ پوءِ نظام مصطفيٰ نافذ ڪن ها جيئن ايران ۾ ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر هتي اٿين نه ڪيو ويو جو ۽ چا لاءِ. چاڪاڻ ته هن نوڪيو پي اين اي جي نظام مصطفيٰ وارو صرف ڊونگ هيو. اصل ۾ صرف وڏن اميرن، جاگيردارن، سرمائيدارن جي بچاءُ جو طريقو اهو هين ته هڪ عوامي ليڊر کي هٽائي ڇڏين، ته متان هو وڌيڪ سڌارا آڻي سگهي. عوامي نظام ۽ عوامي سڌارن خلاف سڄي دنيا جا وڏا امير گهٽو ڪري هڪ آهن ۽ سڀني طريقا به ساڳيا آهن. هو هڪٻئي جي مدد لاءِ هر دم تيار آهن. بلڪ هو هڪ جهڙا آهن. وڏا ترقي يافته ملڪ غير ترقي يافته ملڪن جو اقتصادي استحصال جاري رکڻ چاهين ٿا. انهن جي لاءِ هو هميشه عجيب و غريب نعرا ۽ طريقا استعمال ڪندا رهن ٿا. سڄي دنيا ۾ صرف هڪ اڌ سيڪڙو امير ماڻهو آهن. جيڪي اقتدار تي قابض آهن ۽ پنهنجي بچاءُ ڪي هر قيمت تي ۽ خاص ڪري فوجي طاقتن جي ذريعي قائم رکڻ چاهين ٿا. عراق کي فوجي مار ۽ سيڪت، رشيا جو ٽٽڻ به انهن جي ئي ڪارستاني آهي، پر هاڻي اڳتي انهن وڏن ماڻهن جو گهڻي وقت تائين ڪامياب ٿيڻ ڏکيو ڪم آهي. وچولو طبقو ۽ غريب طبقو پنهنجن حقن وٺڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿي ويندو. اميرن ۽ سرمائيدارن خلاف دنيا ۾ جنگ مختلف فرنٽن تي جاري رهندي ۽ نيٺ هي ڏوڪي جي ديوار ڊهندي. صرف سڄاڻ ماڻهو جدوجهد جاري رکن ته ڪاميابي جلد ايندي. آخرڪار وس وارن جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي اقتدار تان لاهي 1979ع اپريل ۾ ڦاسيءَ جي سزا ڏني.

جه سي لوڙائو ٿيا جنين سندي ڏير،

ماروڙا فقير ڪنهن در ڏيندا دانهڙي.

جنرل ضياءُ الحق به دعويٰ ڪئي ته هو اسلامي نظام آڻيندو پر مرهيات ڪوڙ ۽ منافقت جا به وڏا هٿيار ساڻ ڪنيا ۽ پاڪستان جي عوام کي ڏوڪي ۾ رکي صرف پنهنجي اقتدار کي بچائڻ لاءِ وڏن ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو نمائندو ٿي ڪم ڪيائين. جنرل صاحب جي دور ۾ عوام جي مختلف طبقن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جو ڪم تمام سٺي خوش اسلوبيءَ سان ڪيو ويو. سنڌ کي ته اهڙي بري ذهن ۾ ڏکيو ويو آهي، جو اقتصادي طرح سان تباهه ٿي سوين سال پوئتي ڌڪجي وئي آهي. هينئر جيڪا بک ۽ بري خطرناڪ بيروزگاري عام آهي، انهيءَ جو ڪارڻ بہ جنرل ضياءَ جو ڏگهو مارشل لا ۽ سنڌس پيا ڪڏا ڪرتوت آهن.

جنرل ضياءَ صاحب وڏيون وڏيون ڪوڪليون دعوائون ڪيون پر منافقانا روش ۽ ڪوڙين دعوائن سان نہ ڪڏهن ڪو ملڪ سڌريو آهي ۽ وري آئينده سڌرندو.

جنرل صاحب پنهنجو اقتدار بحال رکندي وري ساڳئي قسم جي جمهوريت بحال ڪرڻ جي اجازت ڏني. هن جي جمهوريت عام جمهوريت جي مقابلي ۾ وڏيڪ بيمار، بي طاقت ۽ لولي لنگڙي هئي. تنهن ڪري اهڙي قسم جي جمهوريت مان نہ ڪجهہ ورڻو هيو ۽ نہ وريو. ضياءَ صاحب جن جي اشارن تي پئي هليو شايد انهن کي نہ وڻيو يا انهن کي ضرورت نہ رهي، تنهن ڪري ڪيس بہ سنڌس ڪجهہ ساٿين سميت 130 سي جهاز واري حادثي ذريعي ختم ڪرايو ويو.

ملڪ ۾ ساڳين بنيادن تي اليڪشن ڪرائي، سيني صوبن ۾ پنهنجي مرضيءَ وارا نگران وزير رکيا ويا، تنهن هوندي بہ پيپلز پارٽيءَ ٻين پارٽين کان بهتر پوزيشن حاصل ڪئي، سواءِ پنجاب صوبي جي، جنهن جو وزير اعليٰ صوبائي سيٽن جي اڪثريت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

مرڪز ۾ اقتدار پيپلز پارٽيءَ کي ڏنو ويو ۽ سنڌ ۾ بہ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت هئي، پنجاب ۾ جناب نواز شريف ۽ ٻين صوبن ۾ مخلوط حڪومتون هيون. ويهہ مهينن ۾ پيپلز پارٽي جي چونڊيل حڪومت کي رشوت، اقربا پروري ۽ امن امان جي خراب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صورتحال جي عام الزامن ڪري برطرف ڪيو ويو ۽ 1990ع نومبر ۾ ورڻي اليڪشنون ڪرايون ويون، جن ۾ اسلامي جمهوري اتحاد کي ڪامياب ڪرايو ويو. نگران حڪومت تي اهي ماڻهو هئا ، جن اليڪشن پٺي لڙي ۽ انهن جي حڪمن تحت سيني آفيسرن کي مجبور ڪري اليڪشن ۾ زبردست ڌانڌليون ڪرائي آءِ جي آءِ جي ماڻهن کي ڪامياب ڪرايو ويو. هيءَ ڌانڌلي مناسب منصوبابنديءَ تحت ڪئي ويئي. هيءَ حڪومت به تقريبن 30 مهينا کن هلي پر حال اڳي کان به خراب ٿي ويا. حڪومت تي عوام جو اعتماد پهرين ڏينهن کان ڪونه هيو پر جيڪو ڪجهه آسرو عوام کي هيو، اهو به ختم ٿي ويو ڇاڪاڻ ته امن امان جي حالت ڇڳي طرح سان ڪانه سڌري ۽ رشوت کلم کلا زورن تي ٿي ويئي، هر نوڪريءَ جو اگهه مقرر ٿيو، غريب جي لاءِ زندگي گذارڻ جنجال ٿي ويئي، ڌوهه ايترا ته وڌي ويا جو حڪومت به ڪجهه پريشان ٿي ويئي، ڇاڪاڻ ته جيترا ڌوهه حڪومتي ادارن ٿي چاهيا ، انهيءَ کان منجهن تمام گهڻو واڌارو اچي ويو. ڌوهن کي روڪڻ لاءِ دهشتگرد ڪورٽن واري ترميم بحال ڪري اهو به مڃيو ويو ته موجوده ڪورٽن جو انتظام ۽ نظام نه ڪافي آهي ۽ نه وري انهيءَ جي لائق آهي جو ڌوهن جو خاتمو اچي سگهي. دهشتگرد ڪورٽون به ڪجهه وقت هليون پر امن امان جي صورتحال ۾ ڪوبه سڌارو ڪونه آيو. تنهن ڪري مئي جي آخر ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سنڌ کي آرٽيڪل 147 جي تحت فوج جي حوالي ڪري ڇڏجي ته جيئن اها امن امان بحال ڪرائي. پر اها به ڪامياب نه ٿي. محترمه بينظير ڀٽو هن حڪومت جي خلاف تحريڪ هلائي ۽ ان جي نتيجي ۾ غلام اسحاق خان ۽ نواز شريف صاحب به استعفائون ڏنيون ۽ 93ع ۾ وري معين قريشي کي نگران وزيراعظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مقرر ڪري چوندون ڪرايون ويون. جنهن جي نتيجي ۾ محترمه وري وزير اعظم ٿي.

هن وقت پاڪستان حڪومت ۽ سنڌ سرڪار به بحال آهي پر صورتحال سڌرڻ جي اميد گهٽ آهي. ڇاڪاڻ ته صحيح طرح سان نه مرض کي سڃاتو ويو آهي ۽ نه وري تجويز ڪيل علاج ئي صحيح آهي. تنهن ڪري بقول شاهه صاحب جي:

ڪئيس ڪويچن تن طبيب نه ڳڌيا.

ڏيئي ڏنب ڏڏڻ پاٺان ڏيل ڏڪويو.

هي مٿي پس منظر انهيءَ ڪري بيان ڪيو ويو ته جيئن اهو آسانيءَ سان سمجهي سگهي ته اسان جي ملڪ ۾ نه ته جمهوري حڪومتن عوام جا مسئلا حل ڪيا نه ڪري سگهيون ۽ نه وري مارشل لا وارن ئي ڪو ڀارڻ ڀاريو.

عوام ويچارو ٿلهن آسرن تي هلندو رهيو ۽ ڏينهون ڏينهن ملڪ هر ميدان ۾ پوئتي پوندو ويو. ملڪ غريب ٿيندو ويو ۽ غريب ماڻهو وڌيڪ ذليل قسم جي غربت جو شڪار ٿي ويا. پر ترقي صرف انهن سرمائيدارن ۽ جاگيردارن، وڏيرن ۽ ڪجهه آفيسرن ڪئي جيڪي هن ملڪ کي ڦريندا ۽ لٽيندا رهيا.

ايوب خان جي ڏينهن ۾ چيو ويو ته صرف 22 خاندان آهن جن جو دولت تي قبضو آهي ۽ هاڻي وري وڌي پنج سو خاندان ٿيا آهن، جيڪي هن ملڪ جي قسمت جا ڌڻي آهن. ڦهر ته ڏسو ته ٻارنهن ڪروڙ ماڻهن جي ملڪ ۾، جنهن ۾ تقريبا ٻه ڪروڙ خاندان ٿين ٿا. انهن مان صرف پنج سو خاندان هن ملڪ جي دولت ۽ سياست تي قابض آهن ۽ سڄو ملڪ انهن وٽ ڄڻ يرغمال آهي. هنن سڄي ملڪ جي عوام کي حرفتن ۽ چالاڪين ذريعي مختلف ٽولن ۽ فرقن ۾ ورهائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏيو آهي ته جيئن سندن اقتدار ۽ دولت جي وسيلن تي قبضو جاري رهي.

اقتدار اينڊز ويندڙ شيءِ آهي ۽ ڪنهن وٽ به هميشه لاءِ نه رهيو آهي نه رهندو. ملڪ ۽ عوام لاءِ ڪم ڪجي ته جيئن عام ماڻهو سک جو ساهه کڻن ۽ بنيادي ضرورتون ۽ سهولتون انهن کي به ميسر ٿين. پر هن دنيا ۾ ستم ظريفي اها آهي ته وسائل تي ڪجهه ماڻهن جا تاريخي قبضا تي ويا ۽ اهي مختلف حربن ۽ حرفتن جي ذريعي پنهنجا قبضا بحال ڪيو پيا اچن. انهن قبضن کي بحال رکڻ ۾ جديد رياست به وڏن ماڻهن جي پانهن ٻيلي تي ڪم ڪري ٿي ۽ هردم بالادست ۽ مفادپرست طبقي جي هر قسم جي مدد لاءِ تيار آهي. جيڪڏهن رياستي تشدد جو خطرو نه هجي ته ائين دنيا جي وسائل تي صرف چند سيڪڙوماڻهن جو قبضو قطعا نه رهي سگهندو. مفادپرست اميرن، جاگيردارن ۽ وڏن زميندارن جو اهو گروهه پنهنجي ظالماڻي ۽ منافقاڻي روش ۾ صرف ان ڪري ڪامياب آهي جو رياستي مشينري انهن جي مدد لاءِ هر وقت تيار آهي. اخلاقي طرح سان اهو مفادپرست وڏن ماڻهن جو ٽولو ايترو ته شرم کان عاري ٿي چڪو آهي جو هنن کي غريب جي بک ۾ پاهه ٿيڻ ته ڇڏيو پر بک ۾ مرڻ تي به ڪو قياس ڪونه ٿو ٿئي، هو ته رڳو پنهنجي عيش پرستين سان سچا آهن. هنن منجهان گهڻا ته شراب ۽ زنا جا ايڏا دلداده آهن جو انهيءَ ڪانسواءِ سندن هڪ ڏينهن به گذرڻ محال آهي. غريب پورهيت، هاري ۽ مزدور ويچارو محنت ڪري نڍال ٿي وڃڻ جي باوجود پنهنجن ٻچن جو پيٽ گذر ڪونه ٿو ڪري سگهي. هو پنهنجن بنيادي ضرورتن يعني آن، اجهي ۽ اوڇڻ ۾ به پورو نه آهي، سهولتون ته هن لاءِ خواب آهن. ان ڪري برعڪس وڏن ماڻهن جو عيش پرستيون عالم آشڪار آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان جي ملڪ جي سچي تاريخ ۾ مٿي بيان ڪيل سڀ جمهوري ٽوڙي مارشل لا واريون حڪومتون به صرف وڏن ماڻهن جون نمائندا حڪومتون رهيون ان ڪري ڪنهن به حڪومت ڪي غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي ڀلائيءَ جو ذري برابر به ڪو خيال ڪونه هيو. جيڪڏهن صحيح طرح سان ڪم ڪيو وڃي ته ڏهن پندرنهن سالن جي عرصي ۾ ملڪ جي قسمت تبديل ٿي سگهي ٿي پر اسان وٽ ڏهه ڏهه سال حڪومتن جي باوجود غربت دور نه ٿي سگهي ۽ رشوت ، ڦرلٽ ، بدامني ، چوري ۽ ڌاڙي ۾ وڏيڪ ترقي ٿيندي ويئي، ڇاڪاڻ ته انهن سڀني ڏوهن جا ڏوهاري يا ته اهي ماڻهو پاڻ آهن يا سندن ڇاڙتا ۽ پاڙيتا ماڻهو ئي آهن ، جن کي ڪير ڪجهه به نه ٿي ڪري سگهيو. گهڻن کي ته حاڪمن ۽ انتظاميه جو مڪمل تحفظ پئي رهيو آهي. اهي ئي وڏا ماڻهو گهڻو ڪري اقتدار ۾ رهيا آهن ، ڪڏهن ڪنهن پارٽيءَ ۾ ته ڪڏهن ڪنهن ٻي پارٽيءَ ۾ ته ڪڏهن وري به وقت ضرورت مارشل لا جي حڪومتن جا سهڪاري ٿيو وڃن.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته انهن جو ڪارڻ ڇا آهي ، اهي ڪهڙا بنيادي سبب آهن جنهن ڪري هتي عوام جو سڌارو ڪونه ٿي سگهيو آهي ، ڇا موجوده جمهوري طريقيڪار جي ذريعي عوامي فلاح جو ڪم ٿي سگهي ٿو؟ عوام مختلف دورن ۾ مختلف جماعتن ۽ فردن کي به آزمائي ڏٺو ، پر ڪوبه ڪرتيل ڪونه ٿو نڪري ان ڪري عوام به مايوسيءَ جو شڪار ٿي ويو آهي . هن قسم جو جمهوري تماشو گهڻو ڪري ٽين دنيا جي سڀني ملڪن ۾ رائج آهي. هي جمهوريت جو اهو تصور نه آهي ته ماڻهن جي حڪومت ، ماڻهن لاءِ حڪومت ۽ ماڻهن منجهان حڪومت ، پر ٽين دنيا جي سڀني ملڪن ۾ وڏن ماڻهن جي حڪومت مختلف نالن سان آهي ، جنهن کي صرف ملمعسازي جي ذريعي جمهوريت سڏيو ٿو وڃي. حقيقت ۾ اها جمهوريت نه آهي پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏن ماڻهن جي حڪومت يعني "اميروڪريسيءَ" جون مختلف شڪليون آهن، جن کي انگريزيءَ ۾ آليگارڪي، ائرسٽو ڪريسي ۽ پلوٽوڪريسي چئي سگهجي ٿو پر جمهوريت قطعي نٿو چئي سگهجي.

جڏهن حڪومت امير ماڻهن جي هوندي تہ پوءِ هو غريب ماڻهن لاءِ ۽ ملڪ لاءِ ڪڏهن بہ ڪونہ سوچيندا. سندن ذهن ۾ صرف پنهنجي عيش عشرت ۽ لالچ پوري ڪرڻ جي تمنا هوندي. جيڪڏهن عام ماڻهوءَ جي ڀلائي سوچڻي آهي تہ پوءِ حڪومت جو سرشتو اهڙو ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ عوام جا نمائندا پهچي سگهن، جنهن ۾ دانشور ۽ علم وارا ڏاها ماڻهو جيڪي عام ماڻهن جا خيرخواهہ ۽ ڀلو چاهيندڙ هجن سي پهچي سگهن. هن وقت جيڪي حد بنديون آهن انهن مطابق صوبائي اسيمبليءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 25 لک خرچ ۽ قومي اسيمبليءَ لاءِ 50 لک خرچ ڪجي ٿو ۽ گهڻن تڪن ۽ حالتن ۾ خرچ انهيءَ کان بہ وڌي ٿو وڃي. جيڪڏهن ماڻهو ايڏا خرچ ڪري اسيمبلين ۾ پهچندا ۽ اهي سڀ کان پهريان پنهنجن خرچن ڪڍڻ لاءِ پئسا ڪمائڻ جا طريقا سوچيندا ۽ اهڙي طرح سان آفيسر شاهي کي پاڻ سان ملائي هر قسم جي غلط ڪمن ۾ ملوث ٿي ويندا، تنهن ڪري جيڪڏهن ملڪ کي سڌارڻو آهي تہ پوءِ سڀ کان پهريائين سياسي نظام کي سڌارڻو پوندو ۽ان کانپوءِ گڏوگڏ تعليمي نظام بہ سڌارڻو پوندو. پوءِ اهڙي طرح سان ٻيا سڌارا بہ اچي سگهن ٿا.

سياسي نظام کي سڌارڻ لاءِ صحيح طرح جي عوامي جمهوريت آڻڻ اسان کي هيٺيان قدم کڻڻا پوندا، هونئن تہ خراب جمهوريت کي بهتر ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جمهوريت کپي.

اسيمبلين جي ميمبرن جون تڪ بنديون اهڙي طرح سان ڪيون وڃن جو اٽڪل پنجاهہ هزار ماڻهن تي هڪ سيٽ ڪئي وڃي. هن طرح سان تڪ ننڍا ٿي ويندا ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عوام جي خدمت ڪرڻ چاهيندا آهي ۽ چونڊن ۾ حصو وٺي سگهندا ۽ سنڌن خرچ ۾ مناسب ٿي ويندو، تنهن ڪري تمام گهٽي توقع رکي سگهجي ٿي ته اهي عوامي نمائندا ايمانداريءَ سان ڪم ڪندا. ٻين ملڪن ۾ گهٽو ڪري انهيءَ حساب سان اسيمبلين جا ميمبر آهن. ڪجهه ملڪن جا مثال هي آهن. انگلينڊ آدمشماري لڳ ڀڳ ساڍا پنج ڪروڙ ۽ ميمبرن جو تعداد 454. اٽلي آدمشماري پنج ڪروڙ ۽ ميمبرن جو تعداد 1002، سئٽزرلينڊ آدمشماري ٽيهٺ لک ۽ ميمبرن جو تعداد 200. ترڪي آدمشماري ساڍا پنج ڪروڙ ۽ ميمبرن جو تعداد 550. انهن مثالن جي مقابلي ۾ اسان جي آدمشماري ٽيرنهن ڪروڙ ۽ ميمبرن جو تعداد 217 قومي اسيمبليءَ ۾ ۽ اهڙي طرح سان صوبائي اسيمبلين ۾ بہ تقريبا ٻن ٽن لکن تي هڪ ميمبر آهي. انهيءَ ڪري هاڻي هيٺيان سڌارا ڪري پوءِ چونڊون ڪرايون وڃن.

1- اسان وٽ اجا صحيح جمهوريت رائج ٿي ڪانہ ٿي آهي، تنهن ڪري ضروري آهي تہ هتي پنجاهہ هزار آدمشماري تي هڪ نمائندو کيو وڃي، جيئن عام ماڻهن پنهنجي مسئلن ۽ حل ڪرائڻ ۾ ۽ پنهنجن نمائندن سان ملڻ ۾ ڪا دشواري نہ ٿئي ۽ وچولي طبقي جا عوامي خيرخواهہ ۽ ڏاها دانشور اليڪشن لڙي سگهن، جيڪڏهن مٿئين طريقي تي عمل ڪيو ويندو تہ پوءِ اميد ڪري سگهجي ٿي تہ صحيح حقيقي عوامي نمائندا چونڊجي اچن ۽ اهي ملڪ ۽ عوام لاءِ اهڙا قانون جوڙين ۽ اهڙا اپاءَ وٺن جو ملڪ جا ماڻهو خوشحال ٿي سگهن جو ساهہ کڻن. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ پوءِ موجوده "اميروڪريسي" ۽ ظالم بيوروڪريسي عوام جي لاءِ اجا بہ ڪجهه وڌيڪ وقت لاءِ مصيبت ۽ عذاب بڻيون رهنديون.

2- اسان وٽ سرڪاري سطح تي ۽ نچي سطح تي اليڪشن ۾ ڌانڌليون ڪرايون ۽ ڪيون وڃن ٿيون. انهن کي روڪڻ لاءِ آئيني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترميم جي ذريعي اهو مستقل بندوبست ڪيو وڃي ته جڏهن عام چونڊون ٿين، ان وقت خود به خود ٽن مهينن جي عرصي لاءِ مرڪز ۾ سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جي سربراهيءَ ۾ ۽ صوبن ۾ صوبائي هاءِ ڪورٽس جي چيف جسٽس جي سربراهيءَ ۾ هـي غيرسياسي فردن تي مشتمل غير سياسي حڪومت جوڙي وڃي، جنهن جو ڪم صرف منصفاڻيون ۽ آزاداڻيون چونڊون ڪرائي، اقتدار چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪري رخصت ٿي وڃڻ هجي. باقي هن وقت انهن کي نگران حڪومت ۾ رهڻ ڏنو ٿو وڃي، يا انهن کي آندو ٿو وڃي جيڪي پاڻ به اليڪشن ۾ اميدوار آهن يعني "جوديري گڏهه رکپال" جيئن وٽي ٿو تيئن حڪومتي مشينري ۽ آفيسرن کي استعمال ڪري، نتيجا پنهنجا حق ۾ ڪري ٿا وٺن. چاڪاڻ ته حيا شرم اسان جي ملڪ ۾ ناپيد آهي، تنهن ڪري اهڙي طرح سان اليڪشن ڪٺي اچڻ کانپوءِ وڏي واڪي رڙيون ڪري ٻڌائين ته ڪين عوام چونڊي پنهنجو نمائندو ڪري اسيمبليءَ ۾ پهچايو آهي، پوءِ عوام سان ملڪ سان جيڪا جنڊ وٺين ٿي سان ڪن ٿا ۽ انهيءَ ڪري ملڪ هميشه پوئتي پوندو وڃي ٿو ۽ غريب عوام ڏينهون ڏينهن مشڪل مسئلن جو شڪار ٿيندو وڃي ٿو. تنهن ڪري ضروري آهي ته آئيني طريقي سان ڌانڌلين جو رستو بند ڪيو وڃي.

3- اسان جي ملڪ ۾ جتي هڪ ڪلارڪ لاءِ به انٽر پاس هجڻ شرط رکيو ويو آهي اتي پارليامينٽ جي ميمبرن لاءِ جن کي ملڪ جو قانون جوڙڻو آهي، ڪنهن به قسم جو شرط نه رکيو ويو آهي، اهي اهو ضروري آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اسيمبلي جي ميمبر لاءِ گريجوئيٽ هجڻ جو شرط رکيو وڃي.

4- اليڪشن جو مدو پنجن سالن مان گهٽائي وڌ ۾ وڌ چار سال ڪيو وڃي. جيڪڏهن هر ٽئين سال اليڪشن ٿئي ته وڌيڪ بهتر ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

5- ڪاميابيءَ لاءِ پنجاهه سيڪڙو ڪان وڌيڪ ووٽ ڪٽڻ جو شرط هجي، جيئن ايران ۽ ڪجهه ٻين ملڪن ۾ آهي. گهٽ ووٽن جي صورت ۾ پهرين ٻن ميمبرن جي وچ ۾ وري اليڪشن ڪرائي وڃي.

6- سينيٽرن کي اسيمبلي چونڊي ٿي ۽ جيڪڏهن ان اسيمبليءَ کي الزامن ۾ ختم ڪيو ٿو وڃي ته سينيٽر پنهنجي جاءِ تي بحال ٿا رهن اهو اخلاقي ۽ قانوني نقص ٿي ٿو وڃي. تنهن ڪري سينيٽ جي ميمبرن جي اليڪشن به اسيمبلي جي ميمبرن وانگر براهه راست عوام جي ووٽن جي ذريعي ڪئي وڃي ۽ سندن تعداد به مناسب انداز مطابق وڌائڻ کپي ۽ سينيٽ کي وڌيڪ اختيار ڏنا وڃن.

جيڪڏهن مٿين نقطن تي عمل ڪيو ويندو ته پوءِ اميد ڪري سگهجي ٿي ته صحيح حقيقي عوامي نمائندا چونڊجي اچن ۽ اهي عوام ۽ ملڪ لاءِ اهڙا قانون جوڙين ۽ اهڙا اپاءَ وٺن جو ملڪ جا ماڻهو خوشحال ٿي سک جو ساهه کڻن. جيڪڏهن سڌارا نه ڪيا ويندا ته موجوده طريقي ذريعي عوام جا مسئلا حل ڪونه ٿيندا ۽ عوام جي حالت بد کان بدتر ٿيندي ويندي. هن وقت تمام ضروري ٿي پيو آهي ته يڪدم آئيني، قانوني، تعليمي، زرعي، صنعتي ۽ انتظامي سڌارا ڪيا وڃن ته جيئن عوام جي حالت سڌري.

هن ملڪ جو صدر صاحب به چئي چڪو آهي ته ملڪ جو سياسي نظام صحيح نه آهي ۽ اليڪشن صرف پئسي وارن جي راند ٿي وئي آهي، سو جيڪي پئسا خرچ ڪري ايندا اهي خدمت ته ڪونه ڪندا، اهي ته پهريائين پنهنجو خرچ ڪيندا. ولي خان صاحب به چئي چڪو آهي ته ڪجهه سالن اندر اسيمبلين ۾ صرف اسمگلر ئي چونڊجي ايندا، تنهن ڪري هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ملڪ ۽ عوام جي ڀلي خاطر سيني وس وارن کي سوچي سمجهي سياسي، آئيني، قانوني، تعليمي، زرعي، معاشي ۽ معاشرتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڌارن کي نافذ ڪرڻ کپي نہ تہ هي موجوده طريقا ملڪ کي هڪ ڪري رکڻ ۾ قطعي ڪامياب نہ ٿيندا . ڇاڪاڻ تہ عام ماڻهن جا جڏهن مسئلا حل نہ ٿيندا تہ اهي پنهنجي ترجيحون بہ پاڻ طئي ڪندا. هن وقت سڄي دنيا ۾ سجاڳيءَ جي لهر آيل آهي، هر هنڌ انسان ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي تہ سڀني کي ڪم از ڪم بنيادي ضرورتون ۽ سهولتون ملڻ کپن. حڪومتي تشدد جي ذريعي ۽ فوجن جي ذريعي هاڻي عوامي حقن کي دٻائي نہ سگهبو ۽ نہ وري عوام کي دوکو ڏئي گهڻي وقت لاءِ ٺاري سگهبو. بهتر ٿيندو تہ عوام جي ڀلائيءَ ۾ سڀني جي ڀلائي سمجهي هڪدم سڌارا ڪيا وڃن.

عوام جو بہ ڪم آهي تہ سجاڳ ٿئي سوچي ۽ پنهنجي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي. جيڪڏهن عوام پاڻ ۾ متحد ٿي پنهنجي حقن لاءِ ، بنيادي ضرورتن ۽ سهولتن لاءِ پرزور مطالبا ڪندو تہ پوءِ ئي سياسي جماعتن جا ليڊر ڪجهہ خيال ڪندا پر مطالبن ذريعي مسئلا حل ٿئا ٿين تہ عوام کي پر امن احتجاج بہ ڪرڻا پوندا. جڏهن عوام سجاڳ ٿيندو تڏهن ئي سياسي پارٽيون سنڌن مسئلن حل ڪرڻ وارا منشور ڏينديون ۽ اليڪشن ۾ ڪاميابيءَ کانپوءِ انهن تي عمل ڪنديون. عوام جيڪڏهن ٻڌي ڪندو تہ پوءِ ئي پنهنجو دٻاءُ جاري رکي سگهندو.

سڀني دانشورن ، ڏاهن ، سيبتن ۽ ساجاهہ وند ماڻهن کي اپيل ٿي ڪجي تہ عوامي سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ عوام سان رابطا ڪري عوامي ٻڌي پيدا ڪرائين تہ جيئن عوام باشعور ٿي پنهنجا حق نہ صرف گهري سگهي پر وٺي سگهي.

عوامي اتحاد زنده باد پورهيت عوام زنده باد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عوام ، جمهوريت ۽ سياسي پارٽيون

سائنسي ارتقا جي نظريي مطابق حياتي تمام گهڻا . ڏکيا ۽ پيچيده مرحلا طئي ڪري ڪروڙها سالن جي جدوجهد ۽ جفاڪشيءَ ڪانپوءِ اڄي انساني صورت کي پهتي آهي. هن ڌرتي تي جتي گهڻي ڀاڱي جهنگل هئا ۽ سخت خطرناڪ . هيبت ناڪ ۽ خوفناڪ قسم جا جهنگلي جانور به جام هئا ، اتي هي وچٿرو ساه دار به پنهنجي حرفت سان مقابلو ڪندو رهيو ۽ پنهنجي خاندان سان قرب ۽ پيار جي ڪري گڏجي رهڻ سکيو ۽ وڏا جتا ناهي رهڻ لڳو ، جيڪي گهڻو ڪري هڪ ئي خاندان تي مشتمل هئا ۽ اهڙي طرح سان هڪٻئي جو بچاءُ ۽ سهڪار ڪري خاندان وڏي قبيلا ٿي پيا. تعداد وڏي وڃڻ جي ڪري ڪجهه مسئلا پيدا ٿيڻ لڳا ۽ انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ قبيلائي چڱا مڙس يا سردار به پيدا ٿيا ، جن انهن جا باهمي مسئلا ۽ جهڳڙا حل ٿي ڪيا.

انهيءَ ڪانپوءِ قبيلا وڌڻ لڳا ۽ انهن جا پاڻ ۾ مسئلا به وڌيا ، انهن مسئلن جي ڪري قبيلن جون پاڻ ۾ جنگيون ٿيون ، ننڍين قبيلن کي وڏن قبيلن ماري مڃايو ۽ اهڙي طرح سان بادشاهه ۽ حاڪم پيدا ٿيا. بادشاهن جي جهيڙن جهڳڙن ۽ جنگين وري شهنشاهن کي جنم ڏنو . عوام جي جدوجهد به جاري رهندي آئي ۽ ظالم بادشاهن ۽ شهنشاهن خلاف بغاوتون ڪندا ۽ ويڙهون ڪندا آيا ، حياتيءَ جي زندهه رهڻ واري قوت ۽ خواهش ترقي ڪري اڄي جنسي خواهش ،کاڌي جي خواهش ۽ آرام جي خواهش وارو انسان پيدا ڪيو. انهيءَ ڪري پهريائين انهن خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ جهيڙا ، جهڳڙا ۽ فساد شروع ٿيا ۽ وڏي اڄي جنگين جي صورت کي پهتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شروعاتي پيداوار ۽ گذر جو طريقو جيئن تہ زمين هٿي تنهن ڪري گهٽي ڪان گهٽي ايراضيءَ تي قبضو ڪري سردارن، حاڪمن، بادشاهن ۽ شهنشاهن جو اهو مقصد هيو انهيءَ جاگيرداري نظام کي جنم ڏنو. حرفتي ماڻهن گهٽي کان گهٽي ايراضي پنهنجي قبضي هيٺ رکڻ ٿي چاهي ۽ رکندا پئي آيا ۽ اجا تائين بہ اهڙي قسم جا گهڻا حرفتي رکندا پيا اچن. انهن قبضن ۽ خواهشن جي ڪري اٿيٽتون پئي پيدا ٿيون ۽ انهن جي ڪري فساد، جهيڙا ۽ جهڳڙا ۽ بغاوتون بہ پئي ٿيون. انهن بغاوتن کي ڪچلڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ انهن سردارن، حاڪمن ۽ بادشاهن ظلم بہ پئي ڪيا ۽ آخر جنگيون بہ پئي ٿيون. انسان جي تاريخ جتي ارتقا جي تاريخ آهي، جدوجهد جي تاريخ آهي، اتي ظلمن جي تاريخ بہ آهي. انسانن کي آڻ مڃائڻ لاءِ انهن جي ملڪيتن کي ڦٻائڻ لاءِ، عورتون کڻڻ ۽ قبضي ڪرڻ لاءِ هن ڌرتي جي مٿان بي انتها قسم جا ۽ بيحد ذليل قسم جا ظلم ڪيا ويا ۽ گهٽ ئي هنڌن تي اجا ڪيا ٿا وڃن. انهيءَ سڄي عرصي ۾ انهن جهيڙن، جهڳڙن کي قابو ڪرڻ يا وڌائڻ لاءِ هٿيار بہ نوان نوان ايجاد ٿيندا ويا، پٿر ۽ لٺ باني ڪان شروع ٿي اچي ڪيميائي ۽ ايٽمي بارود ۽ بم گولن تائين پهتا آهن پر تنهن هوندي بہ جنگيون اجا تائين جاري آهن ظلم ۽ ڏاڍ جي نون طريقن جي ايجاد کي اجا پنجو ڪونہ آيو آهي.

انهيءَ عرصي دوران سوچ، سمجهہ، ساڃهہ ۽ علم بہ ترقي ڪئي ۽ ڪيترن ئي سٺن انسانن ڪوششون ورتيون تہ باهمي جهيڙا، جهڳڙا ۽ فساد نہ ٿيڻ ڪپن ۽ انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ هنن سڀني ماڻهن کي هدايتون ڪيون، نيڪ صلاحون ڏنيون، سٺي اخلاق ۽ رواداريءَ جا سبق ڏنا. انسان هڪٻئي سان سٺو ڇو هلي، قرباني ڇو ڏئي، چڱو ڇو ٿئي اهو هڪ وڏو مسئلو هئو ۽ انهيءَ کي سمجهائڻ لاءِ ۽ امن امان قائم رکڻ لاءِ مختلف نظريا پيش ڪيا ويا. انهيءَ قسم جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعليم اهڙن ڪيترن نظرين ۽ مذهبن کي جنم ڏنو . جن مان گهڻن جو بنياد خوف ۽لالچ تي رکيو ويو. پر تنهن هوندي به جهيڙا . جهڳڙا ختم ڪون ٿيا ۽ عام انسان جي حالت به مجموعي طور تي گهڻي ڪانه سڌري آهي بلڪ تين دنيا ۾ ته تمام خراب حالت آهي. شاعر مطابق:

هت هزارين حاذق دعويٰ ڪئي ڪيڏي اچي
پوءِ به ڏِس انسان ويچارو برباد ويران آ اجان.
(ابن حيات پنهور)

بهرحال علم ۽سوچ جي ترقي به جاري رهي ۽ ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف آواز به بلند ٿيندا رهيا. ظلم ۽ استحصالين وري مذهب کي به هٿيار طور استعمال ڪيو ۽ گهڻن مذهب وارن کي سوچ ۽ علم جي ترقيءَ جي خلاف ڪري بيهاريو ويو انهن جا به مقابلا ٿيندا رهيا ۽ گهڻن صحيح علم وارن کي ته وڏيون وڏيون تڪليفون ۽ اذيتون بـ سهڻيون پيون پر علم يعني سائنس اڳتي وڌندي رهي ۽ اچي صنعتي انقلاب جي منزل تي پهتي. جاگيرداري نظام ڀرڻ لڳو ۽ سرمائيداري نظام ان جي جڳهہ والارڻ لڳو. صنعتي انقلاب جي ڪري زبردست تبديليون ٿيڻ لڳيون ۽ ڪيتريون شهنشاهتون ۽ بادشاهتون ٽٽيون ۽ آزاديءَ جون هوائون لڳيون ۽ جمهوري نظام يعني عوامي نظام يا انهن جي حڪومتن جو نظريو ميدان تي اچي ويو. هن نظريي مطابق عوام جي حڪومت ، عوام جي لاءِ عوام جي ذريعي پهچي ويئي . تنهن ڪري سياسي پارٽين ۽ سياسي رهنمائن جو وجود پيدا ٿي ويو. سياسي پارٽيون ۽ سياسي رهنما عوام کي سجاڳ ۽ سجاڻ ڪرڻ لاءِ ۽ انهن جي ووٽن وٺڻ لاءِ ڪم ڪرڻ لڳا. انهيءَ سان گڏ جمهوري حڪومت جا طريقا به واضع ڪيا ويا يعني ڪهڙو حڪومتي سرشتو اختيار ڪجي، هر ملڪ جي ماڻهن جو پنهنجو اختيار آهي تـ هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهڙي قسم جي حڪومت چاهين ٿا ۽ ڪهڙي قسم جو نظام چاهين ٿا. جيڪڏهن صدر کي ملڪ هلائڻ لاءِ ذميوار ڪرڻ چاهين ته انهيءَ صورت ۾ صدارتي نظام واضع ڪيو ويندو ۽ صدر جي چونڊ جو طريقو اهميت اختيار ڪندو. ڪن ملڪن صدر جي چونڊ جو سڌو طريقو ۽ ڪن ملڪن اڻ سڌو طريقو اختيار ڪيو. پارلياماني نظام ۾ وري پارليامينٽ وڏيڪ اهميت رکي ٿي ۽ ان جي ميمبرن کي وڏيڪ اختيار حاصل ٿين ٿا. اهي ميمبر پاڻ منجهان هڪ ليڊر ناهين ٿا ۽ وزارتي ڪائونسل به مقرر ڪن ٿا. هن سرشتي ۾ پارلياماني ليڊر وزيراعليٰ يا وزيراعظم ٿئي ٿو ۽ سندس وزيرن جي ڪائونسل سرشتي کي هلائي ٿي. سڀ اختيار پارليامينٽ ۽ ان جي ليڊر ۽ وزيرن جا ٿين ٿا. هن طريقي ۾ صدر کي اختيار گهٽ ڏنا وڃن. باقي نالي ۾ ملڪ جو وڏو ليکيو وڃي ٿو.

اصولن اهو هر ملڪ جي ماڻهن جو حق آهي ته هو ڪهڙو به سرشتو يا سسٽم اختيار ڪن. انهيءَ ڪري ملڪي ڪاروبار هلائڻ لاءِ هر ملڪ لاءِ اهو ضروري ٿي پيو ته هنن وٽ دستور يا آئين هجي يعني اهي قانون جن مطابق ملڪ جي انتظامي ۽ حڪومتي جوڙ جڪ هوندي. آئين به ملڪ جا ماڻهو ناهيندا. جاڪاڻ ته ملڪ جي آبادي وڏي ٿئي ٿي تنهن ڪري ڪم کي سولو ۽ سٺي طريقي سان هلائڻ لاءِ چونڊيل نمائندن جو طريقو اختيار ڪيو ويو. يعني ماڻهن جو چونڊيل نمائندا ماڻهن جي نمائندگي ڪندا. مقصد ته هڪ طرف هي نمائندا عوام سان رابطي ۾ هوندا ۽ ٻئي طرف عوام جون خواهشون ۽ گهرجون يا سندن خيالات جي ترجماني حڪومت ۽ پارليامينٽ ۾ ڪندا. هن طريقي مان صاف ظاهر آهي ته نمائندگي اهڙي نموني سان هجي جنهن ۾ عوام ۽ سندن نمائندن جو تمام گهاٽو لاڳاپو هجي، تڏهن ئي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عوام جو نمائندو سندن گهرجون ، خواهشون ۽ خيالات پارليامينٽ تائين پهچائي سگهندو.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ هي نمائندگي جو حق ڪيترن ماڻهن يعني ڪيتري آدمشماري يا ڪيترن ووٽرن تي مشتمل هجي. هن مرحلي تي اسان جي ملڪ ۾ تمام وڏو گهپلو يا فراڊ ڪيو ويو. عوام جي سياسي حقن تي وڏي ڌوڪي سان ڌاڙو هنيو ويو. ڇاڪاڻ تہ عوام ڪن تاريخي سببن جي ڪري اڻ پڙهيل، ابوجهہ ۽ سادو آهي، تنهن ڪري مفاد پرست ماڻهن وڏي حرفت، مڪاري ۽ چالاڪيءَ سان عوام سان ڌوڪو ڪيو. يعني نمائندگي جي لاءِ بين الاقوامي رجحان ۽ طريقن کي رد ڪري تمام وڏي تعداد تي هڪ نمائندو مقرر ڪيو ويو. هي پاڪستاني عوام سان تمام وڏي دغابازي هئي جيڪا 1956ع، 1962ع ۽1973ع وارن آئينن ۾ ڪئي ويئي ۽ انهن آئينن کي پاس ڪرڻ ۽ ڪرائڻ وارا سڀ ميمبر جيڪي سڀني سياسي پارٽين سان وابسطا هئا. اهي عوام جا ڏوهي آهن ڇاڪاڻ تہ هنن عوام جي صحيح طرح سان نمائندگي نہ ڪئي پر هڪ عظيم ڌوڪي ۽ دغابازيءَ ۾ شريڪ ٿيا. افسوس سان ٿو چوڻو پوي تہ هن بنيادي غلطيءَ جي سزا هتان جو عوام اجا تائين ڀوڳيندو رهي ٿو.

هاڻي عوام جي اڳيان ڪجهہ ملڪن جا مثال پيش ڪجن ٿا ، جن مان چڱي طرح سان اندازو لڳائي سگهبو تہ واقعي پاڪستاني عوام سان ڌوڪو ڪيو ويو هو ۽ اهو سندن سياسي حقن تي مفادپرست طبقي ڌاڙو هنيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ جو نالو	آدمشماري	ايوان ۾ نمائندگي
انگلئينڊ	ساڍا پنج ڪروڙ	654 ميمبر
اٽلي	پنج ڪروڙ	1002 ميمبر
فرانس	ساڍا پنج ڪروڙ	579 ميمبر
ترڪي	پنج ڪروڙ	540 ميمبر
سئزرلئنڊ	ٽيهٺ لک	200 ميمبر
آسٽريا	پنجهتر لک	183 ميمبر
البانيه	اويهه لک	270 ميمبر
بيلجيم	هڪ ڪروڙ	212 ميمبر
بلگاريه	اناسي لک	400 ميمبر
ڊينمارڪ	پنجاهه لک	180 ميمبر
يونان	نوي لک	300 ميمبر
فيڊرل جرمني (اڳين)	ڇهه ڪروڙ	519 ميمبر
رومانيه	ٻه ڪروڙ	400 ميمبر
هنگاري	هڪ ڪروڙ	388 ميمبر
فنليئنڊ	پنجاهه لک	200 ميمبر
آئرلينڊ	ڇٽيهه لک	166 ميمبر
نيدرلينڊ(هالينڊ)	ڏيڍ ڪروڙ	150 ميمبر
ناروي	ٻائيتاليهه لک	157 ميمبر
اسپين	چار ڪروڙ	350 ميمبر
سئيڊن	ٿياسي لک	349 ميمبر
پولينڊ	ٽي ڪروڙ پنجهترلک	460 ميمبر
الجيريا	ٻه ڪروڙ ٽيهه لک	295 ميمبر
مصر	پنج ڪروڙ	458 ميمبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ جو نالو	آدمشماري	ايوان ۾ نمائندگي
ايران	چارڪروڙ ست لک	270 ميمبر
عراق	هڪ ڪروڙ ست لک	250 ميمبر
اسرائيل	پائيتاليهه لک	120 ميمبر
لبنان	ٽيهه لک	99 ميمبر
لبيا	چاليهه لک	1112 ميمبر
مراڪو	ٻه ڪروڙچاليهه لک	306 ميمبر
شام	هڪ ڪروڙ	95 ميمبر
انگولا	پياسي لک	223 ميمبر
ڪئمرون	هڪ ڪروڙ	120 ميمبر
ڪانگو	ويهه لک	153 ميمبر
ايٿوپيا	چارڪروڙچاليهه لک	835 ميمبر
آوري ڪوسٽ	هڪ ڪروڙ	175 ميمبر
گينيا	ٻه ڪروڙ ڏهه لک	172 ميمبر
ميڊاگاسڪر	هڪ ڪروڙ	137 ميمبر
نائيجيريا	ساڍا ڏهه ڪروڙ	450 ميمبر
سوڊان	ٽي ڪروڙ	264 ميمبر
سوماليه	انهترلک	177 ميمبر
اتر ڪوريا	ٻه ڪروڙ	655 ميمبر
ڏکڻ ڪوريا	چارڪروڙ ٽيهه لک	299 ميمبر
برما	چار ڪروڙ	489 ميمبر
بنگلاديش	ٻارنهن ڪروڙ	300 ميمبر
ڪئمبوڊيا	ٽيهترلک	117 ميمبر
چائنا	هڪ ارب ڏهه ڪروڙ	2770 ميمبر
انڊيا	چوراسي ڪروڙ	544 ميمبر
انڊونيشيا	ارڙنهن ڪروڙ	1000 ميمبر
جپان	ٻارنهن ڪروڙ پندرنهن لک	512 ميمبر
لائوس	چاليهه لک	264 ميمبر
ملائيشيا	هڪ ڪروڙ ست لک	177 ميمبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ جو نالو	آدمشماري	ايوان ۾ نمائندگي
پاڪستان	ٻارنهن ڪروڙ	217 ميمبر
سنگاپور	چوويهه لک	81 ميمبر
سري لنڪا	هڪ ڪروڙ چوهٺ لک	225 ميمبر
ٿائيلينڊ	پنج ڪروڙ ويهه لک	357 ميمبر
ويٽنام	ڇهه ڪروڙ	496 ميمبر
آسٽريليا	هڪ ڪروڙ سٺ لک	148 ميمبر
نيوزي لئنڊ	ٽيٽيهه لک	97 ميمبر
ڪئناڊا	اڍائي ڪروڙ	295 ميمبر
يو ايس اي	چوويهه ڪروڙ	435 ميمبر
ڪيوبا	هڪ ڪروڙ	510 ميمبر
ڊومينڪن ريپبلڪ	ڇاهٺ لک	120 ميمبر
گوئٽيمالا	ڇهاسي لک	100 ميمبر
ميڪسيڪو	اٺ ڪروڙ	400 ميمبر
ارجنٽينا	ٽي ڪروڙ	254 ميمبر
برازيل	چوڏهن ڪروڙ ٽيهه لک	497 ميمبر
ڪولمبيا	ٽي ڪروڙ	199 ميمبر
پيرو	ٻه ڪروڙ	180 ميمبر
وينزويلا	هڪ ڪروڙانهتر لک	196 ميمبر
رشين اسٽيٽ	پندرنهن ڪروڙ	1046 ميمبر

مٿئين چارٽ ۾ ڏنل انگن اکرن مان صاف ظاهر آهي تہ اسان جي عوام سان تمام وڏو ظلم ۽ زيادتي ٿيل آهي، ۽ هاڻي وري گهٽو ڪري سڀني سياسي پارٽين جي چڱن مڙسن گهر ڪئي آهي تہ اسان کي 1973ع وارو آئين اصلي صورت ۾ واپس ڏيو. سواءِ محترمہ بينظير ڀٽو جي جنهن چيو آهي تہ هاڻي نئون سماجي معاهدو يعني نئون سوشل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنٽريڪٽ ڏنو ويجي، جنهن جا ڪجهه جزا اخبارن ۾ شايع ٻه ڪيا ويا آهن. ٻين پارٽين وارن کي سنڌن غلطيءَ جو احساس شايد نه ٿيو آهي جو اڃا تائين ٻه 1973ع وارو ساڳيو آئين پيا گهرن يا وري سمجهن ٿا ته سنڌن غلطي يا ڏوکي کي عوام نه سمجهي سگهندو. جناب هن فراڊ کي هاڻي عوام سمجهي چڪو آهي، هاڻي عوام سان ڏوکا گهڻو وقت ڪونه هلي سگهندا، ڇاڪاڻ ته ميڊيا جي ترقيءَ سان گڏ عوام جي سجاڳي ٻه ٿي آهي، سڄي دنيا جو عوام گڏجي پيو آهي ۽ هڪٻئي جا ڏک سور جلدي ميڊيا جي ذريعي ونڊيا ورهايا ٿا وڃن ۽ ناانصافي ۽ ظلم کي سڄي دنيا ۾ وائکو ڪيو ٿو وڃي ۽ هر ظالم کي سڄي دنيا ۾ خوار خراب ٿيڻو ٿو پوي. هاڻي اسان جا حڪمران جن سٺونجاهه سالن کي عوام کي اڻ پڙهيل رکيو، جن انهيءَ سڄي عرصي دوران تعليم کي پوئتي هٽايو ۽ عوام کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ لاءِ سماجي براين کي عام ڪيو ۽ ڪيترين سماجي براين ۾ انتظاميا پڻ ملوث آهي، جهڙوڪ هيروئن، جوا، شراب، چوري، ڌاڙا ۽ رشوت وغيره اهڙن حڪمرانن کي هاڻي عوام نفرت جي نگاهه سان ڏسي ٿو. هاڻي عوام ۾ اهي حڪمران ۽ رهنما مقبول ٿيندا جيڪي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ سوچيندا. هاڻي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ هر پارٽيءَ کي سماجي ڀلاين جي سڌارن لاءِ منشور ڏيڻا پوندا. انهن منشورن ۾ سڀني سڌارن جي چٽائي ڪيل هوندي جهڙوڪ سياسي سڌارا، قانوني سڌارا، انتظامي سڌارا، معاشي سڌارا، زرعي سڌارا، سماجي سڌارا ۽ تعليمي سڌارا، هنن سڌارن ڪانسواءِ هاڻي اسٽيٽ جو ڪم ٻه ڪونه هلي سگهندو وس وارا جيڪڏهن ملڪ جو ڀلو چاهين ٿا ته پوءِ هنن کي اهڙن سڌارن جي راهه هموار ڪرڻي پوندي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته نئون سماجي معاهدو يعني آئين نئين وسيع بنيادن تي چونڊيل اسيمبلي ناهي ۽ مٿي ڏنل سڀ سڌارا نافذ ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هتي اسين سياسي سڌارن جي ڳالهه ڪنداسين چو ته جيستائين حڪومتي نظام صحيح طرح سان عوامي نه ٿيندو تيستائين عوام جي ڇڱائيءَ جون ڳالهيون ڪوڙ ٿينديون. حڪومتي نظام درست ٿيڻ ڪانپوءِ ئي اميد ڪري سگهجي ٿي ته عوام جا هڏڏوڪي ۽ گهڻگهرا عوام جي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ ميدان عمل ۾ اچي ويندا ۽ بيا سڌارا به لاڳو ڪندا. صدر صاحب کي اپيل ٿي ڪجي ته اليڪشن کان اڳ هيٺيون ترميمون ڪري پوءِ اليڪشن ڪرائي. انهيءَ لاءِ صوبائي حڪومتون به ختم ڪيون وڃن ته جيئن اليڪشنون صحيح طرح سان ٿي سگهن.

1- صوبائي توڙي قومي سيٽ پنجاهه هزار آدمشماريءَ تي مقرر ڪئي وڃي ۽ اهڙي طرح سان نئين سر تڪ بندي ڪئي وڃي. هن طرح سان تڪ ننڍا ٿيندا ۽ اميدوارن کي تمام گهٽ خرچ ڪرڻو پوندو ۽ اهڙي طرح سان وچولي طبقي جا عوامي ماڻهو اليڪشن لڙي سگهندا. ننڍن تڪن جا اميدوار پنهنجن ووٽرن سان چڱيءَ طرح سان ملي سگهندا ۽ سندن مسئلا حل ڪري ۽ ڪرائي سگهندا. عوام ۽ نمائندن جو پاڻ ۾ سڌو رابطو رهندو، جيڪو صحيح جمهوريت لاءِ تمام ضروري ۽ سندس روح آهي.

2- جيڪڏهن صدر کي اختيار ڏنا ٿا وڃن ته پوءِ صدر جي چونڊ به سڌو سنئون عوام ڪري ۽ جيڪڏهن اٺين ترميم ختم ڪري صدر جا اختيار ختم ڪيا وڃن ته پوءِ صدر جي چونڊ اسيمبليون ڪن.

3- سينيٽ جون سيٽون ڪجهه وڌايون وڃن ۽ انهن جي چونڊ به سڌو سنئون عوام ڪري. جڏهن اسيمبليون ختم ڪيون ٿيون وڃن تڏهن سينيٽ جي ميمبرن جي پوزيشن به مجروح ٿي لڳي ته اهي هڪ ڏڪاريل ۽ ڏڪيل اسيمبليءَ جا چونڊيل ميمبر آهن ۽ سندن وقار ڪونه ٿو رهي.

4- نگران حڪومتون اسان جي ملڪ ۾ اهڙن فردن جون هجن جيڪي پاڻ اليڪشن ۾ اميدوار نه هجن ۽ نه ئي وري سندن ڪو ويجهو مٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مائٽ هجي. جيڪڏهن حڪومتون ججن جون هجن ته بهتر ٿيندو. مدي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ يا اسيمبليون ختم ٿيڻ ڪانپوءِ غيرجانبدار ۽ غير سياسي نگران حڪومتون آئين مطابق اچڻ کپن. آئين ۾ اهڙي قسم جي شق هجي.

5- اميدوارن لاءِ ڪم از ڪم گريجوئيٽ هجڻ شرط هجي.

6- هر هڪ اميدوار کي 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ووٽ کڻڻ جو شرط هئڻ لازمي هجي ته جيئن صحيح جمهوري عمل ٿئي. جتي ڪوبه اميدوار 50 سيڪڙو داخل ووٽ حاصل نه ڪري سگهي ته پوءِ وري پهرين ٻن اميدوارن ۾ وري اليڪشن ٿيڻ گهرجي ۽ ڪنهن به صورت ۾ ڪٿينڊز اميدوار داخل ٿيل ووٽن جو 50 سيڪڙو ووٽ ضرور کڻي نه ته اميدوار کي ڪامياب نه سمجهيو ويندو، يعني يقيني اڪثريت ۽ ٻيهر ووٽ وارو طريقو اختيار ڪيو وڃي.

7- اليڪشن پٽيشنون لڳاتار روزاني ٻڌيون وڃن ۽ سندن فيصلو وڌ ۾ وڌ هڪ مهيني اندر ڏنو وڃي.

8- اليڪشن جي اعلان ڪانپوءِ تڪ بنديون ۽ پولنگ اسٽيشنون تبديل نه ڪيون وڃن.

9- هاءِ ڪورٽن ۽ سپريم ڪورٽن جي ججن جو تعداد وڌايو وڃي ۽ انهن جون آساميون ڪڏهن به خالي نه ڇڏيون وڃن ته جيئن انهن وڏين ڪورٽن ۾ ڪيسن جو ترت نيڪال ٿئي. اهڙي طرح سان هر هڪ تعلقي ۾ سيشن ڪورٽ قائم ڪئي وڃي ته جيئن ماڻهن کي سستو ۽ ترت انصاف ملي. هن وقت انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ ذليل ٿيڻو ٿو پوي ۽ پوءِ به انصاف ڪونه ٿو ملي.

10- متناسب نمائندگي به ڏکيو طريقو آهي، اسان جي ملڪ ۾ نه هلندو ان لاءِ به عوام تعليم يافته ۽ سجاڳ ڪبي. تنهن ڪري سيٽن جو تعداد وڌائي يقيني اڪثريت ۽ ٻيهر ووٽ وارو طريقو اختيار ڪيو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

11- اسيمبلين جي مميبرن، وزيرن ۽ آفيسرن جي اڪائونٽبلٽي لاءِ هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جي ججن تي مشتمل مستقل ادارو قائم ڪيو وڃي، جيڪو ازخود پڇا به ڪري سگهي ۽ عوام کي به اجازت هجي ته انهيءَ اداري وٽ شڪايت ڪري سگهي. يا وفاقي ۽ صوبائي محتسب واري اداري کي آئيني ادارو بڻائي وڌيڪ جج پرتي ڪيا وڃن ته جيئن اتي ڪيسن جو اڪلاءُ ترت ٿئي ۽ ڪيس سمري ڪورٽن وارا اختيار به ڏنا وڃن.

12- اسيمبلين جو مدو گهٽائي ٽي يا وڌ ۾ وڌ چار سال ڪيو وڃي.

سياسي پارٽيون جيڪي جمهوريت جو جزو آهن ۽ اصل ۾ انهن جو ڪم عوام جي حقن جي حفاظت ۽ عوام جي صحيح نمائندگي ڪرڻ آهي، پنهنجي اصل ڪم ۾ ناڪام ويون آهن ڇاڪاڻ ته گهڻي ڀاڱي عوام سان يا پنهنجي مقصد سان مخلص ڪونه آهن. انهن کي صرف ڪي پنهنجا مفاد آهن، جن کي پوري ڪرڻ لاءِ هنن پئي ڪوشش ڪئي آهي، باقي عوام ۽ ملڪ جو ڀلو ته ڪڏهن به ڪونه سوچيو اٿن. اهو حقيقت ۾ عوام جو ڪم آهي ته سياسي پارٽين ۽ انهن جي ليڊرن تي دٻاءُ وجهن ته جيئن هو عوام جي ڀلائيءَ وارن سڌارن تي مشتمل پنهنجو مستقل منشور ڏين ۽ هر اليڪشن کان اڳ ۾ ايندڙ اسيمبليءَ واري مدت لاءِ به منشور ڏين جيئن عوام انهن جي ڪارڪردگيءَ جو اندازو لڳائي سگهي. پاڪستان جي ڪنهن به وڏي پارٽيءَ ڪو سنئون مستقل منشور ڏنو ئي ڪونهي. ڪجهه پارٽين اليڪشن کان اڳ ۾ منشور ڏنا پر انهن تي ڪڏهن به عمل ڪونه ڪيو ويو. جڏهن ايتري عوامي سجاڳي اچي وڃي جو عوام سياسي پارٽين کان سندن منشور ۽ انهن تي عمل متعلق سوال ڪري سگهي ۽ پارٽيون عوام جي آڏو پاڻ کي چڱيءَ طرح سان جوابده سمجهن ته پوءِ ئي عوام کي حق ملندا ۽ سندن ڀلائي ٿيندي. سياسي پارٽين کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سني جمهوريت لاءِ ڪوشش وٺڻ کپي. جنهن ۾ ڪم از ڪم هيٺيون خاصيتون ضرور هجن.

1- عوام کي وسيع بنيادن تي نمائندگي ملڻ گهرجي. هن وقت بين الاقوامي رجحانن ۽ اوسط مطابق ڪم از ڪم پنجاهه هزار آدمشماريءَ تي هڪ نمائندو هجي. جيئن اڳ ۾ ڏنل انگ اکرن مان صاف ظاهر آهي ته سڄي دنيا ۾ وسيع بنيادن تي نمائندگي ڏنل آهي.

2- وسيع بنيادن تي چونڊيل اسيمبلين کي پنهنجي چونڊيل مدي لاءِ ڪم ڪرڻ جي آزادي هجي ۽ انهن ادارن کي مستقل ڪيو وڃي، پيو ڪوبه انهن جي استحقاق کي مجروح نه ڪري سگهي. انهن قسم جا تحفظ آئين ۾ هئڻ کپن. اسان جي ليڊرن قوم کي اجا تائين ڪو سنو عوامي آئين ڪونه ڏنو آهي. اميرن جو آئين ۽ اميروڪريسي برابر رهي آهي ان ڪري عوام جا مسئلا اڃ تائين حل ڪونه ٿي سگهيا آهن.

3- آئين ۾ چڱي طرح سان سيني بنيادي حقن جي وضاحت ڪئي وڃي ۽ حڪومت جي اختيارن کي محدود ڪيو وڃي ته جيئن اهي رياستي تشدد ذريعي عوامي حقن جي لتاڙ نه ڪري سگهن. ڪورٽن کي انهيءَ معاملي ۾ مڪمل ۽ آزادانا اختيار هجن ته هر شخص اسٽيٽ جي ننڍن ادارن يعني آفيسر شاهي ۽ پوليس وغيره جي ظلمن کان به محفوظ رهي سگهي.

4- حڪومت ۽ سندن ڪارندن جي ڪڙي نگرانيءَ لاءِ ته جيئن اهي ظلم نه ڪن ۽ بدعنوانيءَ ۾ ملوث نه ٿين هڪ مستقل ججن جي باڊي ناهي وڃي جيڪي ازخود هر هڪ بدعنواني ۽ شڪايت جو جائزو به وٺي سگهن، ازالو به ڪري سگهن ۽ عوام جا بنيادي انساني حق محفوظ رهن.

5- هر شخص کي پنهنجي راءِ جي آزادي هجي ۽ انهيءَ آزادي کي ڪورٽن ذريعي محفوظ بڻايو وڃي، پريس مڪمل طرح سان آزاد هجي جيئن سيني گورنمينٽ جي ادارن ۽ سماجي برائين خلاف لکي سگهجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

6- هر قسم جي مرڪزيت کي ختم ڪري اختيارن کي هيٺئين سطح تائين آندو وڃي ته جيئن عوام کي پنهنجن مسئلن جي حل ڪرائڻ لاءِ پري پري جا چڪر نه ڪاٽڻا پون. اختيارن کي ضلعي سطح تي آندو وڃي ۽ ضلعي انتظاميه کي هلائڻ لاءِ بورڊ تشڪيل ڏنا وڃن. صوبن کي مڪمل صوبائي خودمختيار ڏني وڃي، وفاق جي هر سرڪاري اداري يا نيم سرڪاري اداري يا ڪارپوريشنس ۾ بورڊ آف ڊائريڪٽرس ۾ سڀني صوبن کي نمائندگي ضرور ڏني وڃي ته جيئن صوبن سان انصاف ٿي سگهي.

7- وسيع بنيادن تي چونڊن ڪانپوءِ جيڪي عوامي نمائندا اچن اهي يا ته سنو نئون آئين ڏين يا آئين ۾ ترميمون ڪري ان کي عوامي پلاٽيءَ وارو آئين بڻايو وڃي. انهيءَ آئين تحت مرڪز ۽ صوبن جون حڪومتون بڻايون وڃن ۽ ڪاروبار هلايو وڃي. صوبن کي وڌ ۾ وڌ اختيار ڏنا وڃن ۽ مرڪز نالي ماتر هجي جنهن وٽ صرف دفاع ۽ پرڏيهي پاليسي، فنانس، مواصلات ۽ بين الاصوبائي رابطي واري وزارت جا کاتا هجن.

8- آئيني طور تي اليڪشنون هميشه غيرجانبدار ۽ غير سياسي حڪومت ذريعي ڪرايون وڃن جيڪا صرف انهيءَ ڪم لاءِ خود به خود آئيني طرح سان وجود ۾ اچي وڃي.آئين ۾ اهڙي قسم جون شقون ڏنيون وڃن.

9- آئين اهڙي طرح سان بڻايو وڃي جيئن، مقننه، انتظاميه ۽ عدليه هڪٻئي کي غلط ڪارين کان روڪي سگهن ته جيئن ملڪي نظام صحيح طرح سان هلي سگهي.

10- سياسي پارٽين کي آزادي هجي ته جيئن اهي عوام ۾ ڪم ڪري عوام کي سجاڳ ۽ سجاڻ بڻائين. سياسي ڪم ۽ سياسي پارٽين تي ڪنهن به قسم جي پابندي نه هئڻ گهرجي. سياسي وفاداريون بدلائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ ڪنهن به قسم جو جسماني، ذهني، مالي ۽ جنسي تشدد ڪنهن به فرد يا رياستي اداري طرفان قانوني ڏوهه سمجهيو وڃي.
11- عدليہ بلڪل آزاد هجي ۽ پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪري. عدليہ ٻئي ڪنهن به فرد يا اداري جي محتاج نہ هجي، انهن جي مواخذي جا اصول به ججن جي سربراهيءَ ۾ ڪاميٽين جي ذريعي طئي ڪيا وڃن.

هاڻي ڇاڪاڻ تہ نون نظرين مطابق عوام کي تبديليون آڻيون آهن تنهن ڪري اهو عوام جو به حق آهي ۽ سندن ڪم به آهي تہ سياسي رهنمائن ۽ سياسي پارٽين جي ڪردار تي نظر رکن ۽ اهو ڏسن تہ ڪهڙو ليڊر يا ڪهڙي پارٽي عوام جو ڀلو ڪرڻ چاهي ٿي تہ پوءِ انهيءَ سان سهڪار ڪن.عوام پنهنجي حالت بدلائڻ لاءِ جيڪڏهن هر طرح سان ڪوشش ڪندو تہ سندس جدوجهد ٿي سياسي ليڊرن ۽ پارٽين کي آخر راهہ راست تي آڻيندي. عوام کي صحيح ڳالهيون سمجهائڻ لاءِ وري پڙهيل ۽ دانشور طبقي جي اِها ذميواري آهي تہ مختلف طريقن ذريعي عوام کي سجاڳ ۽ سڄاڻ ڪن ۽ انهن کي آگاهہ ڪن تہ هو ڪهڙي نموني سان متحد ٿي پنهنجا سڀ بنيادي حق انساني ۽ بنيادي سهولتون وٺي سگهن ٿا.

پورهيت عوام زنده باد ، غريب عوام زنده باد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇا انسان اخلاقي طرح سڌري سگهي ٿو ۽ اهليت بهتر ڪري سگهي ٿو؟

سائنسي ڪوجنائن ۽ نظرين مطابق ڌرتي اٽڪل پنج ارب سال اڳ سج کان جدا ٿي. هن ڌرتيءَ تي اٽڪل ساڍا ٽي ارب سال اڳ هڪ سيل "Cell" ظاهر ٿيو ۽ ان ترقي ڪندي ڪندي اچي انساني شڪل ورتي. انسان هن ڌرتيءَ تي لکها سالن کان موجود آهي. ٻن ٽنگن تي بيهي هلڻ واري انسان کي ٻه کهڻ ۾ گهٽ پنجويهه لک سال ڇيا وڃن ٿا . جنهن کي هومو هئبيلس (Homo Habilis) چيو ويو. ان کانپوءِ ۽ ان کان ڪجهه بهتر ٻي جنس ڌرتيءَ تي ظاهر ٿي، جنهن کي اٽڪل ويهه لک سال ٿيا آهن. اها هئي هوموارِيڪٽس (Homo Erectus) هن جنس جي ذهن ترقي ڪئي، پٿر جا هٿيار ٺاهيائين ۽ باهه کي ڪتب آندائين، ڪجهه رابطي لاءِ ابتدائي زبان استعمال ڪيائين، ان وڌيڪ ترقي ڪيل جنس کي چيو ويو (Homo Sapien) هن جنس وڌيڪ ترقي ڪئي ۽ ترقي ڪندي ڪندي پنجاهه هزار سال کن اڳ هن موجوده نموني جي شڪل شبيهه ۾ رهڻي ڪهڻيءَ کي پهتي، ان جنس کي چيو ويو هومو سيپين (Homo Sepien- Sepien) هي انسان جون جنسون ۽ ٻيا ڪجهه انسان نمان جانور ۽ ٻيا قسمين قسمين جانور ۽ نباتات هن ڌرتيءَ تي وڌندا ۽ ويجهندا رهيا ۽ ان سان انهن جو لڏپلاڻ جو سلسلو ٻه تقريبا هڪ لک سالن کان جاري رهيو آهي. ايشيا جا رهاڪو آسٽريليا، آفريڪا، يورپ ۽ آمريڪا تائين ويندا رهيا ، ان لڏپلاڻ ۽ انسان جي ميل ميلاپ جي ڪري جدا جدا معاشرن ۽ تهذيبن جنم ورتو. وڌو ترقيءَ جو سلسلو تقريبا پنج لک سالن کان جاري آهي. جنهن دوران پهريائين هٿيار ٺاهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حضرت عيسيٰ کان اٽڪل پنج سو ستر سال پوءِ " حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم " عرب ۾ ظهور پذير ٿيا. ان وقت تائين ٻيا گهڻا مذهب جهڙوڪ يهوديت، هندوازم، ٻڌازم، تائوازم، سنتوازم، زرتشت ۽ جين ازم پنهنجا اثر وجهي ڊرا ٿي چڪا هئا، پر عيسائيت ۽ " حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم " جي اسلام وڌيڪ زور ورتو ۽ وڌڻ شروع ڪيو. انهن ڪانپوءِ ڪافي وقت مذهبي عقيدن ۽ مذهب جي بنيادن تي وڏن بااثر ماڻهن حڪومت ۽ وسيلن تي قبضو جاري رکيو. پنهنجو پاڻ کي بادشاهه، شهنشاهه ۽ خدا جا نمائندا ۽ خدائي طاقتن سان نوازيل، خدا جا پاڇا ۽ اولڙا به سڏرايائون. عام ماڻهن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ۽ انهيءَ کي وڌو ڏوکو قرار ڏنن ۽ ڪوشش جاري رکيائون ته انهن مان جند ڇڏايون. انهيءَ ڪوشش جو نتيجو هڪ نئين نظريي يعني جمهوريت جي طريقي ذريعي حڪمراني ڪئي وڃي جي شڪل ۾ دنيا جي سامهون اچي ويو.

يورپ ۾ جتي سجاڳي پيدا ٿي ۽ مختلف علمن تي تحقيق تمام گهڻي شروع ٿي ۽ جاري آهي، اتي انهيءَ جمهوري نموني واري حڪومتي نظام پنهنجا پير کوڙيا ۽ بادشاهتون ختم ٿينديون ويون يا وري بادشاهن جا اختيار ختم ڪيا ويا يا گهٽايا ويا. هاڻي سڄي دنيا ۾ جمهوري حڪومتي نظام جو ڏاڪو آهي. پراڻن وڏن مذهبن جا اثر به گهٽجي رهيا آهن، پر انهيءَ عرصي ۾ اڻويهين ۽ ويهين صديءَ ۾ ڪارل مارڪس جي ڏنل نظريي ڪميونزم ۽ سوشلزم گهڻو زور ورتو. روس ۽ چائنا کان علاوه ڪجهه ملڪن ۾ انهيءَ نظريي مطابق حڪومتي نظام نهي ويو، جيڪي ڪجهه تبديلين ۽ ترميمن سان اڃا به هلي رهيو آهي، هنن حڪومتي ڪيپيٽل ازم ۽ جمهوري حڪومتن تي تمام گهڻا اثر وڌا ۽ اڃا وجهن پيا. انهيءَ وچ ۾ ويهين صديءَ جي آخر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ رشيا ۾ سوشلزم وارن جي حڪومت ڪمزور ٿي ۽ ملڪ ٽٽي پيو. پر سوشلزم جو نظريو ۽ عقيدو موجود آهي۽ ڪجھ حڪومتون به آهن. مختلف مذهبي عقيدن ۽ نظامن جي ڪري وڏيڪ علائقن ۽ وسيلن تي قبضي ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي وڏن گروهن ۾ جنگيون ٿينديون رهيون ۽ گهٽين لڙاين ڪانپوءِ زمين تي گهٽي ياڳي مختلف قومن پنهنجون پنهنجون حدون مقرر ڪري ملڪ ٺاهيا ۽ انهن علائقن ۾ پنهنجون من پسند حڪومتون ٺاهيون ۽ ٺاهيندا پيا اچن. هاڻي سڄي زمين تي مختلف ملڪ ٺهي پيا آهن ۽ انهن پنهنجون سرحدون مقرر ڪري ڇڏيون آهن. ڪٿي ڪٿي ڪجھ ڇڪتاڻ هلي رهي آهي. جنهن ڪري ڪجھ لڙايون ٿين ٿيون. پر (U.N.O) گڏيل قومن جي تنظيم جي ڪري ڪوششون ٿي رهيون آهن ته سڀ مسئلا ۽ هڪٻئي سان اختلاف لڙاين جي ذريعي ختم نٿا ڪري سگهجن. تنهن ڪري هڪٻئي سان ڳالهين جي ذريعي گڏيل مسئلا حل ڪيا وڃن. انهيءَ انسان جي ٺاهيل گڏيل قومن جي تنظيم هڪ انساني حقن جو پڌرنامو به پڌرو ڪيو آهي. پر ان انساني حقن جي چارٽر تي پوري طرح عمل ڪونه ٿي سگهيو آهي. قومن جي گڏيل تنظيم وٽ اڃا تائين ڪي اهڙا اختيار ۽ وسيلا ڪونه آهن ته اُها انهيءَ انساني حقن جي پڌرنامي تي چڱيءَ طرح سان عمل ڪرائي سگهي. مختلف ملڪن ۾ گهڻن ئي مذهبن جا ماڻهو رهائش پذير ٿي ويا آهن. انهيءَ ڪري انهن گروهن ۾ ڇڪتاڻ ۽ جهيڙا سڄي دنيا ۾ هلن پيا. پر هاڻي ماڻهن به اهو محسوس ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي ته. اهي جهڳڙا جيڪي ڪرايا ٿا وڃن، سڀني لاءِ نقصانڪار آهن. انهيءَ ڪري سهپ، رواداري ۽ باهمي گفتگو جي ذريعي پنهنجن اختلافن کي ختم ڪجي ته بهتر ٿيندو.

اهڙيءَ طرح سان مختلف ملڪن جا هڪٻئي سان تجارتي مفادات به وابسطا ٿي ويا آهن ۽ انهن مفادن جي تحفظ لاءِ به مختلف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ هڪٻئي سان لڙايون ڪن ٿا . پر هن وقت (U.N.O) جي ذريعي گهڻن ئي ملڪن جي وچ ۾ مختلف تڪرارن کي فيصلن جي ذريعي حل ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن، جيڪڏهن مختلف ملڪن جي اناپرستي ۽ هٺ ڌرمي ڪنٽرول ۾ هجي تہ انهيءَ قسم جا جهيڙا جهڳڙا مستقبل ۾ حل ٿي ويندا. عام طور تي انسان جنگ کان نفرت ڪرڻ لڳا آهن. سازشي ۽ استحصالي عناصرن کي سڃاڻي ۽ سمجهي چڪا آهن، تنهن ڪري انهن کي سڌارڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. سڀني ملڪن ۾ گهڻو ڪري ماڻهن جا طبقا ٺهي پيا آهن. هڪ طبقو انهن ماڻهن جو آهي جن شروع کان ئي حرفتون يا لڙايون ڪري وسيلن تي قبضو ڪيو ۽ پوءِ انهن ئي ماڻهن گڏجي اقتدار تي قبضو ڪيو. ڪجهہ ماڻهن واپار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مال دولت جمع ڪري حڪمران طبقي جا ساٿاري بڻجي ويا.

اهڙيءَ طرح سان هڪ وڏن يعني بااثر ماڻهن جو طبقو ٺهي پيو، جنهن ۾ حڪمران، جاگيردار ۽ تاجر گڏجي پيا ۽ ٻئي پاسي غريب ، مسڪين ماڻهن جو وڏو حصو هئو. انهن جو ڪم اهو ٿيو تہ بالادست . بااثر طبقي لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ انهن کي ڪمائي ڪارائڻ ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ. پهريائين حڪمراني وڏن قبيلن جي سردارن جي هوندي هئي ۽ جيڪڏهن عوام الناس ۾ ڪي بغاوت جا آثار ظاهر ٿيندا هئا تہ ، انهن کي پنهنجي قبيلي جي طاقت سان ختم ڪندا هئا . پر وقت گذرڻ سان انهن لاءِ پنهنجي قبيلي يا ڪجهہ قبيلن سان گڏجي عوام الناس کي قبضي ۾ رکڻ ممڪن نہ رهيو تہ ، بادشاهہ ۽ شهنشاهہ وجود ۾ آيا . جنهن پگهار تي ويڙهاڪ ماڻهو مقرر ڪري رکيا . جيڪي اڳتي هلي فوج ۽ پوليس جي ادارن جي شڪل ۾ اچي ويا.

اهڙيءَ طرح تمام وڏي اتڪل ۽ حرفت سان عوام الناس جي ڍل، خراج يا ٽئڪس مان پئسا ڪڍي هڪ طاقت ٺاهيائون، جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضرورت مهل انهيءَ عوام کي ڪچلڻ لاءِ استعمال ڪئي وئي ۽ ڪئي وڃي ٿي. هي بالادست طبقي جي شاهڪار حرفت هئي، جنهن سان عوام جي خرچ تي سچي حڪومت جو وهنوار هلائين ٿا ۽ پنهنجا مفاد ۽ انهن جو تحفظ بہ حاصل ڪن ٿا. حڪومتي نظام پنهنجي قبضي ۾ رکڻ لاءِ جمهوريت جو ڍونگ رچايائون، تشريح تہ تمام سٺي ڪيائون تہ ماڻهن جي حڪومت، ماڻهن منجهان حڪومت ۽ ماڻهن لاءِ حڪومت. پر طريقيڪار اهڙو ڪيائون تہ جيئن وڏي اثر وارا ۽ پئسي وارا ماڻهو انهيءَ اقتدار تي قبضو جاري رکن. اهو سلسلو هلندو رهي ٿو.

ڪجهہ ملڪن ۾ وري جمهوريت کي بهتر ڪيو اٿن ۽ سٺي حڪمرانيءَ لاءِ نوان اصول جوڙيا اٿن، پر اهي گهڻو ڪري يورپ جي ڪجهہ ملڪن ۾ عمل ۾ آيا آهن، باقي دنيا ۾ اڃا سوڌو عوام سان مختلف حرفتن ۽ طريقن ذريعي ڌوڪو ۽ فراڊ جاري آهي ۽ نام نهاد جمهوريت ۽ عوام بنيادي حقن ۽ سهولتن کان محروم آهي. سٺا حڪومتي نظام اهي چئبا ۽ سڀئا جن مان عوام کي خوشحالي، سک ۽ انصاف ملي سگهي. انسان جون ڪوششون جاري آهن تہ سٺي حڪومتي نظام ذريعي عوام الناس کي سڀ بنيادي حق ۽ سهولتون ملي وڃن ۽ انهيءَ ڪري اڄ ڪلهہ تمام گهڻو زور لڳايو اٿن تہ، سڄي دنيا مان غربت ختم ڪريون.

يو- اين- او جي اڳيان مظاهرا ڪيا ٿا وڃن، آمريڪا جي سياٽل شهر ۽ زيڪوسلويڪيا جي پراگ شهر جا مثالي مظاهرا ٿي چڪا آهن. يو- اين-او ۽ ان جي اهم ادارن جهڙوڪ: ورلڊ بينڪ، آءِ-ايم-ايف ۽ انهن جي مختلف معاهدن ۽ ذيلي ادارن تي بہ چٽي تنقيد جاري آهي تہ انهن سڀني ادارن ذريعي وڏا سامراجي ملڪ هائي اقتصادي قبضا ۽ شهنشاهيت پيدا ڪري ۽ ناهي رهيا آهن، پر غريب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪن جا ماڻهو بہ هاڻي پڙهي پيا آهن ۽ اهي هاڻي مفادپرست ۽ بالادست ٽولي جي مڪارين ۽ حرفتن کي سمجهي چڪا آهن، تنهن ڪري هر هنڌ آواز اٿاري رهيا آهن تہ غريبي دور ڪيو ۽ سڀني انسانن جي سڌاري جون ڳالهيون ڪريو. سڀني انسانن کي هڪ جهڙو سمجهيو وڃي، سڀني جي ترقي ۽ ڀلائيءَ لاءِ هر قسم جي ڪوشش ورتي وڃي. سڀني انسانن جي صحت ۽ تعليم تي هڪ زور ڏنو وڃي ۽ سڀني انسانن لاءِ هڪ جهڙا ڀلائيءَ جا ادارا ناهي سڀني کي هڪ جهڙا موقعا فراهم ڪيا وڃن.

انهن سڀني ڳالهين کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀني ملڪن ۾ سٺو حڪومتي نظام جوڙيو وڃي. سٺي حڪومتي نظام لاءِ سٺي معاشري لاءِ سٺن فردن جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ وري سٺي ماحول، سٺي تعليم، تربيت ۽ سٺي صحت ضروري آهي. تنهن ڪري سڀني ملڪن ۾ هاڻي سڀني فردن جي لاءِ انهن سڀني شين جي مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ حڪومت کي ذميوار سمجهيو وڃي ٿو ۽ اُن تي سڄي سمجهدار طبقي جو زور وڌي رهيو آهي. اميد تہ جلد سڄي دنيا ۾ سٺا حڪومتي نظام قائم ٿيندا ۽ هر فرد لاءِ سڀئي بنيادي سهولتون پيدا ٿينديون ۽ کين سڀ بنيادي حق ملندا. فرد معاشري جو بنيادي ايڪو آهي. جيستائين فرد نہ سڌرندو تہ معاشرو بہ نہ سڌري سگهندو ۽ سٺا حڪومتي نظام ۽ ادارا نہ جڙي سگهندا. انهيءَ ڪري سڄي دنيا ۾ انساني وسيلن جي ترقي (Human Resources Development) تي تمام گهڻو زور ۽ توجهہ ڏنو وڃي ٿو.

انساني وسيلن جي ترقيءَ جي لاءِ سڀ کان اهم تعليم، تربيت ۽ صحت جي نظام کي ڏني وڃي ٿي تہ، جيئن صحتمند ۽ قابل فرد تياري ڪري سگهجن. اهي سڀ انتظام وري سٺو حڪومتي نظام ڪري سگهي ٿو، جنهن لاءِ معاشري جي ساڄهہ وند ماڻهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏاهن، دانشورن، سياسي ورڪرن ۽ رهنمائن تي تمام وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي. انهيءَ کان علاوه بهتر ماحول سيني شهرين، ادارن ۽ سڀني حڪومتي نظام وارن جي گڏيل ڪوشش ۽ ڪاوشن سان پيدا ڪرڻ به تمام ضروري آهي. سٺي ماحول ۾ تربيت، امن امان، انصاف، صفائي ستٿائي، مناسب روزگار ۽ ان جا موقعا ۽ ڪم ڪاڄ جهڙا سڀني مردن، عورتن ۽ ٻارن لاءِ سٺا ونڊر جا ذريعا پيدا ڪرڻ جهڙا گهڻا عمل اچي وڃن ٿا.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته، ڇا انساني فرد سڌري سگهي ٿو ۽ پنهنجي اهليت، لياقت قابليت سڌاري ۽ وڌائي سگهي ٿو؟ انهيءَ سوال جو سڌو جواب آهي: ها! انسان سڌري به سگهي ٿو ۽ اهليت، لياقت ۽ قابليت سڌاري ۽ وڌائي سگهي ٿو. بشرطيڪ سڀ قدرتي وسيلا سوچي سمجهي ۽ صحيح طريقي سان جيڪڏهن انساني فرد جي ڀلائي ۽ سڌاري لاءِ استعمال ڪجن ته فرد سڌري سگهندو. ارتقا جي دوران انسان پاڻ کي سڌاريندو ۽ بهتر ڪندو رهيو آهي ۽ اڳتي به ائين ڪري سگهي ٿو. حالانڪ هن وقت تائين جيڪي به ڪوششون ٿيون آهن، انهن سان انسان مڪمل طرح نه سڌري سگهيو آهي، نه وري صحيح ٿي سگهيو آهي.

هت هزارين حاذقن دعوا ڪئي ڪيڏي اچي،
پوءِ به انسان ويچارو برباد ويران آ اڃان!

(ابن حيات پنهور)

هيءَ حالت ان ڪري ٿي آهي جو نه ته صحيح طرح سان ڳالهه کي سمجهيو ويو آهي، نه وري سڀ وسيلا صحيح طرح سان استعمال ڪيا ويا آهن، مذهبن ڪوششون ڪيون، نيڪي ۽ بديءَ جا مختلف نظريا به ڏنا ويا، پر اهي نظريا سائنسي ذهن کي مطمئن نه ڪري سگهيا. ڇاڪاڻ ته ماڻهو شيطان کي ئي ڪونه سمجهي سگهيا. غير مذهبي نظرين به ڪو پورو ڪونه پاريو، تنهن ڪري انهن سمورن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسئلن کي سائنسي طرح سمجهڻو پوندو. هن ويچاري انسان کي ارتقا جي دوران بہ ڪئي روڳ لڳي ويا آهن. تنهن ڪري انهن سڀني روڳن کي سمجهي پوءِ ئي انهن جي ختم ڪرڻ کي يقيني ڪري سگهبو. ڪجهہ روڳن جي علاج هن وقت تائين ڳوليهي لڌا بہ ويا آهن. ڪجهہ اڃا ريسرچ جي مختلف مرحلن ۾ آهن. پهريائين تہ انسان کي ڪهڙا روڳ لڳا آهن، انهن کي سمجهون. ڇهن قسمن جا روڳ ڇٽي سگهون ٿا: هڪڙا خارجي جيڪي ٻاهرين ماحول کان مليس ۽ ٻيا اندروني. جيڪي سندس سڄي جوڙجڪ سان جڙيل آهن. اندروني روڳ هيٺيان آهن:

1- جينياتي مرض ۽ اثر: (Genetic diseases, disorders, abnormalities and effect.)
2- ڪيميائي اڻ برابري ۽ اڻ پورائي جا اثر: (Effects of Chemical inbalance.)
3- تصوراتي شڪلين جا اثر: (Engramic effects or Mental image picture effects.)

ڪجهہ ٻيون اندر جو اندر ۾ پيدا ٿيندڙ بيماريون:

5- نفسياتي روڳ ۽ ذهني روڳ: (Psychological & Mental disorders.)
6- روحاني روڳ: (Spiritual Distortions & disorders.)
7- اخلاقي روڳ: (Character disorders.)
8- جسماني بيماريون: (Physical & Physiological diseases.)
9- بئڪٽيريل بيماريون: (Bacterial diseases.)
10- وائرسز: (Viral diseases.)
11- بي راهہ روي ۽ ڇڙواڳيءَ جي ڪري بيماريون: (Sexul diseases & AIDS)
12- معاشرتي روڳ جهڙوڪ جهڳڙا وغيره:

جيڪڏهن ڪوبہ معاشرو تعليم ۽ تربيت سان گڏ مٿئين قسم جي سڀني روڳن جو علم فرد کي نہ ڏيندو تہ اهو فرد صحيح طرح سان ٺيڪ نہ ٿي سگهندو ۽ اهڙن مختلف روڳن ۾ ورتل فردن وارو معاشرو صحيح نہ ٿي سگهندو ۽ ان ڪري اتي سٺو حڪومتي نظام نہ اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهندو. هن وقت دنيا ۾ ڪوششون هلي رهيون آهن تہ ، جيئن انسان کي صحيح ڪجي، پر ڪٿي بہ اجا تائين مڪمل طرح سان صحيح معاشرو جڙي نہ سگهيو آهي. ڪجهہ ملڪن مثلن يورپ ۾ ڪي معاشرا ڪجهہ بهتر ٿيا آهن، پر اجا منزل دور آهي. ارتقائي تاريخي دور ۾ بہ انسان وڏيون ڪوششون ڪيون. طب ، آريويدڪ ڪان وٺي هوميوپئٿڪ ، ائلوپيٿي تائين پهتو ۽ سلسلو هلي رهيو آهي. ٻئي پاسي وري مفادپرست ماڻهن بہ لٽ ڦرڻ جي بهاني سان ڪيئي نمونا ڪيا ، جيئن پوپا ، ٽوڻن ڦيڻن وارا ، ابجد جا حساب لڳائڻ وارا ، علم رمل ۽ جعفر ڇورائڻ وارا ، آسماني ستارن جي حساب لڳائڻ وارا ، پير فقير ۽ درگاهن کي سجائڻ وارا گهڻائي پيدا ٿي پيا. انهن ۾ سنت، ٻاوا ، پادري، لاما ، پيرفقير ۽ نام نهاد عالم وغيره وغيره بہ شامل آهن، پر هنن انسان ۽ معاشري کي بگاڙي تہ ڇڏيو پر گهٽو سڌاري نہ سگهيا ، انسانن ۾ سهپ ۽ رواداري پيدا نہ ڪري سگهيا ، جيهڙا جهڳڙا جام ڪرايائون.

هاڻي سائنسي ذهن گهڻا پيدا ٿيا آهن ۽ سائنسي ڪوجنائون بہ ڪافي ٿي چڪيون آهن، جيڪي اهي سيني روڳن کي ڪڍي سگهن ٿيون، پر شرط اهو آهي تہ اُهي علم هتي ماڻهن کي پڙهائجن سيکارجن ۽ انهن جي بنياد تي ادارا ٺاهجن ، جيڪي انسان[illegible] ٺيڪ ڪري سگهن، اسان جو ملڪ ۽ ٻيا گهڻا ٽين دنيا جا ملڪ گمراهي ۽ جهالت جي اونهن غارن ۾ ڪريل آهن ، هُنن کي انهن مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ وڏي پيماني تي عملي ڪوششون گهرجن، جيڪي هتان جي مفادپرست طبقي ۽ حڪمران طبقي نہ ڪڏهن ڪيون آهن ۽ نہ وري ڪندو. باشعور ماڻهو مختلف طريقن سان جڏهن عوام کي سڀ ڳالهيون سمجهائيندا ۽ ذهن ورڪرن تيار ڪرڻ لاءِ ڪوششون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪندا، سنڌي معاشري ۽ سنڌي حڪومتي نظام لاءِ ڪم ڪندا ته پوءِ ئي ڪجهه ٿي سگهندو.

ڪجهه خارجي ۽ ڪجهه اندروني روڳن لاءِ ته سائنسي بنيادن تي انسان کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ تحقيق هلي رهي آهي. تازو جينياتي طريقن سان بيمارين ڪيڻ جون اميدون به ٿي ويون آهن ۽ سنڌ فردن تيار ڪرڻ جا تجربا به ٿي رهيا آهن ۽ اهي جلد ڪامياب ٿي دنيا کي تبديل ڪرڻ جي راهه هموار ڪندا. پر نفسياتي، روحاني ۽ اخلاقي ڪمزورين کي دور ڪرڻ لاءِ ۽ انسانن جي اهليت ۽ لياقت وڌائڻ لاءِ هڪ مفڪر، فلاسافر ۽ سائنسدان تمام وڏو ڪم ڪيو آهي. اهو آهي آمريڪي فلاسافر (L.Ron. Hubbord) جنهن به سائنسون ٺاهيون آهن: (Scientology & Dianetics.) انهن ٻنهي علمن جي ذريعي هن جي دعويٰ آهي ۽ ثابت به ڪيو اٿائين ته، انسان بلڪل ٺيڪ ٿي سگهي ٿو ۽ بيحد قابل ۽ اهليت وارو ٿي ويندو. انهيءَ علم جا تمام وڏا ڪافي ڪتاب انگريزيءَ ۾ آهن.

مون ان علم جو چڱو مطالعو ڪيو آهي ۽ آءٌ به سمجهان ٿو ته، ان علم ذريعي انسان سڌري سگهي ٿو. پر سڄو علم انگريزيءَ ۾ هجڻ ڪري اسان سنڌي ماڻهن لاءِ في الحال سمجهڻ ۽ سکڻ ڏکيو آهي. انهيءَ ڪري آءٌ هميشه سنڌي دوستن کي چوندو آهيان ته انگريزيءَ ۾ محنت ڪريو ۽ ماهر ٿيو. ڇاڪاڻ ته اڄ ڪلهه وڏي ڪوڃنا انگريزيءَ ۾ پئي ٿئي. جيڪڏهن اسان انگريزيءَ ۾ هوشيار نه ٿياسين ته جدا ٿي دنيا ۾ پوئتي رهجي وينداسين.

مون ان ڪري علم ۽ ڄاڻ واري نظريي (Sudhism) جو پرچار شروع ڪري ڏنو آهي ته، سنڌي قوم جي نجات جو رستو "سڌازم" آهي، جنهن جو مطلب آهي ته، هر علم کي پڙهو ۽ سمجهو، هر ڳالهه کي سمجهو، جيستائين ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي ته، اصل نه مڃو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هزارين سوال پڇيو تہ، جيئن چڱيءَ طرح عمل ڪيو وڃي ۽ پڇتا نہ منجهتا". سياستدانن کان سوال ڪيو، مولوين، عالمن کان سوال ڪيو. مطلب تہ هر ڳالهہ پوري طرح سمجهڻ لاءِ پورا وس ڪيو.
جيڪڏهن باشعور ماڻهو سيني سنڌي پڙهيل ماڻهن تي زور ڏين تہ چڱي طرح سان سائنسي ۽ معاشرتي علمن سمجهڻ تي زور ڏنو وڃي تہ جيئن سنڌي ماڻهن کي سڄاڳ سڄاڻ ڪري سڄي معاشري ۽ سڄي حڪومتي نظام جو بنياد وجهي سگهجي. اهي سيئي هڪبئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. شروعات پڙهيل دوستن کي علم سان ڪرڻي پوندي ۽ ٻين کي سمجهائڻو پوندو ۽ جڏهن گهڻا دوست ٿيندا تہ پوءِ معاشرو ۽ حڪومتي نظام نيڪ ڪري هر فرد جي ڀلائي بہ ڪري سگهبي ۽ سنڌس اهليت ۽ لياقت سڌارڻ ۽ وڌائڻ جو بندوبست بہ ٿي سگهندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوليس، عدالتي نظام ۾ بهتر سڌارن جي ضرورت

پاڪستان ۾ پوليس جو نظام ۽ عدالتي نظام اهڙو تہ تباهہ ٿي ويو آهي، جو ڪنهن بہ شهريءَ جي عزت محفوظ ڪونہ آهي. نہ ئي وري ڪٿان انصاف جو آسرو ۽ اميد آهي. جيستائين سچي نظام جي بدلائڻ جو ڪو بندوبست ٿئي، تيستائين حڪومت ڪجهہ عملي قدم کڻي تہ جيئن سماجي برايون ۽ عيش پرستيون گهٽ ٿين ۽ رشوت بہ گهٽجي سگهي، پوليس ۽ عدالتي نظام کي جلد کان جلد سڌارڻ کپي تہ جيئن عوام کي سهولتون ملن ۽ کين سک سان ساهہ کڻڻ جو موقعو ملي.

ٺيڪ تہ ائين کپندو آهي تہ، حڪومت پهريان سياسي، آئيني ۽ قانوني سڌارا نافذ ڪري تہ جيئن وچولي طبقي جا ماڻهو بہ چونڊن ۾ حصو وٺي سگهن ۽ اهي بہ ايوانن تائين پهچي سگهن. اسيمبلين رڳو وڏن ماڻهن، ڏرگ مافيا وارن، جاگيردارن، پيرن، ميرن، سردارن، سرمائيدارن، مخدومن، ملڪن ۽ خانن جي هڪ هٽي نہ ٿي رهن. جيستائين عوامي ماڻهن لاءِ اسيمبلين جا در بند ڪيا تہ ملڪي حالتون ڪونہ سڌرنديون ۽ ملڪ ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندو ويندو. هاڻي تہ قرضن، بي اعتداليون، اقتصادي ۽ بداعماليون اهڙو اچي وراڪو اٿس جو جيڪڏهن هن مريض ملڪ جو علاج نہ ڪيو ويو تہ سندس جان کي سخت خطرو آهي. حالتون تمام خراب ٿي ويون آهن. چڱيون ڳالهيون چوڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ بہ گهٽا ماڻهو تيار نہ آهن.

"اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن مٽ ٿي،
پلئہ پايو سچ، آچيندي لڄ مران."

(شاهہ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءِ لاءِ ضروري آهي ته آئيني ۽ قانوني سڏارن جو پڻ خيع ڏنو وڃي، جنهن جي تحت تڪ ننڍا ڪري غير جانبدار، نگران حڪومت ذريعي چوندون ڪرايون وڃن، ڇاڪاڻ ته ٽين دنيا جي ملڪن ۾ ڪابہ حڪومت منصفاڻيون چونڊون ڪڏهن بہ نہ ڪرائيندي. آئين ۾ اهڙي ترميم ڪئي وڃي جيئن بنگلاديش ڪيو آهي. آئين سان گڏ قانون ۾ بہ ترميم ڪري بنيادي حق ڪي محفوظ ڪيو وڃي تہ جيئن پوليس جي لتاڙ کان عوام کي بچايو وڃي. قومي حق نٿا ملن، صوبائي خودمختياري ۽ صوبائي حق نٿا ملن، سماجي، معاشي ۽ معاشرتي حقن جي پائمالي جاري آهي. بنيادي انساني حقن جو تہ هتي نالو نشان ئي ڪونهي، پوليس جي رياست آهي. جهڙي بہ نموني انسان کي ذليل ڪري سگهن ٿا ڪن ٿا. سيني سرڪاري ادارن ۾ ايترا تہ ٽارچر ڪرڻ جا ذليل ۽ رذيل طريقا استعمال ڪن ٿا، جن جو ٻڌي انسانيت جو ڪنڌ شرم کان جهڪي ٿو، پر جدا تي وڃڻ گهرجي.

اڄ ڪلهہ نفسيات بہ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي ۽ نين کوجنائن مطابق انسان تي تشدد ڪرڻ، ڪيس تباهہ ۽ برباد ڪرڻ لاءِ تمام هاڃيڪار آهي. پر هن اسان جي پياري پاڪستان جي پوليس ۽ ٻيا گهڻا ادارا وري ذليل ۽ رذيل قسم جي جسماني، ذهني ۽ جنسي طرح سان ٽارچر ڪرڻ جا نت نوان طريقا استعمال ڪن ٿا. انهن طريقن سان ملڪ ۽ ملڪ جا ماڻهو نہ ڪڏهن سڌرندا ۽ نہ وري ترقي ڪري سگهندا. جيڪڏهن ملڪ کي سڌارڻو آهي تہ پوءِ سائنسي، هنري ۽ فني علم کي عام ڪرڻو پوندو. جيلن ۽ ٽارچر سيلن کي تبديل ڪري انهن جي جاءِ تي سکيا جا مرڪز قائم ڪرڻا پوندا. انسان سيکارڻ سان سکندو، هو تشدد ڪرڻ سان ڪڏهن بہ ڪونہ سکندو. ماڻهو سمجهائڻ سان سمجهندا، هو تشدد سان ڪونہ سمجهندا عوام کي سيکارڻ ۽ سمجهائڻ جا بندوبست ڪيا وڃن. عوام کي اڄ ڪلهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهائڻ ڏکيو ڪم آهي، جيڪو هي ڪم ڪندو. ان کي سخت تڪليفون به برداشت ڪرڻيون پونديون. انسان سان همدرديءَ کانسواءِ هي ڪم ڪرڻ مشڪل آهي.

"اهڪي راهه الله جي، اهڪي پت....
هو جي ڏيهائي ڏيهه جا، تن جي پڻ موڙهي مت.
اپاران ابت، گهڙج گهاٽي نيهن سان."

هن وقت اسان جو ملڪ جنهن سياسي، اقتصادي، معاشي، معاشرتي ۽ تعليمي بحران ۾ ڦاٿل آهي، انهيءَ جا جوابدار به اسان جا وڏا ماڻهو ۽ حڪمران آهن، جن قوم کي تعليم ۽ ترقيءَ کان وانجهيل رکيو آهي. هن ملڪ جي حڪمران طبقي، هن ملڪ جي عوام سان هميشه ظاهري طرح سان مذاق ۽ مسخري پئي ڪئي آهي، جو ساڳيا خاندان مختلف بهانن، حيلن ۽ حرفتن سان گردن تي سوار رهيا آهن ۽ اندروني طرح سان هي مفادپرستن جو گروهه عوام دشمن ۽ انسان دشمن آهي. جن هتان جي ماڻهن کي جاهل رکي پئي لٽيو ۽ ڦريو ۽ سندن استحصال ڪيو آهي.

حڪومت جو سڄو ڪاروبار عوام جي پئسي يا ٽئڪس تي هلندو آهي، پر هتان جي اقتداري طبقي انهيءَ عوام جي پئسي تي پئي عيش، عشرت ۽ سخاوت ڪئي آهي. عوام جي پگهر ۽ پورهئي وارو ڪمايل پئسو پئي پاڻ ۾ ورهائي ڪاڏو اٿن. هتان جي عوام جي بيروزگاري ۽ مهانگائيءَ چيلهه چٻي ڪري وڌي آهي. ويچارن کي سخت پورهئي ڪانپوءِ به ڪنهن به قسم جو سک نه ٿيو پر به ويلا ماني کائڻ لاءِ ۽ پنهنجي ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ پئسو ڪونه آهي. ڪيترائي ويچارا سچائي جي ڪري پنهنجو علاج ڪونه ٿا ڪرائي سگهن ۽ ڪين سر لڪائڻ لاءِ اجهو به ڪونهي، پر هتان جو مفادپرست حڪومتي طبقو جيڪو وزيرن، ميمبرن ۽ آفيسرن تي مشتمل آهي، پنهنجون مراعات يورپ کان وڌيڪ ٿو وٺي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پريس ۾ ڪجھ انگ اکر ظاهر ڪيا ويا ، جن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ، گھڻن آفيسرن، انهن جي ٻارن ۽ بيگمن تي ٻاهرين ملڪن ۾ لکين روپيا خرچ ڪيا ويا ۽ اسيمبلي ميمبرن ڪروڙ ڪي وجي ڏڪ هنيو. ڪجھ ميمبرن جي علاج تي بہ ڪروڙ ن ڪان وڌيڪ خرچ ٿيو ، پر هڪ ميمبر صاحب جي جوءِ تي ٽيرنهن ڪروڙ خرچ ڏيکاريو ويو آهي. هي آهي انداز هن ملڪ جي غريب آفيسرن ، ميمبرن ۽ وزير صاحبن جو ، جن کي هن ملڪ جي غريب عوام جي پئسي کي ائين بيدرديءَ سان لٽڻ تي ڪو ڪهڪاءُ ۽ حياءُ شرم ڪونہ آيو.

انهيءَ ڪري هاڻي تمام ضروري ٿي پيو آهي تہ ، فورا قانون پاس ڪري انهن سيني مراعات کي عوامي سطح تي آندو وڃي. هتان جو عوام ويچارو بک پيو ڪاٽي، هي صاحب انهيءَ عوام جي پئسي تي ائين پيا عيش ڪن ۽ رنگ رليون ملهائين ، هتي عوام کي مفادپرست طبقي مختلف طريقن سان معاشي استحصال جو شڪار بڻائي بدحال ڪيو آهي ، صحت جو نظام خراب ڪري عوام جي صحت تباھ ڪئي وئي آهي ، تعليم جو نظام تباھ ڪري ۽ تعليم جي شرح محدود رکي ، طبقاتي تعليمي نظام نافذ ڪري عوام جي تمام وڏي حصي کي جاهل رکيو ويو آهي ، منشيات جي لعنت کي عام ڪري عوام جي چڱي خاصي حصي کي موالي ، بيڪار ، فقير ۽ گداگر بڻايو ويو آهي.

هي سڀ ڪجھ انهيءَ ڪري ڪيو ويو آهي تہ ، جيئن عوام پنهنجا بنيادي ۽ جائز حق گھرڻ جي قابل نہ رهي ۽ مفادپرست طبقو سندن استحصال گھڻو وقت جاري رکي سگھي ، جيڪڏهن عوام صحتمند ، سجاڳ ، سڄاڻ ۽ علم وارو ٿيندو تہ پوءِ سندن استحصال ڪونہ ٿي سگھندو. ملڪ جي ترقيءَ لاءِ اهو ضروري آهي تہ انساني وسيلن کي ترقي ڏيارجي ۽ قدرتي وسيلن کي وري اعليٰ ، سٺي ۽ معياري فني ، هنري ۽ سائنسي تعليم ذريعي ترقي ڏياري سگھجي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهي ڪانسواءِ اخلاقي تعليم جو بہ معقول بندوبست ڪيو وڃي. تنهن ڪري تعليم جي ترقيءَ لاءِ يڪدم قومي پيداوار جو ڏهہ سيڪڙو تعليم تي خرچ ڪيو وڃي ۽ پوءِ اهو بعد ۾ وڏائي ترقي يافتہ ملڪن وانگر ويهہ سيڪڙو ڪيو وڃي ۽ گهرجن آهر ان کان بہ وڌيڪ مقرر ڪيو وڃي.

تنهن ڪري سڀني وس وارن کي کپي تہ ملڪ ۽ عوام جي ڀلي لاءِ جلد ضروري قدم کنيا وڃن. آئين ، قانون ۽ انتخابي نظام کي بدلائي چونڊون ڪرائين تہ جيئن عوامي ، جمهوري ۽ فلاحي اسلامي رياست قائم ٿيڻ جا خواب پورا ٿين ، عوام سک جو ساهہ کڻي ۽ ملڪ بہ بچي پوي. هاڻي عوام جو نعرو آهي: " نظام بدلايو ملڪ بچايو" سڀني دانشورن ، ڏاهن ، سياڻن سڀني دوستن کي گذارش ٿي ڪجي تہ عوام جي ڀلي خاطر عوام کي سمجهائين ۽ انهن کي سجاڳ ڪن . هيءَ پڙهيل ۽ سجاڻ دوستن جي ذميواري آهي. عوام سجاڳ ٿي يا ٻڌي ڪري پوءِ ئي پنهنجا بنيادي حق ۽ سهولتون وٺي سگهندو . ٻڌيءَ ڪانسواءِ اڪيلو ماڻهو ڪي ڪم پورو ڪري نہ سگهندو . بلڪي انسان دشمن جو نشانو بڻجي پوندو.

"ڏونگر ڏنا لوڻ مون پارڪو پڇيا ،
جا هلندي هيڪلي سان تاڪن سندي توڻ،
هي اهڪي پوڻ سونهن ريءَ نہ ستري."

تنهن ڪري عوام جي سڀني هڏڏوکين کي گذارش آهي تہ ، اچو تہ گڏجي عوامي فلاح لاءِ ڪم ڪريون.

پڇا ڪرم پنڌ جي ويهہ م وساري،
نرمل نهاري هلندن هٿ ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موجوده بگڙيل حڪومتي نظام مان عوام جو پلو ڪوتہ ٿيندو

جيڪڏهن اڄ بہ انسان ذات جي ترقي نہ ٿي آهي يا گهٽ ٿي تہ ، ان جو اهم سبب غلط ۽ بگڙيل حڪومتي نظام هئا. حڪومتي نظام هڪ پيچيده عمل آهي، جيڪو انهيءَ وقت ابتدائي ارتقائي مرحلن مان پئي گذريو ، تنهن ڪري تفصيلي طئي شده حڪومتي نظام ڪونہ جڙي سگهيو هو. صرف ڏنڊي ۽ افرادي قوت جي زور تي ماڻهن ڪي آڻ مڃائي هيٺان ڪرڻ وارو اصول مروج ٿي ويو. يعني جيڪو " ڏاڍو سو گابو" ۽ اجا تائين هلندو پيو اچي. پر هاڻي جمهوري نظام حڪومت چڱيءَ طرح سان واضع ٿي چڪو آهي ۽ انهيءَ جي ذريعي ئي حڪومتي نظام سڄي دنيا ۾ هلي رهيا آهن. ڪٿي ڪٿي بادشاهي نظام آهن ، پر اتي بادشاهن جا اختيار نالي ماتر آهن ۽ حڪومتي نظام عوام جا چونڊيل نمائندا ئي هلائي رهيا آهن ، پر غير ترقي يافتہ ملڪن ۾ جمهوري نظام ڪي بہ غلط طريقن جي ذريعي صرف امير ماڻهن جو نظام بڻائي ڇڏيو ويو آهي.

هت صرف امير ماڻهو جمهوريت جي مٿان قابض ٿي ويا آهن ، تنهن ڪري ان نظام ڪي عوامي جمهوري نظام نٿو چئي سگهجي. وڏا امير ماڻهو صرف پنهنجن مفادن ڪي تا ڏسن ، جيڪڏهن حڪومت امير ماڻهن جي هوندي تہ هو غريب ماڻهن ۽ ملڪ لاءِ ڪڏهن بہ ڪونہ سوچيندا . سندن ذهن ۾ صرف پنهنجن عيش عشرتن ۽ لالچ پوري ڪرڻ جي تمنا هوندي. جيڪڏهن عام ماڻهن جي ڀلائي سوچٽي آهي ۽ انهيءَ ڪي اهميت ڏيڻي آهي تہ پوءِ حڪومت جو نظام اهڙو ڪرڻ گهرجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن ۾ عوام جا صحيح هڏڏوڪي نمائندا پهچي سگهن. جنهن ۾ دانشور، علم وارا ڏاها ماڻهو جيڪي عوام جا خيرخواهه آهن ۽ سنڌ پلو چاهيندڙ ۽ سنڌ ترقي چاهيندڙ هجن، سي پهچي سگهن.

اسان جي ملڪ ۾ هن وقت جيڪي حدبنديون يعني تڪ آهن، انهن مطابق صوبائي اسيمبليءَ لاءِ گهٽ ۾گهٽ پنجاهه لک ۽ قومي اسيمبليءَ لاءِ سئو لک (هڪ ڪروڙ) خرچ ڪيو ٿو. ڪن حالتن ۾ گهٽ تڪن ۾ خرچ انهيءَ کان به وڌيڪ اچي سگهي ٿو ۽ اچي ٿو، پر انهيءَ خرچ کان هر هڪ وس وارو اکيوٽ ڪري ٿو. ڪڏهن پاڻ ئي قاعدا ناهين ٿا ته خرچ هڪ حد کان مٿي نه اچي، پر انهيءَ جي پڇڪڙي به پاڻ ٿا ڪن ۽ سيني وس وارن کي خبر آهي، پر ڪنهن به قسم جو قدم ڪونه ٿا کڻن. جڏهن قسم نامي تحت خرچ جو تفصيل ڏنو وڃي ٿو ته، سڀ اليڪشن لڙندڙ رهنما ڪوڙن قسم نامن سان خرچ جو تفصيل مقرر ڪيل حد اندر ڏيکارين ٿا.

جيڪڏهن اهڙي مڪاري ۽ عياريءَ واري سياست هوندي ۽ سياستدان هوندا ته انهن مان ڪهڙي توقع ڪري سگهجي ٿي؟ اڻ سڌي طرح سان پاڻ مڃين ٿا ته، تڪ ايترو ننڍو هجي جو خرچ گهٽ ٿيڻ ڪپي، پر تڪ گهٽائي هن محدود جمهوريت کي عوامي وسيع بنيادن واري جمهوريت بڻائڻ لاءِ تيار نه آهن، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ۾ سندن مفادن کي ڌڪ لڳندو، جو ته گهٽا وچولي طبقي جا دانشور ۽ ڏاها سندن مقابلي لاءِ تيار ٿي ويندا. هلندڙ نظام تحت جيڪي ماڻهو ايڏا خرچ ڪري اسيمبلين ۾ پهچندا ته، اهي سڀ کان پهريان پنهنجي خرچ ڪيڻ لاءِ ۽ اڳتي به اليڪشن وڙهڻ لاءِ خرچن ڪيڻ جو بندوبست ڪندا ۽ پئسن ڪمائڻ جا طريقا سوچيندا. اهي آفيسر شاهي سان گڏ جوڙ ڪري، انهن کي پاڻ سان ملائي يا انهن کي هيسائي دٻائي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنگ ڪري پوءِ انهن جي ذريعي هر قسم جي غلط ڪمن ۾ ملوث ٿيندا.

انهيءَ ڪري اڄ ڪلهه رشوت زورن تي آهي. هر هڪ نوڪري، جا اڳهه مقرر ٿي چڪا آهن ۽ هر هڪ ڪم لاءِ پئسا ڏيڻا ٿا پون. هر سطح تي گهوٽالن جي ڪري ملڪ تي قرض جو بار چڙهندو ٿو وڃي ۽ انهيءَ ڪري پورائي لاءِ وري عوام تي ٽئڪس مڙهي سندن جيئڻ جنجال ڪيو ٿو وڃي. جيڪڏهن ملڪ ۽ عوام کي سڌارڻو آهي ته پوءِ سڀ کان پهريان سياسي نظام کي سڌارڻو پوندو ۽ هن موجوده نام نهاد جمهوريت يعني "اميروڪريسي" کي عوامي فلاحي جمهوريت ۾ تبديل ڪرڻو پوندو.

انهيءَ سان گڏوگڏ تعليمي نظام کي به سڌارڻو پوندو. جاڪاڻ ته جمهوريت لاءِ تعليمي معيار ۽ تعليمي شرح مٿانهين هئڻ لازمي ۽ ضروري آهي. قومي ۽ ملڪ جي ڀلائيءَ لاءِ، سڌاري لاءِ انهن پنهي سڌارن جي بنيادي ۽ تمام گهڻي اهميت آهي. پهريان اهي سڌارا لاڳو ڪري پوءِ يڪدم ٻين سڀني سڌارن لاءِ يعني سماجي، معاشي، معاشرتي، زرعي، صنعتي، انتظامي، قانوني ۽ آئيني سڌارن تي توجهه ڏيڻو پوندو. انهن سڀني سڌارن جو ماهرن جي ذريعي اڀياس ڪرائي انهن کي نافذ ڪرڻو پوندو. هن وقت تائين جن حڪومتن ائين نه ڪيو آهي، اهي عوام دشمن حڪومتون هيون ۽ انهن کي ملڪ ۽ عوام جي ڀلائيءَ سان ڪا به همدردي ڪانه هئي، تنهن ڪري ملڪ ۽ عوام جو ڀلو، سڌارو ۽ ترقي ڪونه ڪرائي سگهيا.

سڄي دنيا ۾ قانون ساز اسيمبلين لاءِ ڏهه هزار آدمشماريءَ کان وٺي گهٽ ۾ گهٽ ڪري پنجاهه هزار يا لک تي هڪ نمائندو آهي، پر اسان جي ملڪ ۾ ڇهه لک، ڏهه لک ۽ ڪن حالتن ۾ پندرنهن لکن ماڻهن تي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نمائندو آهي، هي عوام جي سياسي حقن تي ڌاڙو آهي. جنهن کي فورا ختم ٿيڻ گهرجي. امير ماڻهن پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو آهي. تمام وڏي عرصي گذرڻ جي باوجود پاڪستاني عوام جي حالت روز بروز بد کان بدتر ٿيندي وڃي ٿي، سو ڇو؟ آخر انهيءَ جا به ڪي بنيادي سبب هوندا. جڏهن ته انهيءَ ساڳئي عرصي ۾ جاپان، ڪوريا، چائنا، ٿائيليند ۽ ٻين ملڪن تمام سٺي ترقي ڪئي آهي ۽ انهن پنهنجي عوام کي سٺي تعليم ۽ سٺو باعزت روزگار مهيا ڪري زندگيءَ جون سڀ بنيادي سهولتون ميسر ڪري ڏنيون آهن.

اسان جي پستيءَ جو سبب اهو آهي ته هتي هڪ مفادپرست طبقو آهي. جيڪو جاگيردارن، زميندارن، وڏيرن، پيرن، ميرن، چوڌرين، خانن، ملڪن، سردارن، سرمائيدارن ۽ تاجرن تي مشتمل آهي ۽ اهو طبقو هميشه دولت ۽ اقتدار تي قابض رهيو آهي. اسيمبلين ۾ ميمبرن جو تعداد ايترو ته محدود رکيو اٿن، جو سواءِ وڏن امير ماڻهن جي ٻيو ڪوبه وچولي طبقي جو اديب، دانشور، وڪيل يا رٽائرڊ آفيسر اليڪشن لڙي نٿو سگهي ۽ هميشه انهيءَ ڪري ساڳيا ماڻهو يا ساڳئي خاندان جا فرد اليڪشن لڙي ۽ کٽي اچن ٿا. جيڪڏهن هن عوام دشمن اميروڪريسيءَ جي طبقي کي ختم نه ڪيو ويو ته، پاڪستاني عوام کي سندن بنيادي حق ڪڏهن به ڪونه ملي سگهندا، ڇاڪاڻ ته هي مفادپرستن جو طبقو عوام دشمن آهي ۽ اهو عوام جي ڀلائي ڪڏهن به ڪونه چاهيندو ۽ انهن ئي هن پياري پاڪستان جي عوام کي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچايو آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته، انهيءَ طبقي جي هڪ هٽي ختم ڪري عوامي جمهوريت بحال ڪئي وڃي. ٻين ملڪن جي ماڻهن کي گهٽ ۾ گهٽ ڪري سڀ بنيادي حق حاصل آهن، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ گهٽ ڪري وسيع بنيادن تي نمائندگي ڏنل آهي، تنهن ڪري اهي ترقي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي عوام جي زندگيءَ جي معيار کي بهتر ڪري رهيا آهن. ڪجهه ملڪن جا مثال ڏجن ٿا. انهن وٽ تمام ٿورن ماڻهن تي هڪ نمائندو آهي ۽ اسان جي ملڪ ۾ ڪيڏي وڏي بدمعاشي آهي.

اٽلي پنج ڪروڙ آدمشماري ۽ ميمبر1002، سئزرلينڊ ٽيهن لک ۽ ميمبر200، يونان پنجاهه لک ۽ ميمبر180، انگلينڊ ساڍا پنج ڪروڙ ۽ ميمبر654، ۽ پاڪستان ۾ ٻارنهن ڪروڙ آدمشماريءَ تي ميمبر 207.

جيڪڏهن مٿئين ڏنل طريقي مطابق چونڊون ٿينديون ته پوءِ اميد ڪري سگهجي ٿي ته، عوام جا هڏڏوڪي چونڊجي ايندا ۽ اهي عوام جي ڀلي لاءِ جاکوڙ ڪندا ۽ اهي صحيح طرح سان جدوجهد ڪري حڪومتي نظام کي اهڙي طرح سان درست ڪرائيندا ته جيئن عوامي جمهوري فلاحي حڪومت قائم ٿي سگهي. انهيءَ طريقي سان هن وقت موجوده نام نهاد يعني " اميروڪريسيءَ" واري ظالم نظام کي بدلائي عوام جي ڀلائيءَ واري نظام کي قائم ڪري سگهبو. جيستائين حڪومتي نظام صحيح ڪونه ٿيندو ۽ صحيح ماڻهن جي هٿن ۾ نه ايندو، عوام جو ڀلو ڪڏهن به نه ٿي سگهندو.

سيني عوام جي گهٽگهرن، هڏڏوڪين، ڏاهن ۽ خود عوام کي کپي ته، پنهنجو سڄو زور ظالم نظام کي بدلائڻ تي صرف ڪن. ڇاڪاڻ ته اهو بنيادي مسئلو آهي ۽ هي بنيادي بدمعاشي آهي، جيڪا هن ملڪ ۾ جاري رکي وئي آهي. اڄ ڪلهه هر طرح سان عوام جو استحصال جاري آهي، عوام کي صحيح نمائندگي نٿي ڏني وڃي. اهو سندن سياسي حقن تي ڏاڙو آهي. جاگيرداري، زمينداري نظام جيڪو اسلامي اصولن ۾ به جائز نه آهي، جاري رکيو ٿا اچن. غلط سرمائيداري واري نظام ۾ پورهيت طبقي جي مزدوري بلڪل گهٽ آهي. هاري مزدور ۽ ننڍي ملازم طبقي جو ڪنهن به قسم جو خيال نٿو ڪيو وڃي. تعليم ۽ صحت جون سهولتون بلڪل اڻلڀ آهن. سنڌ اتحاد جي ڪوشش کي به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوليس، فوج ۽ رياستي تشدد جي ذريعي ڪچليو ٿو وڃي. غريب ۽ وچولي طبقي جي سياسي حقن گهرندڙن سياسي ورڪرن کي ذليل قسم جي جسماني، ذهني، روحاني ۽ جنسي تشدد جو نشانو بڻايو ٿو وڃي، ڪين ايترو ته تنگ ڪيو ٿو وڃي جو گهڻا ويچارا ته علي الاعلان سياست کان بيزاري ڏيکاري ڪناره ڪشي ڪيو تا وڃن. جيئن شاهه صاحب به اشارو ڪيو آهي ته:

"اڄـو پـاڻي لڙ ٿيـو ڪـالارئو ڪنـڪن،
اينـدي لـڄ مـرن تنهـن سـر متـي هنجهـڙا."

هر مفادپرست کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته هر قسم جي نمرود لاءِ ابراهيم، هر قسم جي فرعون لاءِ موسيٰ ۽ هر قسم جي يزيد لاءِ حسين پيدا ٿيندو آهي ۽ ٿيندو رهندو. تنهن ڪري مفادپرستن لاءِ اهو بهتر آهي ته پنهنجو ذهني علاج ڪرائي عوامي استحصال کان ڪنارو ڪن. بلڪي عوام جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ ڪم ڪن، انهيءَ ۾ سندن ۽ سيني جي ڀلائي آهي. دنيا ۽ دولت هتي ڇڏي هليا ويندا. شاهه صاحب مطابق:

" نڪا هت نڪا هت ڪا ڳوري سندي ڳالهه،
ڪانـه پهتي مـال حـال پهتـي هـوت ڪـي."

حالتون ته اهڙيون خراب ٿي ويون آهن، جو ڪير به ڇڻ ڪنهن جي ڀلائي ڪونه ٿو چاهي، هر انسان ٻئي انسان جي ماس کائڻ لاءِ تيار بيٺو آهي. هن وقت حالت ڪجهه هن طرح جي آهي:

" آدميـن اخـلاص منـائي مـانو ڪيـو،
هـاٺي ڪـائي سـيڪو مـاٺهوءَ سـندو مـاس،
دلبـر هـن دنيـا ۾ وڃـي رهنـدو واس،
پيو سڀ لـوڪ لباس کـو هـڪ دل هوندو هيڪڙو."

هن حالت کي تڏهن مٽائي سگهبو، جڏهن دنيا جي شين جي بي ثباتي ۽ فاني حيثيت تي غور ڪبو ۽ عملن جي نتيجن تي غور ڪبو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه رهندو ته هتي جيڪڏهن ڪو پائيدار عمل آهي ته اهو آهي، انسان ذات جي ڀلائي. هڪ بهترين حديث آهي: " خيرالناس من ينفع الناس" انسانن ۾ ڀلو اهو آهي جيڪو ٻين کي نفعو ٿو پهچائي.

هڪ دل کي راضي ڪرڻ کي حج اڪبر چيو وڃي ٿو ۽ دل آزاري کي ڪعبي ڊاهڻ جهڙو ذليل ڪم چيو ويو آهي. مطلب ته بهترين عبادت ماڻهن جي خدمت کي چيو ويو آهي. تنهن ڪري ڪيڏو نه ڀلو ٿئي جو سياسي پارٽيون ۽ سياسي ليڊر عوام جي ڀلي لاءِ، ترقي ۽ سڌاري لاءِ مخلص ٿي سوچين، جيڪڏهن سياسي پارٽيون ۽ ليڊر نٿا سوچين ته پوءِ عوام کي پنهنجا حق پاڻ ڇني وٺڻا پوندا. اهي پاڻ سجاڳ ۽ متحد ٿي سياسي پارٽين ۽ ليڊرن کي مجبور ڪن ته، اهي عوام کي ڪم از ڪم بنيادي حق ۽ سهولتون ضرور مهيا ڪن ۽ انهيءَ قسم جا منشور جاري ڪري انهن تي عمل ڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انساني ترقيءَ لاءِ نوان نظريا ڏيڻا پوندا

دنيا ۾ نيڪي ۽ بدي ٻئي پيون هلنديون. بدي کي ختم ڪرڻ ناممڪن آهي. شايد هن دنيا جي تخليقڪار هن دنيا جي عجيب ذائقي لاءِ ٻنهي جو هجڻ لازمي سمجهيو. تنهن ڪري ڪڏهن به اهي ٻئي قوتون هڪٻئي کي ختم نه ڪري سگهنديون.

البته انساني صحيح ڪوشش جي ڪري بديءَ کي گهٽائي سگهبو. انساني ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ نوان نظريا ڏيڻا پوندا ته جيئن انسان جو انسان سان وهنوار نيڪ رهي. انسان ۾ سهپ ۽ رواداري پيدا ٿئي ۽ انسان ٻئي انسان کي نه ماري ۽ نه ڦري. يعني سندس استحصال ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن به طرح سان نه ڪري.

هاڻي اهڙو نظريو ڪهڙو. جنهن ۾ اڳين سڀني نظرين جو سٺايون ته هجن، پر انهن جي اوڻاين ۽ پوڻاين کان آجو هجي ۽ سڄي دنيا جا ماڻهو انهيءَ نظريي کي آسانيءَ سان قبول ڪري سگهن. لازمي طرح سان ان قسم جا نظريا هن وقت دنيا ۾ ايندا ۽ آمريڪا ۾ آيا به آهن ۽ زور شور سان ڪم ڪن پيا پر انهن جو وڌڻ ويجهڻ سندن قبول پوڻ تي منحصر هوندو.

سنڌين لاءِ مان اڳ ۾ ئي "سڌازم" جو نظريو ڏئي چڪو آهيان. جنهن ڪانسواءِ سنڌي قوم جو ترقي ڪرڻ ۽ هن وقت دنيا ۾ اڳتي وڌڻ ڏکيو آهي. "سڌازم" (Sudhsim) جو مقصد آهي. ڪنهن ڳالهه کي يا فنا مينا "Phenamenon" کي سمجهڻ ڪانسواءِ قبول نه ڪرڻ ۽ ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ هر قسم جي معلومات يعني "سڌ" حاصل ڪرڻ. جيڪڏهن توهان اها ڳالهه به سمجهي ته ڪو خاص مسئلو حل نٿو ٿي سگهي يا في الحال انساني سمجهه کان ٻاهر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڏهن به سمجهيو ته توهان ڳالهه کي سمجهيو آهي. پر ڪنهن به طرح
سان بنا سمجهڻ جي ڪنهن به ڳالهه کي نه مڃڻ گهرجي.
پيو ته زبردست قسم جي سهپ ۽ رواداريءَ جو مظاهرو ڪرڻ
کپي. پنهنجا خيال غيرجذباتي انداز ۾ پيش ڪيو ۽ ٻين جا خيال به
صبر سان ٻڌو. علمي قسم جا بحث ڪريو ۽ ڪنهن به مهل جذبات ۽
غصي کي حد کان وڌڻ نه ڏيو. اهي سڀ خاصيتون صحيح ۽ وسيع
معلومات ڪانپوءِ ايندين آهن.
تنهن ڪري هر وقت علمي ڪوشش ۾ مصروف رهو ۽ علمي
معيار کي وڌائيندا رهو. هن وقت خاص طرح سان سائنسي. فني.
هنري ۽ اخلاقي علم جي ضرورت آهي. ان کي حاصل ڪرڻ جي هر
وقت جستجو ڪريو. هاڻي اسان کي صحيح اعليٰ تعليمي ۽ اعليٰ
معيار وارو نظام کپي. جيڪو وري صحيح سياسي نظام کي جنم
ڏئي. جنهن منجهان صحيح سٺو حڪومتي نظام پيدا ٿي سگهي ۽
اهو انسان کي بنيادي حق ۽ بنيادي سهولتون ڏئي سگهي. سٺن
معاشي، اقتصادي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي ضمانت ڏئي سگهي.
جيڪڏهن اسان جي پڙهيل ۽ دانشور دوستن انهيءَ قسم جون
ڪوششون نه ورتيون ته پوءِ اڳتي وڌڻ بجاءِ اجا به پوئتي هليا
ويندا سين.
هن وقت تائين اسان جي سياستدانن عوام کي صرف ڏتا ۽
نلها آسرا ڏنا آهن ۽ پاڻ عوام جي وسيلن جي ڦرلٽ ڪري رڳو عيش
ڪيا اٿن. جيڪي هاڻي بند ٿيڻ کپن ۽ سيني ماڻهن جي ترقي ۽
خوشحاليءَ جي سوچ اڳتي وڌائڻ کپي ۽ عيشي ماڻهن سان نفرت
ڪرڻ کپي ۽ عوام کي آگاهه ڪرڻ کپي. جيستائين عيش ۽ غلط ڪم
ڇڏين ۽ سڌرن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

" سڌازم" جي نظرئي کانپوءِ اهو ضروري آهي تہ سچي دنيا ۾ دولت ۽ وسائل جي ورڇ صحيح ڪرڻ لاءِ سچي دنيا جي آئينن ۽ قانونن ۾ سڌارا آندا وڃن، جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويندو تہ پوءِ سچي دنيا بحرانن ۽ دهشتگرديءَ جي خطرناڪ ڪنن مان ٻاهر نڪري نہ سگهندي. اسلام تہ اڳ ۾ ٻڌائي ڇڏيو تہ، دولت چند هٿن ۾ جمع ٿيڻ نہ کپي. انهيءَ ڪري سرمائيداري جي ڦرلٽ واري نظام کي يڪسر ختم ڪري انساني فلاحي نظام کي آڻڻو پوندو. دنيا جا ڏاها ماڻهو گڏجي انهيءَ قسم جي نظام جا خدوخال ڏئي سگهن ٿا، پر جي هن وقت جي مڪار، چالاڪ ۽ حرفتي بالادست طبقي تي ڀاڙي ويهبو تہ، اهو طبقو جيڪو انسانن جي همدرديءَ کان عاري آهي، اهو انسانن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪڏهن بہ ڪونہ سوچيندو. انهن بالادست طبقي وارن تي هر طريقو استعمال ڪري عوام کي جاهل رکي ڪمزور ڪري منجهائي ڇڏيو آهي. هاڻي عوام ۽ وچولي طبقي کي گڏجي جدوجهد ڪري سڌارا ڪرائڻا پوندا ۽ پنهنجا حق ڇني وٺڻا پوندا. ڀاڻهي يا شرافت سان حق ڪونہ ملندا. هتي عوام جي همدرد دانشورن، اديبن ۽ استادن کي رهنمائيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، جنهن لاءِ اڳتي وڌي اچڻ ۽ هر قسم جي قربانيءَ لاءِ پاڻ تيار ٿين ۽ ٻين کي بہ تيار ڪن، باقي ٺلهين ڳالهين ڪرڻ ۽ اجائي ڪچهرين مان ڪجهہ نہ ورندو.

" جي تون ڪالھ مٺيءَ تہ ڪالھ ٿي گڏيءَ ڀريءَ کي،
ڪڏهن ڪانہ سٺي تہ ڪا سچي گڏي سچڻين."

دنيا ۾ دهشتگردي ۽ بديءَ کي ختم ڪرڻ يا گهٽ ڪرڻ لاءِ علمي، نظرياتي، آئيني ۽ قانوني سڌارا ۽ دولت جي مناسب ورڇ کانپوءِ اهو تمام ضروري آهي تہ هر سطح تائين انصاف ڪيو وڃي. هر ملڪ جي انصاف جي نظام کي سڌاري صحيح ڪيو وڃي، جيئن سستو ۽ ترت انصاف هر فرد کي ملي سگهي. بين الاقوامي انصاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ ضروري آهي تہ ، پهريائين U.N.O جهڙي اداري کي بلڪل خودمختيار هجڻ گهرجي. اهو صرف وڏن شاهوڪار ملڪن جي غلام يا لونڊي وارو ڪردار ادا نہ ڪري پر صحيح معنيٰ ۾ باوقار ادارو ٿي ڪم ڪري، انصاف جا ٻہ معيار نہ هجڻ گهرجن تہ بوسنيا ۽ ڪشمير وارن لاءِ هڪ ڪردار ، تہ اسرائيل لاءِ ٻيو ڪردار ، آمريڪا لاءِ هڪ معيار تہ آفريڪا لاءِ ٻيو معيار ، صحيح معنيٰ ۾ بين الاقوامي ادارو ٿي ڪم ڪري ۽ ٻين قسمن جي ذيلي ادارن جهڙوڪ: سيڪيورٽي ڪائونسل، ورلڊ بينڪ ، آءِ ايم ايف ۽ انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس وغيره تي بہ چڱيءَ طرح سان نظر رکي تہ انهن کي بہ صحيح انصاف سان هلايو وڃي.

هاڻي انهن سڀني ادارن جا دستور ۽ منشور يا رولز آف بزنس صحيح طرح سان بين الاقوامي ماهر تيار ڪن ۽ پوءِ انهن تي عمل ٿيڻ کپي.

جيستائين وڏا ملڪ يا وڏا ماڻهو ناانصافيون ۽ دهشتگرديون ختم نہ ڪندا ، تہ ننڍي سطح تي بہ اهي ڳالهيون ختم نہ ٿي سگهنديون. مشهور عربي پهاڪو آهي تہ ، "الناس عليٰ دين ملو ڪهم" ماڻهو پنهنجن وڏن يا بادشاهن جي پيروي ڪندا آهن. جيڪڏهن آمريڪا ، عراق ۽ لبيا تي هوائي حملا ڪندو يا غندا گردي ڪري پاڪستان مان ماڻهو گرفتار ڪندو يا پاڪستان ۽ سوڊان تي ميزائيل هڻندو تہ پوءِ اهو ٺي جواز ٻين لاءِ ساڳيو عمل دهرائڻ لاءِ پيدا ٿي پوندو. اهڙيءَ طرح سان جي رياستي ادارا دهشتگردي ۽ انساني حق جي لتاڙ پنهنجن فوجن ، جاسوسي ادارن يا پوليس جي ذريعي ڪندا تہ پوءِ عام ماڻهو بہ پنهنجي انتقامي باهہ کي ٺڏي رکڻ لاءِ ڏوهن ۽ دهشتگرديءَ جهڙي ڪڏي عمل تي لهي ايندا.

جيڪڏهن دهشتگردي ۽ براين کي گهٽائڻو آهي تہ پوءِ وڏن ملڪن، وڏن ماڻهن ۽ ادارن کي هر طرح جا آئيني ۽ قانوني سڌارا آڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رياستي تشدد ختم ڪرڻو پوندو. ٻئي صورت ۾ دهشتگردي ۽ ڏوهن تي واويلا ڪرڻ اجائي آهي.

ماهرن ۽ ڏاهن ماڻهن جو ڪم آهي ته چنڊچاڻ ڪري صحيح صورتحال عوام آڏو پيش ڪن ته جيئن ڪين مسئلن جي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. انهيءَ سان گڏوگڏ ڏاهن، دانشورن، اديبن ۽ استادن کي کپي ته علمي، قلمي جهاد سان گڏ زباني جهاد ڪن، سيني ميڊيائن سان گڏوگڏ ماڻوٽ ميڊيا استعمال ڪن. علم ۽ چڱائيءَ جي پرچار ڪرڻ لاءِ نڪري پون ۽ سڀ وسيلا ڪتب آڻين ته هن ذهني انقلاب جون راهون ڪلي پون ۽ پوءِ ئي اميد ڪري سگهجي ٿي ته ڪجهه تبديلي ايندي. لطيف سائين جي ڏنل راهه تي عمل ڪرڻ کپي:

"سونهان سڏيون ڏيـن هـن ديواني درياهه جون،
ڪـوڙ اوڏائـي ڪيـن ڪـي رڳـو سـچ سـودين،
عجـز جــو اڏ رات ڪــي وڪــر وهــائين،
ســاٿ نيــايو نيــن ثــابت انهــيءَ ســير مــان."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي قوم کي ويڇا وساري جدوجهد ڪرڻ گهرجي

سنڌي قوم تمام پراڻي قوم آهي. سنڌن ملڪ سنڌ هر هنڌ مشهور ۽ بلڪي هند ۽ سنڌ ٻه مشهور ولايتون سڏبيون هيون. سنڌو نديءَ جي ڪري هن علائقي ۾ آبادي، چراگاهون ۽ مال چارڻ جا گهڻا موقعا، مٺي پاڻي ۽ مٺي زمين جا گهڻا فائدا هئا، جنهن ڪري هتان جا ماڻهو خوشحال هئا. جيڪا ڳالهه سنڌن تهذيب اٽڪل پنج هزار سال پراڻي موهن جي دڙي مان صاف ظاهر آهي. سنڌي قوم تي ٻاهران سيني طرفن کان حملا ٿيندا رهيا، پر انهن ڪڏهن به ڪنهن ٻئي ملڪ يا قوم تي حملو نه ڪيو. موهن جي دڙي مان ڪو خاص هٿيار يا هٿيارن جو ذخيرو وغيره ڪونه مليو آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سنڌي قوم بلڪل امن پسند قوم هئي. شايد امن پسنديءَ جي سزا ملين جو هر طرف کان حملا آور ايندا رهيا ۽ سنڌي قوم کي لٽي، ڦري هليا ويندا هئا ۽ سنڌن ڪجهه ماڻهو هتي رهي پوندا هئا. جيڪي اڄ ڪلهه به هتي آباد آهن ۽ اهڙيءَ طرح ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا ته ڪٿان ڪان آيا ۽ اصل ڪٿان جا هئا؟

انهيءَ سموري عرصي ۾ سنڌي قوم دفاعي جنگيون ته ڪيون پر حملو ڪنهن تي به نه ڪيائون. انهن دفاعي مزاحمتي جنگين جي ڪري پنهنجو وجود برقرار رکندا آيا. سنڌ جون حدون جيڪي شروع ۾ وسيع هيون، سي گهٽبيون گهٽبيون اڃي موجوده حدن تي پهتيون آهن، انهيءَ ۾ آخري وار وري انگريزن ڪيو، جن ڪجهه علائقا پنجاب ۽ بلوچستان سان گڏائي ڇڏيا. اها ڪجهه سزا سنڌين کي مياڻيءَ واري جنگ جي ڪري ملي. انهيءَ سان گڏوگڏ انگريزن سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان زيادتيون ڪيون، جيئن بمبئي سان ڳنڍي صوبائي حيثيت ختم ڪرڻ ، فوج ۽ نوڪرين ۾ حصو نہ ڏيڻ ۽ صحيح تعليم کي گهربل ضرورتن آهر نہ وڌائڻ. بهرحال انگريز فاتح حڪمران هئا ، تنهن ڪري انهن کي خاص معياري نٿو چئي سگهجي. باقي سنڌ ۽ سنڌين جي تباهيءَ ۾ انگريزن جو وڏو حصو آهي.

انگريزن هتي وري پاڻ سان ڳنڍ هڪڙو طبقو پيدا ڪيو. جيڪو گهڻو ڪري جاگيردارن، نوابن، سردارن ،زميندارن، پيرن ،ميرن ۽ شاهن ۽ آفيسر شاهي تي مشتمل هو تہ جيئن اهي سنڌن ساٿاري تي رهن ۽ ماڻهن کي قبضي ۾ رکن.

انگريزن جي خلاف جدوجهدون هليون ۽ انگريز وڃڻ وارا هئا، پر هندستان کي اينڊڙ گهٽي وقت لاءِ مسئلن جي منهن ۾ ڏئي ويا. هندستان کي غلط نموني سان تقسيم ڪيائون ۽ انهيءَ تقسيم ۾ ڪوشش ڪيائون تہ ، هندن کي وڏيڪ فائدو ٿئي. ڇاڪاڻ تہ منڍ کان رڳي هو مسلمانن مان خوش نہ هئا ۽ اسلام جيئن تہ طاقتور مذهب آهي، انهيءَ کي ڪمزور ڪرڻ پئي چاهيائون.

سنڌ جيڪا هنن ٽالپرن کان فتح ڪئي هئي، ان جي حيثيت هڪ ملڪ جي هئي، پر وڏي حرفت ۽ مڪاريءَ سان سنڌي مسلمانن کي پاڪستان جي صوبي تي راضي ڪري ڇڏيائون. پوءِ تہ مسلمانن ڏنو تہ ڏي هڪ وڏو ڌوڪو ٿيو آهي ۽ پوءِ جي- ايم- سيد مسلم ليگ جي مخالفت شروع ڪئي ۽ آخر تائين سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو، پر اڃا تائين ڪوبہ نتيجو نہ نڪري سگهيو آهي. صوبائي خودمختياري ۽ ٻيا حق سنڌين کي نٿا ڏنا وڃن.

دلبـو منجهـہ درياهـہ ، پڪـي پسـي آئيـا ،
ريچـارن ويسـاهـہ ، آٿـي ات اڙائيـو.

(شاهہ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويساهه ڪري ڦاسي وياسين. اجا تائين پيا تنا ڀوڳيون.

محروميون ۽ مايوسيون وڪوڙي ويون آهن. پر روشنيءَ جو ترورو به نظر نه ٿو اچي. سواءِ ان آسري جي ته سنڌي قوم ڳالهين کي سمجهي ۽ اٿي پوي ۽ پوري جوش ۽ جذبي سان ڀرپور اتحاد ڪري پنهنجا حق ۽ آئيني خودمختياري وٺي.

عوامي سجاڳيءَ جي ڪا وڏي ڪوشش اڳ ۾ ڪانه ٿي آهي. البته صوفي شهيد شاهه عنايت ڪوشش ڪئي. پر سنڌس ڪوشش کي مغلن ۽ ڪلهوڙن حاڪمن جي گڏيل سازش شڪست ڏني ۽ شاهه عنايت کي وڏي ڏوکي سان فقيرن سميت شهيد ڪيو ويو.

هن وقت سنڌي قوم ۾ ڪجهه سجاڳي ته آئي آهي، پر اجا ڪيترائي روڳ، مرض ۽ مختلف بيماريون آهن. جهڙوڪ روحاني، ذهني، نفسياتي ۽ اخلاقي، جن ۾ سنڌي عوام ڦاٿل آهي. جن مان ڪين جان ڇڏائڻ پوندي، جهالت، مفادپرستي، انائون، سستي، ڪم ٺار طبيعت، ناسهپ جي هجڻ ۽ درگذر نه ڪرڻ جي فقدان جي ڪري گڏجي نه هلڻ، گڏجي جدوجهد نه ڪرڻ وغيره. انهيءَ ڪان علاوه استحصال ڪرڻ هتان جي پيرن، ميرن، وڏيرن، شاهن، غلط ملن مولوين ۽ منجهيل فقيرن صوفين عام ماڻهن کي جاهل رکڻ جون پوريون ڪوششون ڪيون آهن ته جيئن اهي سجاڳ نه ٿين ۽ پنهنجا حق نه گهري سگهن ته جيئن ڪين اسان ڦريندا رهون. بالادست طبقي جو اهو وڏو ڪارنامو آهي ته عام انسان کي جاهل بيڪار، بيحال ۽ پريشان رکجي ته جيئن سندن استحصال سولائيءَ سان ڪري سگهجي.

" سونهان ڇيائين سڌ نه پئين سسئي پيچ ۾ سي،
متان ٿئي توکي منجهائين مارڳ ۾."

(شاهه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاڻي سواءِ عوام کي سجاڳ ڪرڻ جي ٻيو ڪوبہ طريقو ڪونہ آهي، جنهن سان عوام کي حق ملي سگهن. تنهن ڪري هاڻي اها گهٽي ڪان گهٽي ذميواري تمام پڙهيل ۽ ساڃاهہ وند ماڻهن جي آهي تہ جيئن هو اهو ڪم پنهنجي سر تي کڻن ۽ عام ماڻهن ۾ سجاڳي ڦهلائڻ لاءِ سنڌ جي وستي واهڻ ۾ نڪري وڃن ۽ ماڻهن کي چڱيءَ طرح سان زباني سمجهائين تہ ڪير سنڌ جا دشمن آهي. ڪنهن سنڌ جي دولت لٽي ۽ ڦري آهي. جن هميشہ هر طريقي سان استحصال ڪيو آهي. سنڌي ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ جيترو بہ ڪم ڪجي گهٽ آهي. ڀهراڙين ۾ ننڍا وڏا جلسا ڪجن، سيمينار ڪرائجن، هر قسم جي ميڊيا کي وس آهر استعمال ڪجي. سنڌ جي سياست گهڻو ڪري جاگيردارن، وڏيرن ۽ زميندارن جي هٿ ۾ رهي آهي. جن عوام کي صرف ڏنا ۽ ڏوڪا ڏنا آهن. انهن کي عام ماڻهن سنڌ يا سنڌين سان ڪنهن بہ قسم جي همدردي ڪانہ آهي، هو تہ صرف پنهنجن عياشين جا دلداده هئا ۽ آهن. جيڪي چڱي طرح کياڻون ۽ ڪن پيا. باقي عوام کي ڪوڙن، ٺلهن ڏڍن تي ٽرڪائيندا رهيا.

ڀٽي صاحب ڪجهہ ڪم ڪيو، پر اهو بہ اڌورو هئو، ممڪن آهي تہ ان کي ڪم ڪرڻ نہ ڏنو ويو هجي. پر سندس نعرو " روٽي، ڪپڙا اور مڪان" اڌورو هو، جنهن کي مڪمل عوامي جوڙتڪاري جو نعرو نٿو چئي سگهجي. صحيح عوامي جوڙتڪاري جو نعرو ڪجهہ هئين هجڻ گهرجي.

" روزگار، روٽي، ڪپڙا، مڪان،
تعليم، صحت، انصاف، امن امان."

هي بالادست طبقي جا ماڻهو آخر عوام سان سچا، همدرد ۽ هڏڏوکي ڇو ٿين؟ هنن کي تہ نہ انسانن جو احساس آهي، نہ وري ڪو حياءُ شرم اٿن يا وري ڪا رحمدلي، قياس ۽ ڪهڪاءُ اٿن. تنهن ڪري هو عوام جي ڀلي لاءِ ڪڏهن بہ ڪونہ سوچيندا. هنن جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بستيون ۽ بنگلا بهترين ۽ عمدا آهن، هنن جا ته اسڪول به الڳ آهن. گهڻو ڪري هنن جا ٻار ٻاهرين ملڪن ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪن ٿا. هنن جا جيل جدا آهن، جن ۾ ايئرڪنڊيشنون لڳل آهن. انهن سيني ڳالهين مان ثابت ٿئي ٿو ته هن بالادست طبقي پنهنجو هر قسم جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. پنهنجو قبضو اقتدار ۽ دولت تي هميشه لاءِ قائم رکيو اچن ٿا.

جيڪڏهن پڙهيل سنڌي ماڻهو هر طرح سان نڪري پوندا ۽ ڪم ڪندا ته پوءِ ڪنهن جي به مجال نه آهي جو ڪالاباغ ڊئم ٺاهي سگهي. سنڌ ۽ سنڌين کي اقليت ۾ آڻي سگهي ۽ پنهنجا غلط فيصلا مڃائي سگهي. جيڪڏهن سڀ سنڌي خاص طرح سان استاد ۽ ٻيا نوڪرين وارا ۽ دانشور، شاعر، سگهڙ ۽ سياسي ڪارڪن پنهنجو وقت ڪڍي عوام ۾ ڪم ڪندا ته يقينا ٿورڙي وقت ۾ عوام سجاڳ ٿي ڀرپور ڀڏي ۽ مظاهري جو اهڙو ته ڇنڊو اعلان ڪندو جو ڪوبه صوبو يا ليڊر سنڌ ڏي ميري اک ڪري ڏسي نه سگهندو. ۽ اهي مجبور ٿي سنڌ ۽ سنڌي قوم کي پنهنجو جائز حق ڏيندا. عام ۽ خاص يعني سيني سنڌين کي هاڻي مستقل سجاڳ رهڻو پوندو ۽ ڀڏي ڪري پنهنجن حقن لاءِ زبردست احتجاج ڪرڻا پوندا. سڄي ملڪ لاءِ سنڌ سڏارن جي گهر ڪرڻي پوندي ته جيئن عوام جو ڀلو ٿئي ۽ انهن کي سندن بنيادي حق ۽ سهولتون ملي سگهن.

هاڻي عوام کي اهو ڏسڻو ۽ جاچڻو پوندو ته تحريڪن هلائڻ وارا مخلص ۽ بي لوث خدمت ڪرڻ وارا آهن يا نه، عوام جا هڏڏوکي يا همدرد آهن يا نه؟ انهن سان گڏ سمجهه، ڏاتو ۽ ڏاهپ سان ڪم ڪرڻ وارا آهن يا نه؟

اڄ ڪلهه جي معيار مطابق سياسي ڄاڻ اٿن ۽ اخلاقي طرح قابل قبول معيار تي پورا لهن ٿا يا نه؟ گهٽ ۾ گهٽ تحريڪ هلائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارن ۽ ان لڏي ۾ شامل وڏو تعداد سٺن ۽ قابل ماڻهن جو هجي۽ ان سان گڏ تحريڪ ۾ هيٺيون چند خوبيون ضرور هجن ۽ سنڌن اڳواڻي ڪندڙ ٽولي ۾ تہ ضرور اهي گڻ هجن. نہ تہ تحريڪ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندي.

1- ڏوهي قسم جا ذهن نہ هجن، ڏوهن ڏي رجحان نہ هجي. ڪرائيم ۽ ڪرمنلٽي (Crime and Criminality) کان پري هجن.

2- بداخلاقين کان پري هجڻ گهرجي، يعني هر قسم جي Immorality کان پري هجڻ گهرجي.

3- بد راهي وارين ڳالهين کان پري هجڻ گهرجي، يعني "Irrationality" کان پري هجڻ گهرجي.

4- هرو ڀرو غيرقانوني ڪم نہ ڪندا هجن، يعني "Illegalities" کان وس آهر بچندا هجن.

5- وسيع علم ۽ سٺي اخلاق وارا وڏي تعداد ۾ هجن.

6- صحيح وسائل جو ڪاتو لڳائڻ ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ انهن وسائل جو معقول بندوبست هجي.

7- تنظيم جي اصولن جا سڀ پابند هجن، يعني Discipline هجڻ ڪپي.

8- جوش ۽ جذبي سان ڪم ڪي ڪاميابيءَ تائين پهچائڻ لاءِ ان ڪانپوءِ سٺي نظام کي قائم رکڻ وارا هوشيار ۽ سجاڳ هجن ۽ هر دم ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هجن.

9- سٺن جمهوري اصولن سان ڪم کي وڌائي سگهبو ۽ عوام کي فائدو ٿيندو نہ تہ صحيح ڪم ڪونہ ٿي سگهندو.

10- انهن جي علمي صلاحيت ۽ اخلاقي تربيت جو بندوبست هجي. هاڻي سنڌي ماڻهن کي جڳهيءَ طرح جائزو وٺڻ کپي تہ ڪهڙي تحريڪ يا پارٽي عوام جي ڀلي ۾ آهي، انهيءَ جي مدد ڪن. هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي ماڻهوءَ کي سياست سمجهڻي پوندي ۽ سياست ڪرڻي پوندي ته جيئن پنهنجا حق ۽ سهولتون وٺي سگهن. واڳ ڌڻين لاءِ ضروري آهي ته عوام جي مطالبن تي غور ڪن ۽ انهن جي حل لاءِ ڪوششون وٺن. بالادست طبقي ۽ حرفتين هن ملڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي انهن جي پنيرائي ڪرڻ خطري کان خالي نه آهي.

هاڻي جيڪڏهن جلد کان جلد ضروري آئيني، قانوني، معاشي، معاشرتي، سياسي، اقتصادي، زرعي ۽ صنعتي سڌارا عوام ۽ ملڪ جي ڀلائي لاءِ ۽ انهن جي خراب حالتن کي سڌارڻ لاءِ نه آندا ويا ته پوءِ هن ملڪ جو قائم رهڻ تمام مشڪل ٿي پوندو. اهو هاڻي هن ملڪ جي واڳ ڌڻين جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي ته، اهي ڇاٽا چاهين، اسان جو ڪم لطيف سائين جي شعر وانگر آهي:

"واڪو هڏ م لاهه ڪر سڏن مٿي سڏڙا.

مَن تنهنجي ڪاءِ سگهه م سار ٿئي."

(شاهه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي عوام کي لڳل وڏيون ڇوٽرون

سنڌي عوام صدين کان تباهه حالت ۾ وقت گذاريندو اچي ٿو. ڪڏهن ڌارين ڪاهي ايندڙن جي وڏن ڪٽڪ لشڪرن جي پيرن هيٺان لتاڙجي ويو آهي ته ، ڪڏهن ٻين جي ٽيڪ تي هتان جي ڪنهن معتبر سازش ذريعي قبضو ڪري سنڌي ماڻهن کي پائمال ڪيو آهي. تمام گهڻي عرصي کان وٺي سنڌي عوام سان اها حالت رهي.

انگريزن وري هڪ طبقو جاگيردارن، وڏيرن، زميندارن، ميرن، پيرن ۽ شاهن جو پيدا ڪيو ۽ سنڌي عوام کي انهيءَ طبقي جي حوالي ڪيو، جنهن سنڌ استحصال ڪيو ۽ ڪندو اچي ٿو.

پنهنجي حالت سڌارڻ لاءِ سنڌي عوام کي خود سجاڳ ٿي ڪم ڪرڻو پوندو، سنڌين کي وڏيون ڇوٽرون لڳل آهن، جن سنڌ رت چوسيو آهي ۽ اڃا به چوسين پيون، سنڌي عوام کي غلط ڳالهين ۾ ڦاسايو ويو آهي.

جيڪڏهن انهن سيني ڳالهين کي سمجهبو ته پوءِ پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ ڪوشش ڪبي. سنڌي عوام ۽ معاشري کي تباهه ڪندڙ ڪجهه ڇوٽرون جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو، جن مان عوام کي متحد ٿي جان ڇڏائڻي پوندي.

سنڌي عوام کي لڳل هيٺيون وڏيون ڇوٽرون آهن:

1- جاگيرداري، زمينداري، وڏيراشاهي ۽ سرمائيداريءَ وارو استحصالي نظام:

گهڻي وقت کان جاگيرداري، زمينداري، وڏيراشاهي ۽ سرمائيداريءَ وارو استحصالي نظام هلندو ٿو اچي.انهيءَ نظام جي ڪري به عوام جي وڏي حصي يعني هاري ۽ مزدور طبقي جي حالت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خراب رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ ظالماڻي نظام ڪي الله جي زمين تي ڪجھ ماڻهو جاري رکيو پاڻ زمين تي قابض ٿي ويٺا آهن. حالانڪ اها ڪا هنن پاڻ نہ ناهي آهي، نہ پيدا ڪئي آهي. پر غلط قسم جي سماجي نظامن جي ڪري سندن زمين جي مٿان قبضو ٿي ويو آهي ۽ هلندو پيو اچي. زمين هاڻي " جيڪو کيڙي سو کائي" جي اصول مطابق ورهائي وڃي تہ جيئن هاري طبقو پنهنجي محنت جي پيداوار پاڻ کڻي ۽ کائي. هارين جي بدحالي، تباهي ۽ جهالت جو زميوار هر جاگيردار، وڏيرو ۽ زميندار آهي. جيئن هندستان ۽ بنگلاديش ۾ زمينداري ختم ڪري زمين هارين ۾ ورهائي وئي آهي. تيئن هتي بہ فورن زرعي سڌارا نافذ ڪري هن نظام جو خاتمو آندو وڃي تہ جيئن هاري ويچارو پنهنجي محنت جو ڦل پاڻ کائي ۽ ڪجھ سک جو ساھ پٽي. هتي تہ غلط ۽ بي نامي ڪاتن جي ذريعي وڏا زميندار زمين رکيو ويٺا آهن، پر انهيءَ قسم جي جاچ بہ ڪاڻ تي ڪرائي وڃي تہ ڪم از ڪم ڪوڙا ڪاتا تہ جلد ختم ٿي وڃن.

اهڙي طرح مزدور کي ڪارخاني جي نفعي ۾ شريڪ ڪيو وڃي، ڪم از ڪم ويھ سيڪڙو منافعو مزدورن ۾ ورهايو وڃي تہ جيئن سندن حالت بهتر ٿئي. ظالم سرمائيداري نظام کي سڌاري صحيح ڪرڻو پوندو. اسلام جي پنجن ئي اهم فقيهن وٽ بٽئي سسٽم حرام ۽ زمين جو ڪرو حرام آهي. تنهن ڪري انهيءَ سسٽم کي ختم ڪيو وڃي ۽ زمين جو سچو نظام " جيڪو کيڙي سو کائي" جي اصول مطابق هلايو وڃي.

2- پير پرستي:

اسان جي ملڪ ۾ خاص طرح سان عوام کي ڦرڻ ۽ لٽڻ لاءِ هڪ مخصوص طبقي پير پرستي جو رواج وجهي عوام جو استحصال ڪيو ۽ صدين کان وٺي اهو جاري رهندو آيو آهي، الله جا بزرگ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دوست بندا ته اهي هئا جن هيٺ پنهنجو وقت مسڪيني حال ۾ گذاريو
پر انسانن کي صحيح ڪم جي تلقين ڪندا رهيا آهن. هميشه ڪڏهن
به دنيا سان غرض ڪانه رکي، نه وري ڪو اجورو ونڻ پسند ڪندا هئا.
پر انهن جا ناخلف ۽ نااهل پويان جانشين اهڙا پيدا ٿيا. جن ماڻهن
کي غلط عقيدن ۽ وهمن ۾ ڦاسائي منجهائي پوءِ انهن کي پئسن ڦرڻ
جو طريقو ڏنن، نياز، نذراني جي صورت ۾ مروج ڪري ڇڏيو.
اسلام ته غلط عقيدن ۽ وهمن کي متائڻ آيو هو، پر هنن وري
وڏي حرفت سان انهن کي زندهه ۽ جاري ڪري ڇڏيو ۽ غريب عوام
کي ڦري ڪنگال ڪري ڇڏيو اٿن. نياز ۽ نذراني جا اهڙا طريقا
استعمال ڪيائون جو هنن جا زندهه پير به پئسن ڪمائڻ جو سٺو
ذريعو ٿي پيا آهن. پر مردهه پير به سٺي پيداواري صنعت ٿي پيا.
اهڙي طرح سان زندهه ۽ مردهه پيرن ماڻهو کي سڄو ۽ پينگيو ڪري
ڇڏيو آهي. سڄي ملڪ ۾ ڏسبو ته انهيءَ نموني سان عوام جو تمام
گهڻو استحصال ڪيو ويو ۽ ڪنهن حد تائين اڃا جاري آهي. انهيءَ
کان علاوه ماڻهن کي گهڻن عقيدن ۾ ڦاسائي ڇڏيو اٿن ۽ انهن کي
صحيح تعليم ۽ ڄاڻ ڪانه ڏنن. تنهن ڪري مسلم معاشري ۾ جهالت
وڌندي رهي ۽ عوام اٽڙهيل رهجي ويو. تمام گهڻيون وڏيون درگاهون
۽ پير غلط ڪارين جا اڏا بڻجي ويا آهن، جن کي ختم ڪرڻ ۾ هاڻي
گهڻو وقت ۽ گهڻي محنت ڪپندي. مذهب انسان ذات جي ڀلائي ۽
انسانن جي زندگي سڌارڻ آيا هئا ۽ خاص طور سان اسلام ته سڀني
زندهه ۽ مردهه بتن جي ختم ڪرڻ لاءِ آيو ۽ سڀني هستين کي ختم
ڪري هڪ هستيءَ کي مڃڻو هئو ۽ آهي. ائين به چيو ويو ته، الله کي
سڌوسنئون سڏ ڪري سگهون ٿا ۽ ڪنهن کي به مجال نه آهي جو
توهان کي ان جي ويچهو ڪري سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قرآن شريف ۾ زندگيءَ جي قاعدن، قانون جو احوال آهي يا آثار ۽ تاريخ جو احوال آهي. انهيءَ لاءِ تہ توهان ڳالهيون سمجهي سگهو. شوڪارن، ڦوڪارن جي ڪاڻ ڳالهہ ڪاٿي لڪيل نہ آهي، نہ وري سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪو قاعدو لڪيل آهي يا ڪا حقيقت لڪيل آهي تہ اها انسان کي سمجهائڻ لاءِ آهي. انهيءَ کي ورجائڻ سان يا شوڪارن سان انهيءَ جي معنيٰ جي مطابقت ۾ ڪو فرق ڪونہ آهي. اهڙين حقيقتن جو ۽ ڳالهہ جو مفهوم سمجهڻ ڪانسواءِ ۽ عمل ڪانسواءِ يعني انهيءَ قانون کي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ مقصد ڪونہ آهي. جيئن دوا جو نالو وري وري ورجائڻ سان مرض تي ڪوبہ فرق ڪونہ پوندو آهي، اهڙيءَ طرح سان آيتن، مذهبي حقيقتن ۽ قاعدن کي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ ڪانسواءِ صرف شوڪارن سان يا ڪنهن پني تي لکي ٻانهن يا ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ ڪانسواءِ امڪاني نفسياتي اثر جي ٻيو ڪوبہ اثر ڪونہ پوندو.

انهيءَ طرح جا عمل صرف عام ماڻهن کي ڌوکي ۽ فريب سان ڦرڻ جي لاءِ مفادپرستن ۽ غلط قسم جي مذهبي ماڻهن شروع ڪيا، اجا تائين بہ ڪندا اچن. پئسو ڪمائڻ سندن مذهب ۽ ڪاروبار ٿي ويو آهي ۽ انهيءَ ڪاروبار مان خوب فائدو حاصل ڪيو اٿن. شاهہ سائين اهڙن ٺڳ ماڻهن لاءِ چيو آهي تہ:

" **مرون سنڌي ماس تي ٿا ماڪ مٿائين!**"

هي نام نهاد پيرن، فقيرن، سيدن، مرشدن ۽ مخدومن جو اهڙو ٽولو پيدا ٿيو، جن مذهب جو نالو استعمال ڪري پنهنجو پيٽ پريو ۽ ماڻهن کي ڦريو. ماڻهو ويچارا انهيءَ قسم جي ڦرلٽ ۽ ٻين گهڻن ئي قسمن جي استحصال جي ڪري غريب ۽ اٻوجهہ ٿيندا ويا. هي ماڻهو سڏائين وري انهيءَ " رسول مقبول صلي الله عليہ وآلہ وسلم" جا پيروڪار ٿا، جنهن سڄي زندگي پنهنجي لاءِ هڪ پئسو بہ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قرآن شريف ۾ زندگيءَ جي قاعدن، قانون جو احوال آهي يا آثار ۽ تاريخ جو احوال آهي، انهيءَ لاءِ تہ توهان ڳالهيون سمجهي سگهو. شوڪارن، ڦوڪارن جي ڪابہ ڳالهہ ڪاٿي لکيل نہ آهي، نہ وري سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪو قاعدو لکيل آهي يا ڪا حقيقت لکيل آهي تہ اها انسان کي سمجهائڻ لاءِ آهي. انهيءَ کي ورجائڻ سان يا شوڪارن سان انهيءَ جي معنيٰ جي مطابقت بہ ڪونہ آهي. اهڙين حقيقتن جو ۽ ڳالهہ جو مفهوم سمجهڻ ڪانسواءِ ۽ عمل ڪانسواءِ يعني انهيءَ قانون کي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ مقصد ڪونہ آهي. جيئن دوا جو نالو وري وري ورجائڻ سان مرض تي ڪوبہ فرق ڪونہ پوندو آهي، اهڙي طرح سان آيتن، مذهبي حقيقتن ۽ قاعدن کي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ ڪانسواءِ صرف شوڪارن سان يا ڪنهن پني تي لکي ٻانهن يا ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ ڪانسواءِ امڪاني نفسياتي اثر جي ٻيو ڪوبہ اثر ڪونہ پوندو.

انهيءَ طرح جا عمل صرف عام ماڻهن کي ڌوڪي ۽ فريب سان ڦرڻ جي لاءِ مفادپرستن ۽ غلط قسم جي مذهبي ماڻهن شروع ڪيا، اجا تائين بہ ڪندا اچن. پئسو ڪمائڻ سندن مذهب ۽ ڪاروبار ٿي ويو آهي ۽ انهيءَ ڪاروبار مان خوب فائدو حاصل ڪيو اٿن. شاهہ سائين اهڙن ئي ماڻهن لاءِ چيو آهي تہ:

"**مرون سندي ماس تي تا ماڪ مٽائين!**"

هي نام نهاد پيرن، فقيرن، سيدن، مرشدن ۽ مخدومن جو اهڙو ٽولو پيدا ٿيو، جن مذهب جو نالو استعمال ڪري پنهنجو پيٽ پريو ۽ ماڻهن کي ڦريو. ماڻهو ويچارا انهيءَ قسم جي ڦرلٽ ۽ ٻين گهڻن ئي قسمن جي استحصال جي ڪري غريب ۽ اٻوجهہ ٿيندا ويا. هي ماڻهو سڏائين وري انهيءَ "رسول مقبول صلي الله عليہ وآلہ وسلم" جا پيروڪار ٿا، جنهن سڄي زندگي پنهنجي لاءِ هڪ پئسو بہ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکيو، جنهن فرمايو تہ: "الفقر فخري" جنهن جي وڏي ۾ وڏي سنت ئي آهي، بغير پئسي جمع ڪرڻ جي زندگي گذارڻ. اهڙي "رسول مقبول صلي الله عليه وآلہ وسلم" جا اولاد ۽ پيروڪار اهي تہ ڪونہ ٿا ٿي سگهن، جن جو ڌنڌو صرف ماڻهن کي ڦرڻ هجي. اهڙن نام نهاد بزرگن، پيرن، فقيرن ۽ مرشدن کي غريبن کان پئسن ڦرڻ تي ڪڏهن بہ شرم حياءُ ۽ ڪهڪاءُ ڪونہ آيو.

هاڻي عوام بہ سمجهي چڪو آهي تہ، هي صرف ڦورو ۽ لٽيرا آهن، هنن جو نہ تہ ڪو مذهب سان واسطو آهي ۽ نہ وري انسان ذات لاءِ ڪا همدردي اٿن، هنن جو ڪم پئسو ڪمائڻ ۽ جمع ڪرڻ آهي. هاڻي عوام وٽ اهي ماڻهو جيڪي ڪنهن بہ مذهبي حيلي، وسيلي ۽ بهاني سان عوام کي پئسن ڦرڻ ۽ ٺڳائڻ جي ڪوشش ڪندا، ڪنهن بہ قسم جي عزت، احترام يا ادب لائق نہ آهن، ڇو تہ هاڻي هنن جي پئسي لاءِ لالچ صاف ظاهر ٿي پئي آهي. تنهن ڪري اهڙن ماڻهن کي صرف پئسن جو پوڄاري ۽ لٽيرو سمجهيو ويندو. الله تعاليٰ قرآن حڪيم ۾ بہ فرمايو آهي تہ: "ليس اللانسان الاماسعيٰ" انسان لاءِ اهو آهي، جيڪو محنت سان ڪمائي. مفت خوري ڪنهن بہ طرح سان جائز ڪونہ آهي.

3- سماجي براين جي وبا:

عوام ويچاري جي بدحاليءَ جو هڪ وڏو سبب سماجي براين جي عادتن ۾ ڦاسي وڃڻ آهي، جهڙوڪ: نشو، جوا، چوري ۽ زنا وغيره. اهڙي طرح سان ڪجهہ غلط قسم جي ونڊر وارين ڳالهين بہ عوام کي نقصان پهچايو آهي. جيئن ڪڪڙن جي ويڙهہ، سوئرن جو شڪار، ڪتن ۽ رڇن جي ويڙهہ، ڏاندن، گهوڙن ۽ گڏهن جون ميلون. هي سماجي برايون عوام ۾ آهستي آهستي پيدا ڪيون ٿيون وڃن ۽ جڏهن ڪجهہ ماڻهو عادي ٿي وڃن تہ پوءِ پيا بہ انهيءَ مرض ۾ مبتلا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي ٿا وڃن. ڪن برائين جو وجود سرڪاري اهلڪارن جي مدد ڪانسواءِ پنجي نٿو سگهي. جيئن آفيم، چرس، شراب، تماڪ، گٽڪا ۽ هيروئن وغيره. قانوني طرح منع هجڻ جي باوجود اهي سڀ شيون عام جام واپارين ۽ واپراين وڃن ٿيون. پشاور کان هلي سڄي ملڪ ۾ ڦهلجي وڃن ٿيون. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته، پوليس ۽ انتظاميا انهيءَ ڪاروبار ۾ شريڪ آهن ۽ هٿ وٺي انهيءَ ڪاروبار کي ڦهلائين ٿا.اهڙي طرح سان پوليس جو ادارو انسانن کي تباهه ڪرڻ جو وڏو جوابدار آهي. بشني، جيب ڪترا ۽ گهٽي پاڳي چور به پوليس جا پاليل هوندا آهن، پر سڀني وس وارن کي خبر هوندي به انهن لاءِ ڪوبه قدم نٿو کنيو وڃي. عوام ويچارو اهڙين برين عادتن ۾ ڦاسي بيڪار ٿيو وڃي ۽ سدائين معاشي بدحاليءَ جو شڪار رهي ٿو. اهڙن ماڻهن کي سڌارڻ جون ڪوششون به ڪري سگهجن ٿيون، پر پهريائين انهن جي پيدا ڪرڻ وارين فيڪٽرين تي ڪڙي نظر رکڻي پوندي. اهو ڪم حڪومت جو آهي ۽ انهيءَ کي ڪرڻ کپي، جي حڪومت نٿي ڪري ته پوءِ عوام جو ڪم آهي ته سڌارو پاڻ ڪن ۽ حڪومت جي اهڙن اهلڪارن کي به واڪو ڪن ته جيئن اهڙن انسان دشمن ڪمن کان شرم ڪن ۽ انسان ذات جي تباهيءَ جو ڪارڻ نه بڻجن، هر انسان کي ٻين جي چڱائي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ گهرجي.

4- آباديءَ جي شرح ۾ واڌ:

ڪجهه ملڪ انهيءَ ڪري به معاشي بدحاليءَ جو شڪار ٿين ٿا ته، سندن آبادي تمام وڏي شرح سان وڌي رهي آهي، پر سندن پيداواري صلاحيت انهيءَ حساب سان ڪانه ٿي وڌي. تنهن ڪري اهڙا ملڪ يا ته آباديءَ تي ڪنٽرول ڪن، يا وري تمام گهٽي محنت ۽ رٿابندي ڪري پنهنجي پيداواري صلاحيت وڌائين. ڏکڻ اوڀر ايشيا جا گهڻا ملڪ جهڙوڪ: هندستان، پاڪستان ۽ بنگلاديش انهيءَ مصيبت ۾ مبتلا آهن. انهن سڀني ملڪن کي رٿابندي ڪري آبادي به گهٽائڻي پوندي ۽ پيداوار به وڌائڻي پوندي. آباديءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ تعليم سجاڳي وڌائيندي پوندي. ماڻهن کي سمجهائڻو پوندو ته خوشحال زندگي گذارڻ لاءِ مختصر خاندان ڪرڻو پوندو. آباديءَ جي وڌي شرح ملڪ جي ترقيءَ جي راهه ۾ به رڪاوٽ آهي. تنهن ڪري عوام الناس ۽ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ اهو بيحد ضروري آهي ته، رياست بين سيني خرچن کي گهٽائي پنهنجي هر فرد يعني مرد توڙي عورت کي پيداواري صلاحيت جي تخليق ۽ ترقيءَ لاءِ فني، هنري ۽ سائنسي تعليم ڏياري. اسان جي ملڪ ۾ فوجي خرچ تمام گهڻو آهي، اهو گهٽائي يڪدم بجيٽ جو ڏهه سيڪڙو تعليم لاءِ رکيو وڃي ۽ چند سالن ۾ انهيءَ کي وڌائي ويهه سيڪڙو ڪيو وڃي. اهڙن ضروري ۽ فوري قدمن کڻڻ سان اسان پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي حالت سڌاري سگهون ٿا.

5- غلط رسم ۽ رواج:

ڪجهه رسمون ۽ رواج ايترو وڌي ۽ عام ٿي ويا آهن، جو انهن کي پورو نه ڪرڻ سان شرمساري محسوس ٿئي ٿي، جيئن شادي ۽ موتي فوتي وارا رسم رواج، جيئن ٽيجهو، چهلم، جماڻو ۽ ٻارهو وغيره. انهن رسم رواج کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪيترائي خاندان تباهه ٿي ٿا وڃن ۽ گهڻا غريب انهن کي پورو نه ڪري سگهڻ جي ڪري پنهنجي گهٽتائي ٿا محسوس ڪن ۽ هروڀرو پريشان ٿيو وڃن، جيڪڏهن چڱا ماڻهو ڪوشش ڪن ۽ پاڻ اهي رسم رواج ختم ڪن يا گهٽ ڪن ته پوءِ عوام ويچاري جو به بچاءُ ٿيندو. سمجهدار ماڻهو وري عوام کي سکيا ڏين ته جيئن انهيءَ غلط رجحان جو خاتمو آندو وڃي. گهڻا ويچارا قرض کڻي اهڙي قسم جا خرچ ڪن ٿا. پوءِ وري انهن قرضن لاهڻ لاءِ پريشان رهن ٿا سخت محنت ۽ پورهيو ڪري قرض لاهڻ ۾ گهندا وتن ٿا. هي جيڪي جوئرون يا بيماريون لڳي ويون آهن انهن کي ڪڍڻ لاءِ ساڃهه وند سڀ گڏجي ڪوشش ڪن ته جيئن عوام ويچارو خوش ٿي سک جو ساهه کڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سياسي ۽ معاشي ذهن ۾ قاتل پاڪستان

پاڪستان ٺهڻ جي گهڻن سالن گذرڻ بعد ملڪ ۽ ماڻهو هڪ منجهيل بحران ۾ قاتل آهن. انهيءَ جو هڪ وڏو سبب ته اهو آهي ته، جن چڱن مڙسن ملڪ ناهيو ۽ شروع کان وٺي حڪمراني ڪئي، انهن کي هن ملڪ ۽ ماڻهن سان ڪنهن به قسم جي همدردي يا محبت ڪانه هئي. تنهن ڪري ملڪ ۽ ماڻهن لاءِ ڪجهه ڪونه ڪيو. باقي پنهنجا مفاد بلڪل چڱي طرح سان پورا ڪيائون. ان وهندڙ گنگا مان نه صرف سيني عضوا پسايا پر گهڻن ته پوريءَ طرح سان سنان ڪيو. اسان جي ملڪ جي عوام کي مختلف حيلن، بهانن ۽ حرفتن سان جاهل ۽ منجهيل رکي، انهن جو استحصال ڪيائون. ملڪ کي لٽي سرمايو ٻاهر ڪڍي وڃي بينڪن ۾ جمع ڪري رکيائون، جنهن جو موٽائڻ هاڻي ممڪن ئي نه آهي.

هن وقت جنرل پرويز مشرف صاحب نواز شريف کي اقتدار تان هٽائي پاڻ کي پڻ چيف ايگزيڪيوٽو قرار ڏئي فوجي پٺڀرائيءَ جي زور تي حڪمراني ڪري رهيو آهي. عوام نواز شريف جي حڪومت مان به تنگ هئو. تنهن ڪري جنرل صاحب جي آجيان ڪئي ۽ خاص طور تي هن جي ست نڪاتي موزون ۽ مناسب پروگرام تي گهڻن ماڻهن کي اطمينان مليو ته، هاڻي شايد هڪ سنو حڪمران آيو آهي ۽ هن ملڪ ۽ عوام جي قسمت جاڳي پوندي. جنرل صاحب جي حڪومت کي نو مهينا گذري چڪا آهن، پر ڪنهن به قسم جو ڪو خاص رليف عوام کي ڪونه مليو آهي، باقي مهانگائي وڌيڪ ڍرانگهن سان وڌي رهي آهي.

پاڪستان تي ٻاهرين ملڪن جو قرض تقريبا چاليهه ارب ڊالرن کان به وڌيڪ آهي ۽ ايترائي اندروني ملڪ جي بينڪن ۽ ٻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مالياتي ادارن جا قرض آهن، جيڪي ڪڏهن به قوم جي اڳيان پيش ڪونه ٿا ڪيا وڃن. پاڪستان سرڪار جا شاهاڻا خرچ ڪمائيءَ ڪان وڌيڪ آهن، جن ۾ ڪنهن به قسم جي گهٽتائي مٿين سطح تي ڪانه آئي آهي. باقي هيٺين سطح تي غريب ۽ وچولي طبقي جي پورهيتن ۽ ملازمن کي بيروزگار ڪيو ويو آهي.

بجيٽ ۾ انگ اکر هميشه وانگر ٺي پيش ڪيا ويا آهن، جن جي پوري ٽيڻ جي ڪا به اميد ڪانه آهي، عوام کي وري به منجهائي رکڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي. نيپ کي غلط اختيار ۽ شايد غلط هدايتون به ڏنيون ويون آهن. جاڪاڻ ته هنن جي غلط قدمن جي ڪري اقتصادي جمود طاري ٿي ويو آهي، جنهن مان نڪرڻ جي اميد بلڪل نظر ڪونه ٿي اچي.

نيشنل ريڪنسٽرڪشن بيورو به ٺاهيو ويو آهي ۽ ان جو سربراهه به هڪ جنرل آهي، جيڪو نئون نظام پيش ڪرڻ ضلعي حڪومتن جو غلط نظريو پيش ڪري چڪو آهي. نيب ۽ نرب جي ٻنهي ادارن ملڪ ۾ وڏو مانڌاڻ پيدا ڪيو آهي ۽ لڳي ٿو ته بالادست طبقي جي هڪ گروهه کي هلائي ٻئي گروهه کي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي، پر عوام ۽ وچولي طبقي کي پنهنجي مٿان حڪمراني ڪرڻ جو حق قطعي ڪونه ڏنو ويندو. ضلعي جي حڪمراني چيف ميئر جي حوالي هوندي، جيڪو سڄي ضلعي جي عام راءِ ذريعي چونڊبو. سنڌس چونڊ تي خرچ جو اندازو اٽڪل پنج ڪروڙ ٿيندو، ان عمل ۾ ڪهڙي قسم جا ماڻهو حصو وٺي سگهندا، سو چڱي طرح سمجهي سگهجي ٿو. يعني ساڳيو ئي وڏن ماڻهن جي بالادستيءَ جو پروگرام. سڄي ملڪ کي تقريبا هڪ سو پنجن ماڻهن جي ذريعي ڪنٽرول ڪري پنهنجا غلط مقصد ماڻيا ويندا. صوبائي ۽ قومي اسيمبلين لاءِ اڃا تائين ڪا به پاليسي ڪانه ڏني وئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستان آرمي جي تقريبا چار هزار آفيسرن کي مانيٽرنگ سيل، وجيلنسي سيل ۽ ٻين ادارن ۾ ساڌ پاڪ سمجهي مقرر ڪيو ويو آهي، پر انهن جهڙي طرح سان سڄي پبلڪ کي تنگ ڪري آرمي کي بدنام ڪيو آهي، ان جو ڪو مثال ئي ڪونهي. ڇاڪاڻ ته انهن جي مثال ڪوبه چيڪ ڪونه آهي. تنهن ڪري اهي بي تاج بادشاه آهن. جنهن جي جيڏي مهل وڻين پڪڙي لاهي وجهن. سنڌ ۽ سنڌين سان ته خاص تعصب ۽ دشمني اٿن، جنهن جو مظاهرو ڪيترين ئي جاين تي ڪري چڪا آهن ۽ انهيءَ قسم جا سوين مثال موجود آهن. هن طريقي سان پاڪستان آرمي جي ساک کي وڏو ڌڪ لڳو آهي ۽ جيڪڏهن هي ادارو به مڪمل تباهه ٿي ويو ته ملڪ کي هلڻ ۽ هلائڻ به مشڪل ٿي پوندو. واڳ ڌڻين کي شل اها سولي سڌي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ۽ آرمي کي هڪدم بئرڪن ۾ واپس ڪن.

واپارين سان ڳالهه ٻولهه ذريعي جي ايس ٽي ۽ ٻين ٽئڪسن جو مسئلو حل ٿيڻ کپي ها پر هرويرو ضد ڪري سڄي ملڪ کي منجهائي ملڪ جي ڪاروبار کي جمود جو شڪار بڻائي ڇڏيو اٿن. غلط انگ اکر پيش ڪرڻ ۽ غلط بيان بازي ڪرڻ ۾ هن حڪومت وارا اڳين حڪومتن کان گهٽ ڪونهن، جيستائين رشوت گهٽائڻ جو سوال آهي ته بلڪل گهٽ ڪونه ٿي آهي، پر ريٽ وڌي ويا آهن. چيف جسٽس جي دروازن تي به رشوت علي الاعلان هلندي ڏٺي وئي آهي، پوليس، ايف آءِ اي ۽ آرمي سيل وارن جي به پيڳهي متل آهي، ڇاڪاڻ ته ڪاٺ پڇڻ وارو ڪير به ڪونه آهي. عوام ويچارو گهٽين کي ڪوڙڪين ۽ ويلن ۾ ڦاٿل آهي، ڦٿڪي نه نٿو سگهي. ڪيترن وڏن ذميوار ماڻهن تي رشوت جا الزام لڳا آهن، پر هن وقت تائين اهي پوسٽن تي موجود آهن، عوام کي ڪنهن به قسم جو رليف ڪونه مليو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعليم ۽ صحت مهانگي ڪئي وئي آهي، صرف دوائن جو اگهه هندستان ۽ بنگلاديش سان ڀيٽائين تہ خبر پوندن تہ اسان وٽ دوائون هزار پرسينٽ مهانگيون آهن. ڪڻڪ اٽي مهينن ۾ تقريبن ان روپيا في ڪلو مهانگي ٿي آهي، اهڙي طرح سان سڀني شين جا اگهہ آسمان سان ٿا ڳالهيون ڪن. ڪجهہ ماڻهن کي نيب جي غلط قانونن ۾ قابو ڪري رکڻ سان ملڪ ڪڏهن ڪونہ سڌرندو ۽ نہ وري اقتصادي بحالي اچي سگهندي. ان لاءِ جيڪي صحيح قدم کڻڻ کپن، اهي اجا تائين کنيا ئي ڪونہ ويا آهن، لڳي ٿو تہ ملڪ سان ڪا وفاداري ڪانهي، صرف ڏيکاءُ ۽ نام نهاد جو چڪر آهي، باقي اصل مقصد بالادست طبقي جي هڪ گروهہ کي هٽائي ٻئي کي آڻڻو اٿن، ان لائين تي ڪم هلي پيو. جيڪڏهن جنرل صاحب چاهي ٿو تہ، ملڪ سڌري ۽ ترقي ڪري تہ پوءِ يڪدم هيٺيان سڌارا ڪري ۽ پوءِ چوندون ڪرائي ۽ ملڪي نظام چونڊيل نمائندن حوالي ڪري.

1- پنجاهہ هزار آدمشماري تي هڪ تڪ ۽ انتظامي يونٽ ٺاهي پوءِ اليڪشن ڪرائي وڃي.

2- صوبن کي مڪمل خودمختياري ڏني وڃي، ڇو تہ پنجاب جيٰ بالادستي ڪنهن بہ صوبي کي قبول نہ آهي.

3- صوبائي مسئلن جي لاءِ سڀني صوبن مان هڪ جيترن عوامي ليڊرن ۽ ماهرن جي ڪميشن جوڙي وڃي، جيڪا بين الصوبائي مسئلا انصاف سان حل ڪري.

4- سڀني مرڪزي بورڊن ۽ ادارن ۾ سڀني صوبن کي هڪ جيتري نمائندگي ڏني وڃي ۽ صدارت واري واري سان هر صوبي کي ڏني وڃي.

5- سينيٽ جون سيٽون وڌايون وڃن ۽ ان کي مڪمل بااختيار ادارو بڻايو وڃي، جيڪو سڀ بل پاس ڪري، نہ تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسيمبليءَ کي واپس ڪري، ڪوبه بل سينيٽ جي منظوريءَ کانسواءِ
پاس نہ ڪيو ويجي.
6-اسيمبلين کي ختم ڪرڻ جو اختيار ڪنهن کي بہ نہ ڏنو ويجي.
7- هر طبقي جي ماڻهن ۽ ملازمن جي احتساب لاءِ هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جي ججن تي مشتمل ڪميشنون قائم ڪيون وڃن ۽ اهي خود بہ خود قدم کڻي سزائون ڏئي سگهن، سپريم ڪورٽ کي اپيل ٻڌڻ جو حق هجي.
8- ملازمن جي پگهار ۾ مناسب واڌارو ڪيو وڃي تہ پوءِ انهن کان ئي ايمانداريءَ جي تقاضا ڪري سگهجي ٿي.
9- ڊاڪٽر، وڪيل ۽ وڏا آفيسر سفيد پوش ڌاڙيل آهن، انهن جو بندوبست ٿيڻ کپي، وڪيلن جو فيون لکن ۾ ۽ ڪن حالتن ۾ ڪروڙن ۾ ٿين ٿيون، اهڙي طرح ڊاڪٽر آپريشن لاءِ لکن ۾ وٺن ٿا؛ تي چڪا وڃيو پون.
10- سڀني ضلعي آفيسرن کي روزانو کليل ڪچهريون لڳائڻ کپن ۽ انهن ۾ ماڻهن کي پوليس ذريعي روڪيو نہ وڃي.
11- پريس بلڪل آزاد هجي ۽ هو پاڻ پنهنجي لاءِ اخلاقي معيار ناهين.
12- زمين " جيڪو کيڙي سو کائي" جي اصول تي ڏني وڃي.
13- ڪارخاني مان مزدورن کي نفعي مان پنجويهہ سيڪڙو ملڻ کپي.
14- ڏوهن تي سخت سزا ڏني وڃي، پر پهريان ان جا سبب دور ڪيا وڃن، عوام آزار ڪاٿن ۾ سڌارا آندا وڃن.
15- منشيات ۽ اسمگلنگ مڪمل طور تي بند ڪئي وڃي.
16- سڀني پبلڪ ڏوهن لاءِ ضلعي آفيسرن کي جوابدار بڻايو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

17- هر تعلقي ۾ سيشن ڪورٽ قائم ڪئي وڃي.

18- تعليم تي خاص ڌيان ڏئي وڌيڪ بجيٽ رکي وڃي، هر سطح تي تعليم سستي ڪئي وڃي. هن وقت جن ماڻهن کي جنرل صاحب ويجهو آندو آهي، اهي عوام منجهان نه آهن ۽ نه وري عوام جا همدرد آهن، تنهن ڪري جلد کان جلد تيم مٽائي وري ڪم شروع ڪري، جيڪڏهن هي آخري موقعو به وڃايو ويو ته قوم اونهي مايوسيءَ جي کوهه ۾ ڪري پوندي، جنهن مان انهيءَ کي ٻاهر ڪڍڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم ٿي پوندو. تعليمي معيار کي سڌاريو وڃي ۽ تعليم ۾ خاص طرح سان فني هنري ۽ اخلاقي تعليم تي وڌيڪ زور ڏنو وڃي. عورتن جي تعليم لاءِ ۽ هنر سکڻ لاءِ انتظام ڪيا وڃن. عورتون آبادي جو اڌ آهن انهي حساب سان هنن لاءِ هر قسم جي سهوليتن لاءِ وڌيڪ پئسا رکيا وڃن ۽ انهن کي سٺو روزگار مهيا ڪري ڏنو وڃي، عورتن جي معاوضي ۾ به انهن کي ترجيح ڏني وڃي ته جيئن هو شوق سان تعليم وٺي نوڪريون ڪري سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي ماڻهن جي نڌڪائپ ۽ ويڳاڻپ ڪٿي ٻيهندي؟

سنڌ جيڪا پراڻي وقت ۾ " سپت سنڌو" سڏبي هئي ۽ هن وقت جي سڄي پاڪستان کان علاوه ڪجهه ٻين علائقن تي مشتمل هئي سا سسندي سڪڙندي اڄي موجوده صورت تي بيٺي آهي ۽ ڪيس به ڇوڙاري خطرا وڪوڙي ويا آهن.
پراڻي وقت ۾ يونانين ، ايرانين ، عربن ، پٺاڻن ، ۽ بلوچن سدائين ۽ لڳاتار پٺي مٿس حملا ڪيائون ۽ نتيجي ۾ سسندي به رهي ۽ سندس اصلي آبادي جيڪا سنڌي سپاجهڙن تي مشتمل هئي اها نڌڪي، ويڳاڻي ۽ معاشي طور تي استحصال جي ڪري بدحال به ٿيندي رهي ۽ هر قسم جي ترقيءَ کان وانجهيل رهي. انهن سيني حملي آورن جو جڏهن زور ٽٽو ۽ واپس وڃڻ تي مجبور ٿيا ته سندن حڪومتون ته ختم ٿي ويون پر انهن جي ڪجهه آبادي هتي رهجي ويئي ۽ اهي هتان جي اصلي آباديءَ جو حصو بڻجي ويا. سنڌي ماڻهو ٻڌ ڌرم جي ڪري امن پسند ۽ صلح پسند هئا ان جي ڪري موئن جي دڙي مان ڪنهن به قسم جا وڏا خطرناڪ هٿيار ڪونه لڌا آهن. هي سپاجهڙا من موهيندڙ امن پسند هئا ، ان ڪري ڌاريا هميشه چڙهايون ڪندا رهندا هئا. پر سنڌي به مزاحمتي جنگ جوتيون ايندا هئا ، جنهن ڪري ڪوبه ڌاريو گهڻو وقت جٽاءُ ڪونه تي ڪري سگهيو. بهرحال لڳاتار حملن جي ڪري ڪا وڏي ترقي ڪري ڪونه سگهيا. جيتوڻيڪ وچ ۾ سنڌي ماڻهن جون حڪومتون سومرن ، سمن ۽ ڪلهوڙن جون رهيون پر اهي سدائين مختلف ڪاهن ۽ فاتحن ڪي منهن ڏيڻ ۾ پوريون هونديون هيون. بهرحال سنڌ ڪي ڳڏ ڪري هڪ جوڙجڪ پرآندن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آخر ۾ ڪلهوڙن جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي بلوچن حڪومت تي قبضو ڪري ورتو ۽ اهي انگريزن جي فتح تائين قابض رهيا. بهرحال بلوچن جي ڏينهن ۾ سنڌ جدا ملڪ جي حيثيت سان آزاد ملڪ هو.

انگريزن سنڌ کي فتح ڪرڻ کانپوءِ سنڌين جي مزاحمتي خوبين جي ڪري سنڌين سان وڏا ظلم ڪيا. سنڌين کي فوج جي نوڪري ڪڏهن به نه ڏنن ۽ سنڌ ۾ بمبئي سان ملائي ان جي جدا ملڪ واري حيثيت ختم ڪري ڇڏين. تمام گهڻي جدوجهد کانپوءِ وري سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪري 1935ع ۾ جدا صوبي جي حيثيت بحال ڪئي وئي. اهڙي طرح سنڌ ڪجهه وقت پاڪستان قائم ٿيڻ تائين جدا صوبي جي حيثيت سان قائم رهي

سنڌ جا وڏيرا ۽ سياستدان الائي ڪهڙين شين جي ڪري سيني کان اڳرا ٿي سنڌ اسيمبليءَ کان پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪرائڻ وارو هار پائي ويٺا . سنڌ جڏهن انگريزن ورتي هئي ان وقت هڪ ملڪ هئي ۽ اهو فتح ڪيو هئن. اخلاقي طرح سان اهو ملڪ سنڌين کي واپس ملڻ ڪپندو هو پر سنڌ جي وڏيرن، جاگيردارن، پيرن، شاهن ۽ ميرن کي الائي ڪهڙي جلدي هئي يا خطرو هئو جو سيني کان اڳ ۾ سنڌ اسيمبليءَ کان ٺهراءُ پاس ڪرائي سنڌ جي ملڪ جي حيثيت ختم ڪرائي پاڪستان جو صوبو هئڻ تي راضي ٿي ويا.

1943ع وارو ٺهراءُ به ڪجهه بهتر هئو جنهن ۾ هر يونٽ جي آزاد حيثيت هئي پر بعد ۾ 1946ع ۾ انهيءَ حيثيت کي تبديل ڪري هر صوبي کي صرف وفاق جي ماتحت هڪ اڪائي بڻايو ويو. هيءَ سنڌي ماڻهن جي نڌڪائپ ۽ ويڳاڻائپ جي ڪري انهن سان پهرين ويساهه گهاتي ڪئي وئي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ وري مهاجرن جا ڪٽڪ وٺي اچي سنڌ ۾ آباد ڪيائون، جيڪي پنجاهه سالن گذري وڃڻ جي باوجود پاڻ کي سنڌي سڏائڻ به گناهه ٿا سمجهن. انهيءَ سان گڏ سنڌ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنجابين، پناڻن ۽ ٻين خطن جي ماڻهن کي آباد ڪرڻ جا رستا کوليا ويا. اهڙي طرح سان ڏسندي ڏسندي سنڌي سڀاجهڙا پنهنجي ڌرتيءَ تي اوپرا نظر اچڻ لڳا.

سنڌ جي سيني شهرن ۽ وسيلن واپار، ڌنڌن ۽ زمينن تي قبضا ٿي ويا ۽ آفيسر شاهي مڪمل طرح سان ڌارين جي قبضي ۾ هلي وئي. انهيءَ عرصي ۾ سنڌي ماڻهن سان وري ٻي ويساهه گهاتي ڪيائون 1955ع ۾ ون يونٽ ٺاهي سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪئي وئي جنهن ڪري سنڌ جو وڏو نقصان ٿيو.

1958ع ۾ پنجاب جي بالادستي قائم رکڻ لاءِ مارشل لا لاڳو ڪيو ويو، پر اوپر پاڪستان وارا راضي ڪونه ٿيا ۽ مجيب الرحمان جي سربراهيءَ ۾ جدوجهد ڪيائون. ان ڪانپوءِ لڙائي ۾ بنگلاديش جدا ٿي ويو ۽ مجيب الرحمان جي مهم وڃي ڪاميابي ماڻي. باقي بچيو اولهه پاڪستان، ان لاءِ جناب ذوالفقار علي ڀٽو کي سول مارشل لاءِ ايڊمنسٽريٽر ٺاهي حڪومت ان جي حوالي ڪئي وئي. هيءَ پنجاب جي ان وقت جي آفيسر شاهي جي وڏي چال هئي ۽ ڀٽو صاحب پنهنجي ڪمزورين جي ڪري ان چار ۾ ڦاسي پيو ۽ استعمال ٿي ويو. سنڌ ۽ بلوچستان کي ڀٽي صاحب جي ڪري زبردست نقصان ٿيو. ڀٽي صاحب کان 1973ع جو آئين پاس ڪرايو ويو، جيڪو پنجاب جي بالادستي قائم رکڻ جو وڏو ذريعي بڻيو. هن آئين هتان جي سڄي عوام سان ويساهه گهاتي ڪئي وئي خاص طرح سان ننڍن صوبن سان زيادتي هئي. وڏا تڪ رکي اقتدار کي هميشه وڏن پئسن وارن لاءِ محفوظ ڪيو ويو. ان کان علاوه به هي آئين عوام دشمن آئين آهي، جنهن ڪري هتان جي عوام جي حالت ان ڪانپوءِ ڪجهه به نه سڌري آهي. تنهن ڪري ضروري آهي ته هاڻي ترميمون ڪري هن آئين کي سڌاري صحيح ڪيو وڃي نه ته هي ملڪ نه بچي سگهندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بهرحال چرچل جي چواڻي تہ انڊي منڊي جمهوريت ڊڪٽيٽر شپ کان وري بہ بهتر آهي، سو هن آئين تحت جمهوريت کي صرف 1977ع تائين هلڻ ڏنو ويو ۽ جنرل ضياءُ الحق مارشل لا نافذ ڪري جمهوريت ختم ڪري ڇڏي. ڀٽي صاحب کي غلط طريقن سان ڦاسي ڏئي عوام جي ملڪي آواز کي بہ ختم ڪيو ويو.

هن ڊڪٽيٽر شپ جي ڏينهن ۾ سڀ کان گهٽي ۽ وڌيڪ ويساهہ گهاتي بہ سنڌي ماڻهن سان ٿي ۽ سنڌي ماڻهن تي ظلم جا پهاڙ ڪيرايا ويا. ڪوڙا، ڦاسي، جيل ۽ ٻيون هر قسم جون زيادتيون عام طرح سان ڪيون ويون. هي ڊڪٽيٽر آيو ئي پنجاب جي بالادستيءَ کي پڪي ڪرڻ لاءِ هيو ۽ تنهن ڪري هن سنڌ کي صنعتي ترقيءَ ۾ پٺتي ڪري ڇڏيو. ڪاپي ڪلچر کي رائج ڪري رهيل سهيل تعليمي معيار تي زبردست حملو ڪيو جنهن ۾ هو ڪافي حد تائين ڪامياب رهيو. بالادست طبقي جي هميشہ اها خواهش رهندي آئي آهي تہ عوام کي مختلف طريقن سان مفلوج الحال ۽ پريشان رکجي تہ جيئن اهي پنهنجي صحيح حقن جي حاصلات لاءِ نہ ڄاڻ رکن ۽ نہ وري پنهنجي حقن وٺڻ لاءِ جدوجهد ئي ڪري سگهن ۽ جهالت جي اگهور ننڊ ۾ پيلي خواب لهندا رهن. ضياءُ الحق جي دور کانپوءِ ڪجهہ نالي ماتر جمهوري دور شروع ٿيو پر انهن مان ڪجهہ بہ نہ ورتو هو جو تہ1973ع واري آئين کي وڌيڪ بگاڙيو ويو. انين ترميم جي منظوري کان سڄو ملڪ ڇڻ تہ صدارتي نظام هيٺ اچي ويو ۽ صدر کي آئين مطابق اسيمبلين کي ٽوڙڻ جا اختيار حاصل ٿي ويا. هنن اختيارن مطابق چونڊيل اسيمبليون ختم ڪري عوام کي جمهوريت کان بيزار ڪيو ويو ۽ عوام صحيح طرح سان چونڊن ۾ دلچسپي ئي ڪونہ ٿو وٺي، ڇو تہ انهن کي جمهوريت واري آزاديءَ جو ڦل مليو ئي ڪونهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڄام صادق جي دور ۾نوازشريف پارٽيءَ جو ناهه ڪرائي سنڌ جي پارٽيءَ جي حصي کي گهٽائي سنڌي عوام سان چوٿين وڏي ويساهه گهاتي ڪئي ۽ پوءِ وري ممتاز ڀٽي صاحب جي نگران دور ۾ ناٽي جي ناهه تي صحيح ڪرائي سنڌ کي وفاق کان ملندڙ پئسن جو حصو گهٽايو ويو . مطلب ته سنڌ سان هر قسم جي زيادتي ڪئي وئي آهي ۽ ته سنڌي ماڻهن جي نڌڪائپ ۽ ويڳاڻپ جي ڪري اهو محسوس ٿو ڪيو وڃي ته سنڌي عوام سان ڇهين ويساهه گهاتي ڪالاباغ ڊيم جي منظوري ذريعي ڪئي ويندي. ڪجهه ٻيون ويساهه گهاتيون به سنڌي عوام سان پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ ڪيون ويون آهن جيئن ته سنڌ جي معدني وسيلن تي قبضو ڪيو ويو آهي ۽ سنڌين کي مرڪز جي نوڪرين ۾ اهم عهدن تي نمائندگي نٿي ڏني وڃي. خودمختيار ادارن ۽ ڪارپوريشن ۾سنڌ جي ڪوٽا کي بلڪل نظر انداز ڪيو ويو آهي.

سنڌ ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ٿي سگهيا ٿي ، پر اهي ڄاڻي ٻجهي نه ڪرايا ويا. سمال ڊيم آرگنائيزيشن ناهي وئي پر ان تحت ڪم صرف ٻين صوبن ۾ٿيو ۽ سنڌ ۾ ضرورت هوندي به ڊيم نه ناهيا ويا. جيئن گاج ڊيم وغيره. اهڙي طرح پاڪستان ٺهڻ کان وٺي هن وقت تائين گورڪ هل اسٽيشن کي ڊولپ نه ڪيو ويو ۽ ٿر جي ڪوئلي کي استعمال نٿو ڪيو وڃي. اهڙي طرح سان ٿر ۽ ڪوهستان ۽ ڪڇي جي علائقن ۾ منصوبابندي ڪري ڪيتريون ئي اسڪيمون ملڪي مفاد ۾ ناهي سگهجن پيون، پر ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ سنڌ واسين کي ترقي ناهي وڻائي تنهن ڪري اهڙين ڪيترين ئي اسڪيمن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. سنڌو نديءَ ۾ هاڻي پاڻي صرف ۽ صرف سنڌ جو حصو آهي . پر ان تي ڏاڍي هٺ جي خيال سان ڪالاباغ ڊيم جو منصوبو نه جوڙيو وڃي ٿو پر سيوهڻ بئراج ڪيترن سالن کان رولي ۾ پيل آهي. سنڌ جي ڪڇي ۾ تلاءُ ناهي، پاڻي کي جمع ڪري پوءِ ڪوٽ جي وقت استعمال ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهجي ٿو ، پر اهڙين اسڪمين تي عملي ڪم نه ڪيو ويو آهي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان لڳاتار زيادتين جو سلسلو ان ڪري جاري رکيو ويو آهي، جو سنڌي سماجهڙا ويچارا نندڙڪا آهن ۽ انهن ۾ ويڳاڻپ به وڏي وجهي سخت مايوسين جي حدن کي پهتي آهي. اهو ان ڪري آهي جو انگريز ڪان وٺي اسان کي فوج ۾ حصو نه ڏنو ويو ۽ وڏين نوڪرين ۾ به اسان جي ماڻهن کي حصي مطابق نه ڪنيو ويو. اسان جا سياستدان وڏيرا نه هر حق وڪڻڻ لاءِ تيار وينا آهن ۽ انهن کي پنهنجا انفرادي عيش وڏيڪ پيارا آهن ، تنهنڪري انهن کي قومي حقن جي نه ڪا پرواهه ڪانه آهي، باقي ڪجهه آفيسر شاهي ۽ سياسي حڪمران جي گڻ جوڙ جي ڪري صرف رشوت خوري وڌائي ڇڏي اٿن ۽ پئسا ڪمائي پيا عيش ڪن. آفيسر شاهي کي وري سياسي حڪمران ڪجهه ڪمزور به ڪري ڇڏيو آهي ته جيئن هو انهن سان ها ۾ ها ملائي هلن. ڪن آفيسرن کي بدليءَ جو ڏڪو ، ڪن جو پروموشن روڪڻ ۽ ڪن کي وري سٽيپن پوسٽن ڪان پري رکڻ اهي سيئي اهڙا حربا آهن ، جنهن ڪري آفيسرن کي مجبورن ڪجهه غلط ڪم ڪرڻا پون ٿا. انهي ڪري آفيسر شاهي عوام جي حقن جو ڪو تحفظ ڪري ڪونه ٿي سگهي. پر اٽلندو عوام کي ذليل ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي. ضلعي انتظاميا کي استعمال ڪري سياسي وڏيرن هميشه پنهنجا دشمن سان پلاند ڪيا آهن يا ماڻهن کي تنگ ڪندا آهن ۽ حڪمن نه مڃڻ جي صورت لاڻين حاضر واري جڳهه تي پهچايا ويندا آهن. گهڻا آفيسر انهن ڳالهين جي ڪري گيدي، بزدل ۽ پاڙيا ٿي سڀ حڪم مڃڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن. انهن سيني ڳالهين کان خيال ۾ رکندي هاڻي صرف ۽ صرف هڪ ئي رستو وڃي بچيو آهي ته سنڌي عوام يا پاڻ سجاڳ ٿئي يا ڪيس سجاڳ ڪيو وڃي. جيستائين عوام سجاڳ نه ٿيندو ۽ ٻڌي ۽ يڪجهتيءَ جو اظهار ڪري پرامن احتجاج نه ڪندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگھنديون.

تيستائين عوام کي بنيادي حق ۽ سهولتون ملي ڪونہ سگھنديون.
بالادست طبقي جا وڏا ماڻهو ڪنور دل جا مالڪ آهن، انهن جي عوام سان ڪا بہ همدردي ڪانہ آهي، تنهن ڪري پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪرڻي پوندي. اهي حق جيڪي سچي عوام جا آهن اهي عوام کي چڱي طرح سان ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ هيٺيون بہ ستون سموري عوام کي ياد ڪرائڻ کپن. " روزگار، روٽي، ڪپڙا، مڪان، تعليم، صحت، انصاف ۽ امن امان" مٿيون شعر بہ ڏنل انئي نڪتا صحيح نموني سان پورا ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي ۽ انهيءَ لاءِ عوام پرامن احتجاج ڪري حڪومت کي مجبور ڪري تہ جيئن اهي انهن سمورين ڳالهين کي عملي جامو پهرائي عوام جي سٺي زندگي گذارڻ جو بندوبست ڪن. سنڌي ماڻهن سان گهري ۽ وسيع رابطي بہ اڇو پوندو ۽ انهن کي اها ڳالهہ چڱيءَ طرح سان سمجھائڻي پوندي تہ اٿو پنهنجي مرسي ڪيو، پنهنجي ٻارٻو ۽ پنهنجي ڇاڙهيو جي مثال وانگر پاڻ ڪوششون وٺي پنهنجا حق مڃايو ۽ وٺو. چونڊيل نمائندن ۽ حڪمرانن جي نلهن آسرن تي نہ لڳو. تيستائين آرام سان ڪڏهن نہ ويهي رهيو ۽ نہ ٻين کي ويهڻ ڏيو، پر جدوجهد جاري رکو جيستائين اطمينان مطابق حق ۽ سهولتون ملي وڃن.

پڇن سي پسن جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏورينديون ڏسن اڱڻ عجيبن جا.

(لطيف)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڪستاني عوام کي اسلام ۽ سوشلزم جي نعري سان ڌوڪو ڏنو ويو

انگريزن ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ذريعي هندستان جي زمين تي قدم رکيو ۽ آهستي آهستي سڄي هندستان تي قبضو ڪري ويا. آخر ۾ سنڌ جيڪا ٽالپرن جي حڪمرانيءَ ۾ هئي، ان تي قبضو 1843ع ۾ مڪمل ڪري ورتائون.

ان کان اڳ ۾ هندستان تي مسلمانن قبضو ڪيو جيڪو به تقريبن ڏهن صدين تائين هليو. انهيءَ عرصي ۾ مسلمان حڪومتون ڪيون پر اسلام ڪتابن ۾ رهجي ويو ۽ ان پروگرام کي عملي جامو ڪو به پهرائي نه سگهيو.

سڄي تاريخ شاهد آهي اسلام خلفاءِ راشدين کانپوءِ صحيح طرح سان نافذ نه رهيو باقي مسلمان بادشاهن جون حڪومتون مشرق ۽ مغرب ۾ قائم رهيون. اسلام جيڪو سلامتي ۽ اعلىٰ آدرشن وارو مذهب هيو، ان ۾ تحريفون ڪري ان جي اصلي مصطفي صلي الله عليه وآله وسلم جي نموني کي ختم ڪيو ويو. مسلمانن جو تعداد ته ضرور وڌيو پر اسلام جو اصل روح ڪمزور ٿيندو ويو. اسلام کان اڳ هندو مذهب جو هندستان ۾ زور هو ۽ ايترن سون سالن جي حڪومت باوجود هو اڪثريت ۾ هئا انگريزن جي راڄ کي ختم ڪرڻ لاءِ هندن شروعات ڪئي ۽ ڪجهه وقت مسلمان ۾ انهن سان جدوجهد ۾ شامل رهيا اڪيلي سر مسلمانن جون ڪوششون ديوبندي عالمن ۽ شاهه ولي الله دهلوي جي رهنمائيءَ ۾ ٿينديون رهيون پر ڪامياب نه ويون. احمد شاهه ابدالي به ڪاهه ڪئي پر اهي به ظالم بادشاهه هئا ان ڪري مسلمان عوام لاءِ يا عام انسانن لاءِ ڪجهه به ڪرڻ هنن جو مقصد نه هئو. آخري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خلافت عثمانيه جيڪا ترڪيءِ ۾ قائم هئي. ان کي دائم رکڻ لاءِ مسلمانن ڪوششون ڪيون پر ڪامياب نہ ويا. جيتوڻيڪ ڪافي قربانيون ڏنيون ويون. انگريزن کان آزادي وٺڻ لاءِ 1857ع کانپوءِ ڪوششون وڏي پيماني تي شروع ٿيون ۽ آل انڊيا نيشنل ڪانگريس سيني ڪوشش جي اڳواڻي ڪندي رهي. مسلمان راجائن، جاگيردارن، نوابن ۽ وڏن زميندارن کي هندن جي قيادت مان اهو خطرو هيو تہ سندن زمينون ختم ڪيون وينديون ۽ هو جيڪي عيش عشرتون ڪري رهيا هئا اهي هندن اڪثريتي راڄ ۾ نہ هلي سگهنديون انهن ڪري انهن گڏجي مسلم ليگ جو بنياد وڌو. جنهن ۾ پڪڙيائين اهو چيائون تہ مسلمان اقليت ۾ ٿي ويندا انهن جو مسئلو ڪيئن حل ٿيندو انهن ڳالهين دوران ڪجهہ مسلمان پڻ قومن جو بہ غلط نظريو گهڙي ورتو تہ هندو ۽ مسلمان جدا قومون آهن، تنهن ڪري آزادي حاصل ڪرڻ کانپوءِ هنن ٻنهي قومن جو گڏجي هلڻ مشڪل آهي. قومن جي تشريح مطابق هي ٻئي قومون ڪونہ هيون، بلڪہ ٻئي ڌريون جدا جدا مذهب جون مڃيندڙ هيون. مسلمانن جا ڪيترائي ملڪ آهن، بلڪہ هڪ زبان عربي ڳالهائيندڙن جا بہ ڪيترائي ملڪ آهن ۽ انهن جون قومون ملڪ جي نالي سان سڏجن ٿيون، جيئن مصري قوم، عراقي قوم، شامي قوم، فلسطيني قوم وغيره، تنهن ڪري مذهبي بنيادن تي هندن کي ۽ مسلمانن کي قوم تصور ڪرڻ بنهہ غلط هيو، پر جيئن تہ مسلمانن ۽ زميندار ۽ نوابن کي وڏو خطرو درپيش هيو ان ڪري ٻن قومن واري نظريي تي وڏو خرچ ڪري ان کي مشهور ڪيائون ۽ عام ماڻهن جي ذهن ۾ ڪاميابيءَ سان هندن ۽ مسلمانن کي جدا قومون قرار ڏئي نفرتون پيدا ڪري ڇڏيائون. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جون ڪيتريون ئي ڳالهيون ٿيون تہ آزاديءَ کان پوءِ حڪومت ڪيئن نهندي ۽ هندن ۽ مسلمانن ۾ اقتدار جي ورهاست ڪيئن ٿيندي پر ڪنهن بہ فارمولا تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

متفق نہ ٿي سگهيا. مسلمان نوابن ۽ جاگيردارن ڏنو تہ سندن ڪيس
چڱيءَ طرح سان پيو ڪير بہ نٿو لڙي سگهي، تنهن ڪري سيني گڏجي
1938ع ۾ ليگ جي صدارت محمد علي جناح جي حوالي ڪئي،
جيڪو تمام هوشيار ۽ مشهور بئريسٽر هئڻ جي ڪري وڪالت ۾ وڏو
نالو ڪڍي چڪو هو. ائين چئي سگهجي ٿو تہ هنن پنهنجي وڪالت لاءِ
محمد علي جناح کي پنهنجو ليڊر بہ تسليم ڪيو ۽ ليگ جو صدر بہ
تسليم ڪيوءِ اڳتي هلي سيني گڏجي هن کي قائداعظم جو لقب ڏنو،
جيڪوهن جي نالي سان گڏجي مشهور ٿي ويو. سڄي هندستان جي
نوابن ۽ جاگيردارن آخر ۾ ٻن قومن جي نظريي جي بنياد تي هندستان جي
تقسيم جومطالبو ڪيو ۽ يڪدم پنهنجي قائد اعظم محمد علي جناح
جي اڳواڻيءَ ۾ چوڌري رحمت علي ۽ علامہ اقبال جي تصور مطابق هڪ
مسلمان رياست پاڪستان جي نالي سان قائم ڪرڻ جو نالو ڏنو.
پاڪستان ۽ هندستان جي مسلم اڪثريت وارن علائقن، ملڪن،
صوبن، رياستن تي ٻڌل هڪ اهڙي رياست هوندي، جنهن جي اڪائن
کي آزاد رياستون چيو ويندو، هي تقريبن اهڙو وفاق هوندو، جيئن ان
وقت سوويت روس ۽ رياست هاءِ متحده آمريڪا يعني (يو ايس ايس
آر) ۽ (يو ايس اي) وانگر هڪ آزاد رياستن تي ٻڌل نئون ملڪ يا نئين
رياست وجود ۾ ايندي، ان جي لاءِ مارچ 1940ع ۾ وڏي جدوجهد
ڪانپوءِ لاهور ۾ هڪ وڏي جلسي ۾ هڪ قرارداد جنهن جونالي ئي
پاڪستان قرارداد ٿي ويو، پاس ڪئي وئي، جنهن مطابق پاڪستان
آزاد رياستن تي ٻڌل مسلم اڪثريت وارن علائقن جو وفاق هوندو، ان
قرارداد جي پاس ڪرائڻ ۾ پيش پيش بنگال، پنجاب، يوپي، سي پي،
بهار ۽ ڪجهہ ٻين مسلم رياستن جا راجا ۽ سنڌي زميندار، نواب ۽
جاگيردار شامل هئا. اهڙي طرح سان پاڪستان جو مطالبو زبردست
جوش ۽ جذبي سان شروع ٿي ويو ۽ عام مسلمانن کي انهيءَ نعري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجائڻ لاءِ وري مذهب کي ڇڳيءَ طرح استعمال ڪيو ويو ۽ چيو ويو تہ پاڪستان جو مطلب ڇا؟ " لاالہ الاالله" يعني مسلمانن جي مذهبي جذبي کي ڀڙڪايو ويو، نوابن ۽ جاگيردارن وٽ پئسي ۽ ماڻهن جي کوٽ ئي ڪانہ هئي، تنهن ڪري جلدي سڄي هندستان جي مسلمانن انهيءَ نعري تي ويساهہ ڪيو ۽ پاڪستان جو مطالبو زور وٺندو ويو تڏهن بہ اجا ڪنهن مسلم اڪثريت واري صوبي جي اسيمبليءَ باقائدي ڪوبہ نهراءُ پاس ڪري پاڪستان جي مطالبي جي حمايت ڪانہ ڪئي. جناب جي ايم سيد صاحب جيڪو عبدالله هارون جي ڪوشش سان 1938ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿي چڪو هو ۽ 1940ع واري قرارداد بہ هن جي سامهون هئي، تنهن ڇڳيءَ طرح سان پاڪستان لاءِ ڪم ڪيو ۽ سنڌ جي گهڻن زميندارن کي پاڻ سان شامل ڪري ورتو، صرف الله بخش سومرو هن سان شامل نہ ٿيو، باقي گهڻا نواب، جاگيردار ۽ زميندار هن سان شامل ٿي ويا ۽ وڏي ڪوشش ڪري مارچ 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان قرارداد پاس ڪرائي باقائدي پاڪستان جي حمايت ڪئي. جيڪا اجا ڪنهن ٻئي صوبي نہ ڪئي هئي، ان قرارداد پاس ٿيڻ جي ڪري پاڪستان کي جلد قائم ٿيڻ ۾ تمام وڏي مدد ملي، ان ڪانپوءِ ان سڄي ڏوڪي جو ڀانڊو تڏهن ڦاٽي پيو، جڏهن 1946ع ۾ مسلم ليگ جي هڪ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ ٺهراءُ پاس ڪري 1940ع جي قراردا کي يڪسر تبديل ڪيو ويو ۽ چيو ويو تہ پاڪستان آزاد رياستن جي اڪائن تي مشتمل رياست نہ پر خود هڪ رياست هوندو ۽ ٻيون شامل ٿيندڙ اڪائيون هن نئين رياست جا صوبا ٿيندئيون. هي تبديلي هڪ وڏو ڌوڪو ان ڌوڪي تي سنڌ مان صرف هڪ سياستدان جناب جي ايم سيد اعتراض ڪيو، پر پاڻ 1943ع جي قرارداد جي ڪري نقصان ڪري چڪو هو، تنهن ڪري سندس ڳالهہ ڪنهن نہ ٻڌي، پر سيد صاحب پاڻ انهيءَ ڳالهہ جي ڪري ۽ ڪجهہ ٻين ڳالهين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري قائداعظم ۽ مسلم ليگ سان اختلا ف ڪري جدا ٿي ويو ۽ پاڻ
پوءِ سنڌ جي وجايل حقن ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد شروع ڪيائين، جيڪا
مرڻ گهڙيءَ تائين ڪندو رهيو، پر پاڪاڻ تہ پاڻ سنڌ کي سخت ڏکيو
ڦاسائي ڇڏيو هئائين، تنهن ڪري آزاد ٿيڻ سولو ڪونہ هئو ۽ پنهنجي
زندگيءَ تائين سنڌ کي حق يا آزادي ڏياري ڪونہ سگهيو، پر وڏي
بهادري، جرئت ۽ همت جو مظاهرو ڪندو ۽ جدوجهد ڪندو رهيو ۽
سڄي زندگيءَ ۾ بي ڊپائيءَ سان سنڌ جي حقن ۽ آزاديءَ لاءِ اعلان ڪندو
رهيو ۽ سخت تڪليفن سهڻ جي باوجود نہ جهڪيو ۽ نہ وڪيو پر
جيڪو نقصان ڪيو هئائين، ان جي تلافي نہ ڪرائي سگهيو 1940ع
واري قرارداد جي تبديلي ۽ حليي بگاڙڻ ڪانپوءِ جلدي 1947ع ۾ آزادي
ملي ۽ پاڪستان قائم ٿيو، جيڪا هڪ رياست سمجهي وئي ۽ باقي
پيا شامل ٿيندڙ علائقا ان جا صوبا قرار ڏنا ويا. پاڪستان جي
ورهاست بہ غلط طريقي سان ٿي ۽ مڃي وئي، انهيءَ قسم جو لولو
لنگڙو پاڪستان ڪڏهن بہ مضبوط ملڪ نہ ٿيڻو هئو نہ ٿي سگهيو.
اڳتي هلي اوير پاڪستان ٽٽي ويو ۽ بنگلاديش ٺهي ويو. قائداعظم
غلط تقسيم الائي ڇو قبول ڪئي، شايد وڏي عمر جي ڪري تڪڙ
ڪيائين تہ متان اڳي نہ الله تعاليٰ گهرائي وٺيس ۽ سنڌس اسٽيٽ جي
ابي ٿيڻ جو خواب اڌورو رهجي ويجي. 1940ع وارو تصور بلڪل ختم
ٿي ويو. جناب سائين جي ايم سيد ۽ ڪجهہ ٻين بروقت دانهون ڪيون
پر هاڻي هڪ مضبوط ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي پيا هئا ۽ جلدي جان ڇڏائڻ
جو ڪوبہ رستو ڪونہ هئن.

دلبر منجهہ درياهہ پڪي پسي آيا،
ويچارن ويساهہ آٿي ات اڙائيو.

ان ڪانپوءِ تہ ويا سنڌ سان ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪلور وڏندا ۽ سيد
بہ اڪيلي سر ويو انهن جي مخالفت ڪندو، ڪجهہ ساٿي ڪامريڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حيدربخش جهڙا گهڻ ٿيس، پر سيني محسوس ڪيو ۽ سمجهين ته مو
ڪنيءَ ذهن ۾ ڦاسي پيا آهيون، قائداعظم جيڪو تمام وڏو ناميار
وڪيل ۽ بئريسٽر هيو ۽ مسلم ليگ جي قيادت تي ان جو مڪمل
ڪنٽرول هيو، ان هيڏي وڏي اسٽيٽ کي ونڻ ڪانپوءِ هلائڻ لاءِ ۽ پيد
ٿيندڙ مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪابه تياري ڪانه ڪئي هئي، ڪنهن ب
قسم جو ڪوبه خاڪو تيار ڪونه هو‌س. اسٽيٽ ڪهڙي قسم جي
هوندي ۽ ان جو ڍانچو ڪهڙي قسم جو هوندو، ان جي ڪابه تياري
ڪونه ڪرائي هئائين. هن قسم جي تياري زميندارن، نوابن ۽
جاگيردارن ۽ چاٽي ٻجهي نه ڪرائي، ان ڪري ته آزادي وٺڻ ڪانپوءِ هو
پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجن مقصدن پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي مرضيءَ
جو رياستي ڍانچو ٺاهيندا، تيو به ائين ته قائد اعظم کي منجهائي وڌ
۽ ان ڪانپوءِ ڪجهه پنهنجي مرضيءَ جون تقريرون ڪراين ۽ بيان ڏيارين،
جنهن مان خاص طرح سان اردو کي واحد قومي ٻولي قرار ڏيارڻ وارو
اعلان به هئو، جنهن تي اوير پاڪستان ۽ سنڌ ۾ سخت ردعمل ٿيو.
بهرحال قائداعظم جي صحت سات نه ڏنو. گهڻ ڏکوئيندڙ ڳالهين ۽
فيصلن ڏسڻ ۽ ٻڌڻ کان اڳ ۾ ئي هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. ڪن
جي چوڻ مطابق ته زهر ڏنو ويس، بهرحال سندس پرگهور ته ٻنهه ڪرڻ
تي ۽سخت ڦسمپرسيتيءَ جي حالت ۾ 11 سيپٽمبر 1948ع تي لاڏاڻو
ڪيائين. بس صرف سندس خواهش پوري ته هڪ مسلم ملڪ جو
فائونڊنگ فادر ٿي ويو. ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته قائداعظم عوام
دوست، انسان دوست هئو، جيڪا ڳالهه صحيح ناهي، هو ته نوابن،
جاگيردارن ۽ وڏن ماڻهن جودوست ۽ ساٿي هو. هن سان وڏن ماڻهن جو
ملڻ خود مشڪل هو، غريبن جي ڪهڙي مجال جو هن جي ويجهو
وڃن، جلسن ۾ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جو ڪم وڏيرن، جاگيردارن، نوابن
۽ چوڌرين تي هوندو هو، جيئن اڄ ڪلهه به آهي، باقي هي سڀ وڏا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهو عوام جو استحصال ڪندڙ هئا . انهن مان عوام جو هڏوڏوڪي ڪو ورلي هوندو هو يا هوندو آهي ، ان ڪري پاڪستان جي عوام لاءِ قائداعظم وٽ ڪجهه به ڪونه هئو ۽ نه وري اڳواڻ بندوبست ڪيائين . عام مسلمان کي صرف نوابن ۽ جاگيردارن جي حوالي ڪري ڇڏيائين ، جيڪي سنڌن رت چوسيندا هئا ۽ اڄ ڏينهن تائين حڪومت ڪن پيا . پرهن ملڪ جو عوام اهو ئي ڏچن ۾ آهي. هن ملڪ کي نه پاڪستان جو مطلب ڇا "لاله الاالله" مطابق هلايو ويو ۽ نه وري عوام جي ڀلائي جي ڪا ڳالهه اڄ ڏينهن تائين ڪئي وئي ، نوابن ، جاگيردارن ، زميندارن ۽ انهن جي حوارين هن ملڪ کي پنهنجي مرضيءَ ۽ پنهنجن مفادن لاءِ هلايو ، اهي سڀ ماڻهو اهي هئا ، جن جو دين اسلام سان صرف رسمي لڳاءُ هئو ، باقي هنن ته صرف پنهنجون ملڪيتون بچائڻ ۽ وڏيڪ دولت هٿ ڪرڻ تي چاهي ، تنهن ڪري انهن ڪمن ۾ مصروف رهيا. ملڪ کي سنو آئين ڪونه ڏئي سگهيا ، جيڪي به آئين 1956ع ۽ 1962ع وارا ڏنائون ، انهن تي هلي ڪونه سگهيا ، فوج هڪ صوبي جي ڪري ان کي طاقتور ڪري ڇڏين ۽ نيٺ مارشل لا هٽي ان ۾ پنهنجي مرضيءَ جا فيصلا ڪين ، جنهن ڪري اوڀر پاڪستان سخت ناراض ٿيو ، صرف 22 خاندان مشهور ٿيا ۽ عوام تمام ناراض ٿيل هئو ۽ محروم هئو ، ان ڪري اوڀر پاڪستان ۾ مجيب الرحمان صاحب ۽ اولهه پاڪستان ۾ شهيد ڀٽي صاحب وڏي مهم هلائي ، جنهن جي نتيجي ۾ جنرل ايوب اقتدار يحيٰ خان جي حوالي ڪري پاڻ گهر هليو ويو. يحيٰ خان وري ون مين ون ووٽ جي بنياد تي اليڪشن ڪرائي ۽ ون يونٽ ختم ڪيو. ان اليڪشن ۾ مجيب الرحمان مڪمل اڪثريت حاصل ڪئي ، پر يحيٰ ۽ ڀٽي صاحب جي اعتراض تي حڪومت مجيب کي نه ڏني وئي ۽ ڪنهن به قسم جي ٺاهه نه ٿيڻ جي صورت ۾ اوڀر پاڪستان ۾ فساد ٿيا ۽ فوجي ايڪشن ٿيو ، 1971ع ۾ هندستان وچ ۾ پيو ۽ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان جنگ ٿي ۽ ڊسمبر ۾ ملڪ ٽٽي اوڀر پاڪستان مان بنگلاديش ٺهي پيو ۽ اهڙي طرح ٻن قومن واري نظريي کي ڌڪڪو لڳو. اولهه پاڪستان وري فوجين ڀٽي صاحب جي حوالي ڪيو، جنهن پنهنجي پارٽي يعني پاڪستان پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان عوام کي سوشلزم جو نعرو ڏنو ۽ خاص طرح سان سنڌ ۽ پنجاب ۾ ماڻهن جي وڏي اڪثريت ڀٽي صاحب سان ساٿ ڏنو، ڪيترائي ڪاهي ڌر جا ليڊر به ڀٽي صاحب سان گڏ هئا ۽ انهن مان عوام کي وڏي اميد هئي ته سنڌن زندگين ۾ ڪو وڏو انقلاب ايندو، ڀٽي صاحب تمام وڏا ڪم ڪيا، گهڻا وڏا ڪارخانا قومي ملڪيت ۾ ورتائين ۽ ماڻهن کي روزگار به مهيا ڪيائين، پر سمت ۾ ڪم نه ڪرڻ جي ڪري ڪجهه غلطيون به ٿيس، جنهن ڪري وڏن سيٺين، وڏن فوجين ۽ ٻاهرين قوتن جي گٺ جوڙ جي ڪري 1977ع ۾ مارشل لا هڻي هن کي به اقتدار کان لاٿو ويو ۽ ائين عوام کي ڏنل سوشلزم وارو پروگرام به اڌ ۾ رهجي ويو ۽ عوام جي خوشحال ٿيڻ وارو خواب به پورو نه ٿي سگهيو. جيڪڏهن ڀٽو صاحب زميندار ي ختم ڪري ها ۽ ڪجهه ٻيا ضروري قدم کڻي ها ته سنڌس خلاف به قدم نه کڻي ها ۽ عوام لاءِ به سوشلزم آڻي ملڪ ۽ ماڻهن کي خوشحال بڻائي ها، پر ائين ڪرڻ جي بجاءِ پاڻ 1973ع وارو آئين ڏنائين، جيڪو صرف وڏن ماڻهن لاءِ هئو، ان آئين کي عوام دشمن آئين چئي سگهجي ٿو، ڇو ته سڄي دنيا جو رجحان رد ڪري هن ۾ وڏا تڪ رکي اقتدار صرف وڏن جاگيردارن، زميندارن، پيرن، ميرن ۽ پئسي وارن لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيائين. بهرحال ماڻهن کي به وڏا ڌوڪا ڏنا ويا، اسلام جي نعرن تي ٺهيل ملڪ کي شروع کان اسلام تي هلڻ جي ڪا به ڪوشش ڪانه ٿي ۽ ڪيئن ٿئي ها. ڇاڪاڻ ته وڏن ليڊرن جو "محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم" جي دين سان ته رڳو رسمي لڳاءُ هئو، باقي حقيقت ۾ محمد علي جناح دولتانا، گورماني،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪِهڙا ,قاضي، ايوب خان، سڪندر مرزا وارن جو اسلام سان ڪهڙو تعلق ۽ واسطو هئو؟ اهو نظام جنهن ۾ زميندار ي جائز نه هجي ۽ جنهن ۾ نجي ملڪيت جائز نه هجي، جنهن ۾ سڀني فردن جي برابري، وارا اصول هجن، اهي هي وڏا ماڻهو ڪيئن قبول ڪندا ، تنهن ڪري اسلام تي عمل نه ٿيو ۽ عوام سان وڏو ڌوڪو ٿيو . اهڙي طرح سان ڀٽي صاحب وارو سوشلزم وارو نعرو به اڌورو نعرو هيو. جنهن پويان عوام ته ويچارو لهي پيو، پر صحيح طرح سان ان لاءِ اوترو نه ٿيو ،جيتري عوام کي توقع هئي، اسٽيٽ کي صحيح طرح سان هلائڻ ۽ سٺي حڪومتي نظام لاءِ رڳي روٽي، ڪپڙي، مڪان وارو نعرو ڪافي نه هئو، پر ان لاءِ اڃا ڪجهه ٻيون به اهم ضرورتون هيون، جيڪي به ان نعري سان گڏ هئڻ کپن ها ، هي نعرو هيئن هئڻ کپي ها.

" روزگـــار ، روٽـــي ، ڪپــڙا ، مڪـــان ،

تعليــم ،صحــت ، انصـاف ، امــن امــان"

هي ماڻهن جون سڀ بنيادي گهرجون ۽ ضرورتون آهن ، جيڪي اسٽيٽ کي پوريون ڪرڻ گهرجن، جيڪڏهن ڪا به رياست اهي گهٽ ۾ گهٽ ضرورتون پوريون ڪونه ڪندي ته صحيح طرح سان هلي ڪونه سگهندي.

پاڪستان ۾ ان کانپوءِ وري ضياءُ الحق اسلام جو نعرو ڏنو ، ساڳي پراڻي منافقت صرف اسلام جو نالو استعمال ٿيو ۽ ماڻهن کي ڪجهه به ڪونه مليو. ايم آر ڊي تحريڪ هلي ۽ وري محترمه بينظير ڀٽو صاحبه آئي. عام ماڻهن کي ڪجهه نوڪريون ۽ ڪجهه سهولتون ته ڏنائين پر پوءِ به عوام کي محروميون ڏسڻيون پيون.

ان کانپوءِ نواز شريف ليگ کي پيهر منظم ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي ڏاڍا ۽ آسرا ڏنا پر ان جي به حڪومت نه هلي، وري ٻيو دفعو بينظير صاحبه کي وارو مليو پر عوام وري به محروم رهجي ويو. ڇوته عوام جي عام سڌارن لاءِ ڪجهه به نه ڪيائين. صرف نوڪريون ۽ ڪجهه سهولتون ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هنڌن تي مليون عوام جي قسمت تبديل ڪانه ٿي ۽ هن دفعي سنڌس حڪومت ۾ سنڌس ياءِ قتل ٿيو. سنڌس حڪومت ختم ڪئي وئي ۽ وري حڪومت ضياءُ الحق جي سياسي نابالغ ۽ ناڪام ٻچڙي نواز شريف جي حوالي ڪئي وئي، جيڪو ٻه سال مسلسل انهيءَ ڪو ن ۾ هيو ته ڪيئن ڪم هلائجي، پر سخت قسم جي معاشي ۽ سياسي بحرانن ۾ قائل رهيو. هي ملڪ هاڻي عوام ۽ قوميتن کي حق ڏيڻ ڪانسواءِ نه هلي سگهندو. پاڪستان جي ننڍن صوبن کي حق ڏيڻا پوندا ۽ سڄي عوام جي خوشحاليءَ لاءِ سڌارا ڪرڻا پوندا. ٻئي صورت ۾ ملڪ تڻ جا سخت خطرا درپيش آهن.

ننڍن صوبن پاڪستان آپرسڊ قوميتن جي تحريڪ جي نالي سان اتحاد قائم ڪيو آهي، جنهن جو مخفف پونم ناهيو اٿن. پونم هاڻي پنهنجا مطالبا پيش ڪيا آهن، بهرحال هاڻي هن ملڪ کي هلائڻ لاءِ نئون سياسي معاهدو يعني نئون آئين کپي يا موجوده آئين ۾ ترميمون ڪري هن کي سيني قوميتن لاءِ قابل قبول بنائڻو پوندو ۽ بنيادي حق ۽ سهولتون ڏيڻيون پونديون، جو ته ماڻهو هاڻي پراڻن ڌوکن يا نون ڌوکن ۾ ڪونه ايندا. هينئر ميڊيا وڏي سجاڳي آندي آهي ۽ سڄي دنيا ۾ وڏي اٿل پٿل لڳي پئي آهي. سيني ملڪن جا سجاڳ ۽ سڄاڻ ماڻهو انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ نوان نظريا ڏئي رهيا آهن ۽ انهن سيني جي پرچار اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ذريعي ڪئي پئي وڃي.

هاڻي عوام کي بنيادي حق، بنيادي سهولتون، سٺو حڪومتي نظام ۽ خوشحالي کپي. جنهن لاءِ هو هر سطح جي ڪوشش ڪندا ۽ ڪنهن به قسم جي حرفت، مڪر يا چال کي ڪامياب ٿيڻ ڪونه ڏيندا. ورلڊ سوشل فورم (W.S.F) جي نالي سان هڪ تنظيم جو بنياد رکي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو اٿن اهڙي طرح سان ٻيون تنظيمون به ٺهنديون ۽ عوام لاءِ ڪم ڪنديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏپ ڪيل نام نهاد جمهوري نظام جو ترت علاج ٿيڻ ڪپي

پاڪستان کي قائم ٿئي وڏو عرصو گذري چڪو آهي، هي ملڪ ان لاءِ قائم ڪيو ويو هو تہ هتي مسلمانن کي پنهنجي مذهب مطابق زندگي گهارڻ جو موقعو ملندو. قائد اعظم بہ فرمايو تہ مسلمانن جي سوشل جسٽس مطابق رياستي نظام هلندو.

ملڪ قائم ٿيڻ کان سال کن پوءِ قائداعظم رحلت ڪري ويو. ڪن جي چوڻ مطابق تہ ڪيس زهر ڏنو ويو. ان وقت کان وني سازشون شروع ٿيون. هڪ پاسي مضبوط مهاجر گروپ لياقت علي خان جي اڳواڻي ۾ سرڪاري نوڪرين ۽ ملڪيت تي قابض ٿيو، ٻئي پاسي وري پنجاب جي سربراهي مسٽر غلام محمد چوڌري، محمد علي ۽ جنرل محمد ايوب خان شروع ڪئي. انهيءَ رساڪشيءَ ۾ 1951ع ۾ لياقت علي خان کي بہ قتل ڪرايو ويو، جنهن جو اڄا سوڌو سوراخ نہ ملي سگهيو آهي. لياقت علي خان کانپوءِ پنجاب مڪمل طرح سان اقتدار تي قابض ٿي ويو. مرڪز جي استحصال جو خاصو نشانو مشرقي پاڪستان ۽ سنڌ ٿي ويا، جاڪاڻ تہ هي ٻئي صوبا ان وقت پيداوار ۾ پنجاب کان وڌيڪ هئا. مرڪز جي استحصال کي پڪي ڪرڻ لاءِ وري مغربي صوبن کي گڏي ون يونٽ ٺاهيو ويو ۽ پوءِ زبردستي مشرقي پاڪستان کي هڪ جهڙائي وارو اصول مڃائي پاڪستان ۾ صرف ٻہ صوبا ٺاهيا ويا. اصولن تي مشرقي پاڪستان گهٽائي وارو صوبو هيو ۽ ان کي آدمشماريءَ واري حساب سان هلڻ گهرجي ها پر ايئن نہ ڪيو ويو ۽ هڪ جهڙائي قائم ڪئي وئي. انهيءَ عرصي ۾ ڪوششون ٿينديون رهيون پر 1956ع وارو آئين نہ ٺهي سگهيو، تنهن ڪري جمهوريت نہ اچي سگهي. اسڪندر مرزا 1956ع واري آئين کي هلڻ نہ ڏنو، جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان وقت آئين تحت چونڊون ٿيڻ واريون هيون ته جنرل ايوب ان آئين کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ جنرل ايوب ئي وري اسڪندر مرزا کي هٽائي 1958ع ۾ مارشل لا لڳائي ڇڏيو. سياستدانن جي چالبازين کان ڇاڪاڻ ته ماڻهو تنگ ٿي چڪا هئا، تن شروع ۾ ته سمجهيو ته شايد مارشل لا جي ذريعي سڌارو ٿيندو پر يڪدم اهو محسوس ڪيو ويو ته هي پنجاب جي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش هئي. ڇاڪاڻ ته مشرقي پاڪستان پنجاب کان حق گهرڻ لاءِ تمام گهڻو زور لڳائي رهيو هيو، تنهن ڪري انهن جي ڪوشش کي ختم ڪرڻ يا ڊرو ڪرڻ جي راهه صرف مارشل لا ۾ نظر آيو. ان ڪانپوءِ هتي ڪيترائي سياسي ليڊر آيا، فوجي جنرل آيا، جن عوام جي ڀلي لاءِ ڪجهه نه ڪيو. جنرل ضياءُ الحق جي ڏگهي مارشل لا ۾ هن اها دعويٰ ڪئي ته هو اسلامي نظام قائم ڪندو، پر مرحيات ڪوڙ ۽ منافقت جا به وڏا هٿيار ساڻ ڪيا ۽ پاڪستان جي عوام کي ڌوڪي ۾ رکي پنهنجي اقتدار کي بچائڻ لاءِ وڏن ماڻهن جو نمائندو ٿي ڪم ڪيائين، اسان جي ملڪ ۾ نه ته جمهوريت وارن عوام جا مسئلا حل ڪيا ۽ نه وري مارشل لا وارن ئي ڪو ٻارڻ ٻاريو. عوام ويچارو ٿلهن آسرن تي هلندو رهيو ۽ ڏينهون ڏينهن ملڪ هر ميدان ۾ پوئتي پوندو رهيو، غريب ماڻهو وڌيڪ ذليل قسم جي غربت جو شڪار ٿي ويا، پر ترقي صرف انهن سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ وڏن ماڻهن ۽ ڪجهه آفيسرن ڪئي، جيڪي هن ملڪ کي ڦريندا ۽ لٽيندا رهيا. هن وقت تائين بيمار جمهوريت جي مرض کي صحيح طرح نه سمجهيو ويو آهي، نه وري تجويز ڪيل علاج ئي صحيح آهي، تنهن ڪري بقول شاهه صاحب جي ته:

”ڪنيس ڪويجن تن طبيب نه ڳڏيا،

ڏئي ڏنب ڏڻ پاڻان ڏيل ڏکويو.“

هائي ڏسڻو اهو آهي ته اهي ڪهڙا بنيادي سبب آهن، جن جي ڪري هتي عوام جو سڌارو نه ٿي سگهيو آهي، موجوده جمهوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طريقيڪار جي ذريعي عوامي فلاح جو ڪم نہ ٿي سگهيو آهي. عوام مختلف دورن ۾ مختلف جماعتن ۽ فردن کي آزمائي ڏٺو، پر ڪو ڪُرتيل ڪونہ ٿو نڪري، ان ڪري عوام بہ مايوسيءَ جو شڪار ٿي ويو آهي. هن قسم جو جمهوري تماشو گهڻو ڪري ٽين دنيا جي ملڪن ۾ رائج آهي، هي جمهوريت جو اهو تصور ناهي تہ ماڻهن جي حڪومت، ماڻهن لاءِ حڪومت ۽ ماڻهن منجهان حڪومت، پر ٽين دنيا جي سڀني ملڪن ۾ وڏن ماڻهن جي حڪومت آهي، جنهن کي صرف ملمعسازي جي ذريعي جمهوريت سڏيو ٿو وڃي. حقيقت ۾ اها جمهوريت نہ آهي، بلڪي وڏن ماڻهن جي حڪومت آهي، يعني "اميروڪريسي" جون مختلف شڪليون آهن، جن کي انگريزي ۾ آليگارڪي، ائرسٽو ڪريسي ۽ پليٽوڪريسي جهڙي سگهجي ٿو، پر جمهوريت قطعي نٿو چئي سگهجي. سياسي نظام کي سڌارڻ لاءِ ۽ صحيح طرح جي عوامي جمهوريت آڻڻ لاءِ اسان کي هيٺيان قدم کڻڻا پوندا. هوندي بہ خراب جمهوريت کي بهتر ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جمهوريت کپي.

اسيمبلي جي ميمبرن جون تڪ بنديون اهڙي طرح سان ڪيون وڃن جو اٽڪل پنجاهہ هزار ماڻهن تي هڪ سيٽ ڪئي وڃي، جيئن دنيا جي ٻين ملڪن ۾ گهڻو ڪري انهيءَ حساب سان اسيمبلي ميمبر آهن. ڪجهہ ملڪن جا مثال هي آهن. انگلينڊ جي آدمشماري لڳ ڀڳ ساڍا پنج ڪروڙ ۽ ميمبرن جو تعداد 654، اٽلي آدمشماري پنج ڪروڙ ۽ ميمبر 1002، سئزرلينڊ آدمشماري 63 لک ۽ ميمبر 200، ترڪي آدمشماري ساڍا پنج ڪروڙ ۽ ميمبر 550، انهن مثالن جي مقابلي ۾ اسان جي آدمشماري چوڏنهن ڪروڙ ۽ميمبر217، قومي اسيمبليءَ ۾ اهڙي طرح سان صوبائي اسيمبليءَ ۾ بہ ٻن ٽن لکن تي هڪ ميمبر آهي. انهيءَ ڪري هاڻي هيٺيان سڌارا آڻي پوءِ چونڊون ڪرايون وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1- اسان وٽ اچا صحيح جمهوريت ۾ رائج ڪانہ ٿي آهي، تنهن ڪري ضروري آهي تہ هتي پنجاهہ هزار آدمشماري تي هڪ نمائندو مقرر ڪيو وڃي تہ جيئن عام ماڻهن کي پنهنجن مسئلن حل ڪرائڻ ۾ ڪا دشواري نہ ٿئي ۽ وچولي طبقي جا عوامي خيرخواهہ ۽ ڏاهہ دانشور اليڪشن لڙي سگهن. جيڪڏهن مٿين طريقن تي عمل ڪيو ويندو تہ پوءِ اميد ڪري سگهجي ٿي تہ صحيح حقيقي عوامي نمائندا چونڊجي اچن ۽ اهي ملڪ ۽ عوام لاءِ اهڙا قانون جوڙين ۽ اهڙا اپاءَ وٺن جو ملڪ جا ماڻهو خوشحال ٿي سک جو ساهہ کڻن. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ پوءِ موجوده "اميروڪريسي" ۽ ظالم بيوروڪريسي عوام جي لاءِ اڃا بہ ڪجهہ وقت لاءِ مصيبت ۽ عذاب بڻيون رهنديون.

2- اسان وٽ سرڪاري سطح تي اليڪشن ۾ ڌانڌليون ڪرايون ويون وڃن ٿيون، انهن کي روڪڻ لاءِ آئيني ترميم ذريعي اهو مستقل بندوبست ڪيو وڃي تہ جڏهن عام چونڊون ٿين، ان وقت خود بخود ٽن مهينن جي عرصي لاءِ مرڪز ۾ سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جي سربراهيءَ ۾ ٻي غير سياسي فردن تي مشتمل غير سياسي حڪومت جوڙي وڃي، جنهن جو ڪم منصفاڻيون ۽ آزاداڻيون چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪري رخصت ٿي وڃڻ هجي. باقي هن وقت تہ انهن کي نگران حڪومت ۾ آندو ٿو وڃي، جيڪي پاڻ اليڪشن لڙي رهيا آهن ۽ پوءِ اهي حڪومتي مشينري ۽ آفيسرن کي استعمال ڪري نتيجا پنهنجي حق ۾ ڪري ٿا وٺن. جاڪاڻ تہ حياءُ شرم اسان جي ملڪ ۾ ناپيد آهي، تنهن ڪري اهڙي طرح سان اليڪشن کٽي اچڻ ڪانپوءِ وڏي واڪي ٿا ٻڌائين تہ اسان کي عوام چونڊيو آهي، پوءِ عوام سان ۽ ملڪ سان جيڪا جنڊ وٽين سا ڪن. تنهن ڪري ضروري آهي تہ ڌانڌلين جو رستو بند ڪيو وڃي.

3- اسان جي ملڪ ۾ جتي ڪلارڪ لاءِ بہ انٽرپاس هجڻ جو شرط رکيو ويو آهي، اتي پارليامينٽ جي ميمبرن لاءِ جن کي ملڪ جو قانون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جوڙئو آهي، انهن لاءِ ڪنهن بہ قسم جو شرط نہ رکيو ويو آهي، اهو ضروري آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ اسيمبلي ميمبرن جي لاءِ گريجوئيٽ هجڻ جو شرط رکيو وڃي.

4- اليڪشن جو مدو پنجن سالن مان گهٽائي وڌ ۾ وڌ چار سال ڪيو وڃي، جيڪڏهن هر ٽئين سال اليڪشن ٿئي تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو. آزاد ۽ مڪمل خودمختيار اليڪشن ڪميشن قائم ڪئي وڃي.

5- ڪاميابيءَ لاءِ پنجاهہ سيڪڙو ڪان مٿي ووٽ کڻڻ جو شرط هجي، جيئن ايران ۽ ڪجهہ ٻين ملڪن ۾ آهي، گهٽ ووٽن جي صورت ۾ پهرين ٻن ميمبرن جي وچ ۾ وري اليڪشن ڪرائي وڃي.

6- سينيٽرن کي اسيمبلي چونڊي ٿي ۽ جيڪڏهن اسيمبليءَ کي الزامن ۾ ختم ڪيو وڃي ٿو تہ سينيٽر پنهنجي جاءِ تي بحال تا رهن، اهو اخلاقي ۽ قانوني نقص ٿي ٿو وڃي، تنهن ڪري سينيٽ جي ميمبرن جي چونڊ بہ براهہ راست عوام جي ووٽ ذريعي ڪئي وڃي ۽ سنڌن تعداد بہ مناسب انداز مطابق وڌائڻ کپي ۽ سينيٽ کي وڌيڪ اختيار ڏنا وڃن تہ جيئن سيني صوبن جي حقن جو تحفظ ٿي سگهي.

جيڪڏهن مٿين نقطن تي عمل ڪيو ويندو تہ پوءِ اميد ڪري سگهجي ٿي تہ عوام جا صحيح حقيقي نمائندا چونڊجي ايندا ۽ اهي ملڪ ۽ عوام لاءِ اهڙا قانون جوڙيندا ۽ اپاءَ وٺندا جو ملڪ جو غريب عوام سک جو ساهہ کڻي. جيڪڏهن سڌارا نہ ڪيا ويا تہ پوءِ موجوده طريقي سان عوام جا مسئلا حل ڪونہ ٿيندا. هن وقت تمام ضروري آهي تہ يڪدم آئيني، قانوني، تعليمي، زرعي، صنعتي ۽ انتظامي سڌارا ڪيا وڃن.

هن ملڪ جا صدر صاحب بہ چئي چڪا آهن تہ ملڪ جو سياسي نظام صحيح نہ آهي ۽ اليڪشن صرف پئسي وارن جي راند ٿي وئي آهي، سو جيڪي پئسا خرچ ڪري ايندا اهي خدمت ڪونہ ڪندا، اهي پهريان پنهنجا پئسا ڪيندا، ولي خان صاحب بہ چئي چڪو آهي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه وقت اندر اسيمبلين ۾صرف اسمگلر ٿي چونڊجي ايندا. تنهن ڪري هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ملڪ ۽ عوام جي ڀلي خاطر سيني وس وارن کي سوچي سمجهي هر قسم جا سڌارا ڪرڻ کپن.

هن وقت سڄي دنيا ۾ سجاڳيءَ جي لهر آيل آهي. هر هنڌ انسان ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي ته سيني کي گهٽ ۾ گهٽ بنيادي ضرورتون ۽ سهولتون ملڻ کپن. حڪومتي تشدد ۽ طاقتن جي ذريعي هاڻي عوامي حق کي دٻائي نه سگهبو ۽ نه وري عوام کي ڌوڪو ڏئي گهڻي وقت لاءِ ٽاري سگهبو. بهتر ٿيندو ته عوام جي ڀلائي سمجهي هڪدم سڌارا ڪيا وڃن. عوام جو به ڪم آهي ته سجاڳ ۽ متحد ٿي پنهنجي حق لاءِ پاڻ پتوڙين، عوام متحد ٿي مطالبا ڪندو ته پوءِ سياسي جماعتن جا ليڊر ڪجهه خيال ڪندا. پر جيڪڏهن مطالبن ذريعي مسئلا حل نه ٿا ٿين ته پوءِ پرامن احتجاج به ڪرڻا پوندا. جڏهن عوام سجاڳ ٿيندو ته پوءِ ئي سياسي پارٽيون سنڌ مسئلن حل ڪرڻ وارا منشور ڏينديون ۽ اليڪشن ۾ کٽي اچڻ کانپوءِ انهن تي عمل به ڪنديون. عوام جڏهن بڇي ڪندو ته پوءِ ئي پنهنجو دٻاءُ جاري رکي سگهندو.

سيني دانشورن، ڏاهن، سيبتن ۽ ساڃهوند ماڻهن کي اپيل ٿي ڪجي ته عوامي سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ عوام سان رابطو ڪري عوامي بڇي پيدا ڪرائين ته جيئن عوام باشعور ٿي پنهنجا حق نه صرف گهري سگهي پر وٺي سگهي.

عوام کي خبردار ڪرڻ لاءِ سنڌ مطالبن جي لسٽ ڏني وڃي جنهن تي غور ڪن ۽ جي ڪا تبديلي چاهين ٿا ته لکي موڪلين ته ان ترميم کي به اشاعت ۾ شامل ڪبو. عوامي سڌارن لاءِ ڪي به تجويزون ڏيندو ته اسان ان جا مشڪور رهنداسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ ۽ عوام جي ڀلي لاءِ اهم ۽ ضروري سڌارا

پاڪستان کي وجود ۾ آئي اڌ صديءَ کان ڪجهه وڌيڪ سال گذري چڪا آهن پر عوام کي اڄ ڏينهن تائين سنو آئين به نه ملي سگهيو آهي. 1956ع، 1962ع ۽ 1973ع وارا آئين ڏنا ويا پر اهي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ نه هيا. اهي سڀ آئين هڪ مخصوص مفادپرست طبقي پنهنجي ۽ بالادست طبقي جي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ناهيا هئا انهيءَ ڪري عوامي فلاحي جمهوريت وجود ۾ نه اچي سگهي. انهن سڀني آئينن وڏن ماڻهن جي هڪ هٽيءَ کي بحال رکيو تنهن ڪري هتي "اميروڪريسي" قائم دائم رهي.

جڏهن به انهيءَ نام نهاد "اميروڪريسيءَ" کي خطرو نظر آيو ته انهيءَ جي مدد لاءِ مارشل لا لڳائي وري انهيءَ کي مستحڪم ڪيو ويو ۽ عوام جي نمائندن ۽ عوام جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ وارن کي ڪارن قانونن ذريعي ڪچليو ويو. انهيءَ سڄي عرصي ۾ عوام جا پيٽ، پوشاڪ، اجهي، امن امان، انصاف، صحت ۽ تعليم جا مسئلا گنڀير ۽ پيچيده ٿيندا ويا ۽ هاڻي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو اٿن. انهن بنيادي ضرورتن ۽ مسئلن جو حل صرف ان ڪري نه ٿي سگهيو ڇاڪاڻ ته حڪومتي نظام شروع کان وٺي گهڻو ڪري عوام دشمن جي قبضي ۾ رهيو. اهي عوام دشمن مفادپرست صرف پنهنجي عيش عشرت ۾ مگن رهيا انهن جو عوام سان يا ملڪ جي ڀلائيءَ سان ڪو واسطو نه رهيو، انهيءَ ڪري انهيءَ مفادپرست طبقي جي نمائندن عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي صحيح نموني سان ڪوشش ئي ڪانه ڪئي. هتي عوام جو ڪو هڪ مسئلو يا تڪليف ڪانه آهي پر هر طرف ۽ هر لحاظ کان عوام مسئلن ۾ منجهيل، ڏاڍ ۽ مصيبتن جو شڪار آهي. تنهن ڪري جيستائين سڄو حڪومتي نظام درست نه ٿيندو عوام جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسئلا بہ حل ڪري سگھندا. حڪومتي نظام کي درست ڪرڻ لاءِ هتي آئيني، قانوني، سماجي، معاشي، سياسي، انتظامي، اقتصادي، صنعتي، زرعي ۽ تعليمي سڌارا ڪرڻ جي سخت ۽ فوري ضرورت آهي. انهن سڀني بنيادي سڌارن ۾ وري تمام گھڻي اهميت آئيني، قانوني، صنعتي، زرعي ۽ تعليمي سڌارن جي آهي. هن وقت پنهنجو پيارو پاڪستان تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي چڪو آهي. جيڪڏهن اجا بہ ملڪ ۽ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ سڌارا نافذ نہ ڪيا ويا تہ پوءِ هاڻي هي ملڪ گھڻو وقت ڪونہ هلي سگھندو. سڀني وس وارن، سياسي رهنمائن ۽ دانشورن کي اپيل ٿي ڪجي تہ انهن سڀني سڌارن ڏانهن ڌيان ڏين ۽ جلد کان جلد آئين ۽ قانون ۾ اهڙي قسم جون ترميمون ڪري ان کي عوامي، فلاحي ۽ جمهوري آئين بڻائين تہ جيئن هاڻي ۽ ايندڙ اليڪشن کانپوءِ عوامي جمهوري حڪومتون وجود ۾ اچي عوام جا مسئلا حل ڪن، انهيءَ سلسلي ۾ ڪجھہ مشورا پيش ڪجن ٿا.

1- آئين ۾ ترميم ڪري قومي توڙي صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽ 50 هزار آدمشماري تي مشتمل ڪئي وڃي ۽ انهيءَ حساب سان نئين سر تڪ بندي ڪئي وڃي، هن طريقي سان تڪ ننڍا ٿيندا ۽ اميدوارن کي ماڻهن سان رابطي ڪرڻ ۾ سهولت ٿيندي، سندن خرچ گھٽ ايندو تنهن ڪري وچولي طبقي جا عوامي ماڻهو اليڪشن لڙي سگھندا. اميدوار پنهنجن ووٽرن سان سولائيءَ سان ملي سگھندا ۽ سندن مسئلا حل ڪري ۽ ڪرائي سگھندا. عوام ۽ سندن نمائندن جو پاڻ ۾ رابطو رهندو ۽ چونڊيل نمائندا عوام جا مسئلا ۽ خواهشون اسيمبلي ۽ حڪومت تائين پهچائي سگھندا. وسيع بنيادن تي نمائندگي صحيح جمهوريت جو روح آهي، تنهن ڪري اهو ضروري آهي تہ انهيءَ تجويز کي جلدي عملي جامو پهرايو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

2- جمهوريت جي معنيٰ اڪثريت راءِ سان فيصلا ۽ حڪومت آهي، تنهن ڪري هر هڪ اميدوار لاءِ اهو ضروري هئڻ گهرجي ته ڪم از ڪم داخل ووٽن جو 50 سيڪڙو حاصل ڪري. هي شرط لازمي هئڻ کپن ته جيئن جمهوريت جي اصل روح مطابق عمل ٿي سگهي. جيڪڏهن ڪوبه اميدوار ايترا ووٽ نه کڻي سگهي ته پوءِ پهرين ٻن اميدوارن ۾ وري اليڪشن ڪرائي وڃي پر هر حال ۾ ڪامياب اميدوار تڏهن مڃجي جڏهن هو داخل ووٽن جو گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو ووٽ حاصل ڪري يعني يقيني اڪثريت لاءِ ٻيهر ووٽ وارو طريقو اختيار ڪيو وڃي. سادي اڪثريت نه پر يقيني اڪثريت ضروري قرار ڏني وڃي.

3- سينيٽ جون سيٽون به وڌايون وڃن ۽ انهن جي اليڪشن به سڌو سنئون عوام جي ووٽ سان ٿئي. جاڏ تائين سڌي طرح چونڊيل نمائندا پنهنجو پاڻ کي عوام وٽ ذميوار ڪونه ٿا سمجهن ۽ جيڪڏهن اسيمبليون ختم ڪيون ٿيون وڃن ته پوءِ سينيٽرن جي پوزيشن ۽ وقار مجروح ٿئي ٿو ته هي هڪ بدعنوان اسيمبليءَ جا چونڊيل ميمبر آهن.

4- جيڪڏهن صدر کي ڪجهه به اختيار ڏنا ٿا وڃن ته پوءِ صدر جي چونڊ به عوام سڌو سنئون پاڻ ڪري پر جيڪڏهن اٺين ترميم ختم ڪري صدر جي عهدي کي صرف علامتي عهدو ڪيو وڃي ته پوءِ سندس چونڊ ڀلي اڻ سڌي طرح يعني چونڊيل اسيمبلين جي ذريعي ڪئي وڃي.

5- اسيمبلين جي مدي پوري ٿيڻ کانپوءِ يا اسيمبلين کي ختم ڪرڻ جي ڪري جيڪڏهن نگران حڪومت مقرر ڪرڻي ٿي پوي ته ان جو طريقيڪار آئين ۾ ڏيڻ گهرجي، جيئن مرڪز ۾ سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جي نگرانيءَ ۾ ۽ صوبن ۾ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي نگرانيءَ ۾ غيرجانبدار ۽ غيرسياسي حڪومتون جوڙيون وڃن، جن جو ڪم صرف اليڪشن ڪرائي نئين حڪومت کي وجود ۾ آڻڻ هجي پوءِ ازخود ختم ٿي وڃن. هن وقت جي طريقي مطابق انهن سياسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماٺهن جون حڪومتون ناهيون ٿيون وڃن جيڪي خود اليڪشن لڙن ٿا
۽ سڄي انتظاميه کي استعمال ڪري هر قسم جي ڌانڌلي ڪرائين ٿا.
هي ته " جوڌيري گڏهه رکپال" وارو قصو آهي. انهيءَ طريقي سان ٿي
اليڪشن جي ڌانڌلين کي روڪي سگهبو ۽ ملڪ به وڏيڪ ڏچن کان
آزاد ٿي پوندو.

6- اسيمبلين جو مکيه ڪم جيئن ته قانون سازي ڪرڻ آهي، تنهن
ڪري گهٽ ۾ گهٽ هر اميدوار لاءِ گريجوئيٽ هجڻ جو شرط لازمي هجڻ
کپي.

7- چيف اليڪشن ڪمشنر سرڪاري ۽ مخالف ڌر جي صلاح سان مقرر
ٿيڻ کپي ۽ هي مستقل اداري طور ڪم ڪندو رهي. تڪ بندين ۽ پولنگ
اسٽيشنن تي نظرثاني ڪندو رهي پر ڪنهن به صورت ۾ اليڪشن جي
اعلان ٿيڻ کانپوءِ اهي تبديل نه ڪيون وڃن.

8- اليڪشن پٽيشنون لڳاتار روزانو ٻڌيون وڃن ۽ انهن جو فيصلو هر
صورت ۾ هڪ مهيني جي اندر ڏنو وڃي.

9- اسيمبلين جو مدو گهٽائي ٽي يا وڌ ۾ وڌ چار سال ڪيو وڃي.

10- سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي ججن جو تعداد وڌايو وڃي ۽
انهن جون آساميون ڪڏهن به خالي نه ڇڏيون وڃن ته جيئن ڪيسن جو
جلد نيڪال ٿئي.اهڙي طرح سان هيٺين سطح تي به ڪورٽن ۽ ججن جو
تعداد وڌايو وڃي ته جيئن عوام کي ترت ۽ سستو انصاف مهيا ٿي
سگهي. تعلقي سطح تي سيشن جج مقرر ڪيا وڃن. هن وقت انصاف
حاصل ڪرڻ لاءِ عوام کي ذليل ٿيڻو ٿو پوي ۽ به انصاف ڪونه ٿو ملي.

11- وزيرن، اسيمبلي جي ميمبرن ۽ آفيسرن متعلق الزامن جي جنڊڇاڻ
لاءِ سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي ججن تي مشتمل مستقل ادارو
قائم ڪيو وڃي جيڪو ازخود پڇا به ڪري سگهي ۽ عوام کي به
اجازت هجي ته انهيءَ اداري وٽ شڪايت ڪري سگهي. انهيءَ اداري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي مڪمل طرح سان سزا جا اختيار هجن، ائين ڪرڻ سان ئي بدعنوانين کي گهٽائي سگهجي ٿو. جيستائين بدعنوانيون ختم نه ٿينديون ته نظام درست نه ٿيندو ۽ ملڪ به ترقي ڪري نه سگهندو.

12- وفاقي محتسب ۽ صوبائي محتسبن جي اداري کي به آئيني ادارو بڻائي انهيءَ تي وڏيڪ جج رکيا وڃن ته جيئن هو ڪيسن ۽ شڪايتن جو جلد اڪلاءُ ڪري سگهن. هنن ادارن کي به مڪمل طرح سان اختيار ڏنا وڃن ته جيئن هو پنهنجي حڪمن جي ميٽا ڪرائي سگهن. ڪيس سمري ڪورٽن وارا اختيار به ڏنا وڃن، وفاقي محتسب وارو ادارو چئن ججن جي بينچ تي مشتمل هجي ۽ هر هڪ صوبي جو هڪ جج ان ۾ شامل هجي.

13- متناسب نمائندگيءَ واري طريقي جون به پنهنجون اوڻائيون آهن تنهن ڪري اهو اسان جي حالتن ۾ صحيح نه آهي انهيءَ جي جڳهه تي يقيني اڪثريت ۽ بيهر ووٽ وارو طريقو اسان جي ملڪي حالتن مطابق صحيح آهي ۽ انهيءَ ڪري انهيءَ کي ئي اختيار ڪيو وڃي.

14- عدليه بلڪل آزاد هجي، اها پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪري، سندن بجيٽ به جدا هجي ۽ اها چيف ججن جي سفارشن تي ناهي وڃي ۽ بحال ٿيڻ کانپوءِ سندن حوالي هجي. عدليه ٻئي ڪنهن به اداري يا فرد جي ماتحت نه هجي ۽ نه ئي وري ٻئي ڪنهن جي محتاج هجي. ججن جي مواخذي جا اصول آئين ۾ طئي ڪيا وڃن ۽ ججن جون ڪاميٽيون اهڙن معاملن جو نبيرو ڪن. اهڙي طرح سان جج انصاف ڪري سگهندا ۽ جڏهن ملڪ ۾ انصاف قائم ٿيندو تڏهن ئي ملڪ صحيح طرح سان هلي سگهندو ۽ ترقي ڪندو.

15- آئين اهڙي طرح سان ٺاهيو وڃي جيئن انتظاميه ، عدليه ۽ مقننه هڪٻئي کي غلط ڪارين کان روڪي سگهن، ملڪي نظام به صحيح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طرح سان هلي سگهي. اڳيان سڀ آئين نہ هلي سگھيا آهن ۽ نہ وري اهي عوام ، ملڪ ۽ صوبن جا مسئلا حل ڪري سگھيا آهن تنهن ڪري هاڻي نئون آئين ڪپي جيڪو ملڪي ضرورتون پوريون ڪري سگهي.

16- هر شخص کي پنهنجي راءِ جي اظهار جي مڪمل آزادي هجي . جيڪڏهن ڪو شخص سياسي پارٽي ٺاهڻ چاهي يا پنهنجي پسند جي ڪنهن پارٽي يا گروپ ۾ شامل ٿيڻ چاهي تہ ان کي ڪنهن بہ قسم جي رڪاوٽ نہ هئڻ گهرجي. رياستي تشدد استعمال ڪري سياسي پارٽيون ٽوڙائڻ يا لالچ جي ذريعي ضميرن جو سودو ڪرڻ ۽ ڪرائڻ قابل مواخذه ۽ قابل نفرت جرم سمجهڻ کپي ۽ اهڙي عمل کي ڪورٽن ۾ چئلينج ڪري سگهجي.

جمهوري دور جي اچڻ ڪانپوءِ هر شهري مملڪت جو معزز فرد ليکيو وڃڻ گهرجي ۽ هر هڪ ماڻهوءَ جو ووٽ هڪ جهڙو ۽ قيمت وارو آهي ڪنهن بہ ووٽ ۾ فرق ڪونهي ۽ هر هڪ فرد جي سياسي زندگي آهي جاڪاڻ تہ هر فرد جو هاڻي رياست سان گهرو واسطو آهي. هاڻي سياست هر فرد لاءِ ائين ۽ اهڙي اهم ۽ ضروري آهي ، جيئن اڳ ۾ هر فرد لاءِ مذهب ضروري آهي ، هڻو يا جيئن هر فرد لاءِ خوراڪ ۽ هوا ضروري آهي، جو تہ جڏهن سرڪار ٽئڪس مڙهي ٿي تہ هر هڪ فرد ان کان متاثر ٿئي ٿو ، انهيءَ ڪري سرڪار جي پاليسين جي هاڻي هر فرد کي ڄاڻ هئڻ گهرجي. انهيءَ ڪري ٿي تہ اهو بہ تمام ضروري آهي تہ تعليم وڌائي وڃي جيئن هر هڪ شخص ملڪي پاليسين کان باخبر ٿئي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ هر فرد هاڻي سياسي فرد ۽ شخصيت هئڻ کپي ۽ ان کي سياست جي چڱيءَ طرح سان ڄاڻ هئڻ کپي. جڏهن هر فرد ان طريقي سان معلومات رکندو تہ پوءِ اهو مفادپرست طبقي جي مڪارين ۽ چالاڪين کان واقف ٿي وري ٻيهر پائرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي اهڙن ماڻهن جي حرفتن کان آگاهه ڪندو. جهڙي طرح سان مذهبن ۾
به زور زبردستي ڪانهي، هر ڪنهن جي مرضي آهي ته ڪهڙو به مذهب
يا عقيدو اختيار ڪري، اهڙي طرح سان سياسي عقيدن جي رکڻ تي به
ڪا پابندي هئڻ صحيح نه آهي، هر هڪ فرد کي ايترو ته سهپ جو مادو
پيدا ڪرڻ کپي جيئن هو ٻين جا نظريا ۽ عقيدا برداشت ڪري. ڪنهن
به هڪ مذهب يا عقيدي واري جو ٻيا ٻئي مذهب يا عقيدي واري سان
جهڳڙو ڪرڻ مناسب نه آهي، اهڙي طرح سان ڪنهن به سياسي عقيدي
واري جو ٻئي سياسي نظريي رکڻ واري سان جهڳڙو جائز نه آهي.
سڄي دنيا ۾ جهڳڙا صرف مفادپرست عناصر پنهنجن مفادن پوري ڪرڻ
لاءِ ڪرائيندا آهن. عوام کي اهڙن مفادپرستن کان هوشيار رکڻ کپي ۽
پاڻ ۾ جهڳڙا نه ڪرڻ کپن. ماڻهن کي پنهنجا عقيدا ۽ نظريا اهڙي طرح
سان بيان ڪرڻ کپن جو ٻين جي دل آزاري نه ٿئي پر جيڪڏهن ٻئي
ڪنهن جا جذبات مجروح ٿا ٿين ته انهن کي ڪورٽن ذريعي انصاف طلب
ڪرڻ جو حق حاصل هئڻ گهرجي.
17- هر شهريءَ جا سڀ بنيادي حق محفوظ هئڻ کپن ته جيئن ڪو به
حڪومت جو ڪارندو سواءِ ڪورٽ جي اجازت جي ڪنهن به بنيادي
حق کي پائمال، نظرانداز يا ان جي خلاف عمل ڪري ڪنهن به شخص
جي عزت ۽ وقار کي مجروح نه ڪري سگهي. ڪنهن به شهريءَ کي ڏوهي
نه سمجهيو وڃي جيستائين ان جي خلاف الزام ثابت نه ٿين. جيڪڏهن
ڪنهن به شهريءَ کي قيد ڪيو ٿو وڃي ۽ ڪجهه عرصو ڪيس هلڻ
ڪانپوءِ ڪورٽ ان فرد کي لڳايل الزامن کان آزاد ٿي ڪري ته پوءِ انهيءَ
سڄي قيد واري عرصي دوران هن سان ڪيل زيادتين جو حقيقت ۾ ته
ڪو معاوضو ٿي ڪونه ٿو سگهي پر تنهن هوندي به انهن سڀني عقوبتن
جو ۽ زيادتين جو حساب ٿيڻ کپي، خاص طرح سان جسماني، ذهني ۽
جنسي تشدد جو ڪورٽن کي ازالو ڪرڻ کپي ۽ سڄي قيد واري عرصي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو معاوضو ڪيس ڪندڙ کان ملزم کي ڏياريو وڃي. جيڪڏهن سرڪار جا الزام هجن ته سرڪار کي به معاوضو ڀري ڏين لاءِ پابند ڪيو وڃي. اهڙي طرح سان ڏوهه نه ثابت ٿيڻ جي حالت ۾ معاوضو ضرور رکيو وڃي، انهيءَ طرح سان ڪوڙن ڪيس مان شهرين جي جان آزاد ٿي سگهي ٿي ۽ پوليس جي ذليل ظلمن کان خلق خدا کي نجات ملي سگهندي.

18- پريس کي مڪمل آزادي هجي ۽ ڪنهن به طرح سان پريس کي گهوگهيو نه وڃي. پر جيڪڏهن ڪنهن جا جذبات مجروح ٿا ٿين يا ڪنهن جي وقار کي نقصان ٿو پهچي ته اهڙو شخص پريس خلاف ڪيس داخل ڪري ڪورٽ کان انصاف طلب ڪري سگهي ٿو.

19- اختيارات جي مرڪزيت کي يڪسر ۽ هڪدم ختم ڪيو وڃي ۽ اهي دويزن، ضلعي ۽ تعلقي سطح تائين ورهايا وڃن ته جيئن عوام کي پنهنجن حق ۽ سهولتن وٺڻ ۾ پري پري جا چڪر نه ڪاٽڻا پون. مڪمل صوبائي خودمختياري ڏني وڃي ۽ مرڪز وٽ صرف دفاع، خارجه پاليسي، مواصلات، خزانو ۽ صوبائي رابطا ۽ وزارت وارا کاتا هئڻ کپن. باقي سڀ اختيارصوبن کي ڏنا وڃن. جيڪڏهن وفاقي ادارا رهجي وڃن يا نوان ناهيا وڃن ته انهن ۾ سڀني صوبن کي هڪ جهڙي نمائندگي ڏني وڃي.

مٿي بيان ڪيل قانوني ۽ آئيني سڌارن کان علاوه عوام جي ڀلائي لاءِ صنعتي، زرعي ۽ تعليمي سڌارا به ضروري آهن ۽ آئيني سڌارن سان گڏوگڏ ڪيا وڃن. اهڙي طرح سان اسان جو ملڪ جلد کان جلد ترقي ڪري سگهي ترقي يافته ملڪن جي قطار ۾ بيهي سگهي ٿو.

تعليمي سڌارا:

1- تعليم لاءِ گهٽ ۾ گهٽ قومي پيداوار جي ڏهه سيڪڙو رقم برابر رکي وڃي ته جيئن سائنسي، فني ۽ هنري تعليم کي ترقي ڏياري وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

2- تعليم کي مفت ڪيو وڃي ۽ سيني شهرين لاءِ هڪ جهڙي ڪئي وڃي، سيني شهرين کي تعليم جي لاءِ هڪ جهڙيون سهولتون مهيا ڪري ڏنيون وڃن. تعليم کي سيني جي لاءِ لازمي ڪيو وڃي، جيئن تعليم يافتن جي شرح وڌي سگهي.

3- عام تعليم جي بجاءِ سڄي تعليم کي سائنسي، هنري ۽ فني تعليم ۾ تبديل ڪيو وڃي، تعليمي سروس قائم ڪئي وڃي تہ جيئن ذهين ماڻهو تعليمي سروس ۾ اچي سگهن.

4- صرف سکيا ورتل گريجوئيٽ استاد مقرر ڪيا وڃن ۽ سندن معاوضو مناسب ڪيو وڃي تہ جيئن استاد پنهنجو وقت عزت سان گذاري سگهن ۽ پنهنجن ٻچن ۽ واسطيدارن جي چڱي طرح سان پرگهور لهي سگهن.

5- نياڻين ۽ عورتن جي تعليم لاءِ خاص بندوبست ڪيا وڃن تہ جيئن اهي بہ قومي پيداوار ۾ حصو وٺي سگهن.

6- عام لائبريرين سان گڏ ڪورس جي ڪتابن جون لائبريريون بہ قائم ڪيون وڃن ۽ نصاب کي هر هر تبديل نہ ڪيو وڃي.

زرعي سڌارا:

زرعي سڌارن جي ڏس ۾ جاگيرداري ۽ زمينداريءَ کي هڪدم ختم ڪيو وڃي جيئن هندستان ۽ بنگلاديش ۾ ڪيو ويو آهي. اسلام جي پنجن مشهور فقيهن وٽ بٽئي حرام آهي يعني 1- امام ابو حنيف 2- امام شافعي 3- امام مالڪ 4- امام احمد بن جنبل ۽ 5- امام جعفر صادق. تنهن ڪري سڄي زمين بي زمين هارين ۾ ورهائي وڃي. " جيڪو کيڙي سو کائي" جي سچائيءَ واري اصول تي عمل ڪيو وڃي. آبادگارن کي سرڪار جي طرفان هر قسم جون سهولتون مهيا ڪيون وڃن.ل زرعي تعليم ۽ ريسرچ تي زور ڏنو وڃي ۽ ائگرو انڊسٽري کي سهولتون ڏئي وڌايو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صنعتي سڌارا:

1- صنعتي قرض تي وياج کي گهٽايو وڃي، ننڍين صنعتن لاءِ قرض کي سولو ڪيو وڃي.

2- مختلف قسمن جي ٽئڪسن کان ڇوٽ ڏني وڃي ته جيئن ٻهراڙين ۾ ننڍين شهرن ۾ به ڪارخانا قائم ٿي سگهن.

3- صنعتي مزدور کي ڪارخاني جي منعافي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 20 سيڪڙو حصيدار بڻايو وڃي.

4- مزدورن کي ڪم جي وقفي دوران سڀئي سهولتون ڏنيون وڃن.

جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته اسان جو ملڪ به ترقي ڪري ته پوءِ ضروري آهي ته جلد کان جلد آئيني ۽ قانوني سڌارا ڪري نظام کي درست ڪيو وڃي، جيستائين حڪومت عوام دوست ۽ سٺن ماڻهن جي پيدا نه ٿيندي ته عوام جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪونه ٿي سگهندا. انهيءَ ڪري سڀني وس وارن کي اپيل ٿي ڪجي ته جلد کان جلد مٿي بيان ڪيل سڌارا نافذ ڪيا وڃن ته جيئن ملڪ ترقي ڪري ۽ عوام جلد کان جلد خوشحال ٿي سگهي.

عوام دوست، انسان دوست، دانشورن، اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن کي به گذارش ٿي ڪجي ته پنهنجي طرفان تجويزون ڏين ته جيئن عوام کي سجاڳ ۽ سڃاڻ ڪري سگهجي، اهڙي طرح سان ابوجهه ۽ اڻ پڙهيل پائرن وٽ پهچي انهن کي به ڳالهيون سمجهائجن جيڪڏهن سڄو عوام پنهنجن حقن جي ڄاڻ رکي ۽ گهر ڪندو ته پوءِ ئي کين حق ملي سگهندا ۽ اها جدوجهد به عوام کي ڪرڻي آهي. عوام جڏهن چڱيءَ طرح سان سمجهندو ته پوءِ جدوجهد به ڪندو . اچو ته سڀ سڃاڻ دوست گڏجي عوام کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريون. عوام جي سڌارن لاءِ سڄي عوام جي مطالبن جي مهم تيز ڪيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي معاشري کي ڪيئن سڌارجي

سڄي سنڌي معاشري جي حالت بدتر ٿي چڪي آهي ۽ سڀ ڪو ٿو چوي ته معاشرو خراب ٿي چڪو آهي. امن امان جي حالت غير يقيني ۽ خراب، تعليم جي حالت تباهه و برباد، بک ۽ بيروزگاريءَ سنڌي ماروئڙن کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. جهيڙا، جهڳڙا ۽ فساد هر هنڌ عام، حڪومتي نظام ڄڻ ته مفلوج، هر فرد ۽ شهري ڇڙواڳ، قانون ته صرف غريب ۽ بي پهچ ماڻهن کي ڦاسائڻ لاءِ آهي. باقي بااثر ماڻهو ته جيئن وڻين سو ڪن. ڪين پڇڻ وارو به ڪونهي. سيني وس وارن کي خبر به آهي، ڇاڪاڻ ته خرابي، رشوت ۽ نشي آورن شين جي واهپي بابت اعلان به ڪن ٿا ته اهي لعنتون اسان جي معاشري ۾ وڌي ويون آهن. هر طاقت ۽ حڪومت هوندي عملي طور تي ڪجهه به ڪو نه ٿا ڪن. جنهن مان صرف ظاهر آهي ته هي ڏوهين ۽ بدڪردار ماڻهن جي وڏي طبقي سان مليل آهن ۽ انهن کي ڪجهه به نٿا ڪرڻ چاهين. غريب ڏوهاريءَ لاءِ سڀ قاعدا قانون استعمال ٿا ڪن. پر وڏا ڏوهاري عيش ۽ آرام سان ويٺا آهن. تنهن ڪري ڏوهن ۾ گهٽتائي به ڪا نه ٿي ٿئي. جيڪي وڏيون وڏيون رشوتون ۽ ڪميشنون ٿا کائين يا وڏ ڪان وڏ ٽئڪس جي چوري ڪن ٿا، يعني سفيد پوش ڏاڙيل وڏي آرام ۽ عيش سان سرڪاري ۽ غير سرڪاري وڏين پوزيشنن ۾ ويٺا ڏٺا پنهنجا عيش ڪن ۽ مزا ماڻين، پر ڪو به هڪ غريب ڏوهي جيڪو گهڻو ڪري معاشري جي ناانصافين جي ڪري ۽ مجبورين جي ڪري ڏوهي ٿي پيو آهي، ان لاءِ سڄي گورنمينٽ مشينري ۽ فوج به تحرڪ ۾ اچي ٿي وڃي. سفيد پوش ڏوهي يا ڏاڙيل ۽ اڻ پڙهيل ڏوهي يا ڏاڙيل ساڳي ڳالهه آهن. معاشري جو قانون ٻنهي جي لاءِ هڪ جهڙو ۽ سخت هجي، پر هتي ائين نه آهي. حڪومتي نظام جيڪو نام نهاد جمهوري چيو وڃي ٿو حقيقت ۾ "اميروڪريسي" يعني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏن ماڻهن جوراڄ آهي. هي مفاد پرست بالادست ماڻهن جو ٽولو هميشه عوام کي ڌوڪا ڏئي مختلف حرفتن ۽ سازشن جي ذريعي اقتدار ۽ دولت تي قبضو جاري رکيو ٿو اچي.

عام شهرين ۽ غريبن لاءِ ڪجهه به نٿو ڪيو وڃي، بلڪ جاٽي پڄهي عوام جو نقصان ڪيو ٿو وڃي ۽ عوام کي تباهه ڪيو ٿو وڃي. تعليم جو نه وڌائڻ، تعليم لاءِ تمام ٿورا پئسا رکي عوام کي جاهل رکڻ انهن جو شاهڪار ڪارنامو آهي. سماجي برائين ۾ پوليس جو هٿ، نشي آور شين جي وڪري ۾ حڪومتي ڪارندن جو هٿ آهي ته جيئن بريون ۽ بڇڙيون عادتون عام ٿين ۽ عوام تباهه ٿئي اهي سڀ عمل وڏي هوشياري، چالاڪي ۽ مڪاريءَ سان ڪيا ٿا وڃن. اهو وڏن ماڻهن جو مفادپرست طبقو جاگيردارن، سرمائيدارن، وڏيرن، پيرن، ميرن، چوڌرين، ملڪن، خانن ۽ سردارن منجهان آهي ۽ اهي ئي گهڻو ڪري هميشه اقتدار ۽ دولت تي قابض رهيا آهن ۽ انهيءَ ڪري انهن عوام جي ڀلائي لاءِ ڪڏهن سوچيو به نه آهي ۽ نه وري سوچيندا. اهي وڏا زهريلا نانگ آهن. جيستائين انهن نانگن مان جند نه ڇڏائبي عوام جو سڌارو ڪڏهن به ڪو نه ٿيندو جاڪاڻ ته اهي عوامي ڀلائي ڪرڻ ئي ڪو نه ڏيندا.

اسلام جي پنجن ئي فقهن وٽ بٽئي حرام آهي، پوءِ به زميندار ي کي جو ٿو قائم ۽ دائم رکيو وڃي. هاڻي هي به عوامي مطالبو ٿي پيو آهي ته "زمين جيڪو کيڙي سو کائي" جي اصول مطابق ڏني ۽ ورهائي وڃي. جاڪاڻ ته آدمشماريءَ جو وڏو انگ غريب هاري آهن. اهڙي طرح سان مزدورن جي به نفعي ۾ شرڪت لاءِ لازمي آهي ته جيئن کين ڪجهه منافعو به ملي ۽ سندن حالت سڌري. مزدورن ۽ هارين جي حالت سڌارڻ کانسواءِ هاڻي ملڪ ترقي نه ڪري سگهندو. جاڪاڻ ته پيداوار صرف هاري ۽ مزدور ڪن ٿا. پيداوار ۾ ٻين جو ڪو به حصو نه آهي.

جيڪڏهن آهي به ته براءِ نام. ٻيا سڀ طبقا انهن ٻنهي جي پيداوار مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪائين ٿا، پر وڏي حرفت، چالاڪي، مڪاري ۽ بي حيائي سان پيداوار جو وڏ
حصو بالادست طبقو ڦٻائي ٿو وڃي. حڪومتي مشينري ۽ سرڪاري
آفيسر جيڪي عوام جي ٽئڪسن تي عيش ڪن ٿا، انهن مان گهڻا نمڪ حرام
ٿي عوام جي بجاءِ بالادست طبقي جا ساٿاري ٿي ٿا بيهن. ٽئڪسون به ظاهر ته
ڪارخانيدار ٿا ڏين پر حقيقت اها نه آهي. هر هڪ شيءِ تي ٽئڪس آهي، اهي
شيون عوام ئي استعمال ڪري، تنهنڪري هتي ٽئڪسن جو به وڏو حصو عوام
جي پورهئي پگهر ۽ رت مان ئي اچي. پر اسان جي سرڪار ۽ وڏا ڪامورا وڏي
ڏاڍائي سان انهيءَ مان گهڻو حصو پنهنجي عيش آرام تي ٿا خرچ ڪن. غريب
ويچارو اهو ئي پريشان حال، بکيو ۽ بي حال آهي، سرڪاري ٽئڪسن ۽ پئسي
کي وڏ پرود عوام جي فلاح ۽ بهبود تي استعمال ڪرڻ کپي، پر هتي ائين نٿو
ڪيو وڃي. عوام کي صرف ڏوڪو ۽ ڏتا ڏنا ٿا وڃن.
هاڻي ته عوام کي سرڪاري آفيسن جا چڪر ڪاٽرائي ذليل ۽ خوار
ڪيو ٿو وڃي. آفيسر طبقو ته بنهه بيحزائيءَ تي لهي آيو آهي. عوام جي طرفداري
ته نٿو ڪري، پر مفادپرست سياستدان جو غلام ٿي نوڪر ڪري چاڪاڻ ته
آفيسر طبقي کي انهيءَ مفادپرست طبقي پنهنجي حرفتي چارن ۾ جڪڙي رکيو
آهي. آفيسر طبقو جيڪڏهن عوام جو هڏڏوکي ٿي مفادپرستن سان مهاڏو
اٽڪائي تڏهن به عوام جو گهڻو ڪجهه فائدو ڪري سگهي ٿو.
حڪومت عوامي ڀلائي، تعليم ۽ صحت تي خرچ گهٽ ٿي ڪري، پر جنگ
جدل لاءِ خرچ گهڻو ڪيو ٿو وڃي. حالانڪ جنگ جدل انسان ذات جي
دشمنيءَ تي ٻڌل آهي. ملڪن، قومن ۽ عوام ۾ جهيڙا صرف مفادپرستن وجهرايا
آهن ۽ مذهبن کي انهيءَ مفادپرست طبقي غلط استعمال ڪري انسانن کي
ويڙهائي ڇڏيو آهي. اهو مفادپرست طبقو سڄي دنيا ۾ صرف وڏ ۾ وڏ هڪ
سيڪڙو آهي، پر سڄي دنيا جي عوام کي تنگ، تباهه ۽ برباد ڪيو ويٺو آهي.
هن طبقي کي انسانن سان نه ڪا نه ڪنهن نه قسم جي همدردي ڪانهي. هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صرف پنهنجي عيش ۽ عشرت کي قائم ۽ دائم رکڻ ٿو چاهي. تنهنڪري هر حالت ۾ هر حرفت هلائي حڪومت تي قبضو انهيءَ ڪري جاري رکيو ٿو اچي ته جيئن سندس عيش عشرت هميشه هميشه لاءِ جاري رهي.

اهوئي مفادپرست ۽ بالادست طبقو حڪومتي پاليسيون ۽ قاعده قانون به عوام دشمني جي بنياد تي ناهي ٿو ۽ جاتي بجهي معاشري ۾ براين کي ڦهلائي ٿو. سماجي برايون رشوتون ۽ نشي آور شين جو استعمال وڌي حرفت ۽ مڪاريءَ سان عام جام ڪري ڇڏيو اٿن ته جيئن عوام هميشه تباهه حال ۽ تنگ دست رهي. انهيءَ ڪري هنن عوام دشمن حڪومتن ۾ فقيرن ۽ موالين جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌنون وڃ آهي. اهڙي نموني سان بهترين انساني وسيلن جي تباهي صرف عوام دشمن حڪومت ئي ڪري سگهي ٿي. جاڪاڻ ته هنن کي انسان تباهه ڪرڻ تي ڪو به کهڪاءُ ڪونه ٿو اچي. انسان تمام قيمتي مشين آهي. جيڪڏهن هن کي نه سڌاريو ويو ته ملڪ ڪڏهن به نه سڌري سگهندو. تنهنڪري پهريون نمبر ترجيح انساني وسيلن کي سڌارڻ تي ڏيڻ گهرجي. انساني دماغ ۽ هٿن کي وڌيڪ سگهيا ڏيڻ گهرجي.

حڪومت جاڪاڻ ته انهيءَ مفادپرست طبقي جي آهي. تنهن ڪري عوام کي سڌارڻ جي ڪوشش نٿي ڪئي وڃي. بلڪ عوام سان سپ تعديون، زيادتون بالادست ۽ اقتداري طبقي جي مرضيءَ مطابق چالاڪي، هوشياري ۽ مڪاريءَ سان ڪيون ٿيون وڃن. هي وڏا منافق آهن ۽ منافقت جا ڏايا سنا ۽ وٺندڙ بيان جاري ڪن ٿا پر اهي سپ ڪوڙ ۽ دوکي تي ٻڌل آهن. چون هڪڙي ڳالهه ته ڪن ان جي ابتڙ! جيڪڏهن هي وڏا ماڻهو ڪوڙ نه هڻن ته ملڪ ۾ جلدي سڌارو اچي وڃي. عام ماڻهو به جيڪڏهن ڪوڙ نه هڻن ته تمام جلد سماجي برايون گهٽجي سگهن ٿيون ۽ معاشرو سڌري سگهي ٿو.

مفاد پرستن کي پنهنجي عيش عشرت کان فرصت ئي گهٽ آهي. تنهن ڪري عوامي ڀلائيءَ لاءِ انهيءَ سوچ ويچار لاءِ ويچارن وٽ وقت ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوند آهي. ڇاڪاڻ تہ هر شام جو پنهنجي دلفريبن ۾ مشغول ٿين ٿا تہ وري مس ڪٿي ڏينهن منجهند جو آرام سان اٿي تيار ٿين ٿا. اجا پوين ڏينهن جا گيرت نہ ڪون ٿا لهن تہ وري شام ٿيو وڃي ۽ وري ساڳي ڪار اهڙي طرح انهن گهٽن همراهن جا ڏينهن رات گذرن ٿا.

هاڻي ڀلا سوچي ڏڏايو تہ اهي عوام جي ڀلي لاءِ ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت سوچ ويچار ڪندا؟ هي ويچارو عوام آهي. جنهن کي هي هميشہ سنهرا خواب ڏيکاري پيا ڏوڪي ۾ رکن. عوام جي ٻڌي ۽ اتحاد کي روڪڻ لاءِ ۽ انهن کي هيسائڻ لاءِ رياستي تشدد جو ڀرپور فائدو وٺي عوامي ماڻهن کي ايترو تنگ ڪيو ٿو وڃي تہ جيئن هو سياست جو ۽ سندن نالو ئي نہ وٺن. جيئن شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ:

اڄ وڃائي لڙ ٿيو ڪالار ٿو ڪنگڻ،
ايندي لڄ مرن تنهن سر مٿي هنجهڙا.

انهيءَ رياستي مشينريءَ جي تشدد جو بدترين استعمال سنڌ جي حجاج بن يوسف يعني ڄام صادق علي ڪيو ۽ سيني وس وارن جي سامهون ڪيو جنهن مان اهو مطلب ٿو نڪري تہ سڀ انهيءَ ۾ برابر شامل هئا. پر ظالم ۽ ظلم ڪڏهن بہ قائم رهي نہ سگهندا. تنهنڪري اهو دور بہ ختم ٿي ويو. عوام لاءِ هاڻي رستو صرف عوامي اتحادن ذريعي عوامي احتجاج ئي آهي. جيڪي پر امن نموني جاري رکيا ويندا تہ عوام سجاڳ ٿيندو ۽ پنهنجا حق وٺي سگهندو. جيڪڏهن هر فرد سياست سکندو ۽ سياست ڪندو تہ پوءِ ئي هنن ظالمن کان حق وٺي سگهبا. هي بالادست طبقي جون حڪومتون ئي آهن. جن هميشہ تعليم ۽ صحت لاءِ تمام گهٽ پئسا رکيا آهن. تہ جيئن عوام جي تعليم تباهہ ٿئي ۽ صحت خراب ٿئي.

ٻين ملڪن جهڙوڪ، جاپان، ڪوريا ۽ ايران وغيره ۾ تعليم تي پندرنهن سيڪڙو کان ويهہ سيڪڙو قومي آمدني خرچ ڪئي ٿي وڃي. پر اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وت صرف هڪ سيڪڙ ڪان ڏيڍ سيڪڙو خرچ ڪيو ٿو وڃي. انهيءَ ٿوري رقم رکڻ سان صحت ۽ تعليم نه سڌري آهي ۽ نه سڌرنديءَ عوام کي زوردار مطالبو ڪرڻ کپي ته انهن شين لاءِ وڌيڪ پئسا رکيا وڃن.

حڪومتي انتظاميا کي هي بالادست طبقو پنهنجي قبضي ۾ تو رکي ۽ پوءِ کين هر طرح مختلف حربن ۽ طريقن سان استعمال ٿو ڪري، رشوت جي رواج جي ڪري ۽ گهٽ پگهارون رکي هنن کي مجبور ڪري ڀاڙي ڪيو ٿو وڃي ۽ پوءِ هنن کان جيڪو به ڪم کين وٺڻ ٿو اهو ڪرايو ٿو وڃي. انهيءَ ڪري سرڪاري انتظاميا هاڻي گهڻو ڪري سياستدانن، پيرن، ميرن، وڏيرن، سردارن، خانن، ملڪن ۽ چوڌرين جي غلام ٿي پيئي آهي ۽ انهيءَ کان عوام جي ڀلائيءَ جي توقع ڪرڻ عجب معنيٰ آهي.

هي بالادست، مفادپرست طبقو مختلف حرفتن، حربن ۽ طريقن سان عوام کي ويڙهائي ٿو. ڪڏهن ذاتين جو جهيڙو ڪڏهن مذهبي فرقن جو جهيڙو ڪڏهن لساني جهيڙو مطلب ته ماڻهن کي ويڙهائي رکڻ هنن جي مفاد ۾ آهي ۽ سدائين جهيڙا ڪرائيندا ۽ مچائيندا رهن ٿا. بين الاقوامي سطح تي جنگيون ۽ ننڍي سطح تي جهيڙا ڪرائڻ به مفادپرست طبقي جو انسان دشمن عمل آهي. اهو مفادپرست طبقوئي آهي، جيڪو سڄي دنيا ۾ هٿيارن جي صنعت کي قائم رکي فائدو حاصل ڪري رهيو آهي ۽ انسانن کي ويڙهائي رهيو آهي.

جمال ناصر تمام صحيح چيو آهي ته، جيڪڏهن سمنڊ جي تري ۾ به ٻه مڇيون جهيڙو ڪن ته سمجهو ته اهو ضرور ڪنهن مفاد پرست طبقي سامراج جو ڪم آهي. جيڪو جهيڙا ٿو ڪرائي.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته آخر معاشري جو سڌارو ڪيئن ٿئي؟ هر طرف ڪم لٽا پيا آهن. گهڻو ڪري هر ماڻهو مايوس ٿي پيو آهي ته، جيڪڏهن ڪم ڪجي به ته ڪيئن ڪجي ۽ ڪٿان شروع ڪجي؟ واقعي هي ڏاڍو ڏکيو ۽ گنڀير سوال آهي پر جيڪڏهن چپ ڪري ويهبو ته، پوءِ ته هي سوال ڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ حل ڪو نہ ٿيندو. تنهنڪري هر سجاڻ، ڏاهي ۽ دانشور فرد جو ڪم آهي تہ جدوجهد شروع ڪري، هي گهڻ طرفي ۽ گهڻ رخي محاذ تي ۽ لڙي ويندي هي جنگ سماجي محاذ تي بہ لڙي ويندي ۽ هر فرد کي پنهنجي سڌاري لاءِ انفرادي محاذ تي بہ لڙڻي پوندي. بس ڪري ويهي رهڻ سان ڪجهہ نہ ورندو. عرفان مهدي جو شعر آهي تہ:

چئون ٿا سچ تہ مچ ٿو مچي،
رهون ٿا چپ تہ جيئڻ آ اجائي.

تنهن ڪري عوام جي ڀلي لاءِ ڪم ڪرڻ کپي ۽ سيني عوام جي هڏڏوڪين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. سياسي محاذ تي اميروڪريسيءَ کي بدلائي عوامي، فلاحي جمهوريت قائم ڪرڻ لاءِ هاڻي هي عوام جو مطالبو آهي تہ پنجاهہ هزار آدمشماريءَ تي هڪ نمائندو مقرر ٿيڻ کپي. جيئن دنيا ۾ هندستان، پاڪستان ۽ آمريڪا کانسواءِ باقي سيني ملڪن ۾ وسيع بنيادن تي نمائندگي ڏنل آهي، تيئن هتي بہ ٿيڻ گهرجي. جيئن انگلينڊ ۾ پنجهتر هزار تي نمائندو اٽلي پنجاهہ هزار تي نمائندو سئزرلينڊ ٽيهن هزارن تي نمائندو سري لنڪا پنجهتر هزار تي نمائندو وغيره وغيره.

جمهوري ادارا ائين آهن جيئن بکئي فقير کي مانيءَ جو ٽڪر. جنهن مان سندس پيٽ بہ نٿو ڀرجي. مزو اچڻ تي پري رهيو تنهنڪري جمهوريت کي جيستائين عوامي فلاهي جمهوريت نہ بڻائبو عوام جا مسئلا حل ڪو نہ ٿي سگهندا. ڪين بنيادي حق ۽ بنيادي سهولتون نہ ملي سگهنديون. اسان جو ملڪ گهڻ قومي ملڪ آهي، تنهنڪري ٻنهي ايوانن جا نمائندا سڌو سنئون عوام چونڊي ۽ جيڪڏهن صدارتي ۽ نيم صدارتي نظام آهي تہ صدر بہ سڌو سنئون براه راست عوام چونڊي. چونڊون هر چوٿين سال ڪورٽن جي نگرانيءَ ۾ ڪرايون وڃن ۽ نگران حڪومت هميشہ غير سياسي ماڻهن جي ٺاهي وڃي. اهڙي قسم جي آئين ۾ ترميم ڪري سياسي سڌارن جو بندوبست ڪيو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرڪاري وزيرن ۽ آفيسرن جون مراعات گهٽائي عوامي سطح تي آنديون وڃن. جاگيرداري، زمينداري ختم ڪري زمين، "جيڪو کيڙي سو کائي" جي اصول تي ڏني وڃي. هي به هاڻي عوامي مطالبو آهي. جيستائين پورو نه ٿيندو عوام سک سان نه ويهندو. اسان جا هر قسم جا بنيادي حق غصب، ڪيا ويا آهن، جهڙوڪ سياسي، شخصي، انتظامي، قانوني، سماجي،اقتصادي ۽ معاشرتي. انهن سيني حقن جي حاصل ڪرڻ لاءِ عوام جي جدوجهد جاري رهندي جيستائين هر فرد کي شخصي احترام ۽ سماجي انصاف جي خاطري تي وڃي. سماجي سڌارن لاءِ هر طرف دانشورن، ليکڪن، شاعرن، اديبن ۽ صحافين پر ڪم ڪيو وڃي ۽ انهن کي عرض ڪيو وڃي ته سڌو سنئون ڪچهرين ۽ گڏجاڻين ذريعي عوام کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ ساڻن رابطو ڪرڻ گهرجي.

هئي طرف وري عوامي جلسا ۽ ڪچهريون ڪري عوام کي سندن ڀلائي ۽ سڌاري جون ڳالهيون سمجهايون وڃن. ڇاڪاڻ ته اسان جو عوام نوي سيڪڙو اڻپڙهيل آهي. تنهنڪري اخبارون، رسالا ۽ لکتون صرف ڏهه سيڪڙو لاءِ آهن. انهن مان به پڙهڻ جو شوق ۽ وقت شايد هڪ اڌ سيڪڙو کي هجي. اجا به جيڪڏهن اليڪٽرانڪ ميڊيا استعمال ڪجي ته بهتر نتيجا ملندا، پر اهي مهانگا آهن.انهيءَ لاءِ وسيلا ڪين، تنهنڪري عوامي جلسا ۽ ڪچهريون عوام کي ڳالهين سمجهائڻ لاءِ اسان جو اهم شعبو هئڻ کپي. عوام کي جلد کان جلد سماجي ۽ سياسي تعليم ڏيڻ جو ذريعو عوامي جلسا ۽ ڪچهريون آهن. جن جو سڄي سنڌ ۾ رواج وجهڻ گهرجي. انهيءَ پرگرام کي عوام ۾ ڦهلائڻ لاءِ آڊيو ۽ وڊيو ڪئسيٽ جو استعمال وڏ ڪان وڏ ڪيو وڃي.

معاشرو فردن مان ٺهي ٿو جيڪڏهن هر هڪ فرد سڌرندو ته پوءِ معاشرو به سڌرندو. تنهنڪري انفرادي اخلاقي سڌارن لاءِ، عوامي ڪچهرين ۽ هڪ ٻئي کي تلقين ڪري اخلاقي سڌارن تي تمام گهڻو زور ڏنو وڃي. تعليمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نصاب ۾ اخلاقي مضمون وڌيڪ هئڻ کپن. هر هنڌ لائبريريون به کوليون وڃن. جنهن مان دوست ۽ شاگرد فائدو وٺي وري عوام تائين ڪچهرين ۾ گڏجاڻين ذريعي اهي ڳالهيون ڦهلائين. اهڙي طرح سان آهستي آهستي ڪجهه باڪردار ماڻهن جو هڪ جٿو تيار ٿيو وڃي، جيڪو وري ٻين جي اڳواڻي ڪري ۽ "خدائي خدمتگار يا فوجدار" ڪاهوڙي يا جاڪوڙي ٿي سماجي برائين جي خلاف پرامن جنگ جوٽي. جيڪڏهن اهي دوست پاڻ کي ڏاهپ ڏاڻ، چاڻ ۽ سٺي اخلاق سان نه سينگاريندا ته ڪم ڪري نه سگهندا. ويتر عوام کي منجهائي وجهندا. شاهه صاحب چيو آهي ته:

سونهان چائين سڌ نه پئين، سڀئي پچ مرسي،

متان ئي توکي، منجهائين مارگ ۾.

انهيءَ جنگ ۾ جيڪا پرامن طريقي سان لڙي ويندي، يعني اخبارن جي ذريعي برائيءَ جي نشاندهي ڪرڻ ۽ ان کي ننديڻ، وس وارن جو ڌيان ڇڪائڻ، وفدن ۽ جلوسن جي شڪل ۾ آفيسرن ۽ بالاعملدارن تائين حقيقتن پهچائڻ ۽ پهچرائڻ. اهڙي طرح سان جڏهن "خدائي خدمتگارن يا فوجدارن" يا ڪاهوڙين يا جاڪوڙين جون ٽيمون سڄي ملڪ ۾ پيدا ٿي وينديون ته پوءِ برائيءَ کي ڪجهه ڏک لڳندو ۽ گهٽجڻ لڳندي پر اسان جو اهو بااخلاق ۽ باڪردار جٿو ائين نه سمجهي ته انهيءَ ڪم ڪرڻ ۾ ڪين ڪا رڪاوٽ پيش ڪانه ايندي، مفادپرست ڪين هر قسم جون تڪليفون ڏيندا، ٿي سگهي ٿو ته ڪن هٿ ٺوڪين ماڻهن جي ذريعي جهڳڙو به ڪرائين ۽ ڪوڙا ڪيس ڪرائي تڪليفون به ڏين، پر هر چڱي ڪم ڪرڻ واري کي تڪليف ايندي آهي ۽ صرف چڱي ڪم ڪرڻ خاطر انهيءَ کي برداشت ڪرڻ کپي ۽ انهن سان مقابلو ڪري منهن ڏجي. جيڪڏهن چڱي ڪم ڪرڻ وارا ڪافي تعداد ۾ ٿي ويندا ۽ هڪٻئي جي مدد ڪندا ته پوءِ ٿي سگهي ٿو ته ڪين ڪو به نقصان نه ٿئي يا گهٽ ٿئي. بهرحال شاهه صاحب جي شعر مطابق:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڻ تا ميوو ڪن پاڻ نہ کائن پنھنجو

ٺڪر، پٿر، چاپڙون ڏوٿان ڏار سھن.

ڦريو تا ڦرن پت ڪارڻ پنھنجي.

تنھنڪري چڱائيءَ کي ڦھلائڻ لاءِ ۽ پلائيءَ جي ڪمن ڪرڻ لاءِ ۽ سماجي برائين خلاف جنگ جوٽڻ لاءِ اھڙي قسم جي "خدائي فوجدارن" يا ڪاھوڙين يا جاڪوڙين جو جٿو تمام ضروري آھي. جلد ئي سڄي سنڌ ۾ انھيءَ قسم جا جٿا تيار ڪيا وڃن. اھي جٿا جڏھن وڌندا ۽ ڪم جاري رھندو تہ پوءِ گھٽائي جي ڪري ۽ حڪمت عمليءَ سان ڪم ڪرڻ جي ڪري نقصان نہ ٿيندو. جيئن شاھہ صاحب چيو ھو تہ:

وِيا جي عميق ڏي منھن ڪائو ڏيئي،

تن سپون سوجھي ڪڍيون پاتاران پيھي،

پسندا سيئي املھہ اکڙين سين.

جڏھن ھي ڪم تنھي محاذن تي ھلندو يعني سياسي، سماجي ۽ انفرادي طرح سان ڪم ڪيو ويندو تہ پوءِ عوام تي ۽ حڪومت تي زور ڏنو ويندو تہ تعليمي نظام لاءِ جلد کان جلد وڏ کان وڏ رقم رکي سڄي عوام کي سائنسي، فني اخلاقي ۽ ھنري تعليم ڏني وڃي ۽ انھيءَ قسم جي تعليم کي عام ڪيو وڃي. ھر يونين ڪائونسل جي سطح تائين فني ۽ ھنري سکيا جا ادارا کوليا وڃن. اھڙي طرح سان قيمتي انسانن وسيلن تي سيڙپ ڪري انھن کي سڌاريو ۽ سنواريو وڃي تہ جيئن اھي ملڪي ترقيءَ ۾ ڀرپور حصو وٺن.

حڪومتي سطح ۽ عوام جي سطح تي چڱن ماڻھن جي ذريعي صنعتي ڪارخانا ٻھراڙين ۾ عام ڪيا وڃن تہ جيئن عام ماڻھن لاءِ روزگار جا ذريعا سنڌن ڳوٺن جي ويجھو ۽ ننڍن شھرن ۾ پيدا ٿي پون. اھڙي طرح سان وڏن شھرن تان بہ ڪجھہ بار گھٽجي ويندو ڇاڪاڻ تہ ٻھراڙين ۾ روزگار جي ڪري وڏ شھرن ڏانھن لڏپلاڻ ڪجھہ گھٽ ٿيندي شھرن توڙي ٻھراڙين ۾ خاص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ڀهراڙين ۾ تمام گهڻا سماجي مسئلا، جهيڙا جهڳڙا پئجي ويا آهن. انهن جي حل ڪرڻ لاءِ هڪ ته ڀهراڙين ۾ وڃي عام ماڻهن کي سمجهايو وڃي ۽ اهڙي طرح فني ۽ اخلاقي تربيت جي ذريعي برائين ۾ ڪجهه گهٽتائي ايندي.

انهيءَ ڪانسواءِ عوام کي سمجهايو وڃي ته جهيڙن جهڳڙن جي جڙ ڪهڙي آهي جيڪڏهن نه وڌيو ويو ۽ انهيءَ کي پاڙ کان پٽي نه ڪڍيو ويندو ته پوءِ اهي جهڳڙا گهٽ نه ٿيندا. ان ڪري عام ماڻهن کي کولي سمجهائبو ته جهڳڙن جو بنياد مفادپرست طبقي جون مختلف نمونن جون سازشون آهن، جن ذريعي هو عوام جي مختلف طبقن کي هميشه ويڙهائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو پر جيڪڏهن عوام اصليت کي سمجهندو ته هي سڀ سازشون ڪيس ڪمزور ڪرڻ لاءِ آهن ته پوءِ ڳالهه کي سمجهي وٺندو ۽ سڌارو ايندو ويندو. عوام جهڳڙي جهيڙي جو بنياد گهڻو ڪري هي چار ڳالهيون آهن:

(1) بدنيتي، (2) بدڪلامي، (3) بداخلاقي (4) بدمزاجي.

عام طرح سان اڳ ۾ چيو ويندو هئو ته، جهيڙو زر، زمين ۽ زن تي ٿيندو آهي. اها ڳالهه به صحيح آهي، پر اهي به بدنيتيءَ جو حصو آهن. انهيءَ کان علاوه به سازش جي ذريعي بدنيتي ڪري جهيڙا جهڳڙا ڪرايا ۽ وڌايا وڃن ٿا. اهي به وڏن جهڳڙن جا سبب ٿا ٿين. انهن ۾ وري "ڪوڙ" ته جهيڙن ۽ ڏوهن جي ناني آهي. جيڪڏهن انسان ڪوڙ هڻڻ ڇڏي ڏين ته معاشرو جلد کان جلد سڌري سگهي ٿو. بداخلاقيءَ ۾ وري چوري، زنا، شراب ۽ پيئون اخلاقي ڪمزوريون به جهڙن جهڳڙن جا بنياد آهن ۽ چوٿون نمبر بدمزاجي يعني هٺ، ضد، ڪاوڙ ۽ تڪبر به گهڻو ڪري گهڻن جهيڙن جهڳڙن جو سبب ٿين ٿا، پر خاص طرح سنڌي معاشري ۾ ته مفادپرست وڏيرن ڪوڙ گار ۽ چوريءَ جو اهڙو رواج وجهي ڇڏيو آهي جو هر گهر، وستي، واهڻ، ڳوٺ، شهر ۽ شهرن جي مختلف محلن ۽ پاڙن ۾ جهيڙا ۽ جهڳڙا تمام وڌي ويا آهن.

هنن مفاد پرستن جو شيوو آهي ته غريبن کي غريبن سان ويڙهايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وجي، غريب جي چوري يا ڏاڙو غريب جي هٿان ڪرايو وڃي ته جيئن اهي هڪٻئي کي ڪمزور ڪري سگهن. وري انهن جهيڙن جهڳڙن کي ڀڙڪائڻ لاءِ ڪوڙي قسم جو رواج، ڪوڙي ڪيس جو رواج ۽ ڪوڙي شاهديءَ جو رواج اهڙو ته عام ڪري ڇڏيو اٿن، جو هر هڪ ماڻهو چئي ته هيءُ جو ازلي دشمن ٿي پيو آهي. انهيءَ ڪري معاشري کي سڌارڻ لاءِ بااخلاق ۽ باڪردار ماڻهن جو جٿو جڏهن پاڻ کي سنواريءَ ۽ چڱي طرح سان جدوجهد ڪندو ته پوءِ اميد ڪري سگهجي ٿي ته هي معاشرو به جلد سڌري سگهندو. شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

ويهه م منڊ پنيور ۾ ڪر ڪو واڪو وس،
ليڙن جو لطيف چئي ڏونگر ڏيندءِ ڏس،
پير پنهونءَ جو پس سر پر هلي سسئي.

انهيءَ ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ جڏهن ڪجهه دوستن جا جٿا به تيار ٿي ويندا ته نيڪ مردن جون ڪاميٽيون ٺاهي عام ماڻهن جي مسئلن جا فيصلا ڪرايا ويندا. اهي فيصلا هر ذات يا برادريءَ جون ڪاميٽيون به ڪنديون ۽ ڪجهه برادرين جا امين گڏجي انهن جون ڪاميٽيون ٺاهي انهن جي ذريعي به فيصلا ڪري ۽ ڪرائي سگهجن ٿا. جڏهن چڱن ماڻهن جو ڪاميٽيون فيصلا ڪنديون ته انصاف به ٿيندو ۽ انهن تي عمل به ڪرائي سگهبو. انهيءَ قسم جا تمام گهڻا سٺا ۽ ڪامياب تجربا به ڪيا ويا آهن.

جهيڙن جهڳڙن جو هڪ وڏو سبب مذهبي عقيدن جي نه سهپ آهي. اهڙي طرح سان سياسي طورطريقن ۾ خاص طرح سان اقتدار تي جهيڙا جهڳڙا، سازشون ۽ لڙايون ٿينديون رهيون آهن ۽ ٿينديون رهن ٿيون.

حڪومت تي به زور ڏبو ته ڪورٽن جي نظام کي سڌاري سٺو ڪري ته جيئن عوام کي سستو سٺو انصاف بنا رشوت جي مهيا ٿي سگهي. جڏهن انهن پنهي طريقن سان ڪوشش ڪئي ويندي ته معاشري ۾ ڪجهه سڌارو ايندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن جهيڙا جهڳڙا گهٽبا تہ ماڻهن جا پاڻ ۾ تعلقات بہ سڌرندا ۽ سٺي اخلاق جو مظاهرو بہ ٿيندو ۽ معاشرو ڏينهون ڏينهن بهتر ٿيندو ويندو. وري جڏهن هنري ۽ فني تعليم ذريعي ماڻهن کي روزگار بہ مهيا ٿيندو رهندو تہ پوءِ براين ڏانهن سندن لاڙو بہ گهٽبو. اهڙيءَ طرح سان لڳاتار مٿين عملن جي ذريعي سڌاري جي شروعات ٿي ويندي. جڏهن چڱايون ۽ سٺايون ايندين تہ پوءِ برايون وينديون.

"ان الحسنات ليذهبن السيات".

جڏهن سياسي، سماجي ۽ انفرادي طريقن سان ڪوشش ڪرڻ وٺي ماڻهن جي ذهني تربيت ڪئي ويندي ۽ کين سمجهايو ويندو تہ سندن اصلي دشمن ڪير آهن، جن سندن استحصال ڪيو آهي. ڪهڙا ڦورو ۽ ڪهڙا لٽيرا آهن جن غريب عوام کي هميشہ کان ويڙهائي سجو ۽ پينگيو ڪيو آهي. ڪهڙين حرفتن ۽ حيلن وسيلي عوام کي تباهہ حال ڪيو ويو آهي. اهي ڪهڙا مفادپرست آهن، جيڪي عوام جي سڌاري خلاف آهن ۽ جيڪي عوام جي ڀلائي قطعي ڪرڻ نٿا چاهين. عوام کي سيني ڦورن ۽ لٽيرن جي ڄاڻ ڏيڻي آهي پوءِ اهي امير، وڏيرا، سردار، چوڌري، ملڪ يا خان هجن يا مذهبي رهنما يا نام نهاد هٿ ٺوڪيا عالم، پير، مرشد يا مخدوم هجن. جڏهن عوام اهي ڳالهيون سمجهندو ۽ مفادپرست طبقي جي حرفتن ۽ سازشن کان واقف ٿيندو تہ پوءِ پنهنجي اصلاح ۽ ڀلائيءَ لاءِ تيار ٿي ويندو.

اسان جي پڙهيل طبقي، دانشورن، شاعرن ۽ اديبن وس کان ڪونہ گهٽايو آهي، پر صرف اخبارن ۽ رسالن جي حد تائين چڱو ڪم ٿيو آهي، پر اڻپڙهيل هاري ۽ مزدور کي انهن عملي ڪاوشن جي ڪهڙي ڄاڻ؟ ڪجهہ ٽي وي ڊراما ۽ ريڊيا چڱو ڪم ڪري رهيا آهن، پر جاڪاڻ تہ اهي سرڪاري تحويل ۾ آهن، تنهنڪري تمام محدود طرح سان ڪم ڪن پيا. انهيءَ ڪري اسان جي اديب ۽ دانشور طبقي کي هاڻي ڀهراڙين ۾ نڪري عوام کي جلسن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪچهرين ۽ گڏجاڻين ذريعي اها سڄي ڄاڻ فراهم ڪرڻ کپي. جيڪڏهن اهي انسانذات جي ۽ عام سنڌي غريب ماروئڙن جي ڀلائي چاهين ٿا ته پوءِ ڪين ڀهراڙين ۾ وڃڻو پوندو ۽ عوام کي سجاڳ ڪرڻو پوندو. اسان جي سڄاڻ سڀئي عالمن کي به اهو ڪم ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته عوامي ڀلائي تمام افضل عبادت آهي. "افضل العبادات خدمت الناس."

انسان ذات جي نفعي لاءِ "رسول مقبول ﷺ" فرمايو آهي ته "خير الناس من ينفع الناس" انسانن ۾ ڀلو اهو آهي جيڪو ماڻهن جو نفعو ٿو چاهي. انهيءَ سڄي ڪم ڪرڻ لاءِ ته هر قسم جا سڌارا کپن. جهڙوڪ آئيني سڌارا، معاشي سڌارا، زرعي سڌارا، صنعتي سڌارا، انتظامي سڌارا، قانوني سڌارا، سماجي سڌارا ۽ تعليمي سڌارا. اهي سڌارا ڪيئن آڻجن؟ انهن لاءِ وري جدا باب لکي سگهجن ٿا، پر في الحال اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته عوامي ڀلائيءَ لاءِ اهي سڀئي سڌارا ضروري آهن ۽ جيستائين عوام ۾ سوچ ۽ ساڃاهه پيدا نه ڪبي ۽ عوامي احتجاجن ذريعي عوامي دٻاءُ پيدا نه ڪبو ته جيڪي مفادپرست اقتدار تي قابض هوندا آهن، اهي ڪڏهن به سڌارا نه آڻيندا. عوامي سڌارن لاءِ ۽ عوامي حق وٺڻ لاءِ مفاد پرست بالادست طبقي کي مجبور ڪرڻو پوندو. اهو صرف عوامي اتحاد ۽ پرامن عوامي احتجاجن ذريعي ممڪن ٿي سگهندو. مفادپرست طبقي کي مفلوج ڪرڻو پوندو حالت اهڙي آهي، جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

جه سي لوڙائو ٿيا جنين سنڌي ڏير،
ماروئڙا فقير ڪنهن در ڏيندا دانهڙي.

هي سڄو عوامي اتحاد ذريعي ڪري سگهبو. عوامي اتحاد تڏهن پيدا ٿيندو جڏهن عوام ۾ وڃي ڪم ڪبو عوام کي سجاڳ ڪيو ويندو ۽ عوام جي ذهني تربيت ڪبي، تڏهن عوام متحد ٿيڻ شروع ٿيندو ۽ احتجاج ڪري پنهنجا حق وٺي سگهندو ٻيو ڪو در ڪونهي، عوام کي پاڻ سجاڳ ٿي ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻو پوندو. الله تعاليٰ به فرمايو آهي ته. جيڪڏهن ڪا قوم پنهنجي حالت
پاڻ نه بدلائيندي ته الله تعاليٰ به انهن جي حالت نه بدلائيندو. مختلف روڳن کي
ڪڍڻو پوندو جيئن جسماني روڳ. ذهني روڳ. اخلاقي روڳ. نفسياتي روڳ ۽
روحاني روڳ وغيره.

عوامي اتحادن جي ذريعي وري پر امن عوامي احتجاج ڪرائبا ته
جيئن عوام پنهنجن حقن لاءِ آواز اٿاري سگهي. پر امن عوامي احتجاجن جا
سڀ ذريعا استعمال ڪبا. يعني اخبارن جي ذريعي آواز اٿارڻ وس وارن تائين
رند جي صورت ۾ وڃي ڪين حقيقتن کان آگاهه ڪرڻ وغيره. اهڙي طرح سان
آهستي آهستي عوامي سماجي انقلاب جي راهه هموار ٿيندي جيڪڏهن
سچائي ۽ نيڪ نيتيءَ سان ڪم جاري رکبو ته آخر ۾ عوامي سياسي انقلاب به
ايندو ۽ سچي عوام جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ٿيندو پوءِ عوام سک جو ساهه
کڻي سگهندو.

عوامي ۽ سماجي ڀلائيءَ جو ڪم صرف اهي ماڻهو يا فرد ڪري
سگهندا. جن کي انسان ذات لاءِ محبت هوندي ۽ هو سيني انسانن جو دل جي
گهرائين سان ڀلو گهرندا. تمام سٺي ۾ سٺو ڪم عام انسان سان محبت ۽
همدردي ڪرڻ آهي، پر اهي ڏکيو ڪم به آهي ته عام انسان سان محبت ۽
همدردي جاري رکجي. انسان سڀ سٺا آهن. انسان کي اشرف المخلوقات چيو
ويو آهي، پر هتي جيڪڏهن هن ۾ برائي اچي وئي آهي ته اها معاشري جي
ڪمزوري آهي، تنهنڪري جيڪڏهن نفرت جي لائق آهي ته برائي آهي يا
بيماري آهي، پر انساني نه آهي. انسان کي جيڪي روڳ لڳي ويا آهن يا هن کي
جيڪي جراثيم لڳي ويا آهن، تنهن کان نفرت ڪرڻ کپي ۽ انهن کي ختم
ڪرڻ کپي. جڏهن انسان انهن روڳن ۽ جراثيمن کان صاف ٿيندو ته ڪڏهن به
برائي ڪو نه سوچيندو.

اڄ ڪلهه انهيءَ قسم جي هڪ سائنس به ايجاد ٿي وئي آهي. جيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان کي غلط روين کان صاف ڪري سگهي ٿي، هيءَ سائنس آمريڪي سائنسدان ايل ران هبرڊ ڳولي ٺاهي تيار ڪئي آهي. هنن سائنسن جو نالو آهي ڊائيانٽيڪس ۽ سائنٽالاجي. هن علم ذريعي انسان کي گهٽ غلط روين ۽ لاڙن کان بچائي سگهجي ٿو. ڪجهه وڌيڪ محبت سان انسان تمام وڌيڪ هوشيار ۽ صحتمند به ٿي ويندو. انهيءَ ذريعي انسان ۾ ايتري ته اندروني قوت پيدا ٿي ويندي جو هو هر برائي کان نجات حاصل ڪري سگهي ٿو.

هن وقت منهنجي موضوع لاءِ صرف اهو بيان ڪرڻ ڪافي آهي ته انسان کي سڌارڻ ۽ برائين کان پاسي ڪرڻ ۽ بچائڻ لاءِ به علم اچي ويا آهن ۽ اڳتي هلي اهڙن علمن جي ذريعي انسان سڌري سگهندو ۽ تمام سٺي نموني سان خوشحال زندگي گذاري سگهندو. تنهنڪري اڳتي ڏوهي ماڻهن لاءِ جيل خانن بدران سکيا جا مرڪز قائم ٿيندا، جن جي ذريعي انهن جي اندر مان برائيءَ جي جڙ ختم ڪئي ويندي، هاڻي به حڪومت جيلن جي سکيا ۽ تعليم جا مرڪز بڻائي سگهي ٿي ۽ ائين جلد ڪرڻ کپي.

بهرحال اسان جو فرض آهي ته جيترو به ٿي سگهي، انسان جي مدد ڪريون ته هو جسماني، روحاني ۽ ذهني مرضن کان آجو ٿي پنهنجي زندگي سٺي نموني گذر بسر ڪري سگهي. تنهنڪري عوامي سماجي ڀلائي جي ڪم ڪرڻ وارن کي پنهنجي ڪردار کي به سنوارڻو پوندو. عوام سان پيار محبت ۽ سٺائيءَ سان پيش اچڻو پوندو. جهڙي طرح ڪلام پاڪ ۾ چيل آهي ته: ”قولوللناس حسنا“ ماڻهن سان سٺي طرح سان ڳالهايو. پنهنجي اندر مان نفرتن کي ڪيڏي پيار کي پالڻو پوندو. اهڙن ماڻهن کي وڏي صبر، همت ۽ سهپ سان ڪم ڪرڻو پوندو ۽ کين اڪيچار تڪليفون به ٿي سگهن ٿيون، سي برداشت ڪرڻيون پونديون، سک ۽ آرام ته شايد اهڙن ساٿين کي مشڪل سان هٿ اچي. شاهه سائين جي مطابق:

جان جيئين تان جل ڪانهي جاءِ جلڻ ريءَ،

تتي ٿڌي هل ڪانهي ويل ويهڻ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ءِ

کرڪٽا لاهي سک نہ ستا ڪڏهن،

اوسيئڙو آهي ڪاهوڙين کي پنڌ جو.

سو اهڙن سماجي عوامي ڪارڪنن کي تمام گهڻو ءِ لڳاتارڪم

ڪرڻو پوندو اهڙي قسم جا جڏهن مجاهد، ڪاهوڙي، جاکوڙي ءِ "خدائي فوجدار"
پيدا ٿيندا تہ پوءِ ماڻهو انهن ڏي ايندا ۽ انهن ڪان ڪم سکي اڳتي وڌندا. اهڙن
ئي مردن لاءِ شاهہ صاحب چوي ٿو:

ڪن ڪٽ ڪاپٽ ڪاپڙي ڪن جي ڪتائن،

لاهوتي لطيف چئي ماڳ نہ متائين،

خودي جي ڪائين هلو تڪيا پسون تن جا.

جڏهن انهيءَ قسم جا خدائي فوجدار ميدان تي ايندا تہ انهن جا تڪيا
پسڻ ماڻهو ايندا ۽ جڏهن اهڙن ماڻهن ڏانهن عام ماڻهن جو رجحان ٿيندو ءِ اهي
ماڻهو هر طرح جي قربانين جي لاءِ تيار ٿيندا تہ پوءِ انهن کي ظلم ءِ ڏاڍ جي
خلاف مزاحمتي جنگ لاءِ تيار ڪيو ويندو. جيئن شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ:

مرمرين، آءٌ رئين جيئرو آءٌ مر ڪانڊ

ڪجن وڏ پلاند، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا.

ظلم ءِ ڏاڍ جي خلاف شاهہ صاحب وڙهڻ ءِ پلئہ ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿو
چاڪاڻ تہ هيءَ زندگي تہ مختصر آهي ۽ جلد ئي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي
سان ختم ٿي ويندي، انهيءَ ڪري سجايو ڪري گذاري تہ وڌيڪ سٺو ءِ بهتر
ٿيندو.

جنهن شان سان سوري چڙهيو آ،

ڳالهہ تہ اهائي ڳائبي آ،

هي جان تہ ضرور ويڃڻي آ،

موت تہ ضرور اچڻو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف ڪم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم ته آهي، پر انهي، ڪري اهڙي ڪم ڪرڻ کي افضل جهاد چيو ويو آهي. "افضل جهاد ڪلمته الحق عندالسلطان الجائر" ظالم حاڪم جي سامهون حق جو ڪلمو چوڻ افضل جهاد آهي. هي واقعي جان جي خطري جو ڪم ته آهي. پر هي ڪم ته اهي مرد مجاهد ۽ خدائي فوجدار ڪندا. جيڪي پاڻ باڪردار ۽ بااخلاق هوندا ۽ اهڙن ئي ساٿين جو ست هوندو جيڪي هڪٻئي جي پويان هلڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. شاهه سائين فرمائي ٿو:

اونچو اوتاهون گهڻو جيئڻ ڪان جبل،

مرڻ مون سين هل ته پلئي ۽ تو پنڌ ڪريان.

ڏکئي هئڻ جي باوجود به هي ڪم ڪرڻ جهڙو آهي، اها ڳالهه ڪنهن کا ڳجهي ڪانهي. وڏيري، پير، مير جا ظلم صدين کان جاري رهيا آهن. غريب ماٺهو بک ۽ بيروزگاريءَ جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيو آهي. ڪيس پنهنجي اولاد جي تعليم، صحت يا زندگي بچائڻ لاءِ به ڪجهه ڪونهي. سياسي وڏيرن هميشه ڪيس ڏوڪا ڏنا آهن ۽ ڪيس تباهه ۽ برباد ڪيو آهي. انهيءَ ڪري ضروري ٿي پيو آهي ته سنڌي عوام جي ڀلائي ۽ بهتريءَ خاطر سماجي سطح تي ڪم ڪيو وڃي. ڪجهه وقت ۽ پئسو هن ڪم لاءِ سيڙايو وڃي. آخرڪار پئسو ته اتي ئي رهجي ويندو. شاهه صاحب فرمايو آهي:

نڪا هت، نڪا هت، ڪا ڳوري سنڌي ڳالهه،

ڪانه پهتي مال، حال پهتي هوت کي.

تنهنڪري ڏاهن، دانشورن ۽ عوام جي ڳهڻگهرن کي اپيل ٿي ڪجي ته هر سطح تي، جنهن تي سندن پهچ هجي، ڪم ڪن يا ٻين سماجي ڪم ڪندڙن سان سهڪار ڪن. ته جيئن سنڌي معاشري کي ڏاڍ ۽ ظلم جي ڏهڻ کان ٻاهر ڪڍي سگهجي.

مون پنهنجي طرفان سڄي سنڌ سطح تي مهراڻ سوشل ويلفيئر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايسوسيئيشن جو بنياد رکي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو آهي. جيڪي دوست مهڪار ڪندا انهن جي مهرباني. هي ڪم اسان ڪجهه دوستن پنهنجي مدد پاڻ ڪريو جي اصول تي شروع ڪيو آهي، تنهنڪري ڪنهن به قسم جي ڪا به لالچ اسان جي دوستن کي ڪانهي، صرف سماجي ڀلائي اسان جو مقصد آهي. اهڙي ڪم جي موٽ صرف اها آهي ته مطمئين رهبو ته اسان پنهنجي طرفان وس آهر ڪوشش ڪئي. باقي چڱي ڪم ڪرڻ لاءِ نبي سڳوري محمد مصطفيٰ ﷺ جن ڪان به چورايو ويو ته: "ان اجري الاعلي الله" اسان جو اجر الله تعاليٰ تي آهي. "لانريد منکم جزاءَ ولا شڪورا" توهان کان نه بدلو ڪپي ۽ نه وري شڪريو ڪپي.

مهراڻ سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن کي بلڪل جمهوري اصولن مطابق هلايو ويندو جيڪي دوست تجويزون ڏيندا، انهن جي آجيان ڪئي ويندي.

مهراڻ سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن جا مقصد هيٺينءَ طرح آهن. جي بعد ۾ دوستن جي صلاح مشوري سان تبديلي به ٿي سگهن ٿا. في الحال سيني سنڌ جي گهڻگهرن کي اپيل ڪئي وئي آهي ته "مسوا" جا يونٽ کولي پنهنجي پنهنجي علائقي، شهر، ڳوٺ ۽ وستي واهڻ ۾ ڪم ڪن، پر جيڪڏهن ڪو دوست ڪنهن به ٻئي طريقي سان ڪم ڪرڻ چاهي ته به بهتر. زور، منع ۽ بندش ڪا به ڪانهي.

مهراڻ سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن هيٺين مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي وئي آهي:

1. سنڌ واسين کي "مسوا" جي پليٽ فارم تي اجتماعي ڀلي خاطر گڏ ڪرڻ لاءِ جاکوڙڻو آهي:
2. سنڌ واسين جي ذهني تربيت ڪرڻ ته جيئن هو پنهنجا بنيادي، آئيني، سماجي، معاشي، معاشرتي، قانوني، اقتصادي ۽ شخصي حق وٺي سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

3. سنڌ ۾ غير يقيني صورتحال ختم ڪرڻ ۽ امن امان جي فضا وڌيڪ بهتر ڪرڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ. انفرادي رنجشون، رقابتون ختم ڪرڻ لاءِ هر واهڻ وستيءَ شهري محلن ۾ امن ڪاميٽيون قائم ڪرڻ ۽ عام بيگناهه ماڻهن جي هر ڏاڍ ۽ ظلم خلاف وس آهر مدد ڪرڻ. شهر واسي سنڌين جي بچاءَ لاءِ قانوني ۽ ٻيون ڀرپور ڪوششون وٺي سنڌين مدد ڪرڻ.

4. سماجي ناانصافين مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ معاشري جي هر فرد سان سلهاڙجي ڪم ڪرڻ. سماجي برائين ۽ ظلم خلاف پر امن طريقن سان جنگ جوٽڻ.

5. تعليمي معيار ۽ ماحول کي واسطيدار ماڻهن جي مدد سان سڌارڻ. سائنسي، فني ۽ هنري تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ. نياڻين ۽ عورتن جي تعليم ۽ هنري سکيا لاءِ خاص ڪوشش وٺي مرڪز کولرائڻ.

6. مهراڻ ماڻري ۾ موجود بيروزگاريءَ کي ختم ڪرائڻ لاءِ سنڌ جي باصلاحيت ۽ بااثر نوجوانن جي مدد سان زرعي ۽ صنعتي ٽيڪنالاجي کي "پنهنجي مدد پاڻ ڪريو" تحت ترقي وٺرائڻ ۽ خوشحال ماڻهن کي صنعت سازيءَ لاءِ ترغيب ڏيڻ.

7. سنڌي ثقافت، ٻولي تهذيب جي بقا ۽ بهبود لاءِ وس آهر ڪوشش وٺڻ.

8. بيوس، لاچاري ۽ مجبوري کي سائنسي طريقن ۽ ايجادن جي مدد سان تبديل ڪري خود اعتمادي، جرئت ۽ خودمختياريءَ جا جوهر پيدا ڪرڻ.

9. سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ماڻهن جي شعور کي بيدار ڪرڻ لاءِ وقت به وقت گڏجاڻيون ڪري ڪين سماجي ڪم ڪار ۽ عام ماڻهن جي خدمت لاءِ بهتر مواد فراهم ڪرڻ.

10. عام ماڻهن کي بهتر اخلاقي ڪردار اپنائڻ لاءِ صحيح مذهبي قدر کان واقف ڪرائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

[1]. هي ايسوسيئيشن هر مرد، عورت، پورهيت، هاري، شاگردن ۽ نوجوانن کي متحرڪ ۽ متحد ڪري مسلسل فلاحي ۽ سماجي خدمتن ذاتهن قدم وڌائيندي رهندي ۽ ماڻهن جي بنيادي سهولتن، ضرورتن ۽ خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ صحيح طرح سان عمل ڪرائيندي

جيڪڏهن عوام کي چڱي طرح سان ڳالهه سمجهائبي ۽ گهڻا دوست هر قسم جي جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا ته پوءِ ڪاميابي سنڌن قدم چمندي شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

جي تون ڪالهه مُئين ته ڪالهه ئي گڏين ۽ پرين کي،
ڪڏهن ڪا نه سئي ته ڪا سچي گڏي سڄڻين.

جيتوڻيڪ سنڌي ماڻهن کي تمام گهڻا ڏوکا ڏنا ويا آهن، بلڪ ڪين ڏيپيو ويو آهي، پر تنهن هوندي به اسان جي عام مسڪين ۽ غريب ماڻهن ۾ ايڏو ته ظرف آهي جو هو وري به عوامي انساني ڀلائيءَ جي ڪم لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا ۽ شاهه صاحب جي بيت واري معيار ڪٿڻ لاءِ تيار نه آهن ته:

سڏ سڄاڻي پرين جو وانگي جي نه ورن،
ته ڪچاڙو ڪي ڪن ڪوڙي دعوي دوستي جي.

تمام ٿوري زندگي آهي، جيڪڏهن ان کي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم آڻبو ته دائمي عزت ۽ ناموس ملندي

آدمين اخلاص منائي مانو ڪيو
هاٺي ڪائي سڀ ڪو ماڻهوءَ سندو ماس،
دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس،
ٻئي سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪ دل هوندو هيڪڙو؟

هيءَ زندگي هميشه ڪو نه رهندي ڪنهن نه ڪنهن طرح ختم ٿي ويندي پر عوام لاءِ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪبو ته اهو زندگي جو بهتر استعمال ٿيندو هيءَ تمام مختصر زندگي آهي، جيڪڏهن انهيءَ کي وڃائبو يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت زيان ڪبو ته فائدو ڪونه ٿيندو بلڪ نقصان ٿيندو پر جيڪڏهن انسانن جي سڌاري لاءِ زندگي استعمال ڪبي ته انهن جو ڀلو ٿيندو.

ته جيڪر ڪين سٺي جي سير نه گهڙي سهٽي،
هون ٿي هوند مٽي پر ٻڌيءَ جا ٻيٽا ٿيا.

ڪجهه دوست ٿوري گهڻي ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ مايوس ٿين ٿا يا ٿڪجي ٿا پون پر انهن سڀني دوستن کي سمجهڻ کپي ته هي ڪم ڏکيو به آهي، پر تمام ضروري ۽ تمام سٺو به آهي. تنهنڪري جيستائين منزل ماڻجي تيستائين ڪم جاري رکڻو پوندو.

پتنگ چائين پاڻ کي ته ڇيري پوڄاڻي،
تان تان تاڃ ٿوڏانهن جان آگ نه اجهاڻي،
هي هڏ وهائي، ڪڙهه ڪالهوڪي ڏينهن کي.

تنهنڪري پاڻ کي ڪم ڪرڻو آهي ۽ "راحت آهي رڙهڻ ۾" واري ڳالهه کي سمجهڻو آهي ۽ ڪم ڪرڻ سان من ڪجهه دوست نڪري پون ڪم کي اڳتي ڪٺي منزل تائين پهچائين.

واکو هڏ م لاهه ڪر سڏن مٿي سڏڙا،
من تنهن جي ڪاءِ سگهر ۾ سار ٿئي.

سنڌي عوام جي سڀني گهٽگهرن کي اپيل ٿي ڪجي ته سنڌ جي ڏکوئيندڙ حالت کي نظر ۾ رکي سنڌ واسين کي چوٽڪاري ۽ مدد لاءِ جيترو به ٿي سگهي پاڻ پتوڙين. جيڪڏهن گهڻا دوست گڏجي ۽ گهڻو وقت ڪڍي عوام جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪندا ته اميد ٿي ڪجي ته ٿوري وقت ۾ عوامي سجاڳي پيدا ڪري عوام کي پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪري سگهجي ٿو. انساني بنيادي حق انهن جا حق آهن. جيڪي هو جدوجهد ڪري حاصل ڪري سگهن ٿا. پر هن معاشري ۾ هي حق پاڻهي ڪونه ملندا. جيستائين انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سخت جدوجهد نه ڪئي ويندي، ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪري ڪنهن به حاصلات لاءِ جدوجهد ضروري آهي، ائين حق وٺڻ لاءِ جدوجهد ڪبي ۽ ڪرڻ ڪپي!

هر سنڌي فرد کي اهو سوچڻ کپي ته معاشري کي ڪيئن سڌارجي، ڪهڙي طريقن سان ڪم ڪجي ته جيئن سڄي سنڌ ترقي ڪري ۽ هر فرد خوشحال رهي سگهي. شاهه صاحب جي تلقين مطابق سنڌي ماڻهن کي سڀني صحيح علمي ڄاڻ ڏني وڃي.

سونهان سُڌيون ڏين، هن ديواني درياهه جون
ڪوڙ اوڏائي ڪين کي رڳو سچ سڏين،
عِجِزُ جو اڏ رات کي وکر وهائين
ساٽ نياپونين ثابت انهيءَ سِير مان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي عوام جي ڏتڙيل حالت جو آخر ڇا ٿيندو؟

سنڌي عوام جي ڏتڙيل حالت ڪا اڄڪلهه ڪانهي پر تاريخ مان اهو
تو محسوس ٿئي ٿو تمام گهڻي عرصي کان سنڌي عوام ڏچي وارين حالتن سان
منهن ڏيندو آيو آهي. هن وقت به دل کي ڏڍ ٿو اچي ته صرف
ان هڪ ڳالهه جي ڪري ته جيڪڏهن سنڌي عوام هيتري وڏي عرصي ۾ هيترن
گهڻن سامراجين، غاصبن، ظالمن ۽ ڌاڙيلن سان منهن ڏئي آيو آهي ته هن وقت
جي به مڪارن، ظالمن ۽ مفاد پرستن سان منهن ڏئي سگهندو يوناني، ايراني،
عرب، افغاني ۽ هندستاني سنڌ تي لڳاتار حملا ڪندا رهيا ۽ قابض به رهيا پر
هر هڪ ڪجهه وقت ڪانپوءِ پنهنجون نشانيون قبرن جي شڪل ۾ ۽ ڪجهه
ماڻهون ڇڏي هلندو رهيو. ڪو به انهن مان مستقل رهي نه سگهيو ۽ نه وري اسان
کي يا اسان جي ٻولي کي مٽائي ۽ ڦيرائي سگهيو. سنڌ تي اها "هلان" ڇا جي
ڪري رهي ڇاڪاڻ ته هي مهراڻ جي ماٽري سر سبز ۽ شاداب هئي ۽ انهن وقتن
جي حساب سان اناج ۽ مال جام اپائيندي هئي تنهن ڪري هر هڪ ٻڪئي جي
نظرن ۾ پئي ڪتڪندي هئي. ٻڌ مذهب جي گهڻي اثر جي ڪري صلح پسند ۽
اڳرائي نه ڪندڙهئا پر حملي ڪندڙن جا ڏند کٽا ڪري ڪين پڇڻ لاءِ مجبور
ڪري ڇڏيندا هئا اسلام انساني ڀلائي وارو مذهب هو گهڻن ان کي ته قبول
ڪري ورتو پر عربن کي وري به سنڌ مان واپس موٽي وڃڻ تي مجبور ڪيو.
شاهه لطيف سائين هن سنڌي قوم جي نفسيات جو تمام گوڙهو اڀياس ڪيو
آهي ۽ سنڌ هر حالت، خاصيت، عادت ۽ ڪيفيت متعلق چڱي طرح سان
چتائي ڪئي آهي سنڌ بچاءِ واري وڙهاند متعلق چوي ٿو.

"سنها پانءِ مَر سپ وياءِ واسينگن جا
لتاڙيل للطيف ڇڻي ڇڙيو هٿن ڇڪ،
تني سنڌي جهڙپ هاٿي هنڌان ٿي نه چري"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اها هنن جي مزاحمتي جنگي خاصيت ٿي هئي، جنهن سيني حملي آورن کي واپس وڃڻ تي مجبور ٿي ڪيو. جيڪڏهن حملي آور ٻه پهاڙي يا بياباني علائقن جا رهندڙ چيڙها ويڙهاڪ هئا ته هي جوڌا ٻه گهاٽن ٻيلن جا واقف وير هئا ۽ هر حالت ۾ پنهنجي جنگ جاري رکندا هئا ۽ سندن ٻگهيڙ واري جهپيٽ مشهور هئي.

سنهايان ۽ مَر سڀ سڪا جنين پيٽ

تنين سندي جهپيٽ جوکو جنگن کي ٿئي.

تمام وڏو عرصو مزاحمت ۾ مقابلو جاري رکڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانه هئي پر هي جوان مرد ۽ جوڌا هر دم تيار رهندا هئا ان جو ڪارڻ ڪهڙو هئو. آخر هزار ها سالن جي لڙاين ۽ حملن هنن کي ٿڪايو ڇو نه؟ انهن حملن ۽ لڙاين جي باوجود نه ختم ٿيا نه بس ڪري ويٺا آخر اها ڪهڙي قوت يا طاقت هئي يا ان ٻي پناهه همٿ جو سرچشمو ڪهڙو هئو. هنن وٽ سڌو سنئون زنده رهڻ جو هڪ فلسفو هئو ۽ ان جي تحت هنن جي تربيت ٿيندي هئي. سندن زندگي جو فلسفو شاهه صاحب جي لفظن ۾ هي هئو.

مرمرين آءُ رئنين جيئرو آءُ مَر ڪانڌ

ڪجن وڏا پلاند جيئڻ تورا ڏينهڙا.

هي هئو سنڌي عورت جو شان جيڪا پنهنجي مرد کي هميشه پلاند لاءِ تيار ڪندي هئي ۽ کيس بهادري جا سبق سيکاريندي ۽ پڙهائيندي هئي. جنهن قوم جي عورتن جي جيڪڏهن اها نفسيات ۽ اهو شان هوندو ته سوال ٿي پيدا ڪونه ٿو ٿئي ته ڪو هو مات کائيندا. اهوئي سبب هئو ته ڊگهو عرصو مزاحمتي جنگ جاري رهندي هئي ۽ دشمن آخر واپس هليو ويندو هئو جيئن عرب، توراني، ايراني، ارغون، مغل، پٺاڻ ۽ بلوچ آيا ۽ پڇي ويا يا ڪي هتي رهي هتان جا ٿي ويا ۽ بلوچ برادريون هتان جون ٿي هتي ٿي رهجي ويون جنهن سيني کان آخري پر ماريت ۽ سامراجيت جو نشان انگريز هئو جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ اٽڪل هڪ سو سال سنڌ تي قبضو جاري رکيو ۽ آخر آزادي جون هوائون لڳيون ۽ انگريز به هلندا رهيا پر وڃڻ کان اڳ ۾ هتان جي قومن کي اهڙي جوڙ جڪ ۽ سلهاڙي ويا جو هو گهڻي وقت تائين وڙهي ڏانگا ٿي خوار خراب ٿين. انگريز جي حڪمت عملي هئي جنهن ۾ هو گهڻي ڀاڱي ڪامياب ٿيا. هندستان ۽ پاڪستان جا ٻه ملڪ اهڙي طرح سان ٺاهي ويا جو اهي ٻئي هميشه لاءِ وڙهندا رهن. ٻنهي ملڪن جي صوبن جي پاڻ ۾ ۽ مرڪز سان به ڪشمڪش جاري رهي چاڪاڻ ته انهي ڪشمڪش ذريعي ۽ ٻين جهيڙن جهڳڙن کي وجود ۾ آڻي هو پنهنجن اوزارن جو استعمال ۽ ڪاپو وڌائي وڏا نفعا حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. جيڪڏهن دنيا مان جهڳڙا گهٽجي وڃن ته پوءِ بندوق رائيفل ۽ گولي جو گهٽ استعمال ٿيندو ۽ انهي قسم جي ڪارخانن کي بند ڪرٽو پوندو. تنهنڪري مفاد پرست ۽ سازشي اهو چاهيندا ته ڪنهن نه ڪنهن طرح دنيا ۾ جهڳڙو فساد ۽ جنگ جاري رهڻ کپي ته جيئن سندن اوزارن جو ڪاپو جاري رهي. پر اميد ته اهڙن سازشي ذهن کي شڪست ملندي جڏهن سندن اوزارن جي ڪارخانن جي جاءِ تي ڪمپيوٽرن ۽ ٽريڪٽرن يا سندن ارزن پرزن جا ڪارخانا لڳي ويندا.

سنڌ جيڪا پاڪستان جو صوبو آهي، آزادي ڪانپوءِ عجيب صورتحال ۾ ڦاسي ويئي آهي. اسان کي اها خبر ڪانه هئي ته هندن ۽ انگريزن جي غلامي کان آزاد ٿينداسين ته وري ڪنهن بهاني سان پنهنجن ڀائرن جي به غلامي ڏيٺي پوندي. هندن جي وڃڻ ڪانپوءِ اسان جا ڀائر ٻاهران آيا ۽ اچي سيني هندن جي ڇڏي ويل ملڪيتن ۽ نوڪرين تي قبضو ڪري ويا. هتان جا مقامي ماڻهون وري به محروم رهيا. ڪجهه ته انگريزن به مهرباني ڪئي هئي جن پنجابين کي زمينون ڏيئي سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ آباد ڪيو هيو چاڪاڻ ته پنجابي ان وقت به انگريز جا خدمتگار هئا. سنڌين کي ڪڏهن به فوج ۾ ڀرتي نه ڪيو ويو ۽ آزادي ڪانپوءِ اها ئي ساڳئي حالت پاڪستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرڪار به جاري رکي ۽ سنڌين کي مرڪز جي نوڪرين ۾ جائز حصو نه ڏنو. سول نوڪرين ۾ ته ڪجهه اچي ويا پر فوج ۽ مالياتي ۽ ٻيا ڪجهه مرڪزي ادارا اهڙا آهن، جن جي مرڪزي آفيسن ۾ سنڌي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا به ڪونهن جيئن، واپڊا، ريلوي، اڪائونٽنٽ جنرل ۽ بئنڪون وغيره. پاڪستان ڪانپوءِ واپار تي ٻاهران آيل پائرن ۽ پنجابين گڏجي قبضو ڪيو ۽ هن وقت سڄو پرڏيهي واپار ۽ ڪارخانا انهن جي حوالي آهن. سنڌي مسلمان بنيادي طور تي مالوندا ۽ زراعت پيشه رهيا آهن. تنهنڪري هندن جي ڇڏي ويل ڪاروبار کي به ڪونه سنڀالي سگهيا. انهي ڪري سنڌي مسلمان جهڙو هئو پاڪستان کان اڳ اهڙو ئي رهيو پاڪستان ڪانپوءِ سڄي واپار تي اسان جا پائر پناهگير ۽ پنجابي مڪمل طرح سان قابض ٿي ويا ڇاڪاڻ ته سرڪاري ادارن جو گهربل سهڪار به انهن کي سندن پنهنجن آفيسرن هٿان ڪري جلدي ملي ويو.

مرحوم ڀٽي جي دور دوران سنڌين اڪ ڀٽي پر اها مهانگي پئي. ڀٽي مرحوم کي ڦاسي ڏني وئي ۽ سنڌين سان طرح طرح جو عقوبتون ضيا دور ۾ ڪيون ويون. سنڌي ماڻهن کي نه رڳو نوڪرين ۽ ڪاروبار کان ٻاهر ڪيو ويو پر اهڙا طريقا استعمال ڪيا ويا جيئن اڳتي نه وڌي سگهن. ڌاڙيل فيڪٽر کي زور وٺرائي سنڌ جو ترقياتي پروگرام به ختم ڪيو ويو. پورا پندرهن سال ڌاڙيلن جي هلان رهي پر ڪنهن به طرح سان ان جو تدارڪ نه ڪيو ويو. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي نقصان تي ڪنهن جڻ ته ڪا ڳڻتي ئي ڪانه هئي. جڏهن ڌاڙيل فيڪٽر ريل ۽ روڊ کي متاثر ڪيو ته پوءِ وس وارن کي خبر پئي ته ٻيلي سنڌ ڌاڙيلن جي ورچڙهيل آهي ۽ انهي کي ڪجهه پنجو ڏنو وڃي. توهان ڏٺو ته ڪيئن نه ڇهن مهينن جي اندر ڪافي حد تائين امن امان بحال ڪيو ويو. اجان پاٿاريدار سڀ وڏن ماڻهن ۽ مفادپرستن جي پناه ۽ مدد ۾ آرام سان ويٺا آهن ڪن ڪن جا نالا سياسي مصلحت خاطر ظاهر ڪيا ٿا وڃن پر گهٽو ڪري انهن سڀني کي وڏن مفاد پرستن جي طرفان يقين ڪرايو پيو وڃي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حالتن جي ڪري سنڌي عوام هاڻي بڪ ۽

پرواهه نه ڪريو وينا هجو انهن سببي در در جا ڌڪا کائيندو ۽ نوجوان ۽ بيروزگاري کان تنگ اچي ويو آهي. اسان جو نوجوان در در جا ڌڪا کائيندو ۽

بيروزگاري کان تنگ اچي ويو آهي. ڪڏهن ڊپٽي ڪمشنرن کي درخواستن ڏيڻ لاءِ چيو ٿو وڃي ته ڪڏهن

وتي. ڪڏهن ڊپٽي ڪمشنرن کي رڳو ڏنا ڏيڻ لاءِ چيو ٿو وڃي ته ڪڏهن

ڪو بيو اعلان ڪيو ٿو وڃي ماڻهن کي رڳو ڏنا ڏئي وقت گذاريو پيو وڃي. وري

ڪو بيو اعلان ڪيو ٿو وڃي ماڻهن کي رڳو ڏنا ڏئي وقت گذاريو پيو وڃي. وري

ڏاڙيلن وانگر هتي به سفيد پوش ڏاڙيل وينا آهن. جيڪي هر هڪ ننڍي وڏي

پوسٽ جو اڳهه مقرر ڪري پيا وڪرو ڪن. سرڪار نامدار جي هڪ ننڍي

وڏي جو وڪري ۾ حصو ٻڌايو ٿو وڃي. وزير هجن يا صلاحڪار آفيسر هجن يا

عوامي نمائندا انهن سڀني جو هن ڪاروبار ۾ حصو پتي آهي. سنڌ جي

ڪنهن به سنڌي ۽ گونگي ۽ ٻوڙي کان به پڇندؤ ته ظاهر نه سهي، مامر ۾ ٻڌائي

ويندو ته نوڪريون ڪيئن پيون وڪرو ٿيڻ ۽ ڪير پيو وڪرو ڪري وس وارا

ويچارا اهڙا بي وس ڪين آهن جو انهن کي انهن ڳالهين جي خبر نه آهي ۽ نه

وري سڀ حال احوال هنن کان ڳجها آهن. سڀ ڪجهه سندن اکين آڏو ٿيو ٿئي

۽ سڄي خبر هوندي به ڪجهه نه ٿا ڪن چاڪاڻ ته جيئن ڏاڙيلن جي ڪمائي

۽ پاڻاريدارن جو حصو هئو بلڪل اهڙي طرح سان هنن سفيد پوش ڏاڙيلن جو

جيڪي تمام وڏين پوسٽن ۽ عهدن تي وينا آهن. انهن سڀني ڪڏن ڪمن ۽

سندن حصو آهي ۽ هاڻي اهو تمام سٺو فائدي مند ڪاروبار ٿي پيو آهي. وڏي

سطح تي سياسي رشوتون ۽ ڪميشنون ان ڪانپوءِ پلاٽ ۽ پرمٽون ۽ هيٺين

سطح تي هر هڪ نوڪري يا ڪنهن به ٻئي جائز سرڪاري ڪم لاءِ رشوت به

هائي ڪاروبار آهي ۽ پئسي وارن ماڻهن انهي ڪاروبار مان خوب ڪمائي ڏنو

آهي. چند ماڻهو آهن جيڪي سڄي قوم جو رت جئورن وانگر چوسي رهيا آهن.

انهي سڄي ڪاروبار ۾ هتان جو پير، مير، وڏيرو سياستدان ۽ ڪامورو گهٽي

پاڻي ڏارين سان گڏ جڙ ڪري ملي پنهنجي غريب عوام کي خوب ڦري رهيو

آهي هاڻي سنڌ عوام جي جان ۾ انهن لاءِ رت به گهٽجي ويو آهي. ڏوهي اسان جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجائي آهن جيڪي ڏارين سان ملي مسڪين عوام جو رت چوسي پنهنجا پيٽ پري رهيا آهن. ابراهيم منشي اگ ۾ ائي چئي ڇڏيو.

پڪ سڃاتم پنهنجا هٿا ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾
تي ڏس ڏنائون ويرين کي وانگيئڙن جي واڙي ۾

سياست کي ٿو ڏسجي ته اتي به اونده انڌوڪار لڳي پئي آهي. جمهوريت جي نالي کي اهڙو خوار خراب ڪيو ويو آهي جنهن جو مثال ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ تاريخ ۾ به ملڻ مشڪل آهي. مغربي جمهوريت هوئڻ به وڏن ماڻهن جي راڄڌاني قائم ڪرڻ جو ذريعو هئي پر اسان وٽ ته اها صرف وڏيرا شاهي ۽ پيشا شاهي جي غلام آهي. وچولي طبقي جو ماڻهون خواب به نه ٿو لهي سگهي ته ڪو صوبائي اسيمبلي يا قومي اسيمبلي جو ميمبر ٿي سگهندو ڇاڪاڻ ته انهي لاءِ بالترتيب پنجاهه لک ۽ هڪ ڪروڙ رپين جي سيڙپ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪنهن وٽ ايترو پئسو هوندو ته پوءِ اها راند رهي ۽ ڪيڏي سگهندو نه ته بس ڪري ويٺو اندر جا سور اندر ۾ سلي يا سورن واريون گڏجي پيون سور سلين ان کان وڌيڪ ڪجهه ڪرڻ مشڪل آهي. ايترا پئسا لڳائي جڏهن ميمبر صاحب اسيمبلي ۽ وزارتن ۾ پهچن ٿا ته پوءِ سڀ کان پهريون ڪم اهو ٿا ڪن ته آفيسرن سان ملي ڀڳت ڪري پئسا ڪمائين ۽ نه رڳو خرچ ڪيو ڪين پر آئيندي به اليڪشنون وڙهڻ لاءِ پئسا ڪڍي رکن. روز مره جي عيش عشرت ۽ خرچ ڪپاءَ لاءِ انهي کان علاوه پئسو ڪپين.

انهي مرحلي تي سياستدانن کي آفيسر شاهي جي سخت ضرورت پئي ٿي پوءِ ڳولهين ٿا ته ڪي "ڪاٺو پٽ" ملي وڃن ته وڃي ٿيا ست خير پر جيڪڏهن موجود آفيسرن جي ٿهي مان ڪونه ٿو ملين ته رٽائرڊ آفيسرن مان به "ڪاٺو پٽ" ڳولهي انهن کي وري نوڪريون ڏئي پنهنجو ڪاروبار سڌو ٿا ڪن. هي اسانجو ملڪ آهي جنهن وٽ ڪو قاعدو قانون يا اصول ته آهي ئي ڪونه. جنهنجو وٽين ته نوڪري جو مدو وڌائي ڇڏين. جنهن کي وٽين ته ٻيهر نوڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ رکن، جنهن کي وٽين ته ترقي ڏين. مطلب ته شينهن شير جنگل جا بادشاهه آهين وٽين ته ٻچا ڏين وٽين آنا ڏين. اهڙي طرح سان گهڻا سياستدان هر سطح تي جيڪڏهن ڪنهن ڪم ۾ رڌل آهن ته اهو آهي پئسا ڪمائڻ ۽ حڪومت جو فائدو وٺي ملڪي دولت کي لٽڻ جو ڪاروبار. هر سطح تي رشوت ۽ لٽ مار جا اسڪينڊل اخبارن ۾ اچي چڪا آهن ۽ عوام چڱي طرح سان ڄاڻي چڪو آهي ته اسان جي سياستدانن جو مول متو هاڻي فقط پئسا ڪمائڻ آهي. خبر ته اٿن ته هي رشوت جي ڪيسن ۾ ملوث آهن تڏهن به وري آفيسر کي ته ڇڏيو پر وزير به تي ٿا وڃن ۽ وزارتن ۾ پنهنجي مرضي جا ڪاتا وٺي ڪم ڪرائين ٿا.
صدر مشرف صاحب کي سڄي خبر آهي ڇا آهي ڇاڪاڻ ته هي باخبر آهي.
انهن جو بنيادي سبب غير اخلاقي ۽ غير معياري قدر آهن جيڪي بالادست طبقي پنهنجي لاءِ جائز ڪري ڇڏيا آهن. دولت وارن وڏن ماڻهنجو اهو طبقو ڪنهن به طرح سان دولت ۽ اقتدار تان پنهنجو قبضو ڊرو ڪرڻ به نه ٿو چاهي. انهي ڪري جمهوريت جهڙي نظام کي موڙي مروڙي اهڙي طرح سان استعمال ڪيو اٿن ته جيئن اهو نظام وڏشاهي ۽ پئسا شاهي وارو نظام تي سندن قبضي ۾ رهي. اليڪشنون صرف ڊونگ رهجي وڃن. قاعدا، قانون نظام ۽ طريقه ڪار اهڙو رکيو اٿن جيڪو سندن وس کان ٻاهر نه وڃي ست چار وڃائي ڇڏيا اٿن. جيڪڏهن عوام هڪ ۾ نه قاسي ته ٻئي ۾ ضرور قاسي. بالادست طبقه تمام وڏو عيار مڪار دغاباز طبقو آهي، جنهن صدين کان وٺي دولت ۽ اقتدار تي قبضو جاري رکيو آهي.
اسان وٽ چونڊن لاءِ تڪ بنديون اهڙيون رکيون اٿن ته جيئن ڪو وچولي طبقي جو ماڻهون چونڊن ۾ حصي وٺڻ جي سڌ ئي نه ڪري سگهي. دنيا ۾ عام طرح سان پنجاهه هزار آدمشماري کان هڪ لک آدمشماري تي هڪ ميمبر آهي پر اسان وٽ گهٽو ڪري صوبائي ميمبر ٽن لکن تي ۽ قومي اسيمبلي جو ميمبر ڇهن لکن تي آهي. انگلينڊ ۾ ميمبر پنجهتر هزار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آدمشماري تي آهي، اٽلي ۾ ميمبر پنجاهه هزار آدمشماري تي آهي. فرانس ۽ ترڪي ۾ قريب قريب هڪ لک آدمشماري تي ميمبر چونڊبين ٿا پر اسان وٽ تصوئي انوکو ٻارنهن ڪروڙ آدمشماري تي صرف ٻه سوسٺ ميمبر مطلب ته صرف وڏا امير ماڻهون چونڊ لڙي سگهن. قاعدو ٺاهيو اٿن ته وزير به هجن ۽ اليڪشن به لڙن ۽ انهي طريقي سان ڪامورا شاهي کي استعمال ڪري چونڊون کٽي وڃڻ ڪا وڏي ڳالهه ئي ڪانهي. انهي ڌانڌلين کي ختم ڪرڻ لاءِ هاڻي هو ضروري آهي ته آئين ۾ ترميم ڪري چونڊن کي سپريم ڪورٽ ۾ هاءِ ڪورٽن جي نگراني ۾ ڪرايو وڃي ۽ جيڪي اليڪشن ۾ بيهن اهي يا سندن مائٽ نگران حڪومت ۾ قطعي نه ڪنيا وڃن. جيڪڏهن اهي يا سندن مائٽ نگران حڪومت ۾ قطعي نه ڪنيا وڃن. جيڪڏهن اهي قدم نه ڪنيا ويندا ته عوام مجبور ٿي ٻيا رستا ڳوليندو ڇاڪاڻ ته مظلوم جدوجهد جاري رکندو ته ڪنهن به طرح سان پنهنجا حق حاصل ڪري. جيڪڏهن هن وقت تائين ڪيس حق نه ملي سگهيا آهن ته انهي جو مطلب اهو نه ٿو ٿي سگهي ته هاڻي به ڪيس حق نه ملن. هن وقت دنيا ۾ دور بدلجي چڪا آهن ۽ عوام کي حق ملي رهنداڻي ووٽ جو حق جنهن شرمناڪ نموني سان پاڪستان ۾ پائمال ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح سان شايد جمهوري دنيا جي تاريخ ۾ ڪٿي ڪو به مثال نه ملي سگهندو. جنهن قسم جي حرفت، مڪاري ۽ ظلم هتي رائج ڪيو ويو آهي انهي جي اڳيان ميڪاويلي، گوئبلز ۽ چنگيز خان جا هٿ ڪندا به هيچ ٿا لڳن. سياست ۾ سخت تشدد ۽ ظلم ڪيو ٿو وڃي سو انهي ڪري ته جيئن ڪو ماڻهون سندن طبقي کانسواءِ سياست ۾ حصو نه وٺي، انهي ڪري وڏن سياستدانن کي ته نظر بند ڪندا پر وچولي سياستدان ۽ ورڪرن کي ته تمام وڏي ظلم ۽ تشدد جو نشانو بڻائين ٿا صرف انهي لاءِ ته انهن عوامي ماڻهن جو سياست تان ارواح ٿي وڃي. جيئن هن وقت سنڌ جي ماڻهن جو گهڻي ڀاڱي ارواح ڪٽو ڪري ڇڏيو اٿن. چڱي ڀلي ماڻهون ڪان پڇندؤ ته چوندو به ڀاءِ سياست خراب بڇڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سياست جي ويجهو نه وڃبو شاهه ماحول جي اهڙي حالت لاءِ فرمايو آهي

"اڃو پاڻي لڙ ٿيو ڪالارئو ڪنگڻ

ايندي لڄ مرن تنهن سر مٿي هنجهڙا."

هي وڏن ماڻهن، مفاد پرستن بالادستن ۽ مراعات يافته ماڻهن جو طبقو پاڻ ۾ نهيل آهي ۽ سڀ هڪ ٻئي جا گهڻو ڪري مائٽ آهن مخالفت جنهن حد تائين ڪبي اها به چوڻ ته پاڻ ۾ طئي ٿيل ڳالهه اٿن هڪ ٻئي کي نظر بند به ڪبو پر ريسٽ هائوسن ۾ ۽ جيڪڏهن جيل موڪلبو تڏهن به سٺن ايئرڪنڊيشن ڪمرن جو انتظام ٿيل آهي. باقي وچولي طبقي جي سياسي ماڻهن يا حقيقي عوامي حقن جي ڳالهه ڪندڙن کي ڪڏهن به نه ڇڏيو آخر سوري به چاڙهي ڇڏين ٿا ڪاڻ ته هنن وٽ جيڪڏهن ڪو وڏو ظلم آهي ته اهو آهي ته عوام جي حقن جي ۽ عوام جي سڌارن جي سڌ رکڻ ۽ انهي لاءِ صحيح عملي جاکوڙ ڪرڻ عوام کي سک ڏيڻ، عوام کي حق ڏيڻ، عوام کي ترقي ڏيارڻ اهو انهن وڏن ماڻهن وٽ ظلم عظيم جي برابر آهي. جيڪو ماڻهون اها ڳالهه ڪندو انهي کي ڪڏهن به نه بخشيندا. تنهن ڪري اها ثابت ٿيل ڳالهه آهي ته هي وڏن ماڻهن جو ٽولو جيڪو دولت ۽ اقتدار تي قابض پئي رهيو آهي، اهو عوام جي سڌاري جي ڪڏهن به صحيح طرح سان ڪوشش ڪونه ڪندو صرف ڏيکن ۽ ٺڳ لڳي تي هميشه عوام کي دوکا ۽ فريب ڏئي پيو پنهنجو مطلب ڪيندو.

سنڌي عوام کي ته به تنگو قاسائي ڇڏيو اٿن ته جيئن ڪجهه به نه ڪري سگهي. مفاد پرستن جو سڀ کان وڏو دشمن جيڪڏهن ڪو ٿي سگهي ٿو ته اهو آهي عوامي اتحاد، تنهنڪري هنن صدين کان اها ڪوشش جاري رکي آهي ته ڪنهن به طرح سان عوام متحد نه ٿئي. جدا جدا ملڪن ۾ هنڌن تي مختلف چالن جي ذريعي عوام کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏيو اٿن. ڪٿي قبيلائي جهيڙا ڪٿي مذهب ۽ عقيدي جا جهيڙا ۽ ڪٿي رنگ ۽ نسل جا جهيڙا مطلب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ هنن کي انسانن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻو آهي. پر سنڌ جو وڏيرو مير ۽ پير پيِن سيني ملڪن جي شاطرن کان وڌيڪ تيز آهي. هن سنڌ جي سگهي گهر ۾ جهيڙي جو ٻج ڇٽي بنياد وجهي ڇڏيو آهي. تنهنڪري هاڻي سنڌي عوام ۽ ليڊرن جو متحد ٿيڻ تمام مشڪل ڪم ٿي پيو آهي. سنڌي عوام مان اخلاقي قدر ڪڍي ڇڏين ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ماڻهن ۾ اخلاقي قدر هوندا ته جهيڙا گهٽ ٿيندا. تنهنڪري شروعات ئي اهڙي طرح سان ڪيائون ته جيئن عوام کي اهڙي چار ۾ ڦاسائين جنهن مان عوام سولي جند نه ڇڏائي سگهي. عوام ۾ جهيڙي جهڳڙي جي بنياد وارا چار مرض ڦهلائي ڇڏين. 1۔ بدنيتي 2۔ بدڪلامي 3۔ بداخلاقي 4۔ بدمزاجي. جيتي به هي چار ڳالهيون هونديون اتان جهڙو ترندو ئي ڪونه. بدنيتي کي وڌو جيڪا گهٽو ڪري زر، زمين ۽ زن تي ٿئي ان کي عام ڪري ڇڏيو اٿن. بدڪلامي جنهن ۾ ڪوڙ گار گلا، چغلي ۽ غيبت جهڙا مرض اچي ٿا وڃن انهي کي سنڌ ۾ عام ڪري ڇڏيو اٿن. ڪوڙ ۽ گارين جي ڪري ڪيترا مڙس قتل ٿيندي ڏٺا سين ۽ انهن ڳالهين جي ڪري هر هنڌ جهڳڙو نظر اچي ٿو. اهڙي طرح بداخلاقي ۾ چوري، زنا، جوا ۽ نشي جهڙا موذي عيب ۽ بداخلاقيون عام ڪرائي ڇڏين. ماڻهن مان قرب ڪڍي نفرتون پکيڙجڻ ڪري هر هڪ ماڻهون هٿي کان جڻ ته ازلي ناراض ۽ ان جو دشمن آهي انهي ڪري بدمزاجي به طبيعتن جو حصو بڻجي ويئي. بداخلاقيون به اهڙيئن ئي مرض آهن جيئن طبعي ۽ جسماني مرض. جهڙي طرح سان جسماني مرضن جا جراثيم عام ڪري ڇڏين ۽ سڄي سنڌي قوم جو هر فرد گهٽي ياڳي ڪنهن نه ڪنهن مرض ۾ مبتلا آهي پر جن مرضن جي ڪري جهيڙو جهڳڙ وڌي ٿو انهن ۾ خاص طرح سان، ڪوڙ گار ۽ چوري، هنن ٽن عملن جي ڪري گهٽي ۾ گهٽو سماجي بگاڙ ۽ فساد پيدا ٿئي ٿو ۽ اهي ٽيئي ته هاڻي ڪير سنڌين کان سگهي. جيڪڏهن سنڌي قوم کي سڌرڻو آهي ته انهي کي سڄي پنهنجي سماجي هلت چلت تي نظرثاني ڪرڻي پوندي ۽ پاڻ منجهان بد اخلاقيات جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرضن کي ڪيڏو پونڌو ته جيئن سنڌي قوم ۽ عوام مان جهيڙا جهڳڙا گهٽجن ۽ عوام پاڻ ۾ متحد ٿئي. جڏهن عوام متحد ٿيندو ۽ عوام احتجاج ڪري سگهندو، تڏهن هن ظالم طبقي مان جان ڇڏائي سگهندو نه ته جيئن ڪجهه صديون گذري ويون آهن ائين ئي ٻين صدين جي گذري وڃڻ ۾ به ڪجهه نه ٿي سگهندو.

سنڌي عوام جي ڏتڙيل حالت جو ٻيو هڪ وڏو ڪارڻ آهي سنڌ ۾ تعليم جو پوئتي پوڻ. تعليمي شرح نه وڌي سگهي ۽ تعليم جو معيار به خراب ٿيندو ته ويو بلڪ مڪمل خراب ٿي چڪو آهي. انهي جو به وڏو ۽ واحد سبب مفاد پرست طبقي جي عوام دشمني آهي بالادست. مفادپرست طبقو عوام جي ڀلائي چاهي ئي ڪونه ٿو ان ڪري چاهي ٿو ته عوام کي تعليم کان محروم رکيو ويو آهي. اسانجي شاهوڪار طبقي جو اقتدار ۽ دولت جي وسائل تي قبضو رهيو آهي انهي ڪري حڪومت گهٽو ڪري انهي طبقي جي فردن جي رهي آهي. چاڪاڻ ته اهي نٿا چاهين ته عوام سڌري ان ڪري عوام کي تعليم کان پوئتي رکڻ انهن جو دلي مقصد رهيو آهي پر انهي کي سڌو سنئون ائين نه ٿي ڪري سگهيا تنهنڪري حرفتن ۽ حيلن سان عوام کي تعليم کان وانجهيل رکيو ائين پاڪستان قائم ٿئي تمام وڏو عرصو گذري چڪو آهي. جيڪڏهن انهي عرصي دوران انساني طاقتورن وسيلن کي ترقي ڏياري وڃي ها ته هي اسانجو پيارو پاڪ ملڪ جپان کان به اڳتي نڪري وڃڻ جي صلاحت، اهليت ۽ گنجائش رکي ٿو. پر چاڪاڻ ته مفاد پرست طبقي کي عوام جي ڀلائي نامنظور آهي تنهنڪري عوام جي سڀ کان وڏيڪ ڀلي واري عمل يعني تعليم کان عوام کي وانجهيل رکيو ويو. حڪومتون انهن وڏن طبقن جي هٿ ۾ هيون تنهنڪري تعليم لاءِ گهٽ ۾ گهٽ پئسا رکي تعليم کي تباهه ڪري ڇڏين. ترقي يافته ملڪن ۾ پنج کان ويهه سيڪڙو ملڪي پيداوار جو تعليم تي خرچ ڪيو ٿو وڃي پر پاڪستان ۾ ڪڏهن به هڪ ڏيڊ سيڪڙو کان وڌيڪ نه ٿو خرچ ڪيو وڃي صرف انهي ڪري ته جيئن عوام نه سڌري سگهي ته جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهي جو معاشي، سياسي ۽ سماجي استحصال جاري رکي سگهن. جنهن نموني جون اليڪشن جون ڊانڊليون ڪيون ٿيون وڃن جي عوام پڙهيل هجي ته ايئن ڪونه ٿي سگهي. جيئن ٽرڪون ۽ ٽريڪٽر ڀري ٻڪر ٻوساٽ ڪري ڪٽي وڃي ووٽ ڏيارين ٿا، ڇا پڙهيل عوام جي حالت ۾ ايئن ڪري سگهن ها؟ اهوئي سبب آهي ته پاڪستان جي پير، مير، مخدوم، وڏيري، چوڌري، سردار ۽ خان شروع کان ئي ڪنٽرول انهن ماڻهن جو هٿوان ڪري پاڙون ڏڪ هين ته طاقت ۾ اهو طبقو حڪومت ۾ هجي يا برائي نام مخالفت ۾ هجي گهڻو ڪري ڳالهه ساڳي ڪري رهيو آهي. ڪجهه ڳالهيون ڇاڪاڻ ته انهي سڄي طبقي جي مفاد وٽان آهن تنهنڪري هن وقت تائين جاري رکيون ويون آهن جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون.

1_ پئسن واري سياست: سياسي نظام ۽ چونڊن جو طريقه ڪار اهڙيو رکيو اٿن ته ڪو وچولي طبقي جو دانشور يا عوامي ماڻهن نه اچي سگهي. جيڪو به اليڪشن ۾ بيهندو پئسي واري مفاد پرست طبقي جي نمائندگي ڪندو. تنهنڪري سياست جو نظام قاعدا وقانون، طريقه ڪار اهڙو رکيو اٿن جنهن ۾ رڳو خرچ هجي ته جيئن عام ماڻهون جي وس کان اسيمبليون ٻاهر ٿي وڃن.

2_ تمام مضبوط مرڪزيت واري فوجي ۽ سول ڪامورا شاهي انهي ڪري هميشه کان ساڳي هلي ٿي اچي ڇاڪاڻ ته اها به انهي وڏي طبقي جي مفادن جي نگهباني ٿي ڪري ڇٿن جي گروپ جا به ميمبر هن ڪامورا شاهي جا آهن يعني اقتدار ۽ وسائل تي اڏواڏ هنن جو ياڱوءِ قبضو آهي ڇٿن جي گروپ جنهن هن ملڪ کي تباهه ڪيو آهي اهو آهي پهرين جاگيردار يا وڏو زميندار، ٻيو وڏو سرمائيدار ڪارخانيدار ۽ وڏو تاجر. ٽيون وڏو سول ڪامورو ۽ چوٿون وڏو فوجي ڪامورو وڏو جاگيردار ۽ زميندار ۽ سرمائيندار ته گهڻو ڪري عوام دشمن آهي ئي آهي پر عوام جي پگهار تي پليل سول ۽ فوجي ڪامورا جنهن کي عوام جي نمائندگي ڪرڻ کپي ها عوام جي حقن جي حفاظت اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طبقو به ڪري ٿي سگهيو پر پوري پوري نمڪ حرامي جو ثبوت ڏيندي وڏو سول ۽ فوجي ڪامورو وڏن مفاد پرستن سان ملي هميشه عوامي دولت ۽ حقن تي ڌاڙا هڻندو رهيو آهي. انهي ڪري اسان جي ملڪ جو عوام ويچارو تمام گهڻو مايوس ٿي ويو آهي ته اهڙي حالت ۾ ڇا ڪجي جڏهن عوام جي پگهر جي پورهئي ۽ رت ڏئي پيدا ڪيل دولت تي پلجندڙ ۽ عيش آرام ڪندڙ ڪامورا شاهي ۽ عوام جي ووٽن تي چونڊجي ايندڙ عوام جا نمائيندا سڏائيندڙ عوام جي ڏکوئيندڙ حالت جو ڪو به احساس نه ڪن ۽ لڳاتار عوام کي صرف ڏنا ۽ دوڪا ڏين ته توهان لاءِ گهڻو ڪجهه ڪنداسين ۽ انهي بهاني وري وري چونڊجي اچن. اهڙي حالت ۾ انهي مرڪزيت واري آفيسر شاهي واري نظام کي ٽوڙي اختيارات صوبن ۽ ڊويزنن ۽ ضلعن جي سطح تي ڏيڻا پوندا.

جه سي لوڙائو ٿيا جني سندي ڏير

ماروئڙا فقير ڪنهن در ڏيندا دانهڙي

مرڪزيت هميشه فاشزم کي جنم ڏيندي آهي انهي ڪري اسان جي ملڪ جي بيوروڪريسي بدترين قسم جي فاشزم جي پنور ۾ قاتل آهي ۽ عوام پنهي ڌرين يعني آفيسر شاهي ۽ سياسي ليڊرن جي گٺ جوڙ جي ڪري ظلم، رشوت ۽ اقربا پروري جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي. انهيءَ ڪري هاڻي اهو تمام ضروري ٿي پيو آهي ته انتظامي سڏارا آڻي هر قسم جي مرڪزيت کي ٽوڙي ناس ڪيو وڃي ۽ عوام جي سهولت خاطر اختيار ضلعي جي سطح تي منتقل ڪيا وڃن.

3- رشوت خوري جي نظام کي هٽ ونڃي رائج ڪيو اٿن ڇاڪاڻ ته انهي نظام ۾ مفاد پرست طبقي جو گهڻي ۾ گهڻو فائدو آهي. هن نظام ۾ آفيسر هميشه ڪمزور رهندو تنهن ڪري انهي کي پنهنجي مرضي مطابق مفاد پرست طبقو استعمال ڪري سگهي ٿو. سچي آفيسر شاهي پگهارن ۽ مراعات جو اهڙو سلسلو رکيو آهي ته جيئن هر اهو آفيسر جيڪو پگهار تي گذر ڪرڻ چاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو بکيو ۽ تنگ دست رکيو جيئن مجبور ٿي رشوت وٺڻ شروع ڪري اهڙي طرح سان پوءِ هن کي سڻن اختيارن واريون پوسٽون ڪپنديون ۽ انهن لاءِ هو مجبور ٿي مفاد پرست سياستدانن جو ڳيجهو ٿي پوندو ۽ جڏهن پوسٽ انهن جي ذريعي وٺندو تہ انهن جي هر حڪم جي تعميل ڪندو. في الوقت ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس پي اهڙي مقصد لاءِ سيني سياستدانن رائج ڪري رکيا آهن تہ اليڪشن انهن جي ذريعي ڪتي سگهجي ٿي ۽ انهي ڪري هر سياستدان کي اهو اونو هوندو آهي تہ پنهنجي ضلع تي من پسند ڊي سي ۽ ايس پي صاحب بهادر جو نانءُ وڏو ديهہ ويران پگهار ڪل پنج هزار روپيہ پر جي هنن جا ٺاٺ باٽ ڏسون عقل دنگ رهجي وڃي ۽ جي وري هنن جا اختيار ڏسو تہ ضلع جا بادشاهہ هاٿي اهڙي پوسٽ وٺڻ لاءِ هو ڄام صادق علي پاران جي هر حڪم مڃڻ لاءِ تيار ٿي ٿا وڃن. اهڙي طرح سان انهن کان ڪجهہ وڏين پوسٽن تي بہ پنهنجا ماڻهو رکي پوءِ جيڪي وٺين تو سو ڪن ٿا." مطلب تہ طريقہ ڪار اهڙو آهي، جنهن ۾ سياست ۽ آفيسر شاهي جي ڳٽ جوڙجي ڪري عوام ظلم جو شڪار آهي. ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ رشوت ملڪ ۾ زورن تي آهي ۽ ڪهڙي صدر وزير اعظم، وزير اعليٰ يا وزير کي خبر ڪانهي يا ڪهڙو اڳ ۾ هئو جنهن کي خبر نہ هئي سيني چڱن مڙسن ۽ وس وارن کي خبر آهي پر هن نظام ۾ چئن جي "مقدس گروهہ" کي وڏ ۾ وڏ فائدو آهي تنهنڪري هن نظام کي جاري ۽ ساري رکيو ٿا اچن. اڳ ۾ هڪ صدر چيو: آوي ڪا آوا خراب آهي مان ڇا ڪريان؟ ملڪ جو صدر ائين چوي اهو ڪيڏو وڏو فراڊ آهي ۽ وزير خزانہ چيو تہ: اسي ارب رپيہ رشوت جي نذر ٿي ٿيا وڃن پر ڪهڙو تدارڪ ڪجي. بلڪل صاف ۽ واضح ڳالهہ آهي تہ رشوت جو نظام هنن پاڻ شروع ڪيو آهي ۽ انهي کي پاڻ قائم ڪيو ٿا اچن تہ جيئن آفيسر شاهي بري طرح سان سياستدانن جي قابو ۾ رهي. هي سڄو چڪر جي "مقدس گروهہ" جو چار آهي جنهن ۾ هنن هن ملڪ ۽ ان جي عوام کي هميشہ هميشہ لاءِ ڦاسائي رکڻ جو بندوبست ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

4_ انصاف جي نظام کي تباھ ڪري رکڻ به هنن مفاد پرستن جي "مقدس گروھ" جي جياپي لاءِ تمام ضروري آهي انهي ڪري انصاف جو نظام اهڙو رائج رکيو اٿن ته ڪورٽ سڳوريءَ مان ڪنهن کي انصاف نه ملي ۽ جيڪڏهن ڪو فيصلو ٿئي ته هميشه تمام دير سان ۽ مدي خارج جيئن اليڪشن پٽيشن جو فيصلو جيڪو چند ڏينهن ۾ ٿيڻ کپي ڪم از ڪم هڪ ٻن اليڪشن گذرڻ بعد ڪيو ويندو آهي. خون جي ڪيسن جا فيصلا گهڻو ڪري ٻاڻ ڪان وڌيڪ ملوث ماڻهن جي مري وڃڻ بعد ٿيندا آهن ۽ اهڙوئي ٻين ننڍن وڏن معاملن جو حال ٿيندو آهي. انهي ڪان علاوه شروع ڪان آخر تائين طريقه ڪار اهڙو رکيو اٿن ته انسان ڪورٽن ۾ چڱي طرح سان ذليل ٿين ۽ وري عدالتن ۾ اچڻ جو ڪڏهن سوچن ئي نه انويسٽيگيشن يعني جاچ ۽ ايف. آءِ. آر ڪان وٺي ويندي ڪيس جي چالان ٿيڻ ۽ وري ان جي پيروي ۾ آخر تائين مدئي مدعا عليه ۽ شاهدن جي اهڙي ڳت بنائي ٿي وڃي جو هر ڪو الامان الامان چيو هميشه لاءِ پاڻ کي حق ۽ سچ جي شاهدي ڏيڻ ڪان پري ٿو رکي. هر سطح جي عدالتي ليول تي هر قسم جي رشوت ۽ سفارش جاري آهي ۽ انهي جي به هر هڪ واسطي وارن کي چڱي طرح سان خبر آهي پر تدارڪ ڪرڻ ڪو نه ٿا چاهين، پر سندن مداخلت جاري آهي ملڪ ۽ عوام جو ڀلو ڇو ڪن آخر پنهنجن مفادن کي ڇولت هڻن، هي فلسفه آهي اسان جي چئن جي "مقدس گروھ" جي مفاد پرست طبقي جو جتي انصاف نه هوندو اتي امن ڪونه ٿيندو جتي رشوت هوندي اتي انصاف ڪو نه ٿيندو.

5_ جتي رشوت آهي اتي انصاف ڪو نه ٿيندو ۽ جتي انصاف نه ٿيندو اتي امن نه ٿيندو ۽ جنهن ملڪ جو اهو رواج هوندو اتي پوري قوم اخلاقي قدر وڃائي ويهندي ۽ پوءِ اها قوم بدنظمي جي ٻري ڀنور ۾ ڦاٿل رهندي. اسان به هاڻي اهڙي قسم جي هڪڙي ٻري چڪر يا ٻري ڀنور ۾ ڦاٿل آهيون انهي سان نڪرڻ جي لاءِ تمام گهڻي اونهي سوچ ويچار ڪان پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صحيح طرح سان عمل ڪپي نہ تہ بہ ھي صورت ۾ ايجان وڌيڪ تباھي جو منھن ڏسڻو پوندو. جيڪڏھن صحيح اخلاقي قدرن تي عمل نہ ڪيو ويو تہ پوءِ اصلاح ٿيڻ بہ تمام ڏکي ڳالھہ آھي. ھاڻي سوال تو پيدا ٿئي تہ اخلاقي قدرن تي ڪيئن عمل ٿئي ۽ ڪير عمل ڪرائي. عربي ۾ ھڪڙو مقولو آھي "الناس علىٰ دين ملوڪهم" عوام پنھنجي بادشاھن جي مذھب تي ھوندو آھي يعني جيڪي ڪرتا ڌرتا آھن ماڻھون انھن کي ڏسندا پوءِ اھا ئي روش ھلندا . مثال اسان جي سياست گھٽي ياڳي ڪوڙ تي ٻڌل سمجھي وڃي ٿي. ان ڪري حڪومت جي سيني اھم ماڻھن کان وٺي عام ماڻھون تائين ڪوڙ جو مرض ڪوڙھہ جيان وڪوڙي ويو آھي. حديث شريف ۾ آھي ھڪ ماڻھو اچي رسول مقبول صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي چيو تہ يا رسول الله مونکي ڪو بہ ھڪ عمل ٻڌايو جنھنجي ڪرڻ سان مان بھشت ۾ وڃان گھڻا ڪم مون کان ڪو نہ ٿي ٿا سگھن. پاڻ سڳورن صلعم صلي الله ھن کان وعدو ورتو ۽ فرمايائونس تہ ڪڏھن بہ ڪوڙ نہ ڳالھاءِ بس ھو شخص ڏاڍو خوش ٿي اٿيو تہ بيلي سڀ ڪم يعني نماز روزي کان معافي ملي ويئي. جڏھن آيو عملي زندگي ۾ تہ ڏٺائين تہ جي چوري تو ڪريان تہ بہ سچ ڳالھائڻ سان ڪم خراب تو ٿئي. ۽ پڪڙجي پوندس. اھڙي طرح سان ٻين غلط ڪمن کان بہ ھٽي ويو چاڪاڻ تہ سچ چوڻ جي ڪري سڀ ڳالھہ ظاھر ڪرڻي ٿي پيس مطلب تہ ڪجھہ ڏينھن جي اندر وري اچي رسول مقبول (ص) وٽ پيش پيو ۽ چيائين تہ يارسول الله صلعم مان ھاڻي سچي دل سان توبھہ تائب ٿيو آھيان ۽ جيڪي توھان جو حڪم ھوندو ان تي سچي دل سان عمل ڪندس اسان جي قومي مرض لاءِ بہ جيڪڏھن ڪو ترياق آھي تہ اھو آھي سچ ڳالھائڻ پر اھو شروع ٿئي ھر ھڪ ماڻھون کان ۽ خاص طرح سان وڏن ماڻھن کان جيڪڏھن ملڪ جا حاڪم ڪوڙ ھٽندا تہ پوءِ عوام کان سچ جي توقع ڪرڻ عبث آھي. ھي سڄو ملڪ تمام ٿوري وقت ۾ سيني مرضن کان پاڪ ۽ صاف ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهي ٿو جيڪڏهن سچ ڳالهائڻ ۽ سچ چوڻ شروع ڪيو وڃي. صدر، وزيراعظم، وزيراعليٰ، جج صاحبان، سيڪريٽري صاحبان ۽ ٻيا سڀ وڏا ۽ ننڍا عملدار، سياستدان حاڪم ڪوڙ کي ڇڏي سچ ڳالهائڻ ۽ سچ چوڻ شروع ڪن ته هي چند سالن ۾ ترقي يافته ملڪن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي سگهي ٿو.

سونهان شڏيون ڏين، هن ديواني درياهه جون،
ڪوڙ اوڏائي ڪين ڪي، رڳو سچ سودين،
عجز جو اڏرات ڪي، وڪروهائين،
ثابت نباهيونين، ساٿ انهيءَ سير مان.
(شاهه)

تنهنڪري جيڪڏهن اخلاقي قدرن کي عام ڪيو وڃي ۽ "مقدس چئن جو گروهه" ۽ ٻيا وڏا ماڻهون صحيح اخلاقي قدرن تي پهريائين پاڻ عمل ڪن ته پوءِ سڄي قوم جلد سڌري سگهندي نه ته اجان انتظار ڪرڻو پوندو. جيستائين سچ ڳالهائڻ ۽ چوڻ وارا ايترا گهڻا ٿين ۽ اڳتي اچن ۽ اچي هن ڪوڙهيل نظام کي تبديل ڪن.

مٿي بيان ڪيل ڪجهه عملن کي لڳاتار سيني حڪومتن ۽ پارٽين يا مارشلا لاءِ وارن جاري رکيو سو صرف انهي جي ڪري ته اهو هڪ ئي گروهه آهي جنهن هن ملڪ کي ۽ ملڪ جي عوام کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهي عوام جو سڌارو ڪرڻ ڪو نه ٿا چاهين جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن صحيح تعليمي نظام رائج ڪري انساني وسائل جي طاقت کي ترقي ڏياري وڃي ها ته جيڪر عوام جي ههڙي ڏتڙيل حالت نه هجي ها. چئني صوبن جي عوام تباهي جو شڪار آهي. جيڪڏهن هن ملڪ ۾ ڪا شرح سٺي طرح سان وڌي آهي ته اها آهي فقيرن ۽ موالين جي. تازين اخباري خبرن مطابق هن وقت صرف هيروئن جي نشي ۾ مبتلا ماڻهن جو تعداد پنجاهه لکن کي پهتل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي ۽ اهڙي طرح سان ئي اخباري خبرن مطابق فقيرن جو تعداد بہ لڳ ڀڳ ايترو وڌايو ٿو وڃي. هي اسان جي چئن جي "مقدس گروهہ" جو ڪارنامو آهي. هي عوام جا دشمن عوام کي اهڙي حالت ۾ رکڻ ٿا چاهين ۽ ڪنهن بہ قسم جو احساس ڪونہ اٿن تہ هيئن انسانن کي تباهہ ڪرڻ سان کو اندروني طرح سان پاڻ بہ تباهہ ٿيندا. چاڪاڻ تہ سندن ڪڏا ڪم سندن ئي ضمير جي اندر ڪين وڃون ۽ نانگ ٿي ڏنيندا ۽ اهڙي طرح سان اهي ماڻهون گهٽي پاڳي ذهني مريض ٿي پنهنجو ۽ پنهنجي گهر وارن جو سڪون وڃائي ويهندا يا ڪن سازشن جي ڪري تباهہ ٿي پوندا.

عوام کي جلد جند ڇڏائڻ لاءِ پاڻ کي سوچڻو پوندو تہ عوام جو هيڏو وڏو تعداد آخر ڇو تباهہ ٿئي. انسان تہ سڀ انسان آهن. آخر انهن جو وڏو حصو ڇو بک بيروزگاري ۽ تنگ دستي جو شڪار ٿئي. آخر انسانن جي تمام وڏي حصي کي ڇو ظلم ڏاڍ ۽ نا انصافي جي حوالي ڪيو وڃي. آخر انسانن جي وڏي حصي يعني غريبن جي ننگ ۽ ناموس جي لڄالٽ ڪيترو وقت هلندي هي سڀ ڳالهيون عوام ۽ انهن جي صحيح نمائندن ۽ دانشورن کي سوچڻيون پونديون تہ آخر پاڪستان جي عوام جي هي پيڙاواري حالت جيڪا هڪ مخصوص "مقدس گروهہ" پيدا ڪئي آهي ڪيئن سڌري سيني صوبن جي عوام کان سنڌي عوام تمام گهٽي ۽ سخت پيڙا جو شڪار ٿيل آهي چاڪاڻ تہ هتان جي عوام مٿان بين سيني ڳالهين سان گڏ پندرهن سالن کان وٺي جيڪا ڏاڙيل فيڪٽر واري بيڄڙي بلا مڙهيل هئي انهيءَ تہ هتي رڻ باري ڇڏيو هو پر انهي سان گڏ وري پنجن ڇهن سالن کان شهرن کي دهشتگردي جي حوالي ڪري سڄي سنڌ کي جڻ تہ هڪ وڏي بہ منهين آفت جي حوالي ڪري ڇڏيو اٿن يعني هڪ پاسي سنڌي ٻهراڙي ۾ بہ ڏنگجن تہ ٻئي پاسي شهرن ۾ بہ ڏنگجن." انهن حالت جي ڪري سڄي سنڌ جي ترقي رڪجي ويئي. صنعت ڪاري بند ٿي ويئي ۽ خوفناڪ بيروزگاري زورن تي پهچي وئي آهي. سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عوام کي انهي مصيبت جهڙي حالت مان جند ڇڏائڻ لاءِ پنهنجي ۽ پنهنجي آئينده جي نسلن جي ڀلائي لاءِ انهي مخصوص "مقدس چئن جي گروهه" واري مکروه ٽولي خلاف شاهه لطيف سائين جي ڏسيل راهه واري مزاحمتي جنگ لڙڻي پوندي انهي مزاحمتي جنگ جي ڪڙي طور سنڌ جي هر هڪ سڄاڻ دانشور کي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ وڃي اوطاقن ۾ گڏجاڻيون ڪري سنڌي عوام کي انهي مزاحمتي جنگ لاءِ تيار ڪرڻو پوندو. هي جنگ هر محاذ تي ۽ هر گلي ۾ گهٽي ۾ وڙهڻي پوندي قومي حق ڪو آساني سان ڪونه ملندا آهن انهن لاءِ قرباني ڏيڻي پوندي صرف ڊرائينگ رومن ۾ بحث مباحثن ڪرڻ سان يا اخبارن ۾ ڪالمن ۽ مضمون لکڻ سان ڪا وڏي تبديلي ڪانه ايندي ڇاڪاڻ ته پڙهيل عوام آهي ئي ڪونه ته پوءِ لکڻ وارو عمل ته صرف اٺ يا ڏهه سيڪڙي لاءِ ٿيو اهو عوام لاءِ ته ڪونه ٿيو. عوام کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ وري انهي اٺ سيڪڙي جو ڪم آهي ٻهراڙين ۾ وڃي عوام جي هڪ هڪ فرد کي چڱي طرح سان سمجهائين ته عوامي سماجي انقلاب ڪيئن ايندو ۽ ڪهڙي طرح سان عوام پنهنجو پلو ڪري سگهي ٿو. جڏهن انهي طريقي سان ننڍيا ننڍيا عوامي اتحاد ٿيندا ته عوام سجاڳ ٿيندو ويندو ۽ پنهنجن حقن وٺڻ لاءِ تيار ٿي ويندو. هي سڄو ڪم پڙهيل اٺ, ڏهه سيڪڙي وارن جو آهي ته اهي عوام کي ڦورن لٽيرن, ظالمن ۽ ڌاڙين جي حرفتن, سازشن ۽ مڪارين کان آگاهه ڪن انهي مزاحمتي جنگ جو پهريون مرحلو پر امن جنگ هوندو يعني هن مرحلي ۾ اخلاقي قدرن کي اجاگر ڪيو ويندو ۽ سماجي ٻرائين کان بچڻ جي تلقين ڪئي ويندي جيستائين قوم جي هر فرد کي اخلاقي قدرن جي ڄاڻ, سڃاڻ ۽ انهن تي عمل نه ڪرڻ جي صورت ۾ هاڃيڪار نتيجن کان پلي پٽ واقفيت نه هوندي ته پوءِ انهن تي عمل ڪرڻ مشڪل ٿي ويندو ۽ اهڙي طرح سان سماجي ٻرائين جي ٻرن اثرن ۽ نتيجن کان جيستائين قوم جي ننڍين وڏن کي چڱي طرح سان آگاهه نه ڪيو ويندو ته سڌارو ڪڏهن به ڪونه اچي سگهندو. تنهنڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهرين مرحلي طور هر هڪ پڙهيل ماڻهوءَ جو ڪم آهي تہ چڱي طرح سان غور فڪر ڪري اهڙا طريقا ڳولي جنهن سان قومي سڌاري جو ڪم جلد ئي سگهي. اهڙا طريقا وري سڀني عوام کي ٻڌائڻ ۽ سيکارڻا پوندا. برائي جي صرف چند شاخن کي نہ پر سڄي برائي جي نظام کي ننڍڙو پوندو. جيڪڏهن چوري ۽ ڌاڙو خراب ۽ ذليل ڪم آهي تہ پوءِ پڙهيل ۽ سفيد پوش ڌاڙيلن کي چوسڻو تہ چيو وڃي ۽ انهن جي چوعزت ڪئي ٿي وڃي ۽ انهن کي ڪرسيءَ تي ويهاريو ٿو وڃي. جيڪڏهن نشو انسان ذات لاءِ خراب آهي تہ انهي کي چو مڪمل طرح سان بند نہ ٿو ڪيو وڃي ڪيترن حيلن بهانن سان انهي کي چو ناجائز ڪيو ٿو وڃي ۽ چوان جي اجازت ڏني ٿي وڃي. بهرحال پهرين مرحلي جي طور تي عوام کي چڱي طرح سان تعليم ڏيڻي آهي اها چاهي ڪنهن بہ طرح سان ڏني وڃي تہ جيئن هو پنهنجو پاڻ سڌاري سگهن ۽ پنهنجي حقن وٺڻ لاءِ طريقا سمجهن انهي ڪانپوءِ هو پنهنجي جدوجهد بہ پاڻ هلائي سگهندا ۽ پنهنجي ليڊر ۽ پاڻ منجهان ئي پيدا ڪندا ۽ اهڙي طرح سان عوامي سماجي انقلاب وري عوامي سياسي انقلاب جي راهہ هموار ڪندو شاهہ سائين چيو آهي:

ويهہ مرمنڊ پنيور پر ڪرڪو واڪو وس،
ليڙن جو لطيف چئي ڏونگر ڏينديءَ ڏس،
پير پنهونءَ جو پس سر پر هلي سسئي.

سنڌي عوام جي پڙهيل دوستن، دانشورن، اديبن شاعرن کي اپيل تي ڪجي تہ سنڌي عوام وٽ وڃن ڪين ڪچهرين ۾ ويهي زباني طرح سان هر قسم جي سمجهاڻي ڏين چاڪاڻ هڪ واحد طريقو آهي جنهن سان اڻ پڙهيل عوام کي جلد کان سجاڳ ڪري سجاڻ بنائي سگهجي ٿو. اميد تہ پڙهيل دوست سڀ گڏجي هن اهم ڪم ۾ هڪ ٻئي جو هٿ ونڊائيندا ۽ اهوئي طريقہ آهي جنهن سان ڏتڙيل سنڌي عوام جي حالت بدلائي سگهجي ٿي ۽ ڪين سکيو خوشحال بنائي سگهجي ٿو. تنهنڪري جيڪڏهن سنڌي سجاڻ صحيح طرح سان ڪم ڪندا تہ پوءِ گس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو ڏس ۾ حڪمت عملي پاڻ ئي ظاهر ٿيندا ويندا ۽ آخر عوامي فلاح جي انقلاب جي منزل ماڻيندا. شرط صرف اهو آهي ته تڪليف جي پرواهه نه ڪري قربانين لاءِ تيار ٿي عوام جي محبت جي جذبي سان ڪم ڪجي.

ڪجي پنڌ، پڇان تو ڪيڇين ڪاڻ ڪيئن،
بيخود هلج بر ۾، آءُ تو چوان ايئن،
سڪڻ ساجن سيئن، متان ملي چڏيئن.
(لطيف)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعليم پرائمري ۾ پڙهڻ جون رڪاوٽون

علم عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڄاڻ. ۽ ڄاڻ رکڻ تہ تمام وسيع لفظ آهن، جنهن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ هر شيءِ جي ڄاڻ، هر ڳالهہ جي ڄاڻ، هر مسئلي جي ڄاڻ، هر علم جي شاخ ڄاڻ، جهڙوڪ: علم طبعي، علم ڪيميائي، علم رياضي، سائنس ۽ ان جون سڀ شاخون ۽ معاشي، معاشرتي، سياسي، اقتصادي، قانونداني، زرعي، فني، هنري يعني سماجي سائنس جون شاخون. ڏيکهہ ڪرڻ جو مقصد صرف هو آهي تہ قارئين ان ڳالهہ جو اندازو ڪن تہ "ڄاڻ" ڪيڏي وڏي معنيٰ جو حامل لفظ آهي ۽ اهو اسان مان هر هڪ کان ايڏي وڏي تقاضا ٿو ڪري تہ اسين بہ ايترو ڄاڻون جو ڄاڻ وارا چوائي سگهون. مقصد تہ هر فرد جو اهو فرض آهي تہ ڄاڻ وارو ٿئي. اسلام تہ انهيءَ ڪري هر مرد ۽ عورت تي علم سکڻ فرض ڪري ڇڏيو (طلب العلم فريضة علي كل مسلم ومسلمة) ۽ ان لاءِ اهو بہ چيو ويو تہ جيڪڏهن علم لاءِ چين بہ وڃڻو پوي تہ وڃو. (اوطلبو العلم ولو كان باسين) ان وقت عرب کان چين وڃڻ وڏو ڪٺن ڪم هيو پر علم حاصل ڪرڻ خاطر اهي تڪليفون سهڻ بہ ڄڻ معمولي ڳالهہ هيون. علم سکڻ ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ بہ وري سڄي عمر ڇٽي وڃي تہ مهد کان لحد تائين بہ لڳاتار جستجو هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ علم ڪانسواءِ فردن جي ۽ قومن جي ترقي ۾ سڏارو تمام مشڪل ڪم آهي، انهي ڪري ايترو وڏو زور علم پرائڻ لاءِ ڏنو ويو آهي. شاهہ صاحب بہ ساڳي طرح محنت ۾ ڄاڻ جي تلقين ڪئي،

جان ڪتين تان ڪت هي هڏو هاٽي
ڪاپائتي سيڪا ڪتي سيباٽي
ڇاتو جن ڇاٽي تن پهي هتان نہ ڇڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسلام کي ٻه چوڏهن سو سال گذري ويا ايڏي وڏي زور ڏيڻ جي باوجود چوڏهن سو سالن ۾ ٻه حالت چونه سڌري؟ جنهن نموني سان علم حاصل ڪرڻ جو تاڪيد ڪيل آهي ته مسلمانن جو هڪ هڪ فرد يعني مرد توڙي عورت سڄي دنيا ۾ اعليٰ تعليم يافته هئڻ گهرجي ها. پر نتيجو بلڪل ان جي برعڪس آهي ڇو ۽ ڪهڙن سببن جي ڪري ائين ٿي ويو؟ سڀ کان پهريون ۽ وڏو سبب جهالت جو اهو آهي ته اسلام تي يڪدم بادشاهن ۽ امير ماڻهن جي گروهه جو قبضو ٿي ويو ۽ اهي مفادپرست طبقا انسانذات جا همدرد نه هئا ۽ نه آهن. تنهنڪري انهن عام مسلمانن ۽ ٻين سڀني مذهبن جي عام ماڻهن کي هر طرح جي حربن، سازشن ۽ حيلن جي ذريعي جاهل رکڻ جي پوري ڪوشش ڪئي. بادشاهن، جاگيردارن، اميرن، ميرن، پيرن ۽ سندن پاڙيتن هٿ وٺي عام انسان کي جاهل رکيو ته جيئن سندن استحصال هر طريقي سان جاري رکي سگهجي ۽ انهن جي مٿان حڪمراني ڪرڻ ۽ استحصال ڪرڻ سولو ٿي پوي. انهيءَ بدنيتيءَ جي ڪري عام ماڻهو ته واقعي جهالت جي ڏٻڻ ۾ ڦاسندو ويو ۽ اڄان تائين ان مان نه نڪري سگهيو آهي. سڀني مغربي ملڪن ۾ تعليمي شرح وڌي وئي ۽ جيڪڏهن اها گهٽ رهي ته گهڻو ڪري مسلم ملڪن ۾ ڇاڪاڻ ته انهن کي پنهنجي سڌرڻ جو خيال ئي نه رهيو. ڄاڻي ٻجهي ڪوشش ڪئي وئي ته عام ماڻهو جاهل هجي. عام مسلمان ويچارو مجبور ٿي غلط عقيدن جي ڄارن ۾ ڦاسي ويو ۽ سڀ استحصالي عام ماڻهوءَ جي جهالت جو فائدو وٺي پاڻ مال دولت جمع ڪري شاهوڪار ٿيندا ويا ۽ اهڙي طرح سان حڪمران بادشاهه ۽ سندن ساٿارين جي هڪ هٽي قائم رهندي آئي. مسلمانن جي سڄي تاريخي دور ۾ اهي هاڃا ٿيندا رهيا ۽ عام مسلمانن کي وڏن تاڪيدن هوندي ٻه ته سڀ علم حاصل ڪريو مفادپرست حرامخورن جهالت جي اونداهيءَ جي اونهي غارن ۾ ڌڪي ڪري سندن چيخ پڪار تي مزا ۽ لطف اندوزي حاصل ڪئي. جيڪڏهن عام ماڻهن کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ۽ اسانجا ڏاها ۽ دانشور ٻه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهن ته هو وڏيون رڙيون ڪن. جيئن شاهه صاحب چيو آهي:

هُئين هوت پنهوءَ سين جي مون جيئن ملاقات

ته پانهُن وجهي وات ريهون ڪن رڃن ۾.

خير! وقت گذرندو ويو ۽ گڏيل هندستان انگريزن جي غلاميءَ ۾ اچي ويو. انهن پنهنجي مقصدن حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪم هلائڻ لاءِ ڪجهه تعليم ڏني. سنڌي ٻولي، جنهن کي اڳ ۾ ئي اڳين حاڪمن تباهه ڪري صورتخطون بدلائي اپاهج ڪري ڇڏيو هو تنهن کي پڻ نئين صورتخطي ڏئي وري زنده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر پنجن هزارن سالن کان استعمال ٿيندڙ زبان، جيڪا پنهنجي اصل صورتخطي کان گهڻو اڳ ۾ محروم ٿي چڪي هئي، تنهنکي زنده ڪرڻ ڪو سولو ڪم ڪونه هئو پر انهيءَ معاملي ۾ وري به انگريزن کي جس هجي جن ٻولي کي "الف، بي" ڏئي ۽ ٻاونجاهه لفظن جي مدد سان نئين صورتخطيءَ ذريعي نئين سر سڌو ڪري پنهنجن پيرن تي بيهاريو.

اهڙي طرح سان ڪجهه مواد به سهيڙڻ شروع ڪرايو ۽ وڏو احسان ته اسان تي اهو ڪين ته شاهه جو رسالو ڊاڪٽر سورلي کان جمع ڪرائي ڇپرائي ڏنن. اصل سنڌي ٻولي جو تباهه ٿيڻ وڏو قصو آهي ۽ انهيءَ جا اصلي ذميوار به ڪجهه اڳيان ۽ ڪجهه مسلمان بادشاهه آهن، پر انهيءَ مسئلي تي وري ڪنهن ٻئي وقت تفصيل سان لکيو ويندو. في الحال اسان اتي اچي پهتاسين ته انگريزن اسان کي به تمام چڱيون شيون ڏنيون هڪ ته سنڌي ٻوليءَ جي نئين صورتخطي ۽ ڪجهه سنڌي مواد شاهه جو رسالو ٻي انگريزي ٻولي، جيڪا دنيا جي تمام وڏي ۽ اهم ترقي يافته سائنس جي زبان هئي ۽ سڄي دنيا ۾ اسان کي رابطي جو ڪم به ڏئي ٿي، پر انگريزي ٻولي، جيڪا دنيا ۾ اسان کي رابطي جو ڪم به ڏئي ٿي، پر انگريزن به تعليمي شرح کي نه وڌايو چاڪاڻ ته هو حاڪم ۽ اسان غلام هئاسين ۽ اسان کي گهٽي کان گهٽي عرصي تائين غلام رکڻ پئي چاهين. پهرين لڙائي ڪانپوءِ جڏهن ڪجهه اختيار مقامي ماڻهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏيڻ لاءِ سوچين ته پنهنجي زرخريد مقامي جاگيردارن ۽ زميندارن ڪجهه حڪومتي اختيارڏنن. هي اسان جا نوان صاحب به عوام لاءِ انگريزن کان ڪا گهٽ مصيبت يا آفت نه هيا. انهن به عوام کي اهڙي طرح سان جاهل رکيو جهڙي طرح سان انگريز رکندو آيو ڇاڪاڻ ته هنهي کي جهالت واري حالتن مان ساڳيو فائدو حاصل پئي ٿيو ته بنا روڪ ٽوڪ جي پنهنجي حڪومت قائم رکڻ ۽ پوري طرح سان عوام جو استحصال ڪرڻ ۽ ان کي جاري رکڻ آسان ٿي پيو. جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي:

جه سي لوڙائو ٿيا، جنين سندي ڏير،

ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي

اهو هئو تاريخ پس منظر، جنهن ڪري خاص طرح مسلمان ۽ عام طرح سان سڄي دنيا جا غريب ماڻهو هميشه کان وٺي جهالت جي گهاٽن ۽ منجهيل جهنگلن مان ٻاهر نه نڪري سگهيا آهن. اڄڪلهه جڏهن سڄي دنيا سمجهي چڪي آهي ته جهالت تمام وڏي هاڃيڪار مصيبت آهي. تنهن هوندي به مفادپرست گهٽ ملڪن ۾ گهڻو ڪري عوام کي يا ته جاهل رکڻ گهرن ٿا يا ڪين نالي ماتر تعليم ڏين ٿا، جيڪا سندن گهرجون ته پوريون ڪري سگهي ٿي پر عوام لاءِ خاص ڪم جي نه آهي. تنهنڪري سڄي دنيا ۾ پاڪستان سميت جيڪڏهن تعليم نه ٿي سڌري ته ان جو واحد ڪارڻ هن وقت تائين صرف ۽ صرف اهو آهي ته هر ملڪ جو بالادست ۽ مراعات يافته طبقو نٿو چاهي ته عام ماڻهو سٺي تعليم وٺي سجاڳ ۽ سجاڻ ٿي وڃي، ڇاڪاڻ ته ائين ٿيڻ سندن مفادن جي منافي آهي. تعليم کانپوءِ عوام کي ايترو لٽي ڦري به بيوقاف نه بڻائي سگهندا. پر پڙهيل طبقو به چڱي طرح سان نٿو پڙهي ۽ پڙهڻ کانپوءِ به پاڻ کي ڪنهن وڏي يا گهٽي ڪم ڪرڻ جي لائق ۽ قابل نه ٿو سمجهي ۽ وڏيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهڻ تي دل نه ٿي ڪيس ۽ خاص طرح سان اسان جو نوجوان ۽ شاگرد طبقو ڄاڻ حاصل ڪرڻ بدران ڇو هين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيني غلط ڪارين ۾ پئجي ٿو وڃي. انهيءَ سيني سوالن جي جوابن لاءِ ته تمام اونهون نفسياتي تجزيو ڪرڻو پوندو ۽ انهيءَ لاءِ به جدا مضمون قارئين جي خدمت ۾ پيش ڪبو ته آخر انسان غلط ڪم ڇو ٿو ڪري ۽ ڪيترين ئي هن وقت تائين ڪيل ڪوشش جي باوجود برائي گهٽجي ڪانه ٿي، پر وڌندڙ نظر اچي ٿي. هن وقت انهن سيني خرابين جي بنيادي سببن مان هڪ سبب ته تعليمي جهالت آهي، جنهن جو هڪ ڪارڻ ته مٿي ڄاڻايو سين باقي اچو ته هاڻي ڏسون ته پڙهيل ماڻهو پڙهڻ وقت ڇو تا ٻڙجي ٿو وڃي، انهيءَ جا گهڻا سبب ٿي سگهن ٿا پر ڪجهه بنيادي ۽ اهم سبب هيٺ ڏجن ٿا. هڪ ڳالهه تمام زياده اهم ۽ سمجهڻ لائق آهي ته اعليٰ فني تعليم، اعليٰ قدرن واري ۽ اعليٰ تعليم ڪانسواءِ انسان جو سڌرڻ تمام مشڪل آهي، جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

رات سهائين پون سنئين پائي گهرجي پلُ
آهُرَ ۾ ايلا چيون چنڊن چري چل
مون توهين سين ڳالهڙي ٻئي ڪنهن مَ سل
هَا هُرَ ڪندو هل ته ڪِجايون ڪرن ڪي

(1) پهريون سبب مٿي بيان ڪري آياسين ته مفادپرست طبقي عوام کي ڄاڻي ٻجهي جاهل رکيو جيئن اسان جي ملڪ ٺهڻ ڪانپوءِ هن وقت تائين، جيڪي حڪومتون آيون، انهن ڪڏهن به ڪوشش وٺي تعليم تي صحيح بجيٽ ڪانه رکي، قومي آمدني جو صرف هڪ ڏيڍ سيڪڙو رکن ٿا. جڏهن ته ٻين سڌريل ملڪن ۾ قومي آمدني جو ويهه کان چاليهه سيڪڙو تعليم تي خرچ ڪيو ٿو وڃي، تنهنڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته اسان جي بالادست طبقي جن جي هٿ ۾ حڪومتون رهيون آهن، انهن دلي طور تي ڪونه پئي چاهيو ته ڪو تعليم سڌري ۽ غريب تعليم حاصل ڪري خوش ٿئي. هنن غريب عوام جو استحصال پئي چاهيو ۽ تعليم کي نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڌاري پنهنجو هر طرح جو يعني معاشي ۽ سياسي استحصال جاري رکڻ چاهيو ٿي.

(2) ٻيون نمبر سبب ته پڙهائڻ وارو پاڻ چڱي طرح سمجهيل ۽ سکيل هجي. جيڪڏهن پڙهائڻ وارو پاڻ ئي چڱي طرح سمجهيل ۽ سکيل نه هوندو ته ٻين کي ڪهڙي طرح سيکاري سگهندو ۽ خاص ڪري پرائمري تعليم لاءِ ته پڙهائڻ واري جو تمام سٺو ۽ قابل هجڻ ضروري آهي. اسان وٽ وري ان جي برعڪس سڀ کان گهٽ ۾ گهٽ تعليمي معيار صرف ماستري حاصل ڪرڻ لاءِ رکيل اهي، يعني هٿ وٺي قوم جي ٻارن جي تباهي ڪرڻي آهي. سڄي دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ ابتدائي تعليم جي لاءِ تمام سٺي ۽ وڏي سکيا ورتل استاد مقرر ڪيا ٿا وڃن، پر اسان وٽ مئٽرڪ پاس کي ماستر بڻايو ٿو وڃي. اها مئٽرڪ به گهڻو ڪري ڪاپي ڪري پاس ڪيل هوندين. هاڻي ته گهڻا مثال اڻ پڙهيل ماسترن جا به سامهون اچي چڪا آهن. ڪنهن به قسم جي ماستر لاءِ گهٽ ۾ گهٽ گريجوئيٽ ٽرينڊ (Trained Graduate) هئڻ لازمي شرط هجي. انهيءَ ڪري اُوترا استادن جي سکيا جا مرڪز کلڻ کپن ۽ ترجيح ايم اي ايم ايڊ (M.A, M.Ed) وارن کي ڏني وڃي. جيڪڏهن انهيءَ قسم جا تعليمي سڌارا يڪدم نه ڪيا ويا ته تمام وڏو قومي نقصان ٿي ويندو جنهن جو تدارڪ ڪرڻ وري وڏو مشڪل ڪم ٿي پوندو. انهيءَ سان گڏوگڏ استادن جي پگهار جا به سٺا اسڪيل ناهيا وڃن. جيڪڏهن استاد سکيا ورتل نه هوندا ته پاڻ ڪڏهن به چڱي طرح سان نه سيکاري سگهندا. مثال طور سائيڪل سيکارڻ وارو ڪتابن مان پڙهي سائيڪل هلائڻ ڪڏهن نه سيکاري سگهندو جيستائين پاڻ سائيڪل هلائڻ نه ڄاڻندو هوندو. اهڙي طرح سان ترڻ به هڪ فن آهي، اهو صرف ڪتابن مان پڙهي ڪير به پاڻ نه سکي سگهندو جيستائين پاڻيءَ ۾ لهي پاڻ ٿاڦوڙا هڻي. سکي ته جلد سکي ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر جيڪڏهن ڪو سکيل تارون کي تربيت ڏيندو ته اجا جلد سکي سگهندا. هر ڪنهن قسم جي فن کي سکڻ ڪانپوءِ وري ان تي عمل ڪرڻ يعني (Practice) جي ضرورت هوندي آهي. جنهن جي ذريعي مهارت حاصل ٿيندي اسان وٽ تعليمي ادارن ۾ (Drilling) ۽ (Practicing) جي تمام گهٽي کوٽ آهي. تنهن ڪري سنا ماهر گهٽ ٿا پيدا ٿين. اسان وٽ استاد لاءِ مئٽرڪ جو معيار صرف انهيءَ ڪري رکيو اٿن جو تعليم کي اهميت گهٽ ڏني ويئي آهي ۽ حڪومتي بالادست طبقو عوام لاءِ سٺي تعليم چاهي ئي ڪونه ٿو ته پوءِ اهڙا قاعدا قانون ڇو جوڙيندو جيڪي عوام جي ڀلي خاطر هجن. پر هاڻي ملڪن جي ترقي جو دارومدار اچي تعليم تي بيٺو آهي. تنهنڪري تعليم ڏيڻ سيني وڏن ماڻهن جي به ضرورت ٿي پيئي آهي. نه ته سندن ڪاروبار ۽ ڪارخانن ۽ صنعتي يونٽن جي مشينن جي ڪاڪردگي ڪير نه ٺيڪ سنڀالي سگهندو. اڄ ڪلهه سٺي ۽ فني تعليم ڪانسواءِ هاڻي ڪوبه ملڪ صنعتي ترقي نه ڪري سگهندو. ۽ وري جيڪڏهن صنعتي ترقي ۾ ڪو ملڪ پوئتي رهي ويندو ته پوءِ اتي جو عوام سک جو ساهه نه کڻي سگهندو ۽ خراب حالات کان متاثر ٿيندو.

(3) علم پرائڻ ۽ پڙهڻ جي ٽين دشواري اها آهي ته پڙهائيندڙ ۽ پڙهندڙ ٻنهي کي خبر ئي نه هجي ته هي پڙهائي حياتي ۾ ڪهڙي عملي افاديت رکي ٿي. يعني زندگي ۾ اهو علم ۽ ڄاڻ ڪهڙي خاص مقصد ۾ اڪثر اچي سگهي ٿي يا ان کي ڪهڙي طريقي سان استعمال ڪري سگهبو. چڱي طرح سان پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو دارومدار گهڻي ڀاڱي انهيءَ ڳالهه تي به آهي ته ان علم کي پڙهائي ڇا ڪبو يعني ان جي قابل عمليت (Applicability) ڪيتري آهي. اسان وٽ استادن کي خبر نه اهي ته ڇالاءِ ٿا پڙهائن ۽ شاگردن کي خبر ڪونه آهي ته ڇو ٿا پڙهن. تنهنڪري پرائمري تعليم کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ يڪدم سڄي تعليمي نظام کي اهڙي نموني تي تيار ڪيو ويجي ته مختلف شعبا ٺي وڃن ۽ انهن جي تعليم انهيءَ طريقي سان ان علم جي سکيا ورتل استاد ڏين ۽ انهيءَ ۾ شاگردن جي پنهنجي مرضي ۽ شوق مطابق داخلا ٿي وڃڻ کپي. هن وقت اٿين جماعت ڪانپوءِ ڪجهه شعبا جدا ڪيا ويا آهن، پر اُهي ناڪافي آهن. پرائمري ڪانپوءِ ڪاٻه جنرل يعني عام تعليم نه هجي، پر شعبا مختلف ٿي وڃڻ کپن ۽ هر ڪنهن کي پنهنجي شوق ۽ لاڙي مطابق شعبو چونڊي تعليم جو حق حاصل هئڻ کپي.

(4) چوٿين رڪاوٽ جيڪا علم پرائڻ ۽ پڙهڻ ۾ سامهون اچي ٿي،اها آهي پڪا ضدي خيال (Ide'e_Fixe) انهيءَ قسم جا خيال، جن کي ضد جهڙا خيال به چئي سگهجي ٿو اهي انسان جي علم پرائڻ ۽ سمجهڻ ۾ وڏي رڪاوٽ وجهن ٿا. خيال ته تمام گهڻن قسمن جا ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري انهن کي دنيا ۾ عملي طور آزمائڻ ۽ جانچي ڏسڻو ته اهي ڪم جا خيال آهن يا بيڪار خيال آهن.ناڪاره خيالن کي ڦٽي ڪرڻو پوندو. هر خيال کي آزمائڻ ۽ ڪنهن به خيال کي بنا سوچ ۽ ويچار جي ۽ بنا صحيح آزمائش جي قابل قبول نه سمجهيو ويندو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ضد ڪري مقرر ۽ خصوص خيالن تي ہڏي ٻيهي رهندو ته انهيءَ قسم جا سنڌس خيال Ide'e_Fixe() هوندا ۽ اهڙن خيالن واري ماڻهون جو علم پرائڻ جو وڏو دروازو بند ٿي ويندو نه رڳو ايترو، پر اهو ماڻهو وڏي گمراهي ۾ ڪري پوندو جنهن جو وڏو سبب ۽ ڪارڻ سندن اهي مخصوص ۽ ضدي خيال ٿيندا. جيڪي سندس پڙهڻ ۽ علم پرائڻ ۽ سمجهڻ ۾ وڏي رڪاوٽ ٿي بيهندا. ضدي خيالن وارو ماڻهو گهٽو ڪري صحيح فيصلو به نه ڪري سگهندو. چاڪاڻ ته هن جي ضدي خيالن جي ڪري هن وٽ صحيح ڄاڻ اچي ئي ڪونه سگهندي تنهنڪري جيڪڏهن ماڻهو صحيح خيالن کي ترجيح ڏيئي اپنائيندو ۽ غلط خيالن کي ڇڏڻ لاءِ تيار رهندو تڏهن جلدي سکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهندو ۽ سمجهندو ۽ هوشيار ٿيندو.

(5) پنجين رڪاوٽ جيڪا علم پرائڻ ۽ پڙهڻ ۾ حائل ٿئي ٿي سا آهي لفظن جو نہ سمجهڻ. جيڪڏهن بنا لفظن سمجهڻ جي ماڻهو پڙهندو رهندو تہ ٿوري ئي وقت ۾ توهان خود مشاهدو ڪندؤ تہ هو پڙهڻ ڇڏي ڏيندو جيڪڏهن انهيءَ ئي عمل کي ٻيهر نموني ڏسندؤ تہ جيڪي ماڻهو پڙهڻ سان شوق گهٽائين ٿا يا پڙهڻ کان ڪيٻائين ٿا. يا پڙهڻ بلڪل ڇڏي ڏين ٿا. ان جو واحد سبب اهو آهي تہ انهن لفظن کي سمجهڻ ڇڏي ڏنو ۽ جڏهن اهڙن اڻ سمجهيل لفظن جو ذخيرو وڏي ويو تہ پوءِ هنن لاءِ پڙهڻ بلڪل مشڪل ٿي پيو ۽ مواد جي نہ سمجهڻ جي ڪري پڙهڻ ڇڏي ويهي رهيا. پڙهڻ ڇڏي ڏيڻ يا مواد جي سمجهہ ۾ نہ اچڻ صرف ۽ صرف لفظن کي نہ سمجهڻ جي ڪري ٿيندو آهي. تنهنڪري اهو تمام ضروري آهي تہ انفرادي پڙهائي ۾ يا اسڪولن ۽ ڪاليج ۾ اهڙي طريقي سان پڙهائجي جو ڪوبہ هڪ اکر يا لفظ بنا سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي نہ رهجي وڃي. انهيءَ جي لاءِ شاگردن کي هر زبان جي سٺي ڊڪشنري ميسر هئڻ کپي. عام طرح سان مطالع وارن کي بہ سٺيون ڊڪشنريون موجود هئڻ کپن تہ جيئن ئي ڪو ڏکيو لفظ اچي تہ ان کي سمجهي صفا ڪري پوءِ پڙهائي جو سلسلو جاري رکن نہ تہ مواد يا تہ سمجهہ ۾ بہ نہ ايندو تہ ماٿهو ۾ مونجهارا پيدا ٿيندا ۽ پاڻ کي منجهيل محسوس ڪندو. انهيءَ طرح سان اهڙن شاگردن يا مطالعو ڪرڻ وارن کي عام زندگي ۾ بہ مونجهارا پيدا ٿيندا. جن جو مشاهدو اکين آڏو بہ آهي. جو اسان جو شاگرد طبقو اهڙن ئي مونجهارن جو شڪار آهي. اڻ سمجهيل لفظن جي ڪري مونجهارن کان علاوه مٿي جو سور اکين جي تڪليف ۽ ڪن حالتن ۾ پيٽ جي خرابي بہ پيدا ٿئي ٿي ۽ چڙچڙاهٽ تہ خاص طرح سان اهڙن ئي ماڻهن ۾ گهڻي ٿيندي آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڻ سمجهي ٿو تہ لفظن کي سمجهي پڙهڻ سان تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گھڻو وقت لڳي ٿو وڃي، اها ڳالهه ته صحيح آهي. لفظن کي سمجهي پڙهڻ سان شروعات ۾ گهڻو وقت لڳندو ۽ پڙهڻ جي رفتار گهٽ رهندي، پر ٿوري وقت جي اندر لفظن جو ذخيرو (Vocabulary) وڌي ويندو ۽ پڙهڻ جي رفتار به بهتر ٿيندي ويندي، پر جيڪڏهن پهريائين ڪوبه فرد تکڙ ڪري بنا سمجهڻ جي اڳتي وڌندو ويندو ته پوءِ جلدي پڙهڻ کان دل ڪٽي ٿي پوندس ۽ پڙهڻ ٿي ڇڏي ڏيندو. تنهنڪري بهتر ائين آهي ته پهريائين ڪجهه تڪليف برداشت ڪري چڱي طرح سان سمجهي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وارو رواج ۽ عادت وڌي وڃي، جنهن جا تمام گهڻا فائدا ٿيندا.

بيوقوفي جيڪا اڳ ۾ ڪير چڱي طرح نه سمجهائي سگهندو هو هاڻي هن نموني سان ان جي تشريح سمجهه ۾ اچي ٿي، ڪوبه ماڻهو ايترو ئي بيوقوف آهي جيترو اڻ سمجهيل لفظن جو ذخيرو اٿس. جيڪڏهن گهڻا لفظ اڻ سمجهيل اٿس ته وڏيون بيوقوفيون ڪندو ۽ جيڪڏهن ٿورو ذخيرو اٿس ته گهٽ بيوقوف هوندو. هاڻي اسان جي تعليم جو نظام ته صرف بيوقوفي کي وڌائي رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته لفظن کي سمجهي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وارو رواج ئي ڪونه پيل آهي.

سڀ موضوع ۽ علم لفظن جا ٺهيل آهن. ڪوبه علم ڏکيو نه هوندو آهي، جيڪڏهن ان جا مخصوص ۽ عام لفظ سمجهه ۾ اچي وڃن. مثال طور: توهان ڪنهن به موضوع تي هڪ يا ٻه صفحا اهڙي طرح سان پڙهي ڏسو ته پهريائين ان جا سڀ ڏکيا ۽ نه سمجهه ۾ ايندڙ لفظ سٺي لغت (Dictionary) مان صاف ڪري پوءِ وري انهن صفحن کي پڙهي ڏسو ته توهان کي مطلب چڱيءَ طرح سان سمجهه ۾ اچي ويندو. ظاهر ڳالهه آهي ته سڀ ٻوليون ۽ علم لفظن جا ٺهيل آهن. جيڪڏهن لفظ سمجهه ۾ ايندا ته پوءِ علم ۽ ٻوليون به سمجهه ۾ اينديون. اهڙي طرح سان شاگردن کي الفاظ چڱي طرح سان سمجهائي پڙهائڻ سان گڏ ڏاڪي به ڏاڪي پڙهائجي ته بهتر ٿيندو ۽ جيڪي شيون پڙهائڻ وقت ٻڌائجن انهن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو نمونو ضرور انهن ڪي مادي شڪل جي صورت ۾ ڏيکارجي ۽ اڄڪلهه ته وڊيو جو سڄو نظام اچي ويو آهي. انهن شين جون وڊيو پڪچرس شاگردن کي ڏسجن ته وڌيڪ بهتر ٿيندو پر جيڪڏهن ائين نه ڪبو ته شاگردن جي پڙهائي تي وڏو اثر پوندو ۽ سندن جسماني صحت به خراب ٿيندي ۽ نفسياتي روڳ به پيدا ٿي پوندو. علم جي نين ڪوجنائن مطابق انهيءَ طرح سان پڙهائڻ ۽ پڙهڻ مان بيحد فائدو ٿيندو ۽ ائين نه ڪرڻ سان بيحد نقصان ٿي ويندو. ايتري قدر جو اڻ سمجهيل ڳالهين ۽ اڻ سمجهاڻپ جي ڪري اخلاقي ڪمزوريون به پيدا ٿي وينديون آهن. جن جي ڪري تهذيبن جو موت به واقع ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن سنڌي قوم کي به پنهنجي تهذيب بچائڻي آهي ته سمجهه ۽ سوچ سان سمجهي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ تي تمام گهڻو ڌيان ۽ زور ڏيڻو پوندو ني صورت ۾ جيڪي تاريخ ۾ ٻين تهذيبن ۽ قومن جو حشر نشر ٿيو آهي. اهو ئي نه اسان جو به ٿي ويجي. اسان وٽ وڏي عرصي کان وٺي سڄي قوم کي جاهل رکڻ جي مفادپرست طبقي هٿ وٺي پوري ڪوشش ڪئي آهي. سمجهن پيا ته انهيءَ مان ڪين وڏ ماڻهپ بحال رکڻ ۾ مددملندي. پر اهو ڪونه سوچين ته اهڙي طرح سان ته هو خود به متاثر ٿيندا ۽ جڏهن سڄو معاشرو بديءَ جي لپيٽ ۾ اچي ويندو ته سڀني کي نقصان ٿيندو. رومن تهذيب جي ختم ٿيڻ جي سببن ۾ وڏو سبب جهالت سبب پيدا ٿيل اخلاقي ڪمزوريون ئي هيون. هڪ مغربي مفڪر هيئن به چيو ته ”روم جهالت کي سمجهڻ ۾ ئي سمجهي ڪري ويو.“

(Rome at the time of fall was illiterate on the subject of illiteracy,)

اهو ئي اڄڪلهه اسان جي قوم ۽ وس وارن جو حال آهي ته هو جهالت دور ڪرڻ ۾ خود وڏي جهالت جو مظاهرو ڪري رهيا آهن. پر هاڻي انهن کي اهو رويو ختم ڪرڻو پوندو ۽ يڪدم تمام سٺا تعليمي سڌارا ڪري قوم کي تعليم ڏيڻي پوندي نه ته تباهيءَ کان قوم به ڪانه بچندي ۽ وس وارا پاڻ کي به ڪونه بچائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهندا. هاڻي ترقي جو سڄو دارومدار تعليم تي ٿي ويو آهي. تنهنڪري فوجي خرچ گهٽائي عوام کي تمام جلد ضروري تعليم ۽ بنيادي حق ڏيڻا پوندا. تعليم نه ڏيڻ جي ڪري عوام ناڪاره ۽ نڪمو ٿي ويندو ته پوءِ اهو قومي ترقي ۾ ڪهڙو ڪردار اداري سگهندو؟

عوام کي به خود هاڻي انهن ڦندن مان آزاد ٿيڻ لاءِ خبرداريءَ ۽ تدبر سان تمام گهڻي سخت محنت ڪرڻي پوندي. قوم جي دانشورن کي چڱي طرح سان سمجهي سوچي قومي رهنمائي جو حق ادا ڪرڻو پوندو. جمهوريت، سياست ۽ حڪومت جي اصليت ۽ بنيادن کي سمجهي پوءِ عوام کي به سمجهائڻو پوندو.

ڪامياب ۽ ناڪام ماڻهو جو فرق به گهڻي ڀاڱي سمجهڻ ۽ نه سمجهڻ جو آهي. جيڪو هر ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ سمجهندو اهو ڪامياب ۽ جيڪو نه سمجهندو اهو ناڪام. اسان وٽ جيستائين تعليم جي شرح وڌي تيستائين ته خاص طرح سان دانشور طبقي جو فرض آهي ته اهو چڱي طرح سان غور ڪري، بصيرت حاصل ڪري، وري هر ڳالهه کي وائکو ڪري عوام جي سامهون پيش ڪري، ته جيئن عوام جي اڳيان صحيح ڄاڻ جو مواد موجود هجي جيئن ڪين وڏيڪ دوکو نه ڏنو وڃي.

(6) ڇهين رڪاوٽ، جيڪا پڙهڻ ۽ علم پرائڻ ۾ اچي سگهي ٿي اها آهي مقصد ۽ قابل عمل هجڻ کان اڻ واقفيت. تعليم بغير مقصد جي بيڪار ۽ مرده تعليم آهي. ڪيترا موضوع مرده ٿي چڪا آهن ۽ ڪيترا فن به مرده ٿي چڪا آهن. هاڻي انهن جي تعليم ڪنهن نه ڪم جي آهي. مثلاً ڪو زمانو هو ته تلوار جي وڏي اهميت هئي ۽ تلوار سازي وڏو هنر هوندو هو پر هن وقت جيڪڏهن ڪير تلوار ٺاهڻ جي هنر جي تعليم وٺندو ته اها ڪهڙي ڪم جي ٿيندس. اهڙي طرح سان ٻين ڪيترن هنرن جو مثال وٺي سگهجي ٿو. ان کان علاوه ٻيا ڪيترا علمي موضوع آهن، جن جي اڄڪلهه ڪا به افاديت نه آهي. تنهنڪري اهڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علمن جو پڙهڻ فضول آهي. علم پرائڻ لاءِ پهريون سوال ۽ نهايت اهم سوال ٿي اهو آهي تہ هي علم ڇالاءِ حاصل ڪريون. اهو اسان جي ڪهڙي ڪم ايندو جيڪڏهن هي بنيادي سوال حل ٿيل نہ هوندو تہ پڙهڻ بلڪل بيسود ٿي ويندو تعليم جو مقصد آهي. "ڄاڻڻ". جيڪڏهن ماڻهو ڄاڻڻ وارو نہ ٿيو ۽ سکي نہ سگهيو تہ پوءِ اها تعليم بيڪار چئبي. جيڪڏهن انجنيئر پل نہ ٺاهي سگهي، ڊاڪٽر دوا ڏئي مريض کي خوش نہ ڪري سگهي تہ پوءِ تعليم ۽ سکيا ڪهڙي ڪم جي. تعليم جو ڪم آهي. شاگرد کي هوشيار بڻائڻ پر اسان جي تعليم تہ اٿلندو شاگرد کي نڪمو ۽ بيڪار بڻائي ٿي ڇڏي. ٻيو تعليم جو مقصد آهي عملي قابليت پيدا ڪرڻ يعني عملي ڪمن ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ. جيڪڏهن ڪنهن بہ شاگرد يا فرد ۾ تعليم اهي خاصيتون نہ ٿي پيدا ڪري تہ پوءِ اها تعليم ڪهڙي ڪم جي چئبي. تعليم جو ڪم آهي ڪنهن نہ ڪنهن هنر ۾ ڏنڌي جي ڪرڻ لائق بڻائڻ ۽ جيڪڏهن نظرياتي تعليم آهي تہ ان جو بہ مقصد اهو آهي تہ انهيءَ نظرياتي علم يا پهلوءَ کي وري ٻي هنڌ پيش ڪرڻ جي قوت ۽ اهليت ۽ صلاحيت پيدا ڪرڻ. اسان جو تعليم جو نظام نہ تہ سکيا ٿو ڏئي ۽ نہ ڄاڻ ٿو ڏئي. تنهن ڪري اسان جي ٻارن جي حالت رحم قابل آهي. جنهن قوم جو تعليمي نظام ايترو تباهہ ٿي وڃي ۽ پوءِ بہ وس وارن کي ڪا اڻ تڻ ٿي نہ هجي.

تعليم جو ٻيو اهم مقصد آهي ڳالهائڻ جي قوت پيدا ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ سيکارڻ. ڇاڪاڻ تہ انسان جي سڄي قابليت آهي ڳالهائڻ جو فن سکڻ انسان جي بنيادي وصف بہ ڳالهائڻ آهي. جيڪڏهن ڪير ٻنهي نہ ڳالهائيندو تہ اهو مرده ليکيو ويندو. انسان اوتروئي زنده آهي، جيترو ڳالهائي سگهي ٿو. اڄڪلهہ وڏو هنر ٿي ويو آهي ۽ انهيءَ جي سکڻ لاءِ بہ وڏي مٿاڪٽ لڳي پئي آهي. ڳالهائڻ جي قوت (Commuication) تي سڄي دنيا جي ڪاروبار جو انحصار آهي. تنهنڪري تعليم جو مکيہ مقصد آهي. ڳالهائڻ جي سگهہ پيدا ڪرڻ. اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وت ته انهيءَ قسم جي تعليم کي اهڙي اهميت ڏني ئي ڪانه ٿي وڃي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ماڻهن کي ڳالهائڻ سيکاريو ويندو ته پوءِ اهي بيباڪ ٿي پنهنجا حق گهرندا، تنهنڪري مفاد پرستن طرفان سلسلو اهڙو رکيو ويو ته جيئن شاگردن ۽ عام ماڻهن ۾ ڳالهائڻ جي سگهه ڪنهن به طرح سان پيدا نه ٿئي ۽ ماڻهو انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا هجن، بهرحال هاڻي ماڻهن کي پنهنجي ڀلائيءَ لاءِ واڪا ڪرڻا پوندا ۽ وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي.

(7) ستين رڪاوٽ علم پرائڻ ۽ پڙهڻ ۾ "سمجهاڻپ" جو گهٽجي وڃڻ يا گهٽ هجڻ آهي، سمجهاڻپ (Understanding) يا ناهه جو سڄو دارومدار وري سندس جزن تي آهي، جيڪي سندس لازمي جزا آهن، جيڪڏهن اهي جزا گهٽبا ته سمجهاڻپ به گهٽبي. جيڪڏهن هڪ جزو گهٽبو ته ٻيا به لازمي گهٽبا ۽ جيڪڏهن ٻه جزا گهٽبا ته لازمي طرح سان ٽيون جزو به گهٽبو ۽ نتيجي طور سمجهاڻپ به گهٽبي، سمجهاڻپ (Understanding) جو پهريون جزو آهي رابطو (Communication) ۽ ان جو ٻيو جزو آهي قرب (Affinity) ۽ ان جو ٽيون حصو جزو آهي، نقطهءِ نظر يا سمجهوتو (Reality) اهي ٽئي جزا هڪ ٻئي سان چڱي طرح سان لاڳاپيل آهن. جيڪڏهن رابطو گهٽ ٿيندس ته قرب به گهٽجي ويندو، جيڪڏهن اهي ٻئي گهٽبا ته نقطهءِ نظر ساڳيو يا ساڳي سطح جو نه رهندو ۽ سمجهوتو به نه ٿي سگهندو. جيڪڏهن ڪنهن به انسان سان، موضوع سان، جنهن به شي سان اهو قاعدو لاڳو ڪري ڏسندؤ ته توهان جي سامهون حقيقت کلي پوندي ته واقعي انهن ٽن جزن جي گهٽجڻ سان سمجهاڻپ گهٽبي ۽ انهن ٽنهي کي وڌائڻ سان سمجهاڻپ به وڌندي هي تمام طاقتور قاعدو آهي، جيڪو زندگي جي هر مرحلي سان لاڳو آهي ۽ سٺي زندگي جي ضمانت پڻ ڏئي ٿو پر هن قاعدي کي چڱيءَ طرح سان هنئين سان هنڊائڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن توهان کي ڪو موضوع سمجهڻو آهي، تڏهن به اهو قاعدو لاڳو ڪرڻو پوندو ۽ جيڪڏهن ڪو هنر سکڻو آهي تڏهن به اهو قاعدو لاڳو ڪرڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوندو. جيڪڏهن نوڪري چڱيءَ طرح ڪرڻي آهي، تڏهن به انهيءَ قاعدي جو
مهارو وٺڻو پوندو. ماڻهن سان ناتا ٺيڪ ڪرائڻا آهن، تڏهن به انهيءَ قاعدي کي
سمجهي عمل ۾ آڻڻو پوندو. جيڪڏهن توهان جا تعلقات ڪنهن سان ٺيڪ نه
آهن ته سواءِ رابطي کي بهتر ڪرڻ جو ٻيو ڪو به طريقو نه آهي. انهيءَ لاءِ رابطي
کي بهتر ڪري وڌايو. رابطي وڌڻ سان انهيءَ ماڻهوءَ ۾ يقينن قرب وڌندو ويندو
تيئن تيئن ان شخص سان سمجهاڻپ به وڌندي اهڙي طرح سان ڪنهن سان
جيڪڏهن انسيت يعني قرب وڌندو ته رابطو به وڌندو ۽ نقطءِ نظر به ٺيڪ ٿيندو
ته پوءِ سمجهاڻپ به وڌندي ڪنهن به موضوع سان قرب يعني ويجهڙائپ يا انس
وڌائيندو ته انهيءَ سان رابطو ڪندو ۽ اهڙي طرح سان اهو موضوع توهان جي
سمجهاڻپ جي دائري ۾ اچي ويندو. جيڪڏهن شوق سان ۽ انس سان رابطو
ڪندؤ ته نقطءِ نظر بهتر ٿيندو ۽ توهان جي سمجهاڻپ بهتر ٿيندي جيڪڏهن
رابطو گهٽ ٿيندو ته پوءِ ٻيا جزا به گهٽ ٿي ويندا، جيئن سنڌي بهاڪو آهي "
جيڪي چُلهه تي سي دل تي". چاڪاڻ ته پري وڃڻ جي ڪري رابطو گهٽڻ
ڪري گهٽبوءِ انهيءَ صورت ۾ قرب گهٽبوءِ انسيت به گهٽ ٿيندي ته پوءِ
يقيني طور تي سمجهاڻپ به گهٽ ٿي ويندي. تنهنڪري سمجهاڻپ
(Understanding) وڌائڻ لاءِ انهيءَ جي ٽنهي جزن کي وڌائڻو پوندو يعني رابطو
(Communication) ۽ قرب (Affinyt) انهن جزن کي چڱيءَ طرح سان
سمجهي ۽ زندگي جي هر شعبي سان لاڳو ڪرڻ سان بيحساب فائدا ٿيندا ۽
عام طرح سان هر قسم جي سمجهاڻپ وڌندي انهيءَ علم کي انساني معاشري
جي بهتريءَ لاءِ تمام گهڻي تفصيل ۽ وضاحتن سان وري ڪنهن ٻي وقت قارئين
جي خدمت ۾ پيش ڪبو.

(8) اڻين رڪاوٽ علم پرائڻ ۽ پڙهڻ جي آهي سلين ڊڪشنرين جي اڻ هوند.
اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ ڊڪشنري، جيڪا ڊاڪٽر نبي بخش صاحب
ناهي اها به اڻ لڀ آهي. توهان انگريزي کي ڏسو ۽ ان ۾ ڊڪشنرين جي تعداد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي ڏسو تہ ڪيترو نہ وڏي تعداد ۾ هر قسم جون ڊڪشنريون موجود آهن. تمام گهڻا ۽ وڏا ادارا آهن. جيڪي طرح طرح جون ڊڪشنريون ڇاپي پڌريون ڪندا ٿا رهن. انهيءَ جي مقابلي ۾ اسان وٽ تہ ڊڪشنري جو وجود بہ موجود ڪونهي. ڇو تہ اسان ڪي سچي ٻولي اچي ويئي ۽ لغت جي ڪا ضرورت ئي نہ آهي. پر اها اسان جي تمام وڏي ڀل آهي ۽ انهيءَ جا گهڻا نقصان آهن. لفظن نہ سمجهڻ جي ڪري مونجهارا ٿا پيدا ٿين ۽ انهن مونجهارن جو اثر سچي معاشري تي ٿئي ٿو تنهنڪري تمام ضروري آهي تہ سنڌي جون بہ سڦيون ڊڪشنريون جوڙيون وڃن ۽ انهيءَ ڪانسواءِ انگريزي جي بهترين ڊڪشنرين جا ترجما ٿيڻ کپن. سنڌي دانشورن. استادن ۽ خاص طرح سان ريٽائرڊ استادن ۽ پين رٽائرڊ تعليم کاتي جي آفيسرن ڪي گذارش آهي تہ پنهنجي وقت ڪي وچائڻ جي بدران مهرباني ڪري ان ڪي ڪنهن قومي ڪم ۾ آڻين تہ بهتر ٿيندو. گهڻي ۾ گهڻو وقت يعني ماڻهن جي ڪم وارا ڪلاڪ ضايع ٿي ٿا وڃن. جيڪڏهن اهي سڀ هن قومي ڪم ۾ گڏجي هڪ ٿي سان ساٿ ڏئي ڪم ڪن تہ اسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ لفظن جي ذخيري ڪي بہ وڌائي محفوظ ڪري سگهنداسين ۽ اهڙي طرح سان پنهنجي تهذيب بہ بچائي سگهنداسين. جنهن ٻولي ۾ ڊڪشنريون گهٽ هونديون تہ اها ٻولي شاهوڪار هوندي بہ سچي تي ويندي ۽ سچي ٻولي سڏبي. تنهنڪري سڀ ڪان اهميت وارو ڪم جيڪو سنڌي ڏاها دانشور ۽ اديب چڱيءَ طرح ڪري سگهن ٿا اهو جلد کان جلد ٿيڻ کپي. اڻ سمجهيل لفظن جي تباهہ ڪري مٿي بيان ڪري آيا آهيون. تنهنڪري اهو ضروري آهي تہ پنهنجي قوم ڪي لفظن سمجهڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ سنڌي لغتون ناهي پڌريون ڪيون وڃن. بهرحال. هن وقت تہ استادن تي سچو بار آهي تہ هوٻارن ڪي هڪ هڪ لفظ ۽ ان جو اشتقاق چڱيءَ طرح سان سمجهائن نہ تہ پڙهڻ واري صلاحيت ختم ٿي ويندي انهيءَ قسم جي تباهہ ڪاري جا ڪجهہ اثر هن وقت پاڻ ڏسي رهيا آهيون. هي ڪاليج جا شاگرد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي ڪاپي جي ڪيا آهن، سو به انهيءَ ڪري آهي، جو هو ويچارا پاٺ پڙهي ۽ سمجهي نه ٿا سگهن. ان ڪان علاوه جهيڙا جهڳڙا به انهيءَ اڻ سمجهائپ جو نتيجو آهن. جيڪڏهن سمجهي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ تي زور ڏيو ته معاشري جو سڌارو ٿي سگهندو، ورنه حالت اهڙي جا اهڙي رهندي.

(9) نائين رڪاوٽ جيڪا علم پرائڻ ۽ پڙهڻ ۾ حائل ٿئي ٿي اها آهي سزا. جيڪا شاگردن کي ڏني وڃي ٿي ۽ جنهن جي ڪري ڪيترا شاگرد اسڪول ڇڏي وڃن ٿا ۽ ڪيترا وري بي سمجهه ۽ جڏا ٿي وڃن ٿا. ٻارن کي جسماني طرح سان مارڻ ان ٻار جي سڄي عمر به تباهه ڪري سگهجي ٿو ۽ هن جي پڙهائي به ختم ٿي سگهي ٿي، پڙهائي ڇڏي به سگهي ٿو ۽ ڪن حالتن ۾ ته بلڪل پاڳل به ٿيڻ جا امڪان آهن. تنهنڪري ننڍين ٻارن کي مارڻ اسريل ملڪن ۾ ڏوهه ڄاڻ ڪيو ۽ انساني حقن جي واسطي سان انهيءَ معاملي کي به هر سطح تي ڪٽڻ گهرجي. ٻار جي پڙهڻ ۾ ڪوتاهي يا اسڪول ۾ نه اچڻ يا ڪا بي غلطي هجي ته ان جا اصلي ڪارڻ ڳولهي علمي طرح سان حل ڪيا وڃن. باقي انهيءَ جي لاءِ ٻار کي مارڻ يا جيئن عام طرح سان ٻهراڙي جي اسڪولن ۾ استاد شاگردن کي موچڙن جا زيپٽ لڳايون وينا آهن ته هو ڪنهن به طرح نه رڳو صحيح نه آهي، پر ٻارن لاءِ هاڃيڪار ڳالهه آهي.

(10) نين ڪوجنائن مطابق انسان کي تباهه ڪرڻ ۾ مار ڪان وڌيڪ بي ڪنهن به ڳالهه جو حصو گهٽو آهي، يعني انسان لاءِ وڌ ۾ وڌ تباهه ڪاري ايذاءَ ڏيڻ جي ڪري ٿئي ٿي، انهيءَ جا ايترا ته گهڻا ۽ ڳوڙها نفسياتي پهلو آهن، جن جو جيڪڏهن انهن تي بحث ڪجي ته جدا مضمون ۽ ڪتاب لکڻ جي ضرورت پوندي ۽ اميد ته اڳتي انهيءَ لاءِ به جدا مضمون لکيو ويندو. بهرحال، هن وقت ايترو سمجهڻ گهرجي ته ٻارن کي سنڀالڻ ۾ خاص خيال رکجي ۽ پيار ۽ قرب سان ٻار کي سمجهائجي ۽ سنڀالجي، ڪنهن به طرح سان مار ڏيڻ جو ڪو به جواز ڪونهي، پراڻو ٻهاڪو استحصالي ٻهاڪو هيو جيڪو انگريزن هٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ لاءِ مشهور ڪيو ته جيئن اسان جا ٻارَ ۽ نسل تباهه ٿين يعني "مار ٻار جي سنوار" انهيءَ ڪان وڌيڪ گمراهه ڪن ڪا به ٻي ڳالهه ڪانه ٿي سگهي ٿي سزا ڏيڻ سان دنيا ۾ ڪڏهن به ڪو سڌارو نه آيو آهي ۽ نه وري اچي سگهي ٿو. هاڻي سڌاري لاءِ به سمجهائڻ جي علمي طريقي سان نفسياتي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ سان ئي انسانن کي درست ڪري سگهجي ٿو. سزا ته ويتر ڪم خراب ڪيو آهي. اها ته مفادپرست طبقي وارن ماڻهن جي وڏي چال هئي ته جيئن عام انسان ۽ غريب کي ۽ سندس اولاد کي سزائون ۽ ايذاءَ ڏئي تباهه ۽ برباد ڪيو وڃي. سزا جي لاءِ شروعات لٺ بائي کان ٿي ۽ تيرن، نيزن، تلوارن کان وڌندي وڃي بندوق، رائيفل، ڪليشنڪوف، بمبارن ۽ بم گولن جهڙن مهلڪ هٿيارن تائين پهتي. پر انهيءَ سڄي ڏاڍ ۽ ظلم جي ڪري ڪو دنيا سڌري يا ڪنهن دنيا ۾ آڻ مڃي ڪڏهن به ائين نه ٿي سگهندو. انسان جي عزم ۽ همت آڏو ۽ سندس علمي ڪاوشن ۽ ڪوجنائن جي ڪري سڀ غلط طريقا متجي ويندا. روس جي وڏي ۾ وڏي فوج روس کي سنڀالي نه سگهي ۽ انسانن جي همت ۽ عزم انهيءَ وڏي فوج کي بيطاقت ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح سان سڄي دنيا مان زور ۽ زبردستي اڄ نه ته سڀاڻي ضرور ختم ٿيڻي آهي. تنهنڪري هاڻي هر قسم جي زور زبردستي ڏاڍ ۽ ظلم کي نفرت جي نگاهن سان ڏٺو ويندو ۽ جلد اهي سڀ غلط طريقا دنيا مان ختم ٿي ويندا.

تنهنڪري ٻارن جي سڌاري لاءِ هاڻي جديد سائنسي طريقا اختيار ڪري انهن جي پڙهائي جو سٺو بندوبست ڪجي ته قومي ترقي جلد ٿي سگهندي. بهرحال هر ٻار جي ماٽن کي آگاهه ٿو ڪجي ته عام طرح سان هر انسان لاءِ جسماني تشدد تمام پيانڪ ۽ خطرناڪ حد تائين نقصانڪار عمل آهي. پر ٻارن کي مارڻ ته وري انهيءَ کان به وڌيڪ تباهي آهي. تنهنڪري مهرباني ڪري انسانن تي تشدد ۽ ٻارن کي مارڻ جي خلاف هڪ جيترو آواز اٿاريو وڃي. ٻارن کي ۽ وڏن کي ڪي سڌارڻ لاءِ جديد سائنسي علمي طريقا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

استعمال ڪيا وڃن. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ قومي ترقي جي راهہ ڪڏهن بہ ڪانہ کلي سگهندي علم پرائڻ ۽ پڙهڻ جي عمل ۾ پيون گهٽيون وري خارجي رڪاوٽون جهڙوڪ: گورنمينٽ جون پاليسيون، نصاب جون ڪوتاهيون، مائٽن جي عدم توجهي، استادن کي اڻپوريون سهوليتون ۽ وري استادن جون زيادتيون، سياسي ڌرين جون مفادپرستيون، رشوت ۽ ڪاپي ڪرڻ جهڙيون تباهہ ڪن رسمون ۽ معاشري ۾ چڱي ڪم ڪرڻ يا ٻين جي خدمت ڪرڻ واري جذبي جي ڪمي ۽ ڪوتي ۽ ڪجهہ ٻيون اهڙي ئي قسم جون ڳالهيون تي سگهن ٿيون. انهن تي اڳ ۾ بہ گهڻن دانشورن لکيو آهي پر وري بہ انهن تي تفصيل سان هئي مضمون ۾ روشني وڌي ويندي

بهرحال، جيڪڏهن شاگرد، استاد ۽ گورنمينٽ جا ذميوار آفيسر انهن ذڪيل ڳالهين تي عمل ڪندا تہ سنڌن علم پرائڻ ۽ پڙهڻ ۾ گهٽ رڪاوٽون پيش اينديون ۽ گهڻن نقصان وارين غلط ڪارين جو ازالو ٿي ويندو. انهيءَ طريقي سان قومي تهذيب، ٻولي ۽ معاشري کي ڪيترن تباهہ ڪن اثرن کان بچائي سگهبو. انفرا ° طرح سان تہ ماڻهو انهيءَ نموني پڙهڻ سان پنهنجي سمجهہ جي توت کي وڌائي سگهندو. جيڪڏهن انهيءَ نموني سان پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وارا گهڻا سمجهدار ماڻهو پيدا ٿي پوندا تہ پوءِ اهي ماڻهو پنهنجي گڏيل جاکوڙ سان هن معاشري کي بہ سڌاري ۽ بچائي سگهندا.

اچو تہ سڀ پڙهيل دوست گڏجي علم پرائڻ ۽ سٺي طرح سان پڙهائڻ لاءِ جاکوڙ ڪريون. سڀني علم دوست، ڏاهن، دانشورن، اديبن، شاعرن، ليکڪن کي عرض تو ڪجي تہ سچي معاشري ۾ ڪنهن نہ ڪنهن منظم طريقي سان صحيح طرح سان علم پرائڻ جاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪن ۽ ٻين دوستن کي بہ اهڙي جدوجهد لاءِ تيار ڪن.

جان جيئرو آهين، تا جَلُ ڪانهي جاءِ جلڻ ريءَ
تتيءَ ڏڏيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ ۾ تعليم جي تباهيءَ جا بنيادي ڪارڻ!!

پاڪستان کي قائم ٿئي وڏو عرصو گذري چڪو آهي، انهيءَ سڄي عرصي ۾ هن ملڪ جي بدنصيبي چئجي جو ڪا به چڱي ڳالهه ملڪي سطح تي نه ٿي سگهي آهي. آئين صحيح طرح سان نه ٿي نه سگهيو پر جيڪو مرحوم ڀٽي صاحب ناهي ڏنو انهيءَ جو به حليو بگاڙيو ويو آهي. انصاف هنن ڪورٽن کان نه ماڻهن کي مليو آهي، نه وري ڪا اميد ٿي اٿن ته هن ڪورٽن جي نظام ذريعي ڪو سستو سنوءَ ترت انصاف به ملي سگهندو جڏهن خلق خدا کي فوريءَ صحيح انصاف نه مليو ته پوءِ اهو ملڪي نظام ڪهڙو چئبو رشوت جيڪا سڄي ملڪ ۾ عام جام آهي ۽ حڪومتي سطح تي انهيءَ جي مڃتا به ٿي چڪي آهي تنهن ڪورٽن جي چوديوارن کي به ڏاري وڌو آهي ۽ شايد ئي ڪنهن ڪورٽ جي ڪا ديوار ڏارن کان محفوظ هجي، جيئن شاعر چيو آهي:

لتجي ڦرجي پيو عوام
ڪهڙو آهه هي نظام

انتظاميه ته هن ملڪ جي هڪ پاسي مها "آڙيڪاپ" منافقت ۾ ماهر ۽ ٻئي پاسي رشوت ۾ پيڙ. اڄ ڏينهن تائين ڪير به سنڌن "وار به ونگو" نه ڪري سگهيو آحي. صدرن ۽ وزيرن جي چوڻ مطابق به اربين رپيا رشوت جي نذر ٿي تا وڃن، پر ڪو به تدارڪ نه ٿي سگهيو آهي. ڪيئن ٿئي؟ جنهنجي چوڻ وارا الزام ڏيڻ وارا به سڀ انهن جا ساٿاري ۽ ڀاڱي ڀائيوار هجن ته پوءِ مسئلو حل ڪين ٿيندو. اهڙي ناڪارا انتظاميا جي ڪري ته امن امان بحال نه ٿو ٿي سگهي. سنڌ سرڪار کي رئنجرس جي مدد سان هلايو پيو وڃي ۽ وقتا فوقتا، سرحد، بلوچستان ۾ به فوج جون خدمتون ورتون ٿيون وڃن. جمهوريت ۽ حڪومتون مختلف صورتن ۾ مفادپرست متاهين طبقي جي قبضي ۾ رهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. هي بالادستن وارو ٽولو سڄي ملڪ جي چار يا پنج سو خاندانن تي مشتمل آهي ۽ گهڻو ڪري پاڻ ۾ ويجها مائٽ آهن يا تمام سٺا تعلقات اٿن. هن طبقي ۾ خاص طرح سان چار گروهه شامل آهن.

(1) جاگيردار ۽ وڏو زميندار

(2) وڏو سرمائيدار ڪارخانيدار يا تاجر

(3) وڏو سول بيوروڪريٽ

(4) ملٽري بيوروڪريٽ.

انهن چئن گروهن جي ٽولي ۽ سندن خاص حمايتين ۽ حوارين جو هڪ بالادست طبقو ٺهي پيو آهي. سندن مدد وري وچولي ۽ هيٺئين طبقي مان سندن چاڙتا ۽ پاڙيتا ڪن ٿا.

شروع کان وٺي انهيءَ طبقي هن ملڪ ۽ عوام کي لٽڻ ۽ ڦرڻ شروع ڪيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ ڪربها رپين جي قرضن جي هيٺ اچي ويو آهي ۽ انهيءَ کان وڏو گناهه جهڙو ڪارنامو انهيءَ طبقي جو اهو آهي ته عوام کي هر طرح سان سٺي تعليم وانجهيل رکي ڇڏيو اٿائون. جيڪڏهن عوام کي تعليم جي ذريعي شعور ملي ويو ته هنن سڀني گروهن جي جيڪا استحصال واري هٽ هتي آهي، اها نه رهي سگهندي. هن ملڪ جي غريب عوام لاءِ ته پيٽ پري ڪاڻ لاءِ ماني نه هجي، تن ڍڪڻ لاءِ اوڇڻ نه هجي ۽ سر لڪائڻ لاءِ اجهو نه هجي ۽ علاج لاءِ پائي نه هجي، پر اتي هن مسڪين ۽ غريب ماڻهن جي ملڪ جي صدر ۽ وزيراعظم جي رهائش گاهن کي سينگارڻ لاءِ اربين رپيا خرچ ٿين. وزيرن ۽ آفيسرن جي ٻاهرين ملڪن جي اجائي دورن لاءِ ڪروڙين رپيا خرچ ٿين. وزيرن ۽ وڏن آفيسرن جي مراعات تي ڪروڙين رپيا خرچ ٿين اهو ڪٿان جو انصاف آهي. صرف سڀني سرڪاري آفيسرن ۽ وزيرن جي آفيسن ۽ رهائش گاهن جي خرچ کي ٻه جي گهٽايو وڃي ها ته گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ پئسي مان تعليم سڌاري سگهجي ها ۽ رفاهي گهر ٺاهي پينو فقيرن مان جان ڇڏائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهجي ها. جيڪي هن ملڪ جي لاءِ بدنام داغ آهن. پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ گهڻيون ئي حڪومتون آيون، پر ڪنهن حقيقي فلاحي ڪم نہ ڪيو. هر شهر جي گهٽيءَ ۽ چوڪ تي هر مسجد جي در تي سوين فقير الائي ڇو وس وارن لاءِ شرم جو باعث نہ ٿي سگهيا آهن. باقي شريف شهرين لاءِ تہ وڏي مونجهاري ۽ مرم جو سبب آهن. جمهوريءَ ۽ مارشل لا وارين حڪومتون. جن وڏيون اسلامي دعوائون ڪيون اهي بہ تعليم نہ سڌاري سگهيون ۽ نہ وري هنن پينو فقيرن مان قوم جي جان ڇڏائي سگهيون. هي جو سڄي دنيا ۾ اسان جي خواري پئي هلي انهي مان نجات جو ڪو رستو اڃا تائين ليي نہ سگهيو آهي. اسانجو ملڪ دنيا ۾ ٻيو نمبر رشوت خور ملڪ چيو ويو آهي ۽ سڄي دنيا ۾ چوٿون نمبر جاهل ملڪ آهي. بهرحال، تعليمي تباهيءَ جو بنياد ۽ پهريون ڪارڻ انهيءَ بالادست گروهہ جي بدنيتي آهي ۽ انهيءَ بدنيتي ڪي تمام گهٽي هوشياري ۽ چالاڪي سان عملي جامو پارايو اٿن تہ متان ڪي عوام جا گهٽگهرا اهي راز سمجهي سگهن. ڇڪاڻ تہ هتي ملمع سازي وڏي پئماني تي هلي رهي آهي. هنن وڏن ماڻهن جي راڄ يعني اميرو ڪريسي کي ڊيموڪريسي جو نالو ڏنو ويو آحي. اهڙي طرح سان تعليم جي نظام کي بہ انهيءَ نقطہءِ نظر سان تباهہ ڪيو ويو آهي تہ غريب ماڻهو اصل سڌري نہ سگهن، پر اجايا ۽ ڪوڙا انگ اکر ڏيئي پيا قوم کي بيوقوف بڻائيندا آهن. افسوسناڪ ڳالهہ اها آهي تہ پاڻ ۾ ويهي انهن مان گهڻا خوش ٿيندا آهن تہ ڪهڙي بہ طرح سان عوام کي اسين دوکي ۾ رکي، ٺڳي بيوقوف بڻائيندا پيا اچون. خير.....!

قوم جي ترقي جو راز ۽ بنياد ٽن وسيلن کي ترقي ڏيارڻ ۾ آهي، پهريون انساني وسيلا ٻيو قدرتي وسيلا ٽيون مصنوعات جي پيداوار. هتي انهن ٽنهي وسيلن کي تباهہ ڪيو ويو آهي، ٽيڪنيڪي ترقي نہ ٿي سگهي آهي. انساني وسيلا يعني انسان جيڪو هڪ تمام قيمتي (Costly) ڳوڙهي بناوت وارو ڪمپيوٽر آهي، انهيءَ کي جيڪڏهن چڱي طرح سان (Complex)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڌاري استعمال ڪبو تہ صحيح نتيجا ڏيندو. انهيءَ ۾ صحيح معلومات ۽ ڊيٽا (Data) بہ لازمي جزا آهن ۽ انهيءَ کان علاوه ماحول، تعليم ۽ تربيت عام ڪئي وڃي ۽ ماحول صحيح ڪيو وڃي تہ ملڪ ترقي ڪندو. جپان ۽ يورپي ملڪن جي تڪڙي ترقي جو راز تعليم ۽ خاص طرح سان فني، هنري ۽ سائنسي تعليم ۽ تربيت آهي. انهن ملڪن پهرياڻين هر فرد کي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جو پروگرام ٺاهيو ۽ سئو سيڪڙو ماڻهو تعليم يافتہ ڪيا ويا. انهيءَ جي برعڪس اسان وٽ سرڪاري انگ اکر ظاهر ٿا ڪن تہ 25 سيڪڙو تعليم اچي وئي آهي، پر اهي انگ اکر "ڍڪلو سِلو" آهن. انهن ۾ صحيح ڪرڻ وارا. بسم الله پڙهڻ وارا ۽ الف بي اچاري پنهنجي نالي لکڻ وارا بہ اچي ٿا وڃن. جيڪڏهن انهن جو ڳاڻاٽو ڪجي تہ صحيح تعيلم وارا صرف 6 کان 7 سيڪڙو آهن. انهن ۾ بہ اڌ کان وڌيڪ اهي آهن. جيڪي صرف مقامي ٻولي لکي پڙهي سگهن ٿا ۽ انگريزي ۽ سائنسي تعليم کان وانجهيل آهن. مناسب انگريزي، فني ۽ سائنسي تعليم وارن جو اصل صحيح تعداد تمام گهٽ ۽ گهٽ ڪري هڪ يا ٻہ سيڪڙو آهي. هاڻي جنهن قوم جا فرد سائنسي ۽ فني تعليم کان محروم هوندا تہ اها ڪهڙي طرح سان ترقي ڪندي. سڄي دنيا ۾ ترقي يافتہ ٻوليون، جن ۾ هر قسم جي تعليم ڏئي سگهجي ٿي چند آهن ۽ انگريزي بہ انهن ۾ هڪ اهم ٻولي آهي. انگريز هتي حڪمراني جي ڪري پنهنجي ٻولي کي رائج ڪري ويو. تنهنڪري اسان کي انهيءَ جي پڙهڻ ۽ سکڻ جون سهوليتون مهيا ٿيون. انگريزن جي غلامي جي ڪري مقامي ٻوليون ترقي ڪري نہ سگهيون ۽ انهيءَ ڪري هن وقت انگريزي کي ڇڏي ڏيڻ خودڪشي جي برابر ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ بہ انگريزي رائج هئي ۽ تعليمي ۽ دفتري ٻولي بہ انگريزي هئي، انڪري آزاديءَ کان پوءِ بہ جاري رکي وئي.

اسان جي مراعات يافتہ بالادست طبقي چڱي طرح سان بندوبست ڪيو تہ جيئن ڪنهن بہ صورت ۾ تعليم عام نہ ٿئي ان ڪري بجيٽ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنٽرول ڪري تعليم تي گهربل رقم ڪڏهن بہ نہ ڏني وئي. پئسن گهٽ هئڻ جي ڪري تعليم عام ۽ سلي نہ ٿي سگهي. وڏي عرصي کانپوءِ بہ پئداوار جو صرف هڪ سيڪڙو بہ تعليم تي خرچ ڪونہ ٿو ٿئي. ترقي يافتہ ملڪ ڏهن کان چاليھ سيڪڙو پئسا تعليم تي خرچ ڪن ٿا. چاڪاڻ تہ حڪومت تي اميرن جو قبضو هئڻ ۽ آهي سندن ٻارن لاءِ سٺا اسڪول يعني پبلڪ اسڪول ۽ ڪئڊٽ ڪاليج ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ پڙهائي جون سهوليتون ميسر هيون ۽ آهن. تنهنڪري انهن هٿ وٺي تعليمي ۽ عام ماڻهن جي سهولتن تي گهٽ رقم رکي ۽ خرچ ڪئي. پاڪستان تہ وري هندستان سان هٿرادو جهيڙو ڏيکاري صرف فوج تي خرچ ڪرڻ تي زور ڏنو. هتي ٻارهن ڪروڙ ماڻهو پيلي تباهہ ٿين. پر فڪر اچي ڪشميرين جو لڳو اٿن. هاڻي ننڍا ملڪ ٺهڻ لڳا آهن. چاڪاڻ تہ قومي تحريڪون زورن تي آهن. من ڪجھ سمجھ ۾ ڳالھہ واڳ ڏٽين ۽ وس وارن کي ويهي تہ هن پنهنجي خطي جي سوچ ڪن جيڪڏهن نہ سوچي ۽ سنڀالي سگهيا تہ هت بہ روس وارو ڪم ٿيندو ۽ عوام پنهنجي قومي ضرورتن تي زور ڏيندو ۽ يورپون ڪرائيندو چاڪاڻ تہ فوجي طاقتن جي ذريعي قبضا دنيا مان ختم ٿيڻا آهن ۽ ضرور ٿيندا. سو ڳالھہ پئي ڪئي سون تہ تعليم خرچ گهٽ ڪري پڙهيل ماڻهن جي انگ اکرن يعني (Literacy) کي محدود ڪيو ويو تہ جيئن اڻ پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل عوام جو استحصال سولائي سان ڪري سگهجي ۽ اهڙي طرح سان اهو هن وقت تائين جاري آهي. هاڻي تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ مناسب پئسن جي گنجائش بجيٽ ۾ ڪرڻي پوندي. تعليم تي بجيٽ يڪدم ڏهہ سيڪڙو ۽ پوءِ بتدريج وڌائي قومي پيداوار چاليھ سيڪڙو ڪئي وڃي.

تعليم جي تباهي ۽ ملڪ جي تباهي جو ٻيو وڏو سبب مرڪزيت آهي. يعني سڀني شين تي مرڪز جو ڪنٽرول، سڀني نوڪرين تي بہ مرڪز جو ڪنٽرول انهن جي ڀرتي، ترقي ۽ بدليون بہ مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن آفيسرن جو تولو سڏو مرڪزي سرڪار ۽ ان جي اهلڪارن جي پڌنڌڙ ۽ انهن جي حڪمن جو انتظار ڪندو رهندڙ آهي. پر صوبائي حڪومت ۽ صوبي وارن جو ڪڏهن بہ خيال ڪونہ ڪندو ڇاڪاڻ تہ وڏ ۾ وڏ خيال "رزق" ڏيڻ وارن جو ڪيو ٿو وڃي!

.... پر هتي هڪڙي وڏي چال رکيل آهي تہ جيئن سڀ اهم ڪاتا مرڪزي سرڪار پاڻ وٽ رکيا ۽ انهن جي چونڊ ۽ ڀرتي جو نظام وفاقي پبلڪ سروس ڪميشن جي ذريعي ڪيو ٿو وڃي. پر تعليم ڪاتي کي انهيءَ سروس کان ٻاهر رکيو ويو. جهڙي طرح سان سول سروس آف پاڪستان، پوليس سورس آف پاڪستان، انڪم ٽيڪس سروس، ڪسٽم سروس، فارين سروس ۽ ڪجهہ ٻيون سروسون آهن، پر تعليمي سروس آف پاڪستان نہ ٺاهي ويئي. انهيءَ ڪري هوشيار شاگرد سڀ ٻين سروسن ۾ ڀرتي ٿي ٿا وڃن ۽ صرف اهي جيڪي گهٽو ڪري گهٽ نمبرن سان پاس ٿين ٿا يا تمام گهٽيِن "ڪاهن" ۽ ڪوشش ڪانپوءِ ڪامياب ٿين ٿا اهي تعليمي ڪاتن ۾ نوڪري ڪن ٿا. تعليم ڪاتي ۾ جيڪڏهن شروع کان سڌي سنئين "ڪلاسن" ۾ ڀرتي هجي ها تہ ان ۾ بہ سٺن هوشيار شاگردن جو سٺو تعداد اچي وڃي ها! ۽ اهي ماڻهو ممڪن هئو تہ تعليم کي سڌارن ها!

استادن جي پگهار ۽ اهليت گهٽ رکي ان کي سخت محرومي جو شڪار ڪيو ويو تہ جيئن هو معاشري ۾ پنهنجو مقام نہ رکي سگهن ۽ معاشي مسئلن ۾ ڦاٿل هجن. ان حالت جي ڪري سندن توجهہ تعليم تي نہ پر پنهنجن سماجي مسئلن تي رهندو. گهڻو ڪري سڀني ترقي يافتہ ملڪن ۾ پگهارون ۽ سهوليتون تعليم ڪاتي وارن کي زياده آهن. پر اسان جي ملڪ ۾ انهن جو درجو گهٽ ۾ گهٽ رکيو ويو آهي. جيڪڏهن معاشري ۾ استاد کي عزت ڀريو گذر سفر ميسر نہ ٿيندو تہ سندس دل ٻارن کي پڙهائڻ ۾ ڪنهن بہ طرح سان نہ لڳندي هاڻي بہ جيڪڏهن تعليم کي سڌارڻو آهي تہ پوءِ تعليمي سڌارن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙي تبديلي آڻجي جو استاد جو مان به متاثر ٿئي. معاشي مسئلا به گهٽ ۾ گهٽ مناسب حد تائين حل ٿيڻ گهرجن.

تعليم جي تباهي جو ٽيون ڪارڻ تعليمي نظام ۽ نصاب ۾ اهڙيون ته غلط ۽ تڪڙيون تبديليون ڪيون ٿيون، وڃن جو هاڃيڪار ثابت ٿين ٿيون ۽ ڪنهن به طرح سان انهن ڪرڻ مناسب نه آهي ۽ نه هو. مثال طور 1955ع کان اڳ ۾ مئٽرڪ ڪرڻ لاءِ يارنهن سال پڙهڻو پوندو هو. جنهن سان چار سال پرائمري ۾ ست سال انگريزي جا هئا. حالانڪ نوڪرين جي به کوٽ آهي ۽ بيروزگاري به زورن تي رهي آهي پر مئٽرڪ لاءِ ڪل ڏهه درجا ڪيا ويا آهن. وري وڏيڪ عام طور تي ۽ خاص طرح سان ٻهراڙي وارن سان ظلم ڪيو ويو ته انگريزي جا ست سال گهٽ ڪري پنج ڪيا ويا. يعني هاڻي ڇهين ڪان شروع ٿي ۽ ڏهين ۾ مئٽرڪ مطلب ته انگريزي ستن سالن مان گهٽجي پنج سال ٿي وئي. جڏهن ته مقابلي جا سب امتحان انگريزي ۾ ٿا ٿين. دفترن ۾ انگريزي استعمال ٿئي ٿي ته پوءِ انگريزي جا ٻه سال گهٽائڻ جو مقصد ڇا هو. ڳالهه صاف ظاهر آهي هت عوام ۽ غريب ماڻهن کي انگريزيءَ ۾ ڪمزور ڪرڻ ته جيئن هو مقابلي جي امتحانن ۾ سٺي حيثيت نه وٺي سگهن. ڇاڪاڻ ته سندن انگريزي ٻولي جو بنياد مضبوط نه هوندو تنهن ڪري دنيا جي اندر ٿيندڙ سائنسي ۽ ٻيون ايجادون ۽ تبديليون نه سمجهي سگهندا.

اهڙي طرح ٻهراڙي جا شاگرد وڏن ماڻهن جي ٻارن سان مقابلو نه ڪري سگهندا. وڏن ماڻهن جا ٻار يا ته ملڪ کان ٻاهر ٿا پڙهن يا وري هتي به پنهنجن ٻارن لاءِ جدا سٺا مهانگا اسڪول ۽ ڪاليج ٺاهيا اٿن. جتي صرف سندن اولاد ئي تعليم پرائي سگهي ٿو ۽ سندن تعليم پهرين کان ڏهين تائين انگريزي ۾ ٿئي ٿي. انهيءَ عمل جي ڪري مفادپرست، بالادست ۽ مراعات يافته طبقي اهڙو بندوبست ڪري ڇڏيو ته جيئن سندن گروهه جي اولاد جو وڏين ۽ سٺن نوڪرين تي قبضو رهي ۽ ميدان سندن اولاد لاءِ خالي هجي. هاڻي جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻرتين ۽ مقابلن جو طريقو ڪار آهي انهيءَ ۾ انهن ئي مٿي ذڪر ڪيل چند گروهن جو اولاد اچي ٿو باقي عوام ڪي ڪا "ايڪڙ ٻيڪڙ" سيٽ ملي وڃي ته اها سندن خوش نصيبي آهي ۽ سندن ٻارن جي زبردست محنت ۽ جستجو جي ڪري ڪو ڪو شاگرد انهيءَ نوڪرين ۾ اچي سگهندو نه ته سڀني اهم نوڪرين تي انهن ئي گروهن جي قبضو ٿي چڪو آهي.

چوٿون تعليم جي تباهيءَ جو ڪارڻ رشوت جو رواج آهي. جڏهن استادن ڏنو ته ڪين مناسب پگهار، سهوليتن ۽ عزت ۽ احترام کان به محروم رکيو ويو آهي ته هنن وري ٽيوشن واري ڪاروبار کان شروعات ڪئي ۽ پوءِ پاس ڪرائڻ جو ٺيڪو کڻڻ جو رواج پيو ۽ ان کانپوءِ مرضي مطابق گهربل مارڪون وٺڻ لاءِ ٻولي هلڻ شروع ٿي. ٻي پاسي مناسب تعليمي سهولتن نه هجڻ جي ڪري ۽ محدود سيٽن جي ڪري فني ڪاليجن ۾ داخلائن جو مسئلو ڳنڀير ٿي ويو. ان ڪري پئسي وارن پنهنجن ٻارن لاءِ مارڪون ۽ سيٽون خريد ڪرڻ شروع ڪيون ۽ ڏسندي ڏسندي ڪاپي جو تباهه ڪن ڪڌو ڪاروبار شروع ٿي ويو. هاڻي ته ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ به هتان امتحان پاس ڪري ٿا وڃن. تي ايتري وڏي پئماني تي ڪاپي هلندي اتي معيار جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. ريجوئيٽ شاگردن کي درخواست لکڻ ڪانه ٿي اچي ۽ جيڪڏهن همت ڪري ڪجهه لکن ٿا ته هڪ سٽ به صحيح ڪونه ٿا لکي سگهن. هي رشوت و نظام هڪ ناسور آهي، جنهن اسان جي ملڪ کي ڪمزور ڪيو آهي ۽ ليمي نظام کي به تباهه ڪيو آهي. جيڪڏهن رشوت کي ڪنٽرول ٿيندو ته ۽ ملڪ جو هر شعبو سڌري سگهندو ۽ تعليم لاءِ وڏيڪ بجيٽ رکي سگهبي.

پنجون تباهيءَ جو ڪارڻ سفارش جو مرض آهي، جيڪو سڄي اشري کي لڳي ويو. اهو به مفادپرست وڏن ماڻهن، ميمبر صاحبان ڪري وڌو ڻيڻ ماڻهو سندن ڳيجهو ٿين ۽ جڏهن ماڻهن ڏٺو ته نوڪري ته هاڻي سفارش ملندي ته پوءِ واحد رستي جي رڪاوٽ صرف ڊگري رهجي وين، جنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٽ ڪرڻ جو سولو طريقو بہ ڪاپي ڪري ۽ ڪرائي ۽ سڀ ڪجهہ پئسا بہ ڏئي سرٽيفڪيٽ هٽ ڪن ۽ اپئن ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. گهڻن حالتن ۾ تہ بورڊ ڪان يا يونيورسٽي ڪان پئسن تي بہ سرٽيفڪيٽ ۽ ڊگريون حاصل ڪرڻ جا تمام گهڻا مثال سامهون آيا آهن. ميمبر صاحب ڪي جڏهن نوڪرين جي ڪوٽا ڏيڻ جو انوڪو رواج پيو تہ پوءِ بس نوڪري لاءِ گهرج صرف سرٽيفڪيٽ جي رهجي وئي. پاڪستان جي هوشيار دماغن انهيءَ مسئلي کي حل ڪري ورتو. هاڻي انهيءَ تنهي مرضن ۾ مبتلا تعليم جو نظام تباهہ ٿي چڪو آهي يعني رشوت سفارش ۽ انهن ٻنهي جي پيداوار ڪاپي.

انهيءَ ماحول ۾ معيار جي ڳالهہ ڪرڻ بہ موزون ڪانہ ٿي لڳي. تعليم جي اصلي مقصد ڪانْ تہ استحصالي نظام بہ عوام کي پري رکيو ۽ مفاد پرست بہ انهيءَ نظام کي سنڀالي هلائيندا آيا تہ جيئن سندن مقصد پورا ٿين. يعني غربت جي ٻار جي صحيح تعليم نہ ملڻ جي ڪري حالت بگڙجي وڃي ۽ سڌرڻ جو خيال نہ اچيس ۽ ڪنهن بہ طرح سان نہ سڌري سگهي.

علم جي معني ڄاڻ يعني معلومات حاصل ڪرڻ تہ شين جي حالت ڪيفيت ۽ ماهيت ڇا آهي, علم جو وڏي ۾ وڏو مقصد ڄاڻ ساڃهہ ڏاهپ عملي فعاليت حاصل ڪرڻ آهي. پر اسان وٽ پنهنجو ڄڻ تہ ڪو مقصد ئي ڪونهي. انگريزن تہ منشي پيدا ڪرڻ جي حساب سان تعليم جو معيار ٺاهيو. اسان کي آزاد قوم جي حساب سان پنهنجو تعليمي نظام جوڙڻو هيو پر ڇاڪاڻ تہ انگريزن جي جاءِ هتان جي وڏن مفاد پرستن ورتي انهن بہ اهوئي چاهيو تہ ڪنهن بہ طرح سان تعليم جو ڪوبہ مقصد نہ هجي, جيئن غريب عوام ساڃهہ سمجهہ ۽ سوچ ڪان عاري رهجي وڃي ۽ پنهنجا سماجي سياسي معاشي ۽ معاشرتي حق نہ سمجهي سگهي نہ گهري سگهي ۽ نہ وٺي سگهي. حالانڪ جيڪڏهن سڀ ماڻهو سنا تعليم يافتہ ۽ تربيت يافتہ ٿين تہ سيني جو ڀلو ٿي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعليم ۾ مطالعي جو مقصد طئي ڪرڻ تمام ضروري آهي تہ جيئن واضح مقصد سامهون هجي تہ تعليم يا مطالعي جي راهہ مقرر ڪري نہ سگهبي. اهڙو تعليمي نظام يا مطالعو جنهن جو ڪو مقصد نہ هوندو تہ اهو فعاليت ڏي مائل نہ ڪري سگهندو تنهنڪري اهڙي تعليمي نظام سان ماهر پيدا نہ ڪري سگهبا. مقصد سامهون رکي ان لاءِ پڙهبو تہ ان کي حاصل ڪري سگهبو.

تعليمي نظام کي بامقصد بڻائڻ لاءِ وري سمجهڻ ۽ سمجهي پڙهائڻ تمام ضروري آهي، انهيءَ لاءِ وري استادن ۾ شوق، سوچ ۽ محنت جو جذبو ضروري آهي، انهيءَ جذبي کان سواءِ ترقي ناممڪن آهي.استاد جون وري جيستائين جائز ضرورتون پوريون نہ ٿينديون ۽ مناسب سهوليتون ميسر نہ ٿيندس تہ شوق سان محنت نہ ڪري سگهندو. تنهنڪري استادن کي مناسب پگهار مرتبو ۽ عزت ڏيڻ لازم آهي.

سمجهي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ لاءِ وري ٻولي جي لفظن جي معنيٰ سمجهائي پڙهائڻ وارو طريقو رائج ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ سڀ علم فلسفا ۽ ٻوليون لفظن جون ٿهيل آهن. جيڪڏهن لفظ صحيح طرح سان سمجھ ۾ نہ ايندا تہ ٻوليون، فلسفا ۽ علم سمجھ ۾ ڪو نہ اچي سگهندا. تنهنڪري شاگردن کي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وقت اهو خاص خيال رکڻو پوندو تہ هِڪُ هِڪُ لفظ سمجهي پڙهڻ گهرجي، جيڪڏهن لفظن کي سمجهي نہ پڙهندا تہ مونجهارن جو شڪار ٿي ويندا ۽ پڙهائي تان دل کڄي ويندن ۽ ٻين غلط ڪارين ۾ ڦاسي وڃڻ جا موقعا وڌي ويندا. تنهن ڪري شاگردن جي دلچسپي کي بحال رکڻ لاءِ اهو تمام ضروري آهي تہ انهن کي هر هڪ سبجيڪٽ جو هڪ هڪ لفظ سمجهائي پڙهائجي، يعني لفظن کي چڱيءَ طرح سان سمجهائي پڙهائڻ وارو طريقو استعمال ڪجي تہ شاگرد هوشيار ٿيندا ۽ ٻين غلط ڪارين ۾ نہ ڦاسندا.

لفظن کي چڱي طرح سان ڊڪشنرين جي ذريعي سمجهائي پڙهائڻ سان ٻار هوشيار ٿيندا وڏيڪ پڙهڻ سان شوق ڪندا. ننڍيون ڊڪشنريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڏهن بہ استعمال نہ ڪجن. چڱي طرح سان سمجهايل هجن. انهيءَ ڪان علاوه طريقهءِ تعليم ۾ عملي تربيت شامل ڪرڻ ڪپي. يعني (Practicals)۽ ڊرلس (Drills) جيڪڏهن پريڪٽس ۽ ڊرلس تعليم ۾ شامل نہ ڪبيون تہ انسان چڱي طرح سان سکي نہ سگهندو مثلاً سائيڪل هلائڻ يا ترڻ توهان صرف ڪتابن مان پڙهي ڪڏهن بہ سکي نہ سگهندو تنهنڪري گهڻن هنرن ڪي سکڻ لاءِ عملي تربيت تمام ضروري آهي. پرائمري تعليم ۾ شين جون شڪليون، فوٽو گرافڪس ۽ ماڊل ڊيڪارٽ سيڪارڻ جو تمام ضروري ۽ سنو ذريعو آهن. تنهنڪري هر طرح سان سمجهائي پڙهائڻ تي زور ڏجي. جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي:

پڙهئو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾
پاڻان ڏوهه چڙهن، جيئن ورق ورائين وترا.

استحصالي نظام جو پيو حصو وري شاگردن کي تشدد ۽ سزا جي ذريعي سمجهائڻ تصور ڪيو ويو انهيءَ ڪري استحصالي نعرن جو ايجاد بہ تي ويو تہ "مار ٻار جي سنوار" انهيءَ پهاڪي تي چڱي طرح سان عمل ڪرڻ جو رواج وڌو ويو. ساڳئي نموني سان ڏوهي ماڻهن کي سزا جي ذريعي سڌارڻ جي ڪوش ڪئي تي وئي ۽ تشدد جو طريقو منشدد ماڻهن جائز ۽ صحيح سمجهي مروج ڪري ڇڏيو آهي. حالانڪ هن وقت دنيا ۾ سائنسي ۽ نفسياتي تحقيق اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ سزا زور ۽ تشدد سان انسان تي وڏا هاڃيڪار اثر پون ٿا ۽ انهن ايزائن ۽ اهنجن جي ڪري انسان غلط رستن تي تہ هليو ويندو پر سندس انهن طريقن سان سڌرڻ جو موقع آهي ئي ڪونہ. مغربي ملڪن ۾ تہ ٻار کي هٿ جهٽڪڻ بہ برو تو تصور ڪيو وڃي، بلڪ ٻار کي ايترو تہ اختيار ڏنو ويو آهي. جو جيڪڏهن ماءُ ۽ پيءُ کان بہ تشدد جو خطرو اٿس تہ پوليس ۽ حڪومت کي اطلاع ڪري سگهي ٿو تنهنڪري نندي هوندي ٻارن تي تشدد اهو چاهي ماءُ، پيءُ جي طرفان هجي يا استاد جي طرفان هجي يا معاشري ۾ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي غلط ۽ هاڃيڪار نہ سمجهڻ جي ڪري روا رکيو ٿو وڃي. هو اڪثر هلي بہ شاگردن جي بي راهہ رويءَ ۽ تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿو وڃي. هاڻي انسانن ڪي خاص طرح سان ننڍين ٻارن کي پڙهائڻ ۽ سمجهائڻ جا تمام سٺا ۽ بهتر طريقا ڪڍيا ويا آهن ۽ انهن کي اپنائڻ سان ئي معاشري کي خاص طرح سان شاگردن ۽ ٻارن کي سڌاري سٺو شهري بڻائي سگهبو.

تعليم جي تباهي کي عوام جي عدم دلچسپي بہ وڏي هٿي ڏني آهي، اسڪولن جي سنڀال والدين ۽ شهري ڪونہ ٿا ڪن. تنهنڪري عملو لاپرواهي ڪرڻ جو عادي ٿي وڃي ٿو. هڪ يا ٻہ انسپيڪٽر ڪيتري سنڀال ڪندا جڏهن ڪين سرڪار جي طرفان سواري بہ نہ هجي، پر جيڪڏهن شهري پنهنجن ٻچن جي تعليم تي پاڻ توجهہ ڏين، اسڪولن ۾ وڃي استادن کان پڇن تہ جيڪر ايتري تباهي نہ ٿئي ها. شهرين جي ڪاميٽي هجي جنهن جا ميمبر واري واري سان اسڪول جي سنڀال ڪن. اهڙي طرح سان سماجي تنظيمن جا نمائيندا بہ اسڪولن ۾ وڃي جاچ ڪن تہ جيڪر ماحول سڌري پوندو. سرڪاري آفيسرن کي بہ نگهباني تي خاص توجهہ ڏيڻ گهرجي.

تعليم جي تباهيءَ جو معاشري ۾ ٻين برائين جي گهٽائي بہ وڏو ڪارڻ آهي، جاڪاڻ تہ بگڙيل معاشري ۾ عام ماڻهو بہ بي حس ٿي وڃي ٿو ۽ هڪ قسم جي لاپرواهيءَ جي ڪري ڪنهن بہ غلط ڳالهہ، ڪم يا عمل تي روڪ ٽوڪ ڪونہ ٿو ڪري. جنهن ڪري غلط ڪارين جو وڌڻ ويجهڻ عام جام آهي. جيئن تہ هڪ غلط ڪم ڪرڻ جي ڪري ماڻهو ٻئي غلط ڪم ۾ مبتلا ٿيو وڃي ٿو تنهنڪري غلط ڪمن ڪرڻ وارا ماڻهو وڃن ٿا برائين جي جار ۾ ڦاسندا. هڪ برائي ۽ انهي جي ڪري ٻي برائي ۽ پوءِ ٽين برائي اهڙي طرح سان اهو زنجير وانگر جڙيل عملن ۽ ردعملن جو تمام ڏکيو انگهندڙ سلسلو ٺهي ٿو وڃي ۽ آخرڪار خطا ڪار ماڻهن کي وڏي چڪر ۾ ڦاسائي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچائي ڇڏي ٿو يا تباهہ ڪري ڇڏي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان سمجهي ٿو ته ڪٿن ڪمن جي ذريعي ترقي ڪندو پر گهڻي
پاڳي ناممڪن آهي ته ڪو انهيءَ طرح سان خوشي ماڻي سگهي. پئسا ۽ دنيا
هٿ ڪري سگهي ٿو پر خوشي ۽ سڪون غلط ڪارين مان ڪڏهن به نه ايندو
اهو سماجي قاعدو آهي. جيڪڏهن خوش رهڻو آهي ته انهيءَ جا اصول جدا
آهن. جن تي هلڻ سان ئي ماڻهو خوش رهندو ۽ خوشيون ماڻيندو. باقي غلط
ڪارين وارو ماڻهو پاڻ ئي سوچي ڏسي ته هي سندس خوشين جو باعث نه پر
رنج ۽ الم جا انبار ڪٺي پريشاني واري زندگي جي سوڙهه ۾ افسوس سان وقت
گذارڻ تي مجبور ڪري ڇڏين ٿيون. تنهنڪري خوش رهڻ لاءِ غلط ڪارين کي
ڇڏڻو پوندو جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي:

نڪا هِتِ نه هُتِ، ڪا ڳوري سندي ڳالهه.

ڪانه پهتي مال، حال پهتي هوت کي.

تعليم کي سڌارڻ لاءِ اهڙا تعليمي سڌارا ڪرڻا پوندا. جن جي ذريعي
مٿي بيان ڪيل سيني مرضن جو علاج گهٽ ۾ گهٽ آهستي آهستي به شروع
ٿي وڃي ته هڪ ڏينهن هي نظام ٺيڪ به ٿي ويندو پر جيڪڏهن انهيءَ ڏس ۾
قدم نه کنيا ويندا ته پوءِ اهڙن قومن جي مڪمل تباهيءَ ناگزير آهي ۽ ڪوبه
انهن قومن کي بچائي ڪونه سگهندو. انهيءَ ڪري:

(1) تعليم تي فوراً قومي آمدني جي ڏهه سيڪڙو جيترا فنڊس مهيا ڪيا وڃن.
جيڪي بعد ۾ وڌائي چاليهه سيڪڙو ڪيا وڃن. جيئن ٻين ملڪن ۾ آهي.

(2) تعليم کي مفت، ضروري، لازمي ۽ سيني لاءِ هڪ جهڙو ڪيو وڃي. طبقاتي
تعليم جو نظام ختم ڪيو وڃي.

(3) دانشورن ۽ ڏاهن ماڻهن جي مقرريءَ جو انتظامي بندوبست ڪو وڃي
جيڪي تعليم سڌارڻ جي انتظامن کي نافذ ڪن.

(4) استادن کي معقول پگهار ۽ سهوليتون ڏنيون وڃن.

(5) تعليم کاتي مان سفارش، رشوت ۽ ڪاپي ڪلچر کي ختم ڪرڻ لاءِ جلد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان جلد قدم کنيا وڃن.

(6) استادن جي سکيا لاءِ معقول بندوبست ڪيو وڃي.

(7) بالغن جي تعليم جا مرڪز کوليا وڃن.

(8) تعليم کاتي جي جوڙجڪ ڪي سڌاريو وڃي. جيئن هي کاتو تعليم کي سنڀالي ۽ سڌاري سگهي.

(9) نياڻين جي تعليم تي خاص توجهه ڏنو وڃي ۽ عورتن جي تعليم لاءِ خاص سکيا گهر کوليا وڃن.

(10) تعليمي نصاب کي معقول ڪيو وڃي.

(11) اسڪولن ۽ ڪاليجن جي سيني ضرورتن کي اوليت جي بنياد تي پورو ڪيو وڃي.

(12) سائنسي، فني ۽ هنري تعليم کي اهميت ڏني وڃي ۽ ان تي قومي آمدنيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ ٽي سيڪڙو خرچ ڪيو وڃي.

(13) تعليم لاءِ جوابدار هيٺين سيني عنصرن کي چڱيءَ طرح سان ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي.

1. حڪومت مناسب انتظام ڪري ۽ بجيٽ ۾ وڏيڪ رقم رکي.
2. افسر شاهي تعليم جي نظام تي نظر رکي ۽ ان کي سڌاري
3. معاشري جا ساڃهه وند تعليم تي ڌيان ڏين.
4. والدين پنهنجن ٻارن جي تعليم جو خيال ڪن.
5. استاد ذميواري سان پڙهائين.
6. شاگرد خاص طرح ان مٿين ڪلاسن جا شاگرد پاڻ به خيال ڪن.

هاڻي مرڪزيت جو زمانو نه آهي، انڪري سيني مرڪزي کاتن کي صوبن جي حوالي ڪيو وڃي. مرڪز صرف چند کاتا جيئن ضروري [illegible] جيئن دفاع، فارين سروس، مواصلات ۽ ٽپال وٽ رکي، باقي سڀ [illegible] صوبن جي حوالي ٽيڪ ڪيا ۽ اتي به نظام کي صحيح هلائڻ لاءِ تنظيمي ڍانچو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تبديل ڪري نئين نموني سان ضلع سطح کي ڪم هلائڻ ڪپي ٿي سڀ
ڳالهيون نئين سماجي معاهدي پر آڻي سگهجن ٿيون.
هاڻي جيستائين عوام جي مفاد وتان سياسي، سماجي، معاشي،
معاشرتي آئيني، قانوني، اقتصادي، صنعتي انتظامي، زرعي ۽ تعليمي سڌارا
جلد نہ ڪيا ويندا تہ هي ملڪ وڏيڪ ڪونہ هلي سگهندو. وس وارن ۽ واڳ
ڌڻين کي هاڻي شايد هي آخري موقعو آهي تہ هن ملڪ لاءِ ڪجهہ ڪن. نہ تہ
پوءِ اڳين سان گڏ هن سڄي تباهيءَ جا هي بہ جوابدار هوندا ۽ تاريخ ۾ انهيءَ ئي
نموني سان ياد ڪيا ويندا. سيني سڌارن مان وڌيڪ اهم سڌارا قانوني،
صنعتي، زرعي ۽ تعليمي سڌارا آهن. هاڻي جيستائين عوام کي سٺي، اعليٰ
اخلاقي ۽ فني تعليم نہ ڏني ويندي تہ ملڪ ترقي نہ ڪري سگهندو. اميد تہ قوم
جا سڀ همدرد هن ڏس ۾ ڪوشش وٺندا تہ جيئن تعليم جلد سڌري ۽ ملڪ
جلد ترقي ڪري سگهي. انهيءَ ڪري سيني علم دوست سجاڳ ۽ سجاڻ
ماڻهن کي پاڻ پتوڙڻو پوندو عوام کي سيني ڳالهين کان واقف ڪرڻو پوندو
قربانيون ڏيڻيون پونديون. تڪليفون برداشت ڪرڻيون پونديون تڏهن عوام
کي بنيادي حق ۽ بنيادي سهوليتون ملي سگهنديون. شاهہ لطيف سائين فرمايو
آهي:

واقف جي وڪار جا، وڻ تنين جي سڌ،
ساٿين سان سيد چئي، لڏو لڏي لڏ،
نيئي نماڻي نجهرو اونين پاسي اڏ،
سڪ پنهورجا چڏ، تہ ڪاهي رسين ڪيچ کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيڏا ھاڃا ٿين بري ھن پنيور ۾

ھيءَ خالق جي ڪائنات تمام وسيع آھي جنھن جو ڪوبہ پاند پروايا تائين ڪير بہ نہ لھي سگھيو آھي. ھن ڪائنات ۾ ڪيترائي نظام شمسي آھن جن جو ڪوبہ شمار ۽ ڪاٿو اڃا سوڌو ڪونہ ٿي سگھيو آھي. بس ڪروڙين شمسي نظامن منجھان ھي اسان جو نظام شمسي بہ ھڪ تمام ننڍڙو نظام آھي.

اسان جي نظام شمسي جو محور اسان جو سج آھي جيڪو ائٽمي عملن ۽ رد؛ عملن ڪارڻ ڪري زبردست گرمي، روشني ۽ تابڪاري پيدا ڪري پاڻ بہ سدائين ھڪ ٻرندڙ گولي جي شڪل ۾ رھي ٿو ۽ سڄي پنھنجي نظام کي ڪشش ثقل ذريعي منظم گردش ۾ رکي ٿو. ڪيس ڪيترائي گرھ آھن جيڪي سندس چوڌاري طواف پيا ڪن. انھن گرھن مان اسان جي ڌرتي بہ ھڪ گرھ آھي.

سائنسي تحقيقات مطابق ھن ڌرتي جي گولي کي سج کان جدا ٿئي تقريبن پنج يا ساڍا پنج ارب سال ٿيا آھن سج کان جدا ٿيڻ کانپوءِ گھڻو وقت ٺرندي رھي ۽ سندس مٿاڇري موجوده شڪل ورتي جنھن ۾ مٽي، پاڻي ۽ جبل وغيره نمودار ٿيا.

سائنسي کوجنائن مطابق تقريبن اڍائي ارب سال کن اڳ ھن ڌرتي تي ھڪ جيوتڙو ساوڪ جي سيل (Cell) جي شڪل ۾ پيدا ٿيو. ھن جيوتڙي ۾ قدرت جو وڏو ڪرشمو رکيل ھئو. تنھنڪري ھو وڌندو ويجھندو مختلف ارتقائي منزلون ۽ مرحلا طئي ڪندو نباتات ۽ حيوانات جون اکيچار ذاتيون ڦھلائيندو اچي موجوده انسان جي شڪل ۾ ھن ڌرتي تي ظاھر ٿيو.

انساني ارتقائي طور حيوانات جي گروہ وانگر نظر اچي ٿو. سندس وڏي ۾ وڏي گھرج انھي سڄي ارتقائي عرصي ۾ "زنده رھڻ" نظر اچي ٿي. جنسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميلاپ طبعي خواهش طور ۾ نسل وڌائڻ جي ذريعي طور ارتقا دوران ورثي ۾ مليس. انهي زنده رهڻ جي خواهش ۾ گهرج پوري ڪرڻ لاءِ وڌ کان وڌ وسيلن جي تلاش رهيس تنهنڪري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ لڏ پلاڻ جو عمل جاري رهيس.

سندس خاندان ۽ قبيلا اهڙي طرح سان وڌندا ويجهندا ۽ ڦهلبا رهيا ۽ هن ڌرتي جي گولي تي جتي به سندس گذر وسفر ممڪن هيوا تي پهچي ويا. وسيلن جي تلاش سان گڏوگڏ سندن باهمي ناراضگيون ۽ جهڳڙا ۽ جهيڙا به انهي لڏپلاڻ جو وڏوسبب رهيا. شروعات ۾ جاڪاڻ ته آدمشماري تمام گهٽ ۽ وسيلا تمام گهڻا هئا تنهنڪري لڏپلاڻ جي ڪري گهٽا جهيڙا جهڳڙا ٿري ويندا هئا. اهو سلسلوجاري رهيو ۽ قبيلن مان وڏي قومون ٿيون. اهي قبيلا ۽ قومون وڌنديون رهيون ۽ جڏهن ڪنهن هنڌ وسائل جي ڪمي پئي ٿي ان جي قبضي تان جهيڙا به پئي ٿيا.

سڀ کان پهريائين جهيڙو تاريخي طور تي ٿي سگهي ٿو ته عورت تي ٿيو هجي جاڪاڻ ته شروعات ۾ زمين ۽ مال متاع ايتري اهميت ڪونه پيا رکن. عورت کانپوءِ جهيڙي جو ٻيو سبب زمين هئي ۽ اڳتي هلي جهيڙي جو ٽيون سبب مال متاع بنيو. انهي ڪري پهاڪو وجود ۾ آيو ته جهيڙو جهڳڙو گهڻو ڪري زن، زمين ۽ زر تي ٿيندو آهي جيڪا ارتقائي تاريخي حقيقت به نظر اچي ٿي

خاندان ۽ قبيلن جا پريا مڙس قبيلي جا وڏا به ڪري ليکيا ويا ۽ سڄي قبيلي جا چڱا مڙس ٿي سندن جهيڙا انبيريندا هئا. جڏهن قبيلن مان قومون ٿيون ته شايد وڏي ۽ ڏاڍي قبيلي جي چڱي مڙس کي ان قوم جو حاڪم يعني "بادشاهه" مڃيو ويو. اهڙي طرح سان مختلف علائقن ۾ مختلف قومن جا مختلف بادشاهه بنيا ۽ مخصوص خاصيتن وارن علائقن جي ميلاپ سان وري ملڪ ٺهيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن دورن ۾ انسانن جي وچ ۾ جهيڙن، فسادن ۽ جنگين جو بنياد پئجي ويو ڇاڪاڻ ته مختلف سببن جي ڪري هاڻي "بادشاهه" هڪ ٻئي سان وڙهڻ لڳا ۽ اهڙي طرح سان هڪ ٻئي جي مال متاع ۽ ساز سامان تي قابض ٿيندا رهيا. ڏاڍا ۽ وڏين قومن وارا بادشاهه وري نون اوزارن جي ذريعي ۽ گهڻي تعداد جي ڪري پرپاسي وارن بادشاهن کي ماري انهن جي علائقن ۽ وسيلن تي قبضا ڪندا رهيا. ان ڪري بادشاهتن مان وڏي وري "شهنشاهتون" شروع ٿي ويون. انهيءَ وقت شهنشاهن وري اهڙن بادشاهن کي جيڪي هنن جي تابع ٿي هلندا هئا ۽ ڪجهه ڍل ڏيڻ تي راضي ٿيندا هئا ته سندن بادشاهي تي بحال ٿي رکيو. بادشاهن وري ڍل ورهائي اميرن ۽ جاگيردارن تي رکي. اهڙي طرح سان هاڻي واضع ٻه طبقا پيدا ٿي پيا هڪڙا "ڍل ڀريندڙ" ۽ ٻيا "ڍل وٺندڙ" "ڍل ڀريندڙ" عام ماڻهو ٿيا ۽ ڍل وٺندڙ ٿيا بادشاهه، جاگيردار، زميندار ۽ امير جن وٽ زمين کان علاوه مال متاع ۽ ٻي ملڪيت ٻه جمع ٿيڻ لڳي هئي.

خراج يا ڍل جو طريقو وسيع ٿيندو ويو تان جو زمين ۽ هر قسم جي مال متاع تي ڍل مقرر ٿي ويئي. ڍل وصول ڪرڻ ۽ جمع ڪري وري پاڻ کان وڏي کي پهچائڻ جو ڪم ننڍن زميندارن تي سونپيو ويو. هي بنيادي قسم جو ٽئڪس هئو جيڪو عوام تي لڳايو ويو.

هاڻي هڪڙي پاسي زميندار، جاگيردار، امير، بادشاهه ۽ شهنشاهه ۽ انهن جا ڪجهه ڪارندا يعني اڄ ڪلهه جي لغت ۾ آفيسر ته ٻئي پاسي عوام، جيئن جيئن مٿين طبقي جون گهرجون وڌنديون ويون تيئن عوام تي ڳريون ڍلون وڌنديون رهيون. وڏن ماڻهن جي عيش عشرت ۽ جنگين ڪانسواءِ سندن روز مره جي خرچن ۾ به واڌارو ايندو رهيو. جيڪو هو چاهين پيا ته غريبن جي پگهر مان وصول ڪجي. انهي وقت زمين جي آبادي ۽ پوک ۽ مال متاع جي سنڀال غريبن جي حوالي هئي. بنيادي طور تي پئداوار قدرتي طور تي هئي يا وري غريبن جي پورهئي تي هئي. ان ڪانپوءِ مال متاع جي مٿاسٽا شروع ٿي ۽ ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهو انهيءَ مناسبتا واري ڏنڊي کي لڳي پيا, هي هئو واپاري طبقو جيڪو ضرورت جو مال هڪ هنڌان وٺي ٻئي هنڌ وڪڻي پيو. هي پاڻ تہ ڪنهن پيداواري عمل ۾ ڪونہ هئو پر صرف مال جي بدلي مال جي مناسبتا ڪري ڪجھ مال پنهنجي لاءِ بچائي پيئي سگهيو. هن طبقي مان بہ ڪجھ امير ٿي پيا وڃن ۽ اڳتي هلي هنن لاءِ بہ ساڳيو ٽئڪس يا ڍل وارو قاعدو لاڳو ٿيو.

هڪجهڙائي واري ماحول مان هاڻ وڏي چند طبقاتي نظام ٿيا جن مان خاص طبقو اميرن, جاگيردارن, زميندارن, بادشاهن, شهنشاهن ۽ سندن عملدارن جو هئو وچولي طبقي ۾ ڪجھ واپاري ڪجھ ننڍا عملدار ۽ ننڍا زميندار اچي ٿي ويا ۽ ٻئي پاسي عوام ۽ هاري, مال وندا ۽ ڪجھ شهري پورهيت. هاڻي هنن ٽن طبقن جي رساڪشي جي ڪري معاشري ۾ جنگ جدل ۽ فساد هر وقت رهڻ لڳا ۽ انسان جو مرڻ ۽ مارائڻ عام جام ٿيڻ لڳو ۽ پيا ڪڌا ڪرتوت بہ وڌڻ لڳا جهڙوڪ دوڪا, فريب, ٺڳيون ۽ ڪجھ رسم و رواج ۽ قانون جون پنج ڪڙيون جيڪي ان وقت تائين مروج ٿي چڪا هئا.

انهي عرصي ۾ ڪجھ ماڻهو وري انسانن مان جهيڙن ختم ڪرائڻ صلح سانت ۽ امن امان ۽ آرام سان رهڻ لاءِ هدايتن ڏيڻ لاءِ شروع ٿي ويا انهي قسم جي ڪجھ ماڻهن وري دعوي ڪئي تہ انهي ڪم لاءِ کين هن ڪائنات جي خالق موڪليو آهي يا هو ٻين جي ڀلائي خاطر پنهنجو پاڻ انهي ڪم جي حوالي ٿيا آهن. بحرحال سندن مقصد انسانن جي اندر جيڪي هنن جي خيال ۾ بداعماليون هيون انهن کي روڪيو وڃي. هي سلسلو بہ هلندو رهيو ۽ انسان جي ڀلائي لاءِ لڳاتار تمام گهڻا انسان انهيءَ قسم جي دعوي ۽ ٻين مختلف دعوائن سان ڪوشش ڪندا رهيا. انهن مان گهڻن کي ماڻهن پنهنجو رهبر يا رسول تسليم ڪيو اهڙي طرح هندومت, ٻڌمت, يهوديت, عيسائيت ۽ اسلام جهڙا وڏا مذهب وجود ۾ اچي ويا ۽ انهن مان گڏ ٻيا ڪجھ ننڍا مذهب مختلف ملڪن ۾ وجود ۾ آيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڀ مذهب پنهنجي پنهنجي وقت ۾ انسان ذات لاءِ ڀلائي ۽ چڱائي وارا پروگرام کڻي آيا ۽ گهڻي ڀاڱي ان وقت ڪجهه فائدو به ٿيو ۽ ڪن مذهبن جو چڱائي ڪرڻ وارو پروگرام اڃان هلندو اچي. هر مذهب ۾ به ڪجهه وقت گذرڻ ڪانپوءِ خرافات ۽ بدعات ايندين وڃون ۽ مفادپرست وڏن ماڻهن خاص ڪري وقت جي بادشاهن ۽ اميرن به مذهبن کي پنهنجي حق ۾ استعمال ڪيو. ان ڪري هر مذهب ۾ هڪ اهڙو گروه پيدا ٿيو جيڪو وڏن ماڻهن جو ساٿاري بڻيو ۽ انهن جي اشارن تي مذهب جون نيون نيون معنائون ۽ تحويلون ڪندو رهيو. اهڙي طرح سان هڪ بگڙيل مذهبي گروه پيدا ٿيو ۽ ماڻهن کي بادشاهن، حاڪمن، اميرن جي خيرخواهي جا سبق پڙهائيندو رهيو. اڳتي هلي ماڻهن کي ڦرڻ ۽ لٽڻ لاءِ پنڊت، پادري، پير ۽ پير پرست ٽولا پيدا ٿيا. جيئرا پنڊت پادري ۽ پير به ماڻهن کان ڪنهن نه ڪنهن بهاني پيسا ڦرڻ لڳا ۽ مئل پيرن کي به پئسن ڦرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. مقصد عوام الناس کان هر طرح سان پيسا ڪڍي پنهنجي لاءِ جائز ڪري وڏو ڪاروبار ايجاد ڪري ڇڏين.

اهڙي طرح استحصال ڪندڙن جو هڪ ٽولو بيو به پئدا ٿي پيو ۽ پهرين استحصال ڪندڙ بادشاهن، اميرن، حاڪمن، جاگيردارن، زميندارن سان گڏ ملان، مولوي، پير، شاهه، پادري، پيرزاده، مخدوم سنت باوا، بانيڻ ۽ اهڙي قسم جي ٻين لقبن سان نوازيل فرد ۽ ٽولا ملي عام ماڻهن کي ڦريندا لٽيندا ۽ تنگ دست ڪندا رهيا. اهو شرم ڪڏهن به ڪونه پين ته غريب جي محنت ۽ پورهئي سان ڪمايل اها ٿورڙي پونجي به ڪانٽس فريب ۽ مڪاري ڪري ڪڍي پنهنجي ڪتب پيا آڻين. اهي ئي پيسا، مال ۽ دولت ڪين ته ضرورت ۾ هئا پر غريب جي لاءِ ڪونه سوچين ته هن ويچاري جي ٻچن جو ڪهڙو حال هوندو يا ٿيندو.

بحرحال هاڻي معاشري ۾ اهي سيئي ٽولا يا انهن جا وارث جيڪي گهڻو ڪري وڏين ملڪيتن جا مالڪ بڻجي ويا پر هر طرح سان فريب ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مڪاري جا چار ڦهلائي ويچاري ان پڙهيل، مجهيل، مسڪين ماڻهن کي ڦريندا
رهيا آهن صدين کان اهو سلسلو جاري رهيو آهي. انهيءَ عرصي ۾ سائنسي،
صنعتي ۽ مشيني انقلاب ۾ يورپائين ملڪن ۾ آيو ۽ ان ڪري اتان جي
عوام ۾ سجاڳي جي لهر آئي ۽ وڏن جهيڙن جهڳڙن ۽ باهمي لڙائين لڙڻ ڪانپوءِ
انهن بادشاهن کان ڪجهه حق ڇني ورتا ۽ آهستي آهستي شهنشاهيتن ۽
بادشاهي وارن نظامن کي وڏو ڌڪ هنيين ايتري تائين جو شهنشاهتون ته
سڪڙجي ختم ٿي ويون ۽ بادشاهتون به نالي ماتر رهيون آهن. هن وقت
سائنسي ۽ صنعتي ترقي ايتري ٿي آهي جو نئين مواصلاتي نظام سڄي دنيا کي
تمام ويجهو ڪري ڇڏيو آهي تنهنڪري جيڪي سهوليتون عام ماڻهو
آمريڪا ۽ يورپ ۾ وٺي سگهي ٿو اهي ئي سهولتون هر هنڌ عوام کي ڏيڻيون
پونديون. ڇاڪاڻ ته عوام به سڄاڳ ٿي اهڙيون سهولتون گهرندو.

اهڙي طرح سان بادشاهتن واري نظام ڪمزور ٿيڻ ۽ گهٽڻ هئڻ تي
تنهن ڪانپوءِ جمهوري نظام ميدان تي آيو جنهن جو مطلب آهي ماڻهن منجهان
حڪومت ماڻهن لاءِ حڪومت ۽ ماڻهن جي حڪومت. بنيادي طور تي هاڻي
ڪري طرح سان اهوئي بهتر نظام آهي ۽ عوام الناس جي ڀلائي لاءِ وڌيڪ
بهتر به ٿي سگهندو. پر في الحال ان نظام تي به وڏن ماڻهن جو گهڻي ڀاڱي قبضو
ٿي ويو آهي. خاص ڪري ٽين دنيا جي ملڪن ۾ ته چونڊ جو طريقه ڪار اهڙو
رکيو اٿن جو امير ئي چونڊجي سگهي ۽ وچولي طبقي جو ماڻهو اميدوار طور
بيهي به نه سگهي. ان ڪري ٽين دنيا جا سڀ ملڪ غربت جي ڪُن ۾ ڦاٿا آهن ۽
انهيءَ مان جند ڇڏائڻ لاءِ وڏن ماڻهن جو بي ايمان مفاد پرست طبقو صحيح
سڌارا ٿيڻ ئي نه ٿو ڏئي هو ڄڃي ٿو ته انهن سڌارن جي ڪري سندس شان
شوڪت گهٽ ٿي ويندو ۽ سندن عيش پرستي ختم ٿي ويندي ايترو نه ٿا
سوچين ته لکها ماڻهن جي زندگي عذاب بڻيل آهي جن ويچارن کي نه تن ڍڪڻ
لاءِ اوڇڻ آهي ۽ نه وري گرمي، سردي ۽ ڳڙي برسات کان بچاءَ لاءِ ڪو اجهو اٿن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪمايو ڪمايو ته پوءِ به ٻچيڻ کي پيٽ پري کائڻ نصيب ڪونه ٿو ٿئي. بيمارين ۾ لڇي لڇي مري ٿا وڃن پر علاج جي سهولتن کان محروم. تعليم کي هٿ وٺي اهڙو خراب ڪيو ويو آهي جو غريب جو ٻار سڌري نه سگهي. بجلي روڊ ۽ رستا به بلڪل گهٽ آدمشماري کي مهيا آهن وڏو تعداد انهن سهولتن کان محروم آهي گهڻن هنڌن تي ته پيئڻ جو پاڻي اهو ئي اٿن جيڪو جانور به مشڪل سان ٿا پي سگهن. پاڪستان ۾ 57 سالن کان وٺي نام نهاد عوامي نمائينده يعني رئيس، پير، مير، چوڌري، سردار، خان يا وري مارشل لا وارا معتبر آيا ويا پر عوام جو حال نه سڌري سگهيو.

ستونجاهه (57) سالن جي عرصي گذرڻ جي باوجود پاڪستاني عوام جي حالت ڏينهون ڏينهن بد کان بدتر ٿيندي ٿي وڃي سوچيو؟ آخر انهيءَ جا به ڪي بنيادي سبب هوندا جڏهن ته انهيءَ ساڳئي عرصي ۾ جپان، ڪوريا، چائنا، ٿائلينڊ ۽ ٻين ملڪن تمام سٺي ترقي ڪئي آهي ۽ هنن پنهنجي عوام کي سٺي تعليم ڏئي کين سٺو باعزت روزگار مهيا ڪري زندگي جون سڀ بنيادي سهوليتون ميسر ڪري ڏنيون آهن. اسان جي پستي جو سبب اهو آهي ته هتي هڪ مفاد پرست طبقو آهي جيڪو جاگيردارن، زميندارن ۽ وڏيرن، پيرن، ميرن، چوڌرين، خانن، ملڪن ۽ سردارن تي مشتمل آهي ۽ اهو طبقو هميشه کان دولت ۽ اقتدار تي قابض رهيو آهي. اسيمبلين ۾ ميمبرن جو تعداد ايترو ته محدود رکيو اٿن جو سواءِ وڏن امير ماڻهن جي ٻيو ڪوبه وچولي طبقي جوا ديب، دانشور، وڪيل رٽائرڊ آفيسر اليڪشن لڙي نه سگهي ۽ هميشه انهي ڪري ساڳيا ماڻهو يا ساڳئي خاندان جا فرد اليڪشن لڙي ۽ کٽي اچن ٿا. جيڪڏهن هن عوام دشمن "امير بيوروڪريسي" جي طريقي کي تبديل نه ڪيو ويندو ته پاڪستاني عوام کي سندن بنيادي حق ڪڏهن به ڪونه ملي سگهندا. ڇاڪاڻ ته هي مفاد پرستن جو طبقو عوام جي ڀلائي ڪڏهن به نه چاهيندو ۽ هنن ئي هن پياري پاڪستان جي عوام کي تباهي جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو آهي. انهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ضروري آهي تہ انهي طبقي جي هڪ هٽي ختم ڪري عوام جمهوريت بحال ڪئي وڃي. ٻين ملڪن جي ماڻهن کي گهٽ ۾ گهٽ ڪري سڀ بنيادي حق حاصل آهن ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ گهٽو ڪري وسيع بنيادن تي نمائندگي ڏنل آهي تنهنڪري اهي ترقي ڪري پنهنجي عوام جو معيار زندگي بهتر ڪري رهيا آهن هيٺ ڏنل انگن اکرن مان توهان پاڻ اندازو لڳائيندا تہ اسان جي ڪيڏي نہ محدود نمائندگي آهي ۽ پاڪستاني عوام سان ڪيڏو نہ وڏو ظلم جاري رکيو ويو آهي.

ملڪ جو نالو	آدمشماري	ايوان ۾ نمائندگي
انگلينڊ	ساڍا پنج ڪروڙ	654
اٽلي	پنج ڪروڙ	1002
فرانس	ساڍا پنج ڪروڙ	554
ترڪي	پنج ڪرور	540
اتر ڪوريا	هڪ ڪروڙ سٺ لک	541
ڏکڻ ڪوريا	ٽي ڪروڙ	220
برما	چار ڪروڙ	475
البانيہ	ستاويهہ لک	270
سئزرلينڊ	ٽيهہ لک	200
آسٽريا	پنجهتر لک	183
بيلجيم	هڪ ڪروڙ	212
بلگاريہ	اناسي لک	400
ڪمبوڊيا	ٻاهٺ لک	117
ڊينمارڪ	پنجاهہ لک	180
يونان	نوي لک	300
انڊونيشيا	اڙهہ ڪروڙ	1000

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فيڊرل جرمني (اڳين)	ڇهه ڪروڙ	496
جاپان	ٻارنهن ڪروڙ	512
آسٽريليا	ڏيڍ ڪروڙ	148
ڪئناڊا	اڍائي ڪروڙ	295
ميڪسيڪو	ڇهه ڪروڙ ستر لک	500
رومانيه	ٻه ڪروڙ	400
نائجيريا	اٺ ڪروڙ	450
پاڪستان	ٻارنهن ڪروڙ	207
آرجنٽينا	اڍائي ڪروڙ	250
هنگاري	هڪ ڪروڙ	388
رشين اسٽيٽ	پندرهن ڪروڙ	1046

مٿي ڏنل انگ اکر صرف انهن ملڪن جي ايوان زيرين يعني نيشنل اسيمبلي ايوان جا آهن. سندن ايوان بالا يا اپر هائوس جا ميمبر جدا آهن ۽ انهن جو تعداد به اهڙي طرح وڌيل آهي. انهن انگ اکرن تي نظر وجهڻ ڪانپوءِ صاف ظاهر ٿي پوندو ته پاڪستاني عوام جي سياسي حقن تي مفاد پرستن وڏو ڏاڙو هنيو آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته انهيءَ ظلم جو خاتمو ڪيو وڃي. هاڻي عوام جو مطالبو آهي ته اسان جي ملڪ ۾ پنجاهه هزار آدمشماري تي هڪ نمائندو مقرر ڪيو وڃي ۽ سيني نمائيندن جون چونڊون سڌو سنئون عوام ڪري چونڊون ججن جي نگراني ۾ ڪرايون وڃن ۽ نگران حڪومت غيرسياسي ماڻهن تي مشتمل هجي. جيڪي دوست عوام جي ۽ ملڪ جي ترقي چاهين ٿا انهن سيني کي گذارش تي ڪجي ته هن عظيم ظلم خلاف وڏي زور شور سان آواز اٿاريو وڃي ۽ تمام گهڻو ۽ هر هنڌ ڳالهايو وڃي ته جيئن جلدي عوام کي انصاف ملي. صدر صاحب ۽ سيني وس وارن ۽ سياسي رهنمائن کي اپيل تي ڪجي ته هن قسم جي آئيني ترميم ڪرائي پوءِ نيون چونڊون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرايون وڃن.

عوام جو حال چو نہ سڌريو ڇاڪاڻ تہ انهن وڏن ڏوڪي بازن ۽ مفادپرستن جن جون حڪومتون هيون عوامي سڌارا نہ ڪيا بلڪ ملڪ ۽ عوام کي غلط ڳالهين ۾ ڦاسائي ۽ هڪ ٻئي سان ويڙهائي ڇڏيو اٿن. اهڙين غلط ڪارين ۾ عوام کي ڦاسائين جن مان و ويچارو جان بہ نہ ڇڏائي سگهي ۽ سوچيندو رهجي وڃي تہ هي ڇا ٿي رهيو آهي ۽ ڪيئن ٿي رهيو آهي. جيڪو غريب ڪنهن وڏي ماڻهو جي غلامي ۾ نہ هليو تہ سندس چوري ڪرائڻ ۽ ان کي اهڙي طرح سان سيڪٽ ڏيڻ جو وري سنڌون نہ ٿي سگهي پر چوري ڪرڻ وارو بہ وري پيو غريب. پوءِ وري انهي عمل سان گڏ ڪوڙي قسم ۽ ڪوڙي شاهدي ذريعي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري سيني کي اهڙي مڪروه جار ۾ ڦاسائي ڇڏين تا جو سالن جا سال سندن هڪ ٻئي سان دشمني ۽ جهيڙو نبري نہ سگهي. انهي چڪر ۾ جيڪي بہ ڏوڪڙ غريب ڪمائين اهي بہ پولس جي ور چڙهيو وڃن ۽ اهڙي طرح سان همراهہ هميشہ خالي هٿئين هلندا وتن ۽ ڪيترن ئي انگڻٽ قسمن جون مصيبتون سهندا وتن.

ڪوڙن ڪيسن جو رواج تہ خير سان حڪومتن پنهنجن مخالفتن تي بہ آزمايو ۽ انهن سياسي ڪارڪنن تي جن ڪڏهن ڪڏهن همت ڪري سچ ۽ حق چوڻ جي جرئت ڪئي. ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ ڪوڙن ڪيسن ذريعي ڪهڙي نہ غلط طريقہ سان مخالفن کي مات ڪرڻ جون ذليل حرڪتون ڪيون ويون تقريبن سيني حڪومتن ايئن ڪيو پر مرحيات جام صادق علي تہ سيني کان ڳوءِ کٽي ويو. عام طرح سان وڏو ماڻهو پنهنجي مفادن خاطر ڪامورا شاهي سان هڪ ٿي پوءِ ئي عوام تي ظلم ڪندو رهيو آهي. هو هميشہ اهو ڏسندو تہ ڪنهن بہ طرح سان حڪومتي ساٿ برقرار رهي. هتي جي تمام وڏن ڳرين هستين بہ پاڻ کي فوج جو ايجنٽ سڏائي فخر محسوس ڪيو آهي ڇاڪاڻ تہ ايئن ڪرڻ سان هنن کي عوام کي قرڻ ۽ عوام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان جنين ڪرڻ ۾ تمام گهٽي سولائي ٿئي ٿي.

حڪومت، فوج ۽ ڪامورا شاهي کي غلط استعمال ڪري هر قسم جو استحصال جاري رکيو ويو آهي. ڇا ڪنهن کي خبر نه آهي ته سنڌ جو ڊاڙيل فيڪٽر ڪنهن جي پيداوار آهي ۽ ڇا انهن مان گهڻن جا سنڀاليندڙ ۽ مربي هر وقت ايوان اقتدار جي ڪرسين تي ويٺل ڪونهن ڪيترن وڏن پاٿاريدارن کي تمام وڏن حڪومت جي ساٿارين جو سهارو ڪونه آهي. اهڙي طرح سان پوليس جا آفيسر ڊاڙيلن سان ٻانهن ٻيلي نه آهن. گهڻن صوبيدارن، ڊي ايس پين ۽ ايسپين جي ڪمائي جو ذريعو ڊاڙيل نه آهن. جيڪڏهن ٿاڻا لکن ۾ پيا وڪامجن ته ڇا اها رقم اعليٰ پوليس عملدارن ۽ وزيرن وٽ ڪونه ٿي پهچي ته پوءِ ڊاڙيل فيڪٽر وڌي نه ها ته ٻيو ڇا ٿئي ها! ڇا وقت جا وزير ڏيڍ ڏيڍ لک تي هڪ هڪ صوبيدار جي پوسٽ نه وڪڻي رهيا آهن ۽ ڇا ٻين سيٽن پوسٽن لاءِ اگهه مقرر ڪونه ٿي ويا آهن. انسانيت جا قاتل، چرس، آفيم ۽ هيروئن جا واپاري ڪو حڪومت کان ۽ پوليس کان ڳجها آهن. ڇا انهن جو واپار پوليس ۽ وڏن ماڻهن جي پشت پناهي جي بغير هلي رهيو آهي. ڪنهن کي خبر نه آهي ته جوا جا اڏا صوبيدارن جي مدد ڪانسواءِ ڪونه هلي سگهندا.

ڪٽي ٻه برائين جي خلاف ڪا جنگ جوٽيل ڪانهي اٿلندو سيني برائي جي عملن کي حڪومت جي عملدارن ۽ وڏن ماڻهن جي سرپرستي حاصل آهي.

"تعاونو علي البر والتقوي ولا تعاونو علي الاثم والعدوان"

چڱائي جي ڪمن ۾ مدد ڪيو ۽ برائي جي ڪمن ۾ مدد نه ڪيو جي قرآني حڪم جي مسلمانن جي ملڪ ۾ مڪمل انحرافي ڪئي وئي آهي ۽ اجا ٻه جاري ۽ ساري آهي هي عوام دشمن حڪومتون برائين کي روڪين ڪونه ٿيون پر وڌائين ٿيون.

اسلام ۽ مسلمانن جي حڪومت ۾ شراب بند نه ٿي سگهيو ڪنهن نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنهن بهاني ان جي آمد جاري رکي ويئي. ڇا مسلمانن ہين مذهب وارن کي جن جي مذهب ۾ بہ شراب جائز نہ آهي شراب مهيا ڪرڻ جو ٺيڪو يا ذمو کنيو آهي. صرف ڪجھ وڏن ماڻهن کي پنهنجي عيش لاءِ گهرج آهي ان ڪري شراب بند نہ ٿي سگهيو آهي. ها باقي جي ڪنهن وچولي طبقي يا غريب جي گهر مان يا ڪار مان بوتل لڌي يا ملي ويئي تہ يڪدم چالان ٿي ويندو ڇا اختياري وارن کي خبر نہ آهي تہ انهن مان ڪير ڪير شراب جو دلداده آهي.

جناب هاڻي هي منافقتون ڪوڙ ۽ ٺڳيون ڪونہ هلي سگهنديون سڄي نظام کي پاڪستان ۾ بہ درست ڪرڻو پوندو. هاڻي عوام کي برين عادتن ۾ ڦاسائي پاڻ عيش ڪرڻ گهڻو وقت نہ هلندو. هاڻي عوام جي خلاف حڪومت هي انفرادي سطح تي سازشون ڪونہ هلنديون ڇو تہ انهن سڀني ڳالهين کي واڪي ڪرڻ جا وڏا وسيلا مهيا ٿي ويا آهن هاڻي چاڪاڻ تہ سڄي دنيا هڪ ٿي ويئي آهي. تنهنڪري مفادپرست وڏن ماڻهن جون چالبازيون جن کان عوام بہ چڱي طرح سان واقف ٿي چڪو آهي نہ هلي سگهنديون. ڇو تہ انهن کي سڄي دنيا ۾ واڪو ڪري سگهجي ٿو هاڻي عوامي اتحاد ۽ عوامي احتجاجن جي ڪري عوامي حق وٺڻ آسان ٿيندو ٿو وڃي. تنهن ڪانسواءِ ٽيڪنالاجي جي دور جي ضرورت سائنسي تعليم ٿي پيئي آهي. جيڪڏهن ملڪي ترقي کپي تہ سائنسي، فني ۽ هنري تعليم کي عام ڪرڻو پوندو نہ تہ ملڪي نظام صحيح طرح سان نہ هلي سگهندو. هاڻي نئيا ۽ وڏا ٽيڪنوڪريٽ کپندا جيڪي ملڪي صنعت ۽ ڪاروبار هلائي سگهندا. جيڪڏهن ٽيڪنوڪريٽ پيدا نہ ڪيا ويندا تہ ملڪ نہ هلي سگهندو ۽ سڄو ڍينگوئي ڍيري ٿي پوندو پر جي تعليم وڌائبي ۽ وڌائڻي پوندي تہ پوءِ عوام کي حق، حقوق ۽ سهولتون بہ ڏيڻيون پونديون ۽ ملڪي نظام ۾ سڌارا آڻڻ ناگزير ٿي پوندو. تنهنڪري هن وقت سڀني سڄڻن کي گهرجي تہ عوامي حقن لاءِ ملڪي ترقي لاءِ سڄي ملڪ جي آدمشاري جي ڀلي لاءِ جيڪي سڌارا ضروري سمجهيا وڃن انهن تي قلم کڻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ نشاندهي ڪن ۽ سيني وس وارن ڪان اها گهر ڪن ته سياسي، سماجي، قانوني، تعليمي انتظامي، زرعي ۽ صنعتي سڌارا آڻي جلد کان جلد هن ملڪ کي به دنيا جي بهترين ملڪن جي شمار ۾ آڻجي. ملڪي وسيلا چند خاندانن جي عيش پرستي لاءِ نه پر عوام الناس جي ڀلي خاطري استعمال ٿيڻ کپن. جيڪڏهن جلدي سڌارا نه ڪيا ويا ته هي ملڪ نه رهي سگهندو.

جيڪڏهن عوام جي حقن جي جدوجهد ۾ هر هڪ عوام جو گهٽگهرو آواز اٿاريندو ته يقينن عوام جي ڀلائي لاءِ ڪن باضمير انسانن کي چڪ ضرور ٿيندي ۽ جڏهن گهڻن ماڻهن جو اهو آواز ٿيندو ته پوءِ چند مفادپرست ان آواز کي دٻائي نه سگهندا. بحرحال مال ملڪيت ۽ دولت سڀ ڪجهه نه آهي نه وري ڪوائين ٿي سمجهي ته انهن شين کي زوال ڪونهي ۽ نه وري اهي شيون ڪو عزت ۽ احترام جو سٺو ذريعو آهن. لازوال عزت ۽ احترام تاريخ ۾ انهن کي ملندو جيڪي حق، سچ ۽ انصاف جي وات وٺي عام ماڻهو جو ڀلو چاهيندا. شاهه صاحب فرمايو آهي:

نڪاهت نڪا هت ڪا ڳوري سندي ڳالهه،
ڪانه پهتي مال حال پهتي هوت کي.

حقيقي عزت، دائمي عزت ۽ احترام جا حقدار اهي ٿي ٿين ٿا جن عوام جي خير خواهي ڪئي

"خيرالناس من ينفع الناس"

جهڙي طرح حديث به انهي جي گواهي آهي. هن سماج ۾ شروع کان وٺي عام ماڻهن وڏا ڏچا سٺا آهن ۽ تمام وڏي اڻانگي ڏکي جدوجهد ڪئي اٿن هاڻي سندن محنتون ۽ تڪليفون ساب پونديون باقي ٿوري ڪوشش جي ضرورت آهي جيڪڏهن هر هڪ همدرد ٿين سان گڏجي هر طرح سان ڪوشش ونندو ته هن سماج مان ظلمن کي ختم ڪري سگهبو. جيڪڏهن ظالمن کي نندڻيو وڃي ۽ انهن کان نفرت جو اظهار ڪيو وڃي ته انهن جو خاتمو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جلد ٽيندو.

هتي سڄو جهڳڙو شريف ۽ بدمعاش جو ظالم ۽ مظلوم جو حڪام ۽ محڪوم جو خادم ۽ مخدوم جو امير ۽ غريب جو ڦريندڙ ۽ ڦرجندڙ جو آقا ۽ غلام جو غلط ۽ صحيح جو برائي ڀڄڙائي ۽ چڱائي جو آهي مطلب تہ سڄو جهڳڙو حق ۽ ناحق جو آهي, انصاف ۽ ناانصافي جو آهي. واضح ۽ صاف هن دنيا ۾ جهيڙو هلندو آيو آهي ۽ شايد اڃا ڪجهه وقت ڪنهن شڪل ۾ رهي پر جيڪڏهن انسان اها ڳالهہ سمجهندا ۽ هڪ ٻئي کي سمجهائيندا تہ پوءِ ڪاميابي حق جي ٿيڻي آهي ۽ شڪست باطل کي اچڻي آهي. يزيديت جو مقدر شڪست آهي ۽ حسينيت ڪامياب رهندي, ڪامياب رهندي ڪامياب رهندي.

"قل جاءالحق وزهق الباطل ان باطل ڪان زهوقا"

عوام جي گهٽگهرن, سڄڻن, دانشورن دوستن کي اپيل آهي ڪجهي تہ مهرباني ڪري هر طرح سان, هر هنڌ, هر سطح تي, عوا ملڻ ملايطہ جاري رکي عوام کي مفاد پرست طبقي جي حرفتن, مڪارين ۽ چالبازين کان چڱي طرح سان آگاهہ ڪيو وڃي. اهڙي طرح سان ساڳئي وقت عوام کي ٻڌي ايڪي ۽ عوامي اتحاد جي ضرورت سمجهائي وڃي جنهنجي طاقت سان پرامن عوامي احتجاجن ذريعي ظالم ۽ مڪار طبقي مان جلد جان ڇڏائي سگهجي ٿي. سيني پڙهيل دوستن جي اها ذميواري آهي تہ پنهنجن ان پڙهيل ڀائرن سان ڪچهريون مچائي کين سجاڳ ۽ سجاڳ ڪيو وڃي تہ جيئن هو پنهنجا حق جلد از جلد وٺي سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پونم سيني ننڍن صوبن جي ضرورت آهي

پاڪستان کي ٺهيءَ ٻتونجاهه سال گذري چڪا آهن. انگريزن ويندي ويندي ورهاڱو اهڙي طرح سان ڪيو ته جيئن ٻن قومن جي نظريه جي بنياد تي ٺهيل ٻه ملڪ سدائين هڪٻئي سان وڙهندا رهن. اهڙي ٻي تڪي ورهاست الائي ڇو قبول ڪئي وئي جاڪاڻ ته ان ورهاست جي ڪا به خوبي اڄ ڏينهن تائين ظاهر ڪانه ٿي آهي. البته پاڪستان 1971ع ۾ ٽٽي ٻه اڌ ٿي ويو جنهن ثابت ڪيو ته ٻن قومن وارو نظريو ڪمزور هيو ۽ ان جي بنياد تي لولو لنگڙو پاڪستان ٽڪڙن ۾ قبول ڪرڻ صحيح ڪونه هئو. جيڪڏهن اها آزادي جنهن خوام خواه لکين ماڻهو مارايا ڪجهه سال اڃا دير سان ملي ها ۽ ڳالهيون ٻوليون ڪري اهڙي طرح سان آزادي ونجي ها جيئن ڪيس ۽ ڳوس نه ٿين ها ۽ هتان جو عوام ان آزادي جون خوشيون سدائين محسوس ڪري ها ته وڌيڪ بهتر ٿئي ها. هن وقت تائين جيڪي ٽي لڙائيون ٿيون آهن اهي نه ٿين ها ۽ هٿيارن تي جيڪو ٻئي ملڪن خرچ ڪيو ۽ ڪن پيا اهو انسانن جي ڀلائي ۽ بهتري تي خرچ ٿئي ها. پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ فوج صرف هڪ صوبي جي ٺاهي وئي ۽ ان کي مضبوط ڪين ۽ ڪجهه حصو صوبي سرحد کي به ڏنو ويو باقي سنڌ، بلوچستان ۽ بنگال کي نظرانداز ڪيو ويو فوجي طاقت جي زور تي پنجاب پنهنجي طاقت مضبوط ڪئي ۽ باقي سيني صوبن سان زيادتي ڪئي وئي. سيني کان وڌيڪ زيادتيون بنگال ۽ سنڌ سان ٿيون. بنگال 1971ع ۾ وڙهي جان ڇڏائي آزاد ملڪ بنگلاديش ٿي ويو.

باقي پاڪستان ۾ ٽن ننڍن صوبن سان پنجاب جون زيادتيون جاري رهيون وري به ٻين جي مقابلي ۾ سنڌ سان شروع کان ماتيجي ماءُ وارو سلوڪ جاري رکيو ويو. سنڌ سان شروع کان وٺي ٽيل زيادتوين ڪجهه هينئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طرح آهن.

1_ سنڌ انگريزن ٽالپرن کان ملڪ طور فتح ڪئي ان ڪري ان
ڪي ملڪ جو درجو ڏيئي ڪيندو هو پر هنن سائين جي ايم سيد واري قرارداد
دوڪي سان 1946ع ۾ تبديل ڪري سنڌ کي ٺهندڙ ملڪ پاڪستان جو صوبو
قرار ڏنو.

1943ع ۾ سنڌ اسيمبلي ۾ سائين جي ايم سيد 1940ع جي
ريزوليشن (قرارداد) کي پاس ڪرايو. جنهن تحت پاڪستان گهڻ قومي ملڪ
هوندو ۽ رياستون برابري جي بنياد تي خود مختيار هونديون.

اهڙي طرح سان جڏهن آزادي ملي ته 1947ع ۾ پاڪستان جا
پنج صوبا يعني اوڀر بنگال، اولهه پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد کي هڪ
وفاقي ملڪ چيو ويو اهو ورهاڱو ۽ اها ورڇ صحيح ڪونه هئي.

(2) ڪراچي کي سنڌ کان جدا ڪري وفاق جي ڪنٽرول ۾ ڏنو
ويو.

1955ع ۾ ون يونٽ ناهي چئني صوبن کي زبردستي گڏائي ون
يونٽ قرار ڏئي سڄي پاڪستان کي ٻن اڪاين يعني اوڀر پاڪستان ۽ اولهه
پاڪستان تي مشتمل ڪيو ويو ۽ ٻنهي يونٽن کي پيرٽي (Parity) جي بنيادن
تي هلائڻ لاءِ آئين ناهيا ويا ۽ ٻيا قدم کنيا ويا جن ٻين سان گڏ سنڌ صوبي ۽
اوڀر پاڪستان جي مفادن کي وڌيڪ سخت ڌڪ هنيو.

1956ع جو آئين ايوب جي مارشل لا ۽ 1962ع وارو آئين نه
هلي سگهيا. ون يونٽ کي ٽوڙڻ لاءِ زبردست مهم هلي جنهن ۾ سڀني سنڌين
ڀرپور حصو ورتو. جناب ذوالفقار علي ڀٽي صاحب وزارت خارجه تان استعيفيٰ
ڏئي پاڪستان پيپلزپارٽي ناهي اولهه پاڪستان ۾ خاص طرح سان ايوب
خلاف وڏي مهم هلائي ۽ اوڀر پاڪستان ۾ جناب مجيب الرحمان صاحب مهم
هلائي ان جي نتيجي ۾ ايوب صاحب اقتدار جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يحيٰ خان ون يونٽ ختم ڪري عام چونڊن جو اعلان ڪيو
جيڪي ون مين ون ووٽ جي بنيادن تي ٿيون. ان اليڪشن ۾ عوامي ليگ
مجموعي طرح سان اڪثريت سان ڪامياب ٿي پر اقتدار ان جي حوالي نه ڪيو
ويو جيڪا اولهه پاڪستان وارن جي زيادتي ۽ غلطي هئي جنهن ڪري اوڀر
پاڪستان ۾ فساد ٿيا ۽ فوجي ائڪشن ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾
ڊسمبر 1971ع ۾ اوڀر پاڪستان ٽٽي جدا ملڪ يعني بنگلاديش ٺهي ويو.

(3) اولهه پاڪستان کي باقي بچيل پاڪستان سمجهي فوجين
حڪومت جناب ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي حوالي ڪئي جنهن کان
1973ع جو آئين پاس ڪرائي پاڪستان جي عوام کي هميشه لاءِ وڏن ماڻهن
جي جاگير بڻائي ڇڏيو ويو. هي عوام دشمن آئين آهي. جنهن ۾ تمام وڏا ٽڪ
رکي اسيمبلين ۾ ميمبرن جو تعداد بلڪل محدود رکيو ويو. اهڙي طرح سان
سڄي پاڪستاني عوام ۽ خاص طرح سان سنڌي عوام جو وڏو نقصان ٿيو
ڇاڪاڻ ته هتي وڏيرا شاهي ۽ جاگيرداري زورن ۾ هئي ۽ آهي.

بهرحال ڀٽي صاحب کي ڪم ڪرڻ ڇاهيا پئي يا اڳتي ڪري
ها جيڪي هتان جي فوجين کي وڏن ماڻهن کي ۽ ٻاهرين طاقتن کي قبول نه هئا.
تنهنڪري پي. اين. اي واري تحريڪ هلائي وئي 1977ع ۾ ضياءُ الحق کان
مارشل لا لڳرائي وئي.

پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪنهن به ٻئي وڏي ليڊر سان ايڏو وڏو
ظلم ۽ زيادتي نه ڪئي وئي آهي جهڙي جناب ذوالفقار علي ڀٽي سان ۽ ان جي
خاندان سان ٿي آهي. ان جا ڪجهه سبب ته سندن غلطيون به آهن پر ڪجهه
لڪل ۽ ڳجها سبب ۽ هٿ ضرور آهن نه ته ٻين به گهڻن ليڊرن پاڪستان جي
مخالفت به ڪئي ۽ حڪومت به ڪئي پر انهن کي ڪڏهن اهڙي سختي ڪانه
آئي. مثلن ولي خان جو خاندان جي ايم سيد جو خاندان ڪجهه جيل ۽ گهرن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظربنديون ڏنن ۽ سٺن.

پير صاحب جو خاندان، جتوئي صاحب جو خاندان، مخدوم خاندان، دولتانه جو خاندان، ايوب خان جو خاندان ۽ پنجاب جا مخدوم خاندان وغيره البته اقتدار جي رساڪشي ۾ ڪجھ بلوچ سردارن قربانيون ڏنيون ۽ عوام سختيون سليون باقي عام طرح جي جيل ۽ نظربندي ڪانسواءِ ڪنهن جو به خاندان اهڙين ڪونه ڪٺو ويو آهي پٽي صاحب ۽ سندس خاندان جي عوامي ليڊرشپ سيني وڏين طاقتن، وڏن ماڻهن ۽ فوجين جي اکين ۾ ڪنڊي وانگر چڀندي رهي آهي ۽ رهي ٿي.

(4) اميد ته پٽي جي نياڻي عوام جي موت جو قدر ڪندي ۽ سندن ڀلي لاءِ عوامي اصلاحي سڌارن جو پروگرام ڏئي ۽ انهيءَ عمل ڪري عوام جون اميدون پوريون ڪندي پي صورت ۾ ڪيس به تاريخ جا سبق ياد رکڻ کپن جيڪي ڪجھ يوگيو اٿس شايد انهيءَ کان ڪجھ وڌيڪ پوگڻو پوندس.

هاڻي هن ملڪ کي قائم رکڻ لاءِ نئون سماجي معاهدو کپي جنهن کي سڀئي اصلي اڪائيون قبول ڪن. 1973ع وارو آئين ننڍين صوبن ۽ ننڍين اڪاين کي انصاف ڏيارڻ ۾ ناڪام ويو آهي. تنهنڪري هاڻي ان جي جاءِ تي نئون سماجي معاهدو هٿ گهرجي يا ان ۾ ترميمون ڪري قابل قبول بنائجي.

(5) جام صادق جيڪو پنهنجي اقتدار لاءِ هر شي وڪڻڻ ۽ قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندو هو ان کان زبردستي ۽ سنڌ حڪومت ڏيڻ جي قيمت تي نواز شريف پاڻي وارو ناهه ڪرائي ۽ غلط ورهائڻ ڪري سنڌ جي پاڻي جي حصي تي قبضي جي شروعات ڪئي ۽ وري ڪالاباغ ڊئم جي منصوبي جو اعلان ڪري سنڌ کي مڪمل طرح رڃ، سڃ ۽ رڻ بنائڻ سان گڏ هميشه جي لاءِ پنجاب جي رحم ۽ ڪرم تي غلاماڻي زندگي گهارڻ لاءِ منصوبو سٽيو ويو. اڳ ۾ ئي لنڪ ڪئنال جي ذريعي سنڌ جي حصي جو پاڻي پنجاب ۾ زبردستي، زور سان ۽ چوري سان ڪنيو ٿو وڃي جنهن جو تدارڪ هن موجوده وفاق ۾ نٿو ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهي

(6) جناب ممتاز علي ڀٽي جي نگران دور ۾ نائي وارو ناهه زبردستي وزيرن ۽ صلاحڪارن جي صحيحن سان سنڌ تي مڙهيو ويو جنهن مطابق وفاقي فنڊ مان سنڌ کي جائز حصو نه ڏنو ويو.

(7) سرحد کي تربيلا ڊئم جي آمدني مان رائلٽي ڏني تي وڃي. بلوچستان کي سئي گئس مان رائلٽي ڏني وڃي ٿي. پر سنڌ کي ڪراچي پورٽ جي ڪمائي مان رائلٽي نٿي ڏني وڃي.

(8) سنڌ کي سنڌ جي معدني وسيلن جهڙوڪ تيل ۽ گئس مان سنڌ کي ڪابه رائلٽي نٿي ڏني وڃي.

(9) سنڌ جي معدني وسيلن کي قابل استعمال بنائڻ لاءِ ڪابه اسڪيم وڏي پئماني تي نه ٿي منظور ڪئي وڃي جنهنڪري ڪيترائي وسيلا بنا استعمال جي پيا آهن. سنڌ جي ڪوئلي تي هڪ اسڪيم پي پي حڪومت منظور ڪئي. پر ان ڪيٽي بندر اسڪيم کي به بند ڪيو ويو. انهن اسڪيمن جي ڪري صوبي ۾ ترقي ٿيندي ۽ وڏيڪ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا. پر پنجاب وارن کي اهي سڀ ڳالهيون پسند نه آهن.

(10) سنڌين کي آبادي جي بنياد تي نوڪرين ۾ حصو نٿو ڏنو وڃي ۽ انهن کي اهم پوسٽن تي مقرر ڪرڻ ۾ به ٻه اکيائي ڪان ڪم ورتو ٿو وڃي. هن حڪومت سٺ کن اهم پوسٽن مان سنڌ وارن کي هڪ به نه ڏني آهي ۽ پاڪستان کي باقائده پنجابستان ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.

(11) پنجاهه سال گذرڻ جي باوجود سنڌين کي فوج ۾ مقرر حصو نه ڏنو وڃي ٿو ان لاءِ مختلف بهانا، حربا ۽ هٿ جا ناهه ناهيا ٿا وڃن پر اصل حقيقت اها آهي ته پنجابي چاهين ٿي ڪونه ٿا ته سنڌي ۽ بلوچ فوج ۾ اچن.

(12) سيني فيڊرل ڪاتن ۽ ادارن ۾ ۽ ڪورٽن ۾ سنڌين ۽ ٻين ننڍين صوبن ۽ قومن کي صحيح حصو نٿو ڏنو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(13) سنڌ کي ترقي وٺرائڻ لاءِ ڪي به وڏيون اسڪيمون نه ٺهيون
ڏنيون وڃن جهڙوڪ گورڪ اسڪيم، منڇر ڍنڍ اسڪيم، گاج ڊئم ۽
ڪوهستان اسڪيم پاڻي جي ذخيرن کي گڏ ڪرڻ لاءِ ترقياتي اسڪيمون.
سم ۽ ڪلر کي ختم ڪرڻ لاءِ اسڪيمون اڌ ۾ رهيون پيون آهن. اهڙي طرح
سان سنڌ جي ترقي لاءِ ڪافي پيداواري اسڪيمون قابل عمل آهن پر انهن لاءِ
خرچ ڪرڻ لاءِ وفاقي حڪومتون تيار نه آهن.
(14) سنڌ جي تعليم کي هٿ سان تباهه ڪيو ويو آهي.
(15) سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي سخت ڌڪ لڳو ۽ ان جي ترقي ۾
اوسر رڪجي وئي دنيا ۾ ڪيترائي ملڪ آهن جن ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻوليون
ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ انهن کي سرڪاري طرح سان قومي ٻولين جو مرتبو آهي
۽ ان لاءِ سرڪار هر طرح جي مدد ڪري ٿي. پر پاڪستان ۾ قومي ٻولين وارو
مسئلو صحيح طرح حل نه ڪيو ويو آهي.
اردو ۽ اسلام کي هڪ شي سمجهيو ويو قائداعظم وڏي غلطي اها
ڪئي ته بنگال ۾ اعلان ڪيائين ته پاڪستان جي قومي ٻولي صرف ۽ صرف
اردو هوندي. جنهن کري اوير پاڪستان ۽ سنڌ ۾ ردعمل ٿيو ۽ اوير پاڪستان
جي ٽٽي وڃڻ جو هڪ سبب اردو ٻولي کي صرف ۽ قومي ٻولي مڃڻ هئو.
جڏهن ته اها ڪنهن به اڪائي جي ٻولي نه هئي نه آهي.
(16) سنڌ ۾ امن امان جي حالت هٿ سان بگاڙي وئي آهي ته
جيئن ڪي به ترقياتي ڪم نه ٿي سگهن ۽ سنڌ پوئتي رهجي وڃي.
مٿي بيان ڪيل زيادتيون خاص طرح سان سنڌ سان ۽ ٻين سيني
ننڍين صوبن سان ٿيون آهن ۽ ٿين پيون.
تنهنڪري سيني صوبن جي قوم پرست اڳواڻن ٻڌي ڪري حق
وٺڻ لاءِ مظلوم قوميتن جي تحريڪ شروع ڪئي آهي.
جيڪڏهن ننڍين صوبن کي حق ڪين ۽ پنجاب جي بالادستي ختم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪراڻي آهي تہ پوءِ سيني ننڍين صوبن جي ضرورت آهي تہ گڏجي جدوجهد ڪري پنهنجي عوام کي بنيادي حق ۽ بنيادي سهوليتون وٺي ڏين.

حق چپ ڪري ويهڻ سان ڪونہ ملندا ۽ اڪيلو ڪوبہ صوبو حق نہ وٺي سگهندو. سيني ننڍين صوبن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو جيئن سنڌين تحريڪ ڪاميابي سان همڪنار ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪالاباغ ڊئم رٿا

سنڌ سان ٻـ اڪيائن جي انتها

هندستان ۽ پاڪستان جي حڪمرانن 13 مئي ۽ 28 مئي تي
پنهنجي بيوقوفي ۽ تڪڙبازي جو ثبوت ڏيندي ائٽمي ڌماڪا ڪيا جنهن تي
سڄي دنيا حيران ۽ دنگ رهجي وئي.

جنگ هڪ انسان دشمن عمل آهي جيڪو ڪافي عرصي کان سڄي
دنيا ۾ ننڌجي پيو. هاڻي اهي ڏينهن گذري ويا جن ۾ جنگين کي ساراهيو
ويندو هئو. دنيا جا رهندڙ انسان هن وقت چڱي طرح سان سمجهن ٿا ته جنگين
۾ انسانن جي تباهي ٿئي ٿي تنهن ڪري سيني ملڪن کي کپي ته پنهنجا
مسئلا ڳالهين ٻولهين جي ذريعي حل ڪن ۽ اهو بہ ضروري سمجهيو ٿو وڃي ته
جنگ ۾ خاص ڪري ائٽمي جنگ ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ٿيڻ کپي. ائٽمي جنگ
جي صورت ۾ انسانذات ۽ سندس ايندڙ نسلن کي جيڪا تباهہ ڪاري پيش
اچي ٿي ان جي ڪا بہ تلافي ڪونہ ٿي ٿئي ۽ خواهمخواهہ بي ڏوهي معصوم
ماڻهو تباهي ۽ تابڪاري جو شڪار ٿين ٿا ۽ ڪيترائي سخت عذاب اجل جو
شڪار ٿين ٿا آخر معصوم انسان ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي جو حڪمرانن جي
فرعونيت ۽ هوڏ, هوس ۽ لالچ جو نشانو بنجن.

سڄي دنيا جو عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي ۽ انهن جا آواز گونججن ٿا
پيا تہ وري هيرو شاما ۽ ناگا ساڪي جهڙا دردناڪ واقعا ڪنهن بہ صورت ۾ نہ
دهرائجن.

تنهنڪري ائٽمي تجربن ۽ ڌماڪن جو مطلب تہ وري اهڙين تباهہ
ڪارين ۾ انسانن کي جهونڪيو ويندو جيڪا نفرت جهڙي ڳالهہ آهي تنهن
ڪري اڄ ڪلهہ اهي تجربا ڪرڻ هوڏ, هٺ ڌرمي ۽ بيوقوفي ڪانسواءِ ڪجهہ بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نه آهن.

28 مئي جي ڌماڪن ڪاڻپوءِ اسان جا حڪمران وڏي مستي جي نشي ۾ ٻيٽار ٿي ويا آهن ۽ پنهنجي ڊاڪ ويهارڻ لاءِ وري سڄي قوم کي وڏي ڊاڪ سان اعلان ڪري ٻڌاين ته اسان وري ستون ڌماڪو به ڪيون ٿا بلڪ ٻيو هڪ وڏو معرڪو فتح ڪيون ٿا يعني قومي ايجنڊا جو اعلان جنهن ۾ خاص طرح سان اهو اعلان ته ڪالا باغ ٺاهيو ويندو ۽ فيصلو يڪطرفو ڪيو ويو جڏهن ته ٽن صوبائي اسيمبلين جا ٺهراءَ پاس ڪيل آهن ته ڪالاباغ ڊئم ٽنهي ننڍن صوبن لاءِ هڪ ڪارو ناڳ آهي ۽ ڪنهن به طرح سان نه ٺهڻ کپي. تنهنڪري اها قومي ايجنڊا نه پر پاڪستان ٽوڙڻ جي ايجنڊا آهي.

بهرحال اعلان ٿي ويو ۽ پاڪستاني وفاق کي ڪمزور ڪرڻ جو عمل شروع ٿي ويو آهي ۽ سڄي قوم انهيءَ مسئلي تي ورهائجي چڪي آهي. جيڪڏهن قومي يڪجهتي پيدا ڪرڻي آهي ته هڪدم انهيءَ فيصلي کي بلڪل رد ڪيو وڃي.

جيستائين ڪالاباغ ڊئم جو تعلق آهي ته اها رٿا سنڌ صوبي جي مفادن جي بلڪل خلاف ۽ اهو منصوبو پاڪستان جي وحدت جي به خلاف وڏي سازش آهي ڇا لاءِ ته ٽن صوبن جي رد ٿيل رٿا کي جيڪڏهن پنجاب زبردستي ٺاهيندو ته اهو عمل ملڪ جي لاءِ تباهه ڪن ثابت ٿيندو.

ڪالاباغ ڊئم هيٺين شين جي قابل عمل ۽ سنڌ جي مفادن جي بلڪل خلاف آهي.

(الف) انڊس بيسن ٽريٽي کان پوءِ باقي سيني درياهن جو مجموعي طور تي پاڻي جو ڪاٿو صحيح طرح سان نه ڪيو ويو آهي. هر وقت جدا جدا انگ اکر پيش ڪيا ٿا وڃن. ڪڏهن چون ٿا ته 138 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. ڪجهه ماهرن جي چوڻ مطابق پاڻي انهيءَ کان گهٽو گهٽ آهي ۽ صرف 105 ملين ايڪڙ فوٽ آهي. ڪڏهن ڪڏهن پاڻي وڌيڪ ايندو آهي باقي عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حالتن ۾پاڻي گهٽ هوندو آهي.
117 ملين ايڪڙ فوٽ زوري تسليم
1991 جي پاڻي جي ٺاهه مطابق
ڪرائي ورهاست ڪئي وئي آهي 14 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي جو نقصان ۽ ڪوٽ
ٽئي تي ۽ 10 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڪوٽڙي کان هيٺ ڇڏڻ ضروري آهي ان
جو ڪو به فيصلو نه ڪيو ويو. باقي 117 ملين ايڪڙ فوٽ صوبن ۾ ورهاست
ٿيل آهي پر سيني صوبن ۾ پاڻي جي ڪوٽ آهي جنهن مان چڱي طرح ثابت ٿو
ٿئي ته جيترو پاڻي ورهاست ۾ ڊيڪاريل آهي اوترو پاڻي درياهه ۾ اچي ئي ڪو نه

ٿو.
ماهرن جي مطابق پاڻي اٺويهن سالن مان صرف هڪ سال ۾ وڌيڪ
اچي ٿو نه ته گهٽ ٿو اچي پاڻي جا ساليانه ۽ ماهانه انگ اکر ظاهر ڪيا وڃن
پنجاب صرف ڏوڪي سان غلط انگ اکر پيش ڪرائي ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ چاهي

ٿو.
تنهن ڪانسواءِ پاڻي جي گهرج خاص مهينن ۽ موسم ۾ وڌيڪ هوندي
آهي ان کان اڳ يا پوءِ ضرورت اوتري نه هوندي آهي تنهنڪري سراسري پاڻي
جي مقدار تي يا ڪنهن هڪ سال يا هڪ مهيني جي پاڻي جي مقدار تي ايڏا
وڏا فيصلا ڪڏهن به نه ڪيا ويندا آهن.
تنهنڪري واپڊا جيڪو پاڻي جو مقدار ٻڌائي ۽ ڪالاباغ ڊيم کي
قابل عمل ٻڌائي ٿي اوترو پاڻي اچي ئي ڪو نه ٿو. ڪوڙا ۽ غلط انگ اکر ٻڌائي
ڊيم کي پين صوبن ۽ خاص طرح سان سنڌ جي مٿان مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي

ٿي وڃي.
(ب) چشما جهلم لنڪ ڪئنال جي سلسلي ۾ پنجاب فيصلي تي
عمل نه ٿو ڪري تنهن ڪري صاف ظاهر آهي ته پنجاب صرف پين صوبن کي
بلئڪ ميل ڪرڻ لاءِ ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. سنڌ
کي وڌيڪ بليڪ ميل ڪيو ويندو ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ جڻ ته سنڌ جي نڙي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لت آهي يا ڳچي ۾ سرڪڻ ڦاهي آهي جنهن کي جڏهن چاهي ڇڪي ساهه به ڪيڏي سگهجي ٿو.

(ت) سنڌ جي ڪچي جون هيون گهٽيون زمينون غير آباد ٿي وينديون.

(ث) ساموندي پاڻي مٿي چڙهي ايندو.

(ج) مڇي ۽ پلي جو نقصان ٿيندو ۽ ٻين درياهي جاندارن جو به نقصان ٿيندو.

(ح) ماحوليات ۽ جنگلات جو نقصان ٿيندو ان کان علاوه پنجاب پنهنجي حصي جو پاڻي انڊس ٽريٽي مطابق ڪٽي چڪو آهي هاڻي باقي پاڻي تي پنجاب جو ڪو به حق ڪونهي تنهنڪري اخلاقي طرح سان، قانوني طرح سان، ۽ جمهوري نقطي نظر سان ڏٺو وڃي ته انهي ڊئم جو ٺهڻ غير قانوني، غير اخلاقي ۽ غير انصافي تي ٻڌل آهي تنهنڪري ان جي هر طرح سان مخالفت هئڻ کپي ۽ ڪرڻ کپي، زبردستي ڊئم ٺاهڻ جا تمام خراب نتيجا نڪرندا ۽ پاڪستان به ٽٽي سگهي ٿو.

(د) بجلي پيدا ڪرڻ جا مختلف طريقا موجود آهن، جيئن مٿي ٻيون ڊئمس ٺاهڻ جيئن ڀاشا، واسو ڏاڪو غازي بروٿا وغيره. بجلي سنڌ جي ڪوئلي مان پيدا ڪري سگهجي ٿي ۽ ائٽمي توانائي مان پڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي پر انهن ۽ ٻين ڪجهه متبادل رٿائن تي پندرنهن سالن ۾ صرف بدنيتي جي ڪري غور نه ڪيو ويو آهي.

(ذ) ڪالاباغ ڊئم تي تمام وڏو خرچ ايندو جڏهن ته ٻيا ذريعا سستا ۽ گهٽ خرچ وارا آهن.

سنڌ ۾ زمين کي آباد ڪرڻ جي تمام گهڻي گنجائش آهي پر ان کي استعمال ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪو نه ڪئي وئي آهي جيئن تنديون ڊئمس ٺاهي پاڻي استعمال ڪرڻ. پنجاب ۽ سرحد ۾ ڊئمس ٺاهيون ويون پر سنڌ کي بلڪل نظر انداز ڪيو ويو نئين گاج تي گاج ڊئم ۽ ٻولهڙي تي داڻو ڊئم ۽ ٻيا وڏيڪ ڊئم ٺهي ٿي سگهيا. سنڌ کي پنهنجي حصي جي پاڻي استعمال ڪرڻ لاءِ فنڊ نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنا ويا جنهنڪري سيوهڻ بئراج جو منصوبو صرف ڪاغذن ۾ رهجي ويو. سنڌ ۾ هٽ سان بجلي جي کوٽ پيدا ڪئي وئي جنهنڪري پندرهن سالن کان ماڻهو عذاب پياڪاٽين ۽ ان ڪري ٽيوب ويل نہ لڳي سگهيا ۽ آبادي بہ گهٽ ٿي ٿي. هندستان پنهنجي اناج جي اپت ۾ خود ڪفالي حاصل ڪئي ان جي گهڻين سٺين پاليسين ۾ هڪ اها بہ آهي تہ ڪيترن صوبن ۾ ايگريڪلچر لاءِ بجلي مفت فراهم ڪئي ويندي آهي اسان وٽ بہ ڪاڇو ۽ ڪچو انهيءَ طريقي سان آباد ٿي سگهي پيوپر ائين نہ ڪيو ويو.

سنڌ ۾ ڪڇي جي علائقي ۾ هترادو ڍنڍون ناهي پاڻي کي محفوظ ڪري سگهجي ٿو پر سنڌ کي انهيءَ لاءِ ڪڏهن بہ پئسا نہ ڏنا ويا نہ وري پاڪستاني حڪمران ڪا سٺي رٿا بندي ڪئي آهي تہ ملڪ ۽ ماڻهو ڪيئن ترقي ڪن. اصل ۾ هتان جي حڪمران جو ملڪ ۽ عوام جي ترقي سان ڪو بہ واسطو آهي ئي ڪونہ هو صرف پنهنجي ذات لاءِ ۽ پنهنجي حوارين ۽ حرام خور ٽولي لاءِ پئسن ڪمائڻ جو بندوبست ڪن ٿا ۽ اهو ڪيواٿن ان ڪري ملڪ ۽ ماڻهو مالي طرح سان سخت ڪمزور ۽ ڪنگال ٿي ويا آهن.

سنڌ ۾ پيا بہ ترقياتي ڪم نہ ڪرايا ويا آهن تہ جيئن سنڌ ۾ ترقي نہ ٿئي ۽ سنڌ ۽ سنڌي پلي پوئتي رهيل هجن. ان ۾ هيٺيان مثال ڏئي سگهجن ٿا.

1. سنڌ ۾ رستن جي زبون حالي آهي نون رستن لاءِ پئسا ڪونہ ٿا رکيا وڃن ۽ جي رکجن ٿا تہ آهستي آهستي سالها سال لڳي وڃن ٿا. ماڻهن جي تڪليفن جو ڪوبہ احساس حڪومتي سطح تي ڪنهن کي بہ ڪونهي.

2. سنڌي ماڻهن لاءِ سٺي علاج جو بندوبست ڪونهي انهيءَ ڪري ماڻهو صرف هڪ وڏي شهر ڪراچي تي زور ٿا رکن ۽ ان ڪري ڪين وڏيون تڪليفون ۽ عذاب ٿا ڪاٽنا پون. هر ضلع ۽ تعلقي سطح تي سٺين اسپتالن ڊاڪٽرن ۽ سهولتن جو فقدان آهي. سڄي دنيا ۾ صحت لاءِ قومي آمدني جو 3 سيڪڙو رکيو تو وڃي انسانن جي ڇُٽتي ۽ فڪر حڪران کي ڪڏهن بہ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهيو آهي.

3. سنڌ جي تعليم هٽ وٺي تباهه ڪئي وئي آهي ۽ ڪئي تي وڃي پاڪستان ۾ تعليم به هڪ شعبو آهي جنهن ۾ تمام گهٽ پئسا رکيا ٿا وڃن ڇاڪاڻ ته حڪمران طبقو ماڻهن کي سڌارڻ نٿو چاهي. هتي تعليم تي به صرف قومي آمدني جو هڪ پرسينٽ خرچ ڪيو وڃي جڏهن ته ٻين ملڪن ۾ عام طرح سان 10 پرسينٽ کان وڌيڪ خرچ ڪيو ويندو آهي. دنيا جي 214 ملڪن مان تعليم جي لحاظ کان پاڪستان 187 نمبر تي آهي. باقي هٿيارن جي ڊوڙ ۽ ائٽمي هٿيارن ۾ ستين نمبر تي آهي يعني ملڪ جي ماڻهن جي تعليم ۽ صحت جيڪا ترقي جو ذريعو آهي ان تي خرچ نه ڪيو ويو صرف هٿيارن تي خرچ ڪيو ويو.

4. سنڌ جي تفريحي مقامات کي ترقي نه ونرائي وئي پنجاهه سالن ۾ گورک تائين رستو نه ٺهي سگهيو اترين علائقن ۾ هزارين ميل رستا ٺاهي ڪاغان ۽ سيف الملوڪ تائين رستا پهچي ويا پر اسان وٽ 50 ميل رستو نه ٺهي سگهيو ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي اهڙا مثال ڏئي سگهجن ٿا.

5. سنڌ ۾ زرعي ترقي لاءِ به پئسا نه هئڻ جي ڪري ريسرچ صحيح طرح سان نه ٿي ٿئي ۽ زرعي پيداوار نه ٿي وڌي جنهن جا خراب اثر جلد پوڻ شروع ٿي ويندا. سم ۽ ڪلر جي ڪري زمين تباهه پئي ٿئي پر ان لاءِ پيسا ڪونهن.

6. سنڌ ۾ ڪارخانه نه لڳرايا ويا ۽ جيڪي لڳا اهي امن امان خراب هئڻ ڪري بند ڪيا ويا ۽ گهڻا پنجاب منتقل ڪيا ويا. سنڌ ۾ امن امان هٽ سان ويهن سالن کان خراب رکيو ٿو وڃي ته جيئن ڪنهن به طرح جي ترقي نه ٿي سگهي.

7. سنڌ جي معدنيات کي ترقي نه ونرائي وئي ۽ صرف گئس ۽ تيل ڪڍي پاڻ استعمال ڪين ۽ انهن ڪارخانن ۾ به لوڪل ماڻهن کي نوڪريون به نه ٿيون ڏنيون وڃن پر حد ته اها آهي ته ڪيترن جاين تي ڪارخانن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسجدن ۾ ٻانگو ٻه ٻاهران گهرائي رکيو ويو ۽ وڃي ٿو. سنڌ جي ڪوئلي تي تمام سستي بجلي پئدا ڪري سگهجي ٿي جيڪا سڄي ملڪ جي سوَن سالن لاءِ ڪافي آهي پر ان کي اڃان تائين استعمال نه ڪيو ويو آهي ته متان سنڌ ترقي ڪري سنڌ کي محروم رکڻ لاءِ پاڙي بزدل، بيشمار، لالچي ۽ خود غرض سياستدانن وڏيرن کان پاڻي ۽ ناٽي جهڙا غلط ٺهراءَ پاس ڪرائي سنڌ کي نقصان پهچايو وڃي ٿو.

"پڪ سڄاتم پنهنجا هئا ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾

ٿي ڏس ڏنائون ويرين کي وانگيڙن جي واڙي ۾"

اهڙي طرح سان تمام گهٽيون حرفتن ۽ مڪارين ذريعي سنڌ کي نقصان پهچايو ويو. جڏهن ون يونٽ ٺاهيو هئڻ يعني 55 تائين سنڌ جي بجيٽ پنجاب کان وڏيڪ هئي ۽ هن وقت پنجاب جي بجيٽ سنڌ کان هيٺي آهي ڇو؟ پنجاب ترقي ڪري ويو ۽ سنڌ ترقي نه ڪئي هي هٺرادو بدمعاشي هئي ته جيئن سنڌ ۽ سنڌي پوئتي رهيل هجن نوڪرين ۾ سنڌين سان سدائين ناانصافي ٿيندي رهي آهي. اڄ به مرڪز جي ڪيترن کاتن ۾ سنڌي نالي ماتر به ڪونه آهن اهم پوسٽن تي به سنڌين کي نه ٿو رکيو وڃي.

فوج ۾ پنجاهه سالن گذرڻ جي باوجود حصو نٿو ڏنو وڃي سنڌي ماڻهون بيروزگاري جي ڪري سخت پريشان آهن. پنجاهه سالن جي ناانصافين جي ڪري هاڻي سنڌي ماڻهن تمام گهڻو سوچڻ شروع ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن انصاف نه ٿيندو ۽ باقاعدي سنڌين جي محرومين کي ختم ڪرڻ لاءِ اپاءَ نه ورتا ويندا ته هن ملڪ جي وحدانيت کي سخت نقصان ۽ ملڪ ٽٽي وڃڻ جا انديشا وڌي ويندا.

جيڪڏهن ملڪ بچائڻو آهي ته صوبن سان انصاف ڪرڻو پوندو ۽ عوام جي سڌاري لاءِ اصلاحات ڪرڻا پوندا.

باقي وس وارن جي مرضي آهي جيڪي وٺن تو اهو ڪن ٿا پر نتيجا سڄو ملڪ ڀوڳيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاٽان چاڙهي پُور وک وڏائين وتري

محترم آغا سليم پنهنجي مضمون ۾ جيڪو 19 جنوري 1998ع جي "ڪاوش" ۾ ڇپيو آهي. جان بنيان جي جڳ مشهور تمثيل تمام سهڻي نموني پيش ڪئي آهي. پر آخر ۾ سوال ڪيو اٿس تہ آهي ڪو جيڪو مسٽر ڪرسچن کي جواب ڏئي؟

مسٽر ڪرسچن جو سوال ۽ آغا سليم صاحب جي مضمون جو موضوع آهي.

"الا مان چا ڪيان"

هن سوال جو جواب گهٽائي دوست آغا صاحب کي ڏئي سگهندا پر آءٌ صرف اهو جواب ڏيندس جيڪو لطيف سائين ڏنو آهي.

"ڏوتين ڇيس ڏور ڪيچ اڳاهو پنڌ ٿيو
پاٽان چاڙهي پُور وک وڏائين وتري"

لطيف.

سو سوال جو جواب اهو آهي تہ هر هڪ سوال پچنڊڙ نج خلوص سان اڃا بہ وڌيڪ ڪم ڪري انهيءَ جدوجهد کي جاري رکي جيڪا منگتا ڪارتا" ڏيڻ وارن ڪئي ۽ جيڪا شهرين جي حقن جو پڌرنامو ظاهر ڪرڻ وارن ڪئي. جيڪا اڳ ۾ موسيٰ، عيسيٰ ۽ محمد عليہ السلام وارن ڪئي ۽ ڪم بيش اهائي جدوجهد آهي جيڪا بعد ۾ مارڪس، لينن، مائو هوچي منھ ۽ امام خميني ڪئي. انهن جدوجهد ڪرڻ وارن جي ظاهري نمونن ۾ جيڪڏهن ڪجهہ فرق آهي تہ اهو فرق صرف سڃاڻ جو آهي. باقي بنيادي طرح اهي سڀ جدوجهدون انهيءَ سوال جو جواب آهن. سواءِ عملي جدوجهد ڪرڻ جي انهيءَ سوال جو ٻيو ڪوبہ جواب ڪونہ آهي ۽ ٻيو ڪوبہ رستو ڪونہ آهي. ڪوبہ هڪ فرد يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دوست انهيءَ جدوجهد لاءِ تيار ٿيندو ۽ سچائي ۽ خلوص سان ان جي دعوت ٻين کي ڏيندو ۽ پرچار ڪندو ۽ اهڙي طرح سان هڪ مخلص گروپ تيار ٿيندو ۽ پوءِ ٻن مان ٻارنهن پنجن مان پندرنهن دوست ٿي وڌندا ۽ عوام الناس مان گهڻن ماڻهن کي تيار ڪري پاڻ سان ملائيندا ۽ اهڙي طرح سان جدوجهد کي اڳتي وڌائيندي وڌائيندي ڪاميابي جي منزل تي پهچائي سگهندا. ڪا جدوجهد طبعي ۽ ٻين حالات جي ڪري گهٽ رفتار سان هلندي آهي پر انهن جي به شاهه صاحب دلجوئي ڪئي آهي:

"هل ته هيڪاندي ٿي ويهي وڃهه م وير،
دل ۾ آڻ نه دور تون ڦرڻ سندو ڦير،
توڙي لهي نه پير ته به راحت آهي رڙهڻ ۾." (لطيف)

"عمر سڀ عشق ۾ پنهون جي پڇن،
ريس ريڏاليون تن سين ڪچاڙي ڪي ڪن،
مارڳ جي مرن وڃو طالع تن جو." (لطيف)

ڪجهه جدوجهدون ناڪام به ٿينديون آهن پر "مرن جي مارڳ ۾ وڃو طالع تن جو" ۽ "راحت آهي رڙهڻ ۾" کي وسارڻ نه گهرجي انهيءَ جدوجهد کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ لطيف سائين تمام گهڻا ڏس پتا ڏنا آهن جيڪڏهن انهن تي عمل ڪبو ته ڪاميابي ماڻي سگهبي.

"مين متي سمرا ڪُهين سڏ ڪرين"
ساٿ نباهيو نين اي پرَ سندي سڄٽين."

سڀ ڪان پهريان انهي رستي جي ورن، وڪڙن، لاهين، چاڙهين، تڪليفن، خوفن، خطرن جي پوري ڄاڻ ۽ "سڏ" رکڻي پوندي ۽ علم حاصل ڪرڻو پوندو.

سونهان ڇائين سڏ نه پڇين سسئي پڇ م سي،
متان ٿي تو کي منجهائين مارڳ ۾." لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻئي هنڌ لطيف سائين ٿو فرمائي.

"ڏونگر ڏنا لوڙ مون پارڪو پڇيا،
هلنديءَ جا هيڪلي سان ٿاڪن سندي توڙ،
هي اهڪي پوڙ سونهن ريءَ نه سري" "لطيف"

اڪيلو ڪير هلندو ته دشمن جو ڪاڄ ٿي ويندو ان ڪري گهڻا ساٿي پيدا ڪري ساڻ ڪٺي هلڻو پوندو پر اهي سونهن وارا هجن يعني Qualities يا ڳڻن وارا خاصيتن وارا هجن ڇو ته رستو اٽانگو آهي ڏکيو آهي تنهنڪري گهڻن ماڻهن جي ڀڏي يعني عوامي اتحاد کپي. جنهن کي پيدا ڪرڻ لاءِ ان جدوجهد جو مقصد آهي ان ڪانپوءِ ان رستي تي هلڻ لاءِ جنهن سونهن جي ضرورت آهي، اها به لطيف سائين اسان کي ٻڌائي آهي.

"سونهان سڏيون ڏين هن ديواني درياه جون،
ڪوڙ اوڏائي ڪين ڪي رڳو سچ سودين،
عجز جو اڏ رات ڪي وکر وهائين،
ساٿ نياپو نين ثابت انهيءَ سير مان" (لطيف)

جيڪڏهن ڪٽي منجهي پون ته پوءِ سونهن کان صلاح وٺن.

"تاري ونءِ تراز کي منجهان موج ملاح،
دانهون ڪن درياهه جون اونهي جا آگاه،
سونهن جي صلاح وٺ ته وير لنگهي وڃين." (شاهه)

جدوجهد ڪرڻ لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پوندي ڇو ته گهڻا ماڻهو منجهي پيا آهن ۽ ڳالهه سمجهن ئي ڪونه ٿا، تنهنڪري هاڻي انهيءَ جدوجهد جي وڏي محنت ۽ محبت سان ڳالهه سمجهائڻي پوندي مقصد سان مڪمل محبت ۽ لڳاءُ رکي ڪم ڪرڻو پوندو.

"اهڪي راهه الله جي اهڪي پت،
هو جي ڏيهائي ڏيهه جا تن جي پڻ موڙهي مت،
اڄاران ابت گهرڄ گهاتي نينهن سان." (شاهه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي جدوجهد جان جوکي ۾ وجهڻ وارو ڪم آهي ۽ هر قسم جي قرباني جي گهرج ۽ ضرورت آهي ۽ جدوجهد ڪامياب ڪرڻ لاءِ قرباني ڪرڻي پوندي

”جي تون ڪالهہ مئينءَ تہ ڪالهہ ٿي گڏين پرين کي،
ڪڏهن ڪانہ سئي تہ ڪا سچي گڏين سڄڻين.“ (لطيف)

”ليلان لڄ مَ ايترو اٿي اڳڻ سوڙ
ابو ڏاڏو گهورپاڻ سوڙو پرينءَ تان.“ (لطيف)

آخر ۾ آءٌ عرض ڪندس تہ لطيف سائين اسان کي ”الامان چا ڪيان“ جو جواب ۽ رستو چڱي طرح سان آهي فڪر ۽ فلسفو ڏنو آهي ۽ اهو ۾ ٻڌايو آهي تہ ڪيئن ڪيون اهو هاڻي اسان سڀني دوستن جو ڪم آهي تہ گڏجي وک وڌايون.

انقلابي ۽ سماجي تبديليون سوليون ڪونہ آهن اهي وڏي محنت، رت، ست ٿيون گهرن، جيڪي دوست گڏجي اهڙو گروهہ ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿيندا اهي ئي ان قسم جون تبديليون آڻي سگهندا. باقي جيڪڏهن ذهني ورزشون ۽ عياشيون ڪرڻيون آهن يا زبان جون لذتون وٺڻيون آهن تہ پوءِ دنيا ۾ اديب، دانشور، ليکڪ ۽ شاعر تمام گهڻا آهن جن سان سالگرهون ۽ ورسيون بہ ملهائي سگهجن ٿيون پر انهن مان نہ اڳ ۾ ڪجهہ وريو آهي ۽ نہ هاڻي ۽ اڳتي بہ ڪجهہ ورڻ جي ڪا توقع آهي. ها! ڪجهہ ماڻهن کي ڪي مفاد حاصل ٿين ٿا ۽ ڪجهہ ٻين دوستن جي ذهني تسڪين ٿئي ٿي. باقي انقلابي تبديليون ۽ عوام جي ڀلائي عملي جدوجهد جيڪا گهڻو عرصو لڳاتار صحيح اصولن ۽ طريقن سان جاري رکڻي پوندي انهيءَ کانسواءِ حاصل ڪونہ ڪري سگهبي.

عوامي جدوجهدون عوامي حقن ۽ سهولتن حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻي عرصي کان جاري رهيون آهن ۽ عوام ويچارو قربانيون ڏيندو رهيو آهي پر ڪي تحريڪون منزل کي نہ پهچي ڪي تحريڪون ۽ ڪي تحريڪون پنهنجي منزل حاصل ڪري سگهيون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهيون ۽ ناڪام ٿي وڃون.

اهو هاڻي ذاهن ماڻهن جو ڪم آهي ته صحيح تجزيا ڪري ٻڌائين ته تحريڪون ڇو ناڪام ٿين ٿيون ته جيئن اڳتي تحريڪون هلائڻ وارن لاءِ رهنمائي ڪري سگهن اڳي جن تحريڪون هلايون اهي پنهنجي وقت جي حساب سان صحيح فيصلا ۽ صحيح طرح سان عمل ڪري تحريڪن کي ڪامياب ڪري ويا. هاڻي به اهي تحريڪون ڪامياب ٿينديون جيڪي هاڻي صحيح فيصلا ڪري صحيح طرح سان عمل ڪنديون ۽ ڪرائينديون انسان ڇاڪاڻ ته غير متعين جذبن، ڪيفيتن، احساسن، سوچن لاڙن، خواهشن، هَوَسن، لالچن ۽ حالتن جو مجموعو آهي تنهنڪري ان جي اڳڪٿيون ڪرڻ تمام ڏکيو مسئلو آهي.

ڪرهي کي ڪئين وڌم پئينڊ پلڻ جا،
ليڙو لاٽي کي ڇري نير ساڻ نئين،
چانگي سندي چت صاحب وجهه سئين،
اوياهيوس ائين لطف سان لطيف چئي
(شاهه)

"چانگي چئي چڪياس متان اڪ نه اهي،
جنهن ول گهڻا وهاتيا ان سين آر لڳياس،
چوڏاري چندن وڻ پڇي پوچ ٿياس،
راڙي رت ڪياس هن ڪڏا توري ڪرهي"
(شاهه)

"آئي ٻدم وڻجاءِ من مڪريون چري،
ڪڏا تورو ڪرهو لڪيو لاٽي ڪاءِ،
ان مئي سندي ماءِ مون ڳالهڙين ڳوڙها ڪيو"
(شاهه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوانسان لاءِ ڪا اڳڪٿي ڪرڻ ءِ ان کي سمجهائڻ تمام ڏکيو ڪم آهي پر چاڪاڻ ته معاشرو فردن جو ٺهيل آهي نتيجي ۾ معاشري کي سڌارڻ لاءِ فردن پر ڪم ڪرڻو پوندو ءِ انهن کي ئي سمجهائڻو پوندو هي تمام اڙانگو ۽ ڏکيو پنڌ آهي پر جيڪي پنهنجي مقصد سان سچا ٿيندا. اهي ئي هي پنڌ ڪري سگهندا.

سرتيون سچي سچ متان ڪامون سين هلي،
پاٽي ناهه پنڌ گهٽو اڳيان رائو رڳي رڄ،
متان مري اڄ ڪا ڏئي پارتو پرين کي.
(لطيف)

مقصد سان سچو هئڻ ءِ مقصد سان بي پناهه محبت هئڻ ڪانسواءِ پٺي ڪنهن جو به هلڻ مشڪل آهي.

"ڪجي پنڌ پچان تو ڪيچين ڪارڻ ڪيئن؟
بي خود هلج برم آءُ تو چوان ايئن
سِڱڻ ساجن سيئن متان متي چڏئين"
(لطيف)

تنهنڪري اها ڳالهه صاف ظاهر آهي وڏي سِڪ ءِ محبت سان ءِ بي پناهه جذبي ءِ همٿ سان تحريڪن جي ڪم ۾ هٿ وجهڻو پوندو. باقي ٿارتور سان ءِ ڍيڪ ڍيڪاءُ وارن حيلن بهانن سان هي ڪم ڪڏهن به منزل کي ڪين رسندو.
عام طرح سان تحريڪون هيٺين سببن جي ڪري ناڪام ٿينديون آهن.

1. رهنماءَ ان جي پوئلڳن ۾ مقصد جو چٽو نه هئڻ يا مقصد سان سچو نه هئڻ
2. رهنماءِ پوئلڳن ۾ گُڻن ءِ خوبين جي اڻاٺ.
3. رهنماءِ پوئلڳن ۾ "سڌ" ۾ ڪمي هئڻ
4. رهنماءِ پوئلڳن ۾ تنظيم ءِ ٻڌي يا يڪجهتي جو فقدان.
5. رهنماءِ پوئلڳن ۾ اخلاقي پستيون هئڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

6. رهنما ۽ پوئلڳن ۾ ڏوهي ذهن ۽ ڏوهي لاڙا هئڻ.
7. تحريڪ جا غير جمهوري ۽ غير قانوني هٿڪنڊا استعمال ڪرڻ.
8. تحريڪ جي غير منطقي ۽ غير فطري عملن ۾ ملوث ٿيڻ.
9. تحريڪ کي وسائل جي کوٽي هجڻ.
10. تحريڪ جي رهنمائن جو حالات جو صحيح تجزيه نه ڪرڻ.
11. دشمن جي طاقت جو صحيح اندازو نه لڳائڻ يا صحيح طرح سان پاڻ کي تيار نه ڪرڻ. ڪيتريون ئي تحريڪون يا سندن رهنما مٿين نقطن مطابق عمل نه ڪرڻ ڪري يا ڪجهه خوبين نه هجڻ جي ڪري يا ڪن خامين جي ڪري ناڪام ٿينديون رهيون آهن.

"ڪنس ڪوبچن تن طبيب نه گڏيا.
ڏٺي ڏنبي ڏڏن پاٽان ڏيل ڏکوئيو"
(لطيف)

بهرحال ڪوبه ملڪ يا ڪابه قوم جيستائين صحيح طرح سان جدوجهد نه ڪندي ته اها هن دنيا جي سماجي قاعدن قانونن مطابق ترقي ڪري ڪونه سگهندي. قومون وڏي قرباني ڪانپوءِ ئي پنهنجا اصلي مقصد ۽ آزادي ماڻي سگهنديون آهن. تنهنڪري هاڻي سنڌي قوم کي به سوچي سمجهي جدوجهد ڪرڻي آهي. پاڻ منجهان مختلف قسمن جي قومي ڪوتاهين کي ڪڍڻو آهي ۽ ڪيترن قومي بيمارين جو صحيح علاج ڪرڻو آهي نه ته ڪجهه به ڪونه ٿي سگهندو. سياڻن، ساڃاه وند ماڻهن کي قرباني ڏئي پاڻ ۾ گڏجڻو پوندو. تڏهن ڪجهه ڪري سگهبو. جيڪڏهن سڄي قوم کي صرف جدوجهد جاري رکڻ جو سبق به ڏنوسين ته آئينده جو نسل ضرور ڪاميابي ماڻيندو ۽ جدوجهد شروع ڪرڻ ۽ جاري رکڻ خود تمام ساراهه جوڳو ۽ سٺو عمل آهي.

"مرڻو اڳي پوءِ، مر مران مارڳ ۾
مٿان پرينءَ پوءِ خون منهنجو جيڏيون"
(لطيف)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حڪومت لاءِ ڪجھ غور طلب ڳالھيون

۽ عوامي مطالبا

اسان جو عوام گھڻي وقت کان بنيادي حقن ۽ سھولتن کان محروم رھيو آھي. عوام جا حقيقي ۽ جائز مطالبا صحيح طرح سان ڪنھن بہ ڪڏھن پيش ڪونہ ڪيا آھن. تنھنڪري ھاڻي عوام کي پنھنجي مطالبن کان آگاھ ڪرڻ لاءِ تہ جيئن اھي سياسي رھنمائن کان پنھنجي حقن جي گھر ڪري سگھن. ڪجھ مطالبا ھيٺ ڏجن ٿا. جڏھن بہ اليڪشنون ٿيون تہ سياسي پارٽيون ۽ انھن جا ليڊر عوام وٽ ويندا ۽ انھن کان ووٽ گھرندا آھن. عوام وري انھن کان ھي مطالبا ڪري جيڪڏھن اسان جا سياسي رھنما ۽ وس وارا عوام سان مخلصي، سچائيءَ جا دعويدار آھن تہ مھرباني ڪري ملڪ جي ترقي عوام جي فلاح ۽ بھبود جي لاءِ ھيٺيان عوامي مطالبا فورن مڃيا وڃن يا انھن جي مڃڻ جا واعدا ڪيا وڃن عوام پنھنجي مطالبا دھرائيندو رھي جيستائين پورا ڪيا وڃن. جيڪڏھن ھي مطالبا نہ مڃيا ويا تہ ملڪ تباھ ٿيندو ۽ عوام پريشان ٿيندو.

1. قومي ۽ صوبائي اسيمبلي تي نمائندگي پنجاھ ھزار آدمشماري تي مقرر ڪئي وڃي. جيئن دنيا جي ٻين گھڻن ملڪن ۾ آھي. عورتون آبادي جو تقريبن اڌ آھن جنھن ڪري 50٪ نمائندگي انھن کي ڏني وڃي. اھو اصول ھر ھنڌ لاڳو ڪيو وڃي سينيٽ ۽ ڪورٽس ۽ ٻين سيني ادارن ۾ عورت کي 50٪ نمائندگي ڏني وڃي.
2. سينيٽ جون بہ سيٽون وڌائيون وڃن. تہ جيئن عوام کي صحيح نمائندگي جو احساس ٿئي. ۽ انھن جون چونڊون بہ عوام ڪري ۽ سينيٽ کي وڌيڪ اختيارات ڏنا وڃن. سينيٽ کي جيئن اپر ھائوس چيو ٿو وڃي اھڙي طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعلقن کي ننڍو ڪيو ويجي.

11. مرڪز وٽ صرف پرڏيهي ڪاتو مواصلات، دفاع، خزانا ۽ رابطي جي وزارت هئڻ گهرجي. ان ڪان علاوه باقي سڀ شعبا صوبن جي حوالي ڪيا وڃن.

12. تعليم تي گهٽ ۾ گهٽ ڏهه سيڪڙو قومي پيداوار جو خرچ ڪيو ويجي جيڪو بعد ۾ وڌائي ويهه سيڪڙو ڪيو ويجي.

13. تعليم لازمي ۽ مفت ڪئي ويجي ۽ هر هنڌ هڪجهڙي ڪئي ويجي. يعني طبقاتي نظام ختم ڪيو ويجي.

14. فني، هنري، سائنسي ۽ اخلاقي تعليم تي وڌيڪ توجهه ڏنو ويجي. عام تعليم سان گڏ هيءَ تعليم به ضروري لازمي هئڻ گهرجي.

15. نياڻين ۽ عورتن جي تعليم ۽ سکيا تي خاص توجهه ڏنو ويجي ۽ ان کي لازمي ڪيو ويجي.

16. زمين "جيڪو کيڙي سو کائي" واري اصولن تي ورهائي ويجي ڇاڪاڻ ته بٽئي اسلام جي سيني فقيهن وٽ حرام آهي آبادي لاءِ زمين جي مناسب حد مقرر ڪئي ويجي. زمين ڪنهن جي ملڪيت نه آهي نه ڪنهن جي ملڪيت ۾ ڏني ويجي.

17. وڏن زميندارن جي غلط نالن تي قبايل زمين يڪدم واپس وٺي غريب هارين ۾ ورهائي ويجي.

18. صنعتي مزدورن کي ڪارخانن جي منافع ۾ شريڪ ڪرڻ ڪپي انهيءَ جي حالت سڌارڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ويهه سيڪڙو منافع منجهان ڏنو ويجي.

19. ڪنهن به شخص کي ڪورٽ جي پيشگي جي اجازت کانسواءِ گرفتار نه ڪيو ويجي. جيڪڏهن ڪورٽ ڪنهن شخص کي بي ڏوهي قرار ڏئي ته پوءِ قيد واري عرصي جو معاوضو ان شخص کي ڏياريو ويجي. جيڪڏهن سرڪاري فرياد هجي ته سرڪار به معاوضو ڀري ڏئي اهڙي طرح ڪوڙن ڪيسن جي رسم ختم ڪري سگهجي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهي کي اختيار بہ وڌيڪ ڏنا ويندا تہ جيئن وفاقي يونٽن سان انصاف ٿي سگهي. سينيٽ جي ميمبرن لاءِ قانون جي ڊگري ضروري ڪئي ويندي.

3. جيڪڏهن صدر کي ڪجهہ اختيار ڏنا وڃن تہ پوءِ صدر جي چونڊ بہ سڌو سنئون عوام ڪري.

4. اسيمبلين جو مدو گهٽائي ٽي سال ڪيو وڃي پر وڌ ۾ وڌ چار سال رکيو وڃي.

5. اسيمبلين جي ميمبرن لاءِ گريجوئيٽ جو شرط لازمي رکيو وڃي.

6. يقيني اڪثريت وارو اصول رکيو وڃي جنهن ۾ ڪامياب اميدوار کي داخل ووٽ جو پنجاهہ سيڪڙو ووٽ کڻڻ لازمي شرط قرار ڏنو وڃي. ٻئي صورت ۾ پهرين ٻن اميدوارن جي وچ ۾ وري اليڪشن ٿيڻ گهرجي جيئن ايران، فرانس ۽ روس ۾ آهي.

7. چونڊون هميشہ غيرجانبدار ۽ غير سياسي نگران حڪومت جي ذريعي ٿيڻ کپن ۽ اهڙي قسم جي شق آئين ۾ وجهڻ گهرجي. جيئن بنگلاديش ڪيو آهي.

8. ميمبرن، وزيرن ۽ وڏن آفيسرن جي نگراني لاءِ مستقل باڊي هجي. جيڪا هر قسم جي جاچ پڙتال ڪري خود سزائون ڏئي سگهي. اهڙي طرح سان بدعنوانين ۽ رشوت کي گهٽائي سگهبو رشوت معاشري کي هڪ خطرناڪ ناسور جيان وڪوڙي وئي آهي، جنهن کي جلد اپاءَ وٺي ختم ڪيو وڃي.

9. انصاف کي يقيني سستو ۽ آسان ڪيو وڃي تعلقي سطح تي سيشن جج مقرر ٿيڻ کپن.

10. مرڪزيت ختم ڪري اختيارن کي ضلعي ۽ تعلقي سطح تي آندو وڃي تہ جيئن عوام جا مسئلا جلد حل ٿي سگهن. جيڪڏهن ڪي مرڪزي ادارا رهجي وڃن تہ انهن ۾ صوبي کي هڪ جهڙي نمائندگي ڏني وڃي، ضلعن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

20. ڪنهن به قسم جو تشدد ڪنهن به شخص تي ڪنهن به اداري طرفان ڪنهن به صورت ۾ نه ٿيڻ ڪپي انهيءَ لاءِ سخت قانون پاس ڪيو وڃي. تشدد انسان جي تباهي جو وڏو سبب آهي ذهني ۽ انساني ۽ جنسي تشدد خلاف جنگ جوٽي ان کي ختم ڪيو وڃي.

21. هر شخص کي آزادي هئڻ کپي، ته هو کابه سياسي ۽ سماجي پارٽي ٺاهي سگهي ٿو يا ڪنهن به پارٽي ۾ شامل ٿي سگهي ٿو ۽ پنهنجي راءِ جو به هر طريقي سان اظهار ڪري سگهي ٿو. پريس کي هر قسم جي آزادي هجي ته جيئن هوءَ عوام جا مسئلا لکي سگهي جيڪڏهن ڪنهن به شخص جي هتڪ ٿئي ٿي يا عزت مجروح ٿئي ته ان کي ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرڻ کپي پارٽين ۽ شخصن کي به ٻين جي عزت جو به هر حال خيال رکڻ کپي. انهيءَ لاءِ آئين ۽ قانون ۾ مناسب ترميمون ڪيون وڃن.

22. صحت جي نظام کي صحيح ڪيو وڃي ۽ سڄي عوام جو مفت ۽ سٺو علاج ٿيڻ گهرجي ان تي هن وقت جي اڌ سيڪڙي کان بجيٽ وڌائي پنج سيڪڙو ڪئي وڃي جيڪا بعد ۾ ضرورتن آهر وڌائبي رهجي.

23. پوليس ۽ انتظاميه جي ڪڙي نگراني لاءِ چونڊيل نمائندن جون جاچ ڪاميٽيون هئڻ گهرجن ته جيئن عوام انهن ظلمن کان محفوظ رهي سگهي. هر سرڪاري کاتي لاءِ عوامي نگران ڪميٽيون ضروري هجن.

24. جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪورٽ باعزت طور آزاد ڪري ته انهيءَ صورت ۾ ملزم کي فريادي کان معاوضو ڏياريو وڃي جيڪڏهن سرڪار جو ڪيس هجي ته سرڪار به معاوضو ڀري ڏئي اهڙي طرح ڪوڙن ڪيسن جو خاتمو ٿي سگهندو.

25. سرڪاري ۽ ٻين ننڍن ملازمن جي پگهار جو فرق گهٽ ڪيو وڃي گهٽ ۾ گهٽ پگهار هڪ تولي سون جي برابر ڪئي وڃي وزيرن ۽ سرڪاري آفيسرن جون مرعاتون ختم ڪري عوامي سطح تي آنديون وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

26. عدليہ ۽ انتظاميہ کي هڪٻئي کان جلد از جلد جدا ڪيو وڃي عدليہ کي آزاد ڪيو وڃي ججن جو تعداد وڌايو وڃي جيئن مستو ۽ ترت انصاف ملي سگهي هر سطح جا آفيسر روزانہ ٻہ ڪلاڪ عوام جون شڪايتون ٻڌن خاص طرح سان تحصيل ۽ ضلع جا آفيسر.

27. سماجي برائين ۽ نشي آور شين جي خلاف سخت قانون پاس ڪري ضلعي انتظاميہ کي انهن ۽ ٻين ڏوهن لاءِ ذميوار ٺهرايو وڃي.

28. موجوده ضلعي انتظاميہ ختم ڪري ان جي جاءِ تي انتظامي بورڊ قائم ڪيو وڃي. جيڪو ضلعي جو سڄو انتظام سنڀالي ۽ انتظامي بورڊ کي ضلعي لاءِ جوابداري قرار ڏنو وڃي ضلعن ۽ تعلقن جي حدن کي ننڍو ڪيو وڃي. جيئن غريب ماڻهن کي اچڻ وڃڻ ۽ مسئلن حل ڪرائڻ ۾ سهولت ٿئي آفيسرن کي پابند ڪيو وڃي تہ روز ٻہ ڪلاڪ عوام جون شڪايتون کليل ڪچهري ۾ ٻڌن.

29. مرڪزي ادارن جي بورڊن ۾ يا ڪارپوريشن ۾ سڀني صوبن کي هڪجهڙي نمائندگي ڏني وڃي جيئن سڀني صوبن کي هڪجهڙائي جو احساس ٿئي وفاقي محتسب جي اداري ۾ بہ ججن جي بينچ چئني صوبن تي مشتمل هجي.

30. بيروزگاري ختم ڪرڻ لاءِ ضلعي سطح تي صنعتون قائم ڪيون وڃن سرڪاري نوڪري جي عمر جي حد 55 سال ڪئي وڃي ۽ ڪنهن بہ شخص کي وڌيڪ معياد ڪنهن بہ طرح نہ ڏنو وڃي.

31. ڊرائيورنگ لائسنس کان سواءِ باقي سڀ لائسنس ختم ڪيا وڃن.

32. ٽيڪس جو اهڙو خودڪار نظام هجي جو هر شخص سڌو سنئون ٽئڪس پاڻ بئنڪن ۾ جمع ڪرائي سگهي. صرف جاچ لاءِ انسپيڪٽر هجن اهڙي طرح زرعي ٽيڪسن جو نظام بہ اهڙو هجي تہ جيئن هر هڪ ڪاتيدار خود ٽيڪس يا ڊل بئنڪ ۾جمع ڪرائي سگهي. ڳرا ٽئڪس جلد گهٽايا وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

33. سرڪاري بلن ۽ ٽيڪسن ڀيارڻ لاءِ سيني اهم بئنڪن کي هدايتون هئڻ کپن ته جيئن عوام آساني سان بغير وقت ضايع ڪرڻ جي ٽيڪس ۽ بل ڀياري سگهي. (گورنمينٽ اخبارن ذريعي ٻڌائي جنهن ۾ ڊيل يا ٽئڪس ادا ٿئي)

34. زرعي جنسن جا اگهه بين الاقوامي ليول وارا ڏنا وڃن يا معقول طرح سان زرعي ڪم ايندڙ سيني شين، دوائن ۽ ٻجن کي گهٽ قيمت تي مهيا ڪيو وڃي. زرعي جنسن جي برآمد لاءِ صحيح پاليسيون ڏنيون وڃن ته جيئن پيداوار وڌائڻ لاءِ آبادگار طبقو ڪوششون وٺي سگهي.

35. هارين کي زمين جي سڌاري لاءِ وچولي طبقي جي عام ماڻهن کي ننڍي ڪاروبار ۾ گهر اڏڻ لاءِ بنا وياج جي قرض مهيا ڪيو وڃي.

36. قرض جي حاصل ڪرڻ واري طريقڪار کي بلڪل آسان بنايو وڃي، هن وقت ڪنهن هاري غريب يا مزدور يا ننڍي ڪاروباري شهري يا ملازم کي قرض جي ڪابه سهولت ڇڻ ته ڪانهي، ڇاڪاڻ ته قرض حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻيون ڏکيائيون آهن. جيڪي فورن ختم ڪري قرض ڏيڻ جو آسان طريقو ڪيو وڃي. قرض معاف ٿيڻ نه کپي ۽ هر ڪنهن کان وصول ڪيو وڃي ۽ وصولي ادارا جا قانون سخت ڪريا وڃن.

37. پوليس ٿاڻن جي نگراني لاءِ عوامي ڪميٽيون ناهيون وڃن ۽ انهن جي راءِ کي اهميت ڏني وڃي.

38. اسلام جو اهم اصول آهي ته دولت چند هٿن ۾ جمع هئڻ نه کپي. انهيءَ اصول کي خيال ۾ رکي دولت جي ورهاست صحيح ڪئي وڃي ۽ ملڪيت رکڻ جي حد مقرر ڪئي وڃي، جيڪي شيون قدرت طرفان ڏنل آهن. جيئن زمين ۽ معدنيات انهن کي بيت المال جي حوالي سان سڄي عوام جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪيو وڃي. "جيڪو کيڙي سو کائي" جي اصول تي صرف آباد ڪرڻ لاءِ ڏني وڃي ۽ انهي جي حد به مقرر ٿيڻ کپي. زمين نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن جي ملڪيت آهي نه ڏني وڃي يا ڪٽي وڃي.

39. شهرين ۽ ڳوٺاڻن جي سڀني سهولتن جو خيال رکي ڪين جلدي مهيا ڪيون وڃن ۽ قائدا قانون انهن جي سهولتن جي مطابق ٺاهيا وڃن. ڪرمنل ڪوڊ ۾ اهڙي طرح جي ترميم ڪري پوليس جا اختيار گهٽايا وڃن جيئن اها عوام تي ظلم نه ڪري سگهي.

40. بلدياتي نظام تباهه ٿي چڪو آهي. انهيءَ کي سڌاري ۽ انهن جي نگرانيءَ لاءِ عوامي ڪميٽيون قائم ڪيون وڃن.

41. قدرتي آفتن کان پهتل نقصان جي تلافي لاءِ هميشه گورنمينٽ کي اپاءَ وٺڻ گهرجي ۽ متاثرين جي سٺي مدد ڪئي وڃي.

42. ضلعي شهرن ۽ تعلقي جي شهرن پرسان بيروزگاري ختم ڪرڻ لاءِ صنعتون لڳايون وڃن. صنعتڪارن کي سهولتون ڏنيون وڃن ۽ امن امان کي يقيني بنايو وڃي.

43. برآمد ۽ درآمد جي واپار جا سٽا ۽ مخلصانه طور تي اصول ٺاهيا وڃن ته جيئن صنعتن ۽ واپار ۾ ترقي ٿئي معاشي طور تي مضبوط ٿئي ۽ ترقي ڪري ٽئڪس گهٽ ۾ گهٽ ڪرڻ کپن.

44. جيڪو دوست وڏيڪ تجويزون موڪليندو ان جا شڪر گذار رهنداسين.

اها حقيقت آهي ته هن ملڪ جي شهرين بدعنوان سياستدان ۽ آفيسر شاهي جن کي عوامي ڀلائي جي ڪابه پرواهه ناهي رهي طرفان ڪافي مشڪلاتون يا تڪليفون سٺيون آهن.

عوامي توقعات تمام گهٽيون آهن ۽ اهي تمام ٿوري وقت ۾ حالات کي صحيح رخ ۾ هلندي ڏسڻ چاهين ٿا. اهو تمام بهتر ٿيندو ته ماڻهن جي پيڙائن جي ازالي لاءِ فوري طور تي ڪجهه قدم کنيا وڃن. جن مان ڪجهه صلاحون هيٺ ڏجن ٿيون.

1. مدي خارج زمينداري ۽ جاگيرداري ختم ڪري ڪيڙيندڙن لاءِ زمين واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نعري مطابق عمل ڪيو وڃي ۽ "جيڪو ڪيڙي سو کائي" واري فارمولي مطابق زمين جي حد في ماڻهو 20 کان 25 ايڪڙ ۽ في خاندان لاءِ 80 کان 100 ايڪڙ زمين مقرر ڪئي وڃي ۽ اهو شرط لڳايو وڃي ته اهي پاڻ ڪيڙيندا.

2. اسان جي ملڪ ۾ مزدوري ڏهاڙيءَ جي بنياد تي يا مقرر پگهار جي بنياد تي آهي انهن مزدورن جي پگهار سون جي هڪ تولي برابر ڪئي وڃي ۽ انهن جي حقوق کي قانوني تحفظ ڏنو وڃي ۽ ملڪ جي سيني صنعتي شعبن ۾ مزدور جي حقن کي پڻ قانوني تحفظ ڏنو وڃي. مزدور ملڪ جي پيداوار جو اهم جز آهي تنهنڪري صنعتي يونٽ جي انتظاميه ۽ نفعي ۾ کيس حصيدار بڻايو وڃي. جيستائين صنعتي ۽ مزدور اصلاحات لاڳو نه ڪيا ويندا. تيستائين ملڪ جي پيداوار ۽ صنعت ۾ ڪوبه اضافو نه ٿيندو سڻي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ مزدور کي راضي رکڻ ضروري آهي. برآمدي شين جي پيداوار ۾ اضافي ڪانسواءِ اسان پنهنجي ڪمائي ۾ اضافو نٿا ڪري سگهون. جنهن ڪري اسان پرڏيهي قرضن کي منهن ڏئي نه سگهنداسين ۽ اسان جو پيارو ملڪ خوشحال نه ٿي سگهندو ۽ لڳاتار تڪليف ۾ رهندو.

3. جيئن ته صنعتن لڳائڻ ۾ گهڻو پئسو بئنڪن جو سيڙايل آهي ۽ پيداوار جو اهم جز مزدور آهي. تنهنڪري "ڪمپنيز لاز" ۾ مناسب ترميمون آڻي صنعتن جي انتظاميه ۾ بئنڪن جي نمائندن ۽ مزدورن جي نمائندن کي به شريڪ ڪيو وڃي. جيڪڏهن صنعتي انتظاميه ۾ بئنڪن ۽ مزدورن جا نمائندا شريڪ هجن ها ته هن وقت ڪوبه ڊيفالٽر/قرضي نه هجي ها.

4. تعليمي اصلاحات لاءِ خاص مراعات جو اعلان ڪيو وڃي. پرائمري کان وٺي سيڪنڊريءَ تائين تعليم لازمي قرار ڏنو وڃي ۽ جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي ته سيڪنڊريءَ تائين تعليم مفت ڪئي وڃي ۽ ان کي لازمي قرار ڏئي برابريءَ جي بنياد تي لاڳو ڪيو وڃي. جيستائين تعليم جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واسطو آهي تہ ان ۾ مختلف طبقن جي ماڻھن سان امتيازي سلوڪ ڇو پيو ڪيو وڃي؟

5. عوام کي گھٽي ڪان گھٽي سھولتون ڏنيون وڃن. تعليم لاءِ وڌيڪ بجيٽ مختص ڪئي وڃي سائنسي ٽيڪنيڪل ۽ هنري تعليم تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. پيداوار ۾ اضافي لاءِ اهي اصلاحات ڪرڻ لازمي آهن جيستائين پيداوار ۾ اضافو نہ ايندو. تيستائين اسان قرض مان جان ڇڏائي نہ سگهنداسين.

6. گذريل اڌ صديءَ ڪان وٺي ڪنهن بہ عوامي صحت تي ڌيان نہ ڏنو. ان ڏس ۾ اها تجويز آهي تہ ملڪ جي سيني ضلعي اسپتالن ۾ صحت سان لاڳاپيل سمورو سامان مهيا ڪيو وڃي ۽ پورو اسٽاف مهيا ڪرڻ سان گڏ ان جي بجيٽ ۾ واڌارو آندو وڃي. جيڪڏھن ضلعي اسپتالن ۾ سڀ سھوليتون ميسر ھونديون تہ غريب ماڻھو ٻھراڙيءَ جي علائقن مان سفر ڪري علاج لاءِ وڏن شهرن ڏانهن نہ ايندا. توهان جو اهو قدم ٻهراڙيءَ جي غريب عوام جون دليون کٽي وٺندو. ان ڳالھ کي نظرانداز نٿو ڪري سگھجي تہ مجموعي طور تي پبلڪ هيلٿ سيڪٽر لاءِ مخص ڪيل بجيٽ تمام ٿورڙي آهي ان ۾ بہ واڌارو اچڻ کپي.

7. هن ملڪ جا شهري ظالم ۽ بدعنوان پوليس جي ظلم جو مسلسل شڪار رهيا آهن پوليس وڏي بي شرمي سان انساني حقن کي لتاڙيندي آئي آهي ۽ اڃا تائين اهو عمل سڄي ملڪ ۾ جاري آهي. جيڪڏھن ڪو ماڻھو اخبار کڻي پڙهندو تہ اسان جي بدنام پوليس پاران انساني حقن جي لتاڙ جون خبرون هن کي جهجهي انداز ۾ ملنديون. عوام کي سهوليت ڏيڻ لاءِ ملڪ جي سيني سيشن ججن کي روزانو پنهنجي آفيس اڳيان هڪ ڪلاڪ ڪليل ڪچهري ڪري پوليس جي زيادتين خلاف عوام جون شڪايتون ٻڌڻ لاءِ پابند ڪيو وڃي ۽ پاڻ مرادو قدم کڻي پوليس جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏوهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ گهرجي.

اهو پڻ بهتر ٿيندو تہ اهڙي قسم جون ڪليل ڪچهريون ايس-پي ۽ ڊي-سيز ڊي آئي جيز ۽ ڪمشنرز ڪي بہ ڪرڻ گهرجن. پوليس جي زيادتين ڪي پنجو ڏيڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ سيشن ججن جون ڪليل ڪچهريون تمام ضروري آهن.

8. پاڪستاني عوام عدليہ کان بہ گهڻو ايڊايل آهي ۽ انصاف جي فراهمي ۾ غير معمولي ڍيگهہ/دير جي ڪري اها چوڻي لاڳو ٿي وئي آهي تہ: "Justice delayed is Justice denied" تنهنڪري اهو تمام ضروري ٿي پيو آهي تہ هيٺين ڪورٽن ۾ ۽ سپريئر ڪورٽن ۾ ججن جو تعدد وڌايو وڃي. هر هڪ تعلقي ۾ هڪ ايڊيشنل سيشن جج ۽ سول جج مقرر ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيسن جي اڪلاءَ لاءِ ٽائيم مقرر ڪري ڏنو وڃي. صرف اهڙن قدمن سان انصاف کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو. جيئن تہ امن ۽ آشتي سڌو سنئون انصاف جي پيداوار آهي تنهنڪري ملڪ ۾ امن و امان جي خراب صورتحال جو اصل سبب بہ معاشري ۾ ناانصافي آهي. معاشرو تڏهن انصاف سگهندو جڏهن انهن کي رياستي ادارن کان انصاف فراهم ڪيو ويندو. عدليہ کي انتظامي ۽ مالي طور تي آزاد ۽ خودمختيار ڪيو وڃي.

9. اسان جي معاشري ۾ ڪيترين ئي سماجي برايون آهن جن کي صرف طاقت ۽ سخت قانونن ذريعي ختم ڪري سگهجي ٿو. وڏي ۾ وڏي برائي ڊرگ مافيا آهي. هر قسم جي هيروئن، چرس ۽ ٻيون نشي واريون شيون سڄي ملڪ ۾ پکڙيون وڃن ٿيون جيڪي نئين نسل جي صحت تباهہ ڪري رهيون آهن. ان ڳالهہ تي اعتبار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ اهو سمورو ڪم رياست جي هيٺين ليول جي انتظامي مشينري جي چشم پوشي کانسواءِ ٿي رهيو آهي. ان برائي جون پاڙون تڏهن پٽي سگهجن ٿيون جڏهن ان حد جي ڊي سي، ايس ايس پيز ڊائريڪٽر آف ايڪسائيز ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نارڪوٽيڪس ڪاتي کي ذميوار قرار ڏنو وڃي جن جي حد ۾ اهو نارڪوٽيڪس جو ڪاروبار ٿئي ٿو جيستائين انهن انتظامي آفيسرن کي ۽ سندن عملي کي ذميوار قرار نہ ڏنو ويندو تيسين هن برائي مان جان ڇڏائي نہ سگهنداسين. اسين مسلمان آهيون ۽ اسلام ۾ شراب جي سختيءَ سان منع ٿيل آهي. اسلام سان گڏ ٻين مذهبن ۾ جهڙوڪ عيسائيت، ٻڌ ازم، هندو ازم ۾ پڻ شراب جي منع ٿيل آهي تہ پوءِ اسان غيرمسلمن کي شراب جي اجازت ڇو ٿا ڏيون. سڄي پاڪستان ۾ ۽ پاڪستان کان ٻاهر رهندڙ پاڪستانين لاءِ بہ شراب جي استعمال تي پابندي لاڳو ڪئي وڃي. شراب جي استعمال، سپلاءِ، رکڻ، وڪرو ڪرڻ، ڪنهن بہ صورت ۾ ان ڪم سان لاڳاپيل هجڻ کي جرم قرار ڏيڻ گهرجي.

10. جيتوڻيڪ ڪيترن ئي سالن کان اسان جي ملڪ ۾ زڪوات ۽ عُشر نافذ ڪيو ويو آهي پر اڃا تائين پينو فقيرن تي پابندي نہ هڻئي وئي آهي. مسجدن، مزارن، درگاهن جي ٻاهران ۽ روڊن تي گهٽين ۾ معذور ماڻهن جا ڪٽڪ قوم جي ضمير کي جهنجهوڙي رهيا آهن. اهو تمام بهتر ٿيندو تہ فوري طور تي پنڻ تي پابندي هڻي پننڏڙن کي جيل ۾ بند ڪيو وڃي. جتي کين رهڻ جي سهوليت ڏني وڃي ۽ انهن جيلن جو نالو مٽائي "اصلاحاتي مرڪز" رکيو وڃي جتي انهن ماڻهن کي مثبت تربيت ڏني وڃي. اڳ ۾ ڪجهہ جيلن ۾ اهڙو تجربو ڪيو ويو هو ۽ اهو تمام لاڀائتو ثابت ٿيو هو تربيت يافتہ ماڻهو جڏهن جيلن مان ٻاهر نڪتا تہ انهن پنهنجو جيل ۾ سکيل ڌنڌو ٻاهر شروع ڪيو. اسان کي پنهنجي پاڻ کي عزت واري ۽ محترم قوم ثابت ڪرڻ لاءِ اهو قدم کڻڻ تمام ضروري آهي.

11. اسلام جو اهو بنيادي اصول آهي تہ دولت صرف ڪجهہ هٿن ۾ گڏ نہ ٿئي تنهنڪري هڪ هٽي ختم ڪرڻ لاءِ اسان کي قدم کڻڻا پوندا. ساڳئي نموني پبلڪ ۽ پرائيويٽ ڪمپنين جا شيئرز بہ گهٽي کان گهٽا ماڻهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ورهايا وڃن جيڪڏهن ڪوبہ صنعتي يونٽ جو مالڪ انتظاميہ تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ چاهي تہ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ايڪوئٽي هن جي گروپ جي طرفان لازمي قرار ڏني وڃي بئنڪ جا قرض سنڊس ايڪيوٽيءَ ۾ بدليا وڃن جو تہ بئنڪ جو پئسو عوام جو پئسو آهي. بئنڪن کي انتظاميہ ۾ ان جي طرفان مهيا ڪيل ايڪيوٽيءَ ۽ تناسب جي حساب تي شريڪ ڪيو وڃي يا نمائندگي ڏني وڃي. ساڳئي نموني جيئن تہ ليبر پيداوار جو اهم جز آهي تنهنڪري بورڊ آف مئنيجمينٽ ۾ مزدورن جي نمائندگي کي بہ يقيني بڻايو وڃي.

12. هن ملڪ جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي هن وقت تائين ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت نہ رهي آهي. اهو چوڻ درست آهي تہ بي شرم جمهوريت ڪڏهن بہ بحال نہ ڪئي وڃي ان مقصد لاءِ ملڪ ۾ تڪ ننڍيا ٺاهڻا پوندا جيئن سڄي يورپ ۾ آهن ۽ ملڪ ۾ تڪ ننڍيا ۽ سدائين لاءِ ٺاهيا وڃن ۽ انتظامي يونٽ بہ اهڙي طرح سان نافذ ڪجن ڪامياب اميدوار گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو ووٽ يا ان کان وڌيڪ حاصل ڪرڻ لازمي قرار ڏنو وڃي جيئن ٻين ملڪن ۾ ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪو اميدوار گهربل اڪثريت حاصل ڪري نہ سگهي تہ پهرين ٻن اميدوارن ۾ ضمني اليڪشن ڪرائي وڃي.

13. جيئن تہ اسان وٽ وفاقي سسٽم آهي تنهنڪري وفاقي يونٽن کي مطمئن رکڻ لاءِ سينيٽ کي وڌيڪ پاور ڏنا وڃن تہ جيئن ننڍين صوبن مان احساسي محرومي ختم ٿئي سڀ ئي اهم بل مثال طور مالياتي بل وغيره سينيٽ مان پاس ڪرايا وڃن.

14. اليڪشن مالياتي ۽ انتظامي طور خودمختيار چونڊ ڪميشن جي تحت ٽيڪ ڪپن چونڊ ڪميشن قائم مقام حڪومت جي تحت چونڊون ڪرائي جنهن ۾ "قائم مقام حڪومت" ۾ عدليہ ۽ آفيسر شاهيءَ جا ماڻهو شامل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هجن جيئن بنگلاديش ۾ آهي. اهو آئين ۾ ترميم ذريعي به ڪري سگهجي ٿو.

معيشت جي بحاليءَ لاءِ بدعنوان آفيسر شاهيءَ پاران ڏنل بيڪار تجويزن تي غور نه ڪيو وڃي. ريڪوري ۽ ٽئڪس ڪليڪشن جي پرگهور سي بي آر جي ذريعي ٺيڪ ڪيپ ائين روينيو ۽ ٽيڪس ڪليڪشن کي ھيٺو ٻڌائي سگهجي ٿو. آمدني ۾ اضافو. واپاري سرگرمين ۽ پيداوار ۾ اضافو ڪري واپاري طبقي کي سهوليت ڏئي پرڏيهي مارڪيٽ ۾ پهنجي ساک بحال ڪرڻ سان ٿي سگهي ٿو.

15. قيمتن تي ڪنٽرول لاءِ هول سيل واري واپار کي قومي تحويل ۾ ورتو وڃي يا ان کي اهڙي ضابطي هيٺ آندو وڃي جيئن ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهي. قومي احتساب بيورو کي اهليت جي بنياد تي ڪم ڪرڻ ڪپي، ان کي پاڻمرادو ايڪشن کڻڻ جا اختيار هجڻ کپن ته جيئن اهو ڪنهن آفيسر، پوليس يا ڪنهن به گروهه جي خلاف قدم کڻي سگهي جيڪو سماجي براين ۾ ملوث هجي. منشيات جي آمد رفت ۽ اسمگلنگ کي فوج وسيلي ڪنٽرول ڪرڻ گهرجي.

ضلعي انتظاميه کي سماج دشمن ڪم ۽ واقعن جو ذميوار قرار ڏيڻ سان امن امان جي صورتحال کي ضابطي ۾ آڻي سگهجي ٿو. ان مقصد لاءِ ڪجهه سٺن شهرت رکندڙ آفيسرن کان ڪم وٺي سگهجي ٿو.

16. قانون مطابق صحيح ڪم هلائڻ لاءِ جيترو ٿي سگهي جلد سڌارا آندا وڃن ڊويزن، ضلعن ۽ تعلقن جو تعداد پڻ وڌائڻ ڪپي. علائقن جي اهڙي نموني ورڇ ڪئي وڃي ته جيئن عام ماڻهو پنهنجي ڪم وسيلي آساني سان هيڊڪوارٽرن تائين پهچي ۽ پوءِ واپس گهر موٽي سگهي. ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ ۾ تبديليون آڻڻ کپن ته جيئن پوليس تي پورو ڪنٽرول رهي ته جيئن اهي انساني حقن جي لتاڙ نه ڪري سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عدليه سميت سيني ڪاتن ۾ ڪيس اڪلائڻ لاءِ ٽائيم مقرر ڪيو وڃي ڪنهن به ماڻهوءَ کي مقرر ٽائيم کان وڌيڪ ٽائيم ضايع ڪرڻ ۽ دير جي رعايت نه ڏني وڃي نه ته ٻئي صورت ۾ ورتل اپاءَ بيڪار ثابت ٿيندا.

17. ٽيڪس ۽ ريونيو ڪليڪشن بينڪن ذريعي ڪئي وڃي جتي ان ڪم لاءِ خاص ڪائونٽر Windows مقرر ڪيا وڃن جيڪي سڄو ڏينهن کليل رهن.

18. ٽي وي ۽ ريڊيو پرائيويٽ سيڪٽر ۾ ڏيڻ گهرجن.

19. پريس کي مڪمل آزادي ڏني وڃي ۽ سڄي ملڪ ۾ ٽارٽ وارو قانون متعارف ڪرايو وڃي ته جيئن ڪنهن به ماڻهوءَ جي عزت کي نقصان پهچي ته هو ڪورٽ مان انصاف حاصل ڪري سگهي.

هيٺين اسٽاف ۽ مزدور کي فوري طور تي رليف ڏيڻ لاءِ انهن جي Pay Scales ۾ مناسب واڌارو ڪيو وڃي.

20. اختيارات جي عدم مرڪزيت (Decentralization of Powers)

اسان جي ملڪ ۾ سڀئي اختيار وفاقي حڪومت وٽ اسلام آباد ۾ رهيا آهن جنهنڪري مختلف صوبن جي ڏورانهن علائقن جي ماڻهن ۽ عام ماڻهن سان ناانصافي ۽ بدعنواني وڌي آهي ماڻهن کي خصيص ناانصافي جي تدارڪ لاءِ به اسلام آباد ڏانهن نهارڻو ٿو پوي اسان جي ملڪ ۾ ماضي جي حڪومت وارو سسٽم ڪڏهن به سنجيدگيءَ ۽ پوري نموني سان نافذ نه ڪيو ويو آهي جيترو ٿي سگهي بنا دير اختيارن جي ورڇ ڪري (Decentralization) کي عمل ۾ آندو وڃي.

آخر ۾ گذارش آهي ته فوري طور تي انهن ڳالهين کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪريون نه ته عوام احساس محرومي ۾ وڌيڪ مبتلا ٿي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



عبدالعزيز ٻرڙو: اديب، محقق، اسڪالر، تاريخ، سماجيات، مذهبن جو ڄاڻو سائنسي علمن تي دسترس رکندڙ انسان، ڳوٺ ڀلهڙا تعلقي ميهڙ ۾ ڇهرئين مارچ 1937ع ۾ پيدا ٿيو سنڌي پنج درجا ڀهراڙي جي مختلف ڳوٺن ۾ پڙهيو. مئٽرڪ هاءِ اسڪول دادوءَ مان. بي۔اي (B E) سول انجنيئرنگ اين اي ڊي ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪيائين. آڪٽوبر 1962ع پبلڪ سروس ڪميشن جي چونڊ ذريعي ريلوي کاتي ۾ اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر مقرر ٿيو. پروموشن ذريعي 1989ع ڌاري ڊي۔ايس ريلوي ڪراچي ٿيو ان عرصي دوران عوام جي ڀرپور خدمت ڪيائين.

ننڍي کان ئي ڪيس علم، ادب ۽ مطالعي جو گهڻو شوق رهيو سندس ذاتي ڪتب خاني ۾ سائنسي، فن، فلسفي، ادب، تاريخ ۽ ٻين سماجي علمن تي گهڻو مواد جمع ٿيل آهي. سنڌ ۾ اهڙا ٿورڙا ئي شوقين ماڻهو هوندا جن وٽ ايترو ڪتابي سرمايو هجي ۽ ساڳي وقت صاحب مطالع به هجن.

پڙهندڙن جي هٿن ۾ سندس هيءَ پهريون ڪتاب "قاتل ڪندو قل" آهي. دراصل هن مجموعي ۾ آيل مضمون/مقالا اتي ليکڪ طرفان مختلف سالن ۾ لکي رسالن/اخبارن ۾ ڇپرايا ويا هئا. جيڪي سماجي ٽوڙ، معاشي بدحالين ۽ سياسي بحراني دورن جي نشان ڏهي ڪن ٿا.

سنڌ جا مسئلا، سنڌي قوم جا مسئلا يا دنيا جي مظلوم قومن جا مسئلا هوائي ڳالهين ڪرڻ مان حل ڪونه ٿيندا. ماناتو ليکڪ رکو مسئلن جي نشاندهي ڪونه ٿو ڪري، پر ان کان چوٽڪاري جون واٽون به متعين ڪري ٿو.

مونکي ان ڳالهه تي فخر آهي ته 1987ع کان لاڳيتو ساڻس سوشل فورم تي گڏجي ڪم ڪيو. ذاتي اوصافن ۾ جيڪڏهن هيئن چوان ته ڏاڍو ذهين، صبر تحمل رکندڙ نيڪ نيت هٺ جو ڇوٽ، وطن دوست، وعدي جو سچو روشن خيال، مهذب انسان، سچ ته هڪ ڪردار دعا آهي ته سندس ڪردار عشق جي جذبي سان قائم دائم رهي، سندس لکيل هي پورهيو قوم وٽ قبول پوي.

پروفيسر محمد خان ٻرڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book